تخريج شده

قرآني واقعن ۽ عجائبات جو بهترين مدني گلدستو

# عَجَائِبُ القرآن ۽ غرائبُ القرآن



مؤلف شيخ الحديث حضرت علام مولانا
عبد المصطفيٰ اعظمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه

قرآني واقعات ۽ عجائبات جو بهترين گلدستو

# عجائب القرآن

۽

# غرائب القرآن

مؤلف:

شيخ الحديث حضرت علامہ مولانا عبدالمصطفٰي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِي

پيشڪش:

مجلسِ المدينة العلمية (دعوتِ اسلامي)

سنڌي ترجمو:

مجلسِ تراجم (دعوتِ اسلامي)

ناشر: مڪتبة المدينہ باب المدينہ ڪراچي

www.dawateislami.net

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

حامدًا وَّ مُصَلِّيًا وَّ مُسَلِّمًا

# چولڪيو؟ ۽ ڇا لکيو

ربيع الاول 1400ھ ۾ ڪجھ علماءِ اهلسنّت پنهنجي خواهش فرمائش جي صورت ۾ ظاهر فرمائي تہ آئون قرآن شريف جو آسان ۽ سولي زبان ۾ ترجمو ڪيان، ان وقت مون تي پهريون ڀيرو فالج جو حملو ٿيو هو، مون جواب ۾ انهن حضرات سان پنهنجي ضعيفي ۽ بيماري جو عذر پيش ڪري ان ڪم کان معافي طلب ڪئي ۽ عرض ڪيو تہ جيڪڏهن ڪجھ سال اڳ توهان ان ڏانهن ڌيان ڏياريو ها تہ آئون ضرور هي ڪم شروع ڪيان ها، پر هاڻي جيئن تہ ضعيفي سان گڏ فالج منهنجي توانائين کي بالڪل ڪمزور ڪري ڇڏيو آهي، ايترو وڏو ڪم منهنجي وس جي ڳالھ ناهي. پوءِ ڪجھ عزيزن چيو تہ جيڪڏهن سڄي قرآن شريف جو ترجمو توهان نٿا لکو تہ "نوادرالحديث" جيان قرآن شريف جي ڪجھ آيتن جو ترجمو ۽ تفسير لکي آيتن جي مناسب تشريح ڪريوتہ تمام سٺو ۽گھڻو فائديمند علمي ڪم ٿي ويندو.

اهو ڪم منهنجي لاءِ تمام آسان هو، اهڙي طرح مون الله تي ڀروسو ڪندي هن ڪم کي شروع ڪيو، پر اجا اٽڪل هڪ سؤ صفحا لکي سگھيو هئس جو اوچتو 13 ڊسمبر 1981ع جو رات جو سُمهڻ وقت فالج جو ٻيهر حملو ٿيو، ڪابو هٿ ۽ ڪابو پير اهڙي طرح مفلوج ٿيا جو ان ۾ چُرپر ۽ حرڪت بہ باقي نہ رهي، هڪدم جيپ ذريعي برائون شريف مان ٻن طالب علمن جي مدد سان پنهنجي گھر "گھوسي" موٽي آيس ۽ ٻن مهينن تائين پلنگ تي پيو رهيس. پر الحمدلله! تمام جلد خداوند ڪريم جو فضلِ عظيم ٿيو جو هٿن پيرن ۾ساھ پيو ۽ حرڪت پيدا ٿي ۽ ٽن مهينن کان پوءِ آئون ٻيهڻ لڳس ۽ آهستہ آهستہ بِحَمده تعالىٰ ان لائق ٿي ويس جو جمعہ ۽ جماعت لاءِ مسجد تائين وڃڻ لڳس.

www.dawateislami.net

پوءِ اهو ڪم جيڪو اڌ ۾ رهجي ويو هو، هاڻي مرض جي حالت ۾ ان کي مڪمل ڪري "**عجائب القرآن**" جي نالي سان ناظرين جي خدمت ۾ پيش ڪيان ٿو.

هن مجموعي ۾ قرآن مجيد جي مختلف سورتن مان چونڊي پنجهٺ انهن عجيب ۽ غريب شين ۽ حيرت ناڪ واقعن کي جن جو قرآن مجيد ۾ مختصر تذڪرو آهي، نقل ڪري انهن بابت مناسب تفصيل ۽ وضاحت تحرير ڪئي آهي ۽ اِنهن واقعن ۾ جيڪي عبرتون ۽ نصيحتون پوشيده آهن انهن کي بہ "درسِ هِدايت" جي عنوان سان پيش ڪيو آهي.

دعا آهي تہ خُداوَند ڪَريم منهنجي لکيل بين ڪتابن جيان هن اوڻويهين ڪتاب کي بہ ٻنهي جهانن جي مقبوليت جي ڪرامتن سان سرفراز ڪري مخلوق جي لاءِ فائديمند بڻائي ۽ هن خدمت کي منهنجي لاءِ، منهنجي والدين، منهنجي استادن، شاگردن، مريدن ۽ بين احبابن جي لاءِ آخرت جو سامان ۽ مغفرت جو ذريعو بڻائي ۽ منهنجي ڏوهٽي مولوي فيض الحق صاحب سَلَّمَہ المولٰي تعالٰي کي باعمل عالم بڻائي. ۽ انهن کي جزاءِ خير عطا فرمائي جو اُهي هن ڪتاب جي مڪمل ڪرڻ ۽ ڇپائي وغيره ۾ منهنجي مدد ڪندا رهيا. (آمين)

هي ڪتاب اهڙي حال ۾ لکي رهيو آهيان جو ڪمزوري ۽ هيڻائپ جي ڪري هلڻ ڦرڻ دشوار ٿي رهيو آهي. پر اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ساڄو هٿ ڪم ڪري رهيو آهي ۽ دل ۽ دماغ بلڪل درست آهن، علاج جو سلسلو اجا جاري آهي.

قارئين ۽ ناظِرين ڪِرام دعا ڪن تہ مولٰي تعالٰي مونکي جلد شفا عطا فرمائي تہ جيئن آئون آخري پساهہ تائين درسِ حديث ۽ ديني ڪِتاب ۽ واعظن جو سلسلو جاري رکي سگهان.

وَمَا ذٰلِكَ عَلَى اللهِ بِعَزِيْزٍ وَهُوَ حَسْبِي وَ نِعْمَ الْوَكِيْلُ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى خَيْرِ خَلْقِهٖ مُحَمَّدٍ وَّ اٰلِهٖ وَ صَحْبِهٖ اَجْمَعِيْنَ

عبد المصطفٰي الاعظمي
عفي عنہ

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

نَحْمَدُهٗ وَنُصَلِّی عَلٰی رَسُوْلِهِ الْكَرِيْمِ

## ﴿1﴾ جنتي لٺ

هي حضرت موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام جي اها مقدس لٺ آهي جنهن کي ”عصاءِ موسٰي“ چوندا آهن، هن جي ذريعي سندن تمام گهڻا اهي معجزا ظاهر ٿيا جن کي قرآن مجيد مختلف عنوانن سان بار بار بيان فرمايو آهي.

هن مقدس لٺ جي تاريخ تمام پراڻي آهي، جنهن پنهنجي دامن ۾ سوين انهن تاريخي واقعن کي جمع ڪري رکيو آهي جن ۾ عبرتن ۽ نصيحتن جا هزارين نشان تارن جيان چمڪي رهيا آهن، جن مان اهل نظر کي بصيرت جي روشني ۽ هدايت جو نور ملندو آهي.

هيءُ لٺ حضرت موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام جي قد برابر ڏهه هٿ ڊگهي هئي ۽ ان جي منڍ تي ٻه شاخون هيون جيڪي رات جو ڏيئي وانگر روشن ٿنديون هيون. اها جنت جي وڻ ڪبڙ (ڄار جي وڻ) جي ڪاٺيءَ مان ٺاهي وئي هئي ۽ هِن وڻ کي حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جنت مان پاڻ سان گڏ آندو هو. حضرت سيد علي اُجهوري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمايو ته

وَاٰدَمَ مَعَهُ اُنْزِلَ الْعُوْدُ وَالْعَصَا لِمُوْسٰى مِنَ الْاٰسِ النَّبَاتِ الْمُكَرَّمِ

وَاَوْرَاقُ تِيْنٍ وَّالْيَمِيْنُ بِمَكَّةَ وَخَتْمُ سُلَيْمٰنَ النَّبِيِّ الْمُعَظَّمِ

**ترجمو:** حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام سان گڏ عود (خوشبودار ڪاٺي) حضرت موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام جي لٺ جيڪا عزت واري ڄار جي وڻ جي ڪاٺي هئي، انجير جا پن، حَجرِ اَسود جيڪو مڪهءِ معظمه ۾ آهي ۽ نبيءِ

معظم حضرت سليمان عَلَيۡهِ السَّلَام جي مُندي اِهي پنج شيون جنت مان لاٿيون ويون. (تفسير الصاوي، ج1، ص 69، البقره: 60)

حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام کان پوءِ هيءَ لٺ حضرات انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي هڪ ٻئي بعد وراثت طور ملندي رهي. ايستائين جو حضرت شعيب عَلَيۡهِ السَّلَام کي ملي جيڪي "قوم مدين" جا نبي هئا، جڏهن حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام مصر مان هجرت ڪري مدين تشريف وٺي ويا ۽ حضرت شعيب عَلَيۡهِ السَّلَام پنهنجي صاحبزاديءَ حضرت بي بي صفوراء رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهَا سان سندن نڪاح فرمايو. ۽ پاڻ ڏهن سالن تائين حضرت شعيب عَلَيۡهِ السَّلَام جي خدمت ۾ رهي سندن ٻڪريون چاريندا رهيا. اُن وقت حضرت شعيب عَلَيۡهِ السَّلَام حڪمِ خداوندي (عَزَّوَجَلَّ) جي مطابق کيس هي لٺ عطا فرمائي.

پوءِ جڏهن پاڻ پنهنجي زوجه محترمه کي گڏ وٺي مدين کان پنهنجي وطن مصر لاءِ روانه ٿيا. ۽ وادي مقدس "طُوٰي" ۾ پهتا ته الله تعاليٰ پنهنجي تجلي سان کيس نوازيو ۽ منصبِ رسالت جي شرف سان سر بلند فرمايو. ان وقت الله تبارڪ وتعاليٰ اوهان سان جنهن طرح ڪلام فرمايو قرآن مجيد اُن کي هيئن بيان فرمايو:

وَمَا تِلۡكَ بِيَمِيۡنِكَ يٰمُوۡسٰى ﴿۱۷﴾ قَالَ هِيَ عَصَايَ ۚ اَتَوَكَّؤُا عَلَيۡهَا وَاَهُشُّ بِهَا عَلٰى غَنَمِيۡ وَلِيَ فِيۡهَا مَاٰرِبُ اُخۡرٰى ﴿۱۸﴾ (پ 16، طٰه:17، 18)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ هي تنهنجي سڄي هٿ ۾ ڇا آهي اي موسيٰ، عرض ڪيائين هي منهنجي لٺ آهي مان ان تي ٽيڪ ڏيندو آهيان ۽ ان سان پنهنجي ٻڪرين جي واسطي پن ڇاڻيندو آهيان ۽ منهنجا ان ۾ ٻيا به ڪم آهن.

مَاٰرِبُ اُخۡرٰى (ٻين ڪمن) جي تفسير ۾ حضرت علامه ابو البرڪات عبدالله بن احمد نسفي رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيۡه فرمايو ته مثال طور:

(1) ان کي هٿ ۾ ڪٺي ان جي سهاري هلڻ (2) ان سان ڳالهه ٻولهه ڪري دل وندرائڻ (3) ڏينهن ۾ ان جو وڻ ٻڻجي سندن تي ڇانوَ ڪرڻ (4) رات ۾ ان جي ٻنهي شاخن جو روشن ٿي روشني ڏيڻ (5) ان سان دشمنن، جانورن ۽ نانگن کي مارڻ (6) کوهه مان پاڻي ڀرڻ مهل ان جو رسي ٻڻجي وڃڻ ۽ ان جي ٻنهي شاخن جو ڏول (بالٽي) ٻڻجي وڃڻ (7) ضرورت وقت ان جو وڻ ٻڻجي خواهش جي مطابق ميوا ڏيڻ (8) ان کي زمين ۾ کوڙڻ سان پاڻي نڪرڻ وغيره.

(مدارڪ التنزيل، ج 3، ص 251، پ 16، طٰہٰ: 18)

**حضرت موسٰي** عَلَيۡهِ السَّلَام هن مقدس لٺ ذريعي بيان ڪيل ڪم ڪندا رهيا، پر جڏهن پاڻ فرعون جي دربار ۾ هدايت يعني حق جي دعوت جي نيت سان تشريف وٺي ويا ۽ فرعون سندن کي جادوگر چئي ڪري نه مڃيو، پوءِ سندن جا ان لٺ ذريعي وڏا وڏا معجزا ظاهر ٿيڻ لڳا، جن مان ٽن معجزن جو ذڪر قرآن مجيد بار بار فرمايو جيڪي هيٺ ڏنل آهن:

**عصا اژدهه نانگ ٻڻجي ويو:** هن جو واقعو هي آهي: فرعون هڪ ميلو لڳايو، ۽ پنهنجي سڄي سلطنت جي جادوگرن کي گڏ ڪري حضرت موسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام کي شڪست ڏيڻ لاءِ مقابلو ڪرايو، ۽ ان ميلي جي هجوم ۾ جتي لکين انسانن جو ميڙ هو، هڪ پاسي جادوگرن جو ٽولو پنهنجي جادوگري جو سامان ڪٺي جمع ٿي ويو. ۽ انهن جادوگرن جي مقابلي ۾ حضرت موسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام اڪيلي مقابلو ڪيو. جادوگرن فرعون جي عزت جو قسم ڪٺي پنهنجي جادو جي لٺين ۽ رسين کي اڇلايو ته هڪدم اهي لٺيون ۽ رسيون نانگ ٻڻجي سڄي ميدان ۾ هر پاسي شوڪارا ڀريندي ڊوڙڻ لڳا ۽ سڄو مجموعو

خوف ۽ ڊپ وچان بدحواس ٿي هيڏانهن هوڏانهن ڀڄڻ لڳو، فرعون ۽ ان جا سيئي جادوگر هي ڪرتب ڏيکاري پنهنجي فتح جي خوشي ۽ غرور جي نشي ۾ بدمست ٿي ويا ۽ جوش ۾ تاڙيون وڄائي پنهنجي خوشي جو اظهار ڪرڻ لڳا تہ ايتري ۾ اوچتو حضرت موسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام خدا جي حڪم سان پنهنجي مقدس لٺ ڪي انهن نانگن جي هجوم ۾ وجهي ڇڏيو تہ هيءَ لٺ هڪ تمام وڏو ۽ نهايت خوفناڪ ازدھ يعني وڏونانگ بڻجي ويو جيڪو جادوگرن جي سيني نانگن کي ڳيهي ويو. هي معجزو ڏسي سمورا جادوگر پنهنجي شڪست جو اعتراف ڪندي سجدي ۾ ڪري پيا ۽ وڏي آواز سان اهو اعلان ڪرڻ شروع ڪري ڏنو: ﴿اٰمَنَّا بِرَبِّ هٰرُوْنَ وَ مُوْسٰى﴾ يعني اسان سڀ حضرت هارون ۽ حضرت موسٰي عَلَيۡهِمَاالسَّلَام جي رب تي ايمان آندو. قرآن مجيد هن واقعي جو ذڪر ڪندي ارشاد فرمايو تہ

قَالُوْا يٰمُوْسٰۤى اِمَّاۤ اَنْ تُلْقِیَ وَ اِمَّاۤ اَنْ نَّكُوْنَ اَوَّلَ مَنْ اَلْقٰى ﴿۶۵﴾ قَالَ بَلْ اَلْقُوْاۚ فَاِذَا حِبَالُهُمْ وَ عِصِیُّهُمْ یُخَیَّلُ اِلَیْهِ مِنْ سِحْرِهِمْ اَنَّهَا تَسْعٰى ﴿۶۶﴾ فَاَوْجَسَ فِیْ نَفْسِهٖ خِیْفَةً مُّوْسٰى ﴿۶۷﴾ قُلْنَا لَا تَخَفْ اِنَّكَ اَنْتَ الْاَعْلٰى ﴿۶۸﴾ وَ اَلْقِ مَا فِیْ یَمِیْنِكَ تَلْقَفْ مَا صَنَعُوْاؕ اِنَّمَا صَنَعُوْا كَیْدُ سٰحِرٍؕ وَ لَا یُفْلِحُ السّٰحِرُ حَیْثُ اَتٰى ﴿۶۹﴾ فَاُلْقِیَ السَّحَرَةُ سُجَّدًا قَالُوْۤا اٰمَنَّا بِرَبِّ هٰرُوْنَ وَ مُوْسٰى ﴿۷۰﴾ (پ 16، طٰہٰ:65 کان 70)

**ترجموڪنزالايمان:** چيائون اي موسيٰ يا تہ تون ڦٽي ڪر يا اسان پهريائين ڦٽي ڪريون، موسيٰ چيو بلڪ توهان ڦٽي ڪريو، تڏهن انهن جون رسيون ۽ لٺيون سندن جادو جي زور سان ان جي خيال ۾ ڊڪندڙ معلوم ٿيون، پوءِ پنهنجي دل ۾ موسيٰ خوف محسوس ڪيو، اسان فرمايو ڊڄ نہ، بيشڪ تون ئي غالب آهين، ۽ تون ڦٽي ڪر جيڪي تنهنجي سڄي هٿ ۾ آهي تہ اهو

ڳيهي ويندو انهن جي بناوتن کي اهي جيڪي ٺاهي آيا آهن، اها ته جادوگر جي ٺڳي آهي ۽ جادوگر ڪامياب نہ ٿيندو آ ڪٿي بہ اچي، پوءِ سمورا جادوگر سجدي ۾ ڪيرايا ويا چوڻ لڳا اسان ايمان آندو هارون ۽ موسيٰ جي رب تي.

**عصا هڻڻ سان چشما جاري ٿي ويا:** بني اسرائيل جو اصل وطن ملڪِ شام هو، پر حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام جي دورِ حڪومت ۾ اهي مصر اچي آباد ٿيا ۽ ملڪ شام تي قوم عمالقہ جو قبضو ٿي ويو. جيڪي بدترين قِسم جا ڪافر هئا. جڏهن فرعون درياءِ نيل ۾ غرق ٿي ويو ۽ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي فرعون جي خطرن کان اطمينان ٿيو تہ الله تعاليٰ حڪم ڏنو تہ قوم عمالقہ سان جهاد ڪري ملڪِ شام کي انهن جي قبضي مان آزاد ڪرايو، پوءِ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام ڇهہ لک بني اسرائيل جي فوج وٺي جهاد جي لاءِ روانا ٿيا، پر ملڪِ شام جي حدن ۾ پُهچي بني اسرائيل تي قوم عمالقہ جو اهڙو ڊپ وينو جو بني اسرائيل همت هاري وينا ۽ جهاد کان منهن ڦيريائون، هن نافرماني تي الله تعاليٰ بني اسرائيل کي اِها سزا ڏني تہ هي ماڻهو چاليهہ سالن تائين ”ميدان تيہ“ ۾ ڀٽڪندا ۽ گهمندا رهيا پر ان ميدان مان ٻاهر نہ نڪري سگهيا. حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام بہ انهن ماڻهن سان ميدان تيہ ۾ موجود هئا. جڏهن بني اسرائيل هن بربٽ بيابان ۾ سخت بُک ۽ اُڃ جي ڪري بيقرار ٿيا تہ الله تعاليٰ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي دعا سان انهن ماڻهن جي کائڻ لاءِ ”مَن و سلويٰ“ آسمان تان نازل ڪيو، ”مَن“ ماکيءَ وانگر هڪ قسم جو حلوو هو، ۽ سلويٰ پُکل بٽيرون هيون. کائڻ کان پوءِ جڏهن هي اُڃ لاءِ بي قرار ٿيا ۽ پاڻي گُهرڻ لڳا تہ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام پٿر تي پنهنجي لٺ هنئي تہ ان پٿر مان ٻارهن

چشما وهڻ لڳا ۽ بني اسرائيل جي ٻارهن خاندانن پنهنجي پنهنجي هڪ چشمي مان پاڻي پِري پاڻ بہ پيئڻ لڳا ۽ پنهنجي جانورن کي بہ پيئارڻ لڳا ۽ پوري چاليهہ سالن تائين اهو سلسلو جاري رهيو. هي حضرت موسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام جو معجزو هو جيڪو لٺ ۽ پٿر جي ذريعي ظاهر ٿيو. قرآن مجيد هن واقعي ۽ معجزي کي بيان ڪندي ارشاد فرمايو:

وَ اِذِ اسۡتَسۡقٰی مُوۡسٰی لِقَوۡمِهٖ فَقُلۡنَا اضۡرِبۡ بِّعَصَاكَ الۡحَجَرَ ؕ فَانۡفَجَرَتۡ مِنۡهُ اثۡنَتَا عَشۡرَةَ عَیۡنًا ؕ قَدۡ عَلِمَ كُلُّ اُنَاسٍ مَّشۡرَبَهُمۡ ؕ (پ 1، البقره: 60)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ (ياد ڪريو) جڏهن مُوسيٰ پنهنجِي قوم لاءِ پاڻِي گهريو تہ اسان فرمايو تہ هن پٿر تي پنهنجي لٺ هڻ، پوءِ ڀِنا دير اُن مان ٻارهن چشما ڦُٽي نڪتا، هر قبيلي پنهنجو گهيرُ سُڃاڻي ورتو.

**عصا هڻڻ سان دريا ڦاٽي پيو:** حضرت موسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام وڏي عرصي تائين فرعون کي هدايت فرمائيندا رهيا، آيتون ۽ معجزا ڏيکاريندا رهيا پر ان حق کي قبول نہ ڪيو، بلڪ ان جي شرارت ۽ سرڪشي ويتر وڌندي رهي. ۽ بني اسرائيل جيئن تہ ان جي خدائي کي تسليم نہ ڪيو، اِنهيءَ ڪري فرعون اُنهن مؤمنن کي تمام گهڻي ظلم ۽ ستم جو نشانو بڻايو، اُن وقت هڪدم حضرت موسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام تي وحي نازل ٿي تہ توهان پنهنجي قوم بني اسرائيل کي پاڻ سان گڏ وٺي رات جو مصر مان هجرت ڪري وڃو. حضرت موسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام بني اسرائيل کي پاڻ سان گڏ وٺي رات جو مصر مان روانا ٿيا.

جڏهن فرعون کي خبر پهتي تہ اهو بہ پنهنجي لشڪر سان گڏ بني اسرائيل جي گرفتاري جي لاءِ نڪتو. جڏهن ٻَئي لشڪر هڪ ٻئي جي ويجهو ٿيا تہ بني اسرائيل (اهي ماڻهو) فرعون جي خوف

ڪان دانھون ڪرڻ لڳا، ھاڻي تہ اسان فرعون جي ھٿان گرفتار ٿي ويندا سين ۽ بني اسرائيل جي حالت گھڻي نازڪ ٿي وئي ڇو تہ انھن جي پُٺيان فرعون جو خونخوار لشڪر ھو ۽ سامھون ڇوليون ھڻندڙ دريا ھو. انھيءَ پريشاني جي حالت ۾ حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام مطمئن ھئا ۽ بني اسرائيل کي تسلي ڏي رھيا ھئا، جڏھن دريا تي پھتا تہ الله تعاليٰ حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام کي حڪم ڏنو تہ توھان پنھنجي لٺ دريا تي ھڻو. جيئن ئي پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام دريا تي لٺ ھنئي تہ فورًا ئي دريا ۾ ٻارھن رستا ٺھجي ويا ۽ بني اسرائيل انھن رستن تي ھلي سلامتي سان دريا پار ڪري ويا. فرعون جڏھن دريا جي ويجھو پھتو ۽ ان دريا جي رستن کي ڏٺو تہ اھو بہ پنھنجي لشڪرن سان انھن رستن تي ھلڻ لڳو. پر جڏھن فرعون ۽ ان جو لشڪر دريا جي وچ ۾ پھتو تہ اوچتو دريا ڇوليون ھڻڻ لڳو ۽ سڀ رستا ختم ٿي ويا ۽ فرعون پنھنجي لشڪرن سميت دريا ۾ غرق ٿي ويو. ھن واقعي کي قرآن مجيد ھن طرح بيان فرمايو:

فَلَمَّا تَرَآءَ الۡجَمۡعٰنِ قَالَ اَصۡحٰبُ مُوۡسٰۤی اِنَّا لَمُدۡرَکُوۡنَ ﴿۶۱﴾ قَالَ کَلَّا ۚ اِنَّ مَعِیَ رَبِّیۡ سَیَہۡدِیۡنِ ﴿۶۲﴾ فَاَوۡحَیۡنَاۤ اِلٰی مُوۡسٰۤی اَنِ اضۡرِبۡ بِّعَصَاکَ الۡبَحۡرَ ؕ فَانۡفَلَقَ فَکَانَ کُلُّ فِرۡقٍ کَالطَّوۡدِ الۡعَظِیۡمِ ﴿۶۳﴾ وَ اَزۡلَفۡنَا ثَمَّ الۡاٰخَرِیۡنَ ﴿۶۴﴾ وَ اَنۡجَیۡنَا مُوۡسٰی وَ مَنۡ مَّعَہٗۤ اَجۡمَعِیۡنَ ﴿۶۵﴾ ثُمَّ اَغۡرَقۡنَا الۡاٰخَرِیۡنَ ﴿۶۶﴾ اِنَّ فِیۡ ذٰلِکَ لَاٰیَۃً ؕ وَ مَا کَانَ اَکۡثَرُہُمۡ مُّؤۡمِنِیۡنَ ﴿۶۷﴾

(پ 19، الشعراء: 61 کان 67)

**ترجموڪنزالايمان:** پوءِ جڏهن هڪبئي جي آمهون سامهون ٿيا پئي ٽولا، موسيٰ وارن چيو اسان کي تہ اچي اهي پهتا، موسيٰ فرمايو ائين نہ آهي، بيشڪ منهنجو رب مون سان گڏ آهي اهو اجهو مون کي راهہ ڏي ٿو، پوءِ اسان موسيٰ کي وحي فرمائي تہ درياء تي پنهنجي لٺ هڻ، تڏهن دريا چيرجي پيو، پوءِ هر حصو ٿي ويو جهڙو وڏو پهاڙ ۽ اسان اتي ويجهو آندو ٻين کي، ۽ اسان بچائي ورتو موسيٰ ۽ ان جي ساٿ وارن کي، پوءِ ٻين کي ٻوڙي ڇڏيوسي، بيشڪ ان ۾ ضرور نشاني آهي ۽ انهن ۾ گهڻا مسلمان نہ هئا.

اهي آهن حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جي مقدس لٺ جي ذريعي ظاهر ٿيڻ وارا معجزا اهي ٺئي عظيم الشان معجزا جنهن کي قرآن ڪريم مختلف لفظن ۾ ڪيئي عنوانن سان بار بار بيان فرمايو آهي تہ جيئن ماڻهن کي عبرت حاصل ٿئي. ﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰی اَعۡلَم﴾

## ﴿2﴾ ڊوڙڻ وارو پٿر

هي هڪ هٿ ڊگهو، هڪ هٿ ويڪرو، چوڪُنڊو پٿر هو، جيڪو هميشہ حضرت موسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام جي ٻينگهي ۾ رهندو هو. هن مبارڪ پٿر جي ذريعي حضرت موسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام جا بہ معجزا ظاهر ٿيا. جن جو ذڪر قرآن مجيد ۾ بہ ٿيو آهي.

**پهريون معجزو:** هن پٿر جو پهريون عجيب ڪارنامو جيڪو حقيقت ۾ حضرت موسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام جو معجزو هو، اهو هن پٿر جي دانشمندانہ ڊگهي ڊوڙ آهي ۽ اهو ئي معجزو هن پٿر جي ملڻ جي تاريخ آهي.

هن جو تفصيلي واقعو هي آهي: بني اسرائيل جو هي عام دستور هو تہ اُهي بالڪل اُگهاڙا ٿي عام ميڙ ۾ غسل ڪندا هئا. پر حضرت موسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام جيئن تہ اُنهيءَ قوم جا هڪ فرد هئا ۽ انهيءَ ماحول ۾ پليا وڏا ٿيا هئا، پر الله تعالٰي سندن کي نبوّت ۽ رسالت جي عظمتن سان سرفراز فرمايو هو. تنهنڪري اوهان جي عصمتِ نُبوّت هن بي حيائيءَ بي غيرتي کي ڪيئن پسند ڪري

سگهي ٿي. پاڻ بني اسرائيل جي هن بي حيائيءَ کان سخت بيزار ۽ ناراض هئا، تنهنڪري پاڻ هميشه يا ته اڪيلائي ۾ يا گوڏ ٻڌي غسل ڪندا هئا. بني اسرائيل جڏهن اهو ڏٺو ته پاڻ ڪڏهن به اُگهاڙو ٿي غسل نه ڪندا آهن ته ظالمن سندن تي بهتان هنيو ته سندن بدن جي اندرئين حصي ۾ يا ته برص جو سفيد داغ يا ڪو اهڙو عيب ضرور آهي جنهن ڪي لڪائڻ لاءِ هي ڪڏهن اُگهاڙا ناهن ٿيندا ۽ ظالمن هن تهمت جو اهڙو اعلان ۽ چرچو ڪيو جو هر جڳهه ۽ بازار ۾ اها فضول خبر پکڙجي وئي. هن مڪروه تُهمَت جي تڪليف جو حضرت موسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام جي نازڪ دل تي وڏو صدمو ۽ ڏک پهتو ۽ پاڻ وڏي ايذاء ۽ تڪليف ۾ پئجي ويا. ته الله تعالٰي پنهنجي مقدس ڪليم جي ڏک ۽ غم کي پلا ڪيئن برداشت فرمائي ها ۽ پنهنجي هڪ پياري رسول تي هڪ عيب جي تهمت خد خالقِ ڪائنات کي ڪڏهن ۽ ڪيئن پسند ٿي سگهي ٿي. اَرۡحَمُ الرَّاحِمِيۡن اوهان جي براءة (ڇوٽڪاري) ۽ بي عيبي ظاهر ڪرڻ جو هڪ اهڙو ذريعو پيدا فرمايو جو گهڙي ڪن ۾ بني اسرائيل جي سازش ۽ انهن جا شَڪَ شبها ختم ٿي ويا ۽ سندن جي برائت ۽ بي عيبي جو سج دنيا جي سج کان وڌيڪ روشن ۽ ظاهر ٿي ويو. ۽ اهو ائين ٿيو جو هڪ ڏينهن پاڻ جبلن جي وچ ۾ لڪيل هڪ چشمي تي غسل ڪرڻ لاءِ تشريف وٺي ويا ۽ اهو ڏٺو ته اُتي پري پري تائين ڪنهن انسان جو نالو ۽نشان نه هو، پوءِ پاڻ پنهنجي ڪپڙن کي هڪ پٿر تي رکي ۽ بلڪل خالي جسم تي غسل ڪرڻ لڳا، غسل کان پوءِ جڏهن پاڻ ڪپڙا پائڻ لاءِ پٿر وٽ پهتا ته ڏٺائون اهو پٿر سندن ڪپڙن کي کڻي ڀڄڻ لڳو. اهو ڏسي

حضرت موسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام به اُن پٿر جي پنيان ڊوڙڻ لڳا ته ﴿ثَوۡبِيۡ حَجَرُ، ثَوۡبِيۡ حَجَرُ﴾ يعني اي پٿر منهنجا ڪپڙا! اي پٿر منهنجا ڪپڙا! پر اهو پٿر لاڳيتو ڀڄندو رهيو. ايستائين جو شهر جي وڏن وڏن رستن تان گذرندي گلين ۾ پهچي ويو. ۽ پاڻ به خالي بدن لاڳيتو پٿر کي ڊوڙائيندا ويا. اهڙي طرح بني اسرائيل جي هر ننڍي وڏي پنهنجي اکين سان ڏسي ورتو ته مٿي کان پيرن تائين سندن جي مقدس جسم ۾ ڪٿي به ڪو عيب ناهي، بلڪ اوهان جي جسم اقدس جو هر حصو حسن ۽ جمال ۾ ايستائين نقطهءڪمال تائين پهتل آهي جو عام انسانن ۾ هن جو مثال تقريبًا محال آهي. بني اسرائيل جي هر شخص جي زبان تي اهو ئي جملو هو: ﴿وَاللّٰهِ مَابِمُوۡسٰي مِنۡ بَاس﴾ يعني خدا جو قسم موسٰي بالڪل ئي بي عيب آهن.

جڏهن اهو پٿر پوري طرح حضرت موسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام جي برائت جو اعلان ڪري چڪو ته خود بخود رڪجي ويو. پاڻ هڪدم پنهنجو لباس پائي ورتو ۽ ان پٿر کي ڪٽي پنهنجي پينگهي ۾ رکي ڇڏيو. (بخاري شريف، ڪتاب الانبياء، باب 30، ج 2، ص 442، رقم 3404، وتفسير الصاوي، ج 5، ص 1659، پ 22، الاحزاب: 69)

الله تعالٰي هن واقعي بابت قرآن مجيد ۾ هن طرح بيان فرمايو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا لَا تَكُوۡنُوۡا كَالَّذِيۡنَ اٰذَوۡا مُوۡسٰى فَبَرَّاَهُ اللّٰهُ مِمَّا قَالُوۡا ؕ وَكَانَ عِنۡدَ اللّٰهِ وَجِيۡهًا ﴿٦٩﴾

(پ 22، الاحزاب: 69)

**ترجموڪنزالايمان:** اي ايمان وارؤ! انهن وانگر نه ٿجو جن موسٰي کي ستايو، پوءِ الله ان کي نجات عطا فرمائي ڇڏي ان ڳالهه کان جيڪا انهن چئي ۽ موسٰي الله وٽ عزت وارو آهي.

**ٻيو معجزو:** ”ميدان تيہ“ ۾ اُنهيءَ پٿر تي حضرت موسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام پنهنجي لٺ هنئي تہ ان مان ٻارهن چشما جاري ٿيا، جنهن جي پاڻي کي چاليهہ سالن تائين بني اسرائيل ميدان تيہ ۾ استعمال ڪندا رهيا. جنهن جو پورو واقعو اڳ ۾ گذري چڪو آهي. قرآن مجيد جي آيت: فَقُلۡنَا اضۡرِبۡ بِّعَصَاكَ الۡحَجَرَ ؕ (پ 1، البقرة: 60) ۾ ”پٿر“ مان اهو ئي پٿر مراد آهي.

**هڪ شڪ جو اِزالو:** معجزن جا انڪار ڪرڻ وارا جيڪي هر شيءِ کي پنهنجي ناقص عقل جي عينڪ سان ئي ڏسندا آهن. هن پٿر مان پاڻي جي چشمن جو جاري ٿيڻ محال قرار ڏئي هن معجزي جو انڪار ڪندا آهن ۽ چوندا آهن تہ اسان جو عقل هن کي قبول نٿو ڪري سگهي تہ ايتري ننڍڙي پٿر مان ٻارهن چشما جاري ٿي ويا. حالانڪ هي انڪار ڪرڻ وارا پنهنجي اکين سان ڏسي رهيا آهن تہ ڪن پٿرن ۾ **اللّٰه** تعالٰي اهو اثر پيدا فرمايو آهي جو اهي وار ڪُوڙي ڇڏيندا آهن، ڪن پٿرن جو اهو اثر آهي تہ اهي سِرڪي کي تيز ۽ تُرش بڻائي ڇڏيندا آهن، ڪن پٿرن جي اها خاصيت آهي جو اهي لوهہ کي پَري کان ڇڪي وٺندا آهن، ڪن پٿرن سان موذي جانور ڀڄي ويندا آهن، ڪجهہ پٿرن سان جانورن جو زهر لهي ويندو آهي، ڪي پٿر دل جي ڌڙڪڻ جي لاءِ ترياق آهن، ڪجهہ پٿرن کي نہ باهہ ساڙي سگهي ٿي نہ گرم ڪري سگهي ٿي، ڪن پٿرن مان باهہ نڪرندي آهي، ڪن پٿرن سان آتش فِشان ڦاٽي پوندو آهي تہ جڏهن **اللّٰه** تعالٰي پٿرن ۾ قسم قسم جا اَثر پيدا فرمائي ڇڏيا آهن تہ پوءِ ان ۾ ڪهڙي خلافِ عقل ۽ محال ڳالهہ آهي جو حضرت موسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام جي هن پٿر ۾ **اللّٰه**

تعالٰي هي اثر بخشيو ۽ ان ۾ اِها خاصيت عطا فرمائي ڇڏي جو اهو زمين جي اندر وارو پاڻي جذب ڪري چشمن جي شڪل ۾ ٻاهر ڪيندو رهي يا هن پٿر ۾ اهو تاثير هجي ته جيڪا هوا ان پٿر سان ٽڪرائجي اها پاڻي بڻجي مسلسل وهندي رهي، اهو خداوند قادر ۽ قدير جي قدرت سان هرگز نه ڪا بعيد آهي، نه محال، نه خلافِ عقل. انهيءَ لاءِ هن معجزي تي ايمان آڻڻ ضرورياتِ دين مان آهي ۽ هِن جو انڪار ڪفر آهي. قرآن مجيد ۾ آهي:

وَاِنَّ مِنَ الْحِجَارَةِ لَمَا يَتَفَجَّرُ مِنْهُ الْاَنْهٰرُ ؕ وَاِنَّ مِنْهَا لَمَا يَشَّقَّقُ فَيَخْرُجُ مِنْهُ الْمَآءُ ؕ وَاِنَّ مِنْهَا لَمَا يَهْبِطُ مِنْ خَشْيَةِ اللّٰهِ ؕ (پ 1، البقرة: 74)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ پٿرن مان (ڪي پٿر) اُهي آهِن جن مان نديون ڦاٽِي نڪرن ٿِيون، ۽ ڪي اهڙا آهِن جيڪِي ڦاٽِي پون ٿا ته اُنهن مان پاڻِي نڪري ٿو ۽ ڪي اهڙا به آهِن جيڪِي الله جي خوف کان هيٺ ڪِري پون ٿا.

بهرحال پٿرن مان پاڻي نڪرڻ اهو روزانه جو اکين ڏٺو مشاهدو آهي ته پوءِ حضرت موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام جي پٿر مان پاڻي جا چشما جاري ٿيڻ ڇا لاءِ عقل جي خلاف ۽ محال قرار ڏئي سگهجي ٿو.

## ﴿3﴾ ميدان تيہ

جڏهن فرعون درياءِ نيل ۾ غرق ٿي ويو ۽ تمام بني اسرائيل مسلمان ٿي ويا ۽ جڏهن حضرت موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام کي اطمينان ٿيو، (هاڻي) الله تعالٰي جو حڪم ٿيو ته توهان بني اسرائيل جو لشڪر وٺي ارضِ مُقدّس (بيت المقدس) ۾ داخل ٿي وڃو.اُن وقت بيت المقدس تي عمالقه جي قوم جو قبضو هو جيڪي بدترين ڪافر هئا ۽ تمام طاقتور، جنگجو ۽ نهايت ئي ظالم ماڻهو هئا.

www.dawateislami.net

حضرت موسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام  ڇهه لک بني اسرائيل کي گڏ ونئي قوم عمالقہ سان جهاد جي لاءِ روانا ٿيا، پر جڏهن بني اسرائيل بيت المقدس جي ويجهو پهتا تہ هڪدم بُزدل ٿي ويا ۽ چوڻ لڳا: هن شهر ۾ "جبارين" (عمالقہ) آهن جيڪي وڏا طاقتور ۽ سگهارا آهن. ان ڪري جيستائين هي ماڻهو شهر ۾ رهندا، اَسين ڪڏهن بہ شهر ۾ داخل نہ ٿينداسين، بلڪ بني اسرائيل حضرت موسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام کي ايستائين چئي ڏنو: اي موسٰي! توهان ۽ توهان جو خدا وڃي هن طاقتور قوم سان مقابلو ڪري، اسان تہ هتي ئي وينا رهنداسين. بني اسرائيل جي زبان مان اهو ٻُڌي حضرت موسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام کي ڏاڍو ڏک ۽ صدمو پهتو ۽ پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام الله تعالٰي جي بارگاهہ ۾ عرض ڪيو:

رَبِّ اِنِّیۡ لَاۤ اَمۡلِكُ اِلَّا نَفۡسِیۡ وَ اَخِیۡ فَافۡرُقۡ بَیۡنَنَا وَ بَیۡنَ الۡقَوۡمِ الۡفٰسِقِیۡنَ ﴿۲۵﴾

(پ 6، المائده: 25)

**ترجمو ڪنزالايمان:** اي مُنهنجا رب مُنهنجي وس نہ آهي مگر پنهنجو ۽ پنهنجي ڀاءُ جو ، پوءِ تُون اسان کي اُنهن بي فرمانن کان جُدا رک .

هن دعا تي الله تعالٰي پنهنجي غضب ۽ جلال جو اظهار ڪندي فرمايو:

فَاِنَّهَا مُحَرَّمَةٌ عَلَیۡهِمۡ اَرۡبَعِیۡنَ سَنَةً ۚ یَتِیۡهُوۡنَ فِی الۡاَرۡضِ ؕ فَلَا تَاۡسَ عَلَی الۡقَوۡمِ الۡفٰسِقِیۡنَ ﴿۲۶﴾ (پ 6، المائده: 26)

**ترجمو ڪنزالايمان:** بيشڪ اها زمِين انهن تي حرام آهي چالِيهن سالن تائِين ڀٽڪندا رهن زمين ۾، پوءِ تُون اُنهن فاسِقن جو افسوس نہ ڪر.

هن جو نتيجو اهو ٿيو جو ڇهه لک بني اسرائيل هڪ ميدان ۾ چاليهہ سال ڀٽڪندا رهيا، پر ان ميدان مان ٻاهر نہ نڪري سگهيا. انهيءَ ميدان جو نالو "ميدان تيہ" آهي هن ميدان ۾ بني اسرائيل جي کائڻ لاءِ "مَن و سلوٰي" نازل ٿيو. ۽ پٿر تي حضرت

موسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام پنهنجي لٺ هنئي تہ پٿر مان ٻارهن چشما جاري ٿيا. هن واقعي کي قرآن مجيد بار بار مختلف عنوانن سان بيان فرمايو آهي، جنهن مان سورة مائده ۾ هي واقعو تفصيل سان ذڪر ٿيو آهي جيڪو بيشڪ هڪ عجيب الشان واقعو آهي، جيڪو بني اسرائيل جي نافرمانين ۽ شرارتن جو عجيب ۽ حيرت وارو داستان آهي، پر ان جي باوجود بہ حضرت موسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام جي محبت ۽ شفقت بني اسرائيل تي هميشہ رهي، جڏهن اهي ميدان تيہ ۾ بکايل اُڃايل هئا تہ حضرت موسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام دعا گهري انهن ماڻهن جي کائڻ لاءِ ”من و سلوٰي“ نازل ڪرايو ۽ پٿر تي لٺ هنئي تہ ٻارهن چشما جاري ڪرايا، هن مان حضرت موسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام جي صبر ۽ سندن بُردباري ۽ تحمل جو اندازو ڪري سگهجي ٿو.

## ﴿4﴾ روشن هٿ

حضرت موسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام کي جڏهن الله تعالٰي فرعون جي هدايت جي لاءِ ان جي دربار ۾ موڪليو تہ ٻہ معجزا سندن کي عطا فرمائي موڪليو. هڪ ”عصا“ (لٺ) ٻيو **”يد بيضا“** (روشن هٿ) حضرت موسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام پنهنجي گريبان ۾ هٿ وجهي ٻاهر ڪيندا هئا تہ هڪدم سندن هٿ روشن ٿي چمڪڻ لڳندو هو، ٻيهر جڏهن اهو هٿ گريبان ۾ وجهندا هئا تہ اهو پنهنجي اصلي حالت ۾ اچي ويندو هو. هن معجزي کي قرآن عظيم مختلف سورتن ۾ بار بار ذڪر فرمايو آهي. جيئن تہ سورة طٰہٰ ۾ ارشاد فرمايو تہ

وَاضۡمُمۡ يَدَكَ اِلٰى جَنَاحِكَ تَخۡرُجۡ بَيۡضَآءَ مِنۡ غَيۡرِ سُوۡٓءٍ اٰيَةً اُخۡرٰى ﴿۲۲﴾
لِنُرِيَكَ مِنۡ اٰيٰتِنَا الۡكُبۡرٰى ﴿۲۳﴾ (پ 16، طٰہٰ: 22، 23)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ پنهنجو هٿ پنهنجي بازو سان ملاءِ تہ اهو نڪرندو خوب روشن ٿي بغير ڪنهن بيماري جي، هڪ ٻي نشاني جيئن اسان توکي ڏيکاريون پنهنجون وڏيون وڏيون نشانيون.

هن معجزي جو نالو ﴿يد بيضاء﴾ آهي جيڪو هڪ عجيب ۽ عظيم معجزو آهي. حضرت ابن عباس رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْھُمَا فرمايو تہ حضرت موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام جي هٿ مبارڪ مان رات ۽ ڏينهن ۾ سج وانگر نور نڪرندو هو. (تفسير خزائن العرفان، ص 563 پ 16، طہ 22)

## ﴿5﴾ مَنّ ۽ سَلوٰي

جڏهن حضرت موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام ڇهہ لک بني اسرائيل سان گڏ ميدان تيہ ۾ مقيم هئا تہ **اللّٰه** تعالٰي انهن ماڻهن جي کائڻ لاءِ آسمان تان ٻہ کاڌا نازل ڪيا. هڪڙي جو نالو ”من“ ۽ ٻئي جو نالو”سلوٰي“ هو. مَن بالڪل سفيد ماکيءَ وانگر هڪ حلوو هو يا سفيد رنگ جي ماکي ئي هئي، جيڪا روزانو آسمان تان برسات وانگر وسندي هئي ۽ سلوٰي پچايل ٻٽيرون (پکين جوگوشت) هيو. جيڪي ڏکڻ جي هوا سان آسمان تان نازل ٿيندو هيو. **اللّٰه** تعالٰي بني اسرائيل تي پنهنجي نعمتن جو شمار ڪرائيندي قرآن مجيد ۾ ارشاد فرمايو:

وَ اَنْزَلْنَا عَلَيْكُمُ الْمَنَّ وَ السَّلْوٰى ؕ (پ 1، البقره: 57)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ توهان تي مَنّ ۽ سلويٰ لاتوسُون.

هن من و سلوٰي جي باري ۾ حضرت موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام جو اهو حڪم هو تہ روزانو توهان هن کي کائي ڇڏيندا ڪريو، سڀاڻي جي لاءِ هرگز هرگز هن جو ذخيرو نہ ڪجو، پر ڪي ڪمزور عقيدي وارن کي اهو ڊپ لڳو تہ جيڪڏهن ڪنهن ڏينهن من و سلوٰي نہ لٿو تہ اسان هن برپٽ بيابان ۾ بُک مري وينداسين. ان

ڪري انهن ماڻهن ڪجهه لِڪائي ٻِئي ڏينهن جي لاءِ رکي ڇڏيو ته نبي جي نافرماني جي سبب اهڙي نحوست پکڙجي وئي جو جيڪو ڪجهه ٻِئي ڏينهن جي لاءِ جمع ڪيو هو اهو سڀ سڙي ويو ۽ آئنده جي لاءِ ان جو لهڻ بند ٿي ويو، تنهنڪري حضور اقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو ته بني اسرائيل نه هجن ها ته نه ڪاڌو ڪڏهن خراب ٿئي ها ۽ نه گوشت سڙي ها، ڪاڌي جو خراب ٿيڻ ۽ گوشت جو سڙڻ انهيءَ تاريخ کان شروع ٿيو، نه ته ان کان پهريان نه ڪاڌو خراب ٿيندو هو، نه گوشت سڙندو هو.

(تفسير روح البيان،ج 1، پ 1، البقرة :57)

## ﴿6﴾ ٻارهن هزار يهودي باندر بڻجي ويا

روايت آهي ته حضرت داؤد عَلَيْهِ السَّلَام جي قوم جا ستر هزار ماڻهو ”عقبہ“ وٽ سمنڊ جي ڪناري ”ايله“ نالي ڳوٺ ۾ رهندا هئا ۽ اهي تمام خوشحال زندگي گذاريندا هئا. اللّٰه تعالٰي انهن جو هن طرح امتحان ورتو جو ڇنڇر جي ڏينهن مڇي جو شڪار انهن تي حرام ڪري ڇڏيو ۽ هفتي جي باقي ڏينهن ۾ شڪار حلال فرمائي ڇڏيو، هِن طرح انهن ماڻهن کي آزمائش ۾ مبتلا فرمائي ڇڏيو ته ڇنڇر جي ڏينهن بي شمار مڇيون اينديون هيون ۽ ٻين ڏينهن ۾ نه اينديون هيون ته شيطان انهن کي اهو حيلو ٻڌايو ته سمنڊ مان ڪجهه ناليون ڪڍي خشڪي ۾ ڪجهه حوض ٺاهي ونو ۽ جڏهن ڇنڇر جي ڏينهن انهن نالين جي ذريعي مڇيون حوض ۾ اچي وڃن ته نالين جو منهن بند ڪري ڇڏيو. ۽ ان ڏينهن شڪار نه ڪريو بلڪ ٻئي ڏينهن آساني سان انهن مڇين کي جهلي ونو. انهن ماڻهن کي اهو شيطاني حيلو پسند آيو ۽ اُنهن اِهو نه سوچيو

تہ جڏهن مڇيون نالين ۽ حوضن ۾ قيد ٿي ويون تہ اِهو ئي اُنهن جو شڪار آهي تہ اهو ڇنڇر جي ئي ڏينهن شڪار ڪرڻ ٿيو جيڪو انهن جي لاءِ حرام هو، ان موقعي تي انهن يهودين جا ٽي گروهہ ٿي ويا.

(1) ڪي ماڻهو اهڙا هئا جيڪي شڪار جي هن شيطاني حيلي کان منع ڪندا رهيا ۽ ناراض ۽ بيزار ٿي شڪار کان پري رهيا.

(2) ۽ ڪي ماڻهو هن ڪم کي دل ۾ برو سمجهي خاموش رهيا ٻين کي منع نہ ڪندا هئا بلڪ منع ڪرڻ وارن کي هي چوندا هئا تہ توهان اهڙي قوم کي ڇو نصيحت ڪندا آهيو جنهن کي **الله** تعالٰي هلاڪ ڪرڻ وارو يا سخت سزا ڏيڻ وارو آهي.

(3) ۽ ڪجهہ اهي سرڪش ۽ نافرمان ماڻهو هئا جن **الله** تعالٰي جي حڪم جي اعلانيہ مخالفت ڪئي ۽ شيطان جي حيلي بازي کي مَڃي ڇنڇر جي ڏينهن شڪار ڪري ورتو ۽ انهن مڇين کي ڪاڏو بہ ۽ وِڪرو بہ ڪيو.

جڏهن نافرمانن منع ڪرڻ جي باوجود شڪار ڪري ورتو تہ منع ڪرڻ واري جماعت چيو تہ هاڻي اسان اِنهن نافرمانن سان ڪو تعلق نہ رکنداسين، پوءِ انهن ڳوٺ کي تقسيم ڪري وچ ۾ هڪ ديوار ٺاهي ۽ اچڻ وڃڻ جو هڪ الڳ دروازو بہ ٺاهيو. حضرت داؤد عَلَيْهِ السَّلَام غضب ناڪ ٿي شڪار ڪرڻ وارن تي لعنت فرمائي. ان جو اثر اهو ٿيو جو هڪ ڏينهن خطا ڪارن مان ڪو بہ ٻاهر نہ نڪتو. انهن کي ڏسڻ لاءِ ڪجهہ ماڻهو ديوار تي چڙهيا ۽ ڏٺائون تہ اهي سڀ ٻاندرن جي شڪل ۾ بدلجي چڪا آهن. هاڻي ماڻهو انهن مجرمن جو دروازو کولي اندر داخل ٿيا تہ اهي ٻاندر

پنهنجي رشتيدارن کي سُڃاڻندا هئا ۽ انهن وٽ اچي انهن جا ڪپڙا سونگهيندا هئا ۽ زارو قطار روئندا هئا، پر ماڻهو انهن باندر بڻجي ويندڙن کي نہ سڃاڻندا هئا. باندر بڻجي ويندڙن جو تعداد ٻارهن هزار هو. اهي سڀ ٽي ڏينهن تائين زنده رهيا ۽ ان وچ ۾ ڪجهہ بہ کائي پي نہ سگهيا، بلڪ ائين ئي اُجايل بڪايل سڀ جا سڀ هلاڪ ٿي ويا. شڪار کان منع ڪرڻ وارو گروهه هلاڪت کان سلامت رهيو. ۽ صحيح قول اهو آهي تہ دل سان برو سمجهي خاموش رهڻ وارن کي بہ الله تعالٰي هلاڪت کان بچائي ورتو.

(تفسير الصاوي ج 1 ص 72، پ 1، البقره: 65)

هن واقعي جو اجمالي بيان تہ سورة البقرة جي هن آيت ۾ آهي:

وَ لَقَدْ عَلِمْتُمُ الَّذِیْنَ اعْتَدَوْا مِنْكُمْ

فِی السَّبْتِ فَقُلْنَا لَهُمْ كُوْنُوْا قِرَدَةً خٰسِـِٕیْنَ ﴿۶۵﴾ (پ 1، البقره: 65)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ بيشڪ توهان کي معلُوم آهي تہ اوهان مان اُهي جن ڇنڇر (جي ڏِينهن) ۾ زيادتِي ڪئِي، پوءِ اسان اُنهن کي فرمايو تہ ڦِٽڪاريل باندر ٿِي وڃو.

۽ تفصيلي واقعو سورة اعراف ۾ آهي، جنهن جو ترجمو هي آهي:

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ اُنهن کان حال پُڇ اُن ڳوٺ جو جيڪو درياء جي ڪناري تي هو، جڏهن اُهي ڇنڇر جي باري ۾ حد کان لنگهيا ٿي، جڏهن ڇنڇر جي ڏِينهن اُنهن جُون مڇيُون پاڻِيءَ ۾ ترنديُون اُنهن جي سامهون آيُون ٿي ۽ جيڪو ڇنڇر جو ڏِينهن نہ هو تہ نہ ٿي آيُون، اِهڙِيءَ طرح اسان اُنهن کي آزمايو ٿي اُنهن جِي نافرمانِي سبب. ۽ جڏهن اُنهن مان هِڪڙِي جماعت چيو اُنهن کي ڇو نصِيحت ڪريو ٿا جن کي الله هلاڪ ڪرڻ وارو آهي يا اُنهن کي سخت عذاب ڪرڻ وارو آهي، چيائُون توهان جي رب جي دربار ۾ عُذر پيش ڪرڻ جي واسطي ۽ شايد اُهي ڊِڃن. پوءِ جڏهن وِساري وِيٺا جيڪا اُنهن کي نصِيحت ڪئِي وئِي اسان بچائي ورتو اُنهن کي جيڪِي بُرائي کان

**منع ڪندا هُئا ۽ ظالِمن کي بدترِين عذاب سان پڪڙ ڪيُّي سِين اُنهن جِي نافرمانِي جي سبب. پوءِ جڏهن اُنهن منع جي حُڪم کان سرڪشِي ڪيُّي تہ اسان اُنهن کي فرمايو ٿِي وڃو باندر تڙيل.** (پ 9 ، الاعراف: 163 کان 166)

**درسِ هدايت:** معلوم ٿيو تہ شيطاني حيلن ۾ پئجي **الله** تعالٰي جي احڪامن جي پيروي نہ ڪرڻ جو نتيجو ڪيترو برو ۽ ڪيتري قدر خطرناڪ هوندو آهي. ۽ خدا جو نبي جن بد نصيبن تي لعنت فرمائي اهي ڪيئن **الله** عَزَّوَجَلَّ جي عذاب ۾ گرفتار ٿي دنيا مان نيست و نابود ٿي جهنم جي عذاب ۾ گرفتار ٿي ويندا آهن ۽ ٻنهي جهانن ۾ ذليل ۽ خوار ٿي ويندا آهن. ﴿نَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنْه﴾

اصحاب ايلہ جي هن ڏيڃارڻ واري واقعي ۾ هر مسلمان لاءِ تمام وڏين عبرتن ۽ نصيحتن جو سامان آهي. ڪاش! هن واقعي سان مسلمانن جي دلين ۾ خوف خدا پيدا ٿئي ۽ اهي **الله** ۽ رسول (عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي نافرمانين کان بچي صراطِ مستقيم جي رستي تي هلڻ لڳن ۽ ٻنهي جهانن جي سر بلندين سان سرفراز ٿي اعزاز ۽ اڪرام جي سلطنت جا تاجدار بڻجي وڃن.

## ﴿7﴾ دنيا جي سڀ کان قيمتي ڳئون

هي تمام ئي اهم ۽ نهايت ئي شاندار قرآني واقعو آهي ۽ انهيءَ واقعي جي ڪري قرآن مجيد جي هن سورة جو نالو "سُوْرَهٔ بَقَرہ" (ڳئون واري سورت) رکيو ويو آهي.

هن جو واقعو اهو آهي تہ بني اسرائيل ۾ هڪ وڏو نيڪ ۽ صالح بزرگ هو ۽ ان جو هڪ ئي پٽ هو جيڪو نابالغ هو ۽ ان وٽ فقط هڪ ڳئون جي گابي هئي. ان بزرگ پنهنجي وفات جي ويجهو هن گابي کي جهنگ ۾ وني وڃي هڪ وڻ وٽ اِهو چئي

ڇڏي ڏنو تہ يا **الله** عَزَّوَجَلَّ! آئون هن ڳابي کي ان وقت تائين تنهنجي امانت ۾ ڏيان ٿو جيستائين منهنجو پٽ بالغ ٿي وڃي. ان کان پوءِ اهو بزرگ وفات ڪري ويو ۽ ڳابي ڪجهہ ڏينهن ۾ وڏي ٿي درمياني عمر جي ٿي وئي ۽ پٽ جوان ٿي پنهنجي ماءُ جو تمام فرمانبردار ۽ گهڻو نيڪوڪار ٿي ويو. ان پنهنجي رات کي ٽن حصن تقسيم ڪري رکيو هو. هڪ حصي ۾ سمهندو هو ۽ هڪ حصي ۾ عبادت ڪندو هو، ۽ هڪ حصي ۾ پنهنجي ماءُ جي خدمت ڪندو هو ۽ روزانو صبح جو جهنگ مان ڪاٺيون وڍي آڻيندو ۽ انهن کي وڪڻي رقم جا ٽي حصا ڪندو هو، هڪ حصو صدقو ڪندو هو ۽ هڪ حصو پنهنجي ذات تي خرچ ڪندو هو ۽ هڪ حصو پنهنجي ماءُ کي ڏيئي ڇڏيندو هو.

هڪ ڏينهن سندس امڙ چيو تہ منهنجا پيارا پٽ! تنهنجي پيءُ وراثت ۾ هڪ ڳابي (ڳئون) ڇڏي هئي جنهن کي اُن فلاڻي وڻ وٽ جهنگ ۾ خدا (عَزَّوَجَلَّ) جي امانت ۾ سونپي ڇڏي هئي. هاڻي تون ان وڻ وٽ وڃي هن طرح دعا گُهر: اي حضرت ابراهيم، حضرت اسمٰعيل ۽ حضرت اسحٰق (عَلَيۡهِمُ السَّلَام) جا خدا عَزَّوَجَلَّ ! تون منهنجي پيءُ جي سونپيل امانت مونکي واپس عطا فرماءِ ۽ ان ڳابيءَ جي نشاني اِها آهي تہ اُها هيڊي رنگ جي آهي. ان جي کَلَ ايئن چمڪي رهي هوندي جيئن سج جا ڪرڻا ان مان نڪري رهيا هجن. اهو ٻُڌي چوڪرو جهنگ ۾ ان وڻ وٽ ويو ۽ دعا گُهري تہ فورًا ئي اها ڳئون ڊوڙندي اچي ان وٽ بيهي رهي ۽ اهو ان کي پڪڙي گهر وٺي آيو تہ ان جي ماءُ چيو: پٽ تون هن ڳئون کي وٺي وڃي بازار ۾ ٽن دينارن ۾ وڪڻي ڇڏ. پر ڪنهن گراهڪ کي منهنجي

مشوري جي بنا نہ وڪڻجو. انهن ڏينهن ۾بازار ۾ ڳئون جي قيمت ٽي دينار ٿي هئي. بازار ۾ هڪ گراهڪ آيو جيڪو حقيقت ۾ فرشتو هو. اُن چيو تہ آئون ڳئون جي قيمت ٽن دينارن کان وڌيڪ ڏيندس پر تون ماءُ سان مشورو ڪرڻ کان بغير ڳئون مون کي وڪڻي ڇڏ. ڇوڪري چيو تہ تون ڪيتري بہ وڌيڪ قيمت ڏي پر آئون پنهنجي ماءُ سان مشوري بغير هرگز هرگز هن ڳئون کي نہ وِڪڻندس. ڇوڪري ماءُ کي سڄو واقعو ٻڌايو تہ ماءُ چيو: هي گراهڪ شايد ڪو ملائڪ هجي. اي پٽ! تون ان سان مشورو ڪر تہ اسان هن ڳئون کي هينئر وِڪڻون يا نہ. پوءِ ان ڇوڪري بازار ۾ جڏهن ان گراهڪ سان مشورو ڪيو تہ ان چيو: توهان هينئر هن ڳئون کي نہ وِڪڻو، آئنده هن ڳئون کي حضرت موسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام جا ماڻهو خريد ڪندا تہ توهان هن ڳئون جي چمڙي ۾ سون ڀري اُن جي قيمت طلب ڪجو تہ اُهي ماڻهو اوتري ئي قيمت ڏيئي خريد ڪندا.

ڪجهہ ئي ڏينهن کان پوءِ بني اسرئيل جي هڪ گهڻي مالدار شخص کي جنهن جو نالو عاميل هو. ان جي چاچي جي ٻنهي پُٽن ان کي قتل ڪري ڇڏيو. ۽ ان جي لاش کي هڪ ويراني ۾ ڇڏي ڏنو. صبح جو قاتل جي تلاش شروع ٿي وئي پر جڏهن ڪو سراغ نہ مليو تہ ڪجهہ ماڻهو حضرت موسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ قاتل جو پتو پڇيو تہ پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام فرمايو تہ هڪ ڳئون ذبح ڪريو ۽ ان جي زبان يا پُڇ جي هڏي لاش کي هڻو تہ اهو زنده ٿي خود ئي پنهنجي قاتل جو نالو ٻڌائي ڇڏيندو. اهو ٻُڌي بني اسرائيل ڳئون جو رنگ، ان جي عمر وغيره جي باري ۾ بحث مباحثو ڪرڻ لڳا ۽ آخرڪار جڏهن اُهي چڱيءَ طرح سمجهي ويا تہ فلاڻي

قسم جي ڳئون ڪپي تہ اهڙي ڳئون جي تلاش شروع ڪري ڏني، ايستائين جو جڏهن هي ماڻهو ان ڇوڪري جي ڳئون وٽ پهتا تہ بلڪل اها اهڙي ئي ڳئون هئي جنهن جي انهن کي ضرورت هئي. نيٺ انهن ماڻهن ڳئون کي ان جي چمڙي ۾ سون ڀري ان جي قيمت ڏيئي خريدي ۽ ذبح ڪري ان جي زبان يا پُڇ جي هڏي مقتول جي لاش کي هنئي تہ اهو زنده ٿي چوڻ لڳو تہ منهنجا قاتل منهنجي چاچا جا ٻئي پٽ آهن جنهن منهنجي دولت جي لالچ ۾ مون کي قتل ڪري ڇڏيو آهي اهو ٻُڌائي وري اهو مري ويو. پوءِ انهن ٻنهي قاتلن کي قصاص ۾ قتل ڪيو ويو ۽ نيڪ شخص جو پٽ جيڪو پنهنجي ماءُ جو فرمانبردار هو تمام گهڻي دولت سان مالا مال ٿي ويو. (تفسير الصاوي ج 1 ص 75، البقره: 71)

هن سڄي مضمون کي قرآن مجيد جي مقدس آيتن ۾ هيئن بيان فرمايو ويو آهي:

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ (ياد ڪريو) جڏهن مُوسيٰ پنهنجي قوم کي فرمايو بيشڪ خُدا توهان کي هڪ ڏِڳيءَ جي ڪُهڻ جو حُڪم ڪري ٿو، چيائُون ڇا تُون اسان کي مسخِرو بنائين ٿو چيائين تہ آئُون الله کان پناه ٿو گُهران جو جاهِلن مان ٿِيان، چيائُون پنهنجي پالڻهار کان دُعا گُهر، اسان کي ٻُڌائي تہ اُها (ڏِڳي) ڪِهڙي آهي، چيائِين بيشڪ اُهو فرمائي ٿو تہ اُها هِڪ ڏِڳي آهي جيڪا نہ پوڙهِي ۽ نہ گابِي آهي (بلڪ) اِنهن ٻنهي جي درميان آهي، پوءِ جنهن جو اوهان کي حُڪم ٿئي سو ڪريو، چيائُون پنهنجي پالڻهار کان دُعا گُهر تہ اسان کي ٻُڌائي تہ اُن جو رنگ ڪِهڙو آهي، چيائِين فرمائي ٿو تہ اُها ڏِڳي ڦڪي رنگ جي آهي، اُن جو گهاٽو رنگ آهي ڏسندڙن کي وڻي ٿِي، چيائُون پنهنجي پالڻهار کان دُعا گُهر تہ اسان کي صاف صاف ٻُڌائي تہ اُها ڏِڳي ڪِهڙي آهي، بيشڪ ڏِڳين ۾ اسان کي شڪ پئجي ويو آهي ۽ الله گُهريو تہ اسان سِڌي واٽ لِهي ويندڙسُون، چيائِين اُهو فرمائي ٿو تہ اُها هِڪ ڏِڳي آهي، جنهن کان نہ زمين کيڙڻ ۽ نہ کيتِيءَ کي پاڻِي پيارڻ جِي خدمت

ورتي وجي ڇڏي، بي عيب آهي جنهن ۾ ڪو داغ نہ آهي، چيائون هاڻي ٺيڪ ڳاله ڪيِئي اٿيِئي، پوءِ اُن کي ڪُٺائون ۽ (درحقيقت ذِبحُ) ڪرڻ کي ويجها ئي نہ هُئا ۽ (ياد ڪريو) جڏهن توهان خُون ڪيو تہ هِڪ ٻِئي تي ان جي تُهمت ٿِي هنيوَ ۽ الله کي ظاهِر ڪرڻو هو جيڪِي توهان لِڪائي رهيا هُئا. پوءِ اسان فرمايو تہ اُن (قتل ڪيل) کي هِن ڍڳي جو هِڪ ٽُڪرو هڻو، الله ايئن ئي مُئل جياريندو ۽ اوهان کي پنهنجيون نشانيُون ڏيکاري ٿو تہ مَن اوهان عقل کان ڪم وٺو. (پ 1، البقره: 67 کان 73)

**درسِ هدايت:** هن واقعي مان تمام گهڻيون عبرت واريون ۽ نصيحت واريون ڳالهيون ۽ احڪام معلوم ٿيا انهن مان ڪجهه هي آهن جيڪي ياد رکڻ جي قابل آهن:

(1) خدا جي نيڪ ٻانهن جي ڇڏيل مال ۾ وڏي خير ۽ برڪت ٿيندي آهي. ڏسو تہ ان نيڪ شخص صرف هڪ گابي ڇڏي وفات ڪئي هئي پر الله تعالٰي ان ۾ ايتري برڪت عطا فرمائي جو انهن جي وارثن کي ان هڪ گابي جي ذريعي بي شمار دولت ملي وئي.

(2) ان نيڪ شخص اولاد تي شفقت ڪندي گابي کي الله جي امانت ۾ سونپيو هو تہ ان مان معلوم ٿيو تہ اولاد تي شفقت رکڻ ۽ اولاد جي لاءِ ڪجهه مال ڇڏي وڃڻ هي الله وارن جو طريقو آهي.

(3) ماءُ پيءُ جي فرمانبرداري ۽ خدمت گذاري ڪرڻ وارن کي الله تعالٰي غيب کان بي شمار رزق جو سامان عطا فرمائي ڇڏيندو آهي. ڏسو تہ ان يتيم ڇوڪري کي ماءُ جي خدمت ۽ فرمانبرداري جي ڪري الله تعالٰي ڪيترو مالدار ۽ خوشحال بڻائي ڇڏيو.

(4) الله تعالٰي جي احڪامن ۾ بحث مباحثو ڪرڻ مصيبتن جو سبب بڻجندو آهي. ڏسو بني اسرائيل کي هڪ ڳئون ذبح ڪرڻ جو حڪم مليو هو. اهي ڪابہ هڪ ڳئون ذبح ڪري ڇڏين ها تہ

فرض ادا ٿي وڃي ها پر انهن ماڻهن جڏهن بحث مباحثو شروع ڪري ڏنو تہ ڪهڙي ڳئون هجي؟ ڪهڙو رنگ هجي؟ ڪيتري عمر هجي؟ تہ مصيبت ۾ پئجي ويا تہ انهن کي هڪ اهڙي ڳئون ذبح ڪرڻي پئي جيڪا بالڪل ناياب هئي. انهيءَ لاءِ ان جي قيمت ايتري زياده ڏيڻي پئي جيتري دنيا ۾ ڪنهن ڳئون جي ايتري قيمت نہ ٿي، نہ آئنده ٿيڻ جي اميد آهي.

(5) جيڪو پنهنجو مال **الله** تعالٰي جي امانت ۾ سونپي ڇڏي **الله** تعالٰي ان جي حفاظت فرمائي ٿو ۽ ان ۾ بي حساب خير و برڪت عطا فرمائي ڇڏيندو آهي.

(6) جيڪو پنهنجي گهر وارن کي **الله** جي حوالي فرمائي ڇڏي **الله** تعالٰي ان جي گهر وارن جي اهڙي پرورش فرمائيندو آهي جنهن بابت ڪو سوچي بہ نٿو سگهي.

(7) اَمير الْمُؤمِنين حضرت عَلي رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡهُ فرمايو جيڪو هيڊي رنگ جي جتي پائيندو اهو هميشہ خوش رهندو. ۽ ان کي پريشاني تمام گهٽ هوندي. ڇوتہ **الله** تعالٰي هيڊي ڳئون جي لاءِ فرمايو:

﴿تَسُرُّ النّٰظِرِيۡنَ ﴿۶۹﴾﴾ ڏسندڙن کي وڻي ٿِي (روح البيان ج 1 ص 160 پ 1 البقرة: 69)

(8) ان مان معلوم ٿيو تہ قرباني جو جانور جيترو وڌيڪ بي عيب ۽ خوبصورت ۽ قيمتي هجي اوترو زياده بهتر آهي. ﴿وَاللّٰہُ تَعَالٰی اَعۡلَمُ﴾

## ﴿8﴾ ستر هزار مُڙده زنده ٿي ويا

هي حضرت حزقيل عَلَيۡهِ السَّلَام جي قوم جو هڪ وڏي عبرت وارو ۽ گهڻي نصيحت وارو واقعو آهي جنهن کي **الله** تعالٰي قرآن مجيد

جي سورة بقره ۾ بيان فرمايو آهي.

**حضرت حزقيل عَلَيْهِ السَّلَام ڪير هئا؟** هي حضرت موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام جا ٽيا خليفا آهن جيڪي منصب نبوت تي فائز ڪيا ويا. حضرت موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام جي وفات اقدس کان پوءِ سندن پهريان خليفه حضرت يوشع بن نون عَلَيْهِ السَّلَام ٿيا، جن کي الله تعالٰي نبوّت عطا فرمائي. ان کان پوءِ حضرت ڪالب بن يوحنا عَلَيْهِ السَّلَام، حضرت موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام جي خلافت سان سرفراز ٿي نبوّت جي مرتبي تي فائز ٿيا. ان کان پوءِ حضرت حزقيل عَلَيْهِ السَّلَام حضرت موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام جا جانشين ۽ نبي ٿيا.

حضرت حزقيل عَلَيْهِ السَّلَام جو لقب ابن العجوز (پوڙهيءَ جو پٽ) آهي ۽ پاڻ کي ذوالڪفل به چيو ويندو آهي. "ابن العجوز" سڏائڻ جو سبب اهو آهي ته هي ان وقت پيدا ٿيا هئا جڏهن انهن جي والده ماجده گهڻي پوڙهي ٿي وئي هئي. ۽ سندن لقب ذوالڪفل ان لاءِ ٿيو جو پاڻ پنهنجي ڪفالت ۾ وني ستر نبين کي قتل کان بچائي ورتو هو جن جي قتل تي يهودي قوم آماده ٿي هئي. پوءِ هي پاڻ به الله جي فضل و ڪرم سان يهودين جي تلوار کان بچي ويا ۽ ڪيترا ئي سال زنده رهي پنهنجي قوم کي هدايت فرمائيندا رهيا.

(تفسير الصاوي، ج 1 ص 206 پ 2 البقره 243)

**مڙدن جي زنده ٿيڻ جو واقعو:** هي واقعو هيئن آهي ته بني اسرائيل جي هڪ جماعت جيڪا حضرت حزقيل عَلَيْهِ السَّلَام جي شهر ۾ رهندي هئي، شهر ۾ طاعون جي وبا پکڙجڻ سان انهن ماڻهن تي موت جو خوف سوار ٿي ويو. ۽ موت جي ڊپ کان سڀ جا سڀ ماڻهو شهر ڇڏي هڪ جهنگ ڏانهن ڀڄي ويا ۽ اُتي ئي رهڻ لڳا ته الله تعالٰي کي انهن ماڻهن جي اها حرڪت تمام گهڻي ناپسند لڳي.

الله تعالٰي هڪ عذاب جي فرشتي کي ان جنگل ۾ موڪليو. جنهن هڪ جبل جي پنيان لڪي ۽ رڙ ڪري بلند آواز سان هي چيو: ”مُوْتُوْا“ يعني توهان سڀ مري وڃو ۽ اها پوائتي ۽ خوفناڪ رڙ ٻُڌي بغير ڪنهن بيماري جي بالڪل اوچتو اهي سڀ جا سڀ مري ويا، جن جو تعداد ستر هزار هو. انهن مڙدن جو تعداد ايترو گهڻو هو جو ماڻهو انهن جي ڪفن ۽ دفن جو ڪو انتظام نہ ڪري سگهيا ۽ انهن مڙدن جا لاش کُليل ميدان ۾ بنا ڪفن جي اَنن ڏينهن تائين پيا سڙندا رهيا، گهڻي ڏپ ۽ بدبو کان سڄي جهنگ بلڪ ان جي آس پاس بدبو پيدا ٿي وئي. ڪجھ ماڻهن انهن جي لاشن تي رحم ڪائيندي چئني طرف ديوار ڏياري ڇڏي تہ جيئن هي لاش جانورن کان محفوظ رهن.

ڪجھ ڏينهن کان پوءِ حضرت حزقيل عَلَيْهِ السَّلَام جو ان جهنگ ۾ انهن لاشن وٽان گذر ٿيو تہ پنهنجي قوم جي ستر هزار انسانن جي هن اوچتي موت ۽ بنا ڪفن دفن جي لاشن جي گهٽائي ڏسي غم ۽ پريشاني کان سندن دل پرجي آئي. روئڻهارڪا ٿي ويا ۽ الله تعالٰي جي بارگاه ۾ غمگين دل سان روئي روئي دعا گُهرڻ لڳا: يا الله عَزَّوَجَلَّ! هي منهنجي قوم جا ماڻهو هئا جيڪي پنهنجي ناداني ۾ هي غلطي ڪري وينا تہ موت جي ڊپ کان شهر ڇڏي جهنگ ۾ اچي ويا. هي سڀ منهنجي شهر جا رهاڪو آهن، انهن ماڻهن سان مون کي محبت هئي ۽ هي ماڻهو منهنجي ڏک سک ۾ شريڪ هئا. افسوس جو منهنجي قوم هلاڪ ٿي وئي ۽ آئون بلڪل اڪيلو رهجي ويس. اي منهنجا رب هيءَ اُها قوم هئي جيڪا تنهنجي حمد ڪندي هئي ۽ تنهنجي توحيد جو اعلان ڪندي هئي

۾ تنهنجي ڪبريائي جو خطبو پڙهندي هئي.

پاڻ وڏي سوز سان دعا ۾ مشغول هئا تہ اوچتو پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام تي وحي نازل ٿي تہ اي حزقيل عَلَيۡهِ السَّلَام توهان انهن پکڙيل هڏين کي فرمايو تہ اي هڏيو! بيشڪ اللّٰہ تعالیٰ توهان کي حڪم فرمائي ٿو تہ توهان گڏ ٿي وڃو. اهو ٻڌي پکڙيل هڏين ۾ حرڪت پيدا ٿي ۽ هر ماڻهو جون هڏيون جمع ٿي هڏين جا ڍانچا (پڃرا) ٺهجي ويا. پوءِ اها وحي آئي تہ اي حزقيل (عَلَيۡهِ السَّلَام) توهان فرمايو: اي هڏيو! توهان کي اللّٰہ جو اهو حڪم آهي تہ توهان گوشت پائي وٺو. هي ڪلام ٻُڌندي ئي فورًا هڏين جي پڃري تي گوشت وغيره چڙهي ويو. پوءِ وري ٽين ڀيري هي وحي نازل ٿي. اي حزقيل هاڻي اهو چئو تہ اي مڙدو! خدا جي حڪم سان توهان سڀ اُٿي بيهو. پاڻ اهو فرمايو تہ سندن زبان تان اهو جملو نڪرندي ئي ستر هزار لاش گهڙي ڪن ۾ اوچتو هي پڙهندي اُٿي بيٺا: ﴿سُبۡحَانَكَ اللّٰهُمَّ وَبِحَمۡدِكَ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اَنۡتَ﴾ پوءِ اهي سڀ جهنگ کان روانا ٿي پنهنجي شهر ۾ اچي ٻيهر آباد ٿيا. ۽ پنهنجي عمر جي مدت تائين زنده رهيا پر انهن ماڻهن تي ان موت جو ايترو نشان باقي رهجي ويو جو انهن جي اولاد جي جسمن مان سڙيل لاش جي بدبو برابر ايندي رهي ۽ هي ماڻهو جيڪي ڪپڙا بہ پائيندا هئا اهو ڪفن جي صورت ۾ ٿي ويندو هو ۽ قبر ۾ جيئن ڪفن ميرو ٿي ويندو هو اهڙي ئي ميراڻ انهن جي ڪپڙن تي ظاهر ٿي ويندي هئي. هي اثر اڄ تائين انهن يهودين ۾ ڏٺو وڃي ٿو جيڪي انهن ماڻهن جي نسل مان باقي رهجي ويا آهن. (روح البيان، ج 1 ص 378، پ 2 البقره:243)

هي عجيب و غريب واقعو قرآن مجيد جي سورة بقره ۾ اللّٰہ تعالیٰ

هيئن بيان فرمايو:

اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ خَرَجُوْا مِنْ دِيَارِهِمْ وَهُمْ اُلُوْفٌ حَذَرَ الْمَوْتِ ۪ فَقَالَ لَهُمُ اللّٰهُ مُوْتُوْا ۫ ثُمَّ اَحْيَاهُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَذُوْ فَضْلٍ عَلَى النَّاسِ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَشْكُرُوْنَ ﴿۲۴۳﴾ (پ 2 البقره: 243)

**ترجموڪنزالايمان:** اي محبُوب! ڇا تو اُنهن کي نہ ڏِٺو جيڪِي هزارن جي تعداد ۾ موت جي ڊپ کان پنهنجا گهر ڇڏي نڪتا هُئا تہ الله اُنهن کي فرمايو مَرِي وڃو پوءِ اُنهن کي زنده ڪيائين، بيشڪ الله ماڻُهن تي وڏي فضل ڪرڻ وارو آهي پر گهڻا ماڻُهو بي شڪرا آهِن.

**درسِ هدايت:** بني اسرائيل جي حيرت ۾وجهندڙ هن واقعي مان هيٺ ڏنل هدايتون ملن ٿيون: (1) ماڻهو موت جي ڊپ کان ڀڄي پنهنجي جان نٿو بچائي سگهي. تنهنڪري موت کان ڀڄڻ بلڪل ئي بيڪار آهي. الله تعالٰي موت جيڪو لکيو آهي اهو پنهنجي وقت تي ضرورايندو، نہ هڪ سيڪنڊ پنهنجي وقت کان پهرين اچي سگهي ٿو نہ هڪ سيڪنڊ بعد ايندو، تنهنڪري ٻانهن تي لازم آهي تہ رضاء الٰهي تي راضي رهي صابر ۽ شاڪر رهن ۽ چاهي ڪيتري ئي وبا پکڙجي يا وڏي جنگ لڳي اطمينان ۽ سڪون جو دامن پنهنجي هٿ مان نہ ڇڏجو ۽ اهو يقين رکو تہ جيستائين منهنجو موت نٿو اچي مونکي ڪير نٿو ماري سگهي ۽ جڏهن منهنجو موت ايندو تہ آئون ڪجهہ بہ ڪريان ڪيڏانهن بہ هليو وڃان، ڀڄي وڃان آئون ڪنهن حال ۾ بچي نٿو سگهان.

(2) هن آيت ۾ خاص ڪري مجاهدن کي هدايت ڪئي وئي آهي تہ جهاد کان ڀڄڻ يا ميدان جنگ ڇڏي ڀڄي وڃڻ هرگز موت کي نٿو هٽائي سگهي، تنهنڪري مجاهدين کي جنگ جي ميدان

۾ دل مضبوط ڪري ويهڻ گهرجي ۽ اهو يقين رکڻ گهرجي ته آئون موت جي وقت کان پهرين نٿو مري سگهان، نه ڪير مونکي ماري سگهي ٿو. هي عقيدو رکڻ وارو ايتري قدر بهادر ۽ شيردل ٿي ويندو آهي جو خوف ۽ بزدلي ڪڏهن به ان جي ويجهو ناهي ايندي ۽ ان جي قدمن ۾ ڪڏهن وار برابر به ڪا لغزش نٿي اچي سگهي. اسلام جو ڏنل هي اُهو مقدس عقيدو آهي جنهن سبب اسلام جا مجاهد هزارين ڪافرن جي مقابلي ۾ اڪيلا جبل وانگر ڄمي جنگ ڪندا هئا. ايستائين جو فتح مبين انهن جا قدم چمندي هئي. ۽ اُهي هر جنگ ۾ ڪامياب ۽ ڪامران ٿي اجرِ عظيم ۽ مال غنيمت جي دولت سان مالامال ٿي پنهنجي گهر ان حال ۾ واپس ايندا هئا جو انهن جي جسمن تي زخمن جي ڪا روندڻ به نه هوندي هئي ۽ اهي ڪافرن جي وڏن لشڪرن جو صفايو ڪري ڇڏيندا هئا. شاعرِ مَشرق هن منظر جي تصوير ڪشي ڪندي ڪنهن مجاهدِ اسلام جي زبان مان هي ترانو ٻڌايو آهي ته

ٹل نہ سکتے تھے اگر جنگ میں اڑ جاتے تھے
پاؤں شیروں کے بھی میداں سے اکھڑ جاتے تھے

حق سے سرکش ہوا کوئی تو بگڑ جاتے تھے
تیغ کیا چیز ہے؟ ہم توپ سے لڑ جاتے تھے

نقش توحید کا ہر دل پہ بٹھایا ہم نے
زیرِ خنجر بھی یہ پیغام سنایا ہم نے (کلیاتِ اقبال، بانگِ درا، ص ۱۶۴)

**حڪايت:** منقول آهي ته بنواُميه جو بادشاهه عبدالملڪ بن مروان جڏهن ملڪِ شام ۾ طاعون جي وبا پکڙجي ته موت جي ڊپ کان

گهوڙي تي سوار ٿي پنهنجي شهر مان پيچي نڪتو ۽ پاڻ سان گڏ خاص غلام ۽ ڪجهه فوج بہ ورتي ۽ اهو طاعون جي ڊپ کان ايتري قدر ڊنل هو جو زمين تي پير نہ رکندو هو، بلڪ گهوڙي تي سوار رهندو هو. سفر جي دوران ان کي هڪ رات ننڊ نہ آئي تہ ان پنهنجي غلام کي چيو تہ تون ڪو قصو ٻڌاءِ ، تہ هوشيار غلام بادشاهہ کي نصيحت جو موقعو ڏسي اهو قصو ٻڌايو تہ هڪ لومڙي پنهنجي جان جي حفاظت لاءِ هڪ شينهن جي خدمت ڪندي هئي تہ ڪو جانور شينهن جي ڊپ وچان لومڙي ڏانهن اک کڻي ڏسي نہ سگهندو هو. ۽ لومڙي نهايت ئي بي خوف ۽ اطمينان سان شينهن سان گڏ زندگي گذاري رهي هئي. اوچتو هڪ ڏينهن هڪ باز لومڙي تي حملو ڪيو تہ لومڙي پيچي شينهن وٽ وئي ۽ شينهن ان کي پنهنجي پُٺي تي ويهاري ڇڏيو. باز ٻيهر حملو ڪيو ۽ لومڙي کي شينهن جي پُٺيءَ تان پنهنجي چنبي ۾ کڻي اُڏامي ويو، لومڙي دانهن ڪري شينهن کي فرياد ڪرڻ لڳي تہ شينهن چوڻ لڳو: اي لومڙي! آئون زمين تي رهندڙ جانور کان توکي بچائي سگهان ٿو پر آسمان طرفان حملو ڪرڻ وارن کان آئون تو کي نٿو بچائي سگهان. هي قصو ٻڌي بادشاهہ عبدالملڪ کي وڏي عبرت حاصل ٿي ۽ ان جي سمجهہ ۾ اچي ويو تہ منهنجي فوج انهن دشمنن کان تہ منهنجي حفاظت ڪري سگهي ٿي جيڪي زمين تي رهندا آهن پر جيڪي مصيبتون ۽ تڪليفون آسمان تان مون تي حملو ڪنديون، انهن کان نہ منهنجي بادشاهي بچائي سگهي ٿي نہ منهنجو خزانو ۽ نہ منهنجو لشڪر منهنجي حفاظت ڪري سگهي ٿو. آسماني بلائن کان بچائڻ وارو خدا کان سوا تہ ٻيو ڪو بہ نٿو ٿي سگهي.

هي سوچي بادشاھ عبدالملڪ جي دل مان طاعون جو خوف ختم ٿي ويو ۽ اھو رضاءِ الٰھي تي راضي رھي سڪون ۽ اطمينان سان پنھنجي شاھي محل ۾ رھڻ لڳو. (تفسير روح البيان،ج 1 ص 378 پ 2، البقرة: 244)

## ﴿9﴾ سو سالن تائين مڙدھ رھيا پوءِ وري زندھ ٿي ويا

اڪثر مفسرن جي مطابق ھي واقعو حضرت عزير بن شرخيا عَلَيْهِ السَّلَام جو آھي جيڪي بني اسرائيل جا ھڪ نبي آھن. واقعي جو تفصيل ھي آھي تہ جڏھن بني اسرائيل جا برا عمل تمام وڌي ويا تہ انھن تي خدا جي طرفان ھي عذاب آيو جو بخت نصر بابلي ھڪ ڪافر بادشاھ تمام وڏي فوج سان بيت المقدس تي حملو ڪيو ۽ شھر جي ھڪ لک ماڻھن کي قتل ڪري ڇڏيو، ۽ ھڪ لک کي ملڪ شام ۾ ڇڙ وِڇڙ ڪري آباد ڪري ڇڏيو. ۽ لک کي گرفتار ڪري غلام بڻائي ڇڏيو. حضرت عزير عَلَيْهِ السَّلَام بہ انھن قيدين ۾ ھئا. ان کان پوءِ ان ڪافر بادشاھ سڄي شھر بيت المقدس جي پيچ ڊاھ ڪري مسمار ڪري ڇڏيو ۽ بالڪل ويران بڻائي ڇڏيو.

**بخت نصر ڪير ھو؟** قوم عمالقہ جو ھڪ ڇوڪرو انھن جي بت "نصر" جي قريب لاوارث حالت ۾ مليو ھو تہ ان جي پيءُ جو نالو ڪنھن کي معلوم نہ ھو. ان لاءِ ماڻھن ان جونالو بخت نصر (نصر جو پٽ) رکي ڇڏيو. خدا جو شان جو ھي ڇوڪرو وڏو ٿي ڪھر اسف بادشاھ جي طرفان سلطنت بابل تي گورنر مقرر ٿيو. پوءِ ھي خود دنيا جو تمام وڏو بادشاھ ٿي ويو. (تفسير جمل ج 1 ص 321 پ 3 البقرة: 259)

ڪجھ ڏينھن کان پوءِ حضرت عزير عَلَيْهِ السَّلَام جڏھن ڪنھن طريقي سان "بخت نصر" جي قيد مان آزاد ٿيا تہ ھڪ گڏھ تي

سوار ٿي پنهنجي شهر بيت المقدس ۾ داخل ٿيا. پنهنجي شهر جي ويراني ۽ بربادي ڏسي انهن جي دل پرجي آئي ۽ روئڻ لڳا. چوڌاري چڪر لڳايو پر انهن کي ڪنهن انسان جي شڪل نظر نہ آئي. ها اِهو ڏٺو تہ اُتي جي وڻن ۾ تمام گهڻو ميوو هيو جيڪو پچي تيار ٿي چڪو هو پر انهن ميون کي ڪو توڙڻ وارو نہ آهي. هي منظر ڏسي نهايت ئي حسرت ۽ افسوس سان سندن جي زبان مبارڪ مان بي اختيار هي جملو نڪري ويو تہ ﴿اَنّٰى يُحْيٖ هٰذِهِ اللّٰهُ بَعْدَ مَوْتِهَا﴾ يعني هن شهر جي اهڙي بربادي ۽ ويراني کان پوءِ پلا ڪهڙي طرح اللّٰه تعالٰي ٻيهر هن کي آباد ڪندو؟ پوءِ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام ڪجهه ميون کي پٽي کاڌائون، ۽ انگورن کي نچوڙي ان جو رس نوش فرمايو ۽ بچيل ميون کي پنهنجي جهولي ۾ وجهي ڇڏيو ۽ بچيل انگورن جي رس کي پنهنجي مشڪ ۾ ڀري ڇڏيو ۽ پنهنجي گڏهہ کي هڪ مضبوط رسي سان ٻَڌي ڇڏيو. ۽ پاڻ هڪ وڻ هيٺ ليٽي سمهي رهيا ۽ انهيءَ ننڊ جي حالت ۾ سندن وفات ٿي وئي ۽ اللّٰه تعالٰي جانورن، پکين، ۽ جنن، انسانن سڀني جي اکين کان سندن کي غائب رکيو، جو ڪير بہ کين ڏسي نہ سگهيو. ايستائين جو ستر سالن جو زمانو گذري ويو تہ ملڪ فارس جي بادشاهن مان هڪ بادشاهہ پنهنجي لشڪر سان بيت المقدس جي ويراني ۾ داخل ٿيو. ۽ تمام گهڻن ماڻهن کي هتي آڻي ويهاريو ۽ شهر کي ٻيهر آباد ڪيو. ۽ بچيل بني اسرائيل کي جيڪي آس پاس ۾ پکڙيل هئا سڀني کي گهرائي ان شهر ۾ آباد ڪري ڇڏيو. ۽ انهن ماڻهن نيون عمارتون ناهي ۽ قسمين قسمين جا باغ لڳرائي ان شهر کي پهرين کان بہ وڌيڪ خوبصورت ۽ با رونق بڻائي ڇڏيو.

www.dawateislami.net

جڏهن حضرت عزير عَلَيۡهِ السَّلَام کي پورو هڪ سؤ سال وفات جي حالت ۾ ٿي ويا تہ اللّٰه تعالٰي کين زنده فرمايو تہ پاڻ ڏٺو تہ سندن گڏه مري ويو آهي ۽ ان جون هڏيون ڳري سڙي هيڏانهن هوڏانهن پکڙيل آهن. پر ٿيلهي ۾ رکيل ميوو ۽ مشڪ ۾ رکيل انگورن جو رس بالڪل خراب نہ ٿيو، نہ ميون ۾ ڪا تبديلي نہ رس ۾ ڪا بو يا خراب ذائقو پيدا ٿيو هو ۽ پاڻ اهو بہ ڏٺو تہ اجا بہ سندن مٿي ۽ ڏاڙهي جا وار ڪارا آهن ۽ سندن عمر اها ئي چاليهہ سال آهي. پاڻ حيران ٿي سوچي رهيا هئا تہ سندن تي وحي نازل ٿي ۽ اللّٰه تعالٰي اوهان کي فرمايو: اي عزير! توهان ڪيترا ڏينهن هتي رهيو؟ تہ پاڻ سوچيائون تہ آئون صبح جو سُتو هئس ۽ هينئر عصر جو وقت ٿيو آهي، هي جواب ڏنائون تہ آئون سڄو ڏينهن يا ڏينهن کان ڪجهہ گهٽ وقت سُتو رهيس تہ اللّٰه تعالٰي فرمايو نہ، اي عزير! تون پورا سو سال هتي رُڪيو رهيو آهين، هاڻي تون اسان جي قدرت جو نظارو ڪرڻ لاءِ پنهنجي گڏه کي ڏس تہ ان جون هڏيون ڳري سڙي وڪرجي ويون آهن ۽ پنهنجي کائڻ پيئڻ جي شين تي نظر ڪريو تہ انهن ۾ ڪا خرابي ناهي پيدا ٿي. پوءِ ارشاد فرمايو: اي عزير! هاڻي تون ڏس تہ ڪيئن اسان هڏين کي ڪٺي انهن تي گوشت وغيره چاڙهي ان گڏه کي زنده ڪريون ٿا. پوءِ حضرت عزير عَلَيۡهِ السَّلَام ڏٺو تہ اوچتو وکريل هڏين ۾ حرکت پيدا ٿي ۽ هڪدم تمام هڏيون گڏ ٿي پنهنجي پنهنجي جوڙ سان ملي گڏه جو ڍانچو ٺهي ويون ۽ ٿوري دير ۾ ان ڍانچي تي گوشت وغيره بہ چڙهي ويو ۽ گڏه زنده ٿي هينگڻ لڳو. اهو ڏسي حضرت عزير عَلَيۡهِ السَّلَام بلند آواز سان هي چيو:

اَعۡلَمُ اَنَّ اللّٰهَ عَلٰی کُلِّ شَیۡءٍ قَدِیۡرٌ ﴿۲۵۹﴾ (پ 3، البقرة: 259)

ترجموڪنزالايمان: مان خُوب ڄاڻان ٿو تہ اللّٰہ سڀ ڪُجھ ڪري سگھي ٿو.

ان کان بعد حضرت عزير عَلَيۡهِ السَّلَام شهر جو دؤرو ڪندي ان جڳھ تي پهتا جتي هڪ سؤ سال پهريان سندن گھر هو، تہ نہ ڪنهن اوهان کي سُڃاتو نہ پاڻ ڪنهن کي سُڃاتو. ها اهو ڏٺو تہ هڪ تمام ئي پوڙهي ۽ معزور عورت گھر وٽ ويٺي آهي جنهن نندڍ پڻ ۾ حضرت عزير عَلَيۡهِ السَّلَام کي ڏٺو هو. پاڻ ان کان پُڇيو تہ ڇا اهو ئي عزير جو گھر آهي تہ ان جواب ڏنو: جي ها. پوءِ پوڙهي عورت چيو تہ عزير جو ڪهڙو ذڪر ڪجي؟ ان کي تہ سؤ سال ٿي ويا آهن جو اهي بلڪل ئي لاپتا آهن، اهو چئي پوڙهي عورت روئڻ لڳي تہ پاڻ فرمايو: اي پوڙهي! آئون ئي عزير آهيان، تہ پوڙهي عورت چيو: سبحان اللّٰه! توهان ڪيئن عزير ٿي سگھو ٿا؟ پاڻ فرمايو:اي پوڙهي!مون کي اللّٰه تعالٰي هڪ سؤ سال مڙده رکيو. پوءِ مونکي زنده ڪيو آهي ۽ آئون پنهنجي گھر اچي ويو آهيان تہ پوڙهي عورت چيو حضرت عزير عَلَيۡهِ السَّلَام تہ اهڙا ڪمال وارا هئا جو انهن جي هر دعا قبول ٿيندي هئي جيڪڏهن توهان واقعي حضرت عزير (عَلَيۡهِ السَّلَام) آهيو تہ منهنجي لاءِ دعا ڪريو تہ منهنجي اکين ۾ روشني اچي وڃي ۽ منهنجو فالج ختم ٿي وڃي. حضرت عزير عَلَيۡهِ السَّلَام دعا ڪئي تہ پوڙهيءَ جون اکيون نيڪ ٿي ويون ۽ ان جو فالج بہ ختم ٿي ويو. پوءِ ان غور سان سندن کي ڏٺو تہ سُڃاڻي ورتو ۽ چوڻ لڳي تہ آئون شاهدي ڏيان ٿي تہ توهان يقينًا حضرت عزير عَلَيۡهِ السَّلَام ئي آهيو، پوءِ اها پوڙهي سندن کي وٺي بني اسرائيل جي پاڙي ۾ وئي. اتفاق سان اهي سڀ ماڻهو هڪ مجلس

www.dawateislami.net

۾ جمع ھئا ۽ انھيءَ مجلس ۾ اوھان جو پٽ بہ موجود ھو جيڪو ھڪ سو ارڙھن سالن جو ٿي ويو ھو. ۽ سندن ڪجھ پوٽا بہ ھئا جيڪي سڀ پوڙھا ٿي ويا ھئا. پوڙھي عورت مجلس ۾ گواھي ڏني ۽ اعلان ڪيو: اي انسانو! بيشڪ ھي حضرت عزير عَلَيۡهِ السَّلَام ئي آھن پر ڪنھن پوڙھيءَ جي ڳالھ ڪي صحيح نہ مڃيو. ايتري ۾ انھن جي پٽ چيو تہ اسان جي پيءُ جي ٻنھي ڪلھن جي وچ ۾ ھڪ ڪاري رنگ جو مَسو ھو جيڪو چنڊ جي شڪل جو ھو. پوءِ پاڻ پنھنجي قميص لاٿي تہ اھو مَسو موجود ھو. پوءِ ماڻھن چيو تہ حضرت عزير عَلَيۡهِ السَّلَام کي تہ تورات زباني ياد ھئي جيڪڏھن توھان عزير آھيو تہ زباني تورات پڙھي ٻڌايو. پاڻ بنا ڪنھن رنڊڪ جي ھڪدم پوري تورات پڙھي ٻڌائي. بخت نصر بادشاھ بيت المقدس کي تباھ ڪرڻ وقت چاليھ ھزار تورات جي عالمن کي ڳولي ڳولي قتل ڪري ڇڏيو ھو ۽ تورات جو ڪتاب بہ ان زمين تي باقي نہ ڇڏيو ھو. ھاڻي ھي سوال پيدا ٿيو تہ حضرت عزير عَلَيۡهِ السَّلَام تورات صحيح پڙھيو آھي يا نہ؟ تہ ھڪ شخص چيو: مون پنھنجي پيءُ کان ٻُڌو آھي تہ جنھن ڏينھن اسان کي بخت نصر گرفتار ڪيو ھو ان ڏينھن ھڪ ويراني ۾ ھڪ انگور جي وَل جي پاڙ ۾ تورات جو ھڪ ڪتاب دفن ڪيو ويو ھو، جيڪڏھن توھان منھنجي ڏاڏا جي انگور وارو ھنڌ ٻڌايو تہ آئون تورات جو ھڪ ڪتاب ڪڍي ايندس، پوءِ خبر پئجي ويندي تہ حضرت عزير عَلَيۡهِ السَّلَام جيڪا تورات پڙھي آھي اھا صحيح آھي يا نہ؟ پوءِ ماڻھن تلاش ڪري ۽ زمين کوٽي تورات جو ڪتاب ڪڍي ورتو تہ اھا حرف بہ حرف حضرت عزير عَلَيۡهِ السَّلَام جي زباني ياد ڪيل تورات جي مطابق ھئي. ھي عجيب وغريب ۽ حيرت وارو واقعو ڏسي سڀ ماڻھو

ڳڌجي چوڻ لڳا تہ بيشڪ اهي ئي حضرت عزير عَلَيۡهِ السَّلَام آهن ۽ يقينًا هي خدا جا پُٽ آهن. پوءِانهيءَ ڏينهن کان هي غلط ۽ مشرڪاڻو عقيدو يهودين ۾ پکڙجي ويو تہ ﴿مَعَاذَ اللّٰه﴾ حضرت عزير عَلَيۡهِ السَّلَام خدا جا پُٽ آهن. انهيءَ ڪري اڄ تائين سڄي دنيا جا يهودي هن باطل عقيدي تي قائم آهن تہ حضرت عزير عَلَيۡهِ السَّلَام خدا جا پُٽ آهن. ﴿مَعَاذَ اللّٰه﴾ (تفسير جمل علي الجلالين، ج 1 ص 322 پ 3 البقرة: 259)

الله تعاليٰ قرآن مجيد جي سورة البَقَره ۾ هن واقعي کي هنن لفظن ۾ بيان فرمايو آهي:

اَوۡ كَالَّذِىۡ مَرَّ عَلٰى قَرۡيَةٍ وَّهِىَ خَاوِيَةٌ عَلٰى عُرُوۡشِهَا ۚ قَالَ اَنّٰى يُحۡىٖ هٰذِهِ اللّٰهُ بَعۡدَ مَوۡتِهَا ۚ فَاَمَاتَهُ اللّٰهُ مِائَةَ عَامٍ ثُمَّ بَعَثَهٗ ؕ قَالَ كَمۡ لَبِثۡتَ ؕ قَالَ لَبِثۡتُ يَوۡمًا اَوۡ بَعۡضَ يَوۡمٍ ؕ قَالَ بَلۡ لَّبِثۡتَ مِائَةَ عَامٍ فَانۡظُرۡ اِلٰى طَعَامِكَ وَشَرَابِكَ لَمۡ يَتَسَنَّهۡ ۚ وَانۡظُرۡ اِلٰى حِمَارِكَ وَلِنَجۡعَلَكَ اٰيَةً لِّلنَّاسِ وَانۡظُرۡ اِلَى الۡعِظَامِ كَيۡفَ نُنۡشِزُهَا ثُمَّ نَكۡسُوۡهَا لَحۡمًا ؕ فَلَمَّا تَبَيَّنَ لَهٗ ۙ قَالَ اَعۡلَمُ اَنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَىۡءٍ قَدِيۡرٌ ﴿۲۵۹﴾ (پ 3 البقرة: 259)

**ترجموڪنزالايمان:** يا اُن وانگر جيڪو لنگهيو هڪ ڳوٺ کان ۽ اُهو ڊٺل هو پنهنجي ڇِتُن پر، چوڻ لڳو هن کي ڪيئن جياريندو الله اُن جي مرڻ کانپوءِ، تہ الله اُن کي مُئل رکيو سؤ سال پوءِ جياريائين، فرماياائين تُون هِتي ڪيترو رهئين عرض ڪيائين تہ هڪڙو ڏِينهن يا ڪُجھ گهٽ رهيو هُوندس فرماياائين نہ بلڪ توکي سؤ سال گُذرِي ويا ۽ پنهنجي کاڌي ۽ پاڻِيءَ کي ڏِسُ جو اجا تائين بدبُودار نہ ٿِيو آهي ۽ پنهنجي گڏھ کي ڏِسُ (جو اُن جا هڏا بہ سلامت نہ رهيا آهِن) ۽ اِهو هِن لاءِ جو توکي اسان ماڻهن جي واسطي نِشانِي ڪريُون ۽ هِنن هڏن کي ڏِسُ ڪيئن اسان اُنهن کي اوتپ ڏِيُون تا پوءِ اُنهن کي گوشت ڍڪايُون تا جڏهن هِيءَ ڳالهہ اُن تي ظاهر ٿِي ويئي، چوڻ لڳو تہ مان خُوب ڄاڻان ٿو تہ الله سڀ ڪُجھ ڪري سگهي ٿو.

**درسِ هدايت:** (1) هنن آيتن ۾ صاف صاف موجود آهي تہ هڪ ئي جڳهہ تي، هڪ ئي آبهوا ۾ حضرت عزير عَلَيْهِ السَّلَام جو ڳڌھ تہ مري سڙي ۽ ان جون هڏيون ٽڪرا ٽڪرا ٿي وکري ويون پر ميون ۽ انگورن جو رس ۽ خود حضرت عزير عَلَيْهِ السَّلَام جي ذات ۾ ڪنهن قسم جي تبديلي نہ آئي. ايستائين جو سؤ سالن ۾ انهن جا وار بہ سفيد نہ ٿيا. هن مان ثابت ٿئي ٿو تہ هڪ ئي قبرستان ۾ هڪ ئي آبهوا ۾ جيڪڏهن ڪجهہ مڙدن جا لاش سڙي فنا ٿي وڃن ۽ ڪجهہ بزرگن جا لاش سلامت رهجن ۽ انهن جا ڪفن بہ ميرا نہ ٿين، ائين ٿي سگهي ٿو، بلڪ ڪيئي ڀيرا ائين ٿيو آهي ۽ حضرت عزير عَلَيْهِ السَّلَام جو هي قرآني واقعو ان جو بهترين دليل آهي.

﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰی اَعْلَم﴾

(2) بيت المقدس جي تباهي ۽ ويراني ڏسي حضرت عزير عَلَيْهِ السَّلَام غمگين ٿي ويا ۽ فڪر مند ٿي ڪري هي چئي وينا تہ هن شهر جي بربادي ۽ ويراني کان بعد ڪهڙي طرح اللّٰه تعالٰي هن شهر کي ٻيهر آباد فرمائيندو؟ هن مان اهو ثابت ٿئي ٿو تہ پنهنجي وطن ۽ شهر سان محبت ڪرڻ ۽ الفت رکڻ هي صالحين ۽ اللّٰه وارن جو طريقو آهي. ﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰی اَعْلَم﴾

## ﴿10﴾ تابوتِ سڪينہ

هي شمشاد جي ڪاٺي جو هڪ صندوق هو جيڪو حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام تي نازل ٿيو هو. هي سندن آخري پساھ تائين وٽس ئي رهيو. پوءِ ميراث ۾ هڪ ٻئي پُٺيان سندن اولاد کي ملندو رهيو. ايستائين جو هي حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام کي مليو ۽ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام کان بعد سندن اولاد بني اسرائيل جي قبضي ۾ رهيو. ۽ حضرت

موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام کي مليو تہ پاڻ ان ۾ تورات شريف ۽ پنهنجو خاص سامان رکندا هئا.

هي وڏو مقدس ۽ بابرڪت صندوق هو. بني اسرائيل جڏهن ڪافرن سان جهاد ڪندا هئا ۽ ڪافرن جي لشڪرن جي ڪثرت ۽ انهن جي شوڪت ڏسي ڊڄي ويندا ۽ انهن جي سينن ۾ دل ڌڙڪڻ لڳندو هو تہ اهي ان صندوق کي پنهنجي اڳيان رکي ڇڏيندا هئا تہ ان صندوق مان اهڙيون رحمتون ۽ برڪتون ظاهر ٿينديون هيون جو مجاهدن کي دلي سڪون ۽ اطمينان ملندو هو ۽ مجاهدن جي سينن ۾ ڏرڪندڙ دليون پهاڙ کان وڌيڪ مضبوط ٿي وينديون هيون. ۽ جيئن صندوق اڳيان وڌندو هو آسمان مان ﴿نَصْرٌ مِّنَ اللّٰهِ وَ فَتْحٌ قَرِيْبٌ ط﴾ جي عظيم بشارت نازل ٿيندي هئي ۽ فتح مبين حاصل ٿيندي هئي.

بني اسرائيل ۾ جڏهن بہ ڪو اختلاف پيدا ٿيندو هو تہ ماڻهو انهي صندوق کان فيصلو ڪرائيندا هئا. صندوق مان فيصلي جو آواز ۽ فتح جي بشارت ٻڌي ويندي هئي. بني اسرائيل هن صندوق کي پنهنجي اڳيان رکي ۽ ان کي وسيلو بڻائي دعا گُهرندا هئا تہ انهن جون دعائون قبول ٿينديون هيون ۽ مشڪلاتون، مصيبتون ۽ وبائن جون آفتون ٽري وينديون هيون. مطلب هيءَ تہ صندوق بني اسرائيل لاءِ تابوتِ سڪينہ، برڪت ۽ رحمت جو خزينو ۽ **اللّٰه** تعالٰي جي مدد جي نازل ٿيڻ جو نهايت مقدس ۽ بهترين ذريعو هو، پر جڏهن بني اسرائيل طرح طرح جا گناه ڪرڻ لڳا ۽ انهن ۾ نافرماني ۽ طغيان، سرڪشي ۽ گناهہ وڌي ويا تہ انهن جي بري عملن جي نحوست جي ڪري انهن تي خدا جو اهو غضب نازل ٿيو جو قوم عمالقہ جي ڪافرن هڪ وڏي لشڪر سان انهن ماڻهن

تي حملو ڪري ڏنو، انهن ڪافرن بني اسرائيل جو قتل عام ڪري انهن جي ڳوٺن کي تباهه برباد ڪري ڇڏيو. عمارتن کي ڊاهي پٽ ڪري سڄي شهر کي ختم ڪري ڇڏيو، ۽ ان متبرڪ صندوق کي به کڻي ويا. ان کي نجاستن ۾ اڇلائي ڇڏيو. پر ان بي ادبي جو قوم عمالقه تي هي وبال پيو ته اُهي طرح طرح جي بيمارين ۽ بلائن ۾ مبتلا ٿي ويا. پوءِ قومِ عمالقه جا پنج شهر بلڪل برباد ۽ ويران ٿي ويا. ايستائين جو انهن ڪافرن کي يقين ٿي ويو ته هن رحمت واري صندوق جي بي ادبي جو عذاب اسان تي آيو آهي ته انهن ڪافرن جون اکيون کُلي ويون. پوءِ انهن ان مقدس صندوق کي هڪ ڏاند گاڏي تي چاڙهي ڏڳن کي بني اسرائيل جي ڳوٺن ڏانهن هَڪلي ڇڏيو. پوءِ الله تعالٰي چار ملائڪن کي مقرر فرمائي ڇڏيو، جيڪي ان مبارڪ صندوق کي بني اسرائيل جي نبي حضرت شمويل عَلَيۡهِ السَّلَام جي خدمت ۾ کڻي آيا. ائين بني اسرائيل جي وڃايل نعمت ٻيهر انهن کي ملي وئي. ۽ اها صندوق ان وقت حضرت شمويل عَلَيۡهِ السَّلَام وٽ پهتي. جڏهن ته حضرت شمويل عَلَيۡهِ السَّلَام طالوت کي بادشاهه بڻائي ڇڏيو هو. ۽ بني اسرائيل طالوت جي بادشاهي تسليم ڪرڻ لاءِ تيار نه هئا ۽ اها ئي شرط هئي ته مقدس صندوق اچي وڃي ته اسان طالوت جي بادشاهي تسليم ڪنداسين. پوءِ صندوق اچي وئي ۽ بني اسرائيل طالوت جي بادشاهي تي راضي ٿي ويا. (الصاوي ج 1 ص 209، روح البيان ج 1 ص 385، پ 2 البقرة: 247)

**تابوت سڪينه ۾ ڇا هو؟** هن مقدس صندوق ۾ حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جي لٺ ۽ سندن مقدس جوتيون ۽ حضرت هارون عَلَيۡهِ السَّلَام جو عمامو، حضرت سليمان عَلَيۡهِ السَّلَام جي مُنڊي، تورات جي تختين جا

ڪجهہ ٽڪڙا، ڪجهہ من و سلوٰي، ان کان علاوه انبياء ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام جي صورتن جا حُليا وغيره سڀ سامان موجود هو.

(تفسير روح البيان،ج 1 ص 386 پ 2 البقرة 248)

قرآن مجيد ۾ الله تعالىٰ سوره ٔ بقره ۾ هن مقدس صندوق جو ذڪر فرمائيندي ارشاد فرمايو:

وَ قَالَ لَهُمۡ نَبِيُّهُمۡ اِنَّ اٰيَةَ مُلۡكِهٖۤ اَنۡ يَّاۡتِيَكُمُ التَّابُوۡتُ فِيۡهِ سَكِيۡنَةٌ مِّنۡ رَّبِّكُمۡ وَبَقِيَّةٌ مِّمَّا تَرَكَ اٰلُ مُوۡسٰى وَ اٰلُ هٰرُوۡنَ تَحۡمِلُهُ الۡمَلٰٓئِكَةُ ؕ اِنَّ فِىۡ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لَّكُمۡ اِنۡ كُنۡتُمۡ مُّؤۡمِنِيۡنَ ﴿۲۴۸﴾ (پ 2 البقرة: 248)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ اُنهن جي نبي کين فرمايو تہ بيشڪ ان جي بادشاهيءَ جي نِشاني توهان وٽ تابُوت جو اچڻ آهي جنهن ۾ اوهان جي پالڻهار طرفان دِلين جي تسڪين آهي ۽ عزت ماٰب مُوسيٰ ۽ عزت ماٰب هارون جي ترڪي جون ڪُجهہ بچيل شيُون آهن، ان کي مَلائِڪ کڻي ايندا. بيشڪ ان ۾ اوهان لاءِ وڏي نِشانِي آهي جيڪڏهن اِيمان وارا آهيو.

**درسِ هدايت:** بني اسرائيل جي صندوق جي هن واقعي مان ڪجهہ مسئلا ۽ فائدا ملن ٿا جيڪي ياد رکڻ جي قابل آهن:

(1) معلوم ٿيو تہ بزرگن جي تبرڪات جي الله تعالىٰ جي بارگاهہ ۾ وڏي عزت ۽ عظمت آهي ۽ ان جي ذريعي الله عَزَّوَجَلَّ جي مخلوق کي وڏا وڏا فيض ۽ برڪتون حاصل ٿينديون آهن. ڏسو! هن صندوق ۾ حضرت موسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام جي جتي، سندن لٺ ۽ حضرت هارون عَلَيۡهِ السَّلَام جو عِمامو هو، تہ الله تعالىٰ جي بارگاهہ ۾ هي صندوق ايتري قدر مقبول ۽ مُڪَرم ٿي وئي جو فِرشتن ان کي پنهنجي نوراني ڪُلهن تي کڻي حضرت شمويل عَلَيۡهِ السَّلَام جي دربار نبوّت ۾ پهچايو ۽ الله تعالىٰ قرآن شريف ۾ ان ڳالهہ جي شهادت ڏني: ﴿فِيۡهِ سَكِيۡنَةٌ مِّنۡ رَّبِّكُمۡ﴾. يعني هن صندوق ۾ توهان جي رب جي طرف

کان سڪينہ يعني مومنن جي دلين جو اطمينان ۽ انهن جي روحن جي آرام جو سامان هو. مطلب تہ ان تي رحمتِ الٰهي جا انوار ۽ برڪتن جو نزول ۽ رحمتن جي برسات ٿيندي هئي، معلوم ٿيو تہ بزرگن جا تبرڪات جتي ۽ جنهن جڳهہ تي بہ هوندا ضرور انهن تي رحمتِ الٰهي جو نزول ٿيندو ۽ ان تي نازل ٿيڻ وارين رحمتن ۽ برڪتن سان مُؤمنن کي دل جو سڪون ۽ روح کي اطمينان جو فيض ۽ برڪتون ملنديون رهنديون.

(2) جنهن صندوق ۾ **الله** وارن جو لباس ۽ لٺ ۽ جوتي هجي جڏهن ان صندوق تي اطمينان جو سڪينو ۽ انوار ۽ برڪتن جو خزينو خدا جي طرف کان لهڻ، قرآن مان ثابت آهي تہ پوءِ جنهن قبر ۾ انهن بزرگن جو سڄو جسم رکيل هوندو، ڇا انهن قبرن تي رحمت و برڪت ۽ سڪينہ و اطمينان نہ لهندو؟ هر عقل وارو انسان جنهن کي **الله** تعالٰي بَصَارت سان گڏوگڏ ايماني بَصِيرت بہ عطا فرمائي آهي، اهو ضرور هن ڳالهہ تي ايمان آڻيندو تہ جڏهن بزرگن جي لباس ۽ انهن جي جوتين تي سڪينہِ رحمت جو نزول ٿئي ٿو تہ انهن بزرگن جي قبرن تي بہ رحمتِ الٰهي جو خزينو ضرور نازل ٿيندو. ۽ جڏهن بزرگن جي قبرن تي رحمتن جي برسات ٿيندي آهي تہ جيڪو مسلمان انهن مقدس قبرن وٽ حاضر ٿيندو ان تي بہ ضرور انوارِ رحمت جي برسات جا ڪجهہ قطرا وسي ئي ويندا، ڇو تہ جيڪو برسات ۾ بيهندو ضرور ان جا ڪپڙا ۽ بدن پُسندو، جيڪو درياء ۾ غوطو لڳائيندو ان جو بدن پاڻي مان تر ٿيندو، جيڪو عِطر جي دڪان تي ويهندو ضرور ان کي خوشبوء نصيب ٿيندي. تہ ثابت ٿيو تہ جيڪو بزرگن جي قبرن تي حاضري

ڏيندا ضرور اهي فيوض ۽ برڪتن جي دولت سان مالامال ٿيندا ۽ ضرور انهن تي خدا جي رحمتن جو نزول ٿيندو، جنهن سان انهن جون مصيبتون ۽ ڏُک ختم ٿي ويندا ۽ دين و دنيا جا فائدا حاصل ٿيندا.

(3) هي بہ معلوم ٿيو تہ جيڪي ماڻهو بزرگن جي تبرڪات يا انهن جي قبرن جي توهين ۽ بي ادبي ڪندا اُهي ضرور قهرِ قهار ۽ غضبِ جبار ۾ گرفتار ٿيندا، ڇوتہ قومِ عمالقہ جنهن ان صندوق جي بي ادبي ڪئي هئي انهن تي اهڙو قهرِ الٰهي نازل ٿيو جو اهي بلائن (مصيبتن) جي گهٽائي ۾ ڦٿڪڻ لڳا ۽ ڪافر هئڻ جي باوجود انهن هن ڳالهہ کي مڃيو تہ اسان تي بلائن ۽ وبائن جو حملو انهيءَ صندوق جي بي ادبي جي ڪري ٿيو آهي. تنهنڪري انهن ماڻهن ان مُقدس صندوق کي ڍڳا گاڏي ۾ چاڙهي بني اسرائيل جي ڳوٺ ڏانهن موڪلي ڇڏيو تہ جيئن اهي ماڻهو غَضَبِ اِلٰهي جي بلائن کان نجات حاصل ڪن.

(4) جڏهن ان صندوق جي برڪت سان بني اسرائيل کي جنگ ۾ فتح مبين ملندي هئي تہ ضرور بزرگن جي قبرن مان بہ مُؤمنن جون مشڪلاتون دفع ٿينديون ۽ مرادون پوريون ٿينديون ڇو تہ ظاهر آهي بزرگن جي لباس کان وڌيڪ رحمت جو اثر بزرگن جي بدن ۾ هوندو.

(5) هن واقعي مان اهو بہ معلوم ٿيو تہ جيڪا قوم سرڪشي ۽ گناهن جي طوفان ۾ مبتلا ٿي **الله** و رسول (عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي نافرمان ٿي ويندي آهي، ان قوم کان نعمتون گسيون وينديون آهن. جيئن توهان پڙهيو تہ جڏهن بني اسرائيل وارا سرڪش ٿي خدا جا نافرمان ٿي ويا ۽ قِسم قِسم جي بدڪارين ۾ مبتلا ٿي

www.dawateislami.net

گناهن جي سمنڊ ۾ غرق ٿي ويا ته انهن جي گناهن جي نحوستن انهن کي هي برو ڏينهن ڏيکاريو جو صندوقِ سکينه انهن وٽان قوم عمالقه جا ڪافر کڻي ويا ۽ بني اسرائيل ڪيترن ئي سالن تائين هن عظيم نعمت کان محروم ٿي ويا. ﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰی اَعْلَم﴾

## ﴿11﴾ ذَبح ٿي زنده ٿيڻ وارا پکي

حضرت ابراهيم خليل الله عَلَيْهِ السَّلَام هڪ ڀيري الله تعالیٰ جي بارگاهه ۾ هي عرض ڪيو: يا الله! تون مونکي ڏيکار ته تون مُڙدن کي ڪيئن زنده فرمائيندين؟ ته الله تعالیٰ فرمايو: اي ابرهيم! ڇا ان تي تنهنجو ايمان ناهي، ته پاڻ عرض ڪيائون: ڇونه؟ آئون هن تي ايمان ته رکان ٿو، پر منهنجي خواهش هي آهي ته هن منظر کي پنهنجي اکين سان ڏسي وٺان ته جيئن منهنجي دل کي قرار اچي، ته الله تعالیٰ فرمايو: تون چار پکين کي پال ۽ انهن کي چڱي نموني ڪارائي پياري انهن جي پرورش ڪر، پوءِ تون انهن کي ذبح ڪري ۽ انهن جو قيمو ناهي پنهنجي آس پاس جي ڪجهه جبلن تي ٿورو ٿورو گوشت رکي ڇڏ. پوءِ انهن پکين کي سڏيو ته اهي پکي زنده ٿي ڊوڙندا تو وٽ اچي ويندا ۽ تون مُڙدن جي زنده ٿيڻ جو منظر پنهنجي اکين سان ڏسي وٺندين. پوءِ حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام هڪ مرغ، هڪ ڪبوتر، هڪ گِجهه، هڪ مور، هنن چار پکين کي پاليو. ۽ هڪ عرصي تائين انهن چئن پکين کي ڪارائي پياري هيرائي ڇڏيو. پوءِ انهن چئن پکين کي ذبح ڪري انهن جي منڊين کي پاڻ وٽ رکي ڇڏيو ۽ انهن چئني جو قيمو ناهي ٿورو ٿورو گوشت آس پاس جي جبلن تي رکي ڇڏيو ۽

پَري ڪان بيهي انهن پکين جا نالا وٺي سڏيو: يٰاَيُّهَا الدِّيْكُ (اي مرغ) يٰاَيَّتُهَا الْحَمَامَةُ (اي ڪبوتر) يٰاَيُّهَا النَّسْرُ (اي ڳجهه) يٰاَيُّهَا الطَّاؤُسُ (اي مور) سندن سڏ تي يڪدم جبلن تان گوشت جو قيمون اُڏامڻ شروع ٿي ويو ۽ هر پکي جو گوشت، هڏي، پَرَ وغيره جدا ٿي چار پکي تيار ٿي ويا ۽ اهي چارئي پکي بغير منڍين جي ڊوڙندي حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام وٽ اچي ويا ۽ پنهنجي منڍين سان جُڙي داٽا چُڳڻ لڳا ۽ پنهنجي پنهنجي بولي بولڻ لڳا ۽ حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجي اکين سان مُڙدن جي زنده ٿيڻ جو منظر ڏسي ورتو ۽ انهن جي دل کي اطمينان ۽ قرار ملي ويو. هن واقعي جو ذڪر الله تعالٰي قرآن مجيد جي سورهٔ بقره ۾ هنن لفظن سان بيان فرمايو آهي:

وَ اِذْ قَالَ اِبْرٰهٖمُ رَبِّ اَرِنِيْ كَيْفَ تُحْيِ الْمَوْتٰى ؕ قَالَ اَوَ لَمْ تُؤْمِنْ ؕ قَالَ بَلٰى وَلٰكِنْ لِّيَطْمَىٕنَّ قَلْبِيْ ؕ قَالَ فَخُذْ اَرْبَعَةً مِّنَ الطَّيْرِ فَصُرْهُنَّ اِلَيْكَ ثُمَّ اجْعَلْ عَلٰى كُلِّ جَبَلٍ مِّنْهُنَّ جُزْءًا ثُمَّ ادْعُهُنَّ يَاْتِيْنَكَ سَعْيًا ؕ وَاعْلَمْ اَنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿۲۶۰﴾ (پ 3 البقرة: 260)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ جڏهن اِبراهِيم عرض ڪيو اي مُنهنجا رب مُون کي ڏيکار تُون مُئل ڪيئن جيارينديِن، فرمايائين ڇا توکي يقِين نہ آهي، عرض ڪيائين يقِين ڇو نہ آهي، پر ڳُهران ٿو تہ مُنهنجي دل کي قرار اچي وڃي، فرمايائين تہ چڱو چار پکِي وٺِي پاڻ سان مانُوس ڪر، پوءِ اُنهن جو هِڪ هِڪ ٽُڪر هر هڪ پهاڙ تي رک پوءِ اُنهن کي سڏ تہ اُهي تو ڏانهن هلِي ايندا ڊُڪندي ۽ يقِين رک تہ الله غالِب حِڪمت وارو آهي.

**درس هدايت:** ذڪر ڪيل قرآني واقعي ۾ هيٺ ڏنل معاملن تي

خاص طور روشني پوي ٿي. هنن کي غور سان پڙهو ۽ هدايت جو نور حاصل ڪريو ۽ ٻين کي بہ روشني ڏيکاريو.

**مڙدن کي پڪارڻ:** چئني پکين جو قيمو ناهي حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جبلن تي رکي ڇڏيو هو. پوءِ **الله** تعالٰي جو حڪم ٿيو: ﴿ثُمَّ ادْعُهُنَّ﴾ يعني هنن مڙدهہ پکين کي سڏيو. پوءِ پاڻ چئني کي نالو وٺي سڏيو تہ هن مان اهو مسئلو ثابت ٿي ويو تہ مڙدن کي سڏڻ شرڪ ناهي، ڇو تہ جڏهن مڙدهہ پکين کي **الله** تعالٰي سڏڻ جو حڪم فرمايو ۽ هڪ جليل القدر پيغمبر انهن مڙدن کي سڏيو تہ هرگز هرگز هي شرڪ نٿو ٿي سگهي. ڇوتہ **الله** تعالٰي ڪڏهن بہ ڪنهن کي شِرڪ جو حڪم نہ ڏيندو نہ ڪو نبي هرگز هرگز ڪڏهن شرڪ جو ڪم ڪري سگهي ٿو، تہ جڏهن مُئل پکين کي سڏڻ شرڪ ناهي تہ وفات ڪيل خدا جي ولين ۽ شهيدن کي سڏڻ ڪيئن شرڪ ٿي سگهي ٿو، جيڪو ولين ۽ شهيدن جي سڏڻ کي شرڪ چوندا آهن ۽ ”يا غوث“ جو نعرو لڳائڻ وارن کي مشرڪ چوندا آهن، انهن کي ٿوري دير سر جُهڪائي سوچڻ گهرجي تہ هن قرآني واقعي جي روشني ۾ انهن کي هدايت جو نور نظر اچي وڃي ۽ اهي اهلسنّت جي طريقي تي صراط مستقيم جي رستي تي هلڻ لڳن. ﴿وَاللّٰهُ الْمُوَفِّق﴾

**تصوف جو هڪ نڪتو:** حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جن چئن پکين کي ذبح ڪيو انهن مان هر پکي هڪ بُري خصلت ۾ مشهور آهي، مثلاً مور کي پنهنجي شڪل ۽ صورت جي خوبصورتي تي گهمنڊ رهندو آهي ۽ مرغ ۾ ڪثرتِ شهوت جي بُري خصلت آهي ۽ ڳِجهہ ۾ لالچ جي بُري خصلت آهي ۽ ڪبوتر کي پنهنجي بلند اُڏام تي

غرور ۽ وڏائي هوندي آهي تہ انهن چئني پکين جي ذبح ڪرڻ مان انهن چئني خصلتن کي ذبح ڪرڻ ڏانهن اشارو آهي تہ چار ئي پکي ذبح ڪيا ويا تہ حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام کي مڙدن جي زنده ٿيڻ جو منظر نظر آيو ۽ انهن جي دل ۾ نور اطمينان جي تجلّي ٿي. جنهن سبب انهن کي نفسِ مطمئنہ جي دولت ملي وئي تہ جيڪو شخص اهو چاهي ٿو تہ ان جي دل زنده ٿي وڃي ۽ ان کي نفسِ مُطمَئِنہ جي دولت نصيب ٿئي ان کي گهرجي تہ مرغ ذبح ڪري يعني پنهنجي شهوت تي ڇُري ڦيري ۽ مور کي ذبح ڪري يعني پنهنجي شڪل۽ صورت ۽ لباس جي گهمند کي ذبح ڪري ڇڏي ۽ ڳجهہ کي ذبح ڪري يعني حرص ۽ لالچ جو ڳلو ڪپي ڇڏي ۽ ڪبوتر کي ذبح ڪري يعني پنهنجي بلند اڏام ۽ وڏن مرتبن جي غرور۽ تڪبر تي ڇُري هلائي. جيڪڏهن ڪو انهن چئن بري خصلتن کي ذبح ڪري ڇڏيندو تہ اِنْ شَآءَاللّٰه تعالٰي اهو پنهنجي دل جي زنده ٿيڻ جو منظر پنهنجي اکين سان ڏسي وٺندو ۽ ان کي نفسِ مطمئنہ جي سرفرازي جو شرف حاصل ٿي ويندو. ﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰی اَعْلَم﴾

(تفسير جمل،ج 1 ص 328 پ 3 البقرة: 260)

## ﴿12﴾ طالوت جي بادشاهي

بني اسرائيل جو نظام ائين هلندو هو جو هميشہ انهن ۾ هڪ بادشاهہ هوندو هو. جيڪو ملڪي نظام هلائيندو هو ۽ هڪ نبي هوندو هو جيڪو نظام شريعت ۽ ديني امور جي هدايت ۽ رهنمائي ڪندو هو. ۽ اهو دستور هلندو آيو هو تہ بادشاهي يهودا بن يعقوب عَلَيۡهِ السَّلَام جي خاندان ۾ رهندي هئي ۽ نبوّت لاوي بن يعقوب عَلَيۡهِ السَّلَام جي خاندان جو طرهء امتياز هو. حضرت شمويل عَلَيۡهِ السَّلَام جڏهن نبوّت سان سرفراز ڪيا ويا تہ انهن جي زماني ۾ ڪو بہ بادشاهہ

نہ هو تہ بني اسرائيل وارن سندن کي درخواست ڪئي تہ ڪنهن کي اسان جو بادشاھ بڻايو تہ پاڻ الله تعالٰي جي حڪم مطابق ”طالوت“ کي بادشاھ بڻائي ڇڏيو جيڪو بني اسرائيل ۾ سڀ کان وڏيڪ طاقتور ۽ سڀ کان وڏو عالم هو، پر تمام گھڻو غريب ۽ مفلس هو. ڇمڙو پچائي يا ٻڪريون چاري زندگي جو گذر ڪندو هو. هن تي بني اسرائيل کي اعتراض ٿيو تہ طالوت شاهي خاندان مان نہ آهي تنهنڪري هي ڇو ۽ ڪيئن اسان جو بادشاھ ٿي سگھي ٿو هن کان وڏيڪ تہ بادشاهت جا حق دار اسان آهيون ڇو تہ اسان شاهي خاندان مان آهيون. ۽ ٻيو طالوت وٽ ڪجھ وڏيڪ مال بہ ناهي، هڪ غريب ۽ مفلس انسان شاهي تخت جي لائق ڪيئن ٿي سگھي ٿو. بني اسرائيل جي هنن اعتراضن جو جواب ڏيندي حضرت شمويل عَلَيۡهِ السَّلَام هي تقرير فرمائي:

**ترجموڪنزالايمان:** فرمايائين اُن کي الله اوهان تي چُونديو آهي ۽ اُن کي عِلم ۽ جِسم ۾ وڌيڪ ڪُشادگِي ڏِني اٿس ۽ الله جِنهن کي چاهي پنهنجو مُلڪ ڏيندو آهي ۽ الله وُسعت وارو عِلم وارو آهي. ۽ اُنهن جي نبِي کين فرمايو تہ بيشڪ اُن جِي بادشاهيءَ جِي نِشاني توهان وٽ تابُوت جو اچڻ آهي جِنهن ۾ اوهان جي پالڻهار طرفان دِلين جِي تسڪِين آهي. (پ 2 البقرة: 247، 248)

پوءِ ٿوري ئي دير کان پوءِ چار ملائڪ صندوق کڻي آيا ۽ صندوق کي حضرت شمويل عَلَيۡهِ السَّلَام وٽ رکي ڇڏيو. اهو ڏسي تمام بني اسرائيل طالوت جي بادشاهي کي تسليم ڪري ورتو ۽ پاڻ بادشاھ بڻجي نہ صرف ملڪي انتظام سنڀاليو بلڪ بني اسرائيل جي فوج ڀرتي ڪري قوم عمالقہ جي ڪافرن سان جنگ بہ ڪئي.

الله تعالٰي هن واقعي جو ذڪر قرآن مجيد ۾ ڪندي هن طرح ارشاد فرمايو، جنهن جو ترجمو هي آهي:

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ اُنھن کي سندن نبِي فرمايو تہ بيشڪ **الله** طالُوت کي توھان جو بادشاھ ڪري موڪليو، چياڻون اُن جي ڪيئن اسان تي بادشاھِي ٿيندي ۽ اسان کانئس وڌيڪ بادشاھيءَ جا حقدار آھيُون ۽ اُن کي تہ مال جِي گھڻائِي بہ ڪونہ ڏنِي ويئِي آھي، فرمايائين اُن کي **الله** اوھان تي چُونڊيو آھي ۽ اُن کي عِلم ۽ جِسم ۾ وڌيڪ ڪُشادگِي ڏنِي اٿس ۽ **الله** جِنھن کي وٽيس پنھنجو مُلڪ ڏيندو آھي ۽ **الله** وُسعت وارو عِلم وارو آھي. ۽ اُنھن جي نبِي کين فرمايو تہ بيشڪ اُن جي بادشاھِيءَ جِي نِشاني توھان وٽ تابُوت جو اچڻ آھي جِنھن ۾ اوھان جي پالڻھار طرفان دِلين جِي تسڪِين آھي ۽ عزت ماب مُوسيٰ ۽ عزت ماب ھارون جِي ترڪَي جُون ڪُجھ بچيل شيُون آھِن اُن کي مَلائِڪ کڻِي ايندا بيشڪ اُن ۾ اوھان لاءِ وڏِي نِشانِي آھي جيڪڏھن اِيمان وارا آھيو. (پ 2 البقرة: 247، 248)

**درسِ ھدايت:** (1) ھن واقعي مان جتي گھڻن مسئلن تي روشني پوي ٿي، اتي ھڪ تمام ئي واضح درس ھي ملي ٿو تہ **الله** تعالٰي جي فضل ۽ ان جي نوازش جي ڪا حد ناھي. اھو چاھي تہ ننڍي کان ننڍي شخص کي منٽن بلڪ سيڪنڊن ۾ وڏي کان وڏو شخص بڻائي ڇڏي. ڏسو حضرت طالوت ھڪ تمام گھٽ درجي جو ماڻھو ھئو ۽ ايترا مفلس ھئا جو يا تہ دبگر(جانورن جي کلن کي سڪائڻ وارا) ھئا جيڪي چمڙي کي دباغت ڏيئي پنھنجي روزي ڪمائندا ھئا يا ٻڪريون چاري ان جي اجرت مان گذر بسر ڪندا ھئا پر ھڪ لمحي ۾ **الله** تعالٰي انھن کي سلطنت ڏئي بادشاھ بڻائي ڇڏيو.

(2) ھن واقعي مان ۽ قرآن مجيد جي عبارت مان معلوم ٿيو تہ جِسماني تَوانائي ۽ عِلم جي وُسعَت بادشاھي جي لاءِ مالداري کان وڌيڪ ضروري آھي چوتہ بنا جسماني طاقت ۽ علم جي ملڪي نظام کي ھلائڻ ۽ سلطنت جو انتظام سنڀالڻ تقريبًا محال ۽ نا ممڪن آھي. ان مان ظاھر ٿيو تہ علم جو درجو مال کان تمام وڏو آھي. ﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰى اَعْلَم﴾

## ﴿13﴾ حضرت داؤد عَلَيۡهِ السَّلَام ڪيئن بادشاھ ٿيا؟

جڏهن طالوت بني اسرائيل جا بادشاھ ٿيا تہ پاڻ بني اسرائيل کي جهاد جي لاءِ تيار ڪيو ۽ هڪ ڪافر بادشاھ ”جالوت“ سان جنگ ڪرڻ لاءِ پنهنجي فوج وٺي ميدان جنگ ۾ نڪتا. جالوت وڏو قد آور ۽ نهايت ئي طاقتور بادشاھ هو، اهو پنهنجي مٿي تي جيڪا لوهي ٽوپي پائيندو هو ان جو وزن ٽي سو رطل هو. جڏهن ٻنهي فوجن جنگ جي ميدان ۾ لڙائي لاءِ صف بندي ڪئي تہ حضرت طالوت پنهنجي لشڪر ۾ هي اعلان ڪيو: جيڪو شخص جالوت کي قتل ڪندو، آئون پنهنجي شهزاديءَ جو نڪاح ان سان ڪري ڇڏيندس ۽ پنهنجي اڌ سلطنت بہ ان کي عطا ڪري ڇڏيندس. هي فرمانِ شاهي ٻُڌي حضرت داؤد عَلَيۡهِ السَّلَام اڳيان وڌيا ۽ جيڪي اجا تمام ننڍي عمر جا هئا ۽ بيماري سبب سندن چهرو زرد ٿي رهيو هو، غربت ۽ مفلسي جو هي عالم هو جو ٻڪريون چاري ان جي اجرت مان گذر ڪندا هئا. روايت آهي تہ جڏهن حضرت داؤد عَلَيۡهِ السَّلَام گهر مان جنگ جي لاءِ نڪتا هئا تہ رستي ۾ هڪ پٿر هي چيو: حضرت داؤد! مونکي کڻي وٺو چو تہ آئون حضرت موسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام جو پٿر آهيان. پوءِ ٻئي پٿر سندن کي سڏيو: اي حضرت داؤد! مون کي کڻي وٺو چوتہ آئون حضرت هارون عَلَيۡهِ السَّلَام جو پٿر آهيان. وري ٽئي پٿر پاڻ کي سڏي عرض ڪيو: اي حضرت داؤد! مونکي کڻي وٺو چوتہ آئون جالوت جو قاتل آهيان. پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام انهن ٽنهي پٿرن کي کڻي پنهنجي جهولي ۾ رکي ڇڏيو. جڏهن جنگ شروع ٿي تہ حضرت داؤد عَلَيۡهِ السَّلَام پنهنجي گوڦڻ کڻي صفن کان اڳتي وڌيا ۽ جڏهن جالوت تي سندن نظر پئي تہ تہ پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام انهن ٽنهي پٿرن کي پنهنجي گوڦڻ ۾ رکي ۽ ﴿بِسۡمِ اللّٰه﴾ پڙهي گوڦڻ

مان ٽنهي پٿرن کي جالوت تي اُڇلايو ۽ هي ٽئي پٿر وڃي جالوت جي نَڪَ ۽ کوپڙي تي لڳا ۽ ان جي مغز کي پاش پاش ڪري مٿي جي پويان ڪان نڪري ٽيهه جالوتين کي لڳا ۽ سڀ جا سڀ قتل ٿي ڪري پيا. پوءِ حضرت داؤد عَلَيۡهِ السَّلَام جالوت جي لاش کي گهليندي پنهنجي بادشاهه حضرت طالوت جي قدمن ۾ رکي ڇڏيو، ان تي حضرت طالوت ۽ بني اسرائيل وارا تمام گهڻو خوش ٿيا.

جالوت جي قتل ٿيڻ کان پوءِ ان جو لشڪر ڀڄي ويو ۽ حضرت طالوت کي فتح مبين ملي وئي ۽ پنهنجي اعلان جي مطابق حضرت طالوت حضرت داؤد عَلَيۡهِ السَّلَام سان پنهنجي ڌيءَ جو نڪاح ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي اڌ سلطنت جو انهن کي سلطان بڻائي ڇڏيو. پوءِ پوري چاليهه سالن کان بعد جڏهن بادشاهه حضرت طالوت جي وفات ٿي تہ حضرت داؤد عَلَيۡهِ السَّلَام سڄي سلطنت جا بادشاهه ٿي ويا ۽ جڏهن حضرت شمويل عَلَيۡهِ السَّلَام جي وفات ٿي وئي تہ الله تعالٰي حضرت داؤد عَلَيۡهِ السَّلَام کي سلطنت سان گڏ نُبُوّت سان بہ نوازي ڇڏيو. پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام کان پهرين سلطنت ۽ نبوّت بَئي اعزاز گڏ ڪنهن کي بہ نہ مليا هئا. پاڻ ئي پهريان شخص آهن جو انهن ٻنهي عُهدن تي فائز ٿي ستر سالن تائين سلطنت ۽ نبوّت ٻنهي منصبن جا فرض ادا ڪندا رهيا ۽ اوهان کان بعد سندن فرزند حضرت سليمان عَلَيۡهِ السَّلَام کي بہ الله تعالٰي سلطنت ۽ نبوّت ٻنهي مرتبن سان سرفراز فرمايو. (تفسير جمل علي الجلالين ج 1 ص 308 پ 2 البقرة: 251) هن واقعي جو اجمالي بيان قرآن مجيد جي سورهٔ بقره ۾ هن طرح آهي:

وَ قَتَلَ دَاوٗدُ جَالُوۡتَ وَاٰتٰىهُ اللّٰهُ الۡمُلۡكَ وَ الۡحِكۡمَةَ وَعَلَّمَهٗ مِمَّا يَشَآءُ ؕ

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ داؤد جالُوت کي قتل ڪيو ۽ الله اُن کي حُڪومت ۽ حِڪمت عطا فرمائِي ۽ جيڪِو چاهيو اُن کي سيکاريو. (پ 2 البقرة: 251)

**حضرت داؤد عَلَيۡهِ السَّلَام جي روزي جو ذريعو:** حضرت داؤد عَلَيۡهِ السَّلَام هڪ عظيم سلطنت جي بادشاهه هئڻ جي باوجود سڄي عمر پنهنجي هٿ جي دستڪاري جي ڪمائي مان پنهنجو گذر بسر ڪندا رهيا. اللّٰه تعالٰي کيس هي معجزو عطا فرمايو هو جو پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام لوهه کي هٿ ۾ کڻندا هئا ته اهو ميڻ وانگر نرم ٿي ويندو هو ۽ پاڻ ان مان زِرهون ناهيندا هئا ۽ انهن کي وِڪڻي ان رقم کي پنهنجي روزي جو ذريعو بڻايو هو ۽ اللّٰه تعالٰي کيس پکين جي ٻولي سيکاري هئي. (روح البيان ج 1 ص 391 پ 2 البقرة: 251)

**درس هدايت:** (1) حضرت طالوت جي واقعي وانگر حضرت داؤد عَلَيۡهِ السَّلَام جي مقدس زندگي مان اهو ئي سبق ملي ٿو ته اللّٰه تعالٰي جڏهن پنهنجو فضل ۽ ڪرم ڪندو آهي ته هڪ پَل ۾ رائي کي جبل ۽ ذري کي سج بڻائي ڇڏيندو آهي. غور ڪريو ته حضرت داؤد عَلَيۡهِ السَّلَام هڪ ننڍي عمر جا ڇوڪرا هئا ۽ پاڻ نهايت مفلس ۽ هڪ غريب پيءُ جا پُٽ هئا. پر اوچتو اللّٰه تعالٰي انهن کي ڪيتري عظيم ۽ وڏي مرتبن ۽ درجن جي اعزاز سان سرفراز فرمائي ڇڏيو جو انهن جي مٿي تي شاهي تاج رکي انهن کي بادشاهه بڻائي ڇڏيو. ۽ هڪ بادشاهه جي شهزاديءَ سندن نڪاح ۾ آئي ۽ پوءِ نُبُوّت جو بلند مرتبو انهن کي عطا فرمائي ڇڏيو، ان کان وڏيڪ انسان لاءِ ڪو به بلند مرتبو ٿي ئي نٿو سگهي. وري اللّٰه تعالٰي جي قدرت قاهره جو جلوو ڏسو ته جالوت جهڙي جابر ۽ طاقتور بادشاهه جو قاتل حضرت داؤد کي بڻائي ڇڏيو، جيڪي هڪ ننڍڙا ٻار ۽ بيمار هئا ۽ اهو به انهن جي ٽن پٿرن سان قتل ٿيو. حالانڪ جالوت جي سامهون انهن ننڍي ننڍي ٽن پٿرن جي ڇا حقيقت هئي؟ جڏهن ته

اهو ٽي سو رِطل وزن جي فولادي ٽوپي پهريل هو. پر حقيقت ته اها آهي ته الله تعالٰي جيڪڏهن چاهي ته هڪ ڪِولِ (ماڪوڙي) کي هاٿي تي غالب ڪري ڇڏي ۽ الله تعالٰي جيڪڏهن چاهي ته هاٿي هڪ ماڪوڙي ڪِولِ کي ڪجهه به نٿو ڪري سگهي.

(2) بيان ڪيل واقعي ۾ توهان پڙهيو ته طالوت چمڙو بنائڻ جو پيشو ڪندا هئا يا ٻڪريون چاريندا هئا ۽ حضرت داؤد عَلَيْهِ السَّلَام به پهريان ٻڪريون چاريندا هئا ۽ پوءِ جڏهن الله تعالٰي انهن کي بادشاهه بڻائي ڇڏيو ۽ نبوّت جي شرف سان به نوازيو ته انهن پنهنجي روزي جو ذريعو زِرهون بنائڻ واري پيشي کي بڻايو. هن مان معلوم ٿيو ته رزق حلال طلب ڪرڻ لاءِ ڪو پيشو اختيار ڪرڻ چاهي اهو دٻگري هجي يا ٻڪرار هجي يا لوهار هجي يا ڪپڙو ناهڻ هجي، الغرض ڪو به پيشو هرگز نه ذليل آهي نه انهن پيشن جي ذريعي روزي حاصل ڪرڻ وارڻ جي لاءِ ڪا ذِلَت آهي. جيڪي ماڻهو بنڪرن ۽ ٻين پيشي وارن کي صرف انهن جي پيشي جي ڪري انهن کي ذليل ۽ حقير سمجهندا آهن اهي نهايت جهالت ۽ گمراهي جي کڏ ۾ ڪريل آهن. حلال رزق حاصل ڪرڻ لاءِ ڪو جائز پيشو اختيار ڪرڻ هي انبياء، مرسلين ۽ صالحين جو مقدس طريقو آهي. تنهنڪري ڪڏهن به پيشي واري مسلمان کي حقير ذليل شمار نه ڪرڻ گهرجي، بلڪ حقيقت ته هي آهي ته پيشي وارو مسلمان انهن ماڻهن کان هزارين درجا بهتر آهي جيڪي سرڪاري نوڪرين ۾ رشوتن ۽ ڏوڪي جي ذريعي پيسا حاصل ڪري پنهنجو پيٽ پاليندا آهن ۽ پاڻ کي شريف هئڻ جو دعويٰ ڪندا آهن. شرعًا ان کان وڌيڪ ذليل ڪير هوندو جنهن جي ڪمائي حلال نه هجي يا شڪ واري هجي. (﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰی اَعْلَم﴾)

## ﴿14﴾ محراب مريم

حضرت عيسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام جي والده ماجده حضرت مريم (رَضِیَ اللّٰه تَعَالٰی عَنۡهَا) جي والد جو نالو ”عمران“ ۽ ماءُ جو نالو ”حنہ“ هو. جڏهن بي بي مريم پنهنجي ماءُ جي پيٽ ۾ هئي ان وقت سندن امڙ اها باس باسي هئي تہ جيڪو ٻار پيدا ٿيندو آئون ان کي بيت المُقَدَس جي خدمت جي لاءِ آزاد ڪري ڇڏيندس. پوءِ جڏهن حضرت مريم رَضِیَ اللّٰه تَعَالٰی عَنۡهَا پيدا ٿيون تہ سندن امڙ انهن کي بيت المقدس ۾ وٺي وئي. ان وقت بيت المقدس جي عالمن ۽ عابدن جا امام حضرت زڪريا عَلَيۡهِ السَّلَام هئا جيڪي حضرت مريم رَضِیَ اللّٰه تَعَالٰی عَنۡهَا جا ماسڙ هئا. حضرت زڪريا عَلَيۡهِ السَّلَام حضرت مريم رَضِیَ اللّٰه تَعَالٰی عَنۡهَا کي پنهنجي ڪَفالت ۽ پرورش ۾ ورتو ۽ بيت المقدس جي مٿين منزل ۾ سيني منزلن کان الڳ هڪ محراب ٺاهي حضرت مريم رَضِیَ اللّٰه تَعَالٰی عَنۡهَا کي ان محراب ۾ رهايو. پوءِ حضرت مريم رَضِیَ اللّٰه تَعَالٰی عَنۡهَا ان محراب ۾ اڪيلي خدا جي عبادت ۾ مصروف رهڻ لڳيون ۽ حضرت زڪريا عَلَيۡهِ السَّلَام صبح ۽ شام محراب ۾ انهن جي خبر چار ۽ کائڻ پيئڻ جو انتظام ڪرڻ لاءِ ايندا ويندا هئا.

ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ حضرت مريم رَضِیَ اللّٰه تَعَالٰی عَنۡهَا جي محراب جي اندر هي ڪرامت ظاهر ٿي تہ جڏهن حضرت زڪريا عَلَيۡهِ السَّلَام محراب ۾ ويندا هئا تہ اُتي سردي جا ميوا گرمي ۾ ۽ گرمي جا ميوا سردي ۾ ڏسندا هئا. حضرت زڪريا عَلَيۡهِ السَّلَام حيران ٿي پُڇندا هئا تہ اي مريم! هي توهان وٽ ميوا ڪٿان ايندا آهن؟ تہ حضرت مريم رَضِیَ اللّٰه تَعَالٰی عَنۡهَا هي جواب ڏينديون هيون تہ هي ميوا اللّٰه تعالٰي جي طرف کان ايندا آهن ۽ اللّٰه تعالٰي جنهن کي چاهي ٿو بغير

حساب روزي عطا فرمائي ٿو.

حضرت زڪريا ڪي الله تعالٰي نبوّت جي شرف سان نوازيو هو پر انهن جو ڪو اولاد نہ هو ۽ اهي بلڪل ضعيف ٿي ويا هئا. سالن کان سندن دل ۾ فرزند جي خواهش هئي ۽ ڪيترا ئي ڀيرا انهن روئي روئي خدا کان پُٽ جي لاءِ دعا بہ گُهري هئي پر خدا جي شانِ بي نيازي جو انهن کي ڪو فرزند نہ ٿيو، جڏهن انهن حضرت مريم رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهَا جي محراب ۾ هيءَ ڪرامت ڏٺي تہ اُتي بنا موسم جي ميوو اچي ٿو تہ ان وقت انهن جي دل ۾ اهو خيال آيو تہ منهنجي عمر هاڻي ايتري ڪمزور ٿي وئي آهي جو اولاد جي ميوي جو موسم ختم ٿي ويو آهي. پر اهو الله عَزَّوَجَلَّ جيڪو حضرت مريم رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهَا جي محراب ۾ بي موسم ميوا عطا فرمائي ٿو اهو قادر آهي تہ مون کي بہ بي موسم جي اولاد جو ميوو عطا ڪري. پوءِ پاڻ مريم جي محراب ۾ دعا گُهري ۽ سندن دعا قبول ٿي ۽ الله تعالٰي پوڙهاپ ۾ کين هڪ فرزند عطا فرمايو، جن جو نالو خود الله تعالٰي "يحيٰي" رکيو ۽ الله تعالٰي انهن کي نُبُوَّت جو شرف بہ عطا فرمايو. قرآن مجيد ۾ الله تعالٰي هن واقعي کي هيئن بيان فرمايو:

كُلَّمَا دَخَلَ عَلَيْهَا زَكَرِيَّا الْمِحْرَابَ ۙ وَجَدَ عِنْدَهَا رِزْقًا ۚ قَالَ يٰمَرْيَمُ اَنّٰى لَكِ هٰذَا ؕ قَالَتْ هُوَ مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يَرْزُقُ مَنْ يَّشَآءُ بِغَيْرِ حِسَابٍ ﴿۳۷﴾ هُنَالِكَ دَعَا زَكَرِيَّا رَبَّهٗ ۚ قَالَ رَبِّ هَبْ لِيْ مِنْ لَّدُنْكَ ذُرِّيَّةً طَيِّبَةً ۚ اِنَّكَ سَمِيْعُ الدُّعَآءِ ﴿۳۸﴾ فَنَادَتْهُ الْمَلٰٓئِكَةُ وَهُوَ قَآئِمٌ يُّصَلِّيْ فِي

الْمِحْرَابِ ۙ اَنَّ اللّٰهَ يُبَشِّرُكَ بِيَحْيٰى مُصَدِّقًا بِكَلِمَةٍ مِّنَ اللّٰهِ وَ سَيِّدًا
وَّحَصُوْرًا وَّ نَبِيًّا مِّنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿۳۹﴾ (پ 3 آل عمران: 37 تا 39)

**ترجموڪنزالايمان:** جڏهن زڪريا اُن وٽ اُن جي نماز پڙهڻ جِي جاءِ تي ويندو هو تہ اُن وٽ نئون رزق ڏِسندو هو، چيائين اي مريم هِي تو وٽ ڪِٿان آيو چوڻ لڳي هِيءَ الله جي طرفان آهي، بيشڪ الله جِنهن کي گهري بي حساب ڏي اُتي زڪريا پنهنجي رب کي سڏيو عرض ڪيائين اي مُنهنجا رب مُون کي پاڻ وٽان سُٺِي اولاد ڏي، بيشڪ تُون ئِي آهين دُعا ٻُڌندڙ تہ ملائِڪن اُن کي آواز ڏنو هِن حال ۾ جو ۽ اُهو پنهنجي نماز جي جاءِ تي نماز پڙهِي رهيو هو بيشڪ الله توهان کي خوشخبرِي ڏئي ٿو يحييٰ جِي، جو الله جي طرفان هِڪ ڪلمي جِي تصديق ڪندو ۽ سردار ۽ هميشہ جي واسطي عورتن کان بچندڙ ۽ نبِي اسان جي خاصن مان آهي.

**درس هدايت:** هن واقعي سان هيٺ ڏنل عبرتون ظاهر ٿين ٿيون جن مان هر مسلمان کي سبق حاصل ڪرڻ بيحد ضروري آهي.

حضرت مريم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا باڪرامت وليہ آهن، ذڪر ڪيل واقعي مان خبر پئي تہ حضرت مريم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا صاحبِ ڪَرامت ۽ ولايت جي مرتبي تي فائز آهن ڇو تہ خدا جي طرف کان انهن جي محراب ۾ ميوا ايندا هئا ۽ اهي بہ سِياري جا ميوا گرمين ۾ ۽ گرمين جا ميوا سِياري ۾ اها سندن تمام ئي عظيم الشان ۽ واضح ڪَرامت آهي جيڪا انهن جي ولايت جي شاهد عدل آهي.

**عبادت گاهہ مقامِ مقبوليت آهي:** انهي واقعي مان هي بہ ثابت ٿيو تہ الله وارا يا الله واريون جتي عبادت ڪن اها جڳهہ ايتري قدر مقدس ٿي ويندي آهي جو اتي رحمت خداوندي عَزَّوَجَلَّ جو نزول ٿيندو آهي ۽ اتي دعائون مقبول ٿينديون آهن جئين تہ حضرت زڪريا عَلَيْهِ السَّلَام جي دعا محرابِ مريم ۾ مقبول ٿي جڏهن تہ هو

پهرين بيت المقدس ۾ بار بار اها دعا گهري چڪا هئا پر انهن جي مراد پوري نه ٿي هئي.

**قبرن وٽ دعا:** جتي الله جا مقبول ٻانها ۽ الله جون مقبول ٻانهيون ڪجهه ڏينهن ويهي عبادت ڪن جڏهن انهن جڳهن تي دعائون مقبول ٿين ٿيون ته انهن مقبولانِ بارگاهِ الٰهي جي قبرن وٽ جتي انهن بزرگن جو سڄو جسم سالن جا سال رهيو آهي اتي به ضرور دعائون قبول ٿينديون، جيئن امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن جو بيان آهي ته جڏهن ڪنهن مسئلي جو حل مون لاءِ مشڪل ٿي ويندو هو ته آئون بغداد وڃي حضرت سيدنا امام اَبُو حَنِيفَه رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي قبر مبارڪ وٽ ويهي ڪري پنهنجي ۽ خدا جي وچ ۾ امام ممدوح جي مبارڪ قبر کي وسيلو بڻائي دعا ڪندو هئس ته منهنجي مراد پوري ٿي ويندي هئي ۽ مسئلو حل ٿي ويندو هو. (الخيرات الحسان، الفصل الخامس والثلاثون في تادب الائمة معه في مماته الخ ص 230)

(انهيءَ قسم جي واقعات جي لاءِ پڙهو اسان جو ڪتاب ”اولياء رجال الحديث و روحاني حڪايات“)

## ﴿15﴾ مقام ابراهيم

اهو هڪ مقدس پٿر آهي جيڪو ڪعبه معظم کان ڪجهه گز پري رکيل آهي، هي اهو ئي پٿر آهي جو جڏهن حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام مکي شريف جي تعمير فرمائي رهيا هئا ته جڏهن ديوارون مٿي کان بلند ٿي ويون ته انهيءَ پٿر تي بيهي پاڻ ڪعبي شريف جي ديوارن کي مڪمل ڪيو، اهو اوهان جو معجزو هو جو اهو پٿر ميڻ جيان نرم ٿي ويو ۽ اوهان جي بنهي مقدس پيرن جا هن پٿر تي نهايت چٽا نشان پئجي ويا، اوهان جي قدمن جي مبارڪ نشانن جي ڪري هن مبارڪ پٿر جي فضيلت ۽ عظمت ۾ اهڙو

اضافو ٿيو جو خداوند قدوس پنهنجي مقدس ڪتاب قرآن شريف ۾ بن جڳهن تي هن جي عظمت جو خطبو ارشاد فرمايو، هڪ جڳهه ارشاد ٿيو:

فِيۡهِ اٰيٰتٌۢ بَيِّنٰتٌ مَّقَامُ اِبۡرٰهِيۡمَ ۚ۬ (پ 4 آل عمران: 97)

يعني ڪعبي شريف ۾ خدا جون ڪيئي روشن ۽ واضح نشانيون آهن ۽ انهن نشانين مان هڪ وڏي نشاني "مقام ابراهيم" آهي ۽ ٻي جڳهه هن پٿر جي عظمت جو اعلان ڪندي اهو فرمايو ته

وَ اتَّخِذُوۡا مِنۡ مَّقَامِ اِبۡرٰهٖمَ مُصَلًّى ؕ (پ 1 البقره 125)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ ابراهيم جي بيهڻ جي جاءِ کي نماز پڙهڻ جي جاءِ مُقرر ڪري وٺو.

چار هزار سال جي وڏي عرصي کان هن بابرڪت پٿر تي حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام جي مبارڪ قدمن جا نشان موجود آهن، ايتري وڏي عرصي کان اهو پٿر کليل آسمان جي هيٺ زمين تي رکيل آهي، هن تي چار هزار سالن کان برساتون ٿيون هونديون، هزارين آنڌين جا جهٽڪا هن کي لڳا هوندا، ڪيئي ڀيرا حرم ڪعبه ۾ جابلو نالن مان برسات جو سيلاب آيو ۽ مقدس پٿر سيلاب جي تيز وهڪرن ۾ ٻڏل رهيو، ڪروڙين انسانن هن پٿر تي هٿ ڦيريو پر انهيءَ باوجود اڄ تائين حضرت ابراهيم خليل الله عَلَيۡهِ السَّلَام جي جليل القدر قدمن جا نشان هن پٿر تي باقي آهن، جيڪو بيشڪ حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام جو هڪ وڏو ۽ بيحد عظيم معجزو آهي، ۽ يقيناً اهو پٿر خداوند قدوس جي آيات بَيِّنات ۽ کليل روشن نشانين مان هڪ وڏي نشاني آهي، ۽ هن جي شان جو اهو عظيم الشان نشان هر

مسلمان جي لاءِ وڏي عبرت جو سامان آهي تہ خداوند قدوس سيني مسلمانن کي اهو حڪم ڏنو تہ توهان منهنجي مقدس گهر خانہ ڪعبہ جي طواف ڪان پوءِ هن پٿر وٽ بہ رڪعت نماز ادا ڪريو، توهان نماز تہ مون لاءِ پڙهندو ۽ سجدو منهنجو ادا ڪندا پر مون کي اهو محبوب آهي تہ سجدن جي وقت اوهان جي پيشاني هن مقدس پٿر وٽ زمين تي لڳي تہ جنهن پٿر تي منهنجي خليل حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي قدمن جو نشان بڻيل آهي.

**درس هدايت:** مسلمانو! مقام ابراهيم جي عظمت ۽ شان مان اهو سبق ملي ٿو تہ جنهن جڳهہ **اللّٰه** جي مقدس ٻانهن جو ڪو نشان موجود هجي اها جڳهہ **اللّٰه تعاليٰ** وٽ وڏي عزت ۽ **عظمت** واري آهي ۽ هن جڳهہ تي خدا جي عبادت خدا وٽ وڌيڪ بهتر ۽ محبوب تر آهي.

هاڻي غور ڪريو تہ مقام ابراهيم جڏهن خليل **اللّٰه** عَلَيْهِ السَّلَام جي قدمن جي نشانن جي ڪري ايترو معظم ۽ مڪرم ٿي ويو تہ خدا جي محبوب اڪرم ۽ حبيب معظم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قبر انور جي عظمت ۽ بزرگي ۽ ان جي تقدس ۽ شرف جو ڇا تہ عالم هوندو جتي حبيب خدا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو صرف نشان ئي نہ بلڪ خدا جي محبوب اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو سڄو جسم انور موجود آهي ۽ ان زمين جو ذرو ذرو انوارِ نُبُوَت جي تجلين سان رشڪِ آفتاب ۽ غيرت ماهتاب بڻيل آهي، مسلمانو! ڪاش قرآن شريف جون اهي آيتون ماڻهن ۾ ايماني بصيرت جو نور پيدا ڪن تہ جيئن ماڻهو قبر انور جي تعظيم وتڪريم ڪري ٻنهي جهان ۾ مڪرم ۽ معظم بڻجي وڃن، ۽ ان جي توهين ۽ بي ادبي ڪري

شيطان جي گمراهي واري چار ۾ نہ ڦاسن ۽ جهنّم جي ذِلت واري عذاب ۾ نہ پون، ۽ ڪاش انهن چمڪندڙ آيتن سان نجدين وهابين کي عبرت حاصل ٿئي جيڪي حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قبر انور کي مٽي جو ڍير چئي ان جي توهين ۽ بي ادبي ڪندا رهندا آهن ۽ گنبد خضراء کي ڊاهڻ ۽ ڪرائي پٽ ڪرڻ ۽ قبر جي نشان کي مٽائڻ جو پلان ناهيندا رهندا آهن. ﴿نَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنْه﴾

## ﴿16﴾ حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جا چار معجزا

حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام بني اسرائيل جي سامهون پنهنجي نبوت ۽ معجزات جو اعلان ڪندي اها تقرير فرمائي، جيڪا قرآن شريف جي سورهٔ آل عمران ۾ آهي:

وَ رَسُوْلًا اِلٰى بَنِیْۤ اِسْرَآءِیْلَ ۙ۬ اَنِّیْ قَدْ جِئْتُكُمْ بِاٰیَةٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ ۙ اَنِّیْۤ اَخْلُقُ لَكُمْ مِّنَ الطِّیْنِ كَهَیْــٴَـةِ الطَّیْرِ فَاَنْفُخُ فِیْهِ فَیَكُوْنُ طَیْرًۢا بِاِذْنِ اللّٰهِ ۚ وَ اُبْرِئُ الْاَكْمَهَ وَ الْاَبْرَصَ وَ اُحْیِ الْمَوْتٰى بِاِذْنِ اللّٰهِ ۚ وَ اُنَبِّئُكُمْ بِمَا تَاْكُلُوْنَ وَ مَا تَدَّخِرُوْنَ ۙ فِیْ بُیُوْتِكُمْ ؕ اِنَّ فِیْ ذٰلِكَ لَاٰیَةً لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِیْنَ ﴿۴۹﴾

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ رسُول ٿيندو بنِي اسرائِيل جي طرف هِي فرمائيندي تہ مان توهان وٽ هِڪ نِشاني آندِي آهي توهان جي رب جي طرفان جو مان توهان جي واسطي مِٽيءَ مان پکِي جِي شڪل ٺاهيندو آهيان پوءِ اُن ۾ ڦُوڪ هڻندو آهيان تہ اُهو فورًا پکِي ٿِي ويندو آهي الله جي حُڪم سان ۽ مان شِفا ڏيندو آهيان مادر زاد انڌي کي ۽ ڪوڙهہ واري کي ۽ مان مُئل جِيارِيندو آهيان الله جي حُڪم سان ۽ توهان کي ٻُڌائيندو آهيان جيڪِي توهان کائيندا آهيو ۽ جو ڪُجهہ توهان پنهنجي گهرن ۾ گڏ ڪندا آهيو بيشڪ اُنهن ڳالهين ۾ توهان جي واسطي وڏِي نِشاني آهي جيڪڏهن توهان اِيمان رکو ٿا. (پ 3 آل عمران: 49)

هن تقرير ۾ اوهان پنهنجي چئن معجزن جو اعلان فرمايو:

(1) مٽي مان پکي ٺاهي ان ۾ ڦوڪ هڻي انهن کي اڏائڻ.
(2) مادر زاد انڌن ۽ ڪوڙهه وارن کي شفا ڏيڻ.
(3) مڙدن کي زنده ڪرڻ.
(4) ۽ جيڪو ڪجهه کاڌو ۽ جيڪو ڪجهه گهرن ۾ لڪائي رکيو آهي ان جي خبر ڏيڻ.

هاڻي انهن معجزن جو ڪجهه تفصيل به پڙهو:

**مٽي جا پکي ٺاهي اڏائڻ:** جڏهن بني اسرائيل وارن اهو معجزو طلب ڪيو ته مٽي جا پکي ٺاهي انهن کي اڏايو، ته حضرت عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام مٽي مان چمڙو ٺاهي ان کي اڏايو، پاڻ پکين مان چمڙو انهيءَ ڪري چونڊيو جو پکين مان سڀ کان وڌيڪ مڪمل ۽ عجيب و غريب پکي آهي چوته ماڻهن جيان ان کي ڏند به ٿيندا آهن ۽ ماڻهن جيان کلندو به آهي، ۽ هي بنا پرن جي پنهنجي ٻانهن سان اڏامندو آهي ۽ اهو پکي جانورن جيان ٻچا به ڄڻندو آهي ۽ هن کي حيض به ايندو آهي، روايت آهي ته بني اسرائيل جيستائين چمڙن کي ڏسندا رهندا هئا ته اهي چمڙا اڏامندا رهندا هئا ۽ جڏهن اهي نظرن کان غائب ٿي ويندا هئا ته ڪري مري ويندا هئا، اهو ان ڪري ٿيندو هو جو خدا جي پيدا ڪيل ۽ خدا جي ٻانهي جا پيدا ڪيل پکين ۾ فرق ۽ امتياز باقي رهي. (روح البيان ج 2 ص 37، آل عمران: 49)

**مادرزاد انڌن کي شفا ڏيڻ:** روايت آهي ته هڪ ڏينهن ۾ پنجاهه انڌن ۽ ڪوڙهه وارن کي اوهان جي دعا سان ان شرط تي شفا حاصل ٿي ته اهي ايمان آڻيندا. (تفسير جمل ج 1 ص 419، پ 3 آل عمران: 49)

**مُڙدن کي زنده ڪرڻ:** روايت ۾ آهي تہ پاڻچئن مڙدن کي زنده ڪيو: (1) عاذر سندن دوست کي (2) هڪ پوڙهيءَ جي پٽ کي (3) هڪ عُشر جمع ڪرڻ واري جي ڌيءَ کي (4) حضرت سام بن نوح عَلَيۡهِ السَّلَام کي.

**عَاذر:** اهو حضرت عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جو مخلص دوست هو، جڏهن ان جو انتقال ٿيڻ لڳو تہ انهن جي ڀيڻ اوهان وٽ قاصد موڪليو تہ اوهان جو دوست مري رهيو آهي، ان وقت اوهان پنهنجي دوست سان ٽن ڏينهن جي مفاصلي تي هئا. عاذر جي انتقال ۽ دفن ڪان پوءِ حضرت عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام اتي پهتا ۽ عاذر جي قبر وٽ تشريف ڪٽي ويا ۽ عاذر کي پڪاريو تہ هو زنده ٿي پنهنجي قبر مان نڪري آيو ۽ سالن تائين زنده رهيو ۽ ان کي اولاد بہ ٿيو.

**پوڙهيءَ جو پٽ:** اهو مري ويو تہ ماڻهو ان جو جنازو ڪٽي ان کي دفن ڪرڻ جي لاءِ وڃي رهيا هئا. اوچتو حضرت عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جو اتان لنگهيا تہ هو سندن جي دعا سان زنده ٿي جنازي مان اٿي ويهي رهيو ۽ ڪپڙا پائي پنهنجي جنازي جي ڪٽ ڪٽي پنهنجي گهر آيو ۽ عرصي تائين زنده رهيو، ان کي اولاد بہ ٿيو.

**عَاشِر جي ڌيءَ:** هڪ ناڪي تي پيسا ګڏ ڪرڻ واري جي نياڻي ګذاري وئي، ان جي موت ڪان هڪ ڏينهن پوءِ حضرت عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جي دعا سان اها زنده ٿي وئي ۽ ڪيئي ڏينهن تائين زندھ رهي ۽ ان جا ڪيترا ئي ٻار پڻ ٿيا.

**حضرت سام بن نوح:** مٿي بيان ٿيل ٽنهي مڙدن کي اوهان زنده ڪيو تہ بني اسرائيل جي شريرن چيو تہ اهي ٽئي حقيقت ۾ مُئا ئي نہ هئا بلڪ انهن ٽنهي تي سڪتو طاري ٿي ويو، انهيءَ ڪري اهي هوش ۾ اچي ويا. تنهنڪري اوهان ڪنهن پراڻي مڙدي کي

زندھ ڪري اسان کي ڏيکاريو تہ پاڻ فرمايو: حضرت سام بن نوح عَلَيْهِ السَّلَام کي فوت ٿيندي چار هزار سال جو زمانو ٿي گذري چڪو آهي تہ اوهان ان جي قبر تي وٺي هلو مان ان کي خدا جي حڪم سان زندھ ڪيان ٿو تہ پاڻ ان جي قبر وٽ اسمِ اعظم پڙهيو تہ هڪدم حضرت سام بن نوح عَلَيْهِ السَّلَام قبر مان زنده ٿي ٻاهر نڪتا ۽ گھبرائيندي پڇيائون تہ ڇا قيامت قائم ٿي وئي؟ پوءِ اهي حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام تي ايمان آندوءِ ڪجھ دير کان پوءِ انهن جو انتقال ٿي ويو.

**جيڪو کاڌو ۽ لڪايو ان بابت خبر ڏيڻ:** حديث شريف ۾ آهي: حضرت سيِّدُنا عِيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجي مڪتب ۾ بني اسرائيل جي ٻارن کي اِنهن جا ماءُ پيءُ جيڪو ڪجھ کارائيندا هئا ۽ جيڪو ڪجھ لڪائيندا هئا اهو سڀ ڪجھ ٻڌائي ڇڏيندا هئا، جڏهن والدين ٻارن کان پڇا ڪيو تہ توهان کي انهن ڳالهين جي خبر ڪيئن ٿي پوي؟ تہ ٻارن چيو: اسان کي حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام مڪتب ۾ ٻڌائيندا آهن، اهو ٻڌي ماءُ پيءُ ٻارن کي مڪتب وڃڻ کان منع ڪري ڇڏيو ۽ چيائون تہ حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جادوگر آهن، جڏهن حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام ٻارن جي ڳولها ۾ ڳوٺ ۾ داخل ٿيا تہ بني اسرائيل ٻارن کي هڪ گهر ۾ لڪائي ڇڏيو ۽ چيو تہ ٻار هتي نہ آهن، پاڻ انهن کان پڇيو تہ گهر ۾ ڪير آهي؟ تہ شرارتين چيو تہ گهر ۾ سوئر ٻڌل آهن تہ پاڻ فرمايائون نيڪ، اهي سوئر ئي هوندا، ان کان پوءِ ماڻهن گهر جو در کوليو تہ گهر مان سوئر ئي نڪتا، هن ڳالھ جو بني اسرائيل ۾ چرچو ٿي ويو ۽ بني اسرائيل ڪاوڙ ۽ غصي مان حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي قتل جو منصوبو جوڙيو. اهو ڏسي حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي والده حضرت بيبي مريم رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا سندن کي ڳڏ وٺي مصر ڏانهن هجرت ڪيائون، اهڙي طرح پاڻ

شريرن جي شر کان محفوظ رهيا.

(تفسير جمل علي الجلالين ص 419، پ 3 آل عمران: 49)

## ﴿17﴾ حضرت عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام آسمان تي

حضرت عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جڏهن يهودين جي سامهون پنهنجي نُبُوَّت جو اعلان ڪيو ته يهودي جيئن ته تورات ۾ پڙهي چڪا هئا، حضرت عيسيٰ مسيح عَلَيۡهِ السَّلَام انهن جي دين کي منسوخ ڪندا، انهي ڪري يهودي اوهان جا دشمن ٿي ويا، ايستائين جو جڏهن حضرت عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام اهو محسوس ڪيو ته يهودي پنهنجي ڪفر تي قائم رهندا ۽ اهي مون کي قتل ڪندا ته هڪ ڏينهن پاڻ ماڻهن کي مخاطب ڪري فرمايو: مَنۡ اَنۡصَارِیۡۤ اِلَی اللّٰهِ ؕ ڪير مُنهنجا مددگار ٿين ٿا الله جي طرف. ٻارهن يا اوڻيهه حوارين چيو: نَحۡنُ اَنۡصَارُ اللّٰهِ ۚ اٰمَنَّا بِاللّٰهِ ۚ وَ اشۡهَدۡ بِاَنَّا مُسۡلِمُوۡنَ ﴿۵۲﴾ ترجموڪنزالايمان: اسان خُدا جي دِين جا مددگار آهيون، اسان الله تي اِيمان آندو ۽ توهان شاهد هُجو ته اسان مُسلمان آهيون.

باقي سمورا يهودي پنهنجي ڪفر تي قائم رهيا، ايستائين جو جوشِ عداوت ۾ انهن يهودين کين قتل ڪرڻ جو منصوبو ٺاهيو، ۽ يهودين هڪ شخص کي جنهن جو نالو ”ططيانوس“ هو اوهان جي گهر ۾ قتل ڪرڻ جي لاءِ موڪليو، ايتري ۾ اوچتو الله تعاليٰ حضرت جبرئيل عَلَيۡهِ السَّلَام کي هڪ بادل (يعني ننڍي ڪڪر) سان گڏ موڪليو. اهو بادل اوهان کي آسمان ڏانهن کڻي ويو، اوهان جي والده جوشِ محبت ۾ اوهان سان چنبڙي پئي ته پاڻ فرمايائون: امڙ سائڻ! هاڻ قيامت جي ڏينهن اسان جي ملاقات ٿيندي ۽ بادل سندن کي آسمان تي پهچائي ڇڏيو، اهو واقعو بَيتُ المُقَدَّس ۾ شب قدر

جي مبارڪ رات ۾ ٿيو، ان وقت سندن عمر علامہ جلال الدين سيوطي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي قول مطابق 33 سال هئي ۽ علامہ زرقاني (شارحِ مواهب) جي مطابق ان وقت اوهان جي عمر شريف هڪ سؤ ويهہ سال هئي ۽ حضرت علامہ جلال الدين سيوطي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه بہ آخر ۾ هن قول ڏانهن رجوع فرمايو.

(تفسير جمل علي الجلالين ج 1 ص 427 پ 3 آل عمران: 57)

”ططيانوس“ جڏهن گهڻي دير تائين ٻاهر نہ نڪتو تہ يهودين گهر ۾ وڃي ڏٺو تہ الله تعاليٰ ”ططيانوس“ کي حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي شڪل جو بڻائي ڇڏيو هو ۽ يهودين ططيانوس کي حضرت عيسيٰ سمجهي قتل ڪري ڇڏيو، ان کان پوءِ جڏهن ططيانوس جي گهر وارن غور سان ڏٺو تہ صرف چهرو حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جو هو باقي سڄو بدن ططيانوس ئي جو هو هن جي خاندان وارن چيو تہ جيڪڏهن اهي مري ويل حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام آهن تہ اسان جو ماڻهو ططيانوس ڪٿي آهي ۽ جيڪڏهن هي ططيانوس آهي تہ حضرت عيسي ڪيڏانهن ويا؟ ان تي خود يهودين ۾ جنگ جي نوبت اچي وئي ۽ خود يهودين هڪ ٻئي کي قتل ڪرڻ شروع ڪيو ۽ ڪوڙ سارا يهودي قتل ٿي ويا، خداوند قدوس قرآن شريف ۾ هن واقعي کي هن طرح بيان فرمايو آهي:

وَ مَكَرُوْا وَ مَكَرَ اللّٰهُ ؕ وَ اللّٰهُ خَيْرُ الْمٰكِرِيْنَ ﴿۵۴﴾ اِذْ قَالَ اللّٰهُ يٰعِيْسٰۤى اِنِّيْ مُتَوَفِّيْكَ وَ رَافِعُكَ اِلَيَّ وَ مُطَهِّرُكَ مِنَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَ جَاعِلُ الَّذِيْنَ اتَّبَعُوْكَ فَوْقَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْۤا اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ ۚ ثُمَّ اِلَيَّ مَرْجِعُكُمْ فَاَحْكُمُ بَيْنَكُمْ فِيْمَا كُنْتُمْ فِيْهِ تَخْتَلِفُوْنَ ﴿۵۵﴾ (پ 3 آل عمران:54، 55)

ترجموڪنزالايمان: ۽ ڪافِرن سازش ڪئِي ۽ الله اُنهن جي برباڍِي جِي مخفِي رِٿ فرمائِي ۽ الله سڀ کان بهتر مخفِي تدبير وارو آهي، ياد ڪريو جڏهن الله فرمايو اي عِيسيٰ مان توکي پُوري عمر تائين پُهچائيندس ۽ توکي پنهنجي طرف کڻِي وٺندس ۽ توکي ڪافِرن کان پاڪ ڪندس ۽ تُنهنجي پيروِي ڪندڙن کي قِيامَت تائين تُنهنجي منڪرن تي غلبو ڏيندُس پوءِ توهان سڀُورا مُنهنجي طرف موٽِي ايندؤ تہ مان توهان ۾ فيصلو ڪندُس اُن ڳالهہ بابت جِنهن ۾ توهان جهيڳڙو ڪيو ٿا.

حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي آسمان تي وڃڻ کان پوءِ حضرت مريم رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا ڇهن سالن تائين دنيا ۾ رهي ڪري انتقال ڪري وئي. (بخاري ۽ مسلم) جي روايت ۾آهي تہ قربِ قيامت جي وقت حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام زمين تي نازل ٿيندا ۽ نبي آخر الزمان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شريعت تي عمل ڪندا ۽ دجال ۽ سوئر کي قتل ڪندا، ۽ صَلِيب ٽوڙيندا ۽ ستن سالن تائين دنيا ۾ عدل فرمائي وفات ڪري ويندا ۽ مديني شريف ۾ گنبد خضرا جي اندر دفن ٿيندا.

(تفسير جمل علي الجلالين ج 1 ص 427، پ 3 آل عمران: 57)

۽ قرآن شريف ۾ عيسائين جو رد ڪندي هي بہ نازل ٿيو تہ

وَمَا قَتَلُوْهُ يَقِيْنًا ﴿۱۵۷﴾ بَلْ رَّفَعَهُ اللّٰهُ اِلَيْهِ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ عَزِيْزًا حَكِيْمًا ﴿۱۵۸﴾

(پ 6 النساء 157 کان 158)

ترجموڪنزالايمان: ۽ يقينن اُنهن اُن کي قتل نہ ڪيو. بلڪ الله اُن کي پنهنجي طرف کڻِي ورتو ۽ الله غالِب آهي حِڪمت وارو.

هن کان پهريان واري آيت ۾ آهي تہ

وَمَا قَتَلُوْهُ وَمَا صَلَبُوْهُ وَلٰكِنْ شُبِّهَ لَهُمْ ؕ

ترجموڪنزالايمان: اُنهن نہ اُن کي قتل ڪيو ۽ نہ اُن کي سُولِي چاڙهيائون بلڪ اُنهن جي واسطي اُن جِي صُورت جو هِڪ ٺاهيو ويو. (پ 6 النساء 157)

هن گفتگو جو خلاصو اهو آهي تہ حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام يهودين جي هٿان قتل نہ ٿيا آهن بلڪ الله عَزَّوَجَلَّ اوهان کي آسمان تي کڻي

ورتو آهي جيڪو اهو عقيدو رکي ته حضرت عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام قتل ٿي ويا ۽ سولي تي چاڙهيو ويو جيئن عيسائين جو عقيدو آهي ته اهو شخص ڪافر آهي ڇوته قرآن شريف ۾ صاف صاف بيان ٿيو آهي ته حضرت عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام نه قتل ٿيا نه سولي تي چاڙهيا ويا.

## «18» عيسائين جو مباهلي کان ڀڄڻ

نجران (يمن) جي عيسائين جو هڪ وفد مديني شريف ۾ آيو، وفد چوڏهن ماڻهن تي مشتمل هو جيڪي سڀ جا سڀ نجران جا رئيس هئا ۽ هن وفد جي اڳواڻي ڪندڙ ٽي شخص هئا:

(1) ابو حارثه بن علقمه جيڪو عيسائين جو پوپ اعظم هو.

(2) اُهيب جيڪو انهن جو وڏو سردار هو.

(3) عبدالمسيح جيڪو سردار اعظم جو نائب هو ۽ ”عاقب“ سڏرائيندو هو.

اهي سڀئي نمائندا بيحد قيمتي ۽ نفيس پوشاڪ پائي عصر کان پوءِ مسجد نبوي ۾ داخل ٿيا ۽ پنهنجي قبلي ڏانهن چهرو ڪري پنهنجي نماز ادا ڪئي، پوءِ ابو حارثه ۽ هڪ ٻيو شخص ٻنهي حضور نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ حاضر ٿيا ۽ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم نهايت شفقت واري انداز سان انهن ٻنهي سان گفتگو فرمائي ۽ هي گفتگو ٿي:

**نبي ڪريم** صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: توهان اسلام قبول ڪري **الله** تعاليٰ جا فرمانبردار بڻجي وڃو.

**ابوحارثه**: اسان اڳ ۾ ئي **الله** تعاليٰ جا فرمانبردار ٿي چڪا آهيون.

**نبي ڪريم** صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: توهان جو ائين چوڻ درست ناهي ڇوته توهان صَلِيب جي پوڄا ڪيو ٿا ۽ **الله** جي لاءِ پٽ ثابت ڪيو

تا ۽ سوئر کائو تا.
**ابوحارثہ**: اوهان اسان جي پيغمبر حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي گاريون چو ڏيندا آهيو؟
**نبي ڪريم** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: اسان حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي ڇا چئون ٿا؟
**ابوحارثہ**: اوهان حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي ٻانهو چئو ٿا جڏهن تہ اهي خدا جا پٽ آهن.
**نبي ڪريم** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ها اسان اهو چئون ٿا تہ حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام خدا جا ٻانها ۽ ان جا رسول آهن ۽ اهي ڪلمة **الله** جيڪي ڪنواري مريم جي شڪم مان **الله** جي حڪم سان بنا پيءُ جي پيدا ٿيا.
**ابوحارثہ**: ڇا ڪو انسان بنا پيءُ جي پيدا ٿي سگهي ٿو؟ جڏهن اوهان اهو مڃو ٿا تہ ڪو انسان حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جو پيءُ ناهي تہ پوءِ اوهان کي مڃڻو پوندو تہ ان جو پيءُ **الله تعاليٰ** آهي.
**نبي ڪريم** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪڏهن ڪنهن جو پيءُ ڪو انسان نہ هجي تہ ان سان لازم نٿو اچي تہ ان جو پيءُ خدا آهي ۽ خداوند تعاليٰ جيڪڏهن چاهي تہ بنا پيءُ جي انسان پيدا ڪري سگهي ٿو. ڏسو! حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کي تہ بنا ماءُ پيءُ جي **الله تعاليٰ** مٽي مان پيدا فرمايو تہ جيڪڏهن حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي بنا پيءُ جي پيدا فرمايو تہ هن ۾ تعجب جي ڪهڙي ڳالهہ آهي؟
حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هن پيغمبراڻي طرز استدلال ۽ حڪمت ڀري گفتگو مان ٽيڻ ائين گهرجي ها تہ اهو وفد پنهنجي عيسائيت ڇڏي اسلام قبول ڪري ها، پر انهن حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان وڙهڻ شروع ڪيو، ايسائين جو بحث تڪرار جو سلسلو وڌي ويو تہ **الله تعاليٰ** سورة آل عمران جي اها آيت نازل فرمائي:
(روح البيان ج 2 ص 43، پ 3 آل عمران: 59)

فَمَنْ حَآجَّكَ فِيْهِ مِنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَكَ مِنَ الْعِلْمِ فَقُلْ تَعَالَوْا نَدْعُ اَبْنَآءَنَا وَاَبْنَآءَكُمْ وَ نِسَآءَنَا وَ نِسَآءَكُمْ وَ اَنْفُسَنَا وَ اَنْفُسَكُمْ ۟ ثُمَّ نَبْتَهِلْ فَنَجْعَلْ لَّعْنَتَ اللّٰهِ عَلَى الْكٰذِبِيْنَ ﴿۶۱﴾ (پ 3 آل عمران: 61)

**ترجموڪنزالايمان:** پوءِ اي محبُوب! جيڪو توسان عِيسىٰ جي باري ۾ دِليل بازِي ڪري هن ڪانپوءِ جو توکي عِلم اچي ويو تہ اُن کي فرماءِ اچو اسان سڏيُون پنهنجا پُٽ ۽ توهان جا پُٽ ۽ پنهنجُون عورتُون ۽ توهان جُون عورتُون ۽ پنهنجا ساهہ ۽ توهان جا ساهہ پوءِ مُباهلو ڪريُون پوءِ الله جِي لعنت وِجهون ڪُوڙن تي.

قرآن جي هن دعوتِ مباهلہ کي ابو حارثہ منظور ڪيو، طئي ٿيو تہ صبح جو نڪري ميدان ۾ مباهلو ڪنداسين پر جڏهن ابوحارثہ نصرانين وٽ پهتو تہ انهن پنهنجي ماڻهن کي چيو تہ اي منهنجي قوم! توهان چڱي طرح ڄاڻي ۽ سڃاڻي ورتو تہ محمد (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) نبي آخر الزمان آهن ۽ خوب ياد رکو تہ جيڪا قوم ڪنهن سچي نبي کان مباهلو ڪندي آهي ان قوم جا ننڍا وڏا سڀ هلاڪ ٿي ويندا آهن، انهيءَ ڪري بهتر اهو آهي تہ ان سان صلح ڪري پنهنجي وطن واپس هلون، ۽ هرگز هرگز ان سان مباهلو نہ ڪيون، پوءِ صبح جو ابوحارثہ جڏهن حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سامهون آيو تہ ڏٺو پاڻ حضرت حسين رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي هنج ۾ کڻي ۽ حضرت حسن رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي آڱر پڪڙي اچي رهيا آهن ۽ حضرت فاطمہ ۽ حضرت علي رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا سندن پويان اچي رهيا آهن ۽ پاڻ انهن کي فرمائي رهيا آهن تہ مان جڏهن دعا ڪيان تہ توهان ﴿اٰمِيْن﴾ چئجو، اهو منظر ڏسي ابوحارثہ خوف مان ڏڪڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو

تہ اي عيسائيو! مان اهڙن چهرن کي ڏسي رهيو آهيان جو جيڪڏهن الله تعاليٰ چاهي تہ انهن چهرن جي بدولت جبل بہ پنهنجي جڳهہ تان هٽي هلڻ لڳندو، تنهنڪري اي منهنجي قوم! هرگز هرگز مباهلو نہ ڪيو، نہ تہ هلاڪ ٿي ويندؤ ۽ روءِ زمين تي ڪو عيسائي بہ نہ رهندو، پوءِ انهن چيو: اي ابوالقاسم! اسان اوهان سان مباهلہ نہ ڪنداسين ۽ اسان چاهيون ٿا تہ اسان پنهنجي دين تي قائم رهون، حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن کي چيو: توهان اسلام قبول ڪريو تہ جيئن توهان کي مسلمانن جا حق حاصل ٿين، عيسائين اسلام قبول ڪرڻ کان صاف انڪار ڪيو تہ پاڻ فرمايائون: پوءِ منهنجي لاءِ توهان سان جنگ ڪانسواءِ ڪو حيلو ناهي، اهو ٻڌي نصرانين چيو: اسان عربن سان جنگ جي طاقت نٿا رکون، تنهنڪري اسان هن شرط تي صلح ڪيون ٿا تہ اوهان اسان سان جنگ نہ ڪندو ۽ اسان کي پنهنجي دين تي قائم رهڻ ڏيو ۽ اسان جِزيي طور اوهان کي هر سال هڪ هزار ڪپڙن جا جوڙا ڏينداسين، پوءِ حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن شرط تي صلح فرمائي ۽ انهن عيسائين جي لاءِ امن امان جو پروانو لکي ڏنو ان کان پوءِ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايائون تہ نجران وارن تي هلاڪت ۽ بربادي پهچڻ واري هئي، پر اهي ماڻهو بچي ويا جيڪڏهن اهي مون کان مباهلو ڪن ها تہ مسخ ٿي باندر ۽ سوئر بڻجي وڃن ها ۽ انهن جي وادي ۾ اهڙي باهہ ڀڙڪي ها جو نجران جي ڪل آبادي ايستائين جو پکي پکڻ سڙي خاڪ جو ڍير ٿي وڃن ها ۽ روءِ زمين تي تمام عيسائي هڪ ئي سال ۾ فنا ٿي وڃن ها.

(روح البيان ج 2 ص 44 پ 3، آل عمران: 61)

www.dawateislami.net

**درس هدايت:** هن مان خبر پئي تہ خدا جي رسولن سان مباهلو ڪرڻ هلاڪت ۽ بربادي آهي بلڪ انبياءِ و اولياء ۽ **اللّٰہ** وارن جو مقابلو ڪرڻ ۽ انهن جي بددعا وٺڻ، بربادي ۽ هلاڪت آهي، بلڪ خدا انهن محبوب ٻانهن جي ٿوري بہ بي ادبي ۽ دل آزاري بہ انسان کي فنا جي گهاٽ لاهي سگهي ٿي ۽ اهڙي تباهي ۽ بربادي آڻيندي آهي جنهن جو ڪو علاج ئي ناهي.

**حضرت خجندي** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه **۽ بساطي شاعر:** منقول آهي تہ حضرت ڪمال الدين خجندي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هڪ پيري شاعرن جي هڪ ميڙ ۾ تشريف کڻي ويا تہ بساطي شاعر سندن کي ڏسي وڏي بدتميزي ۽ بيهودگي جي انداز ۾ اهو مصرع بڪي ڏنو:

از کجائی از کجائی اے لُوند

ترجمو: تون ڪٿان آيو آهين تون ڪٿان آيو آهين اي بدمعاش! (معاذاللّٰہ)

پاڻ اهو سمجهيو تہ هو نشي ۾ بڪي رهيو، ڪجهہ ناراض نہ ٿيا بلڪ تفريح طور اهو مصرع چيو تہ

از خجندم، از خجندم از خجند

مان خجند مان آيو آهيان، مان خجند مان آيو آهيان، مان خجند مان آيو آهيان.

پوءِ پاڻ مجمعي سان مخاطب ٿي فرمايو: اهو نشي ۾ بدمست آهي جيڪو وات ۾ اچيس ٿو چئي ڇڏي ٿو ان کي ڪجهہ نہ چئو اهو ٻڌي بساطي ڪميڻي اوهان جي هَجو ۾ هڪ شعر اهو چيو:

اے ملحد خجندی ریش بزرگ داری    کزغایت بزرگی ده ریش می تواں گفت

ترجمو: اي ملحد خجندي تو وڏي ڏاڙهي رکين ٿو ان جي ڊيگهہ ڏسي ان کي ڏهہ ڏاڙهيون چئي سگهون ٿا. ﴿مَعَاذَ اللّٰه﴾

وڏي ميڙ ۾ اها هَجو ٻڌي اوهان کي سخت ناگواري ٿي ۽ پاڻ ناراضگي واري نگاهن سان ڏسي بددعا ڏني تہ بنا ڪنهن بيماري

جي بساطي شاعر هڪدم مري زمين تي ڪري پيو ۽ سيئي ماڻهو ڏسندا ئي رهيا. (روح البيان ج 2 ص 45 پ 3، آل عمران: 63)

**ابوالحسن همداني جي مرغي:** بزرگن جي مزاج جي خلاف ڪو ڪم ڪرڻ بہ وڏين وڏين مصيبتن جو سبب بڻجي ويندو آهي، جيئن حضرت خواجہ ابوالحسن همداني جو واقعو آهي تہ هي هڪ ڀيري حضرت خواجہ جعفر خالدي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي زيارت جي لاءِ ويا ۽ گهر اهو چئي ويا تہ منهنجي لاءِ تندور ۾ مرغي ڀُڃي تيار ڪئي وڃي، حضرت خواجہ جعفر خالدي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه انهن کي حڪم ڏنو تہ رات مون وٽ رهو، پر سندن دل مرغي ۾ ڦاٿل هئي انهيءَ ڪري سنو بهانو ڪري پنهنجي گهر موٽيا، حضرت خواجہ جعفر جي دل ۾ ان جو رنج ٿيو، ان جي نحوست جو اهو اثر ٿيو جو جڏهن خواجہ ابوالحسن دسترخوان تي مرغي کائڻ جي لاءِ وينا تہ ٿوري بي خيالي ٿي تہ هڪ ڪتو گهر ۾ آيو ۽ مرغي کڻي ڀڄي ويو ۽ ان کي هڪ گندي نالي ۾ اڇلائي ڇڏيو، حضرت خواجہ ابوالحسن همداني جڏهن صبح جو حضرت خواجہ جعفر خالدي جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيا تہ پاڻ انهن کي ڏسندي ئي فرمايو: جيڪو شخص مشائخ سڳورن جي دلي خواهش جو احترام ناهي ڪندو ان تي اهڙي طرح ڪتو مسلط ڪيو ويندو آهي جيڪو ان کي ايذاء ڏيندو آهي، اهو ٻڌي خواجہ ابوالحسن همداني شرم ۽ ندامت سان شرمسار ٿي ويا. (روح البيان ج 2 ص 46 پ 3، آل عمران: 63)

**بلخ جو هر ماڻهو ڪوڙو ٿي ويو:** حضرت خواجہ ابوعلي دقاق رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو بيان آهي جڏهن بلخ وارن بنا ڏوهہ جي حضرت خواجہ محمد بن فضل قدس سرہ کي شهر بدر ڪيو تہ پاڻ شهر وارن

کي اها بد دعا ڏني تہ ياالله انهن ماڻهن کي سچائي جي توفيق نہ ڏئي، ان جو انجام اهو ٿيو جو سالن تائين هن شهر ۾ کو سچو ماڻهو باقي نہ رهيو ۽ شهر جو هر ماڻهو وڏو ڪوڙو ٿي ويو ۽ اهو ڪوڙن جو شهر سڏائڻ لڳو. (روح البيان ج 2 ص 46 پ 3، آل عمران: 63)

بهرحال بزرگن کي پنهنجي ڪنهن حرکت سان ناراض نہ ڪرڻ گهرجي، نہ تہ انهن بزرگن جي دل جو ادني غبار قهرِ الهي جي آنڌي بڻجي توهان کي هلاڪت ۽ بربادي جي غار ۾ ڪرائي نيست و نابود ڪري ڇڏيندي.

خدا کا قہر ہے اُن کی نگاہ کی گردش　　گرا جو اُن کی نظر سے سنبھل نہیں سکتا

## ﴿19﴾ پنج هزار ملائڪ ميدان جنگ ۾

جنگِ بدر ڪُفر ۽اسلام جو مشهور ترين معرڪو آهي، 17 رمضان المبارڪ سن 2 هجري تي مڪي ۽ مديني جي وچ ۾ بدر جي مقام تي اها جنگ ٿي، هن جنگ ۾ تعداد ۽ اسلحي جي لحاظ کان مسلمان تمام گهٽ ۽ ڪمزور هئا. مسلمانن ۾ پوڙها جوان، ۽ ٻارڙ انصار ۽ مهاجر ڪل ملائي ٽي سؤ تيرهن اسلام جا مجاهد عَلمِ نبوي جي ڇانو ۾ ڪافرن جي عظيم لشڪر سان وڙهڻ وڃي رهيا هئا. سامان جنگ جي قِلت جو اهو عالم هو جو سڄي اسلامي فوج وٽ ڇهہ زرهون، اٺ تلوارون هيون، ۽ ڪافرن جو لشڪر تقريبًا هڪ هزار نهايت ويڙهاڪ ۽ بهادرن تي مشتمل هو، انهن بهادرن وٽ هڪ سؤ بهترين گهوڙا، ست سؤ اٺ ۽ قسم قسم جا مهلڪ هٿيار هئا. ان جنگ ۾ مسلمانن جي گهبراهٽ ۽ بي چيني تہ هڪ قدرتي ڳالهہ هئي، حضور اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سڄي رات جاڳي خداعَزَّوَجَلَّ سان لو لڳائي دعا ۾ مصروف هئا تہ

يا **الله**! جيڪڏهن اهي ڪجهه ماڻهو هلاڪ ٿي ويا تہ پوءِ قيامت تائين روءِ زمين تي تنهنجي عبادت ڪرڻ وارو نہ رهندو.

(السيرت النبويہ لابن هشام ج 1 ص 554 ملخصا)

دعا گهرڻ وقت سندن ڪلهي مبارڪ تان چادر شريف زمين تي تشريف فرما ٿي، ۽ اوهان تي رقت طاري ٿي ايستائين جو لڙڪ وهڻ لڳا، حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا يار غار هئا پاڻ کي بيقرار ڏسي سندن دلي سڪون و قرار ويندو رهيو انهن چادر مبارڪ کڻي پاڻ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مقدس ڪلهي تي رکي ۽ سندن هٿ مبارڪ پڪڙي روئڻهارڪي آواز ۾ وڏي آدب سان عرض ڪيو: حضور! هاڻي بس ڪيو، **الله** تعاليٰ ضرور پنهنجو واعدو پورو ڪندو، پنهنجي يار غار صديق جان نثار رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي گذارش مڃي پاڻ دعا ختم ڪئي ۽ نهايت اِطمينان سان پيغمبراڻي لهجي ۾ اهو فرمايائون تہ

سَيُهْزَمُ الْجَمْعُ وَ يُوَلُّوْنَ الدُّبُرَ ﴿۴۵﴾ (پ 27 القمر: 45)

**ترجموڪنزالايمان:** اجهو شڪست ڏني ويجي ٿي هن جماعت کي ۽ پٺي ڏيئي ڦرندا.

صبح جو حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جهاد وارين آيتن جي تلاوت ڪري اهڙو ولولہ انگيز وعظ فرمايو جو مجاهدن جي رڳن ۾ رت جو قطرو قطرو جوش وخروش جو سمنڊ بڻجي طوفاني ڇوليون هڻڻ لڳو، ۽ پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اها بشارت ڏني: جيڪڏهن توهان مجاهد صبر ڪندي ميدان جنگ ۾ ثابتِ قدم رهندو تہ **الله** تعاليٰ اوهان جي مدد جي لاءِ آسمان تان ملائڪن جي فوج موڪليندو.

پوءِ پنج هزار ملائڪن جي فوج ميدان جنگ ۾ نازل ٿي ۽ گهڙي ڪن ۾ ميدان جنگ جو نقشو بدلجي ويو، حضرت علي رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ مهاجرن جو جهنڊو لهرائي رهيا هئا ۽ حضرت سعد بن عباده رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ انصار جا علمبردار هئا، ڪافرن جا ستر ماڻهو مارجي ويا ۽ ستر گرفتار ٿيا باقي پنهنجو سامان ڇڏي ڀڄي ويا، ڪافرن جي قتل ٿيندڙن ۾ قريش جا وڏا وڏا نامور سردار جيڪي بهادري ۽ سپهه گري ۾ ممتاز هئا هڪ هڪ ڪري سيئي موت جي گهاٽ لهي ويا، ايستائين جو قريش جي ڪافرن جي لشڪري طاقت فنا ٿي وئي، مسلمانن ۾ ڪل چوڏهن خوشنصيبن کي شهادت جو شرف مليو جنهن مان ڇهه مهاجر ۽ اٺ انصار هئا ۽ مسلمانن کي بيشمار مال غنيمت مليو جيڪو ڪافر ڇڏي ڀڄي ويا هئا.

الله تعاليٰ جنگ بدر ۾ ملائڪن جي فوج جو تذڪرو قرآن شريف ۾ انهن لفظن سان فرمايو آهي:

وَ لَقَدْ نَصَرَكُمُ اللّٰهُ بِبَدْرٍ وَّ اَنْتُمْ اَذِلَّةٌ ۚ فَاتَّقُوا اللّٰهَ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿۱۲۳﴾ اِذْ تَقُوْلُ لِلْمُؤْمِنِيْنَ اَلَنْ يَّكْفِيَكُمْ اَنْ يُّمِدَّكُمْ رَبُّكُمْ بِثَلٰثَةِ اٰلٰفٍ مِّنَ الْمَلٰٓئِكَةِ مُنْزَلِيْنَ ﴿۱۲۴﴾ بَلٰٓى ۙ اِنْ تَصْبِرُوْا وَ تَتَّقُوْا وَ يَاْتُوْكُمْ مِّنْ فَوْرِهِمْ هٰذَا يُمْدِدْكُمْ رَبُّكُمْ بِخَمْسَةِ اٰلٰفٍ مِّنَ الْمَلٰٓئِكَةِ مُسَوِّمِيْنَ ﴿۱۲۵﴾ وَ مَا جَعَلَهُ اللّٰهُ اِلَّا بُشْرٰى لَكُمْ وَ لِتَطْمَئِنَّ قُلُوْبُكُمْ بِهٖ ؕ وَ مَا النَّصْرُ اِلَّا مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ الْعَزِيْزِ الْحَكِيْمِ ﴿۱۲۶﴾ (پ 4 آل عمران: 123 تا 126)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ بيشڪ الله اوهان جي بَدر ۾ مدد ڪئِي جڏهن اوهان بلڪل بي سَرو سامان هُئا تنهنڪري الله کان ڊِڄو تہ مَن اوهان شُڪرگذار

ڏيو. جڏهن اي محبُوب تو مُسلمانن کي فرمايو ٿي تہ ڇا توهان کي هيءَ ڪافِي نہ آهي جو توهان جو رب ٽي هزار ملائڪ لاهي توهان جِي مدد ڪري. هائو! ڇونہ جيڪڏهن اوهان صبُر ۽ تقويٰ ڪريو ۽ ڪافِر هڪدم اوهان تي اچِي ڪڙڪن تہ اوهان جو رب پنج هزار نِشان ڪيل ملائڪن سان اوهان جِي مدد ڪندو. ۽ هِي فتح الله اوهان جِي خوشيءَ لاءِ ڪئِي آهي جيئن اُن سان اوهان جُون دِليُون مُطمئن ٿِين ۽ مدد الله غالِب حِڪمت واري جي طرفان ٿِي آهي.

**درس هدايت:** جنگ بدر ۾ مسلمانن جو تعداد ۽ جنگي سامان جي گهٽتائي باوجود فتح مُبين مسلمانن جي قدمن کي چميو، ان مان اهو سبق مليو تہ فتح تعداد جي گهٽائي يا جنگي سامان جي گهٽائي تي موقوف ناهي، بلڪ فتح جو دارومدار نُصرَتِ خُداوندي (يعني الله عَزَّوَجَلَّ جي مدد) تي آهي اهو جڏهن چاهيندو آهي تہ ملائڪن جي فوج آسمان مان ميدانِ جنگ ۾ لاهي مسلمان جي مدد ۽ نصرت ڪندو آهي ۽ مسلمان تعداد جي گهٽتائي ۽ جنگي سامان نہ هئڻ جي باوجود فتح مند ٿي ڪافرن جي لشڪر کي تباهہ ۽ برباد ڪري فنا ڪري ڇڏيو، پر الله تعاليٰ انهن جي لاءِ ٻہ شرطون رکيون آهن، هڪ صبر، ٻي تقويٰ، جيڪڏهن مسلمانن تقوٰي جي دامن کي پڪڙي خدا جي مدد تي ڀروسو ڪري جنگ ۾ جمي وڃن تہ اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ هميشہ ۽ هر محاذ تي فتح مبين مسلمانن جا قدم چمندي ۽ ڪافر شڪست کائي ڀڄڻ تي مجبور ٿيندا، يا مسلمانن جي مار سبب فَنَا فِي النَّار تي ويندا، بس ضرورت آهي تہ مسلمان صبر ۽ تقويٰ جي هٿيارن سان ليس ٿي خدا جي مدد تي ڀروسو ڪري ڪافرن جي حملن جو مقابلو ڪرڻ جي لاءِ ميدان جنگ ۾ اِستقامت جا جبل بڻجي بيٺا رهن ۽ بلڪل تعداد جي گهٽتائي ۽ سامانِ جنگ جي ڪمي جي پرواهہ نہ ڪن ڇوتہ فرمان خداوندي

آهي تہ وَمَا النَّصْرُ اِلَّا مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ ۽ مدد الله جي طرفان ئِي آهي.

سچ چيو آهي ڪنهن چوڻ واري تہ

کافر ہو تو تلوار پہ کرتا ہے بھروسا — مومن ہو تو بے تیغ بھی لڑتا ہے سپاہی

## ﴿20﴾ سڀ کان پهريون قاتل ۽ مقتول

روءِ زمين تي سڀ کان پهريون قاتل قابيل ۽ سڀ کان پهريون مقتول هابيل آهي، اهي ٻئي حضرت آدم عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جا فرزند آهن. انهن جو واقعو هن طرح آهي تہ حضرت حوا رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا جي هر حمل ۾ هڪ ڇوڪرو ۽ هڪ ڇوڪِري پيدا ٿيندا هئا ۽ هڪ حمل جي ڇوڪري جو ٻي حمل جي ڇوڪريءَ سان نڪاح ڪرايو ويندو هو. انهيءَ دستور جي مطابق حضرت آدم عَلَیْهِ السَّلَام جن قابيل جو نڪاح ”ليوذا“ سان ڪرڻ چاهيو جيڪا هابيل سان گڏ پيدا ٿي هئي. پر قابيل انهي تي راضي نہ ٿيو ڇاڪاڻ تہ اِقليما وڌيڪ خوبصورت هئي ان ڪري هُو اُن جو طلبگار ٿيو.

حضرت آدم عَلَیْهِ السَّلَام جن هُن کي سمجهايو تہ اِقليما توسان گڏ پيدا ٿي آهي ان ڪري هُوءَ تنهنجي ڀيڻ آهي اُن سان تنهنجو نڪاح نٿو ٿي سگهي پر قابيل پنهنجي ضد تي اڙيو رهيو. نيٺ حضرت آدم عَلَیْهِ السَّلَام جن اهو حڪم ڏنو تہ توهين ٻئي پنهنجون پنهنجون قربانيون ربّ عَزَّوَجَلَّ جي دربار ۾ پيش ڪريو، جنهن جي قرباني مقبول ٿيندي اهو ئي اِقليما جو حقدار ٿيندو. انهي زماني ۾ قرباني جي مقبوليت جي اها نشاني هئي جو آسمان تان هڪ باهہ لهي ڪري ان کي کائي ويندي هئي. اهڙي طرح قابيل ڪڻڪ جا ڪجهہ سنگ ۽ هابيل هڪ ٻڪري قرباني جي لاءِ پيش ڪئي.

آسماني باھ ھابيل جي قرباني کي کائي ورتو ۽ قابيل جي ڪٽڪ کي ڇڏي ڏنو. انھيءَ ڪري قابيل جي دل ۾ بُغض ۽ حسد پيدا ٿيو ۽ اُن ھابيل کي قتل جو ارادو ڪيو ۽ ھابيل کي چيو تہ مان توکي قتل ڪندس. ھابيل چيو تہ قرباني قبول ڪرڻ **اللّٰہ** عَزَّوَجَلَّ جو ڪم آھي ۽ اُھو متقي ٻانھن جي ئي قرباني قبول ڪندو آھي، جيڪڏھن تون متقي ھُجين ھا تہ ضرور تنھنجي قرباني قبول ٿئي ھا ۽ اھو بہ چيائين تہ جيڪڏھن تون منھنجي قتل جي لاءِ ھٿ وڌائيندين تہ آئون توتي پنھنجو ھٿ نہ ڪٽندس ڇاڪاڻ تہ آئون پنھنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄان ٿو. مان اھو چاھيان ٿو تہ منھنجو ۽ تنھنجو گناھ ٻئي تنھنجي پلڙي ۾ پون ۽ تون دوزخي ٿي وڃين ڇوتہ بي انصافن جي اھا ئي سزا آھي، آخر قابيل پنھنجي ڀاءُ ھابيل کي قتل ڪري ڇڏيو. قتل جي وقت سندن عمر ويھہ سال ھئي ۽ قتل جو اھو حادثو مڪي شريف ۾ جبلِ ثور وٽ يا جبلِ حِرا جي وادي ۾ ٿيو ۽ ڪِن عالمن جو چوڻ آھي تہ بصره ۾ جنھن جڳھہ مسجدِ اعظم نھيل آھي، اڳاري جي ڏينھن اھو واقعو ٿيو.

﴿وَاللّٰہُ تَعَالٰی اَعْلَم﴾

روايت آھي تہ جڏھن ھابيل قتل ٿي ويو، تہ ست ڏينھن زمين ۾ زلزلو رھيو، پکي پکڻ ۽ جانورن ۾ بي چيني ۽ خوف ڦھلجي ويو ۽ قابيل جيڪو گھڻو ئي پورو ۽ خوبصورت ھو، ڀاءُ جو خون وھائيندي ئي ان جو چھرو بلڪل ڪارو ۽ بدصورت ٿي ويو. حضرت آدم عَلَیْہِ السَّلَام کي بيحد رنج ۽ افسوس ٿيو، ايستائين جو سؤ سالن تائين ڪڏھن سندن جي چپن تي مُرڪ نہ آئي. ۽ سرياني زبان ۾ ھابيل جو مرثيو چيو جنھن جو عربي ترجمو ھي آھي:

تَغَيَّرَتِ الْبِلَادُ وَمَنْ عَلَيْهَا فَوَجْهُ الْاَرْضِ مُغْبَرٌّ قَبِيْحٌ
تَغَيَّرَ كُلُّ ذِىْ لَوْنٍ وَطَعْمٍ وَقَلَّ بَشَاشَةُ الْوَجْهِ الصَّبِيْحُ

ترجمو: سيني شهرن ۽ انهن جي رهواسين ۾ تغير پيدا ٿي ويو ۽ زمين جو چهرو غبار آلود ۽ قبيح ٿي ويو هر رنگ ۽ مزي واري شيءِ بدلجي وئي ۽ پوري چهري جي رونق گهٽجي وئي.

حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جن شديد غصي ۾ قابيل کي ڌِڪاري پنهنجي دربار مان ڪڍي ڇڏيو ۽ هو اِقليما کي گڏ وٺي يمن جي سرزمين ”عدن“ ڏانهن هليو ويو. اُتي ابليس اُن وٽ اچي چوڻ لڳو تہ هابيل جي قرباني کي باھ هن ڪري کائي ورتو جو هو باھ جي پوڄا ڪندو هو تنهن ڪري تون بہ باھ جو مندر ٺاهي باھ جي عبادت ڪندو ڪر. اهڙي طرح قابيل اُهو پهريون شخص آهي جنهن باھ جي عبادت ڪئي، ۽ روءِ زمين تي پهريون شخص جنهن الله تعاليٰ جي نافرماني ڪئي ۽ سڀ کان پهريان زمين تي ناحق خون ڪيو ۽ هي پهريون مجرم آهي جو جهنّم ۾ سڀ کان پهريان وڃو ويندو ۽ حديث شريف ۾ آهي: روءِ زمين تي قيامت تائين جيڪو بہ خون ناحق ٿيندو قابيل اُن ۾ حصيدار هوندو ڇاڪاڻ تہ ان ئي سيني کان پهرين قتل جو دستور ڪڍيو. قابيل جو انجام اهو ٿيو جو اُن جي هڪ پُٽ جيڪو انڌو هو ان کي هڪ پٿر هڻي ڪري قتل ڪري ڇڏيو ۽ هي بدبخت نبي زادو هئڻ جي باوجود باھ جي عبادت ڪندي ڪفر ۽ شِرڪ جي حالت ۾ پنهنجي پٽ جي هٿان مارجي ويو. (روح البيان ج 2 ص 379 پ 6 المائدہ: 27 تا 30)

هابيل جي قتل ٿيڻ جي پنجن سالن کان پوءِ حضرت شيث عَلَيْهِ السَّلَام پيدا ٿيا جڏهن حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي عمر شريف هڪ سو ٽيهہ سال

www.dawateislami.net

تي چڪي هئي، پاڻ پنهنجي هن هوشيار فرزند جو نالو ”شيث“ رکيو اهو سرياني زبان جو لفظ آهي ۽ عربي ۾ هن جي معني ”هبة الله“ يعني ”الله جو تحفو“ آهي. حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام پنجاهه صحيفا جيڪي سندن تي نازل ٿيا هئا، انهن سڀني جي حضرت شيث عَلَيْهِ السَّلَام کي تعليم ڏني ۽ انهن کي پنهنجو وصي، خليفو ۽ سجاده نشين مقرر ڪيو ۽ انهن جي نسل جي خيروبرڪت جون دعائون ڪيون، اسان جا حضور خاتم النبين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن ئي حضرت شيث عَلَيْهِ السَّلَام جي اولاد مان آهن.

(روح البيان ج 2 ص 376 پ 6 المائده: 30)

هن واقعي کي قرآن ڪريم ۾ الله تعالٰي هن طرح بيان ڪيو آهي:

وَ اتْلُ عَلَيْهِمْ نَبَاَ ابْنَيْ اٰدَمَ بِالْحَقِّ ۘ اِذْ قَرَّبَا قُرْبَانًا فَتُقُبِّلَ مِنْ اَحَدِهِمَا وَلَمْ يُتَقَبَّلْ مِنَ الْاٰخَرِ ؕ قَالَ لَاَقْتُلَنَّكَ ؕ قَالَ اِنَّمَا يَتَقَبَّلُ اللّٰهُ مِنَ الْمُتَّقِيْنَ ﴿۲۷﴾ لَىٕنْۢ بَسَطْتَّ اِلَيَّ يَدَكَ لِتَقْتُلَنِيْ مَاۤ اَنَا بِبَاسِطٍ يَّدِيَ اِلَيْكَ لِاَقْتُلَكَ ۚ اِنِّيْۤ اَخَافُ اللّٰهَ رَبَّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۲۸﴾ اِنِّيْۤ اُرِيْدُ اَنْ تَبُوْٓاَ بِاِثْمِيْ وَ اِثْمِكَ فَتَكُوْنَ مِنْ اَصْحٰبِ النَّارِ ۚ وَ ذٰلِكَ جَزٰٓؤُا الظّٰلِمِيْنَ ﴿۲۹﴾ فَطَوَّعَتْ لَهٗ نَفْسُهٗ قَتْلَ اَخِيْهِ فَقَتَلَهٗ فَاَصْبَحَ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ ﴿۳۰﴾

(پ 6 المائده: 27 تا 30)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ اُنهن کي پڙهي ٻُڌاءِ آدم جي ٻن پُٽن جي سچي خبر جڏهن ٻنهي هِڪ هِڪ قرباني پيش ڪئي، هڪڙي جي قُبول ٿي ۽ ٻئي جي قُبول نہ ٿي، چوڻ لڳو قسم آهي مان توکي ضرُور قتل ڪندُس، چيائين الله اُنهيءَ کان قُبول فرمائيندو آهي جنهن کي خوف آهي. بيشڪ جيڪڏهن تُون پنهنجو هٿ مُون ڏي وڌائيندين مُنهنجي قتل ڪرڻ لاءِ تہ مان پنهنجو هٿ نہ وڌائيندس جو توکي قتل ڪريان مان ڊڄان ٿو الله کان جيڪو مالڪ آهي

سمُوري جهان جو. مان گهران ٿو تہ مُنهنجو ۽ تُنهنجو گُناهہ بئي تُنهنجي ٿئي پُڙ ۾ پون پوءِ تُون دوزخِي ٿِي وڃين ۽ بي اِنصافن جِي اِها ئِي سزا آهي. پوءِ اُن جي نفس اُن کي ڀاءُ جي قتل جو شوق ڏياريو، پوءِ اُن کي قتل ڪري وِڌائِين، پوءِ نقصان ۾ رهجي ويو.

**درس هدايت:** هن واقعي مان ڪجهه هدايتن جا سبق ملن ٿا:

(1) دنيا ۾ سڀ کان پهريون جيڪو قتل ۽ خون ناحق ٿيو اهو هڪ عورت جي معاملي ۾ ٿيو، تنهنڪري ڪنهن عورت جي عشق واري فتني ۾ مبتلا ٿيڻ کان خدا جي پناهہ گهرڻ گهرجي.

(2) قابيل حسد جي جذبي ۾ گرفتار ٿي پنهنجي ڀاءُ کي قتل ڪيو، هن مان خبر پئي تہ حسد انسان جي ڪيڏي بري ۽ خطرناڪ دل واري بيماري آهي انهيءَ ڪري قرآن شريف ۾

وَمِنْ شَرِّ حَاسِدٍ اِذَا حَسَدَ ﴿۵﴾ (پ 30 الفلق 5)

فرمائي حڪم ڏنو ويو تہ حاسد جي حسد کان خدا جي پناهہ گهرندا رهو.

(3) ناحق خون وڏو عظيم جرم آهي هن جرم جي ڪري هڪ نبي عَلَيۡهِ السَّلَام جو فرزند پنهنجي والد حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام جي بارگاهہ مان بدبخت ٿي ڪفرۀ شرڪ ۾مبتلا ٿي مري ويو، ۽ قيامت تائين ٿيڻ واري هر ناحق خون جو حصيدار بڻجي عذابِ جهنّم ۾ گرفتار رهندو.

(4) هن مان معلوم ٿيو تہ جيڪو شخص ڪو برو طريقو ايجاد ڪري تہ قيامت تائين جيڪي ماڻهو هن بري طريقي تي عمل ڪندا تہ سيني جي گناهن ۾ اهو برابر جو شريڪ ۽ حصيدار بڻجندو.

(5) هن مان اهو بہ معلوم ٿيو تہ نيڪن جي اولاد جو نيڪ هئڻ ضروري ناهي، نيڪن جو اولاد برو بہ ٿي سگهي ٿو، جوتہ آدم عَلَيۡهِ السَّلَام خدا جا مقدس نبي ۽ صَفِيُّ اللّٰه آهن پر سندن پٽ قابيل ڪيترو خراب

ٿيو، اهو اوهان پڙهي چڪا، هميشه هر شخص کي گهرجي تہ نيڪ پٽ ۽ نيڪ اولاد جون دعائون خدا کان گهرندو رهي. ﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰی اَعْلَم﴾

## ﴿21﴾ مڙدو دفن ڪرڻ ڪانوَ سيکاريو

جڏهن قابيل هابيل کي قتل ڪري ڇڏيو، جيئن تہ ان کان پهرين ڪو ماڻهو مئو ئي ڪونہ هو ان لاءِ قابيل حيران هو تہ ڀاءُ جي لاش جو ڇا ڪريان. اهڙي طرح ڪيترن ئي ڏينهن تائين هو لاش کي پنهنجي پُٺي تي کڻي ڦِرندو رهيو. پوءِ اُن ڏنو تہ ٻہ ڪانوَ پاڻ ۾ وڙهيا ۽ هڪڙي ٻئي کي ماري ڇڏيو. پوءِ زنده ڪانوَ پنهنجي چهنب ۽ پيرن سان زمين کوٽي هڪ کڏو کوٽيو ۽ اُن ۾ مري ويل ڪانوَ کي وجهي ڪري مٽي سان پوري ڇڏيو. اهو منظر ڏسي قابيل کي معلوم ٿيو تہ مُڙدي جي لاش کي زمين ۾ دفن ڪرڻ گهرجي. اهڙي طرح هُن قبر کوٽي ڪري اُن ۾ ڀاءُ جي لاش کي دفن ڪري ڇڏيو. (مدارڪ التنزيل،ص 486 پ 6 المائدة 31)

قرآن شريف هن واقعي کي هنن لفظن ۾ بيان فرمايو آهي تہ

فَبَعَثَ اللّٰهُ غُرَابًا يَّبْحَثُ فِي الْاَرْضِ لِيُرِيَهٗ كَيْفَ يُوَارِيْ سَوْءَةَ اَخِيْهِ ؕ قَالَ يٰوَيْلَتٰۤى اَعَجَزْتُ اَنْ اَكُوْنَ مِثْلَ هٰذَا الْغُرَابِ فَاُوَارِيَ سَوْءَةَ اَخِيْ ۚ فَاَصْبَحَ مِنَ النّٰدِمِيْنَ ﴿٣١﴾ (پ 6 المائدة 31)

**ترجموڪنزالايمان:** پوءِ الله هِڪ ڪانوُ کي موڪليو زمين ۾ پَٽيو کوٽي جيئن اُن کي ڏيکاري تہ ڪِيئن پنهنجي ڀاءُ جي لاش کي لِڪائي، چوڻ لڳو افسوس خرابِي مان هِن ڪانوُ جهڙو بہ نہ ٿِي سگهيُس جو مان پنهنجي ڀاءُ جي لاش کي لِڪايان ها، پوءِ پشيمان ٿيندو رهجِي ويو.

**درس هدايت:** (1) هن واقعي مان سبق ملي ٿو تہ ماڻهو سکڻ جي لاءِ ننڍي کان ننڍي استاد جو ايستائين جو ڪانوَ جو بہ محتاج آهي.

(2) هن مان اهو بہ معلوم ٿيو تہ انسان تي هن دنياوي زندگي جي راھ ۾ جڏهن ڪا مشڪل اچي تي تہ اللّٰہ تعاليٰ اهڙو رحيمۡ ڪريم آهي جو ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان ايستائين جو چرند پرند جي ذريعي بہ مشڪلات حل ڪرڻ جي راھ ڏيکاري ٿو. ﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰی اَعْلَم﴾

## ﴿22﴾ آسماني دستر خوان

حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي حَوّارين اهو عرض ڪيو: اي عيسيٰ بن مريم! ڇا اوهان جو رب اهو ڪري سگهي ٿو تہ اهو آسمان تان اسان وٽ هڪ دسترخوان نازل ڪري؟ حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جن فرمايو: جيڪڏهن اوهان مؤمن آهيو تہ اهڙيون نشانيون طلب ڪرڻ کان ڊڄو. اهو ٻڌي حوارين چيو تہ اسان نشانيون طلب ڪرڻ لاءِ اهو سوال نتا ڪيون، بلڪ اسان جو مقصد اهو آهي تہ اسان پيٽ ڀري خوب ڪائون ۽ اسان کي اوهان جي سچائي جو چڱي طرح علم ٿي وڃي تہ جيئن اسان جي دلين کي بہ قرار اچي وڃي ۽ اسان انهيءَ ڳالھ جا گواھ بہ بڻجي وڃون تہ جيئن بني اسرائيل کي بہ اسان جي گواهي سان يقين ۽ پڪو اطمينان حاصل ٿئي ۽ مؤمنن جو يقين بہ وڌي وڃي ۽ ڪافر ايمان آڻن.

(1) حوارين جي درخواست تي حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام رب تعاليٰ جي بارگاھ ۾ ائين دعا گهري:

**ترجمو ڪنزالايمان:** اي اسان جا رب اسان تي آسمان مان دستر خوان نازل فرماءِ جيئن اُهو اسان جي واسطي عِيد ٿئي، اسان جي اڳين پوين جِي عِيد ۽ تُنهنجي طرف کان نِشانِي ۽ اسان کي رزق ڏي ۽ تون سُڀ کان ڀلو روزي ڏِيندڙ آهين. (پ 7 المائدۃ: 114)

حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي دعا تي اللّٰہ تعاليٰ فرمايو: دسترخوان لاهيندس پر ان کانپوءِ بني اسرائيل مان ڪو ڪفر ڪندو تہ ان کي

اھڙو عذاب ڏيندس جو سموري ڪائنات مان ڪنھن کي اھڙو عذاب نہ ڏيندس. الله تعاليٰ جي حڪم سان ڪجھ ملائڪ ھڪ دسترخوان ڪٽي آسمان تان لٿا جنھن ۾ ست مڇيون ۽ ست مانيون ھيون. (تفسير جلالين ص 111 پ 7 المائدۃ: 115)

حضرت ابن عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُکان روايت آھي ملائڪ دسترخوان ۾ماني ۽ گوشت ڪٽي آسمان تان زمين تي نازل ٿياءِ ڪن روايتن ۾اھو بہ آيو تہ ھڪ وڏي تريل مڇي ھئي جنھن ۾ڪنڊون نہ ھو ۽ ان مان روغن(تيل) وھي رھيو ھو ۽ ان جي مٿي وٽ لوڻ ۽ ان جي پڇ وٽ سرڪو ھو ۽ ان جي چوڌاري طرح طرح جون ڀاڄيون ھيون، ۽ پنج مانيون ھيون، ھڪ ماني تي روغنِ زيتون، ٻي تہ ماکي، ٽي تي گيھ، چوٿين تي پنير، پنجين تي گوشت جون ٻوٽيون ھيون، دسترخوان تي انھيءَ سامان کي ڏسي حضرت عيسيٰ عَلَیْہِ السَّلَام جي ھڪ حواري شمعون چيو (جيڪو سڀني حوارين جو سردار ھو) اي روح الله! اھو دسترخوان دنيا جي کاڌن مان آھي يا آسمان جي کاڌن مان، تہ پاڻ جن فرمايو اھو نہ دنيا جي کاڌن مان آھي، نہ آخرت جي، بلڪ الله تعاليٰ پنھنجي ڪامل قدرت سان توھان جي لاءِ انھيءَ کاڌي کي ھاڻي ھاڻي پيدا ڪري موڪليو آھي. (تفسير جمل ج 2 ص 304 پ 7 المائدۃ: 115)

پوءِ حضرت عيسيٰ عَلَیْہِ السَّلَام بني اسرائيل کي حڪم ڏنو تہ پيٽ ڀري کائو، ۽ خبردار ان ۾ ڪنھن بہ قسم جي خيانت نہ ڪجو، ۽ سڀاڻي جي لاءِ بہ ذخيرو ڪري نہ رکجو پر بني اسرائيل وارن ان ۾ خيانت ڪئي ۽ سڀاڻي جي لاءِ جمع ڪري رکيو. انھيءَ نافرماني جي ڪري الله تعاليٰ جو انھن ماڻھن تي عذاب آيو تہ اھي رات

جو سُتا تہ چڱا ڀلا هئا پر صبح جو بيدار ٿيا مسخ ٿي يعني ڪي خنزير ۽ ڪي باندر بڻجي ويا، پوءِ حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام انهن ماڻهن جي موت جي دعا گهري تہ ٽئين ڏينهن اهي ماڻهو مري ختم ٿي ويا ۽ ڪنهن کي خبر نہ پئي تہ انهن جي لاشن کي زمين ڳهي وئي يا الله انهن سان ڇا ڪيو.

(تفسير جمل علي الجلالين ج 2 ص 304 پ 7 المائدة: 115)

الله تعاليٰ انهيءَ عجيب ۽ عظيم الشان واقعي جو ذڪر قرآن شريف جي سورة مائده ۾ ڪيو آهي ۽ انهيءَ واقعي جي ڪري انهيءَ سورت جو نالو مائده رکيو آهي، ”مائده“ دستر خوان کي چوندا آهن.

قَالَ عِيْسَى ابْنُ مَرْيَمَ اللّٰهُمَّ رَبَّنَآ اَنْزِلْ عَلَيْنَا مَآىِٕدَةً مِّنَ السَّمَآءِ تَكُوْنُ لَنَا عِيْدًا لِّاَوَّلِنَا وَ اٰخِرِنَا وَ اٰيَةً مِّنْكَ ۚ وَ ارْزُقْنَا وَ اَنْتَ خَيْرُ الرّٰزِقِيْنَ ﴿۱۱۴﴾ قَالَ اللّٰهُ اِنِّیْ مُنَزِّلُهَا عَلَيْكُمْ ۚ فَمَنْ يَّكْفُرْ بَعْدُ مِنْكُمْ فَاِنِّیْۤ اُعَذِّبُهٗ عَذَابًا لَّاۤ اُعَذِّبُهٗۤ اَحَدًا مِّنَ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۱۱۵﴾ (پ 7 المائدة: 114 تا 115)

**ترجموڪنزالايمان:** عيسيٰ پُٽ مريم جي عرض ڪيو اي الله اسان جا رب اسان تي آسمان مان خُونچو نازل فرماءِ جيئن اُهو اسان جي واسطي عِيد ٿِئي، اسان جي اڳين پوين جِي عِيد ۽ تُنهنجي طرف کان نِشانِي ۽ اسان کي رزق ڏي ۽ تُون سڀني کان ڀلو روزي ڏِيندڙ آهين. الله فرمايو تہ مان اُهو اوهان تي نازل ڪريان ٿو، پوءِ هاڻي توهان مان جيڪو ڪُفر ڪندو تہ بيشڪ مان کيس اُهو عذاب ڏِيندس جو سڄي دنيا ۾ ڪِنهن تي نہ ڪندس.

**درس هدايت:** انهي واقعي مان ڪيئي عبرتون ۽ نصيحتون ملن ٿيون، جن مان هي بہ سبق گهڻا واضح آهن:

(1) نبين سڳورن جي مخالفت ۽ نافرماني ڪرڻ ڪيڏو نہ خوفناڪ

۽ وڏو جرم آهي، ڏسو! تہ بني اسرائيل جڏهن پنهنجي نبي عَلَيْهِ السَّلَام جي مخالفت ۽ نافرماني ڪندي آسماني دسترخوان ۾ خيانت ڪئي ۽ ٻي ڏينهن جي لاءِ ذخيرو ڪري رکيائون تہ عذاب الٰهي انهن کي خنزير ۽ باندر بڻائي دنيا مان انهن کي اهڙي طرح نيست و نابود ڪيو جو انهن جي قبرن جا نشان بہ باقي نہ رهيا.

جيڪي ماڻهو الله ۽ رسول جي امانت ۾ خيانت ڪندا آهن انهن کي انهيءَ هولناڪ عذاب مان عبرت حاصل ڪرڻ گهرجي ۽ توبہ ڪرڻ گهرجي. ﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰی اَعْلَم﴾

(2) حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي دعا ۾ اهو جملو تہ جنهن ڏينهن دسترخوان نازل ٿيندو اهو ڏينهن اسان جي اڳين ۽ پوئين جي لاءِ عيد جو ڏينهن ٿيندو. انهي مان اهو سبق ملندو آهي تہ جنهن ڏينهن قدرتِ خداوندي جي ڪا خاص نشاني ظاهر ٿئي انهي ڏينهن خوشي ڪرڻ ۽ مسرت و شادماني جو اظهار ڪري عيد ملهائڻ حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي مقدس سنت آهي.

حضور انور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت باسعادت جي رات ۽ ان جو ڏينهن يقينًا خداوند قدوس جي هڪ عظيم نشاني جي ظهور جي رات ۽ ڏينهن آهي، انهيءَ ڪري ميلاد النبي جي خوشي ملهائڻ ۽ انهي تاريخ کي عيد ميلاد چوڻ يقينًا قرآن شريف جي تعليم جي عين مطابق آهي. خوشي ملهائڻ، گهرن ۽ محفلن کي سجائڻ، سنا سنا ڪاڏا پچائي پاڻ کائڻ ۽ ٻين کي کارائڻ اهو سڀ عيد جون نشانيون ۽ عيد ملهائڻ جا طريقا آهن جنهن تي ٻارهين شريف تي اهلسنّت و جماعت عمل ڪري عيد ميلاد جون خوشيون ڪندا آهن ۽ جيڪي ماڻهو انهي کان چِڙندا آهن ۽ انهي ڏينهن تي

پنهنجي گهر اونداهي ڪندا، ٻهارو به ناهن ڏيندا ۽ ميرا ڪپڙا پائي منهن سجائي هلندا آهن ۽ عيد ميلاد جي خوشي ملهائڻ واري کي بدعتي چئي ٽوڪ ڪندا آهن انهن کي انهن جي حال تي ڇڏي ڏيڻ گهرجي ۽ اهلسنّت کي گهرجي ته خوب خوب خوشيون ملهائن ۽ ڪثرت سان ميلاد شريف جو محفلون منعقد ڪن ۽ خوب پيار ۽ محبت سان صلوٰة و سلام پڙهن:

مثلِ فارس زلزلے ہوں نجد میں
ذکر آیات ولادت کیجئے (حدائق بخشش، حصه اول ص ۱۴۰)

## ﴿23﴾ حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام جو توحيد جو اعلان

مفسرين جو بيان آهي ته ”نمرود بن ڪنعان“ وڏو ظالم بادشاه هو، سڀ کان پهريان انهي پنهنجي مٿي تي شاهي تاج رکيو، ان کان اڳ ۾ ڪنهن به بادشاه تاج نه پاتو، ۽ ماڻهن کان زبردستي پنهنجي عبادت ڪرائيندو هو، ڪيترائي ڪاهن ۽ نجومي انهي جي درٻار ۾ ان جا مقرب هئا، نمرود هڪ رات اهو خواب ڏٺو ته هڪ تارو اڀريو آهي ۽ ان جي روشني سبب چنڊ، سج وغيره سيئي تارا بي نور ٿي ويا آهن، ڪاهنن ۽ نجومين انهي خواب جي اها تعبير ڏني ته هڪ ڇوڪرو اهڙو پيدا ٿيندو جيڪو تنهنجي بادشاهي جي خاتمي جو سبب ٿيندو. اهو ٻڌي نمرود بيحد پريشان ٿيو ۽ ان حڪم ڏنو ته منهنجي شهر ۾ ڪو به ٻار پيدا ٿئي ته ان کي قتل ڪيو وڃي، ۽ مرد عورتن کان جدا رهن، انهيءَ ڪري هزارين ٻارن کي قتل ڪيو ويو، پر تقديرِ الٰهي کي ڪير تو ٽاري سگهي؟ انهيءَ دوران حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام پيدا ٿيو ۽

بادشاھ جي ڊپ مان سندن امڙ شهر کان پري جبل جي ھڪ غار ۾ انهن کي لڪايو، انهيءَ غار ۾ لڪي سندن والده روزانو کير پياريندي هئي. بعض مفسرين جو قول آهي تہ ستن سالن جي عمر تائين ۽ ڪن لکيو تہ سترهن سالن تائين پاڻ انهي غار ۾ پرورش پاتائون. (وَاللّٰهُ تَعَالٰی اَعْلَم) (روح البيان ج 3 ص 59 پ 7 الانعام:75)

انهي زماني ۾ عام طور ماڻهو سِتارن جي پوڄا ڪندا هئا، هڪ رات پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام زهره يا مشتري تاري کي ڏٺو تہ قوم کي توحيد جي دعوت ڏيڻ جي لاءِ تمام سهڻي ۽ دل نشين انداز سان ماڻهن جي سامهون ائين تقرير ڪئي تہ اي انسانو! ڇا ستارو منهنجو ربّ آهي؟ پوءِ جڏهن ستارو لهي ويو تہ پاڻ فرمايائون: لهي وڃڻ واري کان مان محبت نٿو رکان، پوءِ ان کان بعد جڏهن چمڪندڙ چنڊ نڪتو تہ پاڻ فرمايائون: ڇا اهو منهنجو ربّ آهي؟ پوءِ جڏهن اهو بہ غائب ٿي ويو تہ پاڻ فرمايو: جيڪڏهن مون کي منهنجو ربّ هدايت نہ ڏئي ها تہ مان بہ انهن گمراهن مان هجان ها، پوءِ چمڪندڙ سج کي ڏٺائون تہ فرمايائون: اهو تہ انهن سيني کان وڏو آهي، ڇا اهو منهنجو ربّ آهي؟ پوءِ جڏهن اهو لهي ويو تہ پاڻ فرمايائون: اي منهنجي قوم! مان انهن سيني شين کان بيزار آهيان جن کي اوهان خدا جو شريڪ بڻايو آهي ۽ مون پاڻ کي انهيءَ ذات ڏانهن متوجھ ڪيو آهي جنهن آسمانن ۽ زمينن کي پيدا فرمايو آهي، بس مان صرف ان ذات جو عابد ۽ پوڄاري ٿي ويو آهيان ۽ مان شرڪ ڪرڻ وارن مان نہ آهيان. پوءِ انهن جي قوم سندن سان وڙهڻ لڳي تہ پاڻ فرمايائون: توهان مون سان خدا جي باري ۾ جهيڙو ڪيو ٿا؟ انهي ربّ مون کي هدايت ڏني آهي ۽ مان توهان جي ڪوڙن معبودن کان بلڪل نٿو ڊڄان.

ٻڌي ونو! منهنجي ربّ جي حڪم ڪانسواءِ توهان ۾ توهان جا ديوتا منهنجو ڪجهه به نٿا بگاڙي سگهن، منهنجو ربّ عَزَّوَجَلَّ هر شيء کي ڄاڻي ٿو. ڇا توهان منهنجي نصيحت کي نه مڃيندؤ؟ انهي واقعي کي مختصر پر نهايت جامع لفظن سان قرآن شريف ائين بيان ڪيو آهي:

فَلَمَّا جَنَّ عَلَيْهِ الَّيْلُ رَاٰ كَوْكَبًا ۚ قَالَ هٰذَا رَبِّيْ ۚ فَلَمَّاۤ اَفَلَ قَالَ لَاۤ اُحِبُّ الْاٰفِلِيْنَ ﴿۷۶﴾ فَلَمَّا رَاَ الْقَمَرَ بَازِغًا قَالَ هٰذَا رَبِّيْ ۚ فَلَمَّاۤ اَفَلَ قَالَ لَىٕنْ لَّمْ يَهْدِنِيْ رَبِّيْ لَاَكُوْنَنَّ مِنَ الْقَوْمِ الضَّآلِّيْنَ ﴿۷۷﴾ فَلَمَّا رَاَ الشَّمْسَ بَازِغَةً قَالَ هٰذَا رَبِّيْ هٰذَاۤ اَكْبَرُ ۚ فَلَمَّاۤ اَفَلَتْ قَالَ يٰقَوْمِ اِنِّيْ بَرِیْٓءٌ مِّمَّا تُشْرِكُوْنَ ﴿۷۸﴾ اِنِّيْ وَجَّهْتُ وَجْهِيَ لِلَّذِيْ فَطَرَ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ حَنِيْفًا وَّمَاۤ اَنَا مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿۷۹﴾ (پ 7 الانعام: 75 تا 79)

**ترجموڪنزالايمان:** پوءِ جڏهن اُن تي رات جي اُونداهي ڇانئجي تہ هِن تارو ڏٺو چوڻ لڳو هِن کي مُنهنجو رب ٺاهيو تا جڏهن اُهو لهِي ويو چيائِين لهِي ويندڙ مُونکي پسند نہ آهِن. وري چنڊ کي چمڪندڙ ڏٺائِين چيائِين هِن کي مُنهنجو رب چئو تا جڏهن اُهو لهي ويو چيائِين مُنهنجو رب جيڪڏهن مُون کي هِدايت نہ ڪري ها تہ مان بہ اِنهن گُمراهن مان هُجان ها، پوءِ جڏهن سِج جگ مگ ڪندو ڏٺائِين چيائِين هن کي مُنهنجو رب ٻُڌايو تا هِي تہ سڀني کان وڏو آهي، وري جڏهن اُهو لهِي ويو تہ فرمايائِين اي مُنهنجِي قوم مان بيزار آهيان اُنهن شيُن کان جن کي توهان شريڪ ٺاهيو مُون پنهنجو مُنهن اُن جي طرف ڪيو جنهن آسمان ۽ زمين بنايا فقط اُنهيءَ جو رهِي ڪري ۽ مان مُشرڪن مان نہ آهيان.

**درسِ هِدايت:** غور ڪيو! ڪيترو نہ وڻندڙ اندازِ بيان ۾ ڪيڏو نہ اثرائتو استدلال جو طريقو آهي نہ سخت لفظ آهن نہ ڪنهن جي

دل آزاري، نہ ڪنهن جي جذبات کي هاجو رسائي ان کي ڪاوڙ ڏيارڻ آهي، بس پنهنجي مقصد کي سهڻن لفظن سان ۽ خوبصورت انداز سان منڪرن جي سامهون دليل سان پيش ڪرڻ آهي. اسان جا سخت ڳالهائيندڙ ۽ تلخ زبان واعظن جي لاءِ هن ۾ هدايت جو بهترين درس آهي، مولٰي تعالٰي توفيق عطا فرمائي (اٰمِيْن).

## ﴿24﴾ فرعونين تي لاڳيتو پنج عذاب

جڏهن حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي لٺ ازدها نانگ بڻجي جادوگرن جي نانگن کي ڳيهي وئي تہ جادوگرن سجدي ۾ ڪري ايمان آندائون، پر فرعون ۽ ان جا پيروڪارن پوءِ بہ ايمان قبول نہ ڪيائون. بلڪ فرعون جو ڪفر ۽ ان جي سرڪشي اجا بہ وڌي وئي ۽ ان بني اسرائيل جي مؤمِنن ۽ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي دل آزاري ۽ ايذاءُ پهچائڻ جون وڏيڪ ڪوششون ڪيون، طرح طرح سان ستائڻ شروع ڪيو، فرعون جي ظلم کان تنگ دل تي حضرت موسيٰعَلَيْهِ السَّلَام ربّ تعاليٰ جي بارگاه ۾ ائين دعا گهري تہ

اي منهنجا رب! فرعون زمين تي گهڻو سرڪش ٿي ويو آهي ۽ ان جي قوم واعدو ٽوڙيو آهي، انهيءَ ڪري تون انهن کي اهڙي عذاب ۾ گرفتار فرماءِ جيڪو انهن جي لاءِ سزاوار هجي ۽ منهنجي قوم ۽ بعد وارن جي لاءِ عبرت ٿئي.

(روح البيان ج 3 ص 220 پ 9 الاعراف: 133)

حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي دعا کان پوءِ **اللّٰه** تعالٰي فرعونين تي لاڳيتو پنج عذاب مسلّط فرمايا، اهي پنج عذاب هي آهن:

**(1) طوفان:** اوچتو هڪ بادل آيو ۽ هر پاسي اونداهي اچي وئي پوءِ نهايت زوردار برسات ٿيڻ لڳي، ايستائين جو طوفان اچي ويو

۽ فرعونين جي گهرن ۾ پاڻي پرجي ويو ۽ اهي ان ۾ بيٺل رهجي ويا ۽ پاڻي انهن جي ڪنڌن تائين اچي ويو انهن مان جيڪي ويٺل ها اهي ٻڏي هلاڪ ٿي ويا. نه ڇري سگهيا نه ڪو ڪم ڪري سگهيا، انهن جا فصل ۽ باغ طوفان جي ڪري برباد ٿي ويا، ڇنڇر کان ڇنڇر تائين لاڳيتو ست ڏينهن تائين اهي ماڻهو هن مصيبت ۾ مبتلا رهيا ۽ انهي باوجود بني اسرائيل جا گهر فرعونين جي گهرن سان مليل هئا پر بني اسرائيل جي گهرن ۾ سيلاب جو پاڻي نه آيو ۽ اهي نهايت ئي سک ۽ چين سان پنهنجي گهرن ۾ رهندا هئا جڏهن فرعونين ۾ ان مصيبت کي برداشت ڪرڻ جي سگهه نه رهي ۽ بالڪل عاجز ٿي ويا ته انهن حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام کي عرض ڪيو: اوهان اسان جي لاءِ دعا ڪيو ته اها مصيبت ٽري وڃي ته اسان ايمان آڻينداسين ۽ بني اسرائيل کي اوهان وٽ موڪلينداسين. پوءِ حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام دعا گهري ته طوفان وارو عذاب ٽري ويو ۽ زمين ۾ اهڙي شادابي ۽ سبزو ظاهر ٿيو جو ان کان اڳ ۾ ڪونه هو، فصل شاندار ٿيو ۽ اناج ۽ ميون جي پيداوار به بي شمار ٿي اهو ڏسي فرعوني چوڻ لڳا اهو طوفان جو پاڻي ته اسان جي لاءِ وڏي نعمت جو ذريعو هو پوءِ اهي پنهنجي واعدي کان ڦري ويا ۽ ايمان نه آندائون ۽ وري سرڪشي ۽ ظلم ۽ ڏاڍ ڪرڻ شروع ڪيو.

**(2) تِڏيون:** هڪ مهيني تائين فرعوني نهايت عافيت سان رهيا، پر جڏهن انهن جو ڪفر، تڪبر ۽ ظلم و ستم وري وڌڻ شروع ٿيو ته الله تعاليٰ پنهنجي قهرءِ عذاب کي تِڏِين جي شڪل ۾ موڪليو ته ڇئني پاسن کان تِڏِين جو لشڪر اچي ويو جيڪو انهن جي فصلن ۽ باغن ايستائين جو انهن جي گهرن جي ڪاٺين

ڪي ڪائي ويو ۽ فرعونين جي گھرن ۾ اهي تڏ پرجي ويا جنهن سان انهن جو ساهه ڪڍڻ بہ مشڪل ٿي ويو پر بني اسرائيل جي مؤمنن جا فصل، باغ ۽ گھر انهن تڏين جي يلغار کان محفوظ رهيا. اهو ڏسي فرعونين کي وڏي عبرت ٿي وئي، ۽ آخرڪار انهيءَ عذاب کان تنگ ٿي وري حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام وٽ عهد ڪيو تہ اوهان انهيءَ عذاب کي پري ڪرڻ جي دعا فرمايو تہ اسان ضرور ايمان آڻينداسين ۽ بني اسرائيل تي ڪو ظلم ۽ ستم نہ ڪنداسين. وري سندن دعا سان ستين ڏينهن اهو عذاب بہ ٽري ويو ۽ اهي ماڻهو هڪ مهيني تائين نهايت آرام ۽ چين سان رهيا، پر وري عهد پورو نہ ڪيو ۽ ايمان نہ آندائون، انهن ماڻهن جي ڪفر ۽ عصيان ۾ وري اضافو ٿيڻ لڳو، حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام ۽ مؤمنن کي ايذاء ڏيڻ لڳا ۽ چوڻ لڳا تہ اسان جو فصل ۽ ميوا بچي ويا آهن اهي اسان جي لاءِ ڪافي آهن، تنهنڪري اسان پنهنجو دين ڇڏي ايمان نہ آڻينداسين.

**(3) سُرو:** مطلب تہ هڪ مهيني کان پوءِ وري انهن ماڻهن تي ”قُمَّل“ جو عذاب مسلط ٿي ويو، بعض مفسرن جو بيان آهي تہ اهو سُرو هو جيڪو انهن فرعونين جي اناجن ۽ ميون ۾ لڳي سموري اناج ۽ ميون کي ڪائي ويو ۽ ڪن مفسرن فرمايو: اهو هڪ ننڍو جيت هو جيڪو ٻنين جي تيار فصلن کي ختم ڪري ڇڏيو ۽ انهن جي ڪپڙن ۾ گِهري انهن جي جسم جي کلن کي ڪَٽي ڪري انهن کي مُرغ بسمل جيان تڙپائڻ لڳو، ايستائين جو انهن جي مٿي جي وارن، ڏاڙهين، مڇن، پِروَن، پنيٽين کي چٽي ۽ چهرن کي چڪ هڻي ڪري انهن کي ماتا جيان ڪري ڇڏيو، اهي جيت انهن جي

ڪاڏن، پاڻي ۾ ٿانون ۾ ڪِهري ويندا هئا، جنهن سبب اهي ماڻهو نہ ڪجھ ڪائي سگهندا هئا نہ ڪجھ پي سگهندا هئا نہ گهڙي ڪن سُمهي سگهندا هئا، ايستائين جو هڪ هفتي ۾ انهيءَ آسماني قهر ۽ بري مصيبت جي ڪري اهي ماڻهو تڙپڻ لڳا ۽ وري حضرت موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿي دعا جي درخواست ڪئي ۽ ايمان آڻڻ جو عهد ڪرڻ لڳا، پوءِ وري حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام انهن جي بيقراري ۽ آهہ زاري ڏسي رحم ڪائي دعا ڪئي ۽ اهو عذاب بہ هليو ويو، پر فرعونين وري پنهنجو واعد ٽوڙيو ۽ پهريان ڪان وڌيڪ ظلم ۽ نافرماني ڪرڻ لڳا، وري هڪ مهيني ڪان پوءِ انهن ماڻهن تي ڏيڏرن جو عذاب نازل ٿيو.

**(4) ڏيڏر:** انهن فرعونين جي ڳوٺن ۽ انهن جي گهرن ۾ اوچتو بي شمار ڏيڏر پيدا ٿيا ۽ انهن ظالمن جو اهو حال ٿيو جو ماڻهو جتي ويهندو هو ان جي مجلس ۾ هزارين ڏيڏر اچي ويندا هئا، ڪو ماڻهو ڳالھ ڪري يا ڪائڻ جي لاءِ وات ڪوليندو هو تہ ان جي وات ۾ ڏيڏر ٽپو ڏئي گهري ويندو هو، ديڳڙين ۾ ڏيڏر، انهن جي جسمن تي سوين ڏيڏر هوندا هئا، اٿندي ويهندي، ليٽندي ڪنهن بہ حالت ۾ ڏيڏرن ڪان نجات نہ ملندي هئي، انهيءَ عذاب سبب فرعوني روئندا هئا ۽ وري ٻاڏائيندي حضرت موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام جي بارگاهہ ۾ دعا جي خيرات گهرڻ ايندا هئا ۽ وڏا قسم ڪڻي واعدو ڪرڻ لڳا تہ اسان ضرور ايمان آڻينداسين ۽ مؤمنن کي ڪڏهن ايذاء بہ نہ ڏينداسين. حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي دعا سان ستين ڏينهن اهو عذاب بہ ڪنيو ويو پر اها مڙده قوم راحت ملندي ئي وري پنهنجو عهد ٽوڙي پنهنجي خبيث حرڪتن ۾ مشغول ٿي وئي، مؤمنن کي ستائڻ لڳي ۽ حضرت موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام جي توهين ۽ بي ادبي ڪرڻ

لڳي تہ وري عذابِ اِلٰهي انهن ظالمن کي پنهنجي پڪڙ ۾ ورتو ۽ انهن ماڻهن تي رت جو عذاب رب جو ڏمر بڻجي نازل ٿيو.

**(5) رت:** هڪدم اوچتو انهن ماڻهن جي سيني کوهن، واهن جو پاڻي رت ٿي ويو تہ انهن ماڻهن فرعون کي فرياد ڪيو، تہ ان سرڪش چيو: اهو حضرت موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام جي جادوگري ۽ نظربندي آهي. اهو ٻڌي فرعونين چيو تہ اها ڪهڙي نظربندي آهي جو اسان جا ڪاڏا پيئڻ جا ٿانوَ رت سان ڀريل آهن ۽ مؤمنن تي ان جو ڪو بہ اثر نہ آهي تہ فرعون حڪم ڏنو تہ فرعوني ماڻهو مؤمنن سان گڏ هڪ ئي ٿانو سان پاڻي ڪڍن پر خدا جي قدرت جو مؤمن انهيءَ ٿانو مان پاڻي ڪيندا هئا تہ نهايت صاف شفاف ۽ منو پاڻي نڪرندو هو ۽ فرعوني جڏهن انهي ٿانوَ سان پاڻي ڪيندا هئا تہ تازو خالص رت نڪرندو هو، ايستائين جو فرعوني ماڻهو اُڃ مان بيقرار ٿي مؤمنن وٽ آيا ۽ چيائون تہ اسان ٻئي هڪ ئي ٿانو مان گڏجي وات لڳائي پاڻي پيئون پر قدرتِ خداوندي جو عجيب جلوو نظر آيو، هڪ ئي ٿانو مان گڏجي وات لڳائي پاڻي پيئندا هئا پر مومنن جي وات ۾ جيڪو ويندو هو اهو پاڻي هوندو هو ۽ فرعون وارن جي وات ۾ جيڪو ويندو هو اهو رت هوندو، مجبور ٿي فرعون ۽ فرعونين گاهہ ۽ وڻن جون پاڙون ۽ چوڏا چٻاڙي چٻاڙي چوسيندا هئا پر اها رطوبت بہ انهن جي وات ۾ رت بڻجي ويندي هئي، مطلب تہ فرعونين وري ٻاڏائي حضرت موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام سان دعا جي درخواست ڪئي تہ پاڻ پيغمبرانہ رحم ۽ ڪرم فرمائي وري انهن جي لاءِ ٻلائي جي دعا ڪئي تہ ستين ڏينهن انهي خوني عذاب جو سايو بہ انهن کان پري ٿيو، الغرض انهن

سرڪشن تي لاڳيتو پنج عذاب ايندا رهيا ۽ هر عذاب ستين ڏينهن ٽري ويندو هو ۽ هر ٻن عذابن جي وچ ۾ هڪ مهيني جو فاصلو ٿيندو رهيو پر فرعون ۽ فرعونين جي دلين تي شقاوت ۽ بدبختي جي اهڙي مهر لڳل هئي پوءِ به انهن ايمان نه آندائون ۽ پنهنجي ڪفر تي قائم رهيا ۽ هر ڀيري پنهنجو عهد ٽوڙيندا رهيا، ايستائين جو الله تعالٰي جي قهر ۽غضب جو آخري عذاب آيو ۽ فرعون ۽ ان جا پيروڪار سيئي درياءِ نيل ۾ غرق ٿي هلاڪ ٿي ويا ۽ هميشه جي لاءِ خدا جي دنيا انهن واعدو ٽوڙڻ وارن ۽ مردودن کان پاڪ ۽صاف ٿي وئي ۽ اهي ماڻهو دنيا مان اهڙي طرح نيست و نابود ڪيا ويا جو زمين تي انهن جي قبرن جو نشان به باقي نه رهيو.

(تفسير صاوي ج 2 ص 803 پ 9 الاعراف: 133)

قرآن شريف انهن مٿي ذڪر ٿيل عذابن جي باري ۾ هن طرح بيان فرمايو آهي:

فَاَرْسَلْنَا عَلَيْهِمُ الطُّوْفَانَ وَ الْجَرَادَ وَ الْقُمَّلَ وَ الضَّفَادِعَ وَ الدَّمَ اٰيٰتٍ مُّفَصَّلٰتٍ فَاسْتَكْبَرُوْا وَ كَانُوْا قَوْمًا مُّجْرِمِيْنَ ﴿۱۳۳﴾ وَ لَمَّا وَقَعَ عَلَيْهِمُ الرِّجْزُ قَالُوْا يٰمُوْسَى ادْعُ لَنَا رَبَّكَ بِمَا عَهِدَ عِنْدَكَ لَىٕنْ كَشَفْتَ عَنَّا الرِّجْزَ لَنُؤْمِنَنَّ لَكَ وَ لَنُرْسِلَنَّ مَعَكَ بَنِيْۤ اِسْرَآءِيْلَ ﴿۱۳۴﴾ فَلَمَّا كَشَفْنَا عَنْهُمُ الرِّجْزَ اِلٰۤى اَجَلٍ هُمْ بٰلِغُوْهُ اِذَا هُمْ يَنْكُثُوْنَ ﴿۱۳۵﴾ فَانْتَقَمْنَا مِنْهُمْ فَاَغْرَقْنٰهُمْ فِي الْيَمِّ بِاَنَّهُمْ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَ كَانُوْا عَنْهَا غٰفِلِيْنَ ﴿۱۳۶﴾

(پ 9 الاعراف: 133 تا 136)

**ترجموڪنزالايمان:** پوءِ اسان اُنهن تي موڪليو طُوفان ۽ مڪڙ ۽ سُرو (يا

چچڙ يا جُونءَ) ۽ ڏيڏر آڏي ۽ رَتُ، جُدا جُدا نِشانيُون پوءِ اُنهن وڏائِي ڪئِي ۽ اُها مجرم قوم هُئِي. ۽ جڏهن اُنهن تي عذاب واقع پَئي ٿِيو چوڻ لڳا اي مُوسيٰ اسان جي واسطي پنهنجي رب کان دُعا گُهر اُن عهد جي سبب، جيڪو اُن جو تو وٽ آهي بيشڪ جيڪڏهن تُون اسان کان عذاب ٽارِيندين تہ اسان ضرُور تو تي اِيمان آڻيندا سين ۽ بنِي اِسرائِيل کي تو سان موڪلي ڏِيندا سِين. پوءِ جڏهن اسان اُنهن کان عذاب ٽاري ڇڏيو هِڪ مُدت جي واسطي جِنهن تائِين هُنَن کي پهچڻو آهي تڏهن اُهي ڦِرِي ويا. پوءِ اسان اُنهن کان بدلو ورتو پوءِ اُنهن کي درياءَ ۾ ٻوڙيوسِين هِن ڪري جو اسان جُون آيتُون ڪُوڙيُون سمجهندا هُئا ۽ اُنهن کان غافل هُئا.

**درس هدايت:** (1) انهن واقعن مان اهو سبق مليو تہ واعدو ٽوڙڻ ۽ الله جي نبين کي نہ مڃڻ ۽ انهن جي توهين ڪيڏو وڏو ۽ ڀيانڪ جرم آهي، ان ڪري فرعونين تي هر هر عذابِ الٰهي جيڪوطرح طرح جي صورتن ۾ نازل ٿيو، ايستائين جو آخر ۾ اهو دريا ۾ غرق ٿي دنيا مان فنا ڪيا ويا، انهيءَ ڪري هر مسلمان کي عهد شِڪني ۽ سرڪشي ۽ گناهن کان بچڻ لازم آهي تہ ڪٿي برن عملن جي نحوستن جي سبب اسان تي بہ قهر الٰهي عذاب جي صورت ۾ نہ نازل ٿئي.

(2) حضرت موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام جو صبر ۽ تحمل ۽ ان جي قلبي رِقَّت انتها تائين پهتل هئي جو بار بار واعدو ٽوڙڻ وارن دشمنن جي آهہ زاري تي ترس کائي انهن تان عذاب کي دفع ڪرڻ لاءِ دعا ڪندا رهيا، هن مان خبر پئي تہ قوم جي هادي ۽ پيشوا جي لاءِ صبر و تحمل ۽ عفو و درگذر جي خَصلت نهايت ضروري آهي ۽ عالم سڳورا جيڪي نبين سڳورن عَلَيْهِم السَّلَام جا نائب آهن انهن جي لاءِ بہ بيحد ضروري آهي تہ اهي پنهنجي مخالفن ۽ بدخواهن سان انتقام جو جذبو نہ رکن، بلڪ صبر وتحمل ڪري پنهنجي مجرمن

ڪي هر هر معاف ڪندا رهن، چوته اها حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي مقدس سنت آهي ۽ اسان جي نبي آخر الزمان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو اهو هڪ نهايت خاص ۽ خصوصي امتيازي وصف آهي جو پاڻ ڪڏهن به پنهنجي ذات جي لاءِ پنهنجي دشمنن سان ڪو به انتقام نه ورتو، بلڪ هميشه انهن کي معاف فرمايو، اهو سندن جي مقدس تعليم جو نهايت روشن ۽ چمڪندڙ ارشاد آهي: ﴿صِلْ مَنْ قَطَعَكَ وَاعْفُ عَمَّنْ ظَلَمَكَ وَاَحْسِنْ اِلٰى مَنْ اَسَاءَ اِلَيْكَ﴾ يعني توهان ڪان جيڪو تعلق ٽوڙي توهان ان سان تعلق ڳنڍيو ۽ جيڪو توهان تي ظلم ڪري ان کي معاف ڪريو ۽ جيڪو توهان سان برو ورتاء ڪري توهان ان سان سنو ورتاءُ ڪريو.

حضرت شيخ سعدي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه انهيء حديث جي ترجماني ڪندي ارشاد فرمايو:

بدی را بدی سهل باشد جزا　　اگر مردی اَحسِن اِلٰی مَن اَسَا

يعني برائي جو بدلو ڏيڻ نهايت سولو آهي پر توهان جيڪڏهن جوان مرد آهيو ته برائي ڪرڻ واري سان ڀلائي ڪريو.

## ﴿25﴾ حضرت صالح عَلَيْهِ السَّلَام جي ڏاچي

حضرت صالح عَلَيْهِ السَّلَام قوم ثَمُود ڏانهن نبي بڻائي موڪليا ويا، پاڻ جڏهن قوم ثمود کي ربّ عَزَّوَجَلَّ جا فرمان ٻڌائي ايمان جي دعوت ڏني ته ان سرڪش قوم سندن کان هي معجزو طلب ڪيو ته اوهان جبل جي چٽان مان هڪ حامله (پيٽ سان) ڏاچي ڪيو جيڪا تازي متاري ۽ هر عيب کان پاڪ هجي، پوءِ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام جبل ڏانهن اشارو فرمايو ته اهو ڦاٽي پيو ۽ ان مان هڪ نهايت خوبصورت، تندرست ۽ وڏي ڏاچي نڪتي جيڪا حامله هئي ۽ نڪري ان ڦر ڏنو

۽ پنهنجي ٻچي سان ميدانن ۾ چرندي ڦرندي رهي.

انهيءَ وسندي ۾ هڪ ئي تلاء هو جنهن ۾ جبلن جي چشمن تان پاڻي ڪري جمع ٿيندو هو، پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام فرمايو ته اي انسانو! ڏسو اها معجزي واري ڏاچي آهي، هڪ ڏينهن توهان جي تلاء جو سمورو پاڻي هي پيئندي، ۽ هڪ ڏينهن توهان پاڻي پيئندو، قوم ان ڪي مڃي ورتو پوءِ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام قومِ ثمُود جي سامهون اها تقرير فرمائي:

يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ؕ قَدْ جَآءَتْكُمْ بَيِّنَةٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ ؕ هٰذِهٖ نَاقَةُ اللّٰهِ لَكُمْ اٰيَةً فَذَرُوْهَا تَاْكُلْ فِیْۤ اَرْضِ اللّٰهِ وَلَا تَمَسُّوْهَا بِسُوْٓءٍ فَيَاْخُذَكُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿۷۳﴾ (پ 8 الاعراف: 73)

**ترجموڪنزالايمان:** اي مُنهنجِي قوم الله جِي عبادت ڪريو اُن کانسواءِ توهان جو ڪو معبُود نہ آهي، بيشڪ توهان وٽ توهان جي رب طرفان روشن دلِيل آيو، هِي الله جِي ڏاچِي آهي توهان جي واسطي نِشانِي پوءِ اُن کي ڇڏيو تہ الله جِي زمِين ۾ کائي ۽ اُن کي تڪليف نہ پُهچايو جو توهان تي دردناڪ عذاب اِيندو.

ڪجھ ڏينهن تہ قوم ثمود ان تڪليف کي برداشت ڪيو تہ هڪ ڏينهن انهن کي پاڻي نہ ملندو هو، ڇوتہ انهي ڏينهن تلاء جو سمورو پاڻي ڏاچي پي ويندي هئي، انهيءَ ڪري ماڻهن طئي ڪيو تہ انهيءَ ڏاچي کي قتل ڪيون.

**قدار بن سالف:** انهيءَ قوم ۾ قدار بن سالف جيڪو ڳاڙهي رنگ جو پورين اکين وارو، ٻِندري قد وارو ماڻهو هو ۽ هڪ بدڪار عورت جو پٽ هو، سڄي قوم جي حڪم تي اهو ڏاچي کي قتل ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو، حضرت صالح عَلَيْهِ السَّلَام منع ڪندا رهيا، پر قدار بن سالف

پھريان تہ ڏاچي جي چئني پيرن کي ڪٽيو، پوءِ ان کي ذبح ڪري ڇڏيو ۽ نهايت سرڪشي سان حضرت صالح عَلَيْهِ السَّلَام سان بي ادبي سان گفتگو ڪرڻ لڳو، جيئن تہ ربّ تعالیٰ جو ارشاد آهي

فَعَقَرُوا النَّاقَةَ وَعَتَوْا عَنْ اَمْرِ رَبِّهِمْ

وَقَالُوْا يٰصٰلِحُ ائْتِنَا بِمَا تَعِدُنَآ اِنْ كُنْتَ مِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿۷۷﴾

(پ 8 الاعراف: 77)

**ترجموڪنزالايمان:** پوءِ ڏاچي جُون ڪچيُون ڪپيائون ۽ پنهنجي رب جي حُڪم کان سرڪشِي ڪيائُون ۽ چوڻ لڳا اي صَالِح اسان تي آڻ جنهن کان تُون ڊيڄاري رهيو آهِين جيڪڏهن تُون رسُول آهِين.

**زلزلي جو عذاب:** قوم ثمود جي انهيءَ سرڪشي تي عذاب خداوندي جو ظهور ائين ٿيو جو پهريان هڪ زوردار رڙ جو آواز آيو، پوءِ شديد زلزلو آيو، جنهن سان سڄي قوم جي آبادي هيٺ اُٿل پُٿل ٿي وئي، تمام عِمارتون ٽٽي ڦٽي تباھ ۽ برباد ٿي ويون ۽ قوم ثمود جو هڪ هڪ ماڻهو گوڏن ڀر اونڌو ٿي مري ويو، قرآن شريف ۾ فرمايو:

فَاَخَذَتْهُمُ الرَّجْفَةُ فَاَصْبَحُوْا فِيْ دَارِهِمْ جٰثِمِيْنَ ﴿۷۸﴾

**ترجموڪنزالايمان:** پوءِ اُنهن تي زِلزلو آيو تہ صبح جو پنهنجي گھرن ۾ اُونڌي مُنهن پيل رهجِي ويا تہ صالح انهن کان منهن ڦيريو. (پ 8 الاعراف: 78)

حضرت صالح عَلَيْهِ السَّلَام جڏهن ڏٺو تہ سڄي وسندي زلزلن جي جھٽڪن سان تباھ و برباد ٿي پٿرن جو ڍير ٿي وئي ۽ سڄي قوم هلاڪ ٿي وئي تہ اوهان کي گھڻو صدمو ۽ ڏک پهتو ۽ قوم ثمود ۽ انهن جي وسندي جي ويراني کان ايتري نفرت ٿي جو پاڻ انهن ماڻهن کان منهن ڦيري ورتو ۽ انهيءَ وسندي کي ڇڏي ٻي جڳھ تي تشريف وٺي ويا ۽ وڃڻ مهل مژده لاشن سان اهو فرمائي روانہ ٿيا تہ

يٰقَوْمِ لَقَدْ اَبْلَغْتُكُمْ رِسَالَةَ رَبِّيْ

وَنَصَحْتُ لَكُمْ وَلٰكِنْ لَّا تُحِبُّوْنَ النّٰصِحِيْنَ ﴿۷۹﴾

(پ 8 الاعراف: 79)

**ترجموڪنزالايمان:** اي مُنهنجي قوم بيشڪ مان توهان کي پنهنجي رب جي رسالت پُهچائي ڇڏي ۽ اوهان جو خير گُهريم ، پر توهان کي خيرخُواهن جي ضرُورت ئِي ڪانہ آهي.

خلاصو اهو آهي تہ قوم ثمود جي سڄي وسندي برباد ۽ ويران ٿي کنڊر بڻجي وئي ۽ سڄي قوم تباھ ٿي وئي ۽ اڄ انهن جي نسل مان ڪو انسان زمين تي باقي نہ رهيو.

(تفسير صاوي ج 2 ص 688 پ 8 الاعراف: 73 تا 77 ملخصاً)

**درس هدايت:** هن واقعي مان اهو سبق ملي ٿو تہ جڏهن هڪ نبي جي ڏاچي کي قتل ڪرڻ واري قوم عذابِ الٰهي جي تباھ ڪارين سان اهڙي طرح فنا ٿي جو انهن جي نسل مان ڪو بہ انسان زمين تي باقي نہ رهيو تہ جيڪا قوم پنهنجي نبي جي آل اولاد کي قتل ڪندي تہ اها ربّ جي ڏمر کان ڪڏهن ۽ ڪيئن محفوظ رهندي؟ تاريخ شاهد آهي تہ ڪربلا ۾ اهلبيتِ نُبُوَّت کي شهيد ڪرڻ وارن يزيدي ڪوفين ۽ شامين جو اهو حشر ٿيو جو مختار بن عبيد جي دؤرِ حڪومت ۾ يزيدين جي ٻار ٻار کي قتل ڪيو ويو ۽ انهن جا گهر برباد ڪيا ويا انهن تي گڏهن جا هَر هلايا ويا اڄ روءِ زمين تي انهن يزيدين جي نسل مان ڪو ٻار بہ باقي ناهي رهيو.

**هڪ لک چاليهہ هزار يزيدي مقتول:** حاڪم محدث هڪ حديث روايت ڪئي آهي تہ الله تعالٰي پنهنجي حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي وحي موڪلي تہ قوم يهود حضرت زڪريا عَلَيْهِ السَّلَام کي قتل ڪيو تہ ان

جي هڪ خون جي بدلي ستر هزار يهودي قتل ٿيا ۽ اوهان جي ڏوهٽي حضرت امام حسين رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي هڪ رت جي بدلي ستر ستر هزار يعني هڪ لک چاليهه هزار ڪوفي ۽ شامي قتل ٿيندا. الله تعالٰي جو واعدو ائين پورو ٿيو جو مختار بن عبيد جي لڙائي ۾ ستر هزار ڪوفي ۽ شامي قتل ٿيا ۽ وري عباسي سلطنت جي باني عبدالله سفاح جي حڪم سان ستر هزار ڪوفي ۽ شامي ماريا ويا، ڪل ملائي هڪ لک چاليهه هزار قتل ڪيا ويا.

(المستدرڪ ڪتاب التفسير ج 3 ص 7 رقم 2301)

بهرحال اهو ياد رکو ته الله تعالٰي پنهنجي محبوبن جي هر هر شيءِ کي پنهنجو محبوب بڻائيندو آهي، انهيءَ ڪري رب (عَزَّوَجَلَّ) جي محبوبن جي آل ۽ ازواج هجن يا اصحاب ۽ احباب يا انهن جي نسبت ۽ تعلق رکندڙ ڪا به شيءِ هجي ان مان ڪنهن جي به توهين ۽ بي ادبي سان ربّ تعالٰي جو ڏمر ۽ غضب ضرور ڪنهن نه ڪنهن عذاب جي صورت ۾ ظاهر ٿيندو آهي. انهيءَ ڪري هر اها شيءِ جنهن کي الله (عَزَّوَجَلَّ) جي محبوبن سان نسبت حاصل هجي ان جي تعظيم ۽ تڪريم ضروري آهي ۽ ان جي توهين ۽ بي ادبي عذاب الٰهي جو سبب ۽ تباهي ۽ بربادي جو باعث آهي. ﴿وَالْعِيَاذُ بِاللّٰهِ مِنْه﴾

**عذاب جي زمين منحوس آهي:** روايت آهي ته جڏهن جنگِ تبوڪ جي موقعي تي سفر ۾ حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قوم ثمود جي وسندين جي ڪنڊرن وٽان گذريا ته پاڻ فرمايائون: خبردار ڪو به شخص انهيءَ ڳوٺ ۾ داخل نه ٿئي ۽ نه ئي انهيءَ ڳوٺ جي کوهه جو ڪو شخص پاڻي پيئي ۽ توهان انهيءَ عذاب واري هنڌ تان خوف الٰهي ۾ روئيندي ۽ منهن ڍڪيندي جلد کان جلد گذرو، ڪٿي ائين نه ٿئي

جو توهان تي بہ عذاب نازل ٿئي. (روح البيان ج 3 ص 194 پ 8 الاعراف: 79)

## ﴿26﴾ قوم عاد جي آنڌي

قوم عاد ”احقاف“ نالي جڳھ تي رهندي هئي جيڪو عمان ۽ حضرموت جي وچ ۾ هڪ وڏو ريگستان آهي، انهن جي مورث اعليٰ جو نالو عاد بن عوص بن ارم بن سام بن نوح آهي، سڄي قوم ان کي مورث اعلي ”عاد“ جي نالي سان سڏڻ لڳا. اهي ماڻھو بت پرست ۽ نهايت بد اعمال ۽ بدڪردار هئا. الله تعاليٰ پنهنجي پيغمبر حضرت هود عَلَيْهِ السَّلَام کي انهن ماڻهن جي هدايت جي لاءِ موڪليو پر ان قوم پنهنجي تڪبر ۽ سرڪشي جي ڪري حضرت هود عَلَيْهِ السَّلَام کي نہ مڃيو ۽ پنهنجي ڪفر تي قائم رهيا. حضرت هود عَلَيْهِ السَّلَام هر هر ان سرڪشن کي ڊپ ڏياريندا رهيا پر انهيءَ شرير قوم نهايت بيباڪي ۽ گستاخي سان پنهنجي نبي کي اهو چيو تہ

اَجِئۡتَنَا لِنَعۡبُدَ اللّٰهَ وَحۡدَهٗ وَ نَذَرَ مَا كَانَ يَعۡبُدُ اٰبَآؤُنَا ۚ فَاۡتِنَا بِمَا تَعِدُنَاۤ اِنۡ كُنۡتَ مِنَ الصّٰدِقِيۡنَ ﴿۷۰﴾ (194 پ 8 الاعراف: 70)

**ترجموڪنزالايمان:** ڇا تُون اسان وٽ اُن ڪري آيو آهِين جو اسان هِڪ الله جي عِبادت ڪريُون ۽ جن جِي اسان جا ابا ڏاڏا پُوڄا ڪندا هُئا ، اُنهن کي ڇڏي ڏيئون، پوءِ آڻ اسان وٽ جِنهن جو تُون واعدو ڏئي رهيو آهِين جيڪڏهن سچو آهِين .

نيٺ عذاب اِلٰهي جا آثار شروع ٿيا، ٽن سالن تائين برسات نہ وسي، ۽ هر پاسي ڏڪار ۽ خشڪ سالي عام ٿي وئي، ايستائين جو ماڻھو اناج جي داڻي داڻي لاءِ تڪڻ لڳا، انهيءَ زماني ۾ رواج هو تہ جڏهن ڪا بلا يا مصيبت ايندي هئي تہ ماڻھو مڪي شريف وڃي خانہ ڪعبہ ۾ دعائون گھرندا هئا تہ بلائون ٽري وينديون

هيون. نيٺ هڪ جماعت مڪي شريف وئي انهي جماعت ۾ مرثد بن سعد نالي هڪ شخص هو جيڪو مؤمن هو پر پنهنجي ايمان کي قوم کان لِڪائي رکيو هو، جڏهن انهن ڪعبي شريف ۾ دعا گهرڻ شروع ڪئي تہ مرثد بن سعد جو ايماني جذبو بيدار ٿيو ۽ ان تڙپي چيو: اي منهنجي قوم توهان لک دعا گهرو، پر خدا جو قسم! ان وقت تائين پاڻي نہ وسندو جيستائين توهان پنهنجي نبي حضرت هود عَلَيْهِ السَّلَام تي ايمان نہ آڻيو. حضرت مرثد بن سعد جڏهن پنهنجو ايمان ظاهر ڪيو تہ قوم عاد جي شريرن ان کي مارڪُٽ ڪري جدا ڪيو ۽ دعائون گهرڻ لڳا، انهيءَ وقت اللّٰه تعاليٰ ٽي بادل موڪليا، هڪ سفيد، هڪ ڳاڙهو، هڪ ڪارو، آسمان مان هڪ آواز آيو: اي قوم عاد! توهان پنهنجي قوم جي لاءِ ٽن بادلن مان هڪ بادل پسند ڪريو، انهن ماڻهن ڪاري بادل کي پسند ڪيو ۽ اهي ماڻهو انهيءَ خيال ۾ هئا تہ ڪارو بادل خوب برسات ڏيندو، اهو ڪارو ڪڪر قوم عاد جي آبادين ڏانهن هلڻ لڳو، قوم عاد جا ماڻهو ڪارو ڪڪر ڏسي ڏاڍا خوش ٿيا، حضرت هود عَلَيْهِ السَّلَام فرمايو: اي منهنجي قوم! ڏسو عذاب الهي بادل جي صورت ۾ توهان ڏانهن وڌي پيو پر قوم جي گستاخن پنهنجي نبي کي نہ مڃيو ۽ چوڻ لڳا ڪٿي جو عذاب ۽ ڪهڙو عذاب؟ ﴿هٰذَا عَارِضٌ مُّمْطِرُنَا﴾ اهو تہ بادل آهي جيڪو اسان کي برسات ڏيڻ جي لاءِ اچي رهيو آهي. (روح البيان ج 3 ص 187 پ 8 الاعراف: 70)

اهو بادل اولهہ کان آبادي ڏانهن وڌندو رهيو ۽ هڪدم اوچتو ان مان هڪ آنڌي آئي جيڪا ايتري شديد هئي جو اُنن کي انهن جي سوار سميت ڪٽي کان ڪٽي تي اڇلايو، پوءِ ايتري

زوردار تي وئي جو وڻن کي پاڙان پٽي ڪٽي وئي، اهو ڏسي قوم عاد جي ماڻهن پنهنجي مضبوط محلات ۾ داخل ٿي دروازن کي بند ڪري ڇڏيو پر آنڌي جو زور انهن جو بنياد تائين ڪيدي ڇڏيو ست رات ۽ ڏينهن لاڳيتو اها آنڌي هلندي رهي، ايستائين جو قوم عاد جو هڪ هڪ ماڻهو مري فنا ٿي ويو ۽ هن قوم جو هڪ ٻار به باقي نه رهيو.

جڏهن آنڌي ختم ٿي ته ان قوم جا لاش زمين تي اهڙي طرح پيا هئا جيئن کجور جا وڻ اکڙي زمين تي پيا هجن، رب تعاليٰ جو ارشاد آهي:

وَ اَمَّا عَادٌ فَاُهْلِكُوْا بِرِيْحٍ صَرْصَرٍ عَاتِيَةٍ ۙ﴿۶﴾ سَخَّرَهَا عَلَيْهِمْ سَبْعَ لَيَالٍ وَّ ثَمٰنِيَةَ اَيَّامٍ ۙ حُسُوْمًا ۙ فَتَرَى الْقَوْمَ فِيْهَا صَرْعٰى ۙ كَاَنَّهُمْ اَعْجَازُ نَخْلٍ خَاوِيَةٍ ۚ﴿۷﴾ فَهَلْ تَرٰى لَهُمْ مِّنْۢ بَاقِيَةٍ ﴿۸﴾ (پ 29 الحاقة 6 تا 8)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ باقي عاد انهن کي هلاڪ ڪيو ويو نهايت سخت گرج دار طوفان سان، اها انهن تي پوري طاقت سان لڳائي ڇڏيائين ست راتيون ۽ اٺ ڏينهن لڳاتار، پوءِ انهن ماڻهن کي انهن ۾ ڏسين ڪريل ڄڻ ته کجي جا ٿڙ آهن ڪريل، پوءِ ڇا انهن مان ڪنهن کي باقي ڏسين ٿو.

پوءِ قدرت خداوندي سان ڪاري رنگ وارن پکين جو ولڙ ظاهر ٿيو، جن انهن جا لاش ڪڻي سمنڊ ۾ اڇلائي ڇڏيا، ۽ حضرت هود عَلَيْهِ السَّلَام انهيءَ وسندي کي ڇڏي ڏنو ۽ ڪجهه مؤمنن کي جن ايمان آندو انهن کي ساڻ ڪري مڪي شريف هليا ويا. ۽ آخري پساهن تائين بيت الله شريف ۾ عبادت ڪندا رهيا. (تفسير صاوي ج 2 ص 686 پ 8 الاعراف: 7)

**درس هدايت:** قرآن ڪريم جي انهيءَ دردناڪ واقعي مان اهو

سبق ملي ٿو تہ ”قوم عاد“ وڏي طاقتور ۽ قدآور قوم هئي ۽ انهن ماڻهن جي مالي خوشحالي بہ نهايت مستحڪم هئي ڇوتہ سرسبز فصل ۽ خوبصورت باغ انهن وٽ هئا، جبلن کي تراشي انهن ماڻهن گرمين ۽ سياري جي لاءِ جدا جدا محل تعمير ڪيا هئا. انهن ماڻهن کي پنهنجي گهڻائي ۽ طاقت تي وڏو اعتماد، پنهنجي مالداري ۽ سامان عيش و عشرت تي وڏو ناز هو، پر ڪفر، بدعملين ۽ بدڪارين جي نحوست انهن ماڻهن کي قهر الٰهي جي عذاب ۾ اهڙي طرح گرفتار ڪيو جو آنڌين جي زور ۽ جهٽڪن انهن جي پوري آبادي کي تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيو ۽ ان سڄي قوم جي وجود کي زمين تان اهڙي طرح مٽائي ڇڏيو جو انهن جي قبرن جا ڪٿي نشان بہ باقي نہ رهيا، تہ پوءِ اسان جهڙي ڪمزور قومن جو ڇا حال ٿيندو؟ ڇا اسان عذاب الٰهي جي جهٽڪن کي برداشت ڪري سگهنداسين. ان ڪري جن ماڻهن کي پنهنجي ۽ پنهنجي نسل جي خيريت ۽ بقا منظور هجي ان تي لازم آهي تہ اهو الله ۽ رسول عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نافرمانين ۽ بدعملي کان هميشہ بچندا رهن. پنهنجي ڪوشش ۽ وس آهر نيڪ عمل ۽ نيڪيون ڪندا رهن، نہ تہ قرآن شريف جو آيتون اسان کي اهو سبق ڏئي رهيون آهن تہ نيڪي جو اثر آبادي ۽ بدي جو اثر بربادي آهي. قرآن مجيد پڙهي ونو تہ :

﴿وَالْمُؤْتَفِكٰتُ بِالْخَاطِئَةِ ۝﴾ (پ 29 الحاقة 9) **ترجمو:** ۽ گهٽيون وسنديون پنهنجي بدڪارين ۽ بد اعمالن جي ڪري تباهہ ۽ برباد ڪيون ويون . ۽ بي آيت ۾ اهو بہ پڙهو:

وَلَوْ اَنَّ اَهْلَ الْقُرٰۤى اٰمَنُوْا وَ اتَّقَوْا لَفَتَحْنَا عَلَيْهِمْ بَرَكٰتٍ مِّنَ السَّمَآءِ وَالْاَرْضِ وَلٰكِنْ كَذَّبُوْا فَاَخَذْنٰهُمْ بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ۝ (پ 9 الاعراف: 96)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ جيڪڏهن ڳوٺ وارا اِيمان آڻن ها ۽ ڊڄن ها تہ ضرُور اسان اُنهن تي آسمان ۽ زمِين جون برڪتون کولي ڇڏيون ها مگر اُنهن تہ انڪار ڪيو ، پوءِ اسان انهن کي سندن ڪرتُوتن تي گرفتار ڪيو.

## ﴿27﴾ اونڌو ٿيڻ وارو شهر

هي حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام جو شهر "سَدُوم" آهي، جيڪو ملڪ شام جي صوبہ "حِمصَ" جو هڪ مشهور شهر آهي، حضرت لوط عَلَيْهِ السَّلَام بن هاران بن تارخ، اهي حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جا ڀائٽيا آهن، اهي ماڻهو عراق جي شهر "بابل" جا رهواسي هئا، پوءِ حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام اتان هجرت ڪري فلسطين تشريف کڻي ويا ۽ حضرت لوط عَلَيْهِ السَّلَام ملڪ شام جي هڪ شهر "اُردن" ۾ مقيم ٿيا ۽ الله تعالىٰ اوهان کي نُبُوَّت عطا ڪري "سدوم" وارن جي هدايت لاءِ موڪليو.

(تفسير صاوي ج 2 ص 689 پ 8 الاعراف: 80)

**شهر سدوم:** شهر سدوم جا ڳوٺ نهايت آباد ۽ نهايت سرسبز وشاداب هئا ۽ اتي طرح طرح جا اناج ۽ قسم قسم جا ميوا ڪثرت سان پيدا ٿيندا هئا، شهر ۾ خوشحالي جي ڪري ماڻهو مختلف جڳهن تان مهمان بڻجي انهن ڳوٺن ۾ ايندا هئا ۽ شهر جي ماڻهن کي انهن مهمان جي مهمان نوازي جو بار کڻڻو پوندو هو، انهي ڪري شهر جا ماڻهو مهمانن جي اچڻ سان رنجيده ۽ تنگ اچي چڪا هئا، پر مهمانن کي روڪڻ ۽ ڀڄائڻ جي ڪا صورت نظر نہ آئي، انهي ماحول ۾ ابليس لعين انهن وٽ هڪ پوڙهي جي صورت ۾ ظاهر ٿيو ۽ انهن ماڻهن کي چوڻ لڳو تہ اوهان مهمانن جي آمد کان نجات چاهيو تہ ان جي تدبير اها آهي تہ جڏهن بہ ڪو توهان جي وسندي ۾ اچي تہ توهان ان سان زبردستي بدفِعلي ڪريو، پوءِ سڀ کان پهريان ابليس پاڻ هڪ خوبصورت ڇوڪري جي شڪل

۾ مهمان بڻجي انهي وسندي ۾ داخل ٿيو ۽ انهن ماڻهن کان خوب بدفِعلي ڪرائي ۽ اهڙي طرح انهن ماڻهن اهو بدفِعل شيطان وٽان سکيو، پوءِ آهستي آهستي انهي خراب ڪم جا ايترا تہ عادي ٿيا جو عورتن کي ڇڏي مردن سان پنهنجي شَهوت پوري ڪرڻ لڳا. (روح البيان ج 3 ص 197 پ 8 الاعراف 84)

پوءِ حضرت لوط عَلَيْهِ السَّلَام انهن ماڻهن کي انهي بري فعل کان منع ڪندي اهڙي طرح واعظ فرمايو:

اَتَاْتُوْنَ الْفَاحِشَةَ مَا سَبَقَكُمْ بِهَا مِنْ اَحَدٍ مِّنَ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۸۰﴾ اِنَّكُمْ لَتَاْتُوْنَ الرِّجَالَ شَهْوَةً مِّنْ دُوْنِ النِّسَآءِ ؕ بَلْ اَنْتُمْ قَوْمٌ مُّسْرِفُوْنَ ﴿۸۱﴾

**ترجموڪنزالايمان:** پنهنجِي قوم کي چيو ڇا اهڙي بي حيائِي ڪريو ٿا جيڪا توهان کان اڳي جهان ۾ ڪِنهن نہ ڪئِي. توهان تہ مَردن وٽ شهوَت جي ارادي سان وڃو ٿا عورتن کي ڇڏي ڪري بلڪ توهان ماڻهو حد کان لنگهي ويو. (پ 8 الاعراف: 80، 81)

حضرت لوط عَلَيْهِ السَّلَام جي انهي اصلاحي واعظ کي ٻڌي سندن قوم نهايت بيباڪي ۽ نهايت بي حيائي سان جيڪو چيو ان کي قرآنِ پاڪ جي لفظن ۾ ٻڌو:

وَ مَا كَانَ جَوَابَ قَوْمِهٖٓ اِلَّآ اَنْ قَالُوْٓا اَخْرِجُوْهُمْ مِّنْ قَرْيَتِكُمْ ۚ اِنَّهُمْ اُنَاسٌ يَّتَطَهَّرُوْنَ ﴿۸۲﴾

(پ 8 الاعراف: 82)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ اُن جي قوم جو ڪو جواب نہ هو مگر هيءُ چوڻ تہ هن کي پنهنجي ڳوٺ مان ڪڍِي ڇڏيو هِي ماڻُهو تہ پاڪيزگِي چاهِن ٿا.

جڏهن قومِ لوط جي سرڪشي ۽ بدفعلي هدايت جي قابل نہ رهي تہ الله تعاليٰ جو عذاب آيو. حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام ڪجھ

ملائڪن سان گڏ آسمان تان لٿا، پوءِ اهي ملائڪ مهمان بڻجي حضرت لوط عَلَيۡهِ السَّلَام وٽ پهتا ۽ سڀ ملائڪ نهايت خوبصورت ۽ حسين ڇوڪرن جي شڪل ۾ هئا، انهن مهمانن جو حسن ۽ جمال ڏسي ۽ قوم جي بدڪاري جو خيال ڪندي حضرت لوط عَلَيۡهِ السَّلَام گهڻا فڪر مند ٿيا، ڪجهه دير کان پوءِ قوم جي بدفعل ماڻهن حضرت لوط عَلَيۡهِ السَّلَام جي گهر جو گهيرو ڪيو ۽ سندن جي مهمانن سان بدفِعلي جي ارادي سان ڀتن تي چڙهڻ لڳا، حضرت لوط عَلَيۡهِ السَّلَام نهايت دل سوزي سان انهن ماڻهن کي سمجهايو ۽ ان بري ڪم کان منع ڪرڻ شروع ڪيو، پر اها بدفعل ۽ سرڪش قوم پنهنجي بيهوده جواب ۽ برن ڪمن کان باز نہ آئي، تہ پاڻ پنهنجي اڪيلائي ۽ مهمانن جي سامهو رسوائي جي سبب تنگ دل، غمگين ۽ رنجيده ٿي ويا، اهو منظر ڏسي حضرت جبرائيل عَلَيۡهِ السَّلَام فرمايو: اي **الله** عَزَّوَجَلَّ جا نبي! اوهان ڪو بہ فڪر نہ ڪيو، اسان **الله** عَزَّوَجَلَّ جا موڪليل ملائڪ آهيون جيڪي انهن بدڪارن تي عذاب ڪٽي نازل ٿيا آهيون، تنهنڪري اوهان مؤمنن ۽ پنهنجي اهل و عيال سان گڏ صبح ٿيڻ کان پهريان ئي هن علائقي کان پري هليا وڃو ۽ خبردار ڪو بہ ماڻهو پوئتي مڙي هن علائقي ڏانهن نہ ڏسي نہ تہ اهو بہ عذاب ۾ گرفتار ٿي ويندو، پوءِ حضرت لوط عَلَيۡهِ السَّلَام پنهنجي گهروارن ۽ مؤمنن کي گڏ وٺي ڳوٺ کان ٻاهر نڪري ويا، پوءِ حضرت جبرائيل عَلَيۡهِ السَّلَام انهي شهر جي پنجن ڳوٺن کي پنهنجي پرن تي کڻي آسمان ڏانهن بلند ٿيا ۽ ڪجهه مٿي وڃي انهن ڳوٺن کي اونڌوڪري اڇلايو ۽ اهي آباديون زمين تي ڪري تباهہ ٿي زمين تي وڪرجي ويون، پوءِ ڪنڪر(يعني ننڍن پٿرن) جي برسات

تي ۽ ايتري زور سان سنگ باري تي جو قوم لوط جا تمام ماڻهو مري ويا ۽ انهن جي لاشن جا بہ ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويا. عين انهي وقت جڏهن اهو شهر اونڌو ٿي رهيو هو تہ حضرت لوط عَلَيْهِ السَّلَام جي هڪ گهرواريءَ جنهن جو نالو "واعلہ"

هو جيڪا حقيقت ۾ منافقہ هئي ۽ قوم جي بدڪارن سان محبت رکندي هئي ان پوئتي مڙي ڏٺو ۽ اهو چيو تہ"هاءِ منهنجي قوم" اهو چئي اها بيهي رهي، پوءِ عذاب الٰهي جو هڪ پٿر ان تي بہ ڪريو ۽ اها بہ هلاڪ ٿي وئي، قرآن شريف ۾ ربّ تعاليٰ جو ارشاد آهي:

فَاَنْجَیْنٰهُ وَ اَهْلَهٗۤ اِلَّا امْرَاَتَهٗ ۖ٘ كَانَتْ مِنَ الْغٰبِرِیْنَ ﴿۸۳﴾ وَ اَمْطَرْنَا عَلَیْهِمْ مَّطَرًا ؕ فَانْظُرْ كَیْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُجْرِمِیْنَ ﴿۸۴﴾ (پ 8 الاعراف: 83، 84)

ترجموڪنزالايمان: پوءِ اسان اُن کي اُن جي گهر وارن کي نجات ڏِني مگر اُن جي عورت پُٺتي رهجي وِيندڙن ۾ ٿِي. ۽ اسان اُنهن تي هِڪ برسات وسائِي پوءِ ڏِسو ڪهڙي پڇاڙي ٿِي مُجرمن جي.

جيڪي پٿر ان قوم تي وسايا ويا اهي ڪنڪر جا ٽڪر هئا ۽ هر پٿر تي ان شخص جو نالو لکيل هو جيڪو انهي پٿر سان هلاڪ ٿيو. (تفسير صاوي ج 2 ص 691، پ 8 الاعراف: 84)

**درس هدايت:** هن واقعي سان خبر پئي تہ لواطت (يعني ڇوڪرن سان بد فعلي) ڪيترو نہ شديد ۽ هولناڪ ڪبيره گناهہ آهي جو انهي جرم ۾ قوم لوط جا پورا ڳوٺ اونڌا ڪيا ويا ۽ مجرم پٿرن جي عذابن سان مري دنيا تان نيست و نابود ٿي ويا.

منقول آهي تہ حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام هڪ ڀيري ابليس لعين کان پڇيو تہ الله تعاليٰ کي سڀ کان وڌيڪ ڪهڙو گناهہ ناپسند آهي؟

تہ ابليس چيو: سڀ کان وڌيڪ الله تعاليٰ کي اهو گناهہ ناپسند آهي تہ مرد، مرد سان بدفعلي ڪري ۽ عورت عورت سان پنهنجي خواهش پوري ڪري ۽ حديث ۾ آهي تہ عورت جو پنهنجي فرج کي ٻي عورت جي فرج سان رڳڙڻ اهڙا ٻنهي جي زناڪاري آهي، جيڪا ڪبيره گناهہ آهي. (روح البيان ج 3 ص 198، پ 8 الاعراف: 84) (لواطت جي ممانعت جو تفصيلي بيان اسان جي ڪتاب "جهنم جا خطرات" ۾ پڙهو)

## ﴿28﴾ سامري جو ڳابو

فرعون جي هلاڪت کان پوءِ بني اسرائيل ان جي گرفت کان آزاد ٿي ايمان آندو ۽ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي رب تعاليٰ جو حڪم ٿيو تہ چاليهہ راتين جو جبل طور تي اعتڪاف ڪن، تنهن کان پوءِ انهن کي ڪتاب (تورات) ڏنو ويندو. حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جبل طور تي هليا ويا ۽ بني اسرائيل کي پنهنجي ڀاءُ حضرت هارون عَلَيْهِ السَّلَام جي حوالي ڪيائون، پاڻ چاليهہ ڏينهن تائين ڏينهن جو روزو رکندا هئا ۽ سڄي رات عبادت ۾ مشغول رهندا هئا.

**سامري:** بني اسرائيل ۾ هڪ حرامي شخص هو جنهن جو نالو سامري هو جيڪو طبعي طور نهايت گمراهہ ۽ گمراهہ ڪندڙ هو، ان جي ماءُ برادري ۾ رسوائي ۽ بدنامي جي ڊپ کان هن جي پيدا ٿيڻ کان پوءِ هڪ پهاڙ جي غار ۾ ڇڏي ڏنو ۽ حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام هن کي پنهنجي آڱر سان کير پياري ڪري پاليو هو، انهيءَ ڪري اهو حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام کي سڃاڻيندو هو، ان جو پورو نالو "موسيٰ سامري" آهي ۽ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جو نالو بہ "موسيٰ" آهي، موسيٰ سامري کي حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام پاليو هو ۽ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي پرورش فرعون جي گهر ۾ ٿي هئي، پر

خدا جو شان جو فرعون جي گهر ۾ پرورش پائڻ وارو موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام
تہ خدا جو رسول ٿيو ۽ حضرت جبرائيل جو نپايل موسيٰ سامري
ڪافر ٿيو ۽ بني اسرائيل کي گمراهہ ڪري انهن کان گابي جي پوڄا
ڪرائي، ان باري ۾ ڪنهن عارف خوب چيو آهي:

اِذَا الْمَرْءُ لَمْ يُخْلَقْ سَعِيْدًا مِّنَ الْاَزَلِ فَقَدْ خَابَ مَنْ رَبّٰى وَخَابَ الْمُؤَمِّلُ
فَمُوْسَى الَّذِىْ رَبَّاهُ جِبْرِيْلُ كَافِرٌ وَمُوْسَى الَّذِىْ رَبَّاهُ فِرْعَوْنُ مُرْسَلُ

يعني جڏهن ڪو ازل کان نيڪ بخت ناهي هوندو تہ اهو نامراد هوندو
آهي ۽ ان جي پرورش ڪرڻ واري جي ڪوشش بہ ناڪام ۽ نامراد
ٿيندي آهي، ڏسو موسيٰ سامري کي جيڪو حضرت جبرائيل عَلَيۡهِ السَّلَام جو
پاليل هو اهو ڪافر ٿيو ۽ حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جيڪي فرعون جي
پرورش ۾ رهيا اهي خدا جا رسول ٿيا. هن جو راز اهو آهي تہ موسيٰ
سامري ازلي شقي ۽ پيدائشي بدبخت هو تہ حضرت جبرائيل عَلَيۡهِ
السَّلَام جي تربيت ۽ پرورش ڪو فائدو نہ ڏنو، ۽ اهو ڪافر ئي رهيو
۽ حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جيئن تہ ازلي سعادت مند ۽ نيڪ بخت هئا
انهيءَ ڪري ڪافر جي پرورش بہ ان کي ڪو نقصان نہ پهچايو.
(تفسير صاوي ج 1 ص 36، پ 1 البقره 51) جن ڏينهن ۾ موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جبل
طور تي اعتڪاف ۾ هئا، سامري سندن غير موجودگي کي موقعو
سمجهيو ۽ اهو فتنو پيدا ڪيو جو بني اسرائيل کان سون چاندي
وٺي ان کي ڳاري (پگهاري) ان مان هڪ گابو ناهيو، ۽ حضرت
جبرائيل عَلَيۡهِ السَّلَام جي گهوڙي جي قدمن جي خاڪ جيڪا ان وٽ
محفوظ هئي ان اها خاڪ گابي جي وات ۾ وڌي تہ اهو گابو ڳالهائڻ
لڳو، پوءِ سامري بني اسرائيل وارن کي چيو تہ اي منهنجي قوم!
حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جبل طور تي رب تعاليٰ جي ديدار جي لاءِ

تشريف کڻي ويا آهن، حالانک اوهان جو خدا تہ اهو گابو آهي، انهيءَ کري اوهان انهيءَ جي عبادت کريو. سامري جي انهيءَ تقرير سان بني اسرائيل وارا گمراهہ ٿي ويا ۽ ٻارهن هزار ماڻهن کانسواءِ سڄي قوم سون ۽ چاندي جي گابي کي ڳالهائيندي ڏسي ان کي خدا مڃي ورتو ۽ ان جي اڳيان سربسجود ٿي انهيءَ گابي جي پوڄا ڪرڻ لڳا. خداوند قدوس جو ارشاد آهي:

وَ اتَّخَذَ قَوْمُ مُوْسٰى مِنْۢ بَعْدِهٖ مِنْ حُلِیِّهِمْ عِجْلًا جَسَدًا لَّهٗ خُوَارٌؕ

ترجموڪنزالايمان: ۽ مُوسيٰ کانپوءِ سندس قوم پنهنجي زيورن مان هِڪ گابي جو ڌڙ ٺاهيو بي ساهہ ڳئُون وانگر رنيندڙ. (پ 9 الاعراف: 148)

جڏهن چاليهہ ڏينهن کان پوءِ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام خدا عَزَّوَجَلَّ سان هم ڪلام ٿيا تہ تورات شريف گڏ کڻي ان علائقي ڏانهن تشريف وٺي آيا ۽ قوم کي گابي جي پوڄا ڪندي ڏٺائون تہ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام تي نهايت غضب ۽ جلال طاري ٿيو، پاڻ ڪاوڙ منجهان تورات شريف کي زمين تي رکيو ۽ پنهنجي ڀاءُ حضرت هارون عَلَيْهِ السَّلَام جي ڏاڙهي ۽ مٿي جا وار پڪڙي گهيلڻ ۽ مارڻ شروع ڪيو ۽ فرمايائون توهان انهن ماڻهن کي انهيءَ ڪم کان ڇو نہ روڪيو. حضرت هارون عَلَيْهِ السَّلَام معذرت ڪرڻ لڳا جيئن قرآن شريف ۾ آهي:

قَالَ ابْنَ اُمَّ اِنَّ الْقَوْمَ اسْتَضْعَفُوْنِیْ وَ كَادُوْا یَقْتُلُوْنَنِیْ ﳲ فَلَا تُشْمِتْ بِیَ الْاَعْدَآءَ وَ لَا تَجْعَلْنِیْ مَعَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِیْنَ ﴿۱۵۰﴾ (پ 9 الاعراف: 150)

ترجموڪنزالايمان: چيائين اي مُنهنجي ماءُ جا پٽ! قوم مُون کي ڪمزور سمجهيو ۽ قريب هو جو مُون کي ماري وِجهن پوءِ دشمنن کي مُون تي نہ کِلاءِ ۽ مُون کي ظالمن ۾ نہ مِلاءِ.

حضرت هارون عَلَيْهِ السَّلَام جي معذرت ٻڌي حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي ڪاوڙ ختم ٿي وئي، ان ڪان پوءِ پنهنجي ڀاءُ حضرت هارون عَلَيْهِ السَّلَام جي لاءِ رحمت ۽ بخشش جي دعا گهري پوءِ پاڻ انهيءَ ڳابي کي ٽوڙي ساڙي ان کي ٽڪر ٽڪر ڪري درياء ۾ وهائي ڇڏيو.

**درس هدايت:** مٿي بيان ڪيل واقعي مان خاص طور تي ٻه سبق مليا: (1) انهيءَ مان عالم سڳورن کي اهو سبق ملي ٿو ته عالم سڳورا پنهنجي مذهب جي عوام کان غافل نه رهن بلڪ هميشه عوام کي مذهبي ڳالهيون ٻڌائيندا رهن، اوهان ڏٺو ته حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي چاليهه ڏينهن جي غيرموجودگي مان سامري فائدو کڻي سڄي قوم کي ڀٽڪائي گمراهه ڪري ڇڏيو، اهڙي طرح جيڪڏهن علماءِ اهلسنت پنهنجي قوم جي هدايت ۽ سار سنڀار کان غافل رهندا ته بدمذهبن کي موقعو ملندو ته اهي ماڻهن کي ورغلائي گمراهه ڪري ڇڏيندا. (2) حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام جي گهوڙي جي پيرن جي خاڪ جو جڏهن اهو اثر آهي جو ڳابي جي وات ۾ پوندي ئي اهو ڳابو ڳالهائڻ لڳو ته ان مان خبر پئي ته الله وارن جي قدمن جي خاڪ ۾ خير ۽ برڪت جا اثر هوندا آهن، انهيءَ ڪري خدا جي نيڪ ٻانهن جي غبار آلود قدمن کي ڌوئي گهرن ۾ پاڻي ڇٽڪارڻ، جيئن ڪجهه خوش عقيده مريدن جو طريقو آهي اهو ڪو لغو ۽ بيڪار ڪم نه آهي بلڪ ان سان ٻه فيض ۽ برڪات حاصل ٿيڻ جي اميد آهي ۽ اهو شرعي طور جائز به آهي. ﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰی اَعْلَم﴾

## ﴿29﴾ مٿي تي جبل

حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام تورات شريف جا احڪام پڙهي بني اسرائيل کي ٻڌايا ۽ فرمايائون: توهان ان تي عمل ڪريو، جڏهن

بني اسرائيل وارن تورات شريف جا احڪام ٻڌا تہ هڪدم انهن ڪي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو، ان سرڪشي تي الله تعاليٰ جو اهو غضب نازل ٿيو جو اوچتو ”جبل طور“ پاڙان اکڙجي هوا ۾ اڏامندو بني اسرائيل جي مٿن تي هوا ۾ معلق ٿي ويو، جيڪي ٿي ميل ڊگهي ۽ ٽي ميل ويڪري زمين تي پکڙيل هئا، جڏهن بني اسرائيل وارن اهو ڏٺو تہ جبل انهن جي مٿن تي لٽڪي رهيو آهي تہ سڀ جا سڀ سجدي ۾ ڪري عهد ڪرڻ لڳا تہ اسان تورات جي سيني احڪامن کي قبول ڪيو ۽ اسان هن تي عمل پڻ ڪنداسين، پر انهن سجدي ۾ پنهنجا ڳل ۽ کابي ڀرون کي زمين تي رکيو ۽ ساڄي اک سان جبل کي ڏسي رهيا هئا تہ ڪٿي اسان تي ڪري تہ نہ ٿو، اهو ئي سبب آهي جو هاڻي بہ يهودي اهڙي طرح سجدو ڪندا آهن جو کابي ڳل ۽ کابي ڀرون کي زمين تي رکندا آهن، بهرحال بني اسرائيل جڏهن توبہ ڪئي ۽ تورات جي حڪمن تي عمل ڪرڻ جو عهد ڪيو تہ جبل پنهنجي جڳهہ تي هليو ويو، قرآن مجيد ۾ هن واقعي کي ڪجهہ جڳهن تي بيان فرمايو آهي، مثال طور سوره اعراف ۾ آهي:

وَ اِذْ نَتَقْنَا الْجَبَلَ فَوْقَهُمْ كَاَنَّهٗ ظُلَّةٌ وَّ ظَنُّوْۤا اَنَّهٗ وَاقِعٌۢ بِهِمْۚ خُذُوْا مَاۤ اٰتَیْنٰكُمْ بِقُوَّةٍ وَّ اذْكُرُوْا مَا فِیْهِ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ﴿۱۷۱﴾ (پ 9 الاعراف: 171)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ جڏهن اسان اُنهن تي پهاڙ ڪِٽِي بيهاريو جڻ اُهو ڇَٽِي آهي ۽ سمجهيا تہ اُهو اُنهن تي ڪِري پوندو، طاقت سان وٺو جيڪو اسان توهان کي ڏنو ۽ ياد ڪريو جيڪِي اُن ۾ آهي مَن تَوهان پرهيزگار ٿِي وڃو.

**درس هدايت:** انهيءَ واقعي مان معلوم ٿيو تہ ناواقفن يا سرڪشن کي ڪنهن نيڪ ڪم ڪرڻ يا چڱي ڳالهہ قبول ڪرڻ لاءِ دٻ

ڌمڪي ڏئي مجبور ڪرڻ عين حڪمت ۽ خداوند قدوس جي مقدس سنّت آهي. ﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰی اَعْلَم﴾

## ﴿30﴾ زبان لٽڪي سيني تي اچي وئي

**بلعم بن باعورا:** اهو شخص پنهنجي دؤر جو وڏو عالم، عابد ۽ زاهد هو ۽ هن کي اسمِ اعظم جو علم پڻ هو، پنهنجي جڳهه تي ويهي پنهنجي روحانيت سان عرش اعظم کي ڏسي وٺندو هئو ۽ نهايت مستجاب الدعوات هئو، هن جون دعائون تمام گهٽيون قبول ٿينديون هيون، هن جي شاگردن جو تعداد بہ تمام گهڻو هو، مشهور اهو آهي تہ هن جي درسگاهہ ۾ شاگردن جون مس ڪپڙيون ٻارهن هزار هيون.

جڏهن حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام "قوم جبارين" سان جهاد ڪرڻ لاءِ بني اسرائيل جي لشڪر کي ساڻ ڪري روانا ٿيا تہ بلعم بن باعورا جي قوم هن وٽ گهبرائيندي آئي ۽ چيائون تہ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام تمام وڏو ۽ نهايت طاقتور لشڪر ڪٺي حملو ڪرڻ وارا آهن ۽ اهي هي چاهين ٿا تہ اسان کي اسان جي زمينن تان ڪڍن ۽ اها زمين پنهنجي قوم بني اسرائيل کي ڏين. انهيءَ ڪري اوهان حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي لاءِ اهڙي بد دعا ڪريو جو اهي شڪست کائي واپس موٽي وڃن، اوهان جيئن تہ مستجاب الدعوات آهيو انهيءَ ڪري اوهان جي دعا ضرور قبول ٿيندي. اهو ٻڌي بلعم بن باعورا ڏڪي پيو، ۽ چوڻ لڳو تہ توهان جو ٻُرو ٿئي، ربّ جي پناهہ! حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام **اللّٰه** جا رسول آهن ۽ سندن لشڪر ۾ مؤمنن ۽ ملائڪن جي جماعت آهي ان تي ڀلا مان ڪيئن ۽ ڪهڙي طرح بد دعا ڪري سگهان ٿو؟ پران جي

قوم روئي ٻاڏائي تمام گهڻو اصرار ڪيو ته هن چيو: استخارو ڪرڻ ڪان پوءِ مون کي اجازت ملي ته بددعا ڪندس، پر استخاري ڪان پوءِ به جڏهن هن کي بد دعا جي اجازت نه ملي ته هن صاف صاف جواب ڏنو ته جيڪڏهن مون بد دعا ڪئي ته منهنجي دنيا ۽ آخرت ٻئي برباد ٿي وينديون.

ان ڪان پوءِ قوم ڪافي قيمتي تحفا سوکڙيون هن جي خدمت ۾ پيش ڪري اصرار ڪيو، ايستائين جو بلعم بن باعورا تي حرص ۽ لالچ جو ڀوت سوار ٿيو ۽ مال جي چار ۾ ڦاسي ويو، ۽ پنهنجي گڏه تي سوار ٿي بد دعا جي لاءِ نڪتو، واٽ ۾ هر هر گڏه بيهي رهندي هئي ۽ منهن موڙي ڀڄڻ چاهيندي هئي پر اهو ان کي ماري ماري اڳتي وٺي پئي ويو، ايستائين جو گڏهِ کي الله تعاليٰ ڳالهائڻ جي سگهه ڏني ۽ ان چيو ته افسوس! اي بلعم بن باعورا تون ڪٿي ۽ ڪيڏانهن وڃي رهيو آهين؟ ڏس! منهنجي اڳيان ملائڪ آهن جيڪي منهنجو رستو روڪي منهن موڙي مون کي پوئتي ڌڪي رهيا آهن. اي بلعم بن باعورا! تنهنجو برو ٿئي، ڇا تون الله جي نبي ۽ مؤمنن جي جماعت تي بد دعا ڪندين؟ گڏه جي تقرير ٻڌي به بلعم بن باعورا واپس نه ٿيو، ايستائين جو اهو"حسبان"

نالي جبل تي چڙهي ويو. ۽ بلندي تان حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي لشڪرن کي غور سان ڏٺو ۽ مال ۽ دولت جي لالچ ۾ ان بد دعا شروع ڪئي پر الله جو شان جو اهو حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي لاءِ بد دعا ڪندو هو پر هن جي زبان مان ان جي پنهنجي قوم جي لاءِ بد دعا جاري ٿيندي هئي، اهو ڏسي ڪيئي ڀيرا هن جي قوم هن

کي ٿوڪيو تہ اي بلعم! تون تہ الٽو بد دعا پيو ڪرين. تہ هن
چيو: اي منهنجي قوم! مان ڇا ڪيان مان چوان هڪ ٿو پر منهنجي
زبان تان نڪري ڪجھ ٻيو پيو، پوءِ اوچتو ان تي غضبِ الٰهي
نازل ٿيو ۽ هڪدم ان جي زبان لٽڪي ان جي سيني تي اچي
وئي. ان وقت بلعم بن باعورا پنهنجي قوم کي روئي چيائين تہ
افسوس منهنجي دنيا ۽ آخرت ٻئي برباد ٿي ويا، منهنجو ايمان
هليو ويو ۽ آئون **اللّٰه** جي ذمر ۽ عذاب ۾ گرفتار ٿيس، هاڻ
منهنجي ڪا بہ دعا قبول نہ ٿي سگھندي، پر توهان کي فريب
واري هڪ چال ٻڌايان ٿو توهان ائين ڪيو تہ شايد حضرت موسيٰ
عَلَيۡهِ السَّلَام جي لشڪرن کي شڪست ملي، توهان هزارين خوبصورت
ڇوڪرين کي بهترين پوشاڪ ۽ زيور پارائي بني اسرائيل جي
لشڪرن ۾ موڪليو، جيڪڏهن هنن مان هڪ ماڻهو بہ زنا ڪيو
تہ سڄي لشڪر کي شڪست ٿيندي، پوءِبلعم بن باعورا جي قوم
ان جو ٻڌايل فريبي چار وڇايو ۽ ڪيئي خوبصورت ڇوڪريون
سينگاري بني اسرائيل جي لشڪر ۾ موڪليون، بني اسرائيل جو
هڪ رئيس هڪ ڇوڪريءَ جي حسن ۽ جمال تي فدا ٿيو ۽ هن
کي پنهنجي جهول ۾ کڻي حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام وٽ ويو ۽ فتويٰ
پڇي تہ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جا نبي! اها عورت منهنجي لاءِ حلال آهي يا نہ؟
پاڻ فرمايائون: خبردار اها تنهنجي لاءِ حرام آهي هڪدم پاڻ کان
جدا ڪر، **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي عذاب کان ڊڄ، پر رئيس تي شهوت جو
اهڙو غلبو طاري هو جو اهو پنهنجي نبي جي فرمان کي ڇڏي
انهيءَ عورت کي پنهنجي خيمي ۾ کڻي ويو ۽ زناڪاري ۾
مشغول ٿي ويو، انهيءَ گناهہ جي نحوست جو اهو اثر ٿيو جو بني

اسرائيل جي لشڪر ۾ اوچتو طاعون (پليگ) جي وبا ڦهلجي وئي ۽ ڪلاڪ ڪن ۾ ستر هزار ماڻهو مري ويا ۽ سڄو لشڪر ٽڙ پکڙ ٿي ناڪام ۽ نامراد واپس موٽيو، جنهن جو حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي دل تي وڏو صدمو ٿيو. (تفسير صاوي ج 2 ص 727، پ 9 الاعراف: 175)

بلعم بن باعورا جبل تان لهي مردودِ بارگاهِ الٰهي ٿي ويو، آخري پساهه تائين هن جي زبان هن جي سيني تي لٽڪندي رهي ۽ بي ايمان ٿي مري ويو، هن واقعي کي قرآن ڪريم هن لفظن سان بيان ڪيو آهي:

وَ اتْلُ عَلَيْهِمْ نَبَاَ الَّذِیْۤ اٰتَیْنٰهُ اٰیٰتِنَا فَانْسَلَخَ مِنْهَا فَاَتْبَعَهُ الشَّیْطٰنُ فَكَانَ مِنَ الْغٰوِیْنَ ﴿۱۷۵﴾ وَ لَوْ شِئْنَا لَرَفَعْنٰهُ بِهَا وَ لٰكِنَّهٗۤ اَخْلَدَ اِلَى الْاَرْضِ وَ اتَّبَعَ هَوٰىهُ ۚ فَمَثَلُهٗ كَمَثَلِ الْكَلْبِ ۚ اِنْ تَحْمِلْ عَلَیْهِ یَلْهَثْ اَوْ تَتْرُكْهُ یَلْهَثْ ؕ ذٰلِكَ مَثَلُ الْقَوْمِ الَّذِیْنَ كَذَّبُوْا بِاٰیٰتِنَا ۚ فَاقْصُصِ الْقَصَصَ لَعَلَّهُمْ یَتَفَكَّرُوْنَ ﴿۱۷۶﴾ (پ 9 الاعراف: 175، 176)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ اي محبُوب اُنهن کي حال ٻڌاءِ اُنهيءَ شخص جو جِنهن کي اسان پنهنجُون آيتُون ڏِنيُون پوءِ اُهو اُنهن کان صاف نڪري ويو پوءِ شيطان اُن جي پُٺيان لڳو تہ گمراهِن مان ٿِي پيو ۽ اسان گهرئون ها تہ آيتن جي سبب اُنهن کي مٿي ڪريُون ها مگر اُهو تہ زمين کي پڪڙي ٻيٺو ۽ پنهنجِي خواهش جو تابع ٿِيو پوءِ اُن جو حال ڪُتي وانگر آهي، تہ جيڪڏهن اُن تي حملو ڪري تہ زبان ٻاهر ڪڍي ۽ اُن کي ڇڏِي تہ بہ زبان ٻاهر ڪڍي، هِيءَ آهي حال اُنهن جو جن اسان جِي آيتُن کي ڪُوڙو سمجهيو پوءِ تُون نصيحت ٻُڌاءِ مَن اُهي ڌِيان ڌين.

**بلعم بن باعورا ڇو ذليل ٿيو؟** روايت آهي تہ ڪجهه نبين سڳورن خدا تعاليٰ جي بارگاهه مان معلوم ڪيو تہ تو بلعم بن باعورا کي

ايتريون نعمتون عطا ڪري پوءِ هن کي ڇو ذلت جي کڏ ۾ ڪرايو؟ ته الله تعاليٰ فرمايو: هن منهنجي نعمتن جو ڪڏهن به شڪر ادا نه ڪيو، جيڪڏهن اهو شڪر گذار هجي ها ته مان هن جون ڪرامتون ڪسي هن کي ٻنهي جهان ۾ ائين ذليل وخوار نه ڪريان ها. (تفسير روح البيان ج 3 ص 139، پ 8 الاعراف: 10)

**درس هدايت:** بلعم بن باعورا جي انهيءَ واقعي مان ڪي هدايت جا درس ملن ٿا: (1) هن مان انهن عالمن ۽ ليڊرن کي سبق حاصل ڪرڻ گهرجي جيڪي مالدارن يا حڪومتن کان رقمون وٺي شريعت جي خلاف ڳالهيون ڪن ٿا ۽ جاٽي واٽي پنهنجي دين ۽ ايمان جو سودو ڪن ٿا، ڏسو! بلعم بن باعورا ڇا هو ۽ ڇا ٿي ويو؟ ائين ڇو ٿيو؟ انهيءَ ڪري جو صرف اهو مال ۽ دولت جي لالچ ۾ گرفتار ٿيو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي نبي تي بددعا ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو ته هن جو وبال ان تي اهو ٿيو جو دنيا ۽ آخرت ۾ ملعون ٿي اهڙو مردود ۽ برباد ٿي ويو جو سڄي عمر ڪتي جيان لٽڪيل زبان ڪٽي هليو ۽ آخرت ۾ جهنّم جي پڙڪندڙ باهه جو ڪاچ ٻڻجي ويو. لهٰذا هر مسلمان خاص ڪري علماء ۽ مشائخ کي مال ۽ دولت جي حرص ۽ لالچ جي ڄار کان هميشه بچڻ گهرجي، ۽ هرگز ڪڏهن به مال جي خواهش ۾ دين جي اندر مداهنت نه ڪرڻ گهرجي، نه ته خوب سمجهي وٺو ته قَهرِالٰهي جي تلوار لٽڪي رهي آهي. ﴿نَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنْه﴾

(2) انهيءَ سانحي مان عام مسلمان اهو سبق حاصل ڪن ته حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جو لشڪر جنهن ۾ ملائڪ ۽ مؤمن هئا ظاهر آهي انهيءَ لشڪر جي ناڪام ٿيڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي، ڇوته

www.dawateislami.net

اهو روحاني ۽ ملڪوتي لشڪر هو انهن جي گهوڙن جي ٽاپ سان جبل لڏي ٿي پيا، پر هڪ بدنصيب جي گناهه جي نحوست اها ٿي جو ملائِڪ لشڪر ڪان جدا ٿي ويا ۽ طاعون جي عذاب پوري لشڪر ۾ اهڙي افراتفري مچائي جو پورو لشڪر ڇڙوڇڙ ٿي ويو ۽ فوج ظفرِ موج ناڪام ونامراد ٿي وئي.

انهيءَ ڪري هر مسلمان تي لازم آهي تہ جيڪڏهن اهو ڪافرن جي مقابلي ۾ سوڀ و فتح چاهي ٿو تہ هروقت گناهن ۽ بدڪارين جي نحوست کان بچندو رهي، نہ تہ ملائڪن جي مدد ختم ٿي ويندي ۽ مسلمانن جو رعب ڪافرن جي دلين مان نڪري ويندو ۽ مسلمانن کي نہ رڳوناڪامي کي منهن ڏيڻو پوندو، بلڪ انهن جي عسڪري طاقت بہ ختم ٿي ويندي ۽ سڄي قوم صفحہ هستي تان حرفِ غلط جيان مٽجي ويندي. (نعوذ بالله منہ)

## ﴿31﴾ حضرت يونس عَلَيْهِ السَّلَام مڇي جي پيٽ ۾

حضرت يونس عَلَيْهِ السَّلَام شهر ”نَيْنوِيٰ“جي رهواسين جي هدايت جي لاءِ رسول بڻائي موڪليا ويا هئا.

**نَينوِيٰ:** اهو موصل جو هڪ وڏو شهر هو، هتي جا ماڻهو بت پرستي ڪندا هئا ۽ ڪفرءِ شرڪ ۾مبتلا هئا. حضرت يونس عَلَيْهِ السَّلَام انهن ماڻهن کي ايمان آڻڻ ۽بت پرستي ڇڏڻ جو حڪم ڏنو، پر انهن ماڻهن پنهنجي سرڪشي ۽ هوڏ جي ڪري **الله** عَزَّوَجَلَّ جي رسول عَلَيْهِ السَّلَام کي نہ مڃيو ۽ ايمان آڻڻ کان انڪار ڪيائون. حضرت يونس عَلَيْهِ السَّلَام انهن کي خبر ڏني تہ عنقريب اوهان تي عذاب اچڻ وارو آهي، اهو ٻڌي شهر جي ماڻهن پاڻ ۾ اهو مشورو ڪيو تہ حضرت يونس عَلَيْهِ السَّلَام ڪڏهن بہ ڪا ڪوڙي ڳالهہ نہ ڪئي آهي انهيءَ ڪري

ڏسو جيڪڏهن اهي رات جو انهيءَ شهر ۾ رهن ٿا ته سمجهو ڪو خطرو ناهي ۽ جيڪڏهن انهن هن شهر ۾ رات نه گذاري ته يقين ڪريو ته ضرور عذاب ايندو، رات جي وقت ماڻهن اهو ڏٺو ته حضرت يونس عَلَيۡهِ السَّلَام شهر مان ٻاهر تشريف وٺي ويا، ۽ واقعي صبح ٿيندي ئي عذاب جا آثار نظر اچڻ لڳا ته چئني طرفان ڪارا بادل ظاهر ٿي ويا ۽ هر پاسي کان دونهون اٿي شهر تي ڇائنجي ويو، اهو منظر ڏسي شهر جي رهواسين کي يقين ٿي ويو ته عذاب اچڻ وارو آهي ته پوءِ ماڻهن کي حضرت يونس عَلَيۡهِ السَّلَام جي تلاش ۽ جستجو ٿي، پر اهي پري پري تائين نظر نه آيا، هاڻ شهر وارن کي ويتر وڌيڪ خطرو ۽ انديشو ٿي ويو، شهر جا سيئي ماڻهو خوف خدا کان ڏڪڻ لڳا ۽ سيني عورتن، ٻارن ٻلڪ پنهنجي چوپاين کي گڏ وٺي ۽ پراڻا ڦاٽل ڪپڙا پائي روئيندي جهنگ ڏانهن نڪتا ۽ روئي سچي دل سان حضرت يونس عَلَيۡهِ السَّلَام تي ايمان آڻڻ جو اقرار ۽ اعلان ڪرڻ لڳا، مڙس گهرواريءَ ۽ مائرون ٻارن کان جدا ٿي سيئي بخشش جي دعا ۾ مشغول ٿي ويا ۽ ربّ جي بارگاهه ۾ ٻاڏائي ڪري آهه زاري شروع ڪئي، جيڪي ظلم هڪ ٻئي تي ڪيا هئا اهي معاف ڪرائڻ لڳا ۽ جيترا حق ضايع ڪيا هئا سڀ پاڻ ۾معاف ڪرائڻ لڳا، مطلب ته سچي توبه ڪري خدا عَزَّوَجَلَّ سان اهو عهد ڪيو ته حضرت يونس عَلَيۡهِ السَّلَام جيڪو خدا جو پيغام آندو اسان ان تي سچي دل سان ايمان آندو، شهر وارن جي بيقراري ۽ مخلصانه گريه زاري تي الله تعاليٰ کي رحم آيوءِ عذاب ڪنيو ويو. هڪدم دونهن ۽ عذاب جا بادل هليا ويا ۽ سيئي واپس شهر ۾ اچي امن ۽ چين سان رهڻ لڳا.

انهيءَ واقعي جو ذڪر ڪندي خداوند قدوس قرآن مجيد ۾ ائين ارشاد فرمايو:

فَلَوْلَا كَانَتْ قَرْيَةٌ اٰمَنَتْ فَنَفَعَهَاۤ اِيْمَانُهَاۤ اِلَّا قَوْمَ يُوْنُسَ ؕ لَمَّاۤ اٰمَنُوْا كَشَفْنَا عَنْهُمْ عَذَابَ الْخِزْيِ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَ مَتَّعْنٰهُمْ اِلٰى حِيْنٍ ﴿۹۸﴾

**ترجموڪنزالايمان:** پوءِ ائين ڇو نہ ٿيو جو ڳوٺ وارا اِيمان آڻن ها تہ پوءِ اُنهن جو اِيمان ڪين ڪم ڏي ها، هائو يُونُس جي قوم جڏهن اِيمان آندو تہ اسان اُنهن کان خوارِي جو عذاب زندگِيءَ ۾ ٽاري ڇڏيو ۽ هڪ وقت تائِين اُنهن کي نفعو وٺڻ ڏِنو. (پ 11 يونس: 98)

مطلب اهو تہ جڏهن ڪنهن قوم تي عذاب ايندو آهي تہ عذاب اچڻ کان پوءِ ايمان آڻڻ فائديمند ناهي هوندو پر حضرت يونس عَلَيْهِ السَّلَام جي قوم تي عذاب جا بادل اچي وڃڻ کان پوءِ بہ جڏهن انهن ماڻهن ايمان آندو تہ انهن تان عذاب ڪنيو ويو.

**عذاب ٽارڻ جي دعا:** طبراني شريف جي روايت آهي تہ شهر نينوىٰ تي جڏهن عذاب جا آثار ظاهر ٿيڻ لڳا ۽ حضرت يونس عَلَيْهِ السَّلَام تلاش ۽ جستجو جي باوجود ماڻهن کي نہ مليا تہ شهر وارا گهبرائجي شهر جي هڪ عالم وٽ آيا جيڪو ايمان وارو ۽ بزرگ هو ۽ ان کي فرياد ڪرڻ لڳا تہ انهي حڪم ڏنو تہ توهان اهو وظيفو پڙهي دعا گهرو:

يَا حَيُّ حِيْنَ لَا حَيَّ وَ يَا حَيُّ يُحْيِ الْمَوْتٰى وَ يَا حَيُّ لَا اِلٰهَ اِلَّا اَنْتَ

انهن هن کي پڙهي دعا گهري تہ عذاب ٽري ويو، پر مشهور محدث ۽ باڪرامت ولي حضرت فضيل بن عياض رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو قول آهي تہ نينوىٰ شهر جو عذاب جنهن دعا جي برڪت سان پري ٿيو اها هي آهي: اَللّٰهُمَّ اِنَّ ذُنُوْبَنَا قَدْ عَظُمَتْ وَجَلَّتْ وَاَنْتَ اَعْظَمُ وَاَجَلُّ فَافْعَلْ بِنَا مَا اَنْتَ اَهْلُهٗ وَ لَا تَفْعَلْ بِنَا مَا نَحْنُ اَهْلُهٗ

بهرحال عذاب ٽري وڃڻ کان پوءِ حضرت يونس عَلَيْهِ السَّلَام شهر جي ويجهو آيا ته اوهان شهر ۾ عذاب جو اثر نه ڏٺو، ماڻهن عرض ڪيو: اوهان قوم ڏانهن تشريف ڪٽي اچو، ته پاڻ فرمايائون: مان ڪيئن پنهنجي قوم ڏانهن وڃان؟ مان ته انهن کي عذاب جي خبر ڏئي شهر مان نڪري ويو هئس پر عذاب نه آيو، ته هاڻ اهي ماڻهو مون کي ڪوڙو سمجهي قتل ڪندا، پاڻ اهو فرمائي ڪاوڙ ۾ شهر کان موٽي واپس هليا ويا ۽ هڪ ڪشتي ۾ سوار ٿي ويا ۽ اها ڪشتي جڏهن سمند جي وچ ۾ پهتي ته بيهي رهي، اتي جي ماڻهن جو اهو عقيدو هو ته اها ئي ڪشتي سمند ۾ بيهندي آهي جنهن ڪشتي ۾ ڪو ڀڳل غلام سوار هوندو آهي، پوءِ ڪشتي وارن ڪُڻا وڌا ته حضرت يونس عَلَيْهِ السَّلَام جو نالو ڪُڻي ۾ نڪتو ته ڪشتي وارن کين سمند ۾ اڇلائي ڇڏيو ۽ ڪشتي ڪٽي روانا ٿي ويا ۽ اوچتو هڪ مڇي اوهان کي ڳيهي وئي ۽ مڇي جي پيٽ ۾ جتي بلڪل اونداهي هئي پاڻ قيد ٿي ويا، پر انهيءَ حالت ۾ اوهان آيت ڪريمه:

لَآ اِلٰهَ اِلَّآ اَنْتَ سُبْحٰنَكَ ۖ اِنِّیْ كُنْتُ مِنَ الظّٰلِمِیْنَ ﴿۸۷﴾ (پ 17 الانبياء 87)

جو وِرد پڙهڻ شروع ڪيو ته هن جي برڪت سان الله تعالیٰ اوهان کي اونداهي ڪوٺڙي مان نجات ڏني ۽ مڇي ڪناري تي اوهان کي ڪدي ڇڏيو، انهيءَ وقت اوهان نهايت ڪمزور ٿي چڪا هئا، خدا جو شان جو ان جڳهه تي ڪدو جي هڪ ول قتي پئي ۽ پاڻ ان جي ڇانو ۾ آرام ڪندا رهيا پوءِ جڏهن اوهان ۾ ڪجهه توانائي آئي ته پاڻ پنهنجي قوم ۾ واپس موٽي آيا ته سيني ماڻهن نهايت

محبت ۽ احترام سان پيش اچي اوهان تي ايمان آندو.
(صاوي ج 3 ص 893 پ 11 يونس: 98)

حضرت يونس عَلَيۡهِ السَّلَام جي انهيءَ دردناڪ واقعي کي قرآن ڪريم انهن لفظن ۾ بيان فرمايو آهي:

وَ اِنَّ يُوۡنُسَ لَمِنَ الۡمُرۡسَلِيۡنَ ﴿١٣٩﴾ اِذۡ اَبَقَ اِلَى الۡفُلۡكِ الۡمَشۡحُوۡنِ ﴿١٤٠﴾ فَسَاهَمَ فَكَانَ مِنَ الۡمُدۡحَضِيۡنَ ﴿١٤١﴾ فَالۡتَقَمَهُ الۡحُوۡتُ وَ هُوَ مُلِيۡمٌ ﴿١٤٢﴾ فَلَوۡلَاۤ اَنَّهٗ كَانَ مِنَ الۡمُسَبِّحِيۡنَ ﴿١٤٣﴾ لَلَبِثَ فِيۡ بَطۡنِهٖۤ اِلٰى يَوۡمِ يُبۡعَثُوۡنَ ﴿١٤٤﴾ فَنَبَذۡنٰهُ بِالۡعَرَآءِ وَ هُوَ سَقِيۡمٌ ﴿١٤٥﴾ وَ اَنۡۢبَتۡنَا عَلَيۡهِ شَجَرَةً مِّنۡ يَّقۡطِيۡنٍ ﴿١٤٦﴾ وَ اَرۡسَلۡنٰهُ اِلٰى مِائَةِ اَلۡفٍ اَوۡ يَزِيۡدُوۡنَ ﴿١٤٧﴾ فَاٰمَنُوۡا فَمَتَّعۡنٰهُمۡ اِلٰى حِيۡنٍ ﴿١٤٨﴾ (پ 23 الصفت 139 تا 148)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ بيشڪ يونس پيغمبرن مان آهي، جڏهن جو ڀريل ٻيڙيءَ جي طرف نڪري ويو، پوءِ ڪڻو وڌائين تہ هٽايلن مان ٿي پيو پوءِ ان کي مڇي لقمو بڻايو ۽ اهو پنهنجو پاڻ کي ملامت ڪري رهيو هو پوءِ جيڪڏهن اهو پاڪائي بيان ڪندڙ نہ هجي ها تہ ضرور ان جي پيٽ ۾ رهي ها ماڻهن کي اٿاريو وڃڻ ڏينهن تائين، پوءِ اسان ان کي ميدان تي ڦٽي ڪيو ۽ اهو بيمار هو، ۽ اسان ان تي ڪدو جو وڻ ڄمايو ۽ اسان ان کي لک ماڻهن جي طرف موڪليو بلڪ زياده ڏي، پوءِ انهن ايمان آندو پوءِ اسان انهن کي هڪڙي وقت تائين نفعو وٺڻ ڏنو.

**درس هدايت:** (1) نينويٰ وارن جي واقعي مان اهو سبق ملي ٿو تہ جڏهن ڪنهن قوم تي ڪا مصيبت عذاب بڻجي نازل ٿئي تہ ان مصيبت مان نجات حاصل ڪرڻ جو اهو ئي طريقو آهي تہ ماڻهن کي توبہ ۽استغفار ۾ مشغول ٿي دعائون گهرڻ گهرجن تہ اميد آهي ٻانهن جي بيقراري ۽ انهن جي گريہ زاري تي ارحم الراحمين

رحم ڪري مصيبتن واري عذاب کي پري ڪري ڇڏي.

(2) حضرت يونس عَلَيْهِ السَّلَام جي دل ڏکائڻ واري مصيبت ۽ مشڪلات مان اها هدايت ملي ته الله تعاليٰ پنهنجي خاص ٻانهن کي ڪهڙي طرح امتحان ۾ وجهندو آهي پر جڏهن ٻانها امتحان ۾ پئجي صبر ۽ استقامت جو دامن ناهن ڇڏيندا ۽ مصيبتن جي طوفان ۾ به خدا جي ياد کان غافل ناهن ٿيندا ته اَرحم الراحمين پنهنجي ٻانهن جي ڇوٽڪاري جو غيب مان اهڙو انتظام فرمائيندو آهي جو ڪو سوچي به نٿو سگهي، غور ڪيو ته حضرت يونس عَلَيْهِ السَّلَام کي جڏهن ڪشتي وارن سمنڊ ۾ اڇلايو ته سندن زندگي ۽ سلامتي جو ڪهڙو ذريعو باقي رهجي ويو هو؟ پوءِ مڇي ان کي ڳهي وئي ته هاڻي حياتي جو ڪهڙو سهارو رهجي ويو؟ پر انهيءَ حال ۾ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام جڏهن آيت ڪريمه جو وظيفو پڙهيو ته الله تعاليٰ انهن کي مڇي جي پيٽ ۾ زنده سلامت رکيو ۽ مڇي جي پيٽ مان انهن کي هڪ ميدان ۾ پهچايو ۽ پوءِ انهن کي تندرستي ۽ سلامتي سان ان جي قوم ۽ وطن ۾ پهچايو، ۽ ان جي تبليغ جي ڪري هڪ لک کان وڌيڪ ماڻهن کي هدايت ملي.

## ﴿32﴾ چئن مهينن جي ٻار جي شاهدي

حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام کي جڏهن سندن ڀائرن کوه ۾ وڌو ته هڪ شخص جنهن جو نالو مالڪ بن ذعر هو جيڪو مدين جو رهاڪو هو، هڪ قافلي سان گڏ ان کوه تي پهتو ۽ پنهنجو ڏول کوه ۾ وڌو ته حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام هن ڏول کي پڪڙي ورتو ۽ مالڪ بن ذعر اوهان کي کوه مان ڪڍيو، تڏهن سندن ڀائرن چيو اهو اسان جو ڀڳل

غلام آهي، جيڪڏهن توهان هن کي خريد ڪريو ته اسان نهايت سستو اوهان کي وڪڻنداسين، پوءِ ان جي پيائرن صرف ويهه درهم ۾ حضرت يوسف کي وڪڻيو پر اهو شرط رکيو ته توهان هن کي هتان کان ايترو پري ڪڻي ويندا جو هن جي خبر به اسان جي ڪنن تائين نه پهچي، مالڪ بن ذعر انهن کي خريد ڪري مصر جي بازار ڏانهن ويو ۽ بازار ۾ وڪڻڻ جو اعلان ڪيو، انهن ڏينهن ۾ مصر جو بادشاهه ريان بن وليد عمليقي هو ۽ ان پنهنجي وزيراعظم قطفير مصري کي مصر جي حڪومت جا خزانا سپرد ڪيا هئا ۽ مصر جا ماڻهو هن کي ”عزيز مصر“ جي لقب سان سڏيندا هئا، جڏهن عزيز مصر کي خبر پئي ته مصر جي بازار ۾ هڪ نهايت خوبصورت غلام وڪري جي لاءِ آندو ويو آهي ۽ ماڻهو ان جي خريداري جي لاءِ وڏي رقم ڪڻي بازار ۾ گڏ ٿي ويا آهن، عزيز مصر حضرت يوسف عَلَيۡهِ السَّلَام جي وزن جي برابر سون ۽ ايتري ئي چاندي ۽ ايترو ئي مُشڪ ۽ ايترو ئي ريشم قيمت ڏئي خريد ڪيو، ۽ گهر وٺي پنهنجي گهرواريءَ ”زليخا“ کي چيو ته هن غلام کي نهايت عزت ۽ احترام سان رکو، ان وقت سندن عمر شريف تيرهن(13) سال يا سترهن سال هئي، زليخا حضرت يوسف عَلَيۡهِ السَّلَام جي حسن وجمال تي فدا ٿي وئي ۽ هڪ ڏينهن خوب هار سينگار ڪري سيني دروازن کي بند ڪيو ۽ حضرت يوسف عَلَيۡهِ السَّلَام کي اڪيلائي ۾ ورغلائڻ لڳي، پاڻ مَعَاذَ الله چئي فرمايائون:مان پنهنجي مالڪ عزيز مصر جي احسان کي وساري ان سان هرگز ڪا به خيانت نٿو ڪري سگهان، پوءِ جڏهن خود زليخا ان ڏانهن وڌي ته پاڻ وٺي ڀڳا ته زليخا پٺيان سندن قميص کي پويان کان پڪڙيو ته اها ڦاٽي پئي ۽ اوهان جي پويان زليخا ڀڄندي وڌي

دروازي تائين پهتي، اتفاق سان نيڪ ان وقت عزيز مصر گهر ۾ داخل ٿيو، ۽ ٻنهي کي ڀڄندي ڏسي ورتو تہ زليخا عزيز مصر کي چيو تہ هن غلام جي سزا اها آهي تہ هن کي جيل ۾ موڪليو وڃي يا ٻي ڪا سخت سزا ڏني وڃي، ڇو تہ هن تنهنجي گهرواري سان برائي جو ارادو ڪيو هو، حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام فرمايو: اي عزيز مصر! اها بلڪل غلط بياني ڪري رهي آهي، هن پاڻ مون کي ورغلائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ مان هن کان بچڻ جي لاءِ ڀڳس تہ هن منهنجو پيڇو ڪيو، عزيز مصر ٻنهي جو بيان ٻڌي حيران ٿيو ۽ چيائين: اي يوسف عَلَيْهِ السَّلَام مان ڪيئن اعتبار ڪيان تہ توهان سچا آهيو؟ پاڻ فرمايائون: گهر ۾ ڇئن مهينن جو هڪ ٻار پينگهي ۾ ليٽيل آهي جيڪو زليخا جي مامي جو پٽ آهي هن کان پڇا ڪيو تہ ڇا معاملو آهي؟ تہ عزيز مصر چيو تہ ڀلا ڇئن مهينن جو ٻار ڪيئن ڳالهيندو؟ پاڻ فرمايائون: **الله** تعاليٰ هن کي ضرور منهنجي بي گناهہ هجڻ جي شاهدي جي لاءِ قدرت عطا فرمائيندو ڇو تہ مان بي قصور آهيان، پوءِ عزيز مصر جڏهن هن ٻار کان پڇيو تہ هن ٻار وڏي آواز سان فصيح زبان ۾ اهو چيو:

اِنْ كَانَ قَمِيْصُهٗ قُدَّ مِنْ قُبُلٍ فَصَدَقَتْ وَ هُوَ مِنَ الْكٰذِبِيْنَ ﴿۲۶﴾ وَ اِنْ كَانَ قَمِيْصُهٗ قُدَّ مِنْ دُبُرٍ فَكَذَبَتْ وَ هُوَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿۲۷﴾

(پ 12، يوسف 26، 27)

**ترجمو ڪنزالايمان:** شاهدي ڏني جيڪڏهن ان جي قميص اڳيان ڦاٽل آهي تہ عورت سچي آهي ۽ ان غلط چيو، ۽ جيڪڏهن ان جي قميص پٺيان کان ڦاٽل آهي تہ پوءِ عورت ڪوڙي ۽ هي سچو.

ٻار جي زبان مان عزيز مصر اها شاهدي ٻڌي ۽ جڏهن ڏٺو تہ سندن

ڪُرتو پويان کان ڦاٽل هو تہ ان وقت عزيز مصر حضرت يوسف عَلَيۡهِ السَّلَام جي بي گناهي جو اعلان ڪندي اهو چيو:

اِنَّهٗ مِنۡ كَيۡدِكُنَّ ؕ اِنَّ كَيۡدَكُنَّ عَظِيۡمٌ ﴿۲۸﴾ يُوۡسُفُ اَعۡرِضۡ عَنۡ هٰذَا ٜ وَاسۡتَغۡفِرِىۡ لِذَنۡۢبِكِ ۖۚ اِنَّكِ كُنۡتِ مِنَ الۡخٰطِـئِيۡنَ ﴿۲۹﴾ (پ 12، يوسف 28، 29)

**ترجموڪنزالايمان:** بيشڪ هي توهان عورتن جي مڪاري آهي، بيشڪ توهان جي مڪاري وڏي آهي، اي يوسف تون اهو خيال نہ ڪر ۽ اي عورت تون پنهنجي گناہ جي معافي گھر بيشڪ تون خطا وارن مان آهين.

## ﴿33﴾ حضرت يوسف عَلَيۡهِ السَّلَام جو ڪُرتو

حضرت يوسف عَلَيۡهِ السَّلَام کي ڀائرن جڏهن کوھ ۾ وڌو تہ پنهنجي والد حضرت يعقوب عَلَيۡهِ السَّلَام کي وجهي اهو ٻڌايو تہ حضرت يوسف عَلَيۡهِ السَّلَام کي بگھڙ کائي ويو آهي تہ حضرت يعقوب عَلَيۡهِ السَّلَام کي تمام گھڻو ڏک، رنج ۽ صدمو ٿيو، ۽ پنهنجي پٽ جي غم ۾ ڪيئي ڏينهن تائين پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام روئيندا رهيا ۽ گھڻو روئڻ جي ڪري نظر گھٽ ٿي وئي، پوءِ سالن کان پوءِ جڏهن يوسف عَلَيۡهِ السَّلَام جا ڀائرن ڏڪار جي ڏينهن ۾ اناج وٺڻ جي لاءِ ٻيو ڀيرو مصر ويا ۽ ڀائرن اوهان کي سڃاڻي شرمسار ٿي معافي جا طلبگار ٿيا تہ پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام انهن کي معاف ڪندي اهو فرمايو تہ اڄ توهان تي ڪا بہ ملامت ناهي، الله تعاليٰ اوهان کي معاف فرمائي، هو **ارحم الراحمين** آهي.

جڏهن ڀائرن کان پنهنجي پيءُ حضرت يعقوب عَلَيۡهِ السَّلَام جو حال پڇيائون تہ ڀائرن ٻڌايو: اهي اوهان جي جدائي ۾ روئيندي روئيندي نهايت ڪمزور ٿي ويا آهن ۽ سندن نظر بہ گھٽ ٿي وئي آهي، ڀائرن جي زباني والد سڳوري جو حال ٻڌي حضرت يوسف عَلَيۡهِ السَّلَام نهايت ئي رنجيده ۽ غمگين ٿيا، پوءِ اوهان پنهنجي ڀائرن کي فرمايو:

اِذْهَبُوْا بِقَمِيْصِيْ هٰذَا فَاَلْقُوْهُ عَلٰى
وَجْهِ اَبِيْ يَاْتِ بَصِيْرًا ۚ وَاْتُوْنِيْ بِاَهْلِكُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿۹۳﴾
(پ 13، يوسف 93)

**ترجموڪنزالايمان:** منهنجي هي قميص ڪڻي وڃو ان کي منهنجي پيءُ جي منهن تي وجهو تہ ان جون اکيون نور واريون ٿي ويندِيون ۽ پنهنجي سموري گهروارن کي مون وٽ وٺي اچو.

پوءِ يوسف عَلَيْهِ السَّلَام جي ڀائرن هن ڪرتي کي ڪڻي مصر کان ڪنعان روانا ٿيا، سندن ڀائرن مان يهودا چيو تہ هن ڪرتي کي آئون ڪڻي حضرت يعقوب وٽ ويندس، چوتہ حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام کي کوھ ۾ وجهي انهن جو رت ڀريو ڪرتو بہ آئون ئي ڪڻي ويو هئس ۽ مون ئي اهو چئي انهن کي غمگين ڪيو هو تہ يوسف عَلَيْهِ السَّلَام کي بگهڙ کائي ويو آهي، جيئن تہ مون انهن کي غمگين ڪيو هو، تنهن ڪري اڄ آئون ئي اهو ڪرتو ڏئي ۽ حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام جي زندگي جي خوشخبري ڏئي انهن کي خوش ڪرڻ چاهيان ٿو، يهودا هن ڪرتي کي ڪڻي اَسي کوھ تائين مٿي ۽ پيرين اگهاڙي ڀڄندو ويو، واٽ جي لاءِ ست مانيون انهن وٽ هيون پر خوشي جي ڪري ۽ جلد پهچڻ جي شوق ۾ انهن مانين کي بہ اهو کائي نہ سگهيو ۽ جلد کان جلد والد محترم جي بارگاھ ۾ پهچي ويو. يهودا جيئن ئي مصر کان ڪنعان ڏانهن روانو ٿيو، ڪنعان ۾ حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام کي حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام جي خوشبو محسوس ٿي ۽ اوهان پوٽن کي فرمايو:

اِنِّيْ لَاَجِدُ رِيْحَ يُوْسُفَ لَوْ لَآ اَنْ تُفَنِّدُوْنِ ﴿۹۴﴾

**ترجموڪنزالايمان:** چيو بيشڪ مان يوسف جي خوشبو لهان ٿو جيڪڏهن مون کي هي نہ چئو تہ هوش وڃايل آهيان. (پ 13، يوسف 94)

اوهان جي پوٽن جواب ڏنو تہ خدا جو قسم! اوهان اجا بہ پنهنجي پراڻي چاهت ۾ گرفتار آهيو، ڀلا يوسف ڪٿي ۽ ڪٿي انهن جي خوشبو؟ پر جڏهن يهودا ڪرتو کڻي ڪنعان پهتو ۽ جيئن ئي ڪرتي کي حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام جي چهري تي رکيو تہ هڪدم سندن اکيون روشن ٿي ويون، قرآنِ ڪريم ۾ الله تعاليٰ فرمايو تہ

فَلَمَّآ اَنْ جَآءَ الْبَشِيْرُ اَلْقٰىهُ عَلٰى وَجْهِهٖ فَارْتَدَّ بَصِيْرًا ۚ قَالَ اَلَمْ اَقُلْ لَّكُمْ ۚۙ اِنِّیْۤ اَعْلَمُ مِنَ اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿۹۶﴾ (پ 13، يوسف 96)

**ترجموڪنزالايمان:** پوءِ جڏهن خوشخبري ٻڌائيندڙ آيو ان اها قميص يعقوب جي منهن تي رکي ان وقت سندس اکيون ٺي ويون، چيائين مان توهان کي چيو نہ هو تہ مون کي الله جا اهي شان معلوم آهن جيڪي توهان نہ ٿا ڄاڻو.

يهودا مصر کان حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام جو ڪرتو کڻي جيئن ئي ڪنعان ڏانهن هليو، حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام ڪنعان ۾ ويهي حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام جي خوشبو سونگهي ورتي، هن باري ۾ حضرت شيخ سعدي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه هڪ وڏي نصيحت آموز ۽ پياري حڪايت لکي آهي، جيڪا نهايت دلڪش ۽ نهايت ڪيف آور آهي.

## حڪايت:

يڪے پرسيد ازاں گم ڪرده فرزند — ڪه اے عالی گهر! پيرخرد مند

حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام کان جنهن جا فرزند گم ٿيا هئا، ڪنهن پڇيو تہ اي عالي ذات ۽ عقلمند بزرگ

زمصرش بوئے پيراهن شميدی — چرادر چاهِ ڪنعانش نديدی

اوهان مصر جي ڏورانهين مقام تي حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام جي ڪرتي جي خوشبو سونگهي ورتي ۽ جڏهن حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام ڪنعان جي سرزمين تي هڪ کوه ۾ هئا تہ اوهان ايتري ويجهي کان انهن جي

خوشبو محسوس نہ ڪئي ان جو سبب ڇا آهي؟
تہ حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام اهو جواب ڏنو تہ

بگفتا حال ما برق جهان است دمے پیدا و دیگر دم نهان است
گھے بر طارمِ اعلٰی نشینم گھے بر پشت پائے خود نه بینم

يعني اسان الله وارن جو حال چمڪندڙ بجلي جيان آهي جو پل ڪن ۾ ظاهر ۽ گهڙي ڪن ۾ غائب ٿي ويندي آهي، ڪڏهن تہ اسان تي الله جي نوراني صفتن جي تجلي ٿي ويندي آهي تہ اسان آسمان تي وڃي ويهي رهندا آهيون ۽ سڄي ڪائنات اسان جي سامهون هوندي آهي ۽ ڪڏهن اسان تي استغراق جي ڪيفيت طاري ٿيندي آهي تہ اسان ماڻهو خدا جي ذات وصفات ۾ اهڙا مستغرق ٿيندا آهيون جو تمام ماسوا الله کان بي نياز ٿي ويندا آهيون، ايستائين جو اسان پنهنجي پني کي بہ ڏسي نہ سگهندا آهيون، اهو ئي سبب آهي جو مصر کان اسان يوسف عَلَيْهِ السَّلَام جي ڪرتي کي سنگهي ان جي خوشبو محسوس ڪئي، ڇوتہ ان وقت اسان تي ڪشف واري ڪيفيت طاري هئي، پر ڪنعان جي کوھ مان اسان کي حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام جي خوشبو انهيءَ ڪري محسوس نہ ٿي سگهي جو ان وقت اسان تي استغراق واري ڪيفيت جو غلبو هو ۽ اسان جو حال اهو هو جو ـ

میں کس کی لوں خبر، مجھے اپنی خبر نہیں!

**درسِ هدايت:** هن پوري واقعي مان اسان کي خاص ڪري بہ سبق مليا آهن: (1) اهو تہ الله وارن جي لباس ۽ ڪپڙن ۾ بہ وڏي برڪت ۽ ڪرامت هوندي آهي، انهيءَ ڪري بزرگن جي لباس ۽ پوشاڪ کي تبرڪ بڻائي رکڻ ۽ ان مان برڪت ۽ شفاء حاصل

ڪرڻ ۽ ان کي ربّ تعاليٰ جي بارگاھ ۾ وسيلو بڻائي دعا گھرڻ اهو قبوليت ۽ سعادت حاصل ڪرڻ جو هڪ وڏو ذريعو آهي.

(2) **الله** وارن جو حال هر وقت ۽ هميشہ هڪجھڙو ناهي رهندو، بلڪ ڪڏهن انهن تي **الله** تعاليٰ جي تجليات و انوار سبب اهڙو حال طاري ٿي ويندو آهي جو ان وقت اهي سڄي عالم جي ذري ذري کي ڏسڻ لڳندا آهن ۽ ڪڏهن **الله** تعاليٰ جي تجليات ۾ اهڙي طرح گم ٿي ويندا آهن جو تجلين جي مشاهدي ۾ مستغرق ٿي سڄي جهان کان بي پرواھ ٿي ويندا آهن، ان وقت انهن تي اهڙي ڪيفيت طاري ٿي ويندي آهي جوانهن کي ڪجھ بہ نظر ناهي ايندو، ايستائين جو اهو پنهنجو نالو تائين وساري ڇڏيندا آهن، تصوف جون اهي بہ ڪشفي و استغراقي ڪيفيتون اهڙيون آهن جنهن کي هر شخص سمجھي ناهي سگهندو، بلڪ انهن ڪيفيتن ۽ احوال کي اهي ماڻھو ئي سمجھي سگهن ٿاجيڪي صاحب نسبت واهل اِدراڪ آهن جنهن تي خود اهي احوال ۽ ڪيفيتون طاري ٿينديون هجن سچ آهي تہ

لذتِ مے نہ شناسی بخدا تا نہ چشی

۽ هن حال ۽ ڪيفيت جو طاري ٿيڻ هن ڳالھ تي موقوف آهي جو ذڪر وفڪر ۽ مراقبي سان گڏوگڏ ڪامل شيخ جي باطني توجھ سان دل جي صفائي ۽ قلبي نورانيت پيدا ٿي ويندي آهي، سلطان تصوف حضرت مولانا رومي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه هن نڪتي ڏانهن اشارو ڪندي فرمائن ٿا:

صد کتاب و صد ورق در نار کُن  روئے دل را جانب دلدار کُن

۽ ڪنهن بي عارف اهو فرمايو تہ

از 'كنز' و 'هدايه' نه توان يافت خدارا
سى پارهٔ دل خواں كه كتابے به ازيں نيست

يعني خالي ڪنزالدقائق ۽ هدايہ پڙهڻ سان خدا ناهي ملندو بلڪ دل جي سيپاري(ڪتاب) کي پڙهو چاڪاڻ تہ هن کان بهتر ڪو ڪتاب ناهي.

پر هن نفساني دؤر ۾ جڏهن تصوف جي پيروڪارن پنهنجي بي عملي سان تصوف جي مضبوط ۽ مستحڪم محل کي تباهہ ڪري ڇڏيو آهي ۽ رڳو قيٽن ۽ شعبده بازين تي پيري مريدي جو ڊرامو ڪري رهيا آهن ۽ رڳو رنگ برنگي ڪپڙن ۽ نئين نئين پوشاڪن تسبيحن ۽ عصي کي شيخ ٿيڻ جو معيار بڻائي رکيو آهي، پوءِ ڀلا اهي تصوف جي حقيقي ڪيفيتن ۽ تجليات کي ڪڏهن ۽ ڪيئن سمجهي سگهن ٿا؟ انهيءَ ڪري هن جي باري ۾ ارباب تصوف هن کان وڌيڪ ٻيو ڇا ٿا چئي سگهن تہ

حقيقت خُرافات ميں کھو گئ　　　يہ اُمت رِوايات ميں کھو گئ

## ﴿34﴾ سوره يوسف جو خلاصو

الله تعالٰي حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام جي قصي کي ”اَحسَن القَصَص“ يعني سيني قصن مان بهتر قصو فرمايو آهي، انهيءَ ڪري حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام جي مقدس حياتي جي لهہ ۽ چڙهہ، رنج ۽ راحت ۽ غم ۽ سُرور جي باري ۾ هر هڪ واقعي ۾ وڏي عبرت ۽ نصيحت جو سامان آهي،انهيءَ ڪري اسان هن عجيب قصي جوخلاصو تحرير ڪيون ٿا تہ جيئن پڙهندڙ هن مان عبرت حاصل ڪن ۽ خداوند قدوس جي قدرتن جو مشاهدو ڪن.

حضرت يعقوب بن اسحاق بن ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جا ٻارهن(12) پٽ هئا،

انهن جا نالا هي آهن:

1 يهودا، 2 روبيل، 3 شمعون، 4 لاوي، 5 زبولون، 6 يسجر، 7 دان، 8 نفتائي، 9 جاد، 10 آشر، 11 يوسف، 12 بنيامين.

حضرت بنيامين حضرت يوسف عَلَيۡهِ السَّلَام جا حقيقي ڀاءُ هئا، باقي ٻين مائرن مان هئا، حضرت يوسف عَلَيۡهِ السَّلَام پنهنجي پيءُ کي سيني ڀائرن کان وڌيڪ پيارا هئا ۽ جيئن تہ سندن پيشاني تي نُبُوّت جا نشان روشن هئا، انهيءَ ڪري حضرت يعقوب عَلَيۡهِ السَّلَام هن جو نهايت احترام ۽ محبت ڪندا هئا، ستن سالن جي عمر ۾ حضرت يوسف عَلَيۡهِ السَّلَام اهو خواب ڏٺو تہ يارهن تارا ۽ چنڊ ۽ سج هن کي سجدو ڪري رهيا آهن، حضرت يوسف عَلَيۡهِ السَّلَام جڏهن پنهنجو اهو خواب پنهنجي والد حضرت يعقوب عَلَيۡهِ السَّلَام کي ٻڌايو تہ پاڻ انهن کي منع فرمايائون تہ پيارا پٽ! خبردار توهان اهو خواب پنهنجي ڀائرن کي نہ ٻڌائجو، نہ تہ اهي حسد جي جذبي ۾ توهان جي خلاف ڪا ڳُجهي چال هلندا، ائين ئي ٿيو جو سندن ڀائرن کي سندن کان حسد ٿيڻ لڳو، ايستائين جوسيني ڀائرن پاڻ ۾ مشورو ڪري اهو منصوبو تيار ڪيو تہ هن کي ڪهڙي طرح گهران ٻاهر وٺي جهنگ جي کوهہ ۾ وڌو وڃي. هن منصوبي جي تڪميل جي لاءِ سيئي ڀائر گڏجي حضرت يعقوب عَلَيۡهِ السَّلَام وٽ ويا ۽ گهڻو اصرار ڪري شڪار ۽ تفريح جو بهانو ٻڌائي انهن کي جهنگ وٺي وڃڻ جي اجازت حاصل ڪئي ۽ انهن کي گهران ڪلهي تي کڻي هليا، پر جهنگ ۾ پهچي دشمني جي جوش ۾ انهن کي زمين تي ڪرائي ڇڏيو، ۽ سيني حضرت يوسف عَلَيۡهِ السَّلَام کي گهڻو ماريو، پوءِ سندن ڪڙتو (قميص) لاهي ۽ هٿ پير ٻڌي هڪ گهري ۽ اونداهي

واري کوھ ۾ اڇلائي ڇڏيو، پر ھڪدم حضرت جبرائيل عَلَيۡهِ السَّلَام کوھ ۾ تشريف فرما ٿي پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام کي ٻڏڻ کان ائين بچايو جو ھڪ پٿر تي ويھاري ڇڏيو جيڪو ان کوھ ۾ھو، ۽ ھٿ پير کولي دلاسو ڏيندي سندن جو خوف ختم ڪيو ۽ گھران نڪرڻ وقت حضرت يعقوب عَلَيۡهِ السَّلَام حضرت يوسف عَلَيۡهِ السَّلَام جو جيڪو ڪڙتو تعويذ بڻائي سندن ڳچي ۾ ٻَڌو ھو ان کي کولي انھن کي پارائي ڇڏيو جنھن سان کوھ ۾ روشني ٿي وئي.

حضرت يوسف عَلَيۡهِ السَّلَام جي ڀائرن اوھان کي کوھ ۾ وڌو ۽ سندن ڪرتي(قميص) کي رت سان رنگي پنھنجي گھر ڏانھن موٽيا ۽ گھر جي ٻاھران ئي رڙيون ڪري روئڻ لڳا، حضرت يعقوبعَلَيۡهِ السَّلَام گھبرائجي گھران ٻاھر نڪتا ۽ روئڻ جو سبب پڇيو تہ توھان ڇو روئي رھيا آھيو، ڇا توھان جي ٻڪرين کي ڪو نقصان پھتو آھي؟ پوءِ حضرت يعقوب عَلَيۡهِ السَّلَام پڇا ڪيو تہ منھنجو يوسف ڪٿي آھي؟ مان ھن کي نہ پيو ڏسان! تہ ڀائرن روئندي ورندي ڏنائون: اسان ڪيڏندي ڪڏندي پري نڪري وياسين ۽ يوسف عَلَيۡهِ السَّلَام کي پنھنجي سامان وٽ ويھاري ويا ھئاسين تہ ھڪ بگھڙ آيو ۽ اھو ھن کي چيري کائي ويو ۽ اھو ھن جو ڪرتو آھي، انھن ڪڙتي ۾ رت تہ لڳائي ڇڏيو پر ڪڙتي کي ڦاڙڻ وسري ويا ھئا، حضرت يعقوبعَلَيۡهِ السَّلَام اشڪبار اکين سان پنھنجي نور نظر جي ڪڙتي کي جڏھن ھٿ ۾ ڪٽي غور سان ڏٺو تہ ڪڙتو بلڪل سلامت آھي ڪٿان بہ ڦاٽل نہ ھو تہ پاڻ انھن جي ڪوڙ ۽ فريب کي سمجھي ويا ۽ فرمايائون تہ وڏو ھوشيار ۽ سياڻو بگھڙ ھو جو منھنجي يوسف کي چيري کائي ويو پر ان جي ڪڙتي کي ذري برابر ڪا

رهندڙ نہ آئي ۽ پاڻ صاف صاف انهن کي چيو تہ اهو سڀ اوهان جو مَڪَر ۽ فِريب آهي پوءِ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام ڏکايل دل سان نهايت درد ڀري آواز سان فرمايو:

فَصَبْرٌ جَمِيْلٌ ؕ وَ اللّٰهُ الْمُسْتَعَانُ عَلٰى مَا تَصِفُوْنَ ﴿۱۸﴾ (پ 12، يوسف 18)

**ترجموڪنزالايمان:** پوءِ صبر چڱو آهي ۽ الله کان ئي مدد گهران ٿو انهن ڳالهين تي جيڪي توهان ٻڌائي رهيا آهيو.

حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام ٽن ڏينهن تائين ان کوھ ۾ تشريف فرما رهيا اهو کوھ کاري پاڻي جو هو پر سندن برکت سان ان جو پاڻي نهايت لذيذ ۽ مِٺو ٿي ويو، اتفاق سان هڪ قافلو مدين کان مصر ڏانهن وڃي رهيو هو، جڏهن ان قافلي جي هڪ ماڻهو جنهن جو نالو مالڪ بن ذعر خزاعي هو، پاڻي ڀرڻ لاءِ آيو ۽ کوھ ۾ ڏول وڌو تہ حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام ڏول پڪڙي لٽڪي ويا مالڪ بن ذعر ڏول ڇڪيو تہ اوهان بہ کوھ مان ٻاهر نڪري آيا، جڏهن ان سندن جي حسن ۽ جمال کي ڏٺو تہ ﴿يٰبُشْرٰى هٰذَا غُلٰمٌ ؕ﴾ چئي پنهنجي ساٿين کي خوشخبري ٻڌائڻ لڳو، حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام جا ڀائر جيڪي انهيءَ جهنگ ۾ روزانو ٻڪريون چاريندا هئا، روزانو لاڳيتو کوھ ۾ ليئا پائي ڏسندا هئا، جڏهن انهن کوھ ۾ ڏٺو تہ اوهان کوھ ۾ نہ آهيو تہ تلاش ڪندي قافلي وٽ پهتا ۽ ڏسي چوڻ لڳا: اهو تہ اسان جو ڀڳل غلام آهي جيڪو بلڪل ناڪاره ۽ نافرمان آهي، اهو ڪنهن ڪم جو ناهي، جيڪڏهن اوهان هن کي خريدڻ چاهيو ٿا تہ نِهايت سستو اوهان وٽ وڪڻداسين پر شرط هي آهي تہ توهان هن کي هتان کان ايترو پري ڪٽي وڪرو ڪيو جو اسان

تائين انهن جي خبر نہ پهچي، حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام ڀائرن جي ڊپ مان خاموش ويٺا رهيا ۽ هڪ لفظ بہ نہ ڳالهايو، پوءِ سندن ڀائرن اوهان کي مالڪ بن ذعر وٽ صرف ويهہ درهمن ۾ وڪرو ڪيو.

مالڪ بن ذعر حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام کي خريد ڪري مصر جي بازار ۾ ويو، ۽ اتي عزيز مصر انهن کي نهايت وڏي قيمت ۾ خريد ڪيو، ۽ پنهنجي شاهي محل ۾ وٺي پنهنجي ملڪہ"زليخا" کي چيو تہ هن غلام کي نهايت عزت ۽ اِڪرام سان پنهنجي خدمت ۾ رکو، بس پوءِ اوهان عزيزِ مصر جي شاهي محل ۾ رهڻ لڳا، ۽ مَلڪہ زليخا انهن سان محبت ڪرڻ لڳي، بلڪ سندن حسن ۽ جمال تي فدا ٿي عاشق ٿي وئي ۽ ان جو جوشِ عشق ايترو وڌيو جو هڪ ڏينهن "زليخا" عشق ۽ محبت ۾ پيار سان سندن کي ورغلائڻ لڳي ۽ همبستري جي دعوت ڏيڻ لڳي، پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام معاذالله چئي انڪار ڪيو، ۽ چٽو چئي ڇڏيو: مان پنهنجي مالڪ عزيزِ مصر سان خيانت ڪري ان جي احسانن جي ناشڪري نٿو ڪري سگهان، اهو چئي پاڻ گهران ٻاهر نڪرڻ لڳا تہ ملڪہ زليخا ڀڄندي پويان کان سندن ڪپڙو پڪڙيو ۽ سندن ڪپڙو پٺيان کان ڦاٽي پيو، عين انهيءَ وقت عزيزِ مصر گهر پهتو ۽ ٻنهي کي ڏسي ورتائين تہ پوءِ زليخا يوسف عَلَيْهِ السَّلَام تي تهمت لڳائي، عزيز مصر پريشان ٿي ويو تہ انهن ٻنهي مان سچو ڪير آهي؟ اتفاق سان گهر ۾ هڪ چئن مهينن جو ٻار بہ پينگهي ۾ ليٽيل هو ان گواهي ڏني تہ جيڪڏهن ڪپڙو اڳيان کان ڦاٽل آهي تہ يوسف عَلَيْهِ السَّلَام قصور وار آهن جيڪڏهن ڪپڙو پويان کان ڦاٽل آهي تہ زليخا جي خطا آهي، ۽ يوسف عَلَيْهِ السَّلَام بي قصور آهن، جڏهن عزيز

مصر ڏنو تہ ڪڙتو پويان کان ڦاٽل آهي، هڪدم عزيزِ مصر زليخا کي قصور وار قرار ڏئي دڙڪا ڏنا۽ حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام کي چيو تہ ان جو رنج ۽ ڏک نہ ڪريو، پوءِ زليخا جي مشوري سان عزيزِ مصر يوسف عَلَيْهِ السَّلَام کي قيدخاني ۾ موڪلي ڇڏيو، اهڙي طرح اوچتو حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام عزيز مصر جي شاهي محل مان نڪري جيل جي ڪوٺي ۾ پهچي ويا۽ اوهان جيل ۾ پهچي اهو چيو تہ اي اللهعَزَّوَجَلَّ! هي قيدخانو مون کي ان مصيبت کان وڌيڪ پيارو آهي جنهن ڏانهن زليخا مون کي سڏي رهي هئي، پوءِ اوهان ست سال يا ٻارهن سالن تائين جيل ۾ رهيا ۽ قيدين کي توحيد ۽ نيڪ عملن جي دعوت ڏيندا رهيا ۽ واعظ ڪندا رهيا.

اهو عجيب اتفاق آهي تہ جنهن ڏينهن اوهان قيدخاني ۾ داخل ٿيا انهيءَ ڏينهن بادشاهِ مصر جا ٻہ خادم، هڪ شراب پيارڻ وارو ۽ ٻيو باورچي، ٻئي جيل ۾ قيد ٿيا ۽ ٻنهي پنهنجو هڪ هڪ خواب حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام سان بيان ڪيو ۽ اوهان انهن ٻنهي جي خوابن جي تعبير بيان ڪئي جيڪا سؤ سيڪڙو درست ثابت ٿي، تنهن ڪري سندن نالو مُعبر (يعني تعبير ڏيڻ وارو) مشهور ٿي ويو.

انهيءَ دؤران مصر جي بادشاهِ اعظم"ريان بن وليد" هي خواب ڏٺو تہ ست متارين ڳئن کي ست ڪمزور ڳئون کائي رهيون آهن ۽ ست سبز( سايون) ٽاريون آهن ۽ ست سُڪل ٽاريون آهن، بادشاهِ اعظم پنهنجي درٻارين کان هن خواب جي تعبير پڇي تہ ماڻهن هن خواب کي پريشان خواب چئي هن جي ڪا تعبيرنہ ٻڌائي، ايتري ۾بادشاه جوساقي جيڪو قيد خاني مان آزاد ٿي آيو هو، ان چيو مون کي هن خواب جي تعبير معلوم ڪرڻ جي لاءِ قيدخاني

۾ وڃڻ جي اجازت ڏني وڃي، پوءِ بادشاھ جو قاصد ٻڌجي قيدخاني ۾ حضرت يوسف عَلَيۡهِ السَّلَام وٽ ويو ۽ بادشاھ جو خواب بيان ڪري تعبير معلوم ڪئي تہ ست ڪمزور ڳئون ست متارين ڳئون کي کائي رهيون آهن ۽ ست سبز تاريون ۽ ست سڪل تاريون .
حضرت يوسف عَلَيۡهِ السَّلَام فرمايو تہ ستن سالن تائين لاڳيتو ٻني ڪريو ۽ ان جي اناجن کي سنگن يعني ٻارين ۾ محفوظ رکو پوءِ ست سال تائين سخت ڏڪار پوندو، ڏڪار جي انهن ستن سالن ۾ پهريان ڪان ستن سالن جو محفوظ ڪيل اناج ماڻهو کائن ان کان پوءِ خوشحالي وارو سال ايندو.

قاصد واپس وڃي بادشاھ کي خواب جي تعبير ٻڌائي تہ بادشاھ حڪم ڏنو تہ حضرت يوسف عَلَيۡهِ السَّلَام کي جيل مان ڪڍي ڪري منهنجي درٻار ۾ آندو وڃي، قاصد آزادي وارو پيغام ڪٺي قيد خاني پهتو تہ پاڻ فرمايائون: پهريان زليخا ۽ ٻين عورتن ذريعي منهنجي بي گناهي ۽ پاڪ دامني جو اظهار ڪرايو وڃي، ان کان بعد جيل مان ٻاهر نڪرندس، بادشاھ ان بابت تحقيق ڪرائي تہ تحقيق جي دؤران زليخا اقرار ڪيو مون خود حضرت يوسف عَلَيۡهِ السَّلَام کي ورغلايو هو، ڏوھ منهنجو هو، حضرت يوسف سچا ۽ پاڪ دامن آهن، ان کان پوءِ بادشاھ حضرت يوسف عَلَيۡهِ السَّلَام کي درٻار ۾ گهرائي چيو: اوهان اسان جا معتمد ۽ اسان جي درٻار جا معزز آهيو، حضرت يوسف عَلَيۡهِ السَّلَام فرمايو تہ اوهان مون کي زمين جي خزانن جي انتظامي معاملن ۽ حفاظتي نظام جي انتظام واري شعبي تي مقرر ڪريو، آئون سڄي نظام کي سنڀالي وٺندس، بادشاھ خزاني جو انتظامي معاملو ۽ ملڪي نظام جو سڄو شعبو

سندن حوالي ڪيو، اهڙي طرح مصر جي حڪمراني جو اقتدار اوهان کي ملي ويو.

ان کان پوءِ خزانن جو نظام پنهنجي هٿ ۾ وٺي ستن سالن تائين ٻني ٻاري وارو پلان هلايو ۽ اناجن کي سنگن يعني ٻارين ۾ محفوظ رکيو، ايستائين جو ڏڪار ۽ خشڪ سالي جو زور شروع ٿيو تہ سڄي سلطنت جا ماڻهو اناج جي خريداري جي لاءِ مصر اچڻ شروع ٿي ويا ۽ اوهان اناج وڪڻڻ شروع ڪيو.

هن سلسلي ۾ اوهان جا ڀائر بہ ڪنعان مان مصر آيا، حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام انهن کي ڏسندي پهرين نظر ۾ سڃاڻي ورتو پر اوهان جي ڀائرن اوهان کي بلڪل نہ سڃاتو، پاڻ انهن کي اناج ڏنو ۽ پوءِ فرمايائون اوهان جو هڪ ڀاءُ (بنيامين) آهي آئنده هن کي وٺي اچجو، جيڪڏهن توهان ان کي آئنده نہ وٺي آيو تہ توهان کي اناج نہ ملندو.

ڀائرن جواب ڏنو تہ اسان هن جي والد کي راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين پوءِ حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجي غلامن کي چيو تہ توهان انهن جا پيسا انهن جي ٻورين ۾ وجهو تہ جڏهن اهي پنهنجي گهر پهچي انهن پيسن کي ڏسندا تہ اميد آهي ضرور واپس موٽندا، جڏهن اهي پنهنجي والد وٽ پهتا تہ چوڻ لڳا تہ بابا سائين! هاڻي ڇا ٿيندو؟ عزيز مصر تہ اهو چيو آهي: جيستائين اوهان ”بنيامين“ کي گڏ وٺي نہ ايندؤ تہ اوهان کي اناج نہ ملندو، تنهنڪري اوهان ”بنيامين“ کي اسان سان گڏ موڪليو تہ جيئن اسان ان جي حصي جو اناج بہ وٺي اچون، ۽ اوهان مطمئن رهو اسان هن جي حفاظت ڪنداسين، ان کان پوءِ جڏهن انهن ٻورين

ڪي کوليو تہ حيران ٿي ويا تہ ان ۾ نقد رقم بہ موجود هئي، اهو ڏسي يوسف جي ڀائرن پنهنجي والد صاحب کي چيوتہ بابا سائين! ان کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو سهڻو ورتاءُ ڪپي؟ ڏسو! عزيزِ مصر اسان کي اناج بہ پورو ڏنو آهي ۽ اسان جي قيمت بہ واپس ڪئي آهي انهيءَ ڪري اوهان بنا ڊپ جي اسان جي ڀاءُ ”بنيامين“ کي اسان سان گڏ موڪليو.

حضرت يعقوب عَلَيۡهِ السَّلَام فرمايو تہ هڪ ڀيري يوسف جي معاملي ۾ توهان تي ڀروسو ڪري چڪو آهيان توهان ماڻهن ڇا ڪيو؟ هاڻي توهان تي ڪيئن ڀروسو ڪيان؟ مان ائين ”بنيامين“ کي هرگز اوهان سان گڏ نہ موڪليندس پر ها جيڪڏهن اوهان حلف کڻي منهنجي سامهون عهد ڪريو تہ پوءِ مان ان کي موڪلي سگهان ٿو، اهو ٻڌي سڀني ڀائرن حلف کنيو ۽ اوهان انهن سان گڏ ”بنيامين“ کي موڪلي ڇڏيو.

جڏهن اهي عزيزِ مصر جي دربار ۾ پهتا تہ حضرت يوسف عَلَيۡهِ السَّلَام پنهنجي ڀاءُ ”بنيامين“ کي پنهنجي مسند تي ويهاريو ۽ هوريان سان ان جي ڪن ۾ چيائين تہ مان توهان جوڀاءُ يوسف آهيان، انهيءَ ڪري اوهان ڪو بہ فڪر نہ ڪريو، پوءِ اوهان سڀني کي اناج ڏنو ۽ سڀني پنهنجي پنهنجي ٻورين کي سنڀالي ورتو، جڏهن وڃڻ لڳا تہ اوهان بنيامين کي پاڻ وٽ روڪي ورتو، هاڻ اهي ڀائر سخت پريشان ٿيا ۔ پنهنجي والد جي سامهون اهو عهد ڪري آيا هئا تہ اسان پنهنجي جان کان وڌيڪ بنيامين جي حفاظت ڪنداسين ۽ هتي بنيامين انهن جي هٿن مان کسيو ويو آهي، هاڻي گهر وڃئون تہ ڪيئن وڃون؟ ۽ هتي ترسي بہ نٿا سگهون،

اهو معاملو ڏسي سيني کان وڏي ڀاءُ ”يهودا“ چوڻ لڳو تہ اي منهنجا ڀائرو! سوچيو توهان والد صاحب سان ڪهڙو عهد ڪري آيا آهيو؟ ان کان پهريان بہ توهان پنهنجي ڀاءُ يوسف سان وڏي تقصير ڪري چڪا آهيو، تنهن ڪري جيستائين والد صاحب حڪم نہ ڏي آئون ذري برابر نہ چُرندس، ها توهان گهر وڃي والد محترم سان سچو قصو بيان ڪريو، پوءِ يهودا کان علاوه سيئي ڀائر واپس موٽي آيا ۽ پنهنجي والد سان سمورو قصو بيان ڪيو، تہ حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام فرمايو: يوسف جيان توهان بنيامين جي معاملي ۾ بہ بهاني بازي ڪئي آهي، خير آهي، مان صبر ٿو ڪيان، ۽ صبر بهترين شيء آهي، پوءِ اوهان منهن ڦيري روئڻ لڳا، ۽ چيائون تہ هاءِ افسوس! ۽ حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام کي ياد ڪري ايترو رنا جو غم جي شدت سبب بيحال ٿي ويا ۽ روئيندي روئيندي اکيون سفيد ٿي ويون، اوهان جي زبان تان يوسف عَلَيْهِ السَّلَام جو نالو ٻڌي حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام جي پٽن ۽ پوٽن چيو تہ بابا سائين! اوهان هميشہ يوسف عَلَيْهِ السَّلَام کي ياد ڪندا رهندؤ، ايستائين جو قبر تائين پهچو يا جان هلي وڃي، پنهنجي پٽن ۽ پوٽن جي ڳالھ ٻڌي پاڻ فرمايائون: مان پنهنجي غم ۽ پريشاني جو فرياد اللّٰه عَزَّوَجَلَّ سان ئي ڪيان ٿو ۽ مان جيڪو ڪجھ ڄاڻان ٿو اهو توهان کي معلوم ناهي، اي منهنجا پٽو! توهان وڃو، ۽ يوسف ۽ هن جي ڀاءُ ”بنيامين“ کي ڳولهيو،۽ خدا جي رحمت کان مايوس نہ ٿيو ڇو تہ ربّ جي رحمت کان مايوس ٿيڻ ڪافرن جو ڪم آهي.

برادرانِ يوسف وري مصر روانا ٿيا ۽ عزيز مصر کي چيائون تہ اي عزيز مصر اسان جا گهر وارا وڏي مصيبت ۾ ڦاسي ويا آهن

www.dawateislami.net

۽ اسان ڪجھ ڪوتا سڪا ڪٽي آيا آهيون، انهي ڪري اوهان اسان کي خيرات طور ڪجھ اناج ڏيو، پنهنجي ڀائرن جي زباني گھر جو داستان ۽ خيرات جو لفظ ٻڌي حضرت يوسف عَلَيۡهِ السَّلَام تي رقت طاري ٿي وئي ۽ اوهان ڀائرن کان پڇيا ڪئي تہ توهان ماڻهن کي ياد آهي اوهان يوسف ۽ ان جي ڀاءُ بنيامين سان ڪھڙو سلوڪ ڪيو؟ اهو ٻڌي ڪري ڀائرن حيرت سان چيائون تہ سچ پچ توهان يوسف عَلَيۡهِ السَّلَام ئي آهيو، تہ پاڻ فرمايائون: جي ها . مان ئي يوسف آهيان ۽ اهو بنيامين منهنجو ڀاءُ آهي، اللّٰہ تعاليٰ اسان تي وڏو فضل ۽ احسان فرمايو آهي، اهو ٻڌي ڀائرن نهايت شرمساري ۽ نِوڙت سان چيائون تہ بيشڪ اسان واقعي نهايت خطا ڪار آهيون ۽ اللّٰہ تعاليٰ اوهان کي اسان تي وڏي فضيلت ڏني آهي، ڀائرن جي شرمساري ۽ نِوڙت سان متاثر ٿي سندن دل پرجي آئي، پاڻ فرمايائون: اڄ مان توهان تي ڪا بہ ملامت نہ ڪندس، وڃو مون سڀ ڪجھ معاف ڪيو، اللّٰہ تعاليٰ اوهان کي معاف فرمائي، هاڻ توهان منهنجو اهو ڪرتو گھر ڪٽي وڃو ۽ بابا سائين جي چهري تي وجهو تہ سندن اکين جي روشني اچي ويندي، پوءِ توهان سڀ گھر وارن کي وٺي مصر اچي وڃو.

وڏو ڀاءُ يهودا چوڻ لڳو تہ اهو ڪرتو آئون کڻي ويندس ڇوتہ حضرت يوسف عَلَيۡهِ السَّلَام جو ڪرتو ٻڪري جي رت ۾ رنگي آئون ئي کڻي مان هي انهن وٽ ويو هئس، تہ جھڙي طرح مون انهن کي اهو ڪرتو ڏئي غمگين ڪيو هو، اڄ هي ڪرتو کڻي انهن کي خوش ڪندس، يهودا اهو ڪرتو کڻي گھر پهتو ۽ پنهنجي والد جي چهري تي وڌو تہ سندن اکين جي روشني اچي وئي، پوءِ

حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام تهجد جي وقت کان پوءِ پنهنجي سيني پٽن جي لاءِ دعا ڪئي ۽ اها دعا قبول ٿي ۽ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام تي وحي آئي ته اوهان جي پٽن جي خطائن کي بخشيو ويو آهي.

پوءِ مصر ڏانهن روانگي جي تياري ڪرڻ لڳا، حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجي والد ۽ سيني گهر ڀاتين کي آڻڻ لاءِ ٻائرن سان گڏ ٻه سو سواريون موڪليون، حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام سيني گهر وارن کي گڏ ڪيو ته ڪل ٻاهتر يا ٽيهتر ڀاتي هئا جيڪي ساڻ ڪري اوهان مصر ڏانهن روانا ٿيا، پرالله تعاليٰ اوهان جي نسل ۾ ايتري ته برڪت عطا فرمائي جو جڏهن حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي وقت ۾ بني اسرائيل مصر مان نڪتا ته ڇهن لکن کان وڌيڪ هئا، حالانڪ موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جو زمانو حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام جي مصر وڃڻ کان صرف چار سو سال بعد جو زمانو آهي. جڏهن حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجي اهل ۽ عيال سان گڏ مصر ويجهو پهتا ته حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام چئن هزارن جو لشڪر ۽ وڏي تعداد ۾ مصري سوارن کي گڏ وٺي سندن استقبال ڪيو ۽ سوين ريشمي جهنڊا ۽ قيمتي پرچم جهولائيندي قطارن ۾ بيهي مصري ماڻهو جلوس سان گڏ روانا ٿيا، حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجي فرزند ”يهودا“ جي هٿ تي ٽيڪ لڳائي تشريف کڻي پئي آيا جڏهن ان لشڪر ۽ سوارن تي سندن نظر پئي ته پاڻ دريافت ڪيائون ته ڇا اهو فرعونِ مصر جو لشڪر آهي؟ ته يهودا عرض ڪيو: جي نه، هي اوهان جا فرزند حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام آهن جيڪي پنهنجي لشڪر ۽ سوارن سان گڏجي اوهان جي استقبال جي لاءِ آيا آهن، اوهان کي حيرت ۾ ڏسي حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام فرمايو ته اي الله

عَزَّوَجَلَّ جا نبي ٿورو متو مٿي ڪٿي آسماني فضا ڏانهن نِهاريو اوهان جي سرورءِ خوشي ۾شرڪت جي لاءِ ملائڪن جو وڏو تعداد حاضر آهي جيڪي عرصي تائين اوهان جي غم ۾ روئيندا رهيا، ملائڪن جي تسبيح ۽ گهوڙن جي آواز ۽ طبل و بوق جي آوازن هڪ عجيب ڏيک پيدا ڪري ڇڏيو هو.

جڏهن پيءُ پٽ ويجها ٿيا ۽ حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام سلام جو ارادو ڪيو تہ حضرت جبرئيل عَلَيْهِ السَّلَام چيائين تہ ڪجهہ دير ترسو ۽ پنهنجي والد محترم کي انهن جي رقت انگيز سلام جو موقعو ڏيو پوءِ حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام هنن لفظن سان سلام ڪيو: ﴿اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا مُذْهِبَ الْاَحْزَانِ﴾ يعني اي سڀ غم پري ڪرڻ وارا اوهان تي سلام هجي، پوءِ پيءُ پٽ نهايت گرمجوشي سان معانقو ڪيو ۽ خوشي منجهان ٻئي گهڻو رُنا، پوءِ هڪ استقباليہ خيمي ۾ تشريف کڻي ويا جيڪو نهايت سينگاريل هو اتي ڪجهہ دير ترسيا، پوءِ جڏهن شاهي محل ۾ رونق افروز ٿيا تہ حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام سهارو ڏئي پنهنجي والد محترم کي شاهي تخت تي ويهاريو ۽ سندن چوڌاري يارهن ڀائر ۽ سندن والده سيئي ويهي رهيا ۽ سڀ جا سڀ گڏجي انهيءَ وقت حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام جي سامهون سجدي ۾ ڪري پيا، ان وقت حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجي والد محترم سان مخاطب ٿي چيائون:

يٰۤاَبَتِ هٰذَا تَاْوِيْلُ رُءْيَايَ مِنْ قَبْلُ ٞ قَدْ جَعَلَهَا رَبِّيْ حَقًّا ؕ وَ قَدْ اَحْسَنَ بِيْۤ اِذْ اَخْرَجَنِيْ مِنَ السِّجْنِ وَ جَآءَ بِكُمْ مِّنَ الْبَدْوِ مِنْۢ بَعْدِ اَنْ نَّزَغَ الشَّيْطٰنُ بَيْنِيْ وَ بَيْنَ اِخْوَتِيْ ؕ اِنَّ رَبِّيْ لَطِيْفٌ لِّمَا يَشَآءُ ؕ اِنَّهٗ هُوَ الْعَلِيْمُ الْحَكِيْمُ ﴿۱۰۰﴾

(پ 13 يوسف: 100)

www.dawateislami.net

**ترجموڪنزالايمان:** اي منهنجا بابا هي آهي منهنجي اڳين خواب جي تعبير، بيشڪ منهنجي رب ان کي سچو ڪري ڏيکاريو ۽ بيشڪ مون تي احسان ڪيو جڏهن مون کي قيد مان ٻاهر آندائين ۽ توهان سڀني کي ڳوٺ کان وٺي آيو ان کان پوءِ جو شيطان مون ۾ ۽ منهنجي ڀائرن ۾ رنجش ڪرائي هئي بيشڪ منهنجو رب جنهن ڳالهه کي وڻيس آسان ڪري ڏي، بيشڪ اهو ئي علم ۽ حڪمت وارو آهي.

يعني منهنجا ڀارهن ڀائر تارا آهن ۽ منهنجو پيءُ سج، ۽ منهنجي والده چنڊ آهي ۽ اهي سڀئي مون کي سجدو ڪري رهيا آهن، اهو ئي پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام جو خواب هو جيڪو اوهان ننڍ پڻ ۾ ڏٺو هو ته ٻارهن تارا ۽ سج چنڊ مونکي سجدو ڪري رهيا آهن، اهو تاريخي واقعو محرم جي ڏهين تاريخ عاشوري جي ڏينهن واقع ٿيو.

**حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام جي وفات:** تاريخدانن جو بيان آهي: حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام مصر ۾ پنهنجي فرزند حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام وٽ چوويهن سالن تائين نهايت سُکَ ۽ خوشحالي ۾ رهيا، جڏهن اوهان جي وفات جو وقت ويجهو آيو ته اوهان اها وصيت ڪئي ته منهنجو جنازو کڻي ملڪ شام ۾ منهنجي والد محترم حضرت اسحاق عَلَيْهِ السَّلَام جي قبر جي پاسي ۾ دفنائجو، اوهان جي وفات کان پوءِ اوهان جي جسم مقدس کي ڪاٺي جي صندوق ۾ رکي مصر کان شام آندو ويو، نيڪ ان وقت اوهان جي ڀاءُ حضرت "غيص" جي وفات ٿي ۽ اوهان ٻنهي ڀائرن جي ولادت به گڏجي ٿي هئي ۽ ٻنهي کي هڪ ئي قبر ۾ دفنايو ويو ۽ ٻنهي ڀائرن جي عمر هڪ سؤ ستيتاليهه سال هئي، حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجي والد ۽ چاچي کي دفن ڪري پوءِ واپس مصر موٽي آيا ۽ پنهنجي والد محترم کان پوءِ ٽيويهه سالن تائين مصر تي حڪومت ڪندا رهيا، ان کانپوءِ سندن جي به وفات ٿي وئي.

**حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام جي قبر:** اوهان جي وفات کان پوءِ اوهان جي دفن ٿيڻ واري هنڌ بابت اختلاف پيدا ٿي ويو، هر پاڙي وارو برڪت حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي پاڙي ۾ دفنائڻ تي اصرار ڪرڻ لڳو، نيٺ انهيءَ ڳالهه تي سيني جو اتفاق ٿيو تہ اوهان کي درياءِ نيل ۾ دفن ڪيو وڃي تہ جيئن درياءِ جو پاڻي سندن قبر منور کي ڇهيندو گذري ۽ تمام مصر وارا سندن فيض ۽ برڪتن سان فيضياب ٿيندا رهن، پوءِ اوهان کي سنگ مرمر جي صندوق ۾ رکي درياءِ نيل جي وچ ۾ دفنايو ويو، ايستائين جو چار سؤ سالن کانپوءِ حضرت موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام سندن تابوت شريف کي درياءِ مان ڪڍي اوهان جي ابن ڏاڏن جي قبرن وٽ ملڪ شام ۾ دفن ڪيو، وفات جي وقت سندن عمر شريف هڪ سؤ ويهہ سال هئي ۽ اوهان جي والد محترم حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام 147 سالن جي عمر جا هئا، ۽ اوهان جا ڏاڏا حضرت اسحاق عَلَيْهِ السَّلَام 180 سالن جا هئا، ۽ اوهان جا پڙڏاڏا ابراهيم خليل الله عَلَيْهِ السَّلَام جي عمر شريف 175 سال هئي.

(روح البيان ج 4 ص 324 پ 13 يوسف 100)

## ﴿35﴾ مڪو شريف ڪيئن آباد ٿيو

حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي فرزند حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام ملڪ شام ۾ حضرت هاجره رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا جي پيٽان پيدا ٿيا، حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي گهرواريءَ حضرت ساره کي ڪو اولاد نہ هو، انهي ڪري رشڪ پيدا ٿيو تہ انهن حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام کي چيو: اوهان حضرت هاجره رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا ۽ انهن جي پٽ حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام کي مون کان جدا ڪري ڪٿي پري موڪليو، خداوند قدوس جي حڪمت هڪ سبب پيدا فرمايو، اوهان تي وحي

نازل ٿي اوهان حضرت هاجره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہَا ۽ حضرت اسماعيل عَلَيۡهِ السَّلَام
کي اهڙي هنڌ ڇڏي اچو جتي برپٽ ميدان ۽ خشڪ جبلن کان علاوه
بيو ڪجهه نه هجي، حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام حضرت هاجره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہَا
۽ اسماعيل کي گڏ وٺي سفر ڪيو، ۽ ان هنڌ آيا جتي ڪعبو
شريف آهي، اتي ان وقت نه ڪا آبادي هئي نه ڪو چشمو، نه پري
پري تائين پاڻي يا ماڻهو جو نالو نشان تائين نه هو، حضرت
ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام اتي هڪ ڻانوَ ۾ ڪجهه ڪجورون ۽ هڪ مشڪيزي
۾ پاڻي رکي روانا ٿيڻ لڳا، حضرت هاجره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہَا فرياد ڪيو:
اي الله عَزَّوَجَلَّ جا نبي هن سُنسَان بيابان ۾ جتي نه ڪو مددگار نه
ڪو غمخوار، اوهان اسان کي بي يارومددگار ڇڏي ڪيڏانهن
وڃي رهيا آهيو؟ ڪيئي ڀيرا حضرت هاجره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہَا اوهان کي
پڪاريو پر اوهان ڪو جواب نه ڏنو، پوءِ حضرت هاجِره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہَا
سوال ڪيو ته اوهان ايترو ته ٻڌايو اوهان پنهنجي مرضي سان
هتي ڇڏي پيا وڃو يا خُداوندِ قُدُوس جي حڪم سان اوهان ائين
ڪيو آهي، ته پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام فرمايائون: اي هاجره! مون جيڪو ڪجهه
ڪيو آهي اهو الله تعاليٰ جي حڪم سان ڪيو آهي، اهو ٻڌي
حضرت هَاجِره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہَا چيو ته بس هاڻي اوهان وڃو، مون کي
ڪامل يقين آهي ۽ پورو پورو اطمينان آهي ته خُداوندِ ڪريم
مون کي ۽ منهنجي پٽ کي ضايع نه ڪندو.

ان کان پوءِ حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام هڪ ڊگهي دعا گهري ۽ اتان
کان ملڪِ شام هليا ويا، ڪجهه ڏينهن کان پوءِ کجور ۽ پاڻي ختم
ٿيڻ تي حضرت هاجِره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہَا تي بُک ۽ اُڃ جو غلبو ٿيو ۽
انهن جي سيني ۾ کير به سُڪي ويو ۽ ننڍڙو ٻک ۽ اُڃ جي

ڪري تڙپڻ لڳو، حضرت هاجره رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا پاڻي جي ڳولها ۽ جستجو ۾ صفا ۽ مَروه ٻنهي جبلن جا ست چڪر لڳايا پر پاڻي جو پتو پري پري تائين نہ مليو، ايستائين جو حضرت اسماعيل عَلَیْہِ السَّلَام اُڃ جي شدت جي ڪري ڪڙيون هڻي ڪري روئي رهيا هئا، حضرت جبرئيل عَلَیْہِ السَّلَام اوهان جي ڪڙين وٽ زمين تي پنهنجو پير هڻي چشمو جاري ڪري ڇڏيو. ۽ ان پاڻي ۾ ڪير جهڙي خاصيت بہ هئي جو اهو پاڻي ۽ غذا ٻنهي جي ڪم ڏيندو هو، اهو زمزم جو پاڻي پي ڪري حضرت هاجره رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا ۽ حضرت اسماعيل عَلَیْہِ السَّلَام زنده رهيا، ايستائين جو حضرت اسماعيل عَلَیْہِ السَّلَام جوان ٿي ويا ۽ شڪار ڪرڻ لڳا ۽ شڪار جي گوشت ۽ زمزم جي پاڻي تي گذارو ٿيڻ لڳو، پوءِ جرهم قبيلي جا ڪجهہ ماڻهو پنهنجيون ٻڪريون چاريندي هن ميدان ۾ آيا ۽ پاڻي جو چشمو ڏسي حضرت هاجره رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا جي اجازت سان هتي آباد ٿي ويا ۽ ان قبيلي جي هڪ ڇوڪريءَ سان حضرت اسماعيل عَلَیْہِ السَّلَام جي شادي بہ ٿي وئي ۽ آهستي آهستي هتي آبادي ٿي وئي، پوءِ حضرت ابراهيم عَلَیْہِ السَّلَام کي خداوند قدوس جو حڪم ٿيو تہ خانہ ڪعبہ کي تعمير ڪيو. اوهان حضرت اسماعيل عَلَیْہِ السَّلَام جي مدد سان خانہ ڪعبہ کي تعمير ڪيو، ان وقت حضرت ابراهيم عَلَیْہِ السَّلَام پنهنجي اولاد ۽ مڪي شريف جي رهواسين جي لاءِ هڪ ڊگهي دعا گهري، اها دعا قرآن شريف جي مختلف سورتن ۾ آيل آهي، سورة ابراهيم ۾ اوهان جي دعا جو ڪجهہ حصو ائين ذڪر ٿيل آهي:

رَبَّنَآ اِنِّیۡۤ اَسۡكَنۡتُ مِنۡ ذُرِّیَّتِیۡ بِوَادٍ غَیۡرِ ذِیۡ زَرۡعٍ عِنۡدَ بَیۡتِكَ الۡمُحَرَّمِ ۙ

www.dawateislami.net

رَبَّنَا لِيُقِيْمُوا الصَّلٰوةَ فَاجْعَلْ اَفْـِٕدَةً مِّنَ النَّاسِ تَهْوِيْٓ اِلَيْهِمْ وَارْزُقْهُمْ مِّنَ الثَّمَرٰتِ لَعَلَّهُمْ يَشْكُرُوْنَ ﴿۳۷﴾ (پ 13 ابراهيم: 37)

**ترجموڪنزالايمان:** اي منهنجا رب مان پنهنجي ڪجھ اولاد هڪ غير آباد وادي ۾ رهائي آهي تنهنجي عزت واري گهر وٽ، اي منهنجا رب هن جي واسطي تہ اهي نماز قائم رکن پوءِ ماڻهن جي دل ڪجھ انهن جي طرف لاڙي چڏ ۽ ڪائڻ جي واسطي انهن کي ڪجھ ميوا عطا ڪر، مَن اهي شڪر ڪن.

اها مکي شريف جي ابتدائي تاريخ آهي جيڪا قرآن شريف مان ثابت ٿي آهي.

**دعاءِ ابراهيمي جو اثر:** هن دعا ۾ حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام خداوند قدوس کان بہ شيون طلب ڪيون آهن: هڪ اها تہ ڪجھ ماڻهن جي دل اولاد ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام ڏانهن مائل ٿئي ۽ ٻي اها تہ ماڻهن کي ميون جي (صورت ۾) روزي کائڻ لاءِ ملي، سبحان الله عَزَّوَجَلَّ! اوهان جون دعائون قبول ٿيون، ماڻهن جون دليون اهڙيون مکي شريف ڏانهن مائل ٿيون جو اڄ بہ ڪروڙين انسان مکي شريف جي زيارت جي لاءِ تڙپي رهيا آهن ۽ هر دؤر ۾ طرح طرح جون تڪليفون برداشت ڪري مسلمان خشڪي، سامونڊي ۽ هوائي رستن جي ذريعي مکي شريف ويندا رهيا آهن ۽ قيامت تائين ويندا رهندا ۽ مکي وارن جي روزيءَ ۾ ميون جي گهڻائي ايتري آهي انهيءَ جي باوجود جو مکي شريف ۽ ان جي آس پاس ۾ نہ ڪا ٻني، نہ ڪو باغ باغيچو، پر مکي شريف جي مارڪيٽن ۽ بازارن ۾ ايتري ڪثرت سان قسم قسم جا ميوا ملن ٿا جو تعجب

مان ڏسڻ وارن جو اکيون حيران ٿي وينديون آهن، **الله** تعالٰي طائف جي سرزمين۾ هرقسم جي ميون جي پيداوار جي صلاحيت پيدا ڪئي آهي جو اتان ڪان قسم قسم جا ميوا ۽ طرح طرح جون ڀاڄيون ۽ سبزيون مڪي شريف ۾ اينديون رهنديون آهن ۽ ان ڪان علاوه مصر ۽ عراق بلڪ يورپي ملڪن مان بہ ميوا ڪثرت سان مڪي شريف ۾ ايندا آهن، هي سڀ حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي دعائن جي برڪتن جو اثر ۽ ثمر آهي، جيڪو بيشڪ دنيا جي عجائبات مان آهن.

ان ڪان پوءِ اوهان اها دعا گهري جنهن ۾ اوهان پنهنجي اولاد ڪان علاوه سيني مؤمِنن جي ڀلائي جي لاءِ دعا گهري:

رَبِّ اجْعَلْنِیْ مُقِیْمَ الصَّلٰوةِ وَ مِنْ ذُرِّیَّتِیْ ۖۗ رَبَّنَا وَ تَقَبَّلْ دُعَآءِ ﴿۴۰﴾ رَبَّنَا اغْفِرْ لِیْ وَ لِوَالِدَیَّ وَ لِلْمُؤْمِنِیْنَ یَوْمَ یَقُوْمُ الْحِسَابُ ﴿۴۱﴾

(پ 13 ابراهيم: 40، 41)

**ترجموڪنزالايمان:** اي منهنجا رب مون کي ۽ منهنجي ڪجھ اولاد کي نماز قائم ڪندڙ رک، اي اسان جا رب اسان جي دعا قبول فرماءِ، اي اسان جا رب مون کي بخش ۽ منهنجي ماءُ پيءُ کي ۽ سمورن مسلمانن کي جنهن ڏينهن حساب قائم ٿيندو.

**درس هدايت:** انهيءَ واقعي مان بہ ڳالهيون خاص ڪري معلوم ٿيون:

(1) حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجي ربّ تعالٰي جا نهايت اطاعت گذار ۽ فرمان بردار هئا ڇاڪاڻ تہ اهو ٻار جنهن کي گهڻين دعائن ڪان پوءِ پوڙهائپ ۾ حاصل ڪيو هو، جيڪو اوهان جي اکين جو نور ۽ دل جو سُرور هو، فِطري طور تي حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام ڪڏهن بہ پاڻ ڪان جدا نہ ڪري پيا سگهيا، پر جڏهن **الله** تعالٰي

جواھو حڪم ٿيو تہ اي ابراھيم! توھان پنھنجي پياري فرزند ۽ ان جي امڙ کي پنھنجي گھر مان ڪڍي وادي بطحا جي ان سنسان جڳھ تي ڇڏي اچو جتي متو لڪائڻ جي لاءِ وڻ جو پن ۽ اُڃ ختم ڪرڻ جي لاءِ پاڻي جو ڦڙو بہ نہ آھي، نہ اتي ڪو يارو مددگار آھي نہ ڪو پيارو ۽ غمخوار آھي. اتي ٻيو ڪو انسان ھجي ھا تہ شايد ان تصور سان ان جي سيني ۾ دل ڌڙڪڻ لڳي ھا، بلڪ شِدّت غم جي ڪري دل ڦاٽي پئي ھا، پر حضرت ابراھيم خليل الله عَلَيْهِ السَّلَام خدا جو اھو حڪم ٻڌي نہ فڪر مند ٿيا، نہ گھڙي ڪن جي لاءِ سوچ ويچار ۾ پيا، نہ رنج ۽ غم ۾ بيحال ٿيا، بلڪ ھِڪدَم خُدا جي حڪم جي پيروي ڪندي گھرواريءَ ۽ پٽ کي وٺي ملڪِ شام جي سرزمين کان مڪي شريف اچي ويا ۽ اتي گھرواري ۽ پٽ کي ڇڏي ملڪِ شام واپس موٽي ويا، الله اڪبر! انھيءَ اِطاعت واري جذبي ۽ پيروي واري جوش تي اسان جي جان قربان!

(2) حضرت ابراھيم عَلَيْهِ السَّلَام پنھنجي فرزند اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام ۽ انھن جي اولاد جي لاءِ نھايت ئي محبت ڀري انداز ۾ انھن جي مقبوليت ۽ رزق جي لاءِ جيڪي دعائون گھريون، ان مان اھو سبق مليو تہ پنھنجي اولاد سان محبت ڪرڻ ۽ انھن جي لاءِ دعائون گھرڻ نبين سڳورن عَلَيْهِمُ السَّلَام جو مبارڪ طريقو آھي جنھن تي اسان سڀني مسلمانن کي عمل ڪرڻ اسان جي اصلاح ۽ فلاح دارين جو ذريعو آھي. ﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰی اَعْلَمُ﴾

## ﴿36﴾ ابولھب جي گھرواريءَ کي رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نظر نہ آيا

جڏھن سورة ”تبت يدا“ نازل ٿي ۽ ابولھب ۽ ان جي گھرواريءَ ”اُمِّ جميل“ جي ان سورة ۾ مذمت بيان ٿي تہ ابوجھل جي گھرواريءَ

اُمِّ جميل ڪاوڙ ۾ اچي وئي ۽ هڪ وڏو پٿر کڻي اها حرم ڪعبہ ۾ وئي، ان وقت حضور اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نماز ۾ تلاوتِ قرآن فرمائي رهيا هئا ۽ ويجهو ئي حضرت صديق اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ ويٺل هئا، "اُم جميل" بڙ بڙ ڪندي آئي ۽ حضور اقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پرسان گذرندي حضرت صديق اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ وٽ آئي ۽ ڪاوڙ منجهان چوڻ لڳي تہ ٻڌايو توهان جا رسول ڪٿي آهن؟ مون کي خبر آهي تہ انهن منهنجي ۽ منهنجي مڙس جي هِجو(يعني گلا) ڪئي آهي. حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمايو: منهنجا رسول شاعر نہ آهن جوڪنهن جي هِجو ڪن،پوءِ اها غيظ ۽ غضب ۾ ڀريل سڄي حرم جا چڪر لڳائيندي رهي ۽ بَڪندي رهي، حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڳولهيندي رهي پر جڏهن اها حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڏسي نہ سگهي تہ بڙ بڙ ڪندي حرم مان ٻاهر وڃڻ لڳي ۽ حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي چوڻ لڳي تہ مان توهان جي رسول جو مٿو ڦاڙڻ جي لاءِ اهو پٿر کڻي آئي هئس پر افسوس اهي نہ مليا، حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان هن واقعي جو ذڪر ڪيو تہ پاڻ فرمايائون: منهنجي ويجهو ڪان ڪيئي ڀيرا گذري پر منهنجي ۽ ان جي وچ ۾ هڪ ملائڪ اڻين روڪ ٻڻجي ويو جو اها اکيون ڦاڙي ڏسڻ جي باوجود مون کي نہ ڏسي سگهي، هن واقعي جي باري ۾ اها آيت نازل ٿي:

وَ اِذَا قَرَاْتَ الْقُرْاٰنَ جَعَلْنَا بَيْنَكَ

وَ بَيْنَ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ حِجَابًا مَّسْتُوْرًا ﴿۴۵﴾

(خزائن العرفان ص 515، پ 15 بني اسرائيل 45)

ترجموڪنزالايمان: ۽ اي محبوب جڏهن تو قرآن پڙهيو، اسان تو تي ۽ انهن ۾ جن جو آخرت تي ايمان نہ آهي هڪ لڪل پڙدو ڪري ڇڏيو.

درس هدايت: اُمِّ جميل اکيون هئڻ باوجود ۽ اکيون ڦاڙي ڏسڻ جي باوجود حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ويجهو ڪان تلاش ڪندي بار بار گذري پر سندن ڪي ڏسي نہ سگهي، بيشڪ اها عجيب ڳالهہ آهي ۽ ان ڪي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي معجزي ڪان سوا ٻيو ڪجهہ نٿو چئي سگهجي، هن قسم جا معجزا حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي طرفان ڪيئي ڀيرا صادر ٿيا ۽ ڪيئي اولياءِ الله ڪان بہ اهڙيون ڪرامتون ظاهر ٿينديون آهن ۽ اوليائن جون اهي ڪرامتون بہ اسان جي نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا معجزا آهن، ڇو تہ ولي جي ڪرامت حقيقت۾ ان جي نبي جو معجزو ئي هوندو آهي.

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّبَارِكْ وَسَلِّمْ

## ﴿37﴾ اصحابِ ڪَهف (غار وارا)

حضرت عِيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جي آسمان تي کڻي وڃڻ ڪان پوءِ عيسائين جو حال نهايت خراب ۽ ڳُڻتي جوڳو ٿي ويو، ماڻهو بت پرستي ڪرڻ لڳا ۽ ٻين ڪي بت پرستي تي مجبور ڪرڻ لڳا، خاص ڪري هڪ بادشاھ ”دقيانوس“ تہ ايتري قدر ظالم هو جو جيڪو شخص بت پرستي ڪان انڪار ڪندو هو ان ڪي هي قتل ڪرائي ڇڏيندو هو.

**اصحابِ ڪَهف ڪير هئا؟:** اصحابِ ڪهف شهر ”اُفسوس“ جا معزز ماڻهو هئا جيڪي بادشاھ جا معزز درباري بہ هئا، پر اهي ايمان وارا ۽ بت پرستي ڪان نِهايت بيزار هئا. ”دقيانوس“ جي ظلم ۽ ڏاڍ ڪان پريشان ٿي اهي ماڻهو پنهنجو ايمان بچائڻ جي لاءِ ان جي دربار مان

پيجي نڪتا ۽ ويجهو هڪ جبل جي غار ۾ پناهه ورتائون ۽ سمهي رهيا، تہ ٽي سؤ سال کان وڌيڪ تائين ساڳي حال ۾ سُتل رهيا هئا۔ دقيانوس جڏهن انهن جي ڳولا ڪرائي ۽ ان کي خبر پئي تہ اهي غار جي اندر آهن تہ اهو نهايت ناراض ٿيو، ۽ ڪاوڙ ۾ اهو حڪم ڏنو تہ هڪ پڪي پٽ ناهي غار کي بند ڪيو وڃي تہ جيئن اهي ماڻهو انهيءَ ۾ بند ٿي مري وڃن ۽ اها ئي غار انهن جي قبر بڻجي وڃي پر دقيانوس اهو ڪم جنهن جي حوالي ڪيو اهو نهايت نيڪ دل ۽ ايمان وارو هو، هن اصحابِ ڪهف جا نالا ۽ انهن جو تعداد ۽ انهن جو پورو واقعو هڪ تختي تي لکرائي ٽامي جي صندوق جي اندر رکي ديوار جي بنياد ۾ رکي ڇڏيو ۽ اهڙي طرح هڪ تختي شاهي خزاني ۾ بہ محفوظ ڪرائي ڇڏي، ڪجهه ڏينهن کان پوءِ دقيانوس بادشاهه مري ويو ۽ سلطنتون تبديل ٿينديون رهيون، ايستائين جو هڪ نيڪ دل ۽ انصاف پسند بادشاهه جنهن جو نالو "بيدروس"هيو، تخت تي ويٺو، جنهن انهٺ(68) سالن تائين وڏي شان ۽ شوڪت سان حڪومت ڪئي، ان دؤر ۾ مذهبي فرقہ بندي بہ شروع ٿي ۽ ڪجهه ماڻهو مرڻ کان پوءِ اٿڻ ۽ قيامت جو انڪار ڪرڻ لڳا، قوم جو اهو حال ڏسي بادشاهه رنج ۽ غم ۾ ونجي ويو ۽ اهو اڪيلائي ۾ گهر جي اندر بند ٿي خداوند قدوس عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾نِهايت بيقراري سان ٻاڏائي ڪري دعائون گهرڻ لڳو تہ ياالله عَزَّوَجَلَّ ڪا اهڙي نشاني ظاهر فرماءِ تہ جيئن ماڻهن کي مرڻ کان پوءِ زنده ٿيڻ ۽ قيامت جو يقين ٿئي، بادشاهه جي اها دعا قبول ٿي ۽اوچتو هڪ ٻَڪَرَار پنهنجي ٻڪرين کي بيهارڻ جي لاءِ انهيءَ غار کي چونڊيو ۽ ديوار کي ڪيرائي ڇڏيو، ديوار ڪرندي

ئي ماڻهن ڪي اهڙو ڏپ ٿيو جو ديوار ڪيرائڻ وارا ڀڄندي اتان
ڪان پڄي ويا ۽ اصحابِ ڪهف الله جي حڪم سان ننڊ مان بيدار
ٿي ويا ۽ هڪ ٻئي سان سلام ۽ ڪلام ۾ مصروف ٿي ويا ۽ نماز
بہ ادا ڪيائون، جڏهن انهن کي بک لڳي تہ انهن پنهنجي هڪ
ساٿي يمليخا کي چيو تہ توهان بازار وڃي ڪجھ کاڌو وٺي اچو ۽
نهايت خاموشي سان اهو بہ معلوم ڪريو تہ ”دقيانوس“ اسان جي
باري ۾ ڇا ارادو رکي ٿو؟ ”يمليخا“ غار مان نڪري بازار ويو تہ
اهو ڏسي حيران ٿي ويو تہ شهر ۾ هر پاسي اسلام جو چرچو آهي
۽ ماڻهو ظاهر ظهور حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جو ڪلمو پڙهي رهيا
آهن، يمليخا اهو منظر ڏسي حيران ٿي ويو تہ الٰهي! اهو ڪهڙو
معاملو آهي؟ هن شهر ۾ تہ ايمان ۽ اسلام جو نالو وٺڻ بہ جرم
هو، اڄ اهو انقلاب ڪٿان ۽ ڪيئن آيو آهي؟

پوءِ هڪ نانوائي جي دڪان تي ويو ۽ دقيانوسي زماني جو روپيو
دڪاندار کي ڏنو جنهن جو هلڻ بند ٿي چڪو هو، بلڪ ڪو ان
سڪي کي ڏسڻ وارو بہ باقي نہ رهيو هو، دڪاندار کي شڪ ٿيو
تہ شايد هن شخص کي ڪو پراڻو خزانو مليو آهي، پوءِ دڪاندار
ان کي حڪومتي عملدار جي حوالي ڪري ڇڏيو ۽ عملدار ان کان
خزاني جي باري ۾ پڇا ڳاڇا ڪئي ۽ چيو: ٻڌاءِ خزانو ڪٿي
آهي؟ ”يمليخا“ وراڻيو تہ ڪو خزانو نہ آهي، اهو اسان جو روپيو
آهي، عملدار چيائين تہ اسان ڪيئن مڃون تہ اهو روپيو توهان جو
آهي؟ اهو سڪو ٽي سؤ سال پراڻو آهي ۽ عرصو گذري ويو هن
جو وهنوار بہ بند ٿي ويو آهي ۽ توهان اڃا جوان آهيو، انهيءَ
ڪري صاف صاف ٻڌايو تہ معاملو ڇا آهي؟ اهو ٻڌي يمليخا چيو

تہ توهان ٻڌايو تہ دقيانوس بادشاهہ جو ڇا حال آهي؟ عملدار چيو تہ اڄ روءِ زمين تي هن نالي جو ڪو بادشاهہ ناهي، ها سوين سال اڳ ۾ هڪ بي ايمان بادشاهہ گذريو هو جيڪو بت پرست هو،"يمليخا" چيو اڄا ڪلهہ جي ڳالهہ آهي تہ اسان ان جي ڊپ مان پنهنجو ايمان ۽ جان بچائي ڀڳا هئاسين، منهنجا ساٿي ويجهو ئي هڪ غار ۾ موجود آهن، توهان مون سان گڏ هلو توهان کي انهن سان ملايان، پوءِ عملدار ۽ شهر جا معزز ماڻهو وڏي تعداد ۾ ان غار وٽ پهتا، اصحابِ ڪهف يمليخا جي انتظار ۾ هئا، جڏهن ان کي واپسي ۾ دير ٿي تہ انهن ماڻهن اهو خيال ڪيو تہ شايد يمليخا گرفتار ٿي ويو آهي ۽ جڏهن غار جي منهن تي انهن ماڻهن جو شور ٻڌو تہ انهن سمجهيو تہ غالباً دقيانوس جي فوج اسان جي گرفتاري جي لاءِ پهتي آهي تہ اهي ماڻهو نهايت اخلاص سان ذڪرِ الهي ۽ توبہ ۽ استغفار ۾ مشغول ٿي ويا.

عملدارن غار وٽ پهچي صندوق کي ڪڍيو ۽ ان مان تختي ڪڍي تہ ان تختي تي اصحابِ ڪهف جا نالا لکيل هئا ۽ اهو بہ لکيل هو تہ اها مؤمنن جي جماعت پنهنجي دين جي حفاظت جي لاءِ دقيانوس بادشاهہ جي ڊپ مان هن غار ۾ پناهہ ورتي هئي تہ جڏهن دقيانوس کي خبر پئي تہ ان هڪ ديوار سان انهن ماڻهن کي غار ۾ بند ڪري ڇڏيو آهي، اسان اهو احوال انهيءَ ڪري لکون ٿا تہ جڏهن بہ اها غار کلي تہ ماڻهو اصحابِ ڪهف جي احوال کان واقف ٿين، عملدار تختي تي لکيل لفظ پڙهي حيران ٿي ويا، انهن پنهنجي بادشاهہ "بيدروس" کي هن واقعي جي خبر ڏني، هڪدم بادشاهہ بيدروس پنهنجي امير ۽ معزز ماڻهن کي

www.dawateislami.net

وني غار وٽ پهتو تہ اصحابِ ڪهف وارا غار مان نڪري بادشاھ سان ياڪر پائي مليا ۽ پنهنجو واقعو بيان ڪيو، بيدروس بادشاھ سجدي ۾ وڃي خُداوَند قدوس جو شُڪر ادا ڪيو تہ منهنجي دعا قبول ٿي ۽ الله تعاليٰ اهڙي نِشاني ظاهر ڪئي آهي جنهن سان موت ڪانپوءِ زندھ ٿيڻ جو هر شخص کي يقين ٿي ويو. اصحابِ ڪهف بادشاھ کي دعائون ڏيڻ لڳا تہ الله تعاليٰ اوهان جي بادشادهي جي حفاظت فرمائي، هاڻي اسان اوهان کي الله جي سپرد ڪيون ٿا، پوءِ اصحابِ ڪهف ﴿اَلسَّلَامُ عَلَيْكُم﴾ چيو ۽ غار جي اندر هليا ويا ۽ سمهي رهيا ۽ انهيءَ حال ۾ الله تعاليٰ انهن کي وفات ڏني. بادشاھ بيدروس سال جي ڪاٺي جو صندوق ٺهرائي اصحابِ ڪهف جي لاشن کي ان ۾ رکرايو ۽ الله تعاليٰ اصحاب ڪهف جو اهڙو رعب ماڻهن جي دل ۾ پيدا ڪيو جو ڪنهن کي مجال نہ هئي جو غار جي منهِ تائين وڃي سگهي، اهڙي طرح اصحاب ڪهف جي لاشن جي حفاظت جو سامان الله تعاليٰ ڪري ڇڏيو، پوءِ بادشاھ بيدروس غار جي منهِ تي هڪ مسجد جوڙائي ۽ سال ۾ هڪ ڏينهن مقرر ڪيو تہ جيئن سيئي شهر وارا ان ڏينهن عيد جي ڏينهن جيان زيارت جي لاءِ اچن. (خازن ج 3 ص 198، 200)

**اصحابِ ڪهف جو تعداد:** اصحاب ڪهف جي تعداد جي باري ۾ ماڻهن جو اختلاف ٿيو تہ اها آيت نازل ٿي:

قُلْ رَّبِّيْۤ اَعْلَمُ بِعِدَّتِهِمْ مَّا يَعْلَمُهُمْ اِلَّا قَلِيْلٌ ﱏ

**ترجموڪنزالايمان:** تون فرماءِ منهنجو رب انهن جي تعداد کي خوب ڄاڻي ٿو انهن کي نہ ٿا ڄاڻن مگر ٿورا. (پ 15 الكهف: 22)

حضرت عبدالله ابن عباس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمايو: مان انهن گھٽ ماڻهن مان آهيان جيڪي اصحاب ڪهف جو تعداد ڄاڻن ٿا، پوءِ پاڻ فرمايائون اصحاب ڪهف جو تعداد ست آهي ۽ اٺون انهن جو ڪتو آهي. (تفسير صاوي ج 4 ص 1191، پ 15، الڪهف: 22)

قرآن شريف ۾ الله تعاليٰ اصحابِ ڪهف جو احوال بيان ڪندي ارشاد فرمايو تہ:

اَمْ حَسِبْتَ اَنَّ اَصْحٰبَ الْكَهْفِ وَ الرَّقِيْمِ ۙ كَانُوْا مِنْ اٰيٰتِنَا عَجَبًا ﴿۹﴾ اِذْ اَوَى الْفِتْيَةُ اِلَى الْكَهْفِ فَقَالُوْا رَبَّنَاۤ اٰتِنَا مِنْ لَّدُنْكَ رَحْمَةً وَّ هَيِّئْ لَنَا مِنْ اَمْرِنَا رَشَدًا ﴿۱۰﴾ فَضَرَبْنَا عَلٰۤى اٰذَانِهِمْ فِي الْكَهْفِ سِنِيْنَ عَدَدًا ﴿۱۱﴾ ثُمَّ بَعَثْنٰهُمْ لِنَعْلَمَ اَيُّ الْحِزْبَيْنِ اَحْصٰى لِمَا لَبِثُوْۤا اَمَدًا ﴿۱۲﴾ نَحْنُ نَقُصُّ عَلَيْكَ نَبَاَهُمْ بِالْحَقِّ ؕ اِنَّهُمْ فِتْيَةٌ اٰمَنُوْا بِرَبِّهِمْ وَ زِدْنٰهُمْ هُدًى ﴿۱۳﴾

(پ 15 الڪهف 9 تا 13)

**ترجموڪنزالايمان:** ڇا توکي خبر آهي غار ۽ جهنگ جي ڪناري وارا اسان جي هڪ عجيب نشاني هئا جڏهن انهن نوجوانن غار ۾ پناه ورتي پوءِ عرض ڪيائون اي اسان جا رب اسان کي پاڻ وٽان رحمت ڏي ۽ اسان جي ڪم ڪي اسان جي واسطي منزل ملڻ جو سامان ڪر، پوءِ اسان غار ۾ انهن جي ڪنن تي ڪيترا سال ٿپڪيوسون پوءِ اسان انهن کي جاڳايو جو ڏسئون تہ ٻن ٽولن مان ڪهڙو انهن جي رهڻ جي مدت وڌيڪ صحيح ٻڌائي ٿو، اسان انهن جو صحيح صحيح حال توکي ٻڌايون اهي ڪجهہ جوان هئا جن پنهنجي رب تي ايمان آندو ۽ اسان انهن کي وڌيڪ هدايت ڏني.

ان کان اڳين آيتن ۾ الله تعاليٰ اصحاب ڪهف جو پورو پورو حال بيان فرمايو آهي جنهن کي اسان اڳ ۾ لکي چڪا آهيون.

**اصحاب ڪهف جا نالا:** انهن جي نالن ۾ بہ گهڻو اختلاف آهي، حضرت علي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ انهن جا نالا هي آهن: يمليخا، مڪشلينا، مرنوش، دبرنوش، شاذنوش ۽ ستون ٻڪرار جيڪو انهن سان گڏجي ويو هو، حضرت علي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ ان جو ذڪر ناهي ڪيو، انهن جي ڪتي جو نالو "قِطمير" هو ۽ انهن جي شهر جو نالو "افسوس" هو ۽ ظالم بادشاه جو نالو "دقيانوس" هو.
(مدارڪ التنزيل ج 3 ص 206 پ 15 الڪهف: 22)

۽ تفسير صاوي ۾ لکيل آهي تہ اصحاب ڪهف جا نالا هي آهن: مڪسلمينا، يمليخا، طونس، نينوس، ساريونس، ذوانوانس، فلستطيونس، اهو آخري ٻڪرار آهي جيڪو واٽ تان گڏ ٿيو هو ۽ انهن جي ڪتي جو نالو "قِطمير" هو. (صاوي ج 4 ص 1191 پ 15 الڪهف: 22)

**اصحاب ڪهف جي نالن جو خاصتيون:** حضرت ابن عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ اصحاب ڪهف جي نالن جو تعويذ نو (9) ڪمن لاءِ فائديمند آهي:

(1) ڀڄي ويل کي سڏڻ لاءِ ۽ دشمنن کان بچي ڪري ڀڄڻ جي لاءِ، (2) باھ وسائڻ جي لاءِ ڪپڙي تي لکي باھ ۾ وجهي ڇڏيو ،(3) ٻارن جي روئڻ ۽ ٽئي ڏينهن اينڌڙ بخار جي لاءِ ،(4) مٿي جي سور جي لاءِ کابي پاسي تي ٻڌو، (5) اُم الصِبيان جي لاءِ ڳچي ۾ پارايو، (6) خشڪي ۽ سمنڊ ۾ سفر محفوظ ٿيڻ جي لاءِ، (7) مال جي حفاظت جي لاءِ،(8) عقل ۾ اضافي جي لاءِ، (9) گنهگارن جي نجات جي لاءِ.
(صاوي ج 4 ص 1191، پ 15 الڪهف: 22)

**اصحاب ڪهف ڪيترا ڏينهن ستل رهيا:** جڏهن قرآن پاڪ جي هي آيت

وَلَبِثُوْا فِیْ كَهْفِهِمْ ثَلٰثَ مِائَةٍ سِنِیْنَ وَ ازْدَادُوْا تِسْعًا ﴿۲۵﴾

(پ 15 الڪهف: 25)

**ترجموڪنزالايمان:** (۽ اهي پنهنجي غار ۾ ٽي سؤ سال رهيا نَوَ وڌيڪ)

نازل ٿي ته ڪافر چوڻ لڳا اسان ته ٽي سؤ سالن جي باري ۾ ڄاڻون ٿا ته اصحابِ ڪهف ايتري عرصي تائين غار ۾ رهيا پر اسان کي نَوَن سالن جي خبر ناهي ته حضور اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو ته توهان شمسي سالن جو حساب لڳايو پيا قرآن مجيد ته قمري سالن جي حساب سان مُدّت بيان ڪئي آهي ۽ شمسي سال جي هر سؤ سالن ۾ ٽي قمري سال وڌي ويندا آهن. (صاوي ج 4 ص 1193، پ 15 الڪهف:25)

**درس هدايت:** (1) مرڻ کان بعد زنده ٿي اٿڻ حق آهي ۽ اصحاب ڪهف جو واقعو ان جي نشاني ۽ دليل آهي جيڪو قرآن شريف ۾ موجود آهي (2) جيڪو پنهنجي دين ۽ ايمان جي حفاظت جي لاءِ پنهنجو وطن ڇڏي هجرت ڪري ٿو، الله تعالٰي غيب کان ان جي حفاظت جو اهڙو ذريعو پيدا ڪندو آهي جو ڪو ان جو سوچي به نٿو سگهي، (3) الله وارن جي نالن ۾ برڪت ۽ نفعي بخش اثر هوندو آهي ،(4) بيدروس هڪ ايماندار ۽ نيڪ دل بادشاهه هو ان اصحابِ ڪهف جي غار جي زيارت جي لاءِ سال ۾ هڪ ڏينهن مقرر ڪيو، ان مان خبر پئي ته بزرگانِ دين جو عرس جو دستور نهايت قديم زماني کان هلندو اچي پيو ،(5) بزرگن جي مزارن وٽ مسجد تعمير ڪرڻ ۽ اتي عبادت ڪرڻ نهايت پراڻو مبارڪ طريقو آهي، ڇوته بيدروس بادشاهه اصحابِ ڪهف جي غار وٽ هڪ مسجد ٺهرائي هئي جنهن جو ذڪر قرآن مجيد جي سورت ڪهف ۾ آهي. ﴿وَاللهُ تَعَالٰى اَعْلَم﴾

## ﴿38﴾ سفر مجمع البحرين جو ڪجهه تذڪرو

هڪ روايت آهي ته جڏهن فرعون پنهنجي لشڪر سان گڏجي

درياءِ نيل ۾ غرق ٿي ويو ۽ حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام کي بني اسرائيل سان گڏ مصر ۾ سکون مليو ته هڪ ڏينهن موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جو الله تعاليٰ سان اهڙي طرح مکالمو ٿيو:

**حضرت موسيٰ** عَلَيۡهِ السَّلَام: خداوند! تنهنجي ٻانهن مان تو کي سڀ کان وڌيڪ محبوب ڪهڙو ٻانهو آهي؟

**الله تعاليٰ:** جيڪو منهنجو ذڪر ڪندو آهي ۽ مون کي ڪڏهن به ناهي وساريندو.

**حضرت موسيٰ** عَلَيۡهِ السَّلَام: سڀ کان بهترين فيصلو ڪرڻ وارو ڪير آهي؟

**الله تعاليٰ:** جيڪو حق جو فيصلو ڪري ۽ ڪڏهن به انساني خواهش جي پيروي نه ڪري.

**حضرت موسيٰ** عَلَيۡهِ السَّلَام: تنهنجي ٻانهن ۾ سڀ کان وڌيڪ علم وارو ڪير آهي؟

**الله تعاليٰ:** جيڪو هميشه پنهنجي علم سان گڏوگڏ ٻين کان به علم سکندو رهي ته جيئن ان کي هڪ اهڙي ڳالهه ملي ويندي جيڪا ان کي هدايت ڏانهن رهنمائي ڪري يا ان کي هلاڪت کان بچائي وٺي.

**حضرت موسيٰ:** عَلَيۡهِ السَّلَام: جيڪڏهن تنهنجي ٻانهن مان ڪو مون کان وڌيڪ علم وارو آهي ته مون کي ان جو پتو ٻڌاءِ ؟

**الله تعاليٰ:** ”خضر“ تو کان وڌيڪ علم وارو آهي.

**حضرت موسيٰ** عَلَيۡهِ السَّلَام: مان ان کي ڪٿي تلاش ڪريان؟

**الله تعاليٰ:** سمند جي ڪناري چٽان وٽ.

**حضرت موسٰي** عَلَيۡهِ‌السَّلَام **:** مان اتي ڪيئن ۽ ڪهڙي طرح پهچان؟

**اللّٰه تعالٰي :** تون هڪ ٽوڪري ۾مڇي کڻي سفر ڪر، جتي اها مڇي گم ٿي وڃي بس اتي توهان جي ملاقات خضر سان ٿيندي. (مدارڪ التنزيل ج 3 ص 217، پ 15 الڪهف: 60)

ان کان پوءِ حضرت موسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام پنهنجي خادم ۽ شاگرد حضرت يوشع بن نون بن افرائيم بن يوسف عَلَيۡهِمُ السَّلَام کي پنهنجو سفر جو ساٿي بڻائي "مجمع البحرين" جو سفر ڪيو، حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام هلندي هلندي جڏهن گهڻو پري هليا ويا ته هڪ هنڌ تي آرام ڪيو، ان هنڌان اها مڇي ٽوڪري مان ٽڙپي سمنڊ ۾ ٽپو ڏنو ۽ جنهن جڳهه تي وئي اتي پاڻي ۾ هڪ سوراخ بڻجي ويو، حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام ننڊ مان بيدار ٿي هلڻ لڳا، جڏهن بنپهرن جي ڪاڌي جو وقت ٿيو ته پاڻ پنهنجي شاگرد حضرت يوشع بن نون عَلَيۡهِ السَّلَام کان مڇي طلب ڪئي ته انهن عرض ڪيو: ڇٽان وٽ جتي اوهان ستا هئا، اتي مڇي ٽپو ڏئي سمنڊ ۾ هلي وئي ۽ اوهان کي ٻڌائڻ وسري ويو هو، پاڻ فرمايو: اسان کي ان هنڌ جي ڳولا هئي، بهرحال پوءِ وري پنهنجي پيرن کي ڳولهيندي ان هنڌ پهچي ويا جتي حضرت خضر عَلَيۡهِ‌السَّلَام سان ملاقات ٿيڻي هئي.

اتي پهچي حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام ڏٺو ته هڪ بزرگ ڪپڙن ۾ ويڙهيل وينو آهي، جڏهن حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام ان کي سلام ڪيو ته انهن حيرت وچان فرمايو: هن سرزمين تي سلام ڪرڻ وارا ڪٿان کان آيا آهن؟ پوءِ انهن پڇيو: اوهان ڪير آهيو؟ ته پاڻ فرمايائون مان "موسيٰ" آهيان ته انهن پڇا ڪيو ته ڪير موسٰي؟ ڇا اوهان

بني اسرائيل جا موسيٰ آهيو؟ تہ پاڻ فرمايائون جي ها، تہ حضرت خضر عَلَيْهِ السَّلَام فرمايو تہ اي موسيٰ! مون کي **الله** تعالٰي اهڙو علم ڏنو آهي جنهن کي اوهان نہ ٿا ڄاڻو ۽ اوهان کي **الله** تعالٰي اهڙو علم ڏنو آهي جنهن کي مان نہ ٿو ڄاڻان، مطلب اهو هو تہ مان علمِ ”اسرار“ ڄاڻان ٿو، جنهن جو اوهان کي علم ناهي، ۽ اوهان ”علم الشرائع“ ڄاڻيو ٿا جنهن کي مان نٿو ڄاڻيان.

پوءِ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام فرمايو تہ اي خضر! ڇا اوهان مون کي اجازت ڏيو ٿا مان اوهان جي پويان پويان هلان تہ جيئن **الله** تعالٰي اوهان کي جيڪي علم ڏنا آهن تہ اوهان مون کي ڪجھ سيکاريو، تہ حضرت خضر عَلَيْهِ السَّلَام چيو: اوهان مون سان گڏ صبر نہ ڪري سگھندؤ. حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام فرمايو: اِنْ شَآءَ الله مان صبر ڪندس، ۽ ڪڏهن بہ ڪا نافرماني نہ ڪندس، حضرت خضر عَلَيْهِ السَّلَام چيو تہ شرط اهو آهي تہ اوهان مون کان ڪنهن ڳالھ جي باري ۾ سوال نہ ڪندؤ، ايستائين جو مان پاڻ اوهان کي ٻڌائيندس، مطلب تہ هن عهد ۽ پيمان کان پوءِ حضرت خِضر عَلَيْهِ السَّلَام حضرت موسيٰ ۽ يوشع بن نون عَلَيْهِمُ السَّلَام کي پاڻ سان گڏ ورتو سمنڊ جي ڪناري هلندا رهيا، ايستائين جو هڪ ڪشتيءَ تي نظر پئي ۽ ڪشتيءَ وارن تنهي کي سوار ڪيو ۽ ڪشتيءَ جو ڪرايو بہ نہ گھريو، جڏهن اهي ڪشتي ۾ ويهي رهيا تہ حضرت خضر عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجي ڳوٺري مان هڪ ڪهاڙي ڪڍي ۽ ڪشتي کي چيري ان مان هڪ تختو ڪڍي سمنڊ ۾ اڇلائي ڇڏيو اهو منظر ڏسي حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام برداشت نہ ڪري سگھيا ۽ حضرت خضر عَلَيْهِ السَّلَام کان اهو سوال ڪيائون:

www.dawateislami.net

اَخَرَقْتَهَا لِتُغْرِقَ اَهْلَهَا ۚ لَقَدْ جِئْتَ شَيْـًٔا اِمْرًا ﴿۷۱﴾

**ترجموڪنزالايمان:** چا تون ان کي ان لاءِ چيريو تہ انهن جي سوارن کي ٻوڙين، بيشڪ هي تو خراب ڳالھ ڪئي. (پ 15 الكهف: 71)

حضرت خضر عَلَيْهِ السَّلَام چيو: مون اوهان کي چيو هو تہ اوهان مون سان گڏ صبر نہ ڪري سگهندا، حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام معذرت ڪندي فرمايو: مون ڀلجي سوال ڪيو هو، انهيءَ ڪري منهنجي ڀل تي پڪڙ نہ ڪيو ۽ منهنجي ڪم ۾ مشڪل نہ وجهو.

پوءِ اهي حضرات ڪجھ پري ويا تہ حضرت خضر عَلَيْهِ السَّلَام هڪ نابالغ ٻار کي ڏٺو جيڪو پنهنجي والدين جو اڪيلو پٽ هو، حضرت خضر عَلَيْهِ السَّلَام ڳلو دٻائي ۽ زمين تي هٽي ان ٻار کي قتل ڪري ڇڏيو ۽ هي هوش اڏائيندڙ خوني منظر ڏسي حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام ۾ صبر جي تاب نہ رهي ۽ اوهان ٿوري سخت لهجي ۾ حضرت خضر عَلَيْهِ السَّلَام کي چيو تہ:

اَقَتَلْتَ نَفْسًا زَكِيَّةًۢ بِغَيْرِ نَفْسٍ ؕ لَقَدْ جِئْتَ شَيْـًٔا نُّكْرًا ﴿۷۴﴾

(پ 15 الكهف: 74)

**ترجموڪنزالايمان:** موسي چيو چا تو هڪ پاڪ ساھ کي بغير ڪنهن ساھ جي بدلي قتل ڪري ڇڏيو بيشڪ تو ڏاڍي خراب ڳالھ ڪئي.

حضرت خضر عَلَيْهِ السَّلَام وري اهو جواب ڏنو: مون اوهان کي چيو هو اوهان مون سان گڏ هرگز صبر نہ ڪري سگهندؤ، حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام فرمايو تہ نيڪ هاڻي جيڪڏهن اوهان کان ڪجھ پڇان تہ اوهان مون سان گڏ نہ رهجو، ان ۾ شڪ ناهي تہ منهنجي طرفان اوهان جو عذر پورو ٿي چڪو آهي .

پوءِ ان کان بعد انهن وري گڏجي هلڻ شروع ڪيو، ايستائين جو

اهي هڪ ڳوٺ پهتا ۽ ڳوٺ وارن کان کاڌو طلب ڪيائون، پر ڳوٺ وارن مان ڪنهن به انهن نيڪن جي دعوت نه ڪئي، پوءِ انهن ڳوٺ ۾ هڪ ڪرنڊڙ ڀت ڏٺي، ته حضرت خضر عَلَيْهِ السَّلَام اسمِ اعظم پڙهي ڀت سڌي ڪري ڇڏي، حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام ڳوٺ وارن جي بداخلاقي جي ڪري بيزار ته هئا، اوهان کي ڪاوڙ آئي برداشت نه ڪري سگهيا ۽ اهو فرمايائون:

لَوْ شِئْتَ لَتَّخَذْتَ عَلَيْهِ اَجْرًا ﴿۷۷﴾ (پ 16 الكهف: 77)

**ترجموڪنزالايمان:** جيڪڏهن توهان گهرين ها ته ان تي ڪجهه مزدوري وٺين ها.

اهو ٻڌي حضرت خضر عَلَيْهِ السَّلَام چيو: هاڻي منهنجي ۽ اوهان وچ ۾ جدائي آهي ۽ جن شين کي ڏسي اوهان صبر نه ڪري سگهيا هئا ان جو راز مان اوهان کي ٻڌايان ٿو، ٻڌو جيڪا ڪشتي مون چيري هئي ۽ اها ڪن مسڪينن جي هئي جنهن جي آمدني سان اهي ماڻهو گذارو ڪندا هئا ۽ اڳتي هڪ ظالم بادشاهه رهندو هو جيڪو صحيح ۽ بهترين ڪشتين کي کسي وٺندو هو ۽ عيب دار ڪشتين کي ڇڏي ڏيندو هو، مون ڇاڻي واڻي هڪ تختو ڪڍي ان ڪشتي کي عيب دار ڪيو ته جيئن ظالم بادشاهه جي ڏمر کان محفوظ رهي ۽ جنهن ڇوڪري کي مون قتل ڪيو ان جا والدين نيڪ ۽ صالح هئا ۽ اهو ڇوڪرو پيدائشي ڪافر هو ۽ والدين ان سان بيحد محبت ڪندا هئا ۽ ان جي هر خواهش پوري ڪندا هئا ته اسان کي اهو خوف ۽ خطرو نظر آيو ته ڪٿي اهو ڇوڪرو پنهنجي والدين کي ڪفر ۾ مبتلا نه ڪري ڇڏي، ان ڪري مون هن ڇوڪري کي قتل ڪري ان جي والدين کي ڪفر کان بچائي ورتو، هاڻي هن جا والدين صبر ڪندا ته الله تعاليٰ هن ڇوڪري جي بدلي ۾ انهن والدين کي هڪ نياڻي عطا ڪندو جنهن جي

هڪ نبي سان شادي ٿيندي ۽ ان جي شڪم مان هڪ نبي پيدا ٿيندو جيڪو هڪ امت کي هدايت ڪندو، ۽ ڪرندڙ ڀت کي درست ڪرڻ ۾ اهو راز هو تہ اها ڀت ٻن يتيم ٻائرن جي هئي جنهن جي هيٺ انهن ٻنهي جو خزانو هو انهن ٻنهي جو پيءُ هڪ صالح ۽ نيڪ ماڻهو هو، جيڪڏهن هينئر اها ڀت ڪري پوي ها تہ انهن يتيمن جو خزانو ڦُوٺ وارا ڪٺي وٺن ها، انهيءَ ڪري اوهان جي پروردگار اهو چاهيو تہ اهي ٻئي يتيم ٻار جوان ٿي پنهنجو خزانو ڪڍن، تنهنڪري مون هن ڀت کي هاٿي ڪِرَڻ نہ ڏنو، اها ربّ تعاليٰ جي انهن ٻارن تي مهرباني آهي ۽ اي موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام! اوهان يقين ۽ اطمينان رکو تہ مون جيڪو ڪجهہ ڪيو پنهنجي طرفان نہ ڪيو بلڪ مون اهو سڀ ڪجهہ الله تعاليٰ جي حڪم سان ڪيو آهي، ان ڪان بعد حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام پنهنجي وطن واپس موٽي آيا . (مدارڪ التنزيل ج 3 ص 219، 221 پ 15، 16 الڪهف ملخصا)

**حضرت خضر عَلَيۡهِ السَّلَام جو تعارف:** حضرت خضر عَلَيۡهِ السَّلَام جي ڪنيت ابوالعباس ۽ نالو ”بليا“ ۽ سندن والد جو نالو ”ملڪان“ آهي،”بليا“ سرياني زبان جو لفظ آهي، عربي ۾ هن جو ترجمو”احمد“ آهي، ”خضر“سندن لقب آهي ۽ هن لفظ کي ٽن طريقن سان پڙهي سگهجي ٿو. خَضِر، خَضّر، خِضّر. خضر جي معنيٰ آهي سائي شيءِ، پاڻ جتي ويهندا هئا اتي سندن جي برڪت سان سبز سبز گاهہ ڦٽي ايندو هيو، انهيءَ ڪري ماڻهو اوهان کي ”خضر“ چوڻ لڳا.

اهي وڏي اعليٰ خاندان مان آهن، انهن جا ڀي ڏاڏا بادشاهہ هئا، ڪجهہ عارف سڳورن فرمايو آهي تہ جيڪو مسلمان انهن جو ۽ انهن جي والد جو نالو ياد رکندو ۽ سندن ڪنيت ياد رکندو تہ اِنۡ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ان جو خاتمو ايمان تي ٿيندو. (صاوي ج 4 ص 1207 پ 15، الڪهف 65)

**حضرت خضر** عَلَيْهِ السَّلَام **زنده ولي آهن:** ڪن ماڻهن حضرت خضر عَلَيْهِ السَّلَام بابت ٻڌايو تہ هي نبي آهن، پر اڪثر عالمن جو قول اهو آهي تہ حضرت خضر وَلِي آهن. (جلالين ص 249، پ 15، الڪهف: 65)

۽ جَمْهُور عالِمن جو قول اهو آهي تہ اهي اڃا بہ زنده آهن ۽ قيامت تائين زنده رهندا چو تہ اوهان آبِ حيات پي ورتو هو، اوهان جي صحبت ۾ گهڻا ئي اولياءِ ڪرام جمع رهندا آهن ۽ فيض حاصل ڪندا آهن، عارف بالله حضرت سيّد بڪري پنهنجي قصيدي "درد السحر" ۾ اوهان جي باري ۾ اهو لکيو آهي تہ....

حَيٌّ وَحَقِّكَ لَمْ يَقُل بِوَفَاتِهٖ ۞ اِلَّا الَّذِىْ لَمْ يَلْقَ نُوْرَ جَمَالِهٖ
فَعَلَيْهِ مِنِّیْ كُلَّمَا هَبَّ الصَّبَا ۞ اَزْكٰى سَلَامٍ طَابَ فِىْ اِرْسَالِهٖ

تنهنجي حق جو قسم! تہ حضرت خضر عَلَيْهِ السَّلَام زنده آهن ۽ سندن وفات جو قائل اهو ئي هوندو جيڪو ان نور جمال سان ملاقات نہ ڪري سگهيو آهي تہ جڏهن بہ انهن تي باد صبا هلي منهنجي طرفان سترو سلام هجي ۽ پاڪيزگي سان باد صبا ان کي پهچائي.

حضرت خضر عَلَيْهِ السَّلَام حضور خاتم النبيين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت سان مشرف ٿيا آهن، انهيءَ ڪري صحابي بہ آهن.

(صاوي ج 4 ص 1208 پ 15، الڪهف 65)

## ﴿39﴾ ذوالقرنين ۽ ياجوج ماجوج

ذوالقرنين جو نالو "سڪندر" هو، اهي حضرت خضر عَلَيْهِ السَّلَام جا ماسات آهن، حضرت خضر عَلَيْهِ السَّلَام سندن وزير ۽ جهنگ ۾ علمبردار رهيا آهن، اهي حضرت سام بن نوح عَلَيْهِ السَّلَام جي اولاد مان آهن، اهي هڪ ٻڍڙيءَ جا اڪيلا پٽ هئا، حضرت ابراهيم خليل **الله** عَلَيْهِ السَّلَام جي هٿ مبارڪ تي اسلام قبول ڪري گهڻو عرصو سندن صحبت

۾ رهيا ۽ حضرت ابراهيم خليل الله عَلَيْهِ السَّلَام انهن کي ڪجهه وصيتون ڪيون هيون، درست اهو آهي تہ هي نبي نہ آهن، بلڪ هڪ نيڪ ٻانها هئا جيڪي شرفِ ولايت سان سرفراز ٿيا.
(صاوي ج 4 ص 1214 پ 16، الڪهف 83)

**ذوالقرنين جي نالي سان چو مشهور ٿيا:** حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ اهي ذوالقرنين (ٻن سڱن واري) جي لقب سان انهيءَ ڪري مشهور ٿيا جو دنيا جي ٻن سڱن يعني ٻنهي ڪنارن جو چڪر لڳايو هيو، ۽ بعض جو قول آهي انهن جي دؤر ۾ ماڻهن جا ٻہ قرن ختم ٿي ويا، سؤ سالن جو هڪ قرن ٿئي ٿو، ۽ ڪي چون ٿا تہ اوهان جا ٻہ گيسو يعني وار هيا انهيءَ ڪري ذوالقرنين چيو ويندو هو، ۽ هڪ هي قول بہ آهي انهن جي تاج تي ٻہ سڱ ٺهيل هئا ۽ ڪي وري ان جا قائل آهن تہ انهن جو مٿو ٻنهي پاسن ڪان اپريل هو جيڪو سڱ جيان نظر ايندو هو ۽ ڪن اهو سبب ٻڌايو تہ چو جو ان جو پيءُ ۽ ماءُ نجيب الطرفين ۽ شريف زاده هئا انهيءَ ڪري ماڻهو هن کي ذوالقرنين چوڻ لڳا. ﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰى اَعْلَمُ﴾
(مدارڪ التنزيل ج 3 ص 222 پ 16، الڪهف 83)

الله تعالٰي انهن کي تمام روءِ زمين جي بادشاهي عطا ڪئي هئي، دنيا ۾ ڪل چار بادشاه اهڙا ٿيا آهن جن کي سڄي زمين جي بادشاهي ملي، ان مان ٻہ مؤمن هئا ۽ ٻہ ڪافر، مؤمن تہ حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام ۽ ذوالقرنين ۽ ڪافر هڪ بخت نصر، ٻيو نمرود، ۽ تمام روءِ زمين جو پنجو بادشاه هن امت مان ٿيڻ وارو آهي جنهن جو نالو مبارڪ حضرت امام مهدي رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ آهي. (صاوي ج 4 ص 1216 پ 16، الڪهف83)

**ذوالقرنين جا ٽي سفر:** قرآن مجيد ۾ حضرت ذوالقرنين جي ٽن سفرن

جو احوال بيان ٿيو آهي جيڪو سورة ڪهف ۾ آهي، اسان قرآن شريف مان ئي انهنَ ٽن سفرن جو احوال لکون ٿا، جن ۾ نهايت عجيب ۽ عبرت وارو احوال آهي.

**پهريون سفر:** حضرت ذوالقرنين پراڻن ڪتابن ۾ پڙهيو ته سام بن نوح عَلَيۡهِ السَّلَام جي اولاد مان هڪ شخص آب حيات جي چشمي مان پاڻي پيئندو ته ان کي موت نه ايندو، ان ڪري حضرت ذوالقرنين مغرب جو سفر ڪيو، اوهان سان گڏ حضرت خضر عَلَيۡهِ السَّلَام پڻ هئا، حضرت خضر عَلَيۡهِ السَّلَام ته آبِ حيات جي چشمي تي پهچي ويا ۽ ان مان پاڻي به پيتو پر حضرت ذوالقرنين جي مقدر ۾ نه هو ۽ اهي محروم رهيا، انهي سفر ۾ اوهان اولهه طرف ڏانهن ويا، جيستائين آبادي جو نالو نشان هيو اهي سڀ منزلون طئي ڪري اوهان هڪ اهڙي هنڌ تي پهتا جو انهن کي سج لهڻ جي وقت ائين نظر آيو جو اهو هڪ ڪاري چشمي ۾ لهي پيو، جيئن ساموندي سفر ڪرڻ وارن کي سج سمنڊ جي ڪاري پاڻي ۾ لهندو نظر ايندو آهي، اتي هڪ اهڙي قوم ملي جن کي جانورن جي کل پاتل هئي، ان کان علاوه انهن جي بدن تي ٻيو ڪو لباس نه هو ۽ دريائي مرده جانورن کان علاوه انهن جي خوراڪ جو ٻيو ذريعو نه هو، اها قوم ”ناسڪ“ سڏائيندي هئي، حضرت ذوالقرنين ڏٺو ته هنن جا لشڪر بي شمار آهن ۽ اهي ماڻهو نهايت طاقتور ۽ جنگجو آهن ته حضرت ذوالقرنين انهن ماڻهن جي چوڌاري گهيرو ڪري انهن ماڻهن کي بي وس ڪري ڇڏيو، پوءِ ڪن ته ايمان آندو ۽ ڪي فوج جي هٿان قتل به ٿيا.

**ٻيو سفر:** پوءِ اوهان اوڀر طرف سفر ڪيو ايستائين جو سج نڪرڻ جي جڳهه وٽ پهتا ته اتي ڏٺو هڪ اهڙي قوم آهي جن وٽ نه ڪا عمارت آهي نه ڪو ئي گهر، انهن ماڻهن جو حال هي هو جو سج نڪرڻ مهل اهي ماڻهو زمين جي غارن ۾ لڪي ويندا هئا ۽ سج لهڻ کان پوءِ غارن مان نڪري پنهنجي روزي جي ڳولا ۾ لڳي ويندا هئا، اها قوم "**منسڪ**" سڏائيندي هئي، حضرت ذوالقرنين انهن جي مقابلي ۾ لشڪر ڪشي ڪئي ۽ جن ماڻهن ايمان آندو انهن سان بهترين ورتاءُ ڪيو ۽ جيڪي پنهنجي ڪفر تي قائم رهيا انهن کي قتل ڪيو.

**ٽيو سفر:** پوءِ اوهان اُتر ڏانهن سفر ڪيو ايستائين جو "سدين" (ٻن پهاڙن جي وچ ۾) پهتا، ته اتان جي آبادي جي عجيب وغريب زبان هئي انهن ماڻهن سان مشڪل سان اشارن ذريعي گفتگو ڪئي ويندي هئي، انهن ماڻهن حضرت ذوالقرنين سان ياجوج ماجوج جي ظلمن جي شڪايت ڪئي ۽ مدد جا طالب ٿيا.

**ياجوج ماجوج:** هي يافث بن نوح عَلَيْهِ السَّلَام جي اولاد مان هڪ فسادي گروهه آهي ۽ انهن ماڻهن جو تعداد تمام گهڻو آهي، اهي ماڻهو وڏا جنگجو، خونخوار ۽ بلڪل وحشي ۽ جهنگلي آهن، جيڪي بلڪل جانورن جيان رهندا آهن، موسم ربيع ۾ اهي ماڻهو پنهنجي غارن مان نڪري سيئي فصل ۽ ٻاجيون کائي ويندا هئا ۽ خشڪ شين کي کڻي ويندا هئا، ماڻهن ۽ جهنگي جانور ايستائين جو نانگ، وڇون، ساندي ۽ هر ننڍي وڏي جانور کي کائي ويندا آهن.

**سدِ سڪندري:** حضرت ذوالقرنين سان انهن ماڻهن فرياد ڪيو ته اوهان اسان کي ياجوج ماجوج جي شر ۽ انهن جي تڪليفن کان

بچايو ۽ انهن ماڻهن ان جي بدلي ۾ ڪجهه مال ڏيڻ جي بہ پيشڪش ڪئي تہ حضرت ذوالقرنين فرمايو: مون کي اوهان جي مال جي ضرورت ناهي، اللّٰه تعاليٰ مون کي سڀ ڪجهه ڏنو آهي، بس توهان منهنجي جسماني محنت سان مدد ڪريو، پاڻ ٻنهي جبلن جي وچ ۾ بنياد کوٽايو، جڏهن پاڻي نڪري آيو تہ ان تي پگھاريل ٽامي جي گاري سان پٿر جمايا ۽ لوهہ جي تختن جي هيٺ مٿي چنائي ڪرائي وچ ۾ ڪاٺي ۽ ڪوئلو ڀرائي چڙهيو ۽ ان ۾ باهہ لڳائي ڇڏي اهڙي طرح اها ڀت جبل جي بلندي تائين ڊگهي ڪئي وئي ۽ ٻنهي پهاڙن جي وچ ۾ ڪا جڳهہ نہ ڇڏي وئي پوءِ پگھريل ٽامو ڀت ۾ لڳايو ويو جنهن سان اها نهايت ئي مضبوط ۽ پڪي ڀت ٺهجي وئي.

(خزائن العرفان ص545 ، 547 پ 16 الكهف: 86 تا 98)

قرآن شريف ۾ سوره ڪهف ۾ ﴿حَتّٰۤى اِذَا بَلَغَ مَغْرِبَ الشَّمْسِ﴾ کان ﴿مِنْ اَمْرِنَا يُسْرًا ﴿۸۸﴾﴾ پهرين سفر جو ذڪر آهي، پوءِ ﴿ثُمَّ اَتْبَعَ سَبَبًا ﴿۸۹﴾﴾ کان ﴿خُبْرًا ﴿۹۱﴾﴾ تائين ٻي سفر جو تذڪرو آهي ۽ ﴿ثُمَّ اَتْبَعَ سَبَبًا ﴿۹۲﴾﴾ کان ﴿وَكَانَ وَعْدُ رَبِّيْ حَقًّا ﴿۹۸﴾﴾ تائين ٽي سفر بابت آهي.

**سدِ سڪندري ڪڏهن ٽٽندي:** حديث شريف ۾ آهي تہ ياجوج ماجوج روزانو هن ديوار کي ٽوڙيندا آهن ۽ سڄي ڏينهن محنت ڪري ان کي ٽوڙڻ جي ويجهو ٿيندا آهن تہ انهن مان ڪو چوندو آهي تہ هاڻي هلو باقي کي سڀاڻي ٽوڙينداسين، ٻي ڏينهن جڏهن اهي ايندا آهن تہ خدا جي حڪم سان اها ديوار پهريان کان وڌيڪ مضبوط ٿي ويندي آهي، جڏهن ان ديوار جي ٽٽڻ جو وقت ايندو تہ انهن مان ڪو چوندو تہ هاڻي هلو اِنْ شَآءَاللّٰه سڀاڻي هن ديوار کي

ٽوڙينداسين، انهن ماڻهن جي اِنْ شَآءَاللهُ چوڻ جي برڪت ۽ ان جو ثمر اهو ملندو جو ٻئي ڏينهن اها ديوار ٽٽي ويندي. اهو قربِ قيامت جو وقت هوندو، ديوار ٽٽڻ کان پوءِ ياجوج ماجوج نڪرندا ۽ زمين تي هر پاسي فتنو فساد ۽ قتل و غارت ڪندا، چشمن ۽ تلائن جو پاڻي پي ويندا، جانورن ۽ وڻن کي کائي ويندا، زمين تي هر جڳهه ڦهلجي ويندا پر مڪي شريف، مديني پاڪ ۽ بيت المقدس انهن ٽنهي شهرن ۾ اهي داخل ٿي نہ سگهندا، پوءِ حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي دعا سان هنن ماڻهن جي ڳچي ۾ جيت پيدا ٿيندا ۽ اهي سڀ هلاڪ ٿي ويندا، قرآن شريف ۾ آهي:

حَتّٰۤى اِذَا فُتِحَتْ يَاْجُوْجُ وَ مَاْجُوْجُ وَهُمْ مِّنْ كُلِّ حَدَبٍ يَّنْسِلُوْنَ ﴿۹۶﴾

**ترجموڪنزالايمان:** ايستائين جو جڏهن کوليا ويندا ياجوج ماجوج ۽ اهي هر بلندي کان ڊوڙندا هوندا. (پ 17 الانبياءِ: 96)

## ﴿40﴾ شجر مريم رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا ۽ نهر جبرئيل عَلَيْهِ السَّلَام

حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام حضرت بيبي مريم جي پيٽ مان بنا پيءُ جي پيدا ٿيا، جڏهن وِلادت جو وقت آيو تہ حضرت بِيبي مريم رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا آبادي کان ڪجهه پري هڪ ڪجي جي سُڪل وڻ جي هيٺ اڪيلائي ۾ ويهي رهيون ۽ ان ئي وڻ جي هينان حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي ولادت ٿي، جيئن تہ اوهان بنا پيءُ جي ڪُنواري مَريَم رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا جي شِڪم مان پيدا ٿيا، انهيءَ ڪري حضرت مريم نهايت فِڪر مَند ۽ بيحد اداس هيون ۽ بدگوئي ۽ طعنہ ملڻ جي خوف سبب پنهنجي علائقي ۾ نہ پئي آيون، ۽ هڪ سنسان زمين ۾ ڪجي جي سُڪل وڻ جي هيٺ وينل هيون جتي کائڻ پيئڻ جو ڪو سامان بہ نہ هو، اوچتو حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام نازل ٿيا ۽

پنهنجي ڪڙي زمين تي هٽي هڪ نهر جاري ڪئي ۽ اوچتو ڪجي جو سڪل وڻ سرسبز ٿي ويو ۽ ان ۾ پڪل ڪجيون ٿيون ۽ حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام حضرت مريم رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا کي سڏي انهن سان ائين گفتگو ڪئي:

فَنَادٰىهَا مِنْ تَحْتِهَاۤ اَلَّا تَحْزَنِیْ قَدْ جَعَلَ رَبُّكِ تَحْتَكِ سَرِیًّا ﴿۲۴﴾ وَ هُزِّیْۤ اِلَیْكِ بِجِذْعِ النَّخْلَةِ تُسٰقِطْ عَلَیْكِ رُطَبًا جَنِیًّا ﴿۲۵﴾ فَكُلِیْ وَ اشْرَبِیْ وَ قَرِّیْ عَیْنًا ۚ

ترجموڪنزالايمان: آواز آيو ان جي هيٺين پاسي کان تہ غم نہ ڪر بيشڪ تنهنجي رب تنهنجي هيٺان هڪ نهر جاري ڪئي آهي ۽ ڪجي جي ٿڙ کي وٺي پاڻ ڏي لوڏو ڏي تہ تو تي تازي پڪل ڪجور ڪرندي پوءِ کاءُ ۽ پيءُ اکيون ٺار. (پ 16، مريم: 24، 26)

سڪل وڻ ۾ ميوو لڳڻ ۽ نهر جو اوچتو جاري ٿيڻ بيشڪ اهي حضرت مريم رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا جون ڪرامتون آهن.

**درسِ هِدايت:** ان کان پهرين صفحن ۾ پڙهي چڪا آهيون تہ حضرت بيبي مريم رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا جڏهن ننڍڙيون هيون ۽ بيت المقدس جي محراب ۾ عبادت ڪنديون هيون تہ بنا ڪنهن محنت جي اتي بنا مند جي ميوا ملندا هئا، پر حضرت عيسٰي عَلَيْهِ السَّلَام جي پيدائش کان پوءِ پڪل ڪجيون تہ حضرت مريم رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا کي ضرور مليون پر خداوند تعالٰي جو حڪم ٿيو تہ ڪجي جون پاڙون هلائي تڏهن ڪجيون ملنديون، هن مان اهو سبق مليو تہ ماڻهو جيستائين صاحب اولاد ناهي ٿيندو ان کي بنا محنت جي بہ روزي ملي ويندي آهي ۽ ڪٿي نہ ڪٿي کائي پي وٺندو آهي پر جڏهن اولاد وارو ٿيندو آهي تہ ان تي لازم آهي تہ محنت ڪري روزي حاصل

ڪري، ڏسو حضرت مريم رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهَا جيستائين اولاد واريون نہ هيون تہ بنا محنت ۽ مَشقت جي روز انهن کي محرابِ عبادت ۾ ميوا ملندا هئا، پر جڏهن انهن جا پٽ حضرت عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام پيدا ٿيا تہ هاڻي ربّ جو اهو حڪم ٿيو تہ ڪجي جي وڻ کي لوڏيو ۽ محنت ڪريو ۽ تنهن کان پوءِ توهان کي ڪجيون ملنديون.

﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰى اَعۡلَم﴾

## ﴿41﴾ حضرت عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جي پهرين تقرير

جڏهن حضرت مريم رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهَا حضرت عيسٰي کي هنج ۾ کڻي بني اسرائيل جي ڳوٺ ۾ آئي تہ قوم اوهان تي بدڪاري جي تُهمَت هنئي ۽ ماڻهو چوڻ لڳا تہ اي مريم! تو اِهو برو ڪم ڪيو، جڏهن تہ توهان جي والدين ۾ ڪا خرابي نہ هئي ۽ توهان جي امڙ بہ بدڪار نہ هئي، بنا مڙس جي تو کي پٽ ڪيئن پيدا ٿيو؟ جڏهن قوم گهڻا طعنا ڏنا ۽ بدگوئي ڪئي تہ حضرت مريم رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهَا پاڻ تہ چُپ رهيون پر ارشاد فرمايو: توهان هن ٻار کان سڀ ڪجهہ پڇي وٺو، تہ ماڻهن چيو: اسان هن ٻار کان جا ۽ ڪهڙي طرح گفتگو ڪنداسين؟ هي تہ اجا پينگهي ۾آهي، قوم جي اها ڳالهہ ٻڌي حضرت عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام تقرير شروع ڪئي، جنهن جو ذڪر قرآن شريف ۾ ان طرح بيان فرمايو آهي:

قَالَ اِنِّیۡ عَبۡدُ اللّٰهِ ۟ؕ اٰتٰنِیَ الۡکِتٰبَ وَ جَعَلَنِیۡ نَبِیًّا ﴿ۙ۳۰﴾ وَّ جَعَلَنِیۡ مُبٰرَکًا اَیۡنَ مَا کُنۡتُ ۪ وَ اَوۡصٰنِیۡ بِالصَّلٰوۃِ وَ الزَّکٰوۃِ مَا دُمۡتُ حَیًّا ﴿۪ۖ۳۱﴾ وَّ بَرًّۢا بِوَالِدَتِیۡ ۫ وَ لَمۡ یَجۡعَلۡنِیۡ جَبَّارًا شَقِیًّا ﴿۳۲﴾ وَ السَّلٰمُ عَلَیَّ یَوۡمَ وُلِدۡتُّ وَ یَوۡمَ اَمُوۡتُ وَ یَوۡمَ اُبۡعَثُ حَیًّا ﴿۳۳﴾ (پ 16، مريم:30 تا 33)

www.dawateislami.net

**ترجموڪنزالايمان:** پار فرمايو مان آهيان الله جو ٻانهو، ان مون کي ڪتاب ڏنو ۽ مون کي غيب جون خبرون ٻڌائيندڙ (نبي) ڪيائين ۽ ان مون کي برڪت وارو ڪيو، مان ڪاٿي بہ هجان ۽ مون کي نماز ۽ زڪوٰة جي تاڪيد فرمايائين جيستائين جيئرو هجان، ۽ پنهنجي ماء سان چڱو سلوڪ ڪندڙ ۽ مون کي ڏاڍ ڪندڙ ۽ بدبخت نہ ڪيائين، ۽ اها ئي سلامتي مون تي جنهن ڏينهن مان پيدا ٿيس ۽ جنهن ڏينهن مران ۽ جنهن ڏينهن جيئرو اٿاريو وڃان.

**درسِ هدايت:** (1) اهو حضرت عيسٰي عَلَيْهِ السَّلَام جو معجزو آهي جو پيدا ٿيندي ئي فصيح زبان ۾ اهڙي جامع تقرير ڪئي، هن تقرير ۾ سڀ کان پهريان پاڻ کي خدا جو ٻانهو چيو، تہ جيئن ڪو ان کي خدا يا خدا جو پٽ نہ چئي سگهي، ڇوتہ ماڻهو آئينده اوهان تي تُهمت لڳائڻ وارا آهن ۽ اها تُهمت تہ الله تعالٰي تي لڳندي هئي، انهيءَ ڪري اوهان جي منصبِ رسالت جو اهو ئي تقاضو هو پنهنجي والده تي لڳندڙ تُهمت کي ختم ڪرڻ کان اڳ ۾ ان تُهمت کي پري ڪن جيڪا الله تعالٰي تي لڳائي وڃڻ واري هئي. الله اڪبر! سچ آهي تہ خداوند قُدوس جنهن کي نُبُوّت جي شرف سان نوازيندو آهي يقينًا ان جي ولادت نهايت پاڪ ۽ صاف ۽ طاهر ٿيندي آهي ۽ ننڍ پڻ کان ان ۾ نُبُوّت جا اعلٰي آثار ظاهر ٿيڻ لڳندا آهن.

(2) سورة مريم جي هن رُڪوع ۾ الله تعالٰي حضرت عيسٰي جو پورو ذڪر ميلاد شريف بيان ڪيو آهي ۽ آخر ۾ سلام جو ذڪر آهي، ان سان خبر پئي تہ رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ميلاد پڙهي آخر ۾صلوة وسلام پڙهڻ اها الله تعالٰي جي مقدس سنّت آهي ۽ اهو ئي اهل سنّت و جماعت جو مبارڪ عمل آهي.

حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي ذڪر ٿيل تقرير مان خبر پئي تہ نماز، زڪوٰة ۽ ماءُ پيءُ سان سهڻو سلوڪ اهڙا فرض آهن جيڪي

حضرت عيسٰي عَلَيْهِ السَّلَام جي شريعت ۾ بہ فرض هئا .

## ﴿42﴾ حضرت اِدريس عَلَيْهِ السَّلَام

اوهان جو نالو ”اخنوخ“ آهي، پاڻ حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام جي والد جا ڏاڏا آهن، حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کان پوءِ اوهان ئي پهريان رسول آهيو، اوهان جا والد حضرت شيث بن آدم عَلَيْهِما السَّلَام آهن، سڀ کان پهريون جنهن شخص قلم جي ذريعي لکيو اهي پاڻ ئي هيا ، ڪپڙا سبڻ ۽ سبيل ڪپڙا پائڻ جي ابتداء بہ اوهان کان ئي ٿي. ان کان اڳ ۾ ماڻهو جانور جون کلون پائيندا هئا، سڀ کان پهريان هٿيار ناهڻ وارا، ترازو ۽ پيمانا قائم ڪرڻ وارا، علمِ نجوم ۽ حساب ۾ نظر ڪرڻ وارا بہ اوهان ئي آهيو، اهي سيئي ڪم اوهان کان ئي شروع ٿيا، اللّٰه تعالٰي اوهان تي ٽيهہ صحيفا نازل ڪيا، ۽ پاڻ اللّٰه تعالٰي جي ڪتابن جو ڪثرت سان درس ڏيندا هئا انهيءَ ڪري اوهان جو لقب ”ادريس“ ٿي ويو، ۽ اوهان جو لقب ايترو تہ مشهور ٿيو جو ماڻهن کي اوهان جو اصلي نالو معلوم ئي نہ آهي، قرآن شريف ۾ اوهان جو نالو ”ادريس“ ئي ذڪر ڪيو ويو آهي.

اللّٰه تعالٰي اوهان کي آسمان تي کنيو آهي، بخاري مسلم جي حديث ۾آهي حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شب معراج حضرت ادريس کي چوٿين آسمان تي ڏٺو، حضرت ڪعب بن احبار رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ وغيره کان روايت آهي: حضرت ادريس عَلَيْهِ السَّلَام مَلَڪُ الموت کي فرمايو تہ مان موت جو مزو چکڻ چاهيان ٿو، ڪيئن هوندو آهي؟ توهان منهنجو روح قبض ڪري ڏيکاريو، مَلَڪ الموت هن حڪم جي پيروي ڪئي ۽ روح قبض ڪري انهيء وقت اوهان کي موٽائي ڏنو، ۽ پاڻ زندهہ ٿي ويا، پوءِ پاڻ فرمايائون مون کي جهنّم

ڏيکاريو تہ جيئن خوفِ اِلٰهي وڌي، پوءِ اهو بہ کيو ويو، جهنّم کي ڏسي اوهان جهنّم جي داروغي کي فرمايو تہ در کوليو، مان هن در مان لنگهڻ چاهيان ٿو ائين ئي کيو ويو پاڻ اتان گذريا، پوءِ اوهان ملک الموت کي فرمايو تہ مون کي جنّت ڏيکار، اهو اوهان کي جنّت ۾ وٺي ويو، پاڻ دروازو کولرائي اندر ويا، کجھ دير انتظار کان پوءِ ملک الموت چيو تہ هاڻي اوهان پنهنجي مقام ڏانهن تشريف وٺي هلو، پاڻ فرمايائون: مان هتان کان کيڏانهن بہ نہ ويندس، الله تعالٰي فرمايو: ﴿كُلُّ نَفْسٍ ذَآئِقَةُ الْمَوْتِ﴾ تہ موت جو مزو ماڻي چڪو آهيان ۽ الله تعالٰي اهو فرمايو: ﴿وَ اِنْ مِّنْكُمْ اِلَّا وَارِدُهَا﴾ تہ هر شخص کي جهنّم تان گذرڻو آهي، مان تہ گذري چڪو آهيان، هاڻ مان جنّت ۾ پهچي ويو آهيان ۽ جنّت ۾ پهچي وڃڻ وارن جي لاءِ خداوند قدوس اهو فرمايو آهي: ﴿وَمَا هُمْ مِّنْهَا بِمُخْرَجِيْنَ﴾ تہ جنّت ۾ داخل ٿيڻ وارا جنّت مان ڪڍيا نہ ويندا.

پوءِ هاڻي مون کي جنّت مان نڪرڻ جو ڇو چئو ٿا؟ الله تعالٰي ملک الموت کي وحي موڪلي تہ حضرت ادريس عَلَيْهِ السَّلَام جيکو کجھ کيو اهو منهنجي حکم سان کيو، اهي منهنجي حکم سان جنّت ۾ داخل ٿيا آهن، تنهنکري اوهان هن کي ڇڏي ڏيو، اهي جنّت ۾ رهندا، هاڻ حضرت ادريس عَلَيْهِ السَّلَام آسمان کان مٿي جنّت ۾ آهن ۽ زندهہ آهن. (خزائن العرفان ص 556، 557 مريم: 56، 58)

حضرت ادريس عَلَيْهِ السَّلَام جي آسمان تي کڻي وڃڻ ۽ انهن کي ملڻ وارن نعمتن جو مختصرءِ اجمالي تذکرو قرآن مجيد جي سورة مريم ۾ آهي:

وَاذۡكُرۡ فِي الۡكِتٰبِ اِدۡرِيۡسَ ۫ اِنَّهٗ كَانَ صِدِّيۡقًا نَّبِيًّا ﴿۵۶﴾ وَّ رَفَعۡنٰهُ مَكَانًا عَلِيًّا ﴿۵۷﴾ اُولٰٓئِكَ الَّذِيۡنَ اَنۡعَمَ اللّٰهُ عَلَيۡهِمۡ مِّنَ النَّبِيّٖنَ مِنۡ ذُرِّيَّةِ اٰدَمَ ٭ (پ 16 مريم: 56، 58)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ ڪتاب ۾ ادريس کي ياد ڪر بيشڪ اهو صديق هو غيب جون خبرون ڏيندڙ ۽ اسان ان کي بلند ڪيو مٿاهين جڳهه تي، اهي آهن جن تي الله احسان ڪيو، غيب جي خبرن ٻڌائيندڙن منجهان آدم جي اولاد مان.

**درس هدايت:** حضرت ادريس عَلَيْهِ السَّلَام جي واقعي مان هدايت جو اهو سبق ملي ٿو تہ الله تعالىٰ جو رسولن ۽ نبين تي تمام وڏو فضل ۽ ڪرم، انعام و اڪرام آهي، انهيءَ ڪري هر مسلمان جي لاءِ واجب الايمان ۽ لازم العمل آهي تہ خداوند قدوس جي رسولن ۽ نبين جي تعظيم ۽ انهن جو ادب ۽ احترام ڪري ۽ انهن جي پياري ذڪر سان خيرءِ برڪت حاصل ڪندو رهي، قرآن مجيد جو مقدس آيتون ۽ حديثن ۾ هر هر خدا جي انهن پاڪ رسولن ۽ نبين جو ذڪرِ جميل هن ڳالهه جو دليل آهي تہ انهن بزرگن جو ذڪرِ خير ۽ تذڪرو رحمت جو سبب ۽ خيرءِ برڪت جو باعث آهي. ﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰى اَعۡلَمُ﴾

## ﴿43﴾ درياء جي لهرن ڪان ماءُ جي هنج ۾

فرعون کي نجومين اها خبر ڏني تہ بني اسرائيل ۾ هڪ اهڙو ٻار پيدا ٿيندو جيڪو تنهنجي سلطنت جي بربادي جو سبب ٿيندو، تنهنڪري فرعون پنهنجي فوج کي حڪم ڏنو تہ بني اسرائيل ۾ جنهن کي پُٽ جو اولاد ٿئي ان ٻار کي قتل ڪيو وڃي، انهيءَ مصيبت واري دؤر ۾ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام پيدا ٿيا تہ سندن والده فرعون جي ڊپ کان هن کي هڪ صندوق ۾ رکي صندوق کي

www.dawateislami.net

مضبوطي سان بند ڪري درياءِ نيل ۾ ڇڏي ڏنو، درياء مان هڪ نهر فرعون جي محل وٽان وهندي هئي، اهو صندوق درياءِ نيل مان وهندي نهر۾هلي وئي، اتفاق سان فرعونۡ ان جي گهرواري ”آسيہ“ محل ۾ ويهي نهر جو نظارو ڪري رهيا هئا جڏهن ٻنهن صندوق کي ڏٺو تہ خادمن کي حڪم ڏنو تہ هن صندوق کي ڪڍي محل ۾ آڻيو، جڏهن صندوق کوليو ويو تہ هن ۾ هڪ نهايت خوبصورت ٻار هو، جنهن جي چهري تي حسن ۽جمال سان گڏ انوارِ نُبُوّت جون تجليون چمڪي رهيون هيون، فرعون ۽ آسيہ ٻنهي ان ٻار کي ڏسي دل ۽ جان سان ان تي فدا ٿيڻ لڳا ۽ آسيہ فرعون کي چيو:

قُرَّتُ عَيۡنٍ لِّيۡ وَلَكَ ؕ لَا تَقۡتُلُوۡهُ ٭ۖ
عَسٰۤى اَنۡ يَّنۡفَعَنَاۤ اَوۡ نَتَّخِذَهٗ وَلَدًا وَّهُمۡ لَا يَشۡعُرُوۡنَ ۝۹

(پ 20 القصص 9)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ هي ٻار منهنجي ۽ تنهنجي اکين جو ٺار آهي هن کي قتل نہ ڪيو شايد هي اسان کي نفعو ڏي يا اسان ان کي پٽ ڪري وٺون ۽ اهي بي خبر هئا.

هن پوري واقعي کي قرآن مجيد سورة طٰہٰ ۾ هن طرح بيان فرمايو آهي جنهن جو ترجمو هي آهي:

**ترجموڪنزالايمان:** جڏهن اسان تنهنجي ماء کي الهام موڪليو جيڪو الهام ڪرڻو هو، جو هن ٻار کي پيٽيءَ ۾ رکي درياء ۾ ڦٽي ڪري ڇڏ پوءِ درياء ان کي ڪناري تي ڇڏي جيئن ان کي کڻي منهنجو ۽ ان جو دشمن، ۽ مان تو تي پنهنجي طرف جي محبت وڌي ۽ هن لاءِ جو تون منهنجي نگاهہ جي آڏو تيار ٿئين.

جيئن تہ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام اجا کير پياڪ ٻار هئا، انهيءَ

ڪري هن کي کير پيارڻ لاءِ ڪنهن عورت جي تلاش ٿي، پر اوهان ڪنهن به عورت جو کير نه پيئندا هئا، ٻي پاسي حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي والده بيحد پريشان هئي ته خبر ناهي منهنجو ننڍڙو ڪٿي ۽ ڪهڙي حال ۾ هوندو؟ پريشان ٿي انهن حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي ڀيڻ "مريم" کي خبر چار وٺڻ لاءِ فرعون جي محل ۾ موڪليو ۽ مريم جڏهن اهو حال ڏٺو ته ٻار ڪنهن جو به کير نٿو پيئي، ته انهن فرعون کي چيو: مان هڪ عورت کي آڻيان ٿي شايد هي ان جو کير پيئي، پوءِ مريم حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي والده کي فرعون جي محل ۾ وٺي وئي ۽ انهن جيئن ئي محبت سان حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي سيني لاهي کير پياريو ته پاڻ کير پيئڻ لڳا، اهڙي طرح حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي والده کي سندس وڇڙيل لال ملي ويو، هن واقعي جو تذڪرو قرآن مجيد جي سورة قصص ۾ هن طرح بيان ڪيو ويو آهي:

وَ اَصْبَحَ فُؤَادُ اُمِّ مُوْسٰى فٰرِغًا ؕ اِنْ كَادَتْ لَتُبْدِیْ بِهٖ لَوْ لَاۤ اَنْ رَّبَطْنَا عَلٰى قَلْبِهَا لِتَكُوْنَ مِنَ الْمُؤْمِنِیْنَ ﴿۱۰﴾ وَ قَالَتْ لِاُخْتِهٖ قُصِّیْهِ٘ فَبَصُرَتْ بِهٖ عَنْ جُنُبٍ وَّ هُمْ لَا یَشْعُرُوْنَ ﴿۱۱﴾ وَ حَرَّمْنَا عَلَیْهِ الْمَرَاضِعَ مِنْ قَبْلُ فَقَالَتْ هَلْ اَدُلُّكُمْ عَلٰۤى اَهْلِ بَیْتٍ یَّكْفُلُوْنَهٗ لَكُمْ وَ هُمْ لَهٗ نٰصِحُوْنَ ﴿۱۲﴾ فَرَدَدْنٰهُ اِلٰۤى اُمِّهٖ كَیْ تَقَرَّ عَیْنُهَا وَ لَا تَحْزَنَ وَ لِتَعْلَمَ اَنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ وَّ لٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا یَعْلَمُوْنَ ﴿۱۳﴾

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ صبح جو موسيٰ جي ماءُ جي دل بيقرار ٿي پئي بيشڪ قريب هو جو اها هن جو حال ظاهر ڪري وجهي جيڪڏهن اسان ان

جي دل کي مضبوط نہ ڪريون ها جو ان کي اسان جي واعدي جو يقين رهي ۽ ان جي ماءُ ان جي پيٽ کي چيو ان جي پٺيان وڃ پوءِ ان کي پري کان ڏسندي رهي ۽ انهن کي ڪا خبر ڪانہ هئي. ۽ اسان اڳئي سموريون دايون ان تي حرام ڪري ڇڏيون هيون، پوءِ چيائين ڇا مان توهان کي ڏس ڏيان اهڙن گهر وارن جو جيڪي توهان جي هن ٻار کي پالي ڏين ۽ اهي ان جا خير خواهہ هجن پوءِ اسان ان کي سندس ماءُ جي طرف موٽايو جيئن ماءُ جون اکيون ٺرن ۽ غمگين نہ ٿئي ۽ يقين ڪري تہ الله جو واعدو سچو آهي پر اڪثر ماڻهو نہ ٿا ڄاڻن. (پ 20 القصص 10 تا 13)

**حضرت موسيٰعَلَيْهِ السَّلَام جي امڙ جو نالو:** حضرت موسيٰعَلَيْهِ السَّلَام جي امڙ جو نالو ”يوحانذ“ ۽ پيءُ جو نالو ”عمران“ هو ۽ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي ڀيڻ جو نالو ”مريم“ هو، پر ياد رکو ھي اھا مريم نہ آھي جيڪا حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي والده هئي، حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي والده ”مريم“ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي ڀيڻ کان سؤين سال بعد جون آهن. (صاوي ج 3 ص 45، 46)

**درسِ هِدايت:** (1) هن واقعي مان اهو سبق مليو تہ جڏهن الله تعالٰي جو فضل ٿيندو آهي تہ دشمن کان اهو بہ ڪم ڪرائيندو آهي جيڪو دوست بہ نہ ڪري سگهندو آهي، ڏسو! فرعون حضرت موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام جا سڀ کان وڏو دشمن هئو پر حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي پرورش فرعون جي ئي گهر ۾ ٿي.

(2) هن مان اها بہ خبر پئي تہ جڏهن الله تعالٰي ڪنهن جي حفاظت فرمائيندو آهي تہ ڪو بہ هن کي ضايع نٿو ڪري سگهي،نہ نقصان پهچائي سگهي ٿو، غور ڪريو تہ حضرت موسٰيعَلَيْهِ السَّلَام کي ڪيئن حفاظت، صحت ۽ سلامتي سان الله تعاليٰ ٻيهر سندن ماءُ جي هنج ۾ پهچايو.

﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰی اَعْلَم﴾

## ﴿44﴾ حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جو بت کي ٽوڙڻ

حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام بت پرستي جي معاملي ۾ پهريان تہ پنهنجي قوم سان هڪ مناظرو ڪري حق کي ظاهر ڪيائون، پر جڏهن ماڻهن حق کي قبول نہ ڪيو، بلڪ اهو چيائون تہ سڀاڻي اسان جي عيد جو ڏينهن آهيءِ اسان جو هڪ وڏو ميلو لڳندو،اتي هلي ڏسجو تہ اسان جي دين ۾ڪيڏو لطف ۽ ڪهڙي بهار آهي.

هن قوم ۾ساليانو ميلو لڳائڻ جو دستور هو، ماڻهو هڪ جهنگ ۾ گڏ ٿيندا هئا، سڄو ڏينهن راند روند ۾ مشغول رهي شام جو بت خاني ۾ وڃي بتن جي پوڄا ڪندا ۽ بتن تي چڙهاوا، منائين ۽ کاڌن کي پرشاد طور ڪائيندا هئا، حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام قوم جي دعوت تي ٿورو پري ميلي ڏانهن هليا پر پوءِ پنهنجي بيماري جو عذر ڪري واپس موٽي آيا ۽ قوم ميلي ۾ هلي وئي، پوءِ جيڪي ميلي ۾ نہ ويا هئا، پاڻ انهن ماڻهن کي واضح لفظن ۾ فرمايائون:

وَ تَاللّٰهِ لَاَكِیْدَنَّ اَصْنَامَكُمْ بَعْدَ اَنْ تُوَلُّوْا مُدْبِرِیْنَ ﴿۵۷﴾

(پ 17 الانبياء 57)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ مون کي الله جو قسم آهي مان توهان جي بتن جي خلاف سازش سٽيندس بعد ان جي جو توهان ڦرو پٺي ڏيئي ڪري.

ان کانپوءِ پاڻ هڪ ڪهاڙو کڻي بت خاني ۾ ويا ۽ ڏٺائون تہ اتي ننڍا وڏا تمام گهڻا بت آهن ۽ دروازي جي سامهون هڪ تمام وڏو بت آهي، انهن ننڍن بتن کي ڏسي توحيدِ اِلٰهي جي جذبي سان جلال ۾ اچي ويا ۽ ڪهاڙي هٿي بتن کي چُڪنا چور ڪري ڇڏيائون ۽ سڀ کان وڏي بت کي ڇڏي ڏنائون ۽ ڪهاڙو ان جي

ڪلهي تي رکي ڪري اوهان بت خاني ڪان ٻاهر اچي ويا، قوم وارا ميلي مان موٽي بتن کي پوڄڻ ۽ پرشاد کائڻ جي لاءِ بت خاني ۾ ويا تہ ھي ڏسي حيران ٿي ويا تہ انهن جا ديوتا ٽٽل آهن هڪدم سيئي حيران ٿي گوڙ ڪري دانهون ڪرڻ لڳا:

مَنۡ فَعَلَ هٰذَا بِاٰلِهَتِنَاۤ اِنَّهٗ لَمِنَ الظّٰلِمِيۡنَ ﴿۵۹﴾ (پ 17 الانبياء 59)

ترجموڪنزالايمان: ھي حرڪت ڪنهن ڪئي اسان جي خدائن سان، بيشڪ اهو ظالم آهي.

ڪجھ ماڻهن چيو تہ اسان هڪ جوان کي جنهن جو نالو ”ابراهيم“ آهي ان جي واتان انهن بتن کي برو ڀلو چوندي ٻڌو، قوم چيو تہ هن جوان کي ماڻهن جي سامهون آندو وڃي، شايد ماڻهو شاهدي ڏين تہ هن بتن کي ٽوڙيو آهي پوءِ حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام سڏايا ويا، تہ قوم جي ماڻهن پڇا ڪئي تہ اي ابراهيم! ڇا تو اسان جي خدائن سان اهڙو سلوڪ ڪيو آهي؟ تہ حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام فرمايو: توهان جي هن وڏي بت ڪيو هوندو جوتہ ڪهاڙي هن جي ڪلهي تي آهي، آخر توهان انهن ٽٽل ڦٽل خدائن کان ڇو نٿا پڇيو تہ ڪنهن توهان کي ٽوڙيو آهي؟ جيڪڏهن اهي بت ڳالهائي سگهن ٿا تہ انهن کان پڇي وٺو تہ ڪنهن انهن کي ٽوڙيو آهي، قوم ڪنڌ هيٺ ڪري چيو: اي ابراهيم! اسان هنن خدائن کان ڇا پڇون ۽ ڪيئن پڇون؟ اوهان کي خبر آهي تہ اهي بت ڳالهائي نٿا سگهن، اهو ٻڌي حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام جلال ۾ تڙپي فرمايو:

قَالَ اَفَتَعۡبُدُوۡنَ مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ مَا لَا يَنۡفَعُكُمۡ شَيۡـًٔا وَّ لَا يَضُرُّكُمۡ ﴿۶۶﴾ اُفٍّ لَّكُمۡ وَ لِمَا تَعۡبُدُوۡنَ مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ ؕ اَفَلَا تَعۡقِلُوۡنَ ﴿۶۷﴾ (پ 17 الانبياء 66، 67)

**ترجموڪنزالايمان:** چيائين پوءِ ڇا توهان الله کانسواءِ اهڙي جي پوڄا ڪيو ٿا جيڪو نه توهان کي نفعو ڏئي ۽ نه نقصان پهچائي، تف هجي توهان تي ۽ توهان جي بتن تي جن کي الله کانسواءِ پوڄيندا آهيو پوءِ ڇا توهان کي عقل نه آهي.

اوهان جي حق گوئي جو نعرو ٻڌي قوم کو به جواب نه ڏنو بلڪ گوڙ ۽ رڙيون ڪري بت پرستن کي سڏڻ لڳا:

حَرِّقُوْهُ وَ انْصُرُوْۤا اٰلِهَتَكُمْ اِنْ كُنْتُمْ فٰعِلِیْنَ ﴿۶۸﴾ (پ 17 الانبياء 68)

**ترجموڪنزالايمان:** ان کي ساڙيو ۽ پنهنجي خدائن جي مدد ڪريو جيڪڏهن توهان کي ڪجهه ڪرڻو آهي.

ظالمن ايڏو وڏو باهه جو آڙاهه ٻاريو جو ان باهه جا شعلا ايترا ته بلند ٿي رهيا هئا جو ان جي متان کو پکي به اڏامي وڃي نه سگهي ها، پوءِ سندن کي اگهاڙي بدن انهن ظالمن هڪ گوڦڻ جي ذريعي هن باهه ۾ وڌو ۽ پنهنجي هن خيال ۾ مگن هئا ته حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام سڙي خاڪ ٿي ويا هوندا، پر اَحۡكَمُ الحَاكِمِين جو فرمان ان باهه جي لاءِ اهو صادر ٿيو ته

قُلْنَا یٰنَارُ كُوْنِیْ بَرْدًا وَّ سَلٰمًا عَلٰۤى اِبْرٰهِیْمَ ﴿۶۹﴾ (پ 17 الانبياء 69)

**ترجموڪنزالايمان:** اسان فرمايو اي باهه ٿي وڃ ٿڌي ۽ سلامتي واري ابراهيم تي.

پوءِ نتيجو اهو نڪتو جنهن کي قرآن پنهنجي قاهرانه لهجي ۾ هن طرح ارشاد فرمايو ته

وَ اَرَادُوْا بِهٖ كَیْدًا فَجَعَلْنٰهُمُ الْاَخْسَرِیْنَ ﴿۷۰﴾ (پ 17 الانبياء 70)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ انهن هن جي برائي سوچي پوءِ اسان انهن کي سڀني کان وڌيڪ نقصان وارو ڪيو .

باهه وسامي وئي حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام صحيح سلامت رهي ٻاهر

نڪري آيا ۽ ظالم ماڻھو افسوس ڪندا رھيا.

**حضرت ابراھيم عَلَيْهِ السَّلَام جو توڪل:** روايت آھي تہ جڏھن نمرود پنھنجي سڄي قوم جي سامھون حضرت ابراھيم عَلَيْهِ السَّلَام کي باھ ۾ وڌو تہ زمين ۽ آسمان جي سموري مخلوق دانھون ڪري بارگاھِ خداوندي ۾ عرض ڪيو: اي خداوند! تنھنجو خليل باھ ۾ وڌو پيو وڃي ۽ ان کان سواءِ زمين تي ڪو بہ تنھنجي توحيد جو علمبردار ۽ تنھنجو پرستار ناھي، تنھنڪري تون اسان کي اجازت ڏئي تہ اسان ان جي مدد ۽ نصرت ڪيون تہ الله تعالٰي فرمايو: ابراھيم منھنجو خليل آھي ۽ مان ان جو معبود آھيان تہ جيڪڏھن حضرت ابراھيم توھان کان فرياد ڪري مدد طلب ڪري، تہ منھنجي اجازت آھي توھان سڀ ان جي مدد ڪريو ۽ جيڪڏھن مون کان سواءِ ڪنھن کان مدد نہ طلب ڪري تہ توھان سڀ ٻڌي وٺو: مان ان جو دوست ۽ حامي ۽ مددگار آھيان، انھيءَ ڪري توھان ان جو معاملو مون تي ڇڏي ڏيو، ان کان پوءِ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام وٽ پاڻي وارو ملائڪ آيو ۽ چيائين تہ جيڪڏھن اوھان فرمايو تہ مان پاڻي وَسائي ھن باھ کي وِسائي ڇڏيان، پوءِ ھوا تي مقرر ملائڪ حاضر ٿيو ۽ ان چيو: جيڪڏھن اوھان جو حڪم ٿئي تہ مان زبردست آنڌي ھلائي ھن باھ کي اڏائي ڇڏيان، پاڻ انھن ٻنھي ملائڪن کي فرمايو: مون کي توھان جي ضرورت ناھي، مون لاءِ منھنجو الله ڪافي آھي ۽ اھو ئي منھنجو بھترين ڪارساز آھي جڏھن چاھيندوءِ جيئن ھن جي مرضي ٿيندي منھنجي مدد فرمائيندو. (صاوي ج 4 ص 1307 پ 17 الانبياء: 68)

**کھڙي دعا پڙھي پاڻ باھ ۾ ويا:** ھڪ روايت ۾ اھو بہ آھي تہ جڏھن ڪافرن اوھان کي باھ ۾ وڌو تہ پاڻ ان وقت اھا دعا پڙھي:

www.dawateislami.net

لَا اِلٰهَ اِلَّا اَنْتَ سُبْحَانَكَ لَكَ الْحَمْدُ وَلَكَ الْمُلْكُ لَا شَرِيْكَ لَكَ

۽ جڏهن پاڻ باهه جي شعلن ۾ داخل ٿيا ته حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام تشريف کڻي آيا ۽ چيائون: اي خليل الله! اوهان کي ڪا حاجت آهي؟ ته پاڻ فرمايائون: توهان سان ڪا حاجت ناهي، ته حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام چيو: پوءِ خدا سان ئي پنهنجي حاجت عرض ڪريو، ته پاڻ جواب ڏنائون: اهو منهنجي حال کي خوب ڄاڻي ٿو، تنهنڪري مون کي هن کان سوال ڪرڻ جي ڪا ضرورت ناهي، ان وقت حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي عمر شريف سورهن يا ويهه سال هئي.

**پاڻ ڪيتري دير تائين باهه ۾ رهيا؟** : هن باري ۾ ته اوهان ڪيتري دير تائين باهه ۾ رهيا، ٽي قول آهن:

(1) بعض مفسرن جو قول آهي ته ستن ڏينهن تائين باهه جي شعلن ۾ رهيا.

(2) ۽ ڪن لکيو ته چاليهه ڏينهن تائين رهيا.

(3) ۽ ڪي چون ٿا ته پنجاهه ڏينهن تائين پاڻ باهه ۾ رهيا.

﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰی اَعْلَم﴾

(صاوي ج 4 ص 1307 الانبياء: 68)

**درسِ هِدايت:** هن واقعي مان انهن ماڻهن کي تَسلي ملي ٿي جيڪي باطل جي طاغوتي قوتن جي مقابلي ۾ استقامت جا پهاڙ بڻجي بيهي رهندا آهن.

آج بھی ہو جو ابراہیم کا ایماں پیدا آگ کر سکتی ہے اندازِ گلستاں پیدا

## ﴿45﴾ حضرت اَيُوب عَلَيْهِ السَّلَام جو امتحان

حضرت ايوب عَلَيْهِ السَّلَام حضرت اسحاق عَلَيْهِ السَّلَام جي اولاد مان آهن ۽ سندن والده حضرت لوط عَلَيْهِ السَّلَام جي خاندان مان هئي، الله تعالیٰ

اوهان کي هر طرح جي نعمتن سان نوازيو هو، حُسنِ صورت بہ ۽ مال ۽ اولاد جي ڪثرت بہ، بي شمار چوپايو مال، ٻني ۽ باغ وغيره جا پاڻ مالڪ هئا، جڏهن الله تعاليٰ اوهان کي آزمائش ۽ امتحان ۾ وڌو تہ اوهان جو گهر ڪِري پيو ۽ سندن سيئي پٽ هن جي هيٺ اچي مري ويا، تمام جانور جنهن ۾ سوين اٺ ۽ هزارين ٻڪريون هيون سڀ مري ويا، سڄي ٻني ۽ باغ بہ برباد ٿي ويا، مطلب تہ اوهان وٽ ڪجهہ بہ باقي نہ رهيو، ڪين جڏهن انهن شين جي هلاڪ و برباد ٿيڻ جي خبر ڏني ويندي هئي تہ پاڻ حمدِ اِلٰهي ادا ڪندا هئا ۽ شڪر بجا آڻيندا هئا ۽ فرمائيندا هئا تہ منهنجو ڇا هو ۽ ڇا آهي؟ جنهن جو هو ان ورتو، جيستائين ان مون کي ڏنو هو تہ مون وٽ هو جڏهن ان چاهيو تہ وني ورتو، مان هر حال ۾ ان جي رضا تي راضي آهيان، ان کان پوءِ پاڻ بيمار ٿي پيا ۽ سندن جي مبارڪ جسم تي وڏا وڏا داڻا يعني ڇالا نڪتا، هن حال ۾ ماڻهن اوهان کي ڇڏي ڏنو، بس فقط اوهان جي گهرواريءَ جنهن جو نالو "رحمت بن افرائيم" هو، جيڪا حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام جي پوٽي هئي، اها سندن خدمت ڪندي هئي، سالن تائين اوهان جو اهو حال رهيو، پاڻ ڦوڙهن ۽ داڻن جي زخمن جي ڪري وڏي تڪليف ۾ رهيا.

**فائدو**: عام طور تي ماڻهن ۾ مشهور آهي تہ معاذ الله اوهان کي ڪوڙهہ جي بيماري ٿي وئي هئي، ڪن غير معتبر ڪتابن ۾ اوهان جي ڪوڙهہ جي باري ۾ ڪيئي غير معتبر داستان بہ لکيل آهن، پر ياد رکو تہ اهي سڀ ڳالهيون بلڪل غلط آهن ۽ هرگز اوهان يا ڪو بہ نبي ڪڏهن بہ ڪوڙهہ ۽ جذام جي بيماري ۾ مبتلا نہ ٿيو،

انهيءَ ڪري جو اهو متفق عليہ مسئلو آهي: نبين سڳورن جو انهن سيني بيمارين کان محفوظ رهڻ ضروري آهي جيڪي عوام جي ويجهو نفرت ۽ حَقارت جو سبب هجن، ڇوتہ نبين سڳورن عَلَيۡهِمُ السَّلَام جو اهو فرض منصبي آهي تہ اهي تبليغ ۽ هدايت ڪندا رهن، تہ ظاهر آهي جڏهن عوام انهن جي بيمارين کان نفرت ڪري انهن کان پري ڀڄن تہ تبليغ جو فريضو ڪيئن ادا ٿي سگهندو؟ مطلب اهو تہ حضرت ايوب عَلَيۡهِ السَّلَام ڪڏهن بہ ڪوڙهہ ۽ جذام جي بيماري ۾ مبتلا نہ ٿيا، بلڪ سندن بدن تي ڪجهہ ڇالا ۽ ڦُرڙيون وغيره نڪتيون هيون جنهن سبب اوهان سالن تائين تڪليفون ۽ مشقتون سنيون ۽ بلڪل صابر ۽ شاڪر رهيا، پوءِ اوهان حڪمِ اِلٰهيءَ سان پنهنجي ربّ کان اها دعا گهري:

اَنِّیۡ مَسَّنِیَ الضُّرُّ وَ اَنۡتَ اَرۡحَمُ الرّٰحِمِیۡنَ ﴿۸۳﴾ (پ 17 الانبياء: 83)

**ترجموڪنزالايمان:** مون کي تڪليف پهتي آهي ۽ تون سمورن مهر ڪرڻ وارن کان وڌيڪ مهر وارو آهين.

جڏهن پاڻ ربّ تعالٰي جي آزمائش ۾ پورا لٿا ۽ امتحان ۾ ڪامياب ٿيا تہ پوءِ اوهان جي دعا قبول ٿي ۽ ارحم الراحمين حڪم ڪيو: اي ايوب عَلَيۡهِ السَّلَام! پنهنجو پير زمين تي هڻو، پاڻ زمين تي پير هنيو تہ هڪدم هڪ چشمو ڦٽي پيو، ربّ تعالٰي جو حڪم ٿيو تہ هن پاڻي سان غسل ڪريو، اوهان غسل ڪيو تہ اوهان جي بدن تان تمام بيماريون ختم ٿي ويون، پوءِ پاڻ چاليهہ قدم پري هليا تہ ٻيهر زمين تي پير هڻڻ جو حڪم ٿيو ۽ اوهان جو پير لڳندي ئي هڪ ٻيو چشمو ظاهر ٿيو جنهن جو پاڻي گهڻو ٿڌو، بيحد مِٺو ۽ نهايت لذيذ هو، پاڻ اهو پاڻي پيتو تہ سندن باطن ۾ نور ئي نور

پيدا ٿي ويو ۽ اوهان کي اعليٰ درجي جي صحت ۽ نورانيت حاصل ٿي، ۽ الله تعاليٰ اوهان جي اولاد کي ٻيهر زنده ڪيو، ۽ اوهان جي گهرواريءَ کي ٻيهر جواني بخشي ۽ ان مان گهڻو اولاد ٿيو، پوءِ اوهان جو تمام هلاڪ ٿيل چوپايو مال ۽ سامان ۽ اسباب بہ اوهان کي ملي ويو، بلڪ ڀهريان جيترو مال ۽ دولت جو خزانو هو ان کان بہ گهڻو وڌيڪ ملي ويو.

اِن بيماري جي حالت ۾ هڪ ڏينهن گهرواريءَ کي آواز ڏنو تہ اها دير سان حاضر ٿي، ان تي ڪاوڙ ۾ اچي ان کي سؤ ڪوڙا هڻڻ جو قسم کڻي ورتو تہ الله تعاليٰ فرمايو: اي ايوب عَلَيْهِ السَّلَام! اوهان سينڪن (يعني تيلن جو) ٻهارو هڪ پيرو پنهنجي گهرواريءَ کي هڻو اهڙي طرح اوهان جو قسم پورو ٿي ويندو. الله تعاليٰ قرآن شريف ۾ هن واقعي کي هن طرح بيان فرمايو آهي:

اُرْكُضْ بِرِجْلِكَ ۚ هٰذَا مُغْتَسَلٌۢ بَارِدٌ وَّ شَرَابٌ ﴿۴۲﴾ وَ وَهَبْنَا لَهٗۤ اَهْلَهٗ وَ مِثْلَهُمْ مَّعَهُمْ رَحْمَةً مِّنَّا وَ ذِكْرٰى لِاُولِی الْاَلْبَابِ ﴿۴۳﴾ وَ خُذْ بِیَدِكَ ضِغْثًا فَاضْرِبْ بِّهٖ وَ لَا تَحْنَثْ ؕ اِنَّا وَجَدْنٰهُ صَابِرًا ؕ نِعْمَ الْعَبْدُ ؕ اِنَّهٗۤ اَوَّابٌ ﴿۴۴﴾

(پ 23، ص 42 تا 44)

**ترجموڪنزالايمان:** اسان فرمايو تہ زمين تي پنهنجو پير هڻ، اهو ٺڌو چشمو غسل ۽ پيئڻ جي واسطي ۽ اسان ان کي ان جا گهر وارا ۽ ان جي برابر ٻيا عطا فرمائي ڇڏيا، اها اسان جي طرف کان رحمت آهي ۽ عقلمندن جي واسطي نصيحت ۽ اسان فرمايو تون پنهنجي هٿ ۾ هڪ ٻهارو کڻي ان سان مار ڏيئي ڇڏ ۽ قسم نہ ٽوڙ، بيشڪ اسان ان کي صبر وارو لڌو ڪهڙو نہ چڱو ٻانهو بيشڪ اهو ڏاڍو رجوع ڪرڻ وارو ٻانهو آهي.

مطلب تہ حضرت ايوب عَلَيْهِ السَّلَام هن امتحان ۾مڪمل طور ڪامياب ٿيا، ۽ الله تعاليٰ انهن کي پنهنجي نوازشن ۽ عنايتن

www.dawateislami.net

سان هر طرح نوازيو ۽ قرآن شريف ۾ سندن واکاڻ فرمائي ﴿اَوَّابٌ﴾ جي بهترين خطاب سان انهن جي مٿي تي سربلندي جو تاج رکيو آهي.

**درسِ هدايت:** حضرت ايوب عَلَيْهِ السَّلَام جي هن امتحان واري واقعي مان اها هِدايت ملي ٿي ته نيڪ ٻانهن کان به خدا جي طرفان امتحان ٿيندو آهي ۽ جڏهن اهي امتحان ۾ ڪامياب ۽ آزمائش ۾ پورا لهندا آهن ته خُداوندِ قُدوس انهن جي مرتبن ۽ درجن ۾ ايتري بلندي عطا فرمائيندو آهي جو ڪو انسان ان جو سوچي به نٿو سگهي ۽ هن واقعي مان اهو به سبق مليو ته امتحان ۽ آزمائش ۾ صبر ڪرڻ ۽ ربّ تعاليٰ جي رضا تي راضي رهڻ جو نتيجو ڪيترو نه بهتر، ڪيترو نه اعليٰ ۽ لذيذ هوندو آهي. ﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰی اَعْلَم﴾

## ﴿46﴾ حضرت سُليمان عَلَيْهِ السَّلَام ۽ هڪ ڪِول

حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام حضرت داؤد عَلَيْهِ السَّلَام جا فرزند آهن، اهي پنهنجي مقدس پيءُ جا جانشين ٿيا، ۽ اللّٰه تعاليٰ انهن کي به نبوت ۽ سلطنت جي ٻنهي سعادتن سان نوازي ڪري روءِ زمين جو بادشاهه بڻايو ۽ چاليهه سالن تائين اوهان تخت تي جلوه فرما رهيا، جن ۽ انسان، شياطين ۽ چرند پرند، درندن سڀني تي اوهان جي حڪومت هئي، سڀني جي زبانن جو علم اوهان کي عطا ڪيو ويو هو ۽ طرح طرح جون عجيب ۽ غريب صنعتون اوهان جي زماني ۾ ڪتب آڻيون ويون، قرآن شريف ۾ آهي:

وَ وَرِثَ سُلَيْمٰنُ دَاوٗدَ وَ قَالَ يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ عُلِّمْنَا مَنْطِقَ الطَّيْرِ وَ اُوْتِيْنَا مِنْ كُلِّ شَيْءٍ ؕ اِنَّ هٰذَا لَهُوَ الْفَضْلُ الْمُبِيْنُ ﴿۱۶﴾ (پ 19 النمل: 16)

www.dawateislami.net

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ سليمان داؤد جو جا نشين ٿيو ۽ چيائين اي انسانو اسان کي پکين جي ٻولي سيکاري ويئي ۽ هر شي منجهان اسانکي عطا ٿيو بيشڪ اهو ئي ظاهر فضل آهي.

اهڙي طرح قرآن شريف ۾ هڪ ٻي هنڌ تي ارشاد ٿيو:

وَ لِسُلَيْمٰنَ الرِّيْحَ غُدُوُّهَا شَهْرٌ وَّ رَوَاحُهَا شَهْرٌ ۚ وَ اَسَلْنَا لَهٗ عَيْنَ الْقِطْرِ ؕ وَ مِنَ الْجِنِّ مَنْ يَّعْمَلُ بَيْنَ يَدَيْهِ بِاِذْنِ رَبِّهٖ ؕ وَ مَنْ يَّزِغْ مِنْهُمْ عَنْ اَمْرِنَا نُذِقْهُ مِنْ عَذَابِ السَّعِيْرِ ﴿۱۲﴾ يَعْمَلُوْنَ لَهٗ مَا يَشَآءُ مِنْ مَّحَارِيْبَ وَ تَمَاثِيْلَ وَ جِفَانٍ كَالْجَوَابِ وَ قُدُوْرٍ رّٰسِيٰتٍ ؕ (پ 22، سبا: 12، 13)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ هوا سليمان جي وس ۾ ڪري ڇڏيائين ان جي صبح جي منزل هڪ مهيني جي وات ۽ شام جي منزل هڪ مهيني جي راه هئي، ۽ اسان ان جي واسطي پگهريل ٽامي جو چشمو وهايو ۽ جنن مان اهي جيڪي ان جي ڪم ڪندا هئا سندس رب جي حڪم سان ۽ جيڪو انهن مان اسان جي حڪم کان ڦري اسان ان کي جيڪي هٽندڙ باه جو عذاب چکائينداسي ان جي واسطي ٺاهيندا هئا اُچا مهل ماڙيون جيڪي هو گهري ۽ تصويرون ۽ وڏن حوضن جي برابر پيالا ۽ لنگردار ديڳيون.

روايت آهي ته هڪ ڀيري حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام جنن ۽ انسانن وغيره پنهنجي تمام لشڪر کي وني طائف يا شام ۾"وادي نمل" وٽان گذريا جتي ماڪوڙيون (ڪِوليون) تمام گهڻيون هيون، ڪِولين جي ملڪ (سردار) جيڪا مادي ۽ لنگڙي هئي انهن سيني ڪِولين کي چيو: اي ڪِوليو! توهان سيئي پنهنجي گهرن ۾ وڃؤ، نه ته توهان کي بي خبري ۾ حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام ۽ سندن لشڪر چيياٿي ڇڏيندو، ڪِول جي هن تقرير کي سليمان عَلَيْهِ السَّلَام ٽي ميل پري کان ٻڌي ورتو ۽ مُرڪي کلي پيا، ربّ تعاليٰ قرآن شريف ۾ فرمايو:

حَتّٰۤى اِذَاۤ اَتَوْا عَلٰى وَادِ النَّمْلِ ۙ قَالَتْ نَمْلَةٌ يّٰۤاَيُّهَا النَّمْلُ ادْخُلُوْا مَسٰكِنَكُمْ ۚ لَا يَحْطِمَنَّكُمْ سُلَيْمٰنُ وَ جُنُوْدُهٗ ۙ وَهُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ ﴿۱۸﴾ فَتَبَسَّمَ ضَاحِكًا مِّنْ قَوْلِهَا

**ترجموڪنزالايمان:** ايتري تائين جو جڏهن ڪولين جي وادي وٽ آيا هڪڙي ڪول چيو اي ڪوليو پنهنجي پرن ۾ داخل ٿي وڃو، توهان کي لتاڙي نہ وجهن سليمان ۽ سندس لشڪر بي خبري ۾ پوءِ ان جي ڳالھ تي مشڪي کلي ويٺو. (پ 19 النمل: 18، 19)

**درسِ هدايت:** هن قرآني واقعي مان ڪي هدايت جا سبق ملن ٿا: (1) ڪِول جو آواز ٽي ميل پري کان ٻڌڻ حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام جو معجزو آهي ۽ هن مان اها بہ خبر پوي ٿي تہ نبين سڳورن عَلَيْهِمُ السَّلَام جي بَصارت وسَماعت (يعني ڏسڻ ۽ ٻڌڻ) کي عام انسانن جي بصارت و سماعت تي قِياس نٿو ڪري سگهجي، بلڪ حق اهو آهي تہ نبين سڳورن جو ٻڌڻ ۽ ڏسڻ ۽ ٻيون طاقتون عام انسانن جي طاقتن کان وڌيڪ هونديون آهن.

(2) ڪِول جي تقرير مان خبر پئي تہ ڪِولين جو بہ اهو عقيدو هو تہ ڪنهن نبي جا صحابي ڄاڻي واڻي ڪنهن تي ظلم نٿا ڪري سگهن، جوتہ ڪِول چيو ﴿وَهُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ ﴿۱۸﴾﴾ يعني حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام ۽ سندن فوج جيڪڏهن ڪِولين کي چيپاٽي وجهن تہ اهو بي خبري جي عالم ۾ لاشعوري طور ائين ڪندا، نہ تہ ڄاڻي واڻي هڪ نبي جا صحابي ٿي ڪري اهي ڪنهن تي ظلم ۽ زيادتي نہ ڪندا، افسوس ڪِول تہ اهو عقيدو رکي ٿي تہ نبي جا صحابي ڄاڻي واڻي ڪنهن تي ظلم نٿا ڪري سگهن، پر رافضين جو

گروهه انهن ڪِولين کان بہ ڪريل ثابت ٿيو انهن ظالمن حضور سيِّدُالۡمُرسَلِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مقدّس صحابين تي تُهمت لڳائي تہ انهن بزرگن جاٽي واٽي حضرت بيبي فاطمہ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهَا ۾ اهلبيت تي ظلم ڪيو. ﴿مَعَاذَ الله﴾

(3) اهو بہ معلوم ٿيو تہ حضرات انبياء ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام جو کلڻ، تبسم ۾ مرڪڻ هوندو آهي، جيئن حديثن ۾ آهي تہ اهي حضرات ڪڏهن ٺهڪ ڏئي نہ کليا. (خزائن العرفان ص 680 پ 19 النمل: 19)

**لطيف نڪتو:** منقول آهي تہ هڪ ڀيري محدث حضرت قتاده رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جيڪي نهايت بلند پايي جا عالم ۽ جامع العلوم علامہ هئا، خاص ڪري حديث ۽ تفسير ۾ تہ پنهنجو ثاني نہ رکندا هئا، ڪوفي ۾ تشريف کڻي آيا تہ انهن جي زيارت جي لاءِ هڪ عظيم الشان ميڙ جمع ٿي ويو، پاڻ تقرير فرمائيندي حاضرين کان ڪيئي ڀيرا اهو فرمايائون: ﴿سَلُوۡا عَمَّا شِئۡتُمۡ﴾ يعني مون کان جيڪو چاهي پڇي وٺو، حاضرين تي اوهان جي علمي جلالت جو اهڙو ڌاڪو ويٺو جو سيئي خاموش ويٺا رهيا، پر جڏهن اوهان بار بار ائين فرمايو تہ حضرت امام اعظم ابُوحنيفہ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جيڪي اڃا گهٽ عمر هئا، پاڻ تہ ادب سبب ڪجهہ نہ چيائون، پر اوهان ماڻهن کي چيو تہ حضرت قتاده رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه کان پڇو تہ وادي نمل ۾ جنهن ڪِول جي تقرير ٻڌي حضرت سليمان عَلَيۡهِ السَّلَام مُرڪي کليا هئا اها ڪِول نر هئي يا ماده! جڏهن ماڻهن اهو سوال ڪيو تہ حضرت قتاده رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه حيران ٿي ويا ۽ بالڪل لاجواب ٿي خاموش ٿي ويا، پوءِ ماڻهن اِمام ابوحنيفہ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه کان پڇيا ڪيو تہ پاڻ فرمايائون: "اها ڪِول

ماده هئي“ حضرت قتاده رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه فرمايو: هن جو ثبوت؟ امام ابوحنيفه رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه جواب ڏنو: ان جو ثبوت اهو آهي تہ قرآن شريف ۾ هن ڪِول جي لاءِ ﴿قَالَتْ نَمْلَةٌ﴾ مؤنث جو صيغو ذڪر ڪيو ويو آهي، جيڪڏهن اها ماڪوڙي نر هجي ها تہ ﴿قَالَ نَمْلٌ﴾ مذڪر جو صيغو ذڪر ڪيو وڃي ها، حضرت قتاده رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه هن دليل ڪي تسليم ڪيوءِ امام ابوحنيفه جي دانائي ۽ قُرآن فَهمي تي حيران ٿي ويا ۽ پنهنجي وڏي ٻول تي نادِم ٿيا.

## ﴿47﴾ حضرت سُليمان عَلَیْهِ السَّلَام جو هُدهُد

ائين تہ سيئي پکي حضرت سليمان عَلَیْهِ السَّلَام جا تابع ۽ فرمانبردار هئا پر سندن فرمانبرداري ۽ خدمت گذاري ۾ هُدهد پکي نهايت مشهور هو، هدهد ئي اوهان کي سَبا مُلڪ جي ملڪ ”بلقيس“ جي باري ۾ خبر ڏني تہ اها هڪ وڏي تخت تي ويهي سلطنت ڪندي آهي ۽ بادشاهن جي شان مطابق جيڪو بہ ساز وسامان هوندو آهي اهو سڀ ڪجهه ان وٽ آهي پر اها ۽ ان جي قوم تارن جي پوڄاري آهي، ان خبر کان پوءِ حضرت سليمان عَلَیْهِ السَّلَام بلقيس جي نالي هڪ خط روانو ڪيو، ان خط کي هُدهد ئي کڻي ويو، قرآن ڪريم ۾ ارشاد آهي تہ حضرت سليمان عَلَیْهِ السَّلَام فرمايو:

**ترجموڪنزالايمان:** منهنجو هي فرمان کڻي وڃي انهن تي اڇلاءِ پوءِ انهن کان جدا هٽي ڪري ڏس تہ اهي ڪهڙو جواب ڏين ٿا. (پ 19 النمل: 28)

هدهد خط وٺي ويو ۽ بلقيس جي هنج ۾ اهو خط مٿان کان ڪرايو، ان پنهنجي چوڏاري اميرن ۽ سلطنت جي وزيرن کي انهيءَ وقت گڏ ڪيو، پوءِ خط پڙهي ڪري ڊپ ۾ ورتجي وئي ۽ پنهنجي وزيرن کي چيائين تہ

**ترجموڪنزالايمان:** اي سردارو بيشڪ منهنجي طرف عزت وارو هڪ خط اڇليو ويو آهي بيشڪ اهو سليمان جي طرف کان آهي ۽ بيشڪ اهو الله نهايت مهربان رحم واري جي نالي سان آهي ۽ هي تہ منهنجي آڏو سرڪشي نہ ڪريو مون وٽ ڪنڌ جهڪائي حاضر ٿيو. (پ 19 النمل 29 تا 31)

خط پڙهي بلقيس پنهنجي سلطنت جي اميرن ۽ وزيرن سان مشورو ڪيو تہ انهن ماڻهن پنهنجي طاقت ۽ جنگي مهارت جو اعلان ۽ اظهار ڪري حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام سان جنگ جو ارادو ظاهر ڪيو، ان وقت عقلمند بلقيس پنهنجي اميرن ۽ وزيرن کي سمجهايو تہ جنگ مناسب ناهي چوتہ ان سان شهر ويران ۽ شهر جا عزت وارا رهواسي ذليل و خوار ٿي ويندا آهن، انهيءَ ڪري مان مناسب هي سمجهان ٿي تہ ڪجھ هديا ۽ تحفا وغيره انهن وٽ موڪليون تا ان سان خبر پئجي ويندي تہ حضرت سليمان صرف بادشاهہ آهن يا الله عَزَّوَجَلَّ جا نبي بہ آهن، جيڪڏهن اهي نبي هوندا تہ هرگز منهنجو تحفو قبول نہ ڪندا، بلڪ اسان کي پنهنجي دين جي پيروي ڪرڻ جو حڪم ڏيندا ۽ جيڪڏهن اهي صرف بادشاهہ آهن تہ منهنجو تحفو قبول ڪري نرم ٿي ويندا، پوءِ بلقيس پنج سؤ ٻانهآ، پنج سؤ ٻانهيون بهترين پوشاڪ ۽ زيورن سان سينگاري موڪليون ۽ انهن ماڻهن سان گڏ پنج سؤ سون جو سرون، ڪيئي جواهرات ۽ مشڪ عنبر سان ڀريل هڪ تاج ۽ هڪ خط پنهنجي قاصد ذريعي موڪليو، هُدهُد اهو سڀ ڏسي روانو ٿي ويو ۽ حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام جي دربار ۾ اچي سڀ احوال بيان ڪيو، بلقيس جو قاصد جڏهن ڪجھ ڏينهن کان پوءِ تمام سامان کڻي دربار ۾ حاضر ٿيو تہ حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام غضب ناڪ ٿي قاصد کي فرمايو:

قَالَ اَتُمِدُّوْنَنِ بِمَالٍ ۫ فَمَآ اٰتٰىنِۦَ اللّٰهُ خَیْرٌ مِّمَّاۤ اٰتٰىكُمْ ۚ بَلْ اَنْتُمْ بِهَدِیَّتِكُمْ تَفْرَحُوْنَ ﴿۳۶﴾ اِرْجِعْ اِلَیْهِمْ فَلَنَاْتِیَنَّهُمْ بِجُنُوْدٍ لَّا قِبَلَ لَهُمْ بِهَا وَ لَنُخْرِجَنَّهُمْ مِّنْهَاۤ اَذِلَّةً وَّ هُمْ صٰغِرُوْنَ ﴿۳۷﴾ (پ 19 النمل: 36، 37)

**ترجموڪنزالايمان:** فرمايائين ڇا توهان مال سان منهنجي مدد ڪريو ٿا پوءِ مون کي جو ڪجهه الله ڏنو اهو پلو آهي انهي کان جيڪو توهان کي ڏنائين بلڪ توهان ئي پنهنجي تحفن تي خوش ٿيندا آهيو انهن جي طرف موٽي وڃ پوءِ اسان انهن تي ضرور اهڙو لشڪر چاڙهينداسي جنهن جي انهن کي طاقت نہ هوندي ۽ ضرور اسان انهن کي شهر مان ذليل ڪري ڪيڏي ڇڏينداسي اهڙي طرح جو اهي عاجز رهجي ويندا.

ان کان پوءِ جڏهن قاصد واپس اچي بلقيس کي سڄو قصو بيان ڪيو تہ بلقيس حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام جي دربار ۾ حاضر ٿي وئي ۽ حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام جو دربار ۽ هتي جا عجائبات ڏسي ان کي يقين اچي ويو تہ حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام خدا عَزَّوَجَلَّ جا نبي برحق آهن ۽ ان جي سلطنت الله تعاليٰ جي طرفان آهي، حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام بلقيس کي پنهنجي دين جي دعوت ڏني تہ ان نهايت اخلاص سان اسلام قبول ڪيو، پوءِ حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام بلقيس سان نڪاح ڪري ان کي پنهنجي محل ۾ رکيو.

ان سلسلي ۾ هُدهد جيڪي ڪارناما سرانجام ڏنا اهي بيشڪ دنيا جي عجائبات مان آهن، جيڪو يقينًا حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام جي معجزن مان آهن.

## ﴾48﴿ تختِ بلقيس ڪهڙي طرح آيو

ملڪِ سَبا "بلقيس" جو شاهي تخت اسي گز ڊگهو ۽ چاليهہ گز ويڪرو هو، اهو سون چاندي ۽ طرح طرح جي جواهرن ۽ موتين

www.dawateislami.net

سان سينگاريل هو، جڏهن حضرت سليمان عَلَيۡهِ السَّلَام بلقيس جي قاصد ۽ ان جي تحفن کي قبول نہ ڪيو ۽ ان کي اهو حڪم نامو موڪليو تہ هو مسلمان ٿي منهنجي درٻار ۾ حاضر ٿئي تہ ان وقت سندن دل ۾ اها خواهش پيدا ٿي تہ بلقيس جي هتي پهچڻ کان پهريان ئي ان جو تخت منهنجي درٻار ۾ اچي وڃي، اوهان پنهنجي درٻار ۾ موجود درٻارين سان اهو ارشاد فرمايو:

قَالَ يٰۤاَيُّهَا الۡمَلَؤُا اَيُّكُمۡ يَاۡتِيۡنِىۡ بِعَرۡشِهَا قَبۡلَ اَنۡ يَّاۡتُوۡنِىۡ مُسۡلِمِيۡنَ ﴿۳۸﴾ قَالَ عِفۡرِيۡتٌ مِّنَ الۡجِنِّ اَنَا اٰتِيۡكَ بِهٖ قَبۡلَ اَنۡ تَقُوۡمَ مِنۡ مَّقَامِكَ ۚ وَ اِنِّىۡ عَلَيۡهِ لَقَوِىٌّ اَمِيۡنٌ ﴿۳۹﴾ (پ 19 النمل: 38، 39)

**ترجموڪنزالايمان:** سليمان فرمايو توهان ۾ ڪير آهي جيڪو ان جو تخت مون وٽ کڻي اچي هن کان اڳ ۾ جو اهي منهنجي درٻار ۾ فرمانبردار ٿي ڪري حاضر ٿين، هڪ وڏي خبيث جن چيو تہ مان اهو تخت حضور ۾ حاضر ڪندس هن کان اڳ جو حضور اجلاس ڪان اٿن ۽ بيشڪ مان ان تي طاقت وارو امانت دار آهيان.

جن جو بيان ٻڌي حضرت سليمان عَلَيۡهِ السَّلَام فرمايو تہ مان اهو چاهيان ٿو تہ ان کان اڳ اهو تخت منهنجي درٻار ۾ اچي وڃي، اهو ٻڌي اوهان جي وزير حضرت ”آصف بن برخيا رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ“ جيڪو اسم اعظم ڄاڻندو هو ۽ باڪرامت ولي هو، انهن حضرت سليمان عَلَيۡهِ السَّلَام کي عرض ڪيو جيئن تہ قرآن شريف ۾ آهي:

قَالَ الَّذِىۡ عِنۡدَهٗ عِلۡمٌ مِّنَ الۡكِتٰبِ اَنَا اٰتِيۡكَ بِهٖ قَبۡلَ اَنۡ يَّرۡتَدَّ اِلَيۡكَ طَرۡفُكَ ؕ

(پ 19 النمل: 40)

**ترجموڪنزالايمان:** ان عرض ڪيو جنهن وٽ ڪتاب جو علم هو مان ان کي حاضر ڪندس حضور ۾ اک ڇنڀ کان اڳ.

حضرت آصف بن برخيا روحاني قوت سان بلقيس جي تخت کي ملڪِ سبا کان بيت المقدس حضرت سليمان عَلَيۡهِ السَّلَام جي محل ۾ حاضر ڪيو ۽ اهو تخت زمين تي هيٺ هلي ڪري گهڙي کن ۾ هڪدم حضرت سليمان عَلَيۡهِ السَّلَام جي ڪرسي جي ويجهو ظاهر ٿيو، تخت کي ڏسي حضرت سليمان عَلَيۡهِ السَّلَام چيو:

هٰذَا مِنۡ فَضۡلِ رَبِّيۡ ۖ لِيَبۡلُوَنِيۡٓ ءَاَشۡكُرُ اَمۡ اَكۡفُرُ ؕ وَ مَنۡ شَكَرَ فَاِنَّمَا يَشۡكُرُ لِنَفۡسِهٖ ۚ وَ مَنۡ كَفَرَ فَاِنَّ رَبِّيۡ غَنِيٌّ كَرِيۡمٌ ﴿۴۰﴾ (پ 19 النمل: 40)

**ترجموڪنزالايمان:** هي منهنجي رب جي مهرباني آهي تان جو مون کي آزمائي تہ مان شڪر ڪريان ٿو يا ناشڪري ۽ جيڪو شڪر ڪري اهو پنهنجي فائدي جي واسطي شڪر ڪري ٿو ۽ جيڪو ناشڪري ڪري تہ منهنجو رب بي نياز آهي سمورين خوبين وارو.

**درسِ هدايت:** هن قرآني واقعي مان ثابت ٿئي ٿو تہ الله تعالٰي پنهنجي ولين کي وڏي روحاني طاقت ۽ قوت عطا فرمائيندو آهي، ڏسو! حضرت آصف بن برخيا رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ اک چنبي ۾تخت بلقيس کي مُلڪِ سبا مان حضرت سليمان عَلَيۡهِ السَّلَام جي دربار ۾ حاضر ڪيو، ۽ پاڻ پنهنجي جڳهہ تان بہ نہ چُريا. اهڙي طرح ڪيئي اولياءِ ڪرام سؤين ميل پري کان ماڻهن ۽ جانورن کي گهڙي کن ۾ سڏي ورتو، اهو سڀ ولين جي انهن روحاني طاقت جو ڪرشمو آهي جيڪا خداوند قدوس پنهنجي ولين کي عطا ڪئي آهي، ان ڪري ڪڏهن بہ اولياءِ ڪرام کي پاڻ جيان خيال نہ ڪيو ۽ نہ انهن جي عضون جي طاقتن کي عام انسانن جي طاقت تي قِياس ڪريو، ڪئي عوام ڪٽي اولياء، اولياءِ ڪرام کي پاڻ جهڙو سمجهڻ گمراهي آهي، حضرت مولانا رومي رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه مثنوي شريف ۾ هن

www.dawateislami.net

مضمون تي روشني وجهندي وڏي وضاحت سان لکيو آهي:

جمله عالم زين سبب گمراه شد  کم کسے ز ابدل حق آگاه شد

سڄي دنيا انهيءَ ڪري گمراهه ٿي وئي ته خدا جي ولين سان گھٽ ماڻهو آگاهه ٿيا.

اولياء را همچو خود پنداشتند  همسری با انبياء برداشتند

ماڻهن ولين کي پاڻ جهڙو سمجهي ورتو ۽ نبين سان برابري ڪري ويٺا.

ايس ندانستند ايشاں ازعمیٰ  هست فرقے درمياں بے انتها

انهن ماڻهن پنهنجي انڌائپ مان اهو نه ڄاتيو ته عوام ۽ ولين ۾ تمام گهڻو فرق آهي.

بهرحال خلاصو اهو آهي ته اولياءِ ڪرام کي عام انسان جيان نه سمجهڻ گهرجي، بلڪ اهو عقيدو رکي اولياءِ ڪرام جي تعظيم ۽ تڪريم ڪرڻ گهرجي ته انهن ماڻهن تي خداوند ڪريم جو خاص فضلِ عظيم آهي ۽ اهي ماڻهو بي پناهه روحاني طاقتن جا بادشاهه بلڪ شهنشاهه آهن، اهي ماڻهو الله عَزَّوَجَلَّ جي حڪم سان وڏين وڏين مصيبتن ۽ بلائن کي ٽاري سگهن ٿا ۽ انهن جي قبرن جو به ادب ڪرڻ لازمي آهي، ڇوته ولين جي قبرن تي فيوض ۽ برڪاتِ خداوندي جي برسات ٿيندي رهندي آهي ۽ جيڪو عقيدت ۽ محبت سان انهن جي قبرن جي زيارت ڪندو آهي اهو ضرور انهن بزرگن جي فيوض ۽ برڪات مان فيضياب ٿيندو آهي، هن زماني ۾ وهابيه فرقو ولين سڳورن جي بي ادبي ڪندو رهندو آهي، مان پنهنجي سني ڀائرن کي اها نصيحت ۽ وصيت ڪيان ٿو ته انهن گمراهن کان هميشه پري رهو ۽ انهن ماڻهن جي ظاهري ساده لباسن، وضو ۽ نمازن جي فريب ۾ نه اچو، ڇاڪاڻ ته انهن ماڻهن جون دليون نهايت گنديون آهن ۽ اهي ماڻهو ايمان جي نور جي تجلين کان محروم ٿي چڪا آهن. ﴿مَعَاذَ اللّٰهُ مِنْهُم﴾

## ﴿49﴾ حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام جي بي مثال وفات

ملڪ شام ۾ جنهن جڳهه حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جو خيمو کوڙيو ويو نيڪ ان جڳهه حضرت داؤد عَلَيْهِ السَّلَام بيت المقدس جو بنياد رکيو پر عِمارت پوري ٿيڻ کان اڳ حضرت داؤد عَلَيْهِ السَّلَام جي وفات جو وقت اچي پهتو ۽ اوهان پنهنجي فرزند حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام کي هن عِمارت کي مڪمل ڪرڻ جي وصيت ڪئي، پوءِ حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام جنن جي هڪ جماعت کي هن ڪم تي لڳايو ۽ عمارت تعمير ٿيندي رهي، ايستائين جو سندن وفات جو وقت ويجهو اچي ويو ۽ عمارت مڪمل نہ ٿي سگهي ۽ پاڻ دعا گهري تہ الٰهي! منهنجو موت جنن جي جماعت تي ظاهر نہ ٿئي تہ جيئن اهي برابر عمارت جي تعمير ۾ لڳا رهن، ۽ انهن کي جيڪا غيب جي علم جي دعوي آهي اها بہ باطل ٿي وڃي، اها دعا گهري اوهان محراب ۾ داخل ٿيا ۽ پنهنجي عادت جي مطابق پنهنجي لٺ تي ٽيڪ لڳائي عبادت ۾ بيهي رهيا ۽ انهيءَ حالت ۾ سندن وفات ٿي وئي پر مزدور جنن اهو سمجهيو تہ اوهان زنده بيٺا آهيو، اهي برابر ڪم ۾ مصروف رهيا ۽ عرصي تائين پاڻ جو هن حالت ۾ رهڻ جنن جي لاءِ ڪجهه حيرت جو سبب انهيءَ ڪري نہ هو جو انهن ڪيئي پيرا ڏٺو هو تہ پاڻ هڪ هڪ مهيني بلڪ ڪڏهن بہ بہ مهينا برابر عبادت ۾ بيٺل رهندا هئا، غرض هڪ سال تائين وفات کان پوءِ پنهنجي لٺ جي سهاري بيٺل رهيا ايستائين جو الله جي حڪم سان اُڏوهي (سُرو) اوهان جي لٺ کي کائي وئي ۽ لٺ ڪرڻ سان اوهان جو جسم زمين تي اچي ويو، ان وقت جنن جي جماعت ۽ سيني انسانن کي خبر پئي تہ اوهان

جي وفات تي وئي آهي. قرآن شريف ۾ الله تعاليٰ هن واقعي کي هنن لفظن سان بيان فرمايو آهي:

فَلَمَّا قَضَيْنَا عَلَيْهِ الْمَوْتَ مَا دَلَّهُمْ عَلٰى مَوْتِهٖۤ اِلَّا دَآبَّةُ الْاَرْضِ تَاْكُلُ مِنْسَاَتَهٗ ۚ فَلَمَّا خَرَّ تَبَيَّنَتِ الْجِنُّ اَنْ لَّوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ الْغَيْبَ مَا لَبِثُوْا فِي الْعَذَابِ الْمُهِيْنِ ﴿۱۴﴾ (پ 22 سبا 14)

**ترجموڪنزالايمان:** پوءِ اسان جڏهن ان تي موت جو حڪم موڪليو جنن کي سندس موت جي خبر نہ ڀڏائي مگر زمين جي اُڏوهي جنهن ان جي لٺ کي پٺي کاڌو پوءِ جڏهن سليمان اتي ڪريو پيو تڏهن جنن جي حقيقت کلي وئي جيڪڏهن غيب ڄاڻندا هجن ها تہ ان خواري جي عذاب ۾ نہ رهن ها.

**درس هدايت:** (1) هن قرآني واقعي مان اها هدايت ملي ٿي تہ حضرات انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جا مقدس بدن وفات کان پوءِ بہ سڙي ختم ناهن ٿيندا، جوتہ اوهان هينئر پڙهيو تہ حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام وفات کان پوءِ هڪ سال تائين عصا جي سهاري بيٺل رهيا ۽ سندن جسم مبارڪ ۾ ڪنهن بہ قسم جي تبديلي نہ آئي، اهو ئي حال سيني نبين سڳورن عَلَيْهِمُ السَّلَام جو انهن جي قبرن ۾ آهي جو انهن جي بدن کي مٽي ناهي کائي سگهندي، جيئن حديث شريف ۾ آهي جنهن کي ابن ماجہ روايت ڪيو آهي:

اِنَّ اللّٰهَ حَرَّمَ عَلَى الْاَرْضِ اَنْ تَاْكُلَ اَجْسَادَ الْاَنْبِيَاءِ فَنَبِيُّ اللّٰهِ حَيٌّ يُرْزَقُ

(سنن ابن ماجہ ڪتاب الجنائز باب ذڪر وفاتہ......الخ ج 3 ص 291 رقم 1637)

بيشڪ الله زمين تي اهو حرام فرمايو آهي تہ اها نبين جي جسمن کي کائي، تنهن ڪري الله جا نبي زندا آهن ۽ انهن کي روزي ڏني ويندي آهي.

www.dawateislami.net

۾ حاشية مشڪوٰة ۾ لکيل آهي تہ هر نبي جو اهو شان آهي تہ اهي قبرن ۾ زنده آهن ۽ الله تعالٰي انهن کي روزي عطا فرمائيندو آهي ۽ اها حديث صحيح آهي، امام بيهقي لکيو آهي تہ انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام مختلف وقتن ۾ مختلف جڳهن تي تشريف کڻي ويندا آهن اهو جائز ۽ درست آهي.

(مرقاة المفاتيح، ڪتاب الصلوٰة باب الجمعة الفصل الثالث ج 3 ص 460 رقم 1366)

انهيءَ ڪري اهلسنّت و جماعت جو اهو ئي عقيدو آهي تہ حضرات انبياء ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام پنهنجي پنهنجي مقدس قبرن ۾ حياتِ جسماني جي لوازمات سان زنده آهن، وهابين جو اهو عقيدو آهي تہ اهي مري مٽي ۾ ملي ويا آهن انهيءَ ڪري اهو گستاخ فرقو انبياء ڪرام جي قبرن کي مٽي جو ڍير چئي انهن جي مقدس قبرن جي توهين ۽ قبرن کي ڊاهڻ جي ڪوشش ۾ لڳل رهندو آهي، حد تہ اها ٿي وئي جو عالم اسلام جي وڏي بي چيني باوجود گنبد خضريٰ کي ڊاهڻ جون اسڪيمون برابر سعودي حڪومت ۾ ٺهنديون رهنديون آهن پر خداوند ڪريم جو اهو وڏو فضل آهي جو اجا تائين اهي هن پلان کي پورو نہ ڪري سگهيا آهن ۽ اِنۡ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ آئنده بہ انهن جو اهو شيطاني پلان پورو نہ ٿي سگهندو! چوتہ

جس کا حامی ہو خدا اُس کو گھٹا سکتا ہے کون جس کا حافظ ہو خدا اُس کو مٹا سکتا ہے کون

(2) حضرت سليمان عَلَيۡهِ السَّلَام جي عمر شريف 53 سال هئي، 13 سالن جي عمر ۾ اوهان کي بادشاهي ملي ۽ چاليهہ سالن تائين اوهان تخت سلطنت تي جلوه گر رهيا، اوهان جي مزار بيت المقدس ۾ آهي. ﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰی اَعۡلَم﴾

## ﴾50﴿ قارون جو انجام

قارون حضرت موسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام جي چاچي ”يصهر“ جو پٽ هو، بيحد سهڻو ۽ خوبصورت هو، انهيءَ ڪري ماڻهو هن جي حُسن وجمال کان متاثر ٿي هن کي ”منور“ به چوندا هئا. هن سان گڏوگڏ هن ۾ اهو ڪمال به هو جو اهو بني اسرائيل ۾ ”توراة“ جو وڏو عالم ۽ بي انتها مِلنسار ۽ بااخلاق انسان هو ۽ ماڻهو هن جو نهايت ادب و احترام ڪندا هئا.

پر بي شمار دولت هٿ ۾ ايندي ئي هن جي انداز ۾ هڪ دم تبديلي پيدا ٿي وئي ۽ سامري جيان منافق ٿي حضرت موسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام جو وڏو دشمن ٿي ويو ۽ اعلٰي درجي جو متڪبر ۽ مغرور ٿي ويو، جڏهن زڪوٰة جو حڪم نازل ٿيو ته ان حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جي روبرو اهو عهد ڪيو ته اهو پنهنجي تمام مال مان هزارون حصو زڪوٰة ڪيوندو پر جڏهن هن مال جو حساب لڳايو ته هڪ وڏي رقم زڪوٰة جي نڪتي، اهو ڏسي هن تي هڪدم حِرص ۽ بُخل جو ڀوت سوار ٿي ويو ۽ نه رڳو زڪوٰة جو منڪر ٿيو بلڪ بني اسرائيل وارن کي ورغلائڻ لڳو ته حضرت موسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام هن بهاني سان توهان جو مال وٺڻ چاهين ٿا، ايستائين جو حضرت موسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام سان ماڻهن کي نفرت ڏيارڻ لاءِ هن خبيث گندي ۽ بري چال هلي ته هڪ عورت کي گهڻو مال ۽ دولت ڏئي راضي ڪيو ته اها حضرت موسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام تي بدڪاري جو الزام لڳائي، عين ان وقت جڏهن حضرت موسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام وعظ ڪري رهيا هئا قارون اوهان کي ٽوڪيو ته اوهان فلاڻي عورت سان بدڪاري ڪئي آهي، حضرت موسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام فرمايو ته هن عورت کي منهنجي سامهون آڻيو، پوءِ اها عورت گهرائي وئي ته حضرت موسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام

فرمايو: اي عورت! ان الله جو قسم! جنهن بني اسرائيل جي لاءِ درياء چيري چڏيو ۽ عافيت و سلامتي سان دريا پار ڪرائي فرعون کان نجات ڏني، سچ سچ ٻڌاءِ تہ واقعو ڇا آهي؟ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي جلال سبب عورت ڏڪڻ لڳي هن وڏي ميڙ ۾ صاف چيو تہ اي الله عَزَّوَجَلَّ جا نبي! مون کي قارون گهڻي دولت ڏئي اوهان تي بهتان لڳائڻ جي لاءِ راضي ڪيو هو، اهو ٻڌي حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام روئڻهارڪا ٿي سجده شڪر ادا ڪيو ۽ سجدي جي حالت ۾ اها دعا گهري: يا الله! قارون تي پنهنجو قهر ۽ غضب نازل فرماءِ پوءِ اوهان ماڻهن کي فرمايو تہ جيڪو قارون جو ساٿي آهي اهو قارون سان گڏ بيٺو رهي ۽ جيڪو منهنجو ساٿي آهي اهو قارون کان جدا ٿي وڃي، پوءِ ٻن خبيثن کان سواءِ سيئي بني اسرائيل وارا قارون کان جدا ٿي ويا.

پوءِ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام زمين کي حڪم ڏنو تہ اي زمين! تو هن کي پڪڙي وٺ تہ هڪدم قارون گوڏن تائين زمين ۾ ڌڀجي ويو پاڻ ٻيهر زمين کي ساڳيا لفظ فرمايا تہ اهو چيلهہ تائين ڌڀجي ويو اهو ڏسي قارون روئڻ ٻاڏائڻ لڳو ۽ مائٽي ۽ قرابت جو واسطو ڏيڻ لڳو پر اوهان ڪو ڌيان نہ ڏنو، ايستائين جو اهو بلڪل زمين ۾ ڌڀجي ويو، بہ منحوس ماڻهو جيڪي قارون جا ساٿي ٿيا، ماڻهن کي چوڻ لڳا تہ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام قارون کي انهيءَ ڪري زمين ۾ وڌو تہ جيئن پاڻ قارون جي گهر ۽ ان جي خزاني تہ قبضو ڪري، تہ پاڻ الله تعاليٰ کان دعا گهري تہ قارون جو گهر ۽ خزانو بہ زمين ۾ ڌڀجي وڃي، پوءِ قارون جو گهر جيڪو سون جو هو ۽ ان جو سمورو خزانو زمين ۾ هليو ويو.

(صاوي ج3 ص 1546، 1547 پ 20 القصص: 81)

**قارون جو خزانو:** هن بابت قرآن کي پڌو، **الله تعالٰي** جو ارشاد آهي ته اسان قارون کي ايترا خزانا ڏنا جو انهن خزانن جو چاٻيون هڪ مضبوط ۽ طاقتور جماعت به مشڪل سان کڻي سگهندي هئي، قرآن شريف ۾ آهي:

اِنَّ قَارُوۡنَ كَانَ مِنۡ قَوۡمِ مُوۡسٰى فَبَغٰى عَلَيۡهِمۡ‌ ۖ وَاٰتَيۡنٰهُ مِنَ الۡـكُنُوۡزِ مَاۤ اِنَّ مَفَاتِحَهٗ لَتَنُوۡٓاُ بِالۡعُصۡبَةِ اُولِى الۡقُوَّةِ‌ (پ 20 القصص: 76)

**ترجموڪنزالايمان:** بيشڪ قارون موسيٰ جي قوم مان هو پوءِ انهن تي زيادتي ڪئي ۽ اسان ڪيس ايترا خزانا ڏنا هئا جن جون ڪنجيون هڪ طاقتور جماعت تي (ڪٺڙ) ڳريون هيون.

**حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جي نصيحت:** حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام قارون کي جيڪا نصيحت ڪئي اها هي آهي جنهن کي قرآن شريف بيان ڪيو آهي، ان خير خواهي واري نصيحت کي ٻڌي قارون حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جو دشمن ٻڻجي ويو، غور ڪيو ته ڪيتري اخلاص واري ۽ ڪهڙي نه پياري نصيحت آهي جيڪا حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام سان گڏ سڄي قوم قارون کي ٻڌائيندي رهي ته

اِذۡ قَالَ لَهٗ قَوۡمُهٗ لَا تَفۡرَحۡ‌ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ الۡفَرِحِيۡنَ ﴿۷۶﴾ وَابۡتَغِ فِيۡمَاۤ اٰتٰٮكَ اللّٰهُ الدَّارَ الۡاٰخِرَةَ‌ وَلَا تَنۡسَ نَصِيۡبَكَ مِنَ الدُّنۡيَا‌ وَاَحۡسِنۡ كَمَاۤ اَحۡسَنَ اللّٰهُ اِلَيۡكَ‌ وَلَا تَبۡغِ الۡفَسَادَ فِى الۡاَرۡضِ‌ؕ (پ 20 القصص: 76، 77)

**ترجموڪنزالايمان:** جڏهن ان کي سندس قوم چيو ته آڪڙ نه ڪر بيشڪ الله آڪڙ ڪندڙن کي دوست نه رکندو آهي ۽ جيڪو مال الله توکي ڏنو آهي ان مان آخرت جو گهر طلب ڪر ۽ دنيا ۾ پنهنجو حصو نه وسار ۽ احسان ڪر جيئن الله توتي احسان ڪيو ۽ زمين ۾ فساد جو طالب نه ٿيءُ.

قارون پنهنجي مال جي آڪڙ ۾ هن مخلصانہ نصيحت کي نہ ٻڌو ۽ خوب نهي نڪي تڪبر ۽ غرور ۾ آڪڙجي پنهنجي قوم وٽ آيو ۽ حضرت موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام جي بدگوئي ڪئي ۽ ايذاء پهچائڻ لڳو، هن جو نتيجو ڇا ٿيو؟ هن کي قرآن جي زباني ٻڌو ۽ خدا جي ان قاهرانہ پڪڙ تي خوف الهي ۾ ڏڪندا رهو، اَللّٰهُ اَكْبَرُ!

فَخَسَفْنَا بِهٖ وَ بِدَارِهِ الْاَرْضَ ۫ فَمَا كَانَ لَهٗ مِنْ فِئَةٍ يَّنْصُرُوْنَهٗ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ۗ وَمَا كَانَ مِنَ الْمُنْتَصِرِيْنَ ﴿۸۱﴾ (پ 20 القصص: 81)

ترجموڪنزالايمان: پوءِ اسان ان کي ۽ ان جي گهر کي زمين ۾ ڌڪي ڇڏيو پوءِ ان وٽ ڪا جماعت نہ هئي جيڪا الله کان بچائڻ ۾ ان جي مدد ڪري ها ۽ نہ وري اهو بدلو وٺي سگهيو.

درسِ هدايت: اهو عبرتناڪ واقعو اسان کي هدايت جي اِها راهہ ٻڌائي ٿو تہ جيڪڏهن الله تعالٰي مال ودولت عطا ڪري تہ هن فرض کي لازم سمجهي تہ پنهنجي مال جي زڪوٰة ادا ڪندو رهي، ۽ ڪڏهن بہ پنهنجي مال ۽ دولت تي غرور ۽ تڪبر ڪري نہ آڪڙجي، ڇوتہ الله تعالٰي ئي دولت ڏيندو آهي ۽ جڏهن چاهيندو آهي تہ گهڙي کن ۾ دولت کسي بہ وٺندو آهي، هر وقت هن جو ڌيان رکي نوڙت تواضع ۽ انڪساري جي عادت رکي ۽ ڪڏهن بہ ڪنهن نبي ولي ۽ نيڪ ٻانهن کي نہ ڪو ايذاء ڏي ۽ نہ ڪنهن تي تنقيد يا گهٽ وڌ ڳالهائي ڇوتہ انهن مقبول ٻانهن جي دعا ۽ بد دعا سان اهو ٿي ويندو آهي جنهن بابت ماڻهو تصور ۽ خيال بہ نٿا ڪري سگهن. ﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰى اَعْلَم﴾

## ﴿51﴾ رومي مغلوب ٿي وري غالب ٿيندا

فارس ۽ روم جي ٻنهي سلطنت ۾ جنگ لڳل هئي ۽ جيئن تہ فارس وارا مجوسي هئا انهيءَ ڪري عرب جا مشرڪ انهن جو

غلبو پسند ڪندا هئا، ۽ رومي جيئن تہ اهل ڪتاب هئا انهيءَ ڪري مسلمانن کي انهن جو فتح ٿيڻ سنو لڳندو هو، خسرو پرويز بادشاهِ فارس ۽ قيصر روم بنهي بادشاهن جون فوجون شام جي ويجهو پاڻ ۾ وڙهيون ۽ وڏي جنگ ڪان پوءِ فارس وارا غالب آيا، مسلمانن تي اها خبرڏکي گذري۽ مڪي جا ڪافران خبر ڪان خوش ٿياءِ مسلمانن کي چوڻ لڳا تہ توهان بہ اهل ڪتاب ۽ رومي ۽ نصارٰي بہ اهل ڪتاب، ۽ فارس وارا بہ باھ جا پوڄاري ۽ اسان بہ بت پرست، اسان جا پائر اوهان جي پائرن تي غالب اچي ويا آهن، جيڪڏهن اسان جي توهان سان جنگ ٿي تہ اسان بہ توهان تي غالب ايندا سين، هن موقعي تي قرآن شريف ۾ اهي آيتون نازل ٿيون جن ۾ غيب جي خبر ڏني وئي هئي:

الٓمّٓ ﴿۱﴾ غُلِبَتِ الرُّوْمُ ﴿۲﴾ فِيْٓ اَدْنَى الْاَرْضِ
وَهُمْ مِّنْۢ بَعْدِ غَلَبِهِمْ سَيَغْلِبُوْنَ ﴿۳﴾ فِيْ بِضْعِ سِنِيْنَ ؕ

**ترجموڪنزالايمان:** رومي مغلوب ٿيا ويجهي زمين ۾ ۽ اهي پنهنجي شڪست بعد عنقريب غالب ايندا چند سالن ۾. (پ 21 الروم 1 تا 4)

حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ اهي آيتون ٻڌي مڪي جي ڪافرن ۾ اهو اعلان ڪرايو تہ خدا جو قسم! رومي فارس وارن تي غلبو حاصل ڪندا، تنهنڪري اي مڪي وارؤ! توهان هن وقت جنگ جي نتيجي مان خوشي نہ ملهايو، جيئن تہ ظاهري طور رومين جي فتح ياب ٿيڻ جا اسباب پري پري تائين نظر نہ پئي آيا انهيءَ ڪري "ابي بن خلف" اوهان جي سامهون بيٺو ۽ اوهان جي ۽ ان جي وچ ۾ سؤ سؤ اُٺن جي شرط لڳي وئي تہ جيڪڏهن نون سالن جي اندر رومي غالب نہ آيا تہ حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ هڪ سؤ

www.dawateislami.net

اُٺ ڏيندا، ۽ جيڪڏهن رومي غالب اچي ويا تہ ابي بن خلف هڪ سؤ اٺ ڏيندو، ان وقت جوا اسلام ۾ حرام نہ ٿي هئي. خدا جو شان جو ستن سالن اندر ئي قرآن جي غيبي خبر جي صداقت ظاهر ٿي ۽ صُلحِ حديبيہ جي ڏينهن 6 هجري ۾ رومي فارس وارن تي غالب اچي ويا ۽ رومين مدائن ۾ گهوڙا ٻڌا ۽ عراق ۾ ”روميہ“ نالي شهر وسايو، ۽ حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ شرط جا سؤ اٺ ابي بن خلف جي اولاد کان وصول ڪيا ڇوتہ ابي بن خلف هن وچ ۾ مري ويو هو، حضور سيد عالم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي حڪم ڏنو تہ شرط جا اُٺ جيڪي انهن ابي بن خلف جي اولاد کان حاصل ڪيا آهن سيني کي صدقو ڪري ڇڏيو! ۽ ان مان پنهنجي ذات تي ڪجهہ بہ خرچ نہ ڪريو. (مدارک التنزيل ج 3 ص 458 پ 21 الروم: 3)

**درسِ هدايت:** فارس ۽ روم جي جنگ ۾ رومي ايتري قدر شڪست کائي چڪا هئا جو انهن جي عسڪري طاقت ئي فنا ٿي وئي هئي ۽ ظاهري طور انهن جي سوڀ جو ڪو امڪان بہ نہ هو پر ستن سالن ۾ رومين اهڙي فتح حاصل ڪئي جو ڪير ان جو سوچي بہ نٿو سگهي، رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اها غيبي خبر اوهان جي نُبُوّت ۽ قرآن ڪريم جي ڪلامِ الٰهي هئڻ جي روشن دليل آهي، سبحان الله! سچ آهي:

ہزار فلسفیوں کی چناں چنیں بدلی! — خدا کی بات بدلنی نہ تھی نہیں بدلی

## ﴿52﴾ غزوه اَحزاب جي آنڌي

”غَزوه اَحزاب“سن 4 يا 5 هجري ۾ پيش آيو، هن جنگ جو

ٻيو نالو ”غزوه خَندق“ بہ آهي، جڏهن ”بنونضير“ جي يهودين کي جلاوطن ڪيو ويو تہ يهودين جي سردارن مڪي وڃي، ڪافرن کي نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان جنگ ڪرڻ لاءِ اُڪسايو ۽ واعدو ڪيو تہ اسان توهان جو ساٿ ڏينداسين، پوءِ انهن يهودين وڏي تعداد ۾ هٿيار ۽ رقم ڏئي مڪي جي ڪافرن کي مديني تي حملو ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو ۽ ابوسفيان مشرڪن ۽ يهودين جي ڪافي قبيلن کي گڏ ڪري هڪ عظيم فوج سان مديني تي حملو ڪري ڇڏيو، مڪي مان قبيلو ”خزاعہ“ جي ڪجھ ماڻهن حضور نبي اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڪافرن جي انهن تيارين جي خبر ڏني تہ پاڻ حضرت سلمان فارسي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي مشوري سان مديني جي چوڌاري هڪ خندق (کڏ) کوٽڻ شروع ڪئي، هن خندق کوٽڻ ۾ مسلمانن سان گڏ خود رحمت عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ ڪم ڪيو، مسلمان خندق کوٽي فارغ ئي مس ٿيا هئا جو مشرڪن هڪ وڏو لشڪر سان چڙهائي ڪئي ۽ مديني شريف تي حملو ڪيو ۽ ٽن پاسن کان ڪافرن جو لشڪر زور و شور سان چڙهي آيو ۽ مديني شريف جي فضائن ۾ هر پاسي گردغبار جو طوفان اچي ويو، هن خوفناڪ چڙهائي ۽ ڪافرن جي لشڪر جي معرڪہ آرائي جو نقشو قرآن جي زباني ٻڌو:

اِذْ جَآءُوْكُمْ مِّنْ فَوْقِكُمْ وَ مِنْ اَسْفَلَ مِنْكُمْ وَ اِذْ زَاغَتِ الْاَبْصَارُ وَ بَلَغَتِ الْقُلُوْبُ الْحَنَاجِرَ وَ تَظُنُّوْنَ بِاللّٰهِ الظُّنُوْنَا ﴿۱۰﴾ هُنَالِكَ ابْتُلِيَ الْمُؤْمِنُوْنَ وَ زُلْزِلُوْا زِلْزَالًا شَدِيْدًا ﴿۱۱﴾ (پ 21 الاحزاب 10، 11)

ترجموڪنزالايمان: جڏهن ڪافر توهان تي آيا توهان جي مٿاهين ۽ توهان

جي هيٺين طرف کان ۽ جڏهن جو اکيون واٽڙيون ٿي ويون ۽ دليون نڙي وٽ اچي ويون ۽ توهان الله تي مختلف گمان ڪرڻ لڳا اها جاءِ هئي جو مسلمانن جو امتحان ورتو ويو ۽ خوب سختي سان لوڏيا ويا.

هن لڙائي ۾ منافق جيڪي مسلمانن سان ڪلهي سان ڪلهو ملائي بيٺل هئا اهي ڪافرن جي انهن لشڪرن کي ڏسندي ئي بزدل ٿي ڦري ويا ۽ انهن جو نفاق ظاهر ٿي ويو ۽ اهي جنگ کان جان ڇڏائي پنهنجي گهرن۾ لڪي ويهي رهڻ جي اجازت طلب ڪرڻ لڳا، پر اسلام جا سچا جان نثار مهاجر ۽انصار سينو تاڻي بيٺا رهيا جو جبل سلع ۽ احد جون ٽڪريون به انهن مجاهدن جي بهادري ۽ جان نثاري کي حيرت جي نگاهه سان ڏسڻ لڳيون، انهن جان بازن جي ايماني جرائت ۽ اسلامي شجاعت جي تصوير قرآني صفحات تي تحرير جي صورت ۾ ڏسو ته خداوند عالم جو بيان آهي:

وَ لَمَّا رَاَ الْمُؤْمِنُوْنَ الْاَحْزَابَ ۙ قَالُوْا هٰذَا مَا وَعَدَنَا اللّٰهُ وَ رَسُوْلُهٗ وَ صَدَقَ اللّٰهُ وَ رَسُوْلُهٗ ۫ وَ مَا زَادَهُمْ اِلَّاۤ اِیْمَانًا وَّ تَسْلِیْمًا ﴿۲۲﴾ (پ 21 الاحزاب: 22)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ جڏهن مسلمانن، ڪافرن جا لشڪر ڏٺا چيائون هي آهي اهو جنهن جو واعدو ڪيو هو الله ۽ ان جي رسول، ۽ سچ فرمايو الله ۽ ان جي رسول ۽ ان سان انهن جو نه وڌيو مگر ايمان ۽ الله جي رضا تي راضي رهڻ.

ڪافرن جڏهن مديني جي چوڌاري خندق کي رڪاوٽ ڏٺو ته حيران رهجي ويا ۽ چوڻ لڳا اها ته اهڙي تدبير آهي جنهن سان عرب جا ماڻهو اجا تائين اڻ واقف آهن، بهرحال ڪافرن خندق جي ڪناري تان مسلمانن تي تيراندازي ۽ سنگباري شروع ڪئي، ڪٿي ڪٿي ڪافرن خندق کي پار به ڪيو ۽ خوب ويڙهه به ٿي، مسلمان ڪافرن جي ان محاصري کان جيتوڻيڪ پريشان هئا پر

انهن جي عزم و استقلال ۾ ذري برابر بہ فرق نہ آيو، اهي پنهنجي نڪاڻن تي جمي دفاعي جنگ ڪندا رهيا، اوچتو **اللّٰه** تعاليٰ مسلمانن جي هن طرح مدد ڪئي جو اوچتو اوير ڪان اهڙي طوفاني ۽ هلاڪت خيز شديد آنڌي آئي جيڪا قهرِ قهار، غضبِ جبار بڻجي انهن ڪافرن جي لشڪرن تي خدا جي مار بڻجي وئي، ديڳون چلهن ڪان اٿل پٿل تي هيڏانهن هوڏانهن وڪري ويون، خيما اکڙجي ويا، ۽ هر پاسي بٽ اونداهي ٿي وئي ۽ شديد سيءَ جي لهر ڪافرن کي ڏڪائي وڌو، پوءِ الله تعاليٰ ملائڪن جي فوج موڪلي جنهن جي رعب ۽ دبدبي سان ڪافرن جون دليون ڏڪي ويون ۽ انهن تي اهڙي هيبت ۽ وحشت طاري ٿي جو انهن ڀڄڻ ۾ ئي پنهنجي ڀلائي سمجهي، پوءِ ڪافرن جي لشڪر جي سپهه سالار ابوسفيان خوف مان ڏڪندي پنهنجي لشڪر ۾ اهو اعلان ڪرايو تہ راشن ختم ٿي ويو آهي موسم نهايت خراب آهي ۽ يهودين اسان جو ساٿ ڇڏي ڏنو آهي تنهنڪري هاڻي مديني جو محاصرو بيڪار آهي، اهو چئي ڪوچ ٽيڻ وارو نغارو وڄايو ويو ۽ ڪيئي سامان ڇڏي ميدانِ جنگ مان ڀڄي نڪتا ۽ ٻيا قبيلا بہ ٽڙ پکڙ ٿي هيڏانهن هوڏانهن ڀڄي ويا ۽ پندرهن يا چويهہ ڏينهن ۾ مديني جي فضا ڪافرن جي گردوغبار ڪان صاف ٿي وئي.

(مدارج النبوة (فارسي) ج 2 ص 172 ، 173 بحث غزوه خندق)

غزوهِ احزاب جي هي اها ئي آنڌي آهي جنهن جو ذڪر خداوند قدوس قرآن ۾ هن طرح ڪيو آهي:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اذْكُرُوْا نِعْمَةَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ اِذْ جَآءَتْكُمْ جُنُوْدٌ فَاَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ رِيْحًا وَّ جُنُوْدًا لَّمْ تَرَوْهَا ۚ (پ 21 الاحزاب: 9)

www.dawateislami.net

**ترجموڪنزالايمان:** اي ايمان وارؤ! الله جو احسان پاڻ تي ياد ڪريو جڏهن توهان تي ڪي لشڪر ڪاهي آيا پوءِ اسان انهن تي موڪلي آندهي ۽ اهو لشڪر جيڪو توهان کي ڏسڻ ۾ نہ پئي آيو.

**درسِ هدايت:** هن واقعي مان اسان کي سبق مليو تہ جڏهن بہ ڪافرن سان جنگ۾مقابلو ٿئي تہ مسلمانن کي کنهن بہ حال ۾ڪڏهن بہ مايوس نہ ٿيڻ گهرجي ۽ يقين رکي جمي ڪري مقابلو ڪرڻ گهرجي تہ ضرور نصرتِ خداوندي ۽ غيبي امداد مسلمانن جي مدد ڪندي، بس شرط اهو آهي تہ اخلاصِ نيت سان مسلمان ثابت قدم رهن ۽ صبر ۽استقلال سان ميدان جنگ ۾ جميل رهن، جنگ بدر ۽ جنگ احد ۽ جنگ احزاب وغيره ۾ ڪفر ۽ اسلام جي لڙاين ۾اهو منظر نظر آيوجو انتهائي مشڪل حالتن۾جڏهن مسلمان ثابت قدم رهيا تہ غيب مان نُصرَتِ خُداوندي عَزَّوَجَلَّ ۽ غيبي امداد اهڙي طرح جلوو ڏيکاريو جو پل کن ۾ جنگ جو پاسو بدلجي ويو ۽ مسلمانن کي فتح مبين حاصل ٿي ۽ ڪافرن پنهنجي ڪثرت ۽ شوڪت باجود شڪست کائي ڀڄي ويا. ﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰى اَعْلَمُ﴾

## ﴿53﴾ قوم سبا جو سيلاب

”سبا“ عرب جو هڪ قبيلو آهي جيڪو پنهنجي مورث اعليٰ سبا بن يشجب بن يعرب بن قحطان جي نالي سان مشهور آهي، ان قوم جي آبادي يمن ۾ شهر ”صنعا“ کان ڇهہ ميل پري هئي. هن آبادي جي آبهوا ۽ زمين ايتري صاف ۽ ايتري قدر پياري ۽ پاڪيزه هئي جو هتي نہ مڇر، نہ مک، نہ مگڻ، نہ پسو، نہ نانگ، نہ وڇون، موسم بيحد معتدل نہ گرمي نہ سيءُ هتي جي باغن ۾ وڏيڪ ميوا ٿيندا

هئا، جڏهن ڪو شخص مٿي تي ٽوڪرو ڪڻي گذرندو هو بنا هٿ لڳائي قسم قسم جي ميون سان ان جو ٽوڪرو ڀرجي ويندو هو، مطلب تہ اها قوم وڏي خوشحالي، آسودگي ۾ امن ۽ سڪون ۽ آرام واري زندگي گذاري رهي هئي، پر نعمتن جي گهڻائي ۽ خوشحالي هن قوم کي سرڪش بڻائي ڇڏيو هو، **اللّٰه** تعالٰي هن قوم جي هدايت جي لاءِ هڪبئي پٺيان تيرهن نبين کي موڪليو، جيڪي هن قوم کي خدا جي نعمتون ياد ڏياري ربّ عَزَّوَجَلَّ جي عذاب کان ڊيڄاريندا رهيا، پر انهن سرڪشن خدا جي مقدس نبين کي نہ مڃيو، ۽ هن قوم جو سردار جنهن جو نالو ”حماد“ هو اهو ايترو تہ متڪبر ۽ سرڪش ماڻهو هو جو جڏهن ان جو ڇوڪرو مري ويو تہ ان آسمان ڏانهن ٿوڪيو ۽ پنهنجي ڪفر جو اعلان ڪيو، ۽ ظاهر ظهور ماڻهن کي ڪفر جي دعوت ڏيڻ لڳو ۽ جيڪو ڪفر کان انڪار ڪندو هو ان کي قتل ڪري ڇڏيندو هو، ۽ خدا عَزَّوَجَلَّ جي نبين کي وڏي بي ادبي ۽ گستاخي سان چوندو هو تہ اوهان **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ کي چئي ڇڏيو تہ هو پنهنجون نعمتون اسان کان کسي وٺي، جڏهن حماد ۽ ان جي قوم جي سرڪشي ۽ نافرماني گهڻي وڌي تہ **اللّٰه** تعالٰي هن قوم تي سيلاب جو عذاب موڪليو، جنهن سان انهن ماڻهن جا باغ، مال ۽ گهر سڀ غرق ٿي فنا ٿي ويا ۽ سڄي آبادي مٽي ۽ واري ڌڙن ۾ دفن ٿي وئي ۽ اهڙي طرح اِها قوم تباهہ ۽ برباد ٿي جو انهن جي بربادي عرب ۾ ضرب المثل (چوڻي) بڻجي وئي، عمده ۽ لذيذ ميون جي باغ جي بدران لئي ۽ جهنگلي ٻيرن جا ڪنڊا ۽ خوفناڪ جهنگ پيدا ٿي ويو ۽ اها قوم عمده ۽ لذيذ ميون جي لاءِ سڪندي هئي.

**سيلاب ڪيئن آيو:** ملڪ بلقيس قوم سبا جي وسندي جي ڪناري وٽ جبل جي وچ ۾ بند ناهي تي وڏا تلاءُ هيٺ مٿي ناهيا هئا، هڪ چوهي ( يعني ڪُوئي) خدا عَزَّوَجَلَّ جي حڪم سان بند جي پيٽ ۾ سوراخ ڪري ڇڏيو ۽ اهو وڌندي وڌندي هڪ وڏو شگاف بڻجي ويو ايستائين جو بند جي ديوار ٽٽي وئي ۽ اوچتو زوردار سيلاب اچي ويو، ڳوٺ وارا هن سوراخ ۽ شگاف کان غافل هئا ۽ پنهنجي گهرن ۾ چين سان سُتل هئا جو اوچتو سيلاب جي پاڻي هن آباديءَ کي تباهه ڪري ڇڏيو ۽ هر پاسي بربادي ۽ ويراني ٿي هئي، قرآن شريف ۾ الله تعاليٰ قومِ سبا جي هن هلاڪت خيز سيلاب جو تذڪرو ڪندي فرمايو:

لَقَدْ كَانَ لِسَبَاٍ فِیْ مَسْكَنِهِمْ اٰیَةٌۚ جَنَّتٰنِ عَنْ یَّمِیْنٍ وَّ شِمَالٍ۬ؕ كُلُوْا مِنْ رِّزْقِ رَبِّكُمْ وَ اشْكُرُوْا لَهٗؕ بَلْدَةٌ طَیِّبَةٌ وَّ رَبٌّ غَفُوْرٌ ﴿۱۵﴾ فَاَعْرَضُوْا فَاَرْسَلْنَا عَلَیْهِمْ سَیْلَ الْعَرِمِ وَ بَدَّلْنٰهُمْ بِجَنَّتَیْهِمْ جَنَّتَیْنِ ذَوَاتَیْ اُكُلٍ خَمْطٍ وَّ اَثْلٍ وَّ شَیْءٍ مِّنْ سِدْرٍ قَلِیْلٍ ﴿۱۶﴾ ذٰلِكَ جَزَیْنٰهُمْ بِمَا كَفَرُوْاؕ وَ هَلْ نُجٰزِیْۤ اِلَّا الْكَفُوْرَ ﴿۱۷﴾ (پ 22 سبا: 15 تا 17)

**ترجموڪنزالايمان:** بيشڪ سبا جي واسطي سندن آبادي ۾ نشاني هئي ٻه باغ سڄي ۽ کٻي، پنهنجي رب جو رزق کائو ۽ ان جو شڪر ادا ڪريو پاڪ شهر ۽ بخشڻهار رب، پوءِ انهن منهن موڙيو پوءِ اسان انهن تي زوردار سيلاب موڪليو ۽ انهن جي ٻن باغن جي عيوض کين ٻيا ٻه باغ بدلائي ڏناسون جن ۾ ڪسارو ميوو ۽ لئو ۽ ٿوريون ڪجهه ٻيريون هيون، اسان انهن کي اهو بدلو ڏنو سندن ناشڪري جو ۽ اسان ڪنهن کي سزا ڏيندا آهيون؟ انهيءَ کي جيڪو بي شڪر آهي.

**درس هدايت:** قوم سبا جي اها هلاڪت وبربادي انهن جي سرڪشي ۽ خدا عَزَّوَجَلَّ جي نعمتن جي ناشڪري جي ڪري ٿي، انهن جون بد

www.dawateislami.net

عمليون ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي نبين سان بي ادبيون ۽ گستاخيون جڏهن گهٽي وڏي ويون تہ خداوندِ قهارۦ جبار جو قهر وغضب عذاب بڻجي سيلاب جي صورت ۾ اچي ويو ۽ انهن کي تباھ ۽ برباد ڪري ڇڏيو، سچ آهي تہ نيڪي جو اثر آبادي ۽ بدي جو اثر بربادي آهي، لهٰذا هر نعمت پائڻ واري قوم جي لاءِ لازم آهي تہ خدا جي نعمتن جو شڪر ادا ڪري ۽ سرڪشي ۽ گناھ کان هميشہ جي لاءِ پاسو ڪري، نہ تہ خطرو آهي جو عذابِ الٰهي نہ نازل ٿئي، ڇاڪاڻ تہ جيڪا قوم سرڪشي ۽ بدعملي کي پنهنجو طريقو بڻائيندي آهي ان جو اهو اثر لازمي ٿيندو آهي تہ اها قوم عذاب الٰهي سان برباد ۽ ان جون آباديون تباھ ۽ برباد ٿي ويران ٿي ويندڙيون آهن. (نعوذ بالله منه)

## ﴿54﴾ حضرت عيسٰي عَلَيْهِ السَّلَام جا ٽي مبلغ

”انطاڪيہ“ ملڪ شام جو هڪ بهترين شهر هو، جنهن جا ڪوٽ مضبوط ديوارن سان جُڙيل هئا ۽ سڄو شهر پنج جبلن جي وچ ۾ هو ۽ شهر جي آبادي جي ايراضي ٻارهن ميلن تائين پکڙيل هئي، حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجي حوارين مان ٻن مبلغن کي دين جي تبليغ جي لاءِ ان شهر ۾ موڪليو، هڪ جو نالو ”صادق“ ۽ ٻي جو نالو ”مصدوق“ هو، جڏهن ٻئي شهر ۾ پهتا تہ هڪ ڪراڙي ٻڪرار سان انهن جي ملاقات ٿي جنهن جو نالو ”حبيب نجار“ هو، سلام ڪان پوءِ حبيب نجار پڇا ڪئي تہ توهان ٻئي ڪير آهيو ۽ ڪٿان ڪان آيا آهيو ۽ مقصد ڇا آهي؟ تہ انهن ٻنهي چيو: اسان ٻئي حضرت عيسٰي عَلَيْهِ السَّلَام جا موڪليل مبلغ آهيون ۽ هن علائقي وارن کي توحيد ۽ خدا جي بندگي ڪرڻ جي دعوت ڏيڻ آيا آهيون تہ حبيب نجار چيو اوهان وٽ ان جي ڪا نشاني آهي؟ تہ انهن ٻنهي

چيو: جي ها! اسان مريضن ۽ مادر زاد انڌن ۽ ڪوڙهه وارن کي
الله عَزَّوَجَلَّ جي حڪم سان شفا ڏيندا آهيون، اها هنن ٻنهي جي
ڪرامت ۽ حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جو معجزو هو، اهو ٻڌي حبيب
نجار چيو: منهنجو هڪ ڇوڪرو وڏي عرصي کان بيمار آهي، ڇا
توهان ان کي تندرست ڪندو؟ انهن ٻنهي چيو: جي ها! ان کي اسان
وٽ ڪٺي اچ، پوءِ انهن ٻنهي ان مريض ڇوڪري تي پنهنجو هٿ
ڦيريو تہ اهو هڪدم چڱو ڀلو ٿي بيهي رهيو، اها خبر ٻجلي جيان
شهر ۾ ڦهلجي وئي ۽ ڪيئي بيمار گڏ ٿيا ۽ سيئي شفاياب بہ ٿيا.

ان شهر جو بادشاهہ ”انطيخا“ نالي هڪ بت پرست هو، اهو انهن
ٻنهي جي زبان مان توحيد جي دعوت ٻڌي ڪاوڙ ۾ اچي ويو ۽
ٻنهي مبلغن کي گرفتار ڪرائي سؤ سؤ ڪوڙا هڻائي جيل ۾ بند
ڪري ڇڏيو، ان کان پوءِ حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجي حوارين
جي سردار حضرت ”شمعون“ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي انطاڪيہ موڪليو،
اوهان ڪنهن نموني بادشاهہ جي دربار ۾ پهچي ويا ۽ بادشاهہ کي
چيائون تہ اسان جي ٻن ماڻهن کي تو ڪوڙا هڻي جيل ۾ قيد
ڪيو آهي، گهٽ ۾ گهٽ انهن جي سچي ڳالهہ تہ ٻڌين ها، بادشاهہ
انهن ٻنهي کي سڏائي ڳالهہ ٻولهہ شروع ڪئي تہ انهن ٻنهي چيو:
اسان اهو ئي چوڻ آيا آهيون تہ توهان ماڻهو ٻتن جي عبادت ڇڏي
ربّ تعاليٰ جي عبادت ڪريو، جنهن توهان کي ۽ توهان جي ٻتن
کي پيدا ڪيو آهي، جڏهن بادشاهہ انهن ٻنهن کان ڪا نشاني طلب
ڪئي تہ انهن ٻنهي اهڙي مادر زاد انڌي کي جنهن جي مٽي تي
اکيون ئي نہ هيون هٿ ڦيريو تہ ان جي پيشاني تي اکين جا ٻہ
سوراخ ٿي ويا، پوءِ انهن مٽي جا ٻہ ننڍا گولا ٺاهي انهن سوراخن

۾ رکي دعا ڪئي تہ اهي ٻئي گولا اکيون ٻڻجي روشن ٿي ويا ۽ مادر زاد انڌو ڏسڻ لڳو، حضرت شمعون فرمايو تہ اي بادشاهہ! ڇا توهان جي ٻتن ۾ بہ اها قدرت آهي؟ بادشاهہ وراڻيو: نہ، تہ حضرت شمعون فرمايو: پوءِ توهان ان جي عبادت ڇو ٿا ڪيو جيڪو اهڙي قدرت وارو آهي جو انڌن کي اکيون ڏئي ٿو، اهو ٻڌي بادشاهہ چيو: ڇا توهان جو خدا مُڙدن کي زنده ڪري سگهي ٿو؟ جيڪڏهن اهو مڙدن کي زندهہ ڪري سگهي ٿو تہ هڪ مڙدي کي زندهہ ڪري جيڪو منهنجي هاري جو پٽ آهي ۽ گهڻن ڏينهن کان مريل آهي ۽ مون ان جي پيءُ جي انتظار ۾ ان کي اجا تائين دفنايو ناهي، بادشاهہ انهن ٽنهي کي وٺي ان ڇوڪري جي لاش وٽ ويو، انهن ٽنهي دعا گهري تہ الله تعاليٰ جي حڪم سان اهو مڙدو زندهہ ٿي ويو ۽ وڏي آواز سان چيائين تہ مان ٻت پرست هئس تہ مرڻ کان پوءِ جهنّم جي وادين ۾ داخل ڪيو ويو هئس، تنهن ڪري اوهان ماڻهن کي عذابِ الٰهي کان ڊڄاريندي الله تعاليٰ تہ ايمان آڻڻ جي دعوت ڏيان ٿو ۽ توهان ماڻهن کي نصيحت ڪيان ٿو تہ خدا جي پيغمبر حضرت عيسٰي عَلَيْهِ السَّلَام تي ڪلمو پڙهي انهن ٽنهي مبلغن جي ڳالهہ مڃي انهن سان سٺو سلوڪ ڪريو ڇوتہ اهي ٽئي حضرت عيسٰي عَلَيْهِ السَّلَام جا حواري ۽ انهن جا قاصد آهن.

اهو منظر ڏسي ۽ مڙدي جي تقرير ٻڌي سڀ حيران ٿي ويا، ايتري ۾ حبيب نجار بہ پڄندي پهچي ويا ۽ انهن بہ بادشاهہ ۽ سڄي شهر وارن کي مبلغن جي تصديق جي لاءِ زبردست تقرير ڪري راضي ڪيو ايستائين جو بادشاهہ ۽ ان جا تمام درٻارين ايمان جي دعوت کي قبول ڪيائون ۽ سڀئي صاحبِ ايمان ٿي ويا،

پر ڪجھ منحوس ماڻھو جيڪي بتن جي محبت ۾ عقل ۽ ھوش وڃائي ويٺا ھئا انھن ايمان نہ آندو، بلڪ حبيب نجار کي قتل ڪيو تہ انھن بدبختن تي عذاب آيو ۽ عذابِ الٰھي سبب ھلاڪ ڪيا ويا. (صاوي ج 5 ص 1708، 1710 پ 22 يٰس: 13)

ھن واقعي کي قرآن شريف ھنن لفظن سان بيان فرمايو آھي:

وَاضْرِبْ لَهُمْ مَّثَلًا اَصْحٰبَ الْقَرْيَةِ ۘ اِذْ جَآءَهَا الْمُرْسَلُوْنَ ﴿۱۳﴾ اِذْ اَرْسَلْنَآ اِلَيْهِمُ اثْنَيْنِ فَكَذَّبُوْهُمَا فَعَزَّزْنَا بِثَالِثٍ فَقَالُوْٓا اِنَّآ اِلَيْكُمْ مُّرْسَلُوْنَ ﴿۱۴﴾ قَالُوْا مَآ اَنْتُمْ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُنَا ۙ وَمَآ اَنْزَلَ الرَّحْمٰنُ مِنْ شَيْءٍ ۙ اِنْ اَنْتُمْ اِلَّا تَكْذِبُوْنَ ﴿۱۵﴾ قَالُوْا رَبُّنَا يَعْلَمُ اِنَّآ اِلَيْكُمْ لَمُرْسَلُوْنَ ﴿۱۶﴾ وَمَا عَلَيْنَآ اِلَّا الْبَلٰغُ الْمُبِيْنُ ﴿۱۷﴾ قَالُوْٓا اِنَّا تَطَيَّرْنَا بِكُمْ ۚ لَئِنْ لَّمْ تَنْتَهُوْا لَنَرْجُمَنَّكُمْ وَلَيَمَسَّنَّكُمْ مِّنَّا عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿۱۸﴾ قَالُوْا طَآئِرُكُمْ مَّعَكُمْ ۭ اَئِنْ ذُكِّرْتُمْ ۭ بَلْ اَنْتُمْ قَوْمٌ مُّسْرِفُوْنَ ﴿۱۹﴾ وَجَآءَ مِنْ اَقْصَا الْمَدِيْنَةِ رَجُلٌ يَّسْعٰى قَالَ يٰقَوْمِ اتَّبِعُوا الْمُرْسَلِيْنَ ﴿۲۰﴾ اتَّبِعُوْا مَنْ لَّا يَسْـَٔلُكُمْ اَجْرًا وَّهُمْ مُّهْتَدُوْنَ ﴿۲۱﴾ (پ 22 يٰس: 13 تا 21)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ انھن سان نشانيون بيان ڪري ڇڏ ان شھر وارن جي جڏھن انھن وٽ موڪليل آيا، جڏھن اسان انھن جي طرف ٻہ موڪليا پوءِ انھن کي ڪوڙو چيائون تہ اسان انھن جي تائيد ڪئي ٽئين سان، انھن سمورن اچي چيو اسان توھان جي طرف موڪليل آھيون (جواب ۾) چيائون توھان تہ اسان جھڙا ئي انسان آھيو ۽ رحمن ڪجھ بہ نازل نہ ڪيو آھي توھان تہ صفا ڪوڙا آھيو. انھن چيو اسان جو رب ڄاڻي ٿو تہ بيشڪ ضرور اسان توھان جي طرف موڪليا ويا آھيون ۽ اسان جي ذمي نہ آھي مگر صاف

پهچائي چڏڻ، چوڻ لڳا اسان توهان کي منحوس سمجهون ٿا. بيشڪ جيڪڏهن توهان نہ مڙيؤ تہ ضرور اسان توهان کي پٿرن سان چٿينداسي ۽ بيشڪ اسان جي هٿان توهان تي تڪليف ڏيندڙ سزا پهچندي انهن فرمايو توهان جي نحوست تہ توهان سان گڏ آهي. توهان ان تي ٿهو ٿا جو توهانکي نصيحت ڪئي ويئي بلڪ توهان حد کان لگهندڙ ماڻهو آهيو ۽ شهر جي پرين ڇيڙي کان هڪ مرد ڊوڙندو آيو. چيائين اي منهنجي قوم پيروي ڪريو موڪليلن جي، اهڙن جي پيروي ڪريو جيڪي توهان کان مزدوري نہ ٿا گهرن ۽ اهي سڌي واٽ تي آهن.

**درس هدايت:** حضرت عيسٰي عَلَيْهِ السَّلَام جي ٽنهي مبلغن يعني صادق و مصدوق ۽ شمعون جي واقعي ۽ دين جي تبليغ جي راهہ ۾ انهن جون تڪليفون سهڻ ۽ قيد وبند جي مصيبتن ۽ سنگين ڌمڪين کي ڏسي اهو سبق ملي ٿو تہ تبليغ دين ڪرڻ وارن کي وڏين وڏين مصيبتن ۽ مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو، پر ماڻهو جڏهن هن راهہ ۾ مستقل مزاج بڻجي ثابت قدم رهندو آهي ۽ صبر ۽ تحمل سان ديني ڪم ۾ لڳل رهندو آهي تہ الله تعالٰي غيب مان انهن جي ڪاميابي جو ذريعو پيدا ڪندو آهي، اهو ﴿مُقَلِّبُ الْقُلُوْب﴾ ۽ هادي آهي اهو گهڙي کن ۾ منڪرن جي دلين کي بدلي ڇڏيندو آهي ۽ دلين تان گمراهي کي دور ڪري هدايت جو نور بخشيندو آهي.

﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰى اَعْلَم﴾

## ﴿55﴾ سرسبز باغ منٽن ۾ برباد

حضرت عيسٰي عَلَيْهِ السَّلَام جي آسمان تي وڃڻ کان ڪجهہ ڏينهن بعد جو واقعو آهي، يمن ۾ "صنعا" شهر کان ٻہ ڪوهہ پري هڪ باغ هو جنهن جو نالو "ضردان" هو، ان باغ جو مالڪ هڪ نيڪ ۽ سخي ماڻهو هو، ان جي عادت هئي تہ ميوا پٽڻ وقت فقيرن ۽ مسڪينن

كي سڏيندو هو ۽ اعلان كندو هو تہ جيكي ميوا هَوا جي سبب هيٺ كري پون يا اسان جي جهولي كان جدا كرن اهي سڀ اوهان كڻي وڃو، اهڙي طرح باغ مان كافي ميوا فقيرن ۽ مسكينن كي ملي ويندا هئا، باغ جو مالك مري ويو تہ ان جا ٽي پٽ ان باغ جا مالك ٿيا پر ٽئي بخيل هئا، انهن پاڻ ۾ طئي كيو تہ جيكڏهن فقيرن ۽ مِسكينن كي سڏينداسين تہ كافي ميوا اهي كڻي ويندا، اسان جي اهل ۽ عيال جي روزي ۾ تنگي اچي ويندي، انهن ٽنهي ڀائرن قسم كڻي پاڻ ۾ اهو طئي كيو تہ سج اڀرڻ كان پهريان ئي اسان باغ مان ميوا ٽوڙي ونداسين تہ جيئن فقيرن ۽ مسكينن كي خبر ئي نہ پوي، انهن جي بدنيّتي جي نحوست اهو برو اثر ڏيكاريو جو اوچتو رات جو الله تعاليٰ باغ ۾ باهہ موكلي جنهن سڄي باغ كي ساڙي ختم كري ڇڏيو ۽ انهن كي خبر ئي نہ پئي، اهي ٽئي پنهنجي منصوبي جي مطابق رات جي آخري حصي ۾ نهايت خاموشي سان ميوا پٽڻ جي لاءِ روانا ٿيا ۽ راهہ ۾ هوريان هوريان ڳالهيون كري رهيا هئا تہ جيئن فقيرن ۽ مسكينن كي خبر نہ پوي، پر جڏهن اهي باغ ۾ داخل ٿيا تہ اتي سڙيل وڻ ڏسي حيران رهجي ويا، هك چيو تہ اسان رستو وسري كنهن ٻي جڳهہ اچي ويا آهيون، پر انهن ۾ جيكو ٻين ڀائرن كان كجهہ نيك هو ان چيو تہ اسان رستو نہ وساريو آهي، بلك الله تعاليٰ اسان كي ميون كان محروم كيو آهي انهيءَ كري توهان ربّ تعاليٰ جي تسبيح كيو تہ انهن سيني اهو پڙهڻ شروع كيو:

﴿سُبۡحٰنَ رَبِّنَاۤ اِنَّا كُنَّا ظٰلِمِيۡنَ ﴿۲۹﴾﴾ يعني اسان جي رب جي لاءِ پاكي آهي اسان يقينن ظالم آهيون. اسان فقيرن ۽ مسكينن جو حق كسيو پوءِ

www.dawateislami.net

اهي ٿئي پائر هڪ ٻئي کي ملامت ڪرڻ لڳا ۽ آخر ۾ چوڻ لڳا تہ

عَسٰی رَبُّنَاۤ اَنۡ یُّبۡدِلَنَا خَیۡرًا مِّنۡہَاۤ اِنَّاۤ اِلٰی رَبِّنَا رٰغِبُوۡنَ ﴿۳۲﴾

**ترجموڪنزالايمان:** اميد آهي اسان جو رب هن کان ڀلو ڏي اسان پنهنجي رب جي طرف رغبت رکون ٿا. (پ 29 القلم 32)

حضرت عبدالله بن مسعود رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمايو تہ انهن ماڻهن سچي دل سان توبہ ڪئي تہ الله تعالٰي انهن جي توبہ قبول ڪئي ۽ پوءِ انهن ماڻهن کي ان جي بدلي ۾ هڪ ٻيو باغ عطا ڪيو ويو جنهن ۾تمام گهڻا ۽ وڏا وڏا ميوا ٿيندا هئا، ان باغ جو نالو ”حيوان“ هو ان ۾ هڪ انگور ايترو وڏو ٿيندو جو ان جو گچو هڪ خچر تي ايندو هو، ابو خالد يماني جو بيان آهي تہ مان ان باغ ۾ ويو هئس ۽ ڏٺو تہ ان باغ ۾ انگورن جا گچا حبشي ماڻهو جي برابر هئا.

(صاوي ج 6 ص 2216، پ 29، القلم: 32)

**درس هدايت:** هن واقعي مان سبق مليو تہ سخاوت ۽ نيڪ نِيّتي جو اثر مال ۾ خيرو برڪت ۽ مال ۾ ڪثرت آهي، بخل ۽ بدنِيّتي جو ثمر مال جي هلاڪت ۽ بربادي آهي ۽ اها بہ خبر پئي تہ سچي توبہ ڪرڻ سان الله تعالٰي زائل ٿيل نعمت کان وڌي ۽ وڌيڪ نعمت عطا فرمائيندو آهي، سچ آهي تہ

ذٰلِکَ فَضۡلُ اللّٰہِ یُؤۡتِیۡہِ مَنۡ یَّشَآءُ ؕ وَ اللّٰہُ ذُو الۡفَضۡلِ الۡعَظِیۡمِ

## ﴿56﴾ داؤد عَلَيْهِ السَّلَام جي بارگاهہ ۾ هڪ عجيب مقدمو

حضرت داؤد عَلَيْهِ السَّلَام جون نوانوي گهرواريون هيون، ان کان پوءِ اوهان هڪ ٻي عورت کي نڪاح جو پيغام ڏنو، جنهن کي هڪ مسلمان اڳ ۾ ئي پيغام ڏنو هو پر اوهان جو پيغام پهچڻ کان پوءِ عورت جا وارث ٻئي ڪنهن ڏانهن ڪيئن ۽ ڪڏهن توجهہ

ڪندا؟ اوهان سان نڪاح تي ويو، اها ڳالهه ته نه شرعاً ناجائز هئي نه ئي ان زماني جي رسم ورواج جي خلاف هئي، پر حضرات انبياء ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام جو شان بيحد اعليٰ ۽ مٿانهون هوندو آهي، اهو اوهان جي منصب عالي جي مناسب نه هو، انهيءَ ڪري خدا جي مرضي اها ٿي ته اوهان کي متنبہ ۽ آگاهه ڪيو وڃي.

ان جو ذريعو ائين ٿيو جو ملائڪ مُدعي ۽ مُدعا عليه بڻجي اوهان جي دربار ۾ هڪ مقدمو کڻي آيا ۽ دروازي مان داخل ٿيڻ بدران ڀت ٽپي مسجد ۾ آيا، اوهان انهن کي ڀت ٽپندي ڏسي ٿورو گهبرائجي ويا، ته ملائڪن چيو: اوهان گهبرايو نه، اسان ٻه ڌريون آهيون هڪ ٻي تي زيادتي ڪئي آهي، تنهن ڪري اوهان اسان جو صحيح فيصلو ڪريو ۽ اسان کي سڌي واٽ تي هلايو، اسان جو مقدمو هي آهي: منهنجو ڀاء آهي هن وٽ نوانوي دنبيون آهن ۽ مون وٽ هڪ ئي دنبي آهي، هاڻي اهو چوي ٿو ته تون پنهنجي اها دنبي به منهنجي حوالي ڪر ۽ هن ڳالهه جي ڪري مون تي دٻاءُ وجهي پيو، اهو ٻڌي حضرت داؤد عَلَيۡهِ السَّلَام اهو فيصلو فرمائي ڇڏيو ته بيشڪ اها زيادتي آهي جو اهو تنهنجي دنبي کي پنهنجي دنبين ۾ ملائڻ چاهي ٿو هن ۾ ڪو شڪ ناهي ته اڪثر ڀائيوار يا حصيدار هڪ ٻئي تي زيادتي ڪندا رهندا آهن، سواءِ ايمان وارن ۽ نيڪ ماڻهن جي، ۽ اهڙن جو تعداد تمام گهٽ آهي، مقدمي جو فيصلو ٻڌائي حضرت داؤد عَلَيۡهِ السَّلَام کي سمجھ ۾ آيو ته هن مقدمي جو اصل حقيقت ۾ اهو منهنجو امتحان آهي، پوءِ هڪدم پاڻ سجدي ۾ ويا ۽ ربّ تعاليٰ کان معافي گهرڻ لڳا ته الله تعاليٰ اوهان کي معاف ڪري ڇڏيو، قرآن شريف ۾ آهي:

www.dawateislami.net

فَغَفَرْنَا لَهٗ ذٰلِكَ ؕ وَ اِنَّ لَهٗ عِنْدَنَا لَزُلْفٰى وَ حُسْنَ مَاٰبٍ ﴿۲۵﴾ یٰدَاوٗدُ اِنَّا جَعَلْنٰكَ خَلِیْفَةً فِی الْاَرْضِ فَاحْكُمْ بَیْنَ النَّاسِ بِالْحَقِّ وَ لَا تَتَّبِعِ الْهَوٰى فَیُضِلَّكَ عَنْ سَبِیْلِ اللّٰهِ ؕ (پ 23 ص 25، 26)

**ترجموڪنزالايمان:** پوءِ اسان ان کي معاف فرمايو ۽ بيشڪ ان جي واسطي اسان جي بارگاهه ۾ يقيناً قرب ۽ چڱي جاءِ آهي، اي داؤد بيشڪ اسان توکي زمين ۾ خليفو ڪيو پوءِ ماڻهن ۾ سچو فيصلو ڪر ۽ خواهش جو پوئلڳ نه ٿيءُ جو توکي الله جي راهه کان ڀٽڪائي ڇڏي.

**درس هدايت:** انبياء ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جو شان نهايت عظيم الشان آهي، تنهنڪري معمولي ۽ ننڍين ڳالهين تي به خداوند قدوس جي طرفان انهن کي آگاهه ڪيو ويندو آهي، ۽ مقدس هستيون به ربّ تعالٰي جون ايتريون ته فرمانبردار ۽ نِوڙَت واريون آهن جو هڪدم ربّ تعاليٰ جي بارگاهه ۾ سجدي ۾ وڃي پنهنجي معافي جي دعا گهرڻ لڳن ٿيون، مشهور چوٽي آهي: ﴿حَسَنَاتُ الْاَبْرَارِ سَیِّئَاتُ الْمُقَرَّبِیْنَ﴾ يعني نيڪ ماڻهن جون نيڪيون مُقَرَّبِين جي لاءِ خطائن جو درجو رکي ٿيون. چو نه هجن.

جن کے رتبے ہیں سوا　　اُن کو سوا مشکل ہے

## ﴿57﴾ ان شاءَالله نه چوڻ جو نقصان

حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام جون نوانوي گهرواريون هيون، هڪ ڀيري اوهان فرمايو ته مان سڄي رات پنهنجي نوانوي گهروارين وٽ وڃي ملندس ۽ سڀني مان هڪ هڪ ڇوڪرو پيدا ٿيندو ته منهنجا اهي سڀ ڇوڪرا الله جي راهه ۾ گهوڙن تي چڙهي جهاد ڪندا، پر اهو فرمائڻ وقت اوهان اِنْ شَآءَاللّٰه نه چيو، غالبًا ان وقت

اوهان اهڙي مصروفيت ۾ هئا جو ان جو خيال نہ رهيو، انْ شآءَ اللّٰہُ چئڻ جو اهو اثر ٿيو جو صرف هڪ عورت پيٽ سان ٿي ۽ ان کي بہ هڪ ناقص الخلقت (ڪچو ٻار) ٿيو. حضور خَاتَمُ النَّبِيِين صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪڏهن اِنْ شَآءَاللّٰہ چوي ها تہ سيني عورتن مان چوڪرا پيدا ٿين ها ۽ راهِ خدا ۾ جِهاد ڪن ها .

(بخاري ڪتاب الجهاد، ج 4 ص 22 رقم 2819)

قرآن شريف ۾ هن واقعي کي اجمالي طور مختصر طريقي سان هن طرح بيان ڪيو آهي:

وَلَقَدْ فَتَنَّا سُلَيْمٰنَ وَ اَلْقَيْنَا عَلٰى كُرْسِيِّهٖ جَسَدًا ثُمَّ اَنَابَ ﴿۳۴﴾ قَالَ رَبِّ اغْفِرْلِيْ وَهَبْ لِيْ مُلْكًا لَّا يَنْۢبَغِيْ لِاَحَدٍ مِّنْۢ بَعْدِيْۚ اِنَّكَ اَنْتَ الْوَهَّابُ ﴿۳۵﴾

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ تحقيق اسان سليمان کي پرکيو ۽ ان جي تخت تي هڪ بي ساهہ جسم ڦٽي ڪيوسي پوءِ رجوع ڪيائين، عرض ڪيائين اي منهنجا رب مونکي بخش ۽ مونکي اهڙي بادشاهي عطا ڪر جو مون کان پوءِ ڪنهن کي بہ لائق نہ هجي بيشڪ تون ئي آهين وڏو عطا ڪرڻ وارو.

(پ 23 ص: 34، 35)

**درس هدايت:** هن قرآني واقعي مان اهو سبق مليو تہ مسلمان تي لازم آهي تہ آئنده جي لاءِ جيڪو بہ ڪم ڪري تہ اِنْ شَآءَاللّٰہ تعالٰي ضرور چئي، هن مقدس جملي چوڻ سان وڏي اميد آهي تہ اهو ڪم ٿي ويجي، ۽ اِنْ شَآءَاللّٰہ نہ چوڻ جو انجام سراسر نقصان ناڪامي ۽ محرومي آهي، غور ڪيو! حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام جيڪي ربّ تعالٰي جا پيارا نبي ۽ بي مثل بادشاهہ آهن پر لاشعوري ۾ انهن اِنْ شَآءَاللّٰہ چوڻ ڇڏي ڏنو تہ انهن جو مقصد جيڪو اعلٰي درجي جي عبادت هئي پورو نہ ٿيو، هن ڳالهہ تي نهايت افسرده ۽ رنجيده ٿي

ربّ تعالٰي ڏانهن رجوع ڪيو ۽ پنهنجي بخشش جي دعا گهرڻ لڳا، پوءِ اسان گنهگارن جو ڪهڙو حال ٿيندو؟ هاڻي جيڪڏهن اسان توهان اِنْ شَآءَاللّٰه چوڻ ڇڏي ڏينداسين ته اسان پنهنجي مقصد ۾ ڪيئن ڪامياب ٿينداسين؟ ان ڪري اِنْ شَآءَاللّٰه چوڻ ضرور ياد رکو، چوته اللّٰه تعالٰي اسان جي رسولِ مقبول حضور خَاتَمُ النَّبِيّن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي قرآن شريف ۾ وڏي تاڪيد سان اهو حڪم ڏنو آهي ته آئنده جي لاءِ جيڪو ڪم به ڪرڻ لاءِ چئو ته ضرور ”اِنْ شَآءَ اللّٰه“ چئو. جيئن اللّٰه تعالٰي پنهنجي حبيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اهو حڪم فرمايو:

وَ لَا تَقُوْلَنَّ لِشَایْءٍ اِنِّیْ فَاعِلٌ

ذٰلِكَ غَدًا ﴿۲۳﴾ اِلَّاۤ اَنْ یَّشَآءَ اللّٰهُ ۫ وَاذْكُرْ رَّبَّكَ اِذَا نَسِیْتَ

(پ 15 الڪهف 23، 24)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ ڪنهن به ڳالهه جي لاءِ هرگز نه چئو ته مان سڀاڻي هي ڪندس مگر هي ته اللّٰه گهري ۽ پنهنجي رب کي ياد ڪر جڏهن تون وساري ويهين.

## ﴿58﴾ اَصحابِ الاُخدود جا ظلم

”اصحاب الأخدود“ جي باري ۾ مفسرن جو اختلاف آهي ته اهي ڪير هئا؟ ۽ انهن جو واقعو ڇا آهي؟ ان باري ۾ حضرت صُهيب رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي ته اڳين امتن ۾ هڪ بادشاهه جيڪو خدائي جي دعويٰ ڪندو هو ۽ هڪ جادوگر ان جي دربار جو نهايت مقرب هو، هڪ ڏينهن جادوگر بادشاهه کي چيو ته مان هاڻي پوڙهو ٿي چڪو آهيان، تنهنڪري توهان هڪ ڇوڪري کي مون وٽ موڪليو ته جيئن مان ان کي پنهنجو جادو سيکاريان، بادشاهه هڪ

هوشيار ڇوڪري ڪي جادوگر وٽ موڪليو، ڇوڪرو روزانو جادوگر وٽ اچڻ وڃڻ لڳو پر واٽ ۾ هڪ ايماندار راهب رهندو هو، ڇوڪرو هڪ ڏينهن راهب وٽ ويٺو تہ ان کي راهب جون ڳالهيون بيحد پسند آيون، پوءِ ڇوڪرو جادوگر وٽ ايندي ويندي روزانو راهب وٽ ويهڻ لڳو، هڪ ڏينهن ڇوڪري ڏٺو هڪ وڏو ۽ خوفناڪ جانور انسانن جو رستو روڪي بيٺو آهي، ڇوڪري اهو منظر ڏسي پنهنجي دل ۾ چيو تہ اڄ اهو ظاهر ٿي ويندو تہ جادوگر افضل آهي يا راهِب؟ ڇوڪري پٿر کڻي اها دعا گهري: ياالله عَزَّوَجَلَّ! جيڪڏهن تنهنجي دربار ۾هي مذهب جادوگر کان وڌيڪ مقبول۽ محبوب آهي تہ ان جانور کي هن پٿر سان هلاڪ ڪري ڇڏ، اها دعا گهري ڇوڪري اهو پٿر جانور کي هنيو تہ اهو وڏو جانور هڪ ننڍي پٿر سان قتل ٿي مري ويو ۽ ماڻهن جي لاءِ رستو کلي ويو.

ڇوڪري راهب کي پورو واقعو بيان ڪيو تہ راهب چيو: اي ڇوڪرا! خدا عَزَّوَجَلَّ جي دربار ۾تنهنجو مرتبو بلند ٿي ويو آهي، تنهنڪري جلد ئي تون امتحان ۾ مبتلا ٿيندين، ڪنهن کي منهنجو پتو نہ ٻڌائجو ۽ امتحان جي وقت صبر ڪجان، ان کان پوءِ اهو ڇوڪرو ايتري قدر صاحبِ ڪرامت ٿي ويو جو ان جي دعائن سان مادر زاد انڌا ۽ ڪوڙهي شفاياب ٿيڻ لڳا، آهستہ آهستہ بادشاهہ جي دربار ۾ان جو چرچو ٿيڻ لڳو تہ بادشاهہ جو هڪ بيحد مقرب ساٿي جيڪو انڌو ٿي ويو هو،ان ڇوڪري وٽ ڪافي تحفا کڻي حاضر ٿيو ۽ پنهنجي اکين جي روشني جي لاءِ دعا جو طالب ٿيو، تہ ڇوڪري چيو: جيڪڏهن تون الله تعالٰي تي ايمان آڻين تہ مان تنهنجي لاءِ دعا گهرندس، پوءِ ان ايمان قبول ڪيو ۽ ڇوڪري

www.dawateislami.net

ان جي لاءِ دعا گهري تہ هڪدم ان جون اکيون روشن ٿي ويون ۽ بادشاهہ جي دربار ۾ ويو تہ بادشاهہ پڇيو تہ تنهنجي اکين ۾ روشني ڪيئن آئي؟ تہ مقرب ساٿي جواب ڏنو: منهنجي ربّ مون کي روشني عطا فرمائي آهي، بادشاهہ ڪاوڙ ۾ چوڻ لڳو تہ ڇا مون ڪان سواءِ بہ تنهنجو ڪو رب آهي؟ ان چيو ها، **الله تعالٰي** منهنجو ۽ تنهنجو ٻنهي جو ربّ آهي، بادشاهہ ان کي طرح طرح جون سزائون ڏئي پڇا ڪيو تہ تو کي اهو ڪنهن ٻڌايو؟ تہ ان ڇوڪري بابت ٻڌائي ڇڏيو، پوءِ بادشاهہ ان ڇوڪري کي قيد ڪري ايترو ماريو جو ان راهب جو نالو ٻڌائي ڇڏيو، بادشاهہ راهب کي گرفتار ڪرائي ان کي چيو تہ تون پنهنجو عقيدو ڇڏي ڏئي، پر راهب صاف صاف چئي ڏنو تہ مان پنهنجي عقيدي تي آخري پساهن تائين قائم رهندس، اهو ٻڌي بادشاهہ ڪاوڙ ۾ باهہ ٿي ويو ۽ ان راهب جي مٿي تي آرو هلائي ان جا بہ ٽڪر ڪري ڇڏيا، ان ڪان پوءِ بادشاهہ پنهنجي مقرب ساٿي جي مٿي تي آرو هلرائي ڇڏيو، پوءِ ڇوڪري کي سپاهين جي حوالي ڪيو ۽ ان کي حڪم ڏنو تہ هن کي جبل جي چوٽي تي ڪٽي وڃو ۽ مٿان ڪان اڇلائي ڇڏيو، ڇوڪري جبل تي چڙهي دعا گهري تہ هڪ زلزلو آيو ۽ بادشاهہ جا سپاهي زلزلي جي جهٽڪن سان مري ويا ۽ ڇوڪرو سلامتي سان وري بادشاهہ جي سامهون بيهي رهيو، پيهر بادشاهہ غيظ و غضب ۾ اچي حڪم ڏنو تہ هن ڇوڪري کي ڪشتي ۾ ويهاري سمنڊ ۾ڪٽي وڃو ۽ سمنڊ جي گهرائيءَ ۾ هن کي اڇلائي ڇڏيو، بادشاهہ جا سپاهي ڪشتي ۾ ويهاري ان کي ڪٽي ويا پوءِ جڏهن ڇوڪري دعا گهري تہ ڪشتي غرق ٿي وئي ۽ سڀ سپاهي

مري ويا ۽ ڇوڪرو بادشاھ جي سامهون صحيح سلامت اچي بيٺو، تہ پوءِ بادشاھ حيران ٿي ويو ۽ ڇوڪري بادشاھ کي چيو تہ تون مون کي شهيد ڪرڻ ٿي چاهين ٿو تہ ان جي صرف هڪ صورت آهي تون مون کي سولي تي چاڙهي ۽ اهو پڙهي مون کي تير هڻ ﴿بِسۡمِ اللّٰهِ رَبِّ الۡغُلَامِ﴾ پوءِ انهيءَ ترڪيب سان بادشاھ ان ڇوڪري کي تير هڻي شهيد ڪري ڇڏيو.

اهو منظر ڏسي هزارن جي ميڙ وڏي آواز سان اهو اعلان ڪيو تہ اسان هن ڇوڪري جي ربّ تي ايمان آندو آهي، بادشاھ ڪاوڙ ۾ ڇريو ٿي ويو ۽ ان کڏ کوٽرائي ان ۾ باھ لڳائي، جڏهن باھ جا شعلا خوب بلند ٿيا تہ ان ايمان وارن کي گرفتار ڪري انهن کي باھ ۾ وجهڻ شروع ڪيو، ايستائين جو ستهتر مؤمنن کي ان باھ ۾ وجهي ڇڏيو، آخر ۾ هڪ ايمان واري عورت پنهنجي هنج ۾ ٻار کي کڻي آئي ۽ جڏهن بادشاھ ان کي باھ ۾ وجهڻ جو ارادو ڪيو تہ اها ڪجھ گھٻرائي تہ ان جي کير پياڪ ٻار چيو: اي منهنجي امڙ! صبر ڪر، تون حق تي آهين، ٻار جا لفظ ٻڌي ان جي امڙ جو ايماني جذبو بيدار ٿي ويو ۽ اها مطمئن ٿي وئي، پوءِ ظالم بادشاھ ان مؤمنہ کي بہ ان ٻار سان گڏ باھ ۾ اڇلائي ڇڏيو.

بادشاھ ۽ ان جا ساٿي خندق جي ڪناري ڪرسين تي ويهي مؤمنن جو باھ ۾ سڙڻ وارو منظر ڏسي رهيا هئا ۽ پنهنجي ڪاميابي تي خوشي ملهائي رهيا هئا، وڏا ٺهڪ ڏئي کلي رهيا هئا تہ اوچتو هڪدم قهرِ الٰهي انهن ظالمن کي پنهنجي پڪڙ ۾ ورتو، ۽ ٿيو اهو جو خندق جي باھ جا شعلا ايترا بلند ٿيا جو بادشاھ ۽ ان جي ساٿين کي پنهنجي لپيٽ ۾ وٺي ورتو ۽ سڀ جا

سپ گهڙي کن ۾ سڙي خاڪ جو ڍير ٿي ويا ۽ باقي بيٺن سيني مؤمنن کي الله تعاليٰ ڪافرن ۽ ظالمن جي شر کان بچائي ورتو.
(صاوي ج 6 ص2339، 2340، پ 30 البروج 4، 7)

هن واقعي کي الله تعاليٰ قرآن شريف ۾ هنن لفظن سان بيان فرمايو آهي:

قُتِلَ اَصۡحٰبُ الۡاُخۡدُوۡدِ ۙ﴿۴﴾ النَّارِ ذَاتِ الۡوَقُوۡدِ ۙ﴿۵﴾ اِذۡ هُمۡ عَلَيۡهَا قُعُوۡدٌ ۙ﴿۶﴾ وَّهُمۡ عَلٰى مَا يَفۡعَلُوۡنَ بِالۡمُؤۡمِنِيۡنَ شُهُوۡدٌ ؕ﴿۷﴾ (پ 30 البروج 4، 7)

**ترجموڪنزالايمان:** ڪاهي وارن تي لعنت هجي ان ڀڙڪندڙ باهه وارا جڏهن اهي ان جي ڪنارن تي ويٺا هئا ۽ اهي پاڻ شاهد آهن جو ڪجهه مسلمانن سان ڪري رهيا هئا.

**درسِ هدايت:** (1) هن واقعي مان اهو سبق ملي ٿو ته عام طور خدا جي طرفان امتحان ٿيندو آهي ۽ امتحان جي وقت مؤمنن جو مصيبتن ۽ مشڪلاتن تي صبر ۽ شڪر ڪرڻ ئي امتحان جي ڪاميابي آهي (2) اها به خبر پئي ته ڪامل ايمان جي اها نشاني آهي ته مؤمن خدا جي راهه ۾اچڻ وارين مصيبتن ۽تڪليفن کان گهٻرائي ڪڏهن به ان ۾بدتر جو شڪار ناهي ٿيندو، بلڪ مؤمن چاهي گلن جو سيج هجي يا تلوار جي سامهون، پاڻي ۾ غرق ڪيو وڃي يا باهه جي شعلن ۾ساڙيو وڃي، هرحال ۾ هرصورت ۾اهو پنهنجي ايمان تي استقامت ۽ استقلال سان جبل جيان قائم رهندو آهي ۽ ان جو خاتمو ايمان تي ٿيندو آهي، اها ايتري عظيم سعادت آهي جنهن کي نصيب ٿئي ان جي پلن نصيبن جا ڪهڙي ڳالهه ڪجي ۽ اهو خدا عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ اهڙو قرب حاصل ڪندو آهي جو آسمان جا ملائڪ به ان بلند مقام

www.dawateislami.net

جي عظمت جي واکاڻ ۾ ساراهه ڪندا رهندا آهن.

## ﴿59﴾ چار قابل عبرت عورتون

**واهلہ:** اها حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام جي گهرواري هئي، هن کي هڪ سچي نبي جي زال ٿيڻ جو شرف حاصل ٿيو ۽ عرصي تائين اها الله تعالٰي جي نبي جي صحبت سان سرفراز ٿي، پر ان جي بدنصيبي قابل عبرت آهي جو ان کي ايمان نصيب نہ ٿيو، بلڪ اها حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام جي دشمني ۾ سندن توهين ۽ بي ادبي جي ڪري بي ايمان ٿي مري وئي ۽ جهنّم ۾ داخل ٿي.

اها هميشہ پنهنجي قوم ۾ ڪوڙو پروپئگنڊا ڪندي هئي تہ حضرت نوحعَلَيْهِ السَّلَاممجنون ۽ پاڳل آهن، ان ڪري ان جي ڳالهہ نہ مڃو.

**واعلہ:** اها حضرت لوط عَلَيْهِ السَّلَام جي گهرواريءَ هئي، اها بہ الله جي جليل القدر نبي عَلَيْهِ السَّلَام جي زوجيت ۽ صحبت سان عرصي تائين سرفراز ٿي پر هن تي بدنصيبي جو اهڙو شيطان سوار ٿيو جو سچي دل سان ڪڏهن بہ ايمان نہ آندو، بلڪ سڄي عمر منافقہ ئي رهي ۽ پنهنجي نفاق کي لڪائيندي رهي، جڏهن قوم لوط تي عذاب آيو ۽ پٿرن جي برسات ٿيڻ لڳي، ان وقت حضرت لوط عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجي گهروارن ۽ مؤمنن کي گڏ وٺي آباديءَ کان ٻاهر هليا ويا، واعلہ بہ اوهان سان گڏ هئي، پاڻ فرمايو هو تہ ڪو بہ آباديءَ ڏانهن نہ ڏسي، نہ تہ اهو بہ عذاب ۾ مبتلا ٿي ويندو، پوءِ اوهان سان جيڪي بہ گڏ هيا، انهن مان ڪنهن بہ آباديءَ ڏانهن نہ ڏٺو ۽ سڀ عذاب کان محفوظ رهيا پر واعلہ جيئن تہ منافقہ هئي ان حضرت لوط عَلَيْهِ السَّلَام جي فرمان کي نہ مڃي آباديءَ ڏانهن ڏسي ورتو ۽ شهر

ڪي اٿل پٿل ٿيندي ڏسي دانهون ڪرڻ لڳي ته ”يَاقومَاه“ هاءِ منهنجي قوم! اهي لفظ زبان تان نڪرندي ئي اوچتو عذاب جو هڪ پٿر ان کي به اچي لڳو ۽ اها به هلاڪ ٿي جهنّم ۾ وڃي پهتي.

**آسِيه:** آسيه بنت مَزاحم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهَا فرعون جي گهرواري هئي فرعون ته حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جو بدترين دشمن هو، پر آسيه جادوگرن کي حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جي مقابلي ۾ مغلوب ٿيندي ڏٺو ته هڪدم ان جي دل ۾ ايمان جو نور چمڪيو ۽ ان ايمان قبول ڪيو. جڏهن فرعون کي اها خبر پئي ته ان طرح طرح جون سزائون ۽ گهٽي مارڪٽ کان پوءِ چوميخا يعني چار ميخون (لوهه جون ڪِليون) نوڪي حضرت آسيه رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جي چئني هٿن پيرن کي چئني ڪلين ۾ اهڙي طرح جڪڙيو جو اها چُري به نه سگهندي هئي ۽ اُس جي تپش ۾ سيني تي وزني پٿر رکي ڇڏيندو هو ۽ داڻو پاڻي بند ڪيو هو، پر انهن مصيبتن ۽ تڪليفن جي باوجود اها پنهنجي ايمان تي قائم دائم رهي ۽ فرعون جي ڪفر کان خدا جي پناهه ۽ جنّت جون دعائون گهرندي رهي، ۽ انهيءَ حالت ۾ انهن جو خاتمو بالخير ٿيو ۽ ابن ڪيسان جو قول آهي ته اها زنده ئي جنت ۾ پهچائي وئي.

**مريم:** مريم بنت عمران رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهَا حضرت عيسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام جي والده آهي، جيئن ته حضرت عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام انهن جي پيٽان بنا پيءُ جي پيدا ٿيا، انهيءَ ڪري قوم وارن طعنا هنيا ۽ بدگوئيون ڪندي انهن کي گهٽيون تڪليفون ڏنيون پر اهي صبر ڪندي رهي پوءِ ايڏن وڏن مرتبنءِ درجن تي فائز ٿيون جو خداوند قدوس

www.dawateislami.net

قرآن شريف ۾ انهن جي ساراهه ۾ بار بار خطبو ارشاد فرمايو آهي، انهن چئني عورتن بابت قرآن شريف سوره تحريم ۾ آهي، جنهن جو ترجمو هي آهي:

”الله تعاليٰ ڪافرن جو مثال بيان فرمائي ٿو، جئين حضرت نوح (عَلَيْهِ السَّلَام) جي زال (واهلہ) ۽ لوط (عَلَيْهِ السَّلَام) جي زال (واعلہ) اهي ٻئي اسان جي ٻن مقرب ٻانهن جي نڪاح ۾ هيون پوءِ انهن عورتن انهن ٻنهي سان دغا ڪئي، پوءِ اهي ٻئي پيغمبر، ان ٻنهي عورتن جي ڪنهن ڪم نہ آيا ۽ ان ٻنهي عورتن جي باري ۾ خدا جو هي فرمان ٿي ويو تہ توهان ٻئي جهنّمي عورتن سان گڏ جهنم ۾ داخل ٿي وڃو . ۽ الله تعاليٰ مسلمانن جو مثال بيان فرمائي ٿو ، فرعون جي ٻيبي (آسيہ) جڏهن انهن عرض ڪيو، اي منهنجا رب ! منهنجي واسطي پاڻ وٽ جنّت ۾ جاءِ ٺاهِ ۽ مون کي فرعون ۽ ان جي ڪم کان ڇوٽڪارو ڏي، ۽ مون کي ظالم ماڻهن کان ڇوٽڪارو بخش، ۽ عمران جي ڌيءُ مريم جنهن پنهنجي پاڪائي جي حفاظت ڪئي پوءِ اسان ان ۾ پنهنجي طرف جو روح ڦوڪيو ۽ ان پنهنجي رب جي ڳالهين ۽ ان جي ڪتابن جي تصديق ڪئي ۽ فرمانبردارن مان ٿي . (پ 28، التحريم: 10، 12)

**درس هدايت:** واهلہ ۽ واعلہ ٻئي نبي جون گهرواريون هيون پر ڪفر ۽ نفاق ۾ گرفتار ٿي جهنم واري راهہ تي هليون ۽ فرعون جهڙي ڪافر جي گهرواريءَ حضرت ”آسيہ“ ڪامل ايمان جي دولت ماڻي جنّت ۾ داخل ٿي ۽ حضرت آسيہ حق ظاهر ٿيڻ کان پوءِ ايمان قبول ڪري فرعون جي آرام ۽ راحت کي ٺُڏي ڇڏيو ۽ بي پناهہ تڪليفن ۽ مشڪلاتن جي باوجود پنهنجي ايمان تي قائم رهيون، بيشڪ اهي ڳالهيون قابل عبرت آهن.

## ﴿60﴾ حضرت فاطمہ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا جا ٽي روزا

حضرت حسن ۽ حضرت حسين رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا ننڍپڻ ۾ هڪ ڀيري بيمار ٿي پيا تہ حضرت علي ۽ حضرتِ فاطمہ ۽ حضرت فضہ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُم انهن شهزادن رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا جي صحت يابي جي لاءِ

ٽن روزن جي باس باسي. اللّٰه تعاليٰ ٻنهي شهزادن رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا کي شفا عطا ڪئي. ۽ جڏهن روزن کي ادا ڪرڻ جو وقت آيو تہ سيني روزن جي نيّت ڪئي، حضرت علي کَرَّمَ اللّٰہُ تَعَالٰی وَجۡهَهُ الۡکَرِیۡم ٽي صاع جَوَ هڪ يهودي کان ڪٽي آيا، هڪ هڪ صاع تي ڏينهن پچايا پر جڏهن افطار جو وقت آيو ۽ تنهي روزيدارن جي سامهون مانيون رکيون ويون تہ هڪ ڏينهن مسڪين هڪ ڏينهن يتيم ۽ هڪ ڏينهن قيدي دروازي تي حاضر ٿيو ۽ مانين جو سوال ڪيو تہ ٽئي ڏينهن انهن سڀ مانيون سائلن کي ڏئي ڇڏيون ۽ رُڳو پاڻيءَ سان روزو افطار ڪري اڳيو روزو رکي ڇڏيائون. حضرت فضہ حضرت بيبي فاطمہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهَا جي گهر جي خادمہ هئي. (خزائن العرفان ص 1044 پ 29 الدهر 8، 9) قرآن مجيد ۾ اللّٰه تعاليٰ پنهنجي محبوب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري شهزاديءَ جي گهراڻي جي هن واقعي کي هن طرح بيان فرمايو آهي:

وَ یُطۡعِمُوۡنَ الطَّعَامَ عَلٰی حُبِّهٖ مِسۡکِیۡنًا وَّ یَتِیۡمًا وَّ اَسِیۡرًا ﴿۸﴾ اِنَّمَا نُطۡعِمُکُمۡ لِوَجۡهِ اللّٰهِ لَا نُرِیۡدُ مِنۡکُمۡ جَزَآءً وَّ لَا شُکُوۡرًا ﴿۹﴾ (پ 29 الدهر 8، 9)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ کاڌو کارائيندا آهن. ان جي محبت تي مسڪين ۽ يتيم ۽ اسير (يعني قيدي) کي انهن کي چوندا آهن اسين توهان کي خاص اللّٰه جي لاءِ کاڌو ڏيندا آهيون. توهان کان ڪو بدلو يا شڪر گذاري ناهيون گهرندا.

**درس هدايت:** سُبۡحٰنَ اللّٰه! هن واقعي مان اهلبيت نُبُوّت جي سخاوت جو عجيب و غريب ۽ بي مثال حال معلوم ٿيو، لاڳيتو ٽن ڏينهن تائين سحري ۽ افطار ۾ صرف پاڻي پي ڪري روزا رکڻ ۽ پاڻ بکايل رهي سوالين کي ڏيڻ اها ڪا معمولي ڳالهہ نہ آهي، اللّٰه

اڪبر! ڪنهن خوب چيو آهي:

بھوکے رہ کے خود اوروں کو کھلا دیتے تھے
کیسے صابِر تھے محمّد کے گھرانے والے

## ﴿61﴾ شداد جي جنت

هي اوهان ”قوم عاد جي آنڌي“ جي عنوان ۾ پڙهي چڪا آهيو ته قوم عاد جو مورث اعليٰ عاد بن عوص بن ارم بن سام بن نوح آهي، هن”عاد“ جي پٽن ۾”شداد“ به هو،اهو وڏي شان و شوڪت وارو بادشاهه هو، هن پنهنجي وقت جي سيني بادشاهن کي پنهنجي جهنڊي جي هيٺ جمع ڪري سيني کي پنهنجو اطاعت گذار ۽ تابعدار بڻائي ورتو هو، ان پيغمبرن جي زبان تان جنّت جو تذڪرو ٻڌي سرڪشي ڪندي دنيا ۾ هڪ جنّت ناهڻ چاهي ۽ هن ارادي سان هڪ تمام وڏو شهر قائم ڪيو ويو، جنهن جا محل سون چاندي جي سرن سان تعمير ڪيا ويا ۽ زبرجد ۽ ياقوت جا ٿنيا انهن عمارتن ۾ لڳايا ويا، ۽ اهڙا ئي فرش بڻايا ويا، سنگريزن جي بدران آبدار موتي وڇايا ويا، هر محل جي چوڌاري جوهرات سان پريل نهرون جاري ڪيون ويون، قسم قسم جا وڻ زينت ۽ سايي جي لاءِ لڳايا ويا، مطلب ته ان سرڪش پنهنجي خيال ۾ جنّت جون تمام شيون ۽ هر قسم جي عيش و عشرت جو سامان هن شهر ۾ جمع ڪيو، جڏهن اهو شهر مڪمل ٿيو ته شداد بادشاهه پنهنجي وزيرن ۽ اميرن سان گڏ ان طرف روانو ٿيو، جڏهن هڪ منزل جو فاصلو باقي رهجي ويو ته آسمان تان هڪ خوفناڪ آواز آيو جنهن سان الله تعاليٰ شداد ۽ ان جي سيني

ساتين کي هلاڪ ڪري ڇڏيو ۽ شداد پنهنجي ناهيل جنت بہ نہ ڏسي سگهيو.

حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي دورِ حڪومت ۾ حضرت عبدالله بن قلابہ پنهنجي گم ٿيل اُٺ جي ڳولا ۾ عدن جي ريگستان مان لنگهي هن شهر ۾ پهتو ۽ ان جي تمام زينتن ۽ آرائشن کي ڏٺو پر اتي رهڻ وارو ڪو انسان نہ مليو، اهو ڪجھ جواهرات اتان کان کڻي موٽي آيو، جڏهن اها خبر حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کي معلوم ٿي تہ انهن عبدالله بن قلابہ کي سڏائي سمورو حال پڇيو ۽ انهن جيڪو ڪجھ ڏٺو اهو ٻڌايو، پوءِ حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ ڪعب بن احبار رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کي سڏائي پڇيا ڪيو تہ دنيا ۾ ڪو اهڙو شهر موجود آهي تہ انهن فرمايو ها ان جو ذڪر قرآن ۾ بہ آيو آهي، اهو شهر شداد بن عاد ٺاهيو هو پر اهي سيئي عذابِ اِلٰهي سان هلاڪ ٿي ويا ۽ هن جي قوم مان ڪو هڪ شخص بہ باقي نہ رهيو، ۽ اوهان جي زماني ۾ هڪ مسلمان جنهن جون اکيون نيريون قد ننڍو، ۽ ان جي ڀرون تي هڪ تر هوندو پنهنجي اُٺ کي تلاش ڪندي ان ويران شهر ۾ داخل ٿيندو، ايتري ۾ عبدالله بن قلابہ اچي ويا، تہ ڪعب احبار انهن کي ڏسي فرمايو: بخدا اهو شخص جيڪو شداد جي ناهيل جنّت ڏسندو اهو شخص هي ئي آهي. (خزائن العرفان ص 1069، 1070 پ 30 الفجر: 8)

قوم عاد ۽ ٻين سرڪش قومن جو حال بيان ڪندي قرآن شريف ۾ الله تعالٰي ارشاد فرمايو:

اَلَمۡ تَرَ كَيۡفَ فَعَلَ رَبُّكَ بِعَادٍ ۪ۙ﴿۶﴾ اِرَمَ ذَاتِ الۡعِمَادِ ۪ۙ﴿۷﴾ الَّتِیۡ لَمۡ يُخۡلَقۡ مِثۡلُهَا فِی الۡبِلَادِ ۪ۙ﴿۸﴾ وَ ثَمُوۡدَ الَّذِيۡنَ جَابُوا الصَّخۡرَ بِالۡوَادِ ۪ۙ﴿۹﴾ وَ فِرۡعَوۡنَ

ذِی الۡاَوۡتَادِ ﴿۱۰﴾ الَّذِیۡنَ طَغَوۡا فِی الۡبِلَادِ ﴿۱۱﴾ فَاَكۡثَرُوۡا فِیۡهَا الۡفَسَادَ ﴿۱۲﴾ فَصَبَّ عَلَیۡهِمۡ رَبُّكَ سَوۡطَ عَذَابٍ ﴿۱۳﴾ (پ 30 الفجر 6 تا 13)

**ترجموڪنزالايمان:** ڇا تو نہ ڏٺو تنهنجي رب عاد جو ڪهڙو حشر ڪيو، اهي ارم حد کان زياده ڊيگهہ وارا جو انهن جهڙو شهرن ۾ پيدا نہ ٿيو ۽ ثمود جن وادي ۾ پٿر جون ٽڪريون ڪٽيون ۽ فرعون چؤڪنيو ڪندڙ جن شهرن ۾ سرڪشي ڪئي پوءِ انهن ۾ گهڻو فساد پکيڙيائون پوءِ انهن تي تنهنجي رب سزا جو چهبڪ زور سان وهايو.

**درس هدايت:** الله تعاليٰ کي پانهن جي سرڪشي، تڪبر ۽ غرور بي انتها ناپسند آهي، انهيءَ ڪري خداوند قدوس جو دستور آهي تہ هر سرڪش ۽ متڪبر قوم جنهن زمين تي پنهنجي ظلم ۽ سرڪشي سان فساد پکيڙيو، ان قوم کي الله تعاليٰ جو ڏمر ڪنهن نہ ڪنهن عذاب جي صورت ۾ ظاهر ٿي هلاڪ ۽ برباد ڪري ڇڏيو، شداد ۽ قومِ عاد جي ماڻهن پنهنجي سرڪشيءِ تڪبر جي ڪري خدا جا ناپسند ٿيا ۽ جڏهن انهن جو هوڏ، ظلم زيادتي ايترو وڌي ويو جو زمين جو چپو چپو انهن جي گناهن ۽ بدعملين سبب تڙپڻ لڳو تہ خداوند قهار وجبار جي عذابن انهن سرڪشن ۽ ظالمن کي تباهہ وبرباد ڪري صفحہ هستي تان حرفِ غلط جيان متائي ڇڏيو، تنهن ڪري انهن قومن جي عروج ۽ زوال ۽ انهن ماڻهن جي عذاب الٰهي سان تباهہ ٿيڻ جي داستانن مان عبرت ۽ نصحيت حاصل ڪرڻ گهرجي، ڇوتہ قرآن شريف ۾هنن قومن جي انجام جي ذڪر جو مقصد اهو ئي آهي تہ اهل قرآن هنن داستانن ۾ عبرت حاصل ڪن ۽ خوفِ الٰهي مان هر وقت ڏڪندا رهن، مسلمانن تي لازمي آهي تہ قرآن مجيد جي تلاوت وڌ کان وڌ ڪن

www.dawateislami.net

۽ هن جو ترجمو بہ پڙهن ۽ انهن قومن جي هلاڪت مان عبرت حاصل ڪن، هر وقت توبہ ۽ استغفار ڪندا رهن ۽ هر قسم جي بداعتقادين ۽ بداعمالين کان هميشہ بچندا رهن، نيڪ عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رهن ۽ مال ودولت جي غرور ۾ سرڪشي ۽ تڪبر نہ ڪن، بلڪ هميشہ دل ۾ خوفِ خدا عَزَّوَجَلَّ رکي نوڙت عاجزي جي عادت بڻائن ۽ جيترو ٿي سگهي پنهنجي زندگي ۾ سنا عمل ڪندا رهن. ﴿وَاللّٰهُ هُوَ الْمُوَفِّق﴾

## ﴿62﴾ اصحابِ فِيل ۽ لشڪر اَبابِيل

يمن ۽ حبشہ جو بادشاه "ابرها" هو، ان شهر "صنعا" ۾ هڪ گرجا گهر بڻايو هو ۽ ان جي خواهش هئي تہ حج ڪرڻ وارا مڪي شريف جي بدران صنعا ۾ اچن ۽ انهيءَ گرجا گهر جو طواف ڪن، ۽ هتي حج جو ميلو لڳي، عربن خاص ڪري قريش جي قبيلي کي اها ڳالھ نہ وڻي، پوءِ قريش جي قبيلي بنو ڪنانہ جي هڪ شخص ڪاوڙ ۾ اچي صنعا جو سفر ڪيو ۽ ابرھ جي گرجا گهر ۾ داخل ٿي پيشاب پاخانو ڪري ڇڏيو، ۽ ان جي درن ۽ ديوارن کي نجاست سان خراب ڪري ڇڏيو، هن حرڪت تي بادشاه ابرها کي گهڻي ڪاوڙ آئي ۽ ان ڪعبہ معظمہ کي ڊاهي پٽ ڪرڻ جو قسم ڪنيو، ۽ ان ارادي سان پنهنجو لشڪر وٺي روانو ٿيو، هن لشڪر ۾ ڪيئي هاٿي هئا ۽ انهن هاٿين جو اڳواڻ هڪ تمام وڏو جبل جهڙو هاٿي جنهن جو نالو محمود هو، ابرها پنهنجي فوج وٺي مڪي شريف تي چڙهائي ڪئي ۽ مڪي وارن جي تمام جانورن کي پنهنجي قبضي ۾ ورتو، جنهن ۾ عبدالمطلب جا اُٺ بہ هئا، عبدالمطلب اهي جيڪي اسان جي پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

جا ڏاڏا آهن، خانہ ڪعبہ جا متولي ۽ مڪي وارن جا سردار پڻ هئا، پاڻ گهڻا رعبدارا ۽ ڪنڌار ۽ سگهارا مڙس هئا، اهي ابرهہ وٽ ويا ۽ ابرها انهن جي تعظيم ڪئي ۽ اچڻ جو مقصد پڇيو تہ پاڻ فرمايو: توهان منهنجا اٺ مون کي موٽائي ڏيو، اهو ٻڌي ابرهہ چيو تہ مون کي تعجب ٿئي ٿو تہ مان توهان جو ڪعبو ڊاهڻ لاءِ فوج وٺي آيو آهيان، جيڪو توهان جو ۽ توهان جي ابن ڏاڏن جو بيحد مقدس ۽ محترم مقام آهي، اوهان ان جي باري ۾ مون سان ڪجهہ بہ نہ ٿا چئو، صرف پنهنجي اٺن جو مطالبو ڪري رهيا آهيو؟ حضرت عبدالمطلب فرمايو: مان پنهنجي اٺن جو مالڪ آهيان انهيءَ ڪري اٺن جي باري ۾ چئي رهيو آهيان ۽ ڪعبي جو جيڪو مالڪ آهي اهو پاڻ ان جي حفاظت ڪندو، مون کي ان جو ڪو فِڪر نہ آهي، ابرها انهن جا اٺ موٽائي ڏنا، پوءِ اوهان قريش وارن کي فرمايو تہ توهان جبلن جي گهاٽين ۽ چوٽين تي پناهہ وٺو قريش سندن مشوري تي عمل ڪيو، ان ڪانپوءِ حضرت عبدالمطلب ڪعبي جو دروازو پڪڙي بارگاهہ الٰهي ۾ ڪعبي جي حفاظت جي لاءِ خوب روئي دعا گهري ۽ دعا مان فارغ ٿي پاڻ بہ پنهنجي قوم سان گڏ جبل جي چوٽي تي هليا ويا، ابرها صبح سوير پنهنجي لشڪر کي ڪعبي شريف تي ڪاهہ ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ هاٿين کي هلڻ جي لاءِ اٿاريو پر هاٿين جو اڳواڻ محمود جيڪو سيني ڪان وڏو هو اهو خانہ ڪعبہ ڏانهن نہ هليو، ٻي پاسي هلائيندا هئا تہ هلندو هو، پر مڪي شريف ڏانهن هلائيندا هئا تہ اهو ويهي رهندو هو، ايتري ۾ الله تعالٰي سمنڊ واري پاسي کان پکين جو لشڪر موڪليو ۽ هر پکي وٽ ٽي پٿريون هيون، ہہ پٿريون پنجن ۾ ۽ هڪ چهنب ۾، ابابيلن جي هن لشڪر ابرهہ جي فوج تي ايتري زور سان

www.dawateislami.net

سنگباري ڪئي جو ابرھ جي فوج بدحواس ٿي ڀڄڻ تي مجبور ٿي، جيتوڻيڪ ڀتريون ننڍڙيون هيون پر اهي الله جي ڌمر واريون ڀتريون هيون جڏهن ابابيل انهن ڀترين کي ڪرائيندا هئا تہ اهي سنگريزا فيل (هاٿي)سوارن جي خود (يعني لوھ جي ٽوپ) کي چيري مٿي کان نڪري، جسم کي چيري هاٿي جي بدن کي چيري زمين تي ڪرنديون هيون، هر ڀتري تي ان شخص جو نالو لکيل هو جيڪو ان ڀتري سان هلاڪ ڪيو ويو، اهڙي طرح ابرها جو سڄو لشڪر تباھ ۽ برباد ٿي ويو۽ ڪعبو شريف محفوظ رهيو، اهو واقعو جنهن سال ٿيو ان سال کي عرب”عام الفيل“(هاٿي وارو سال) چوڻ لڳا، ۽ هن واقعي جي پنجاھ ڏينهن کان پوءِ حضورسيد عالم نور مجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت مبارڪ ٿي.

(خزائن العرفان ص 1083 پ 30، الفيل)

هن واقعي کي الله تعالٰي قرآن شريف ۾ بيان ڪندي هڪ سورة نازل فرمائي جنهن جو نالو ئي ”سوره فيل“ آهي يعني

اَلَمۡ تَرَ كَيۡفَ فَعَلَ رَبُّكَ بِاَصۡحٰبِ الۡفِيۡلِ ۞ اَلَمۡ يَجۡعَلۡ كَيۡدَهُمۡ فِىۡ تَضۡلِيۡلٍ ۞ وَّاَرۡسَلَ عَلَيۡهِمۡ طَيۡرًا اَبَابِيۡلَ ۞ تَرۡمِيۡهِمۡ بِحِجَارَةٍ مِّنۡ سِجِّيۡلٍ ۞ فَجَعَلَهُمۡ كَعَصۡفٍ مَّاۡكُوۡلٍ ۞ (پ 30، الفيل)

**ترجموڪنزالايمان:** اي محبوب ڇا تو نہ ڏٺو تنهنجي رب هاٿين وارن جو ڪهڙو حال ڪيو، ڇا انهن جي سازش کي تباھ نہ فرمايائين، ۽ انهن تي ابابيل پکين جون ٽوليون موڪليائين جو انهن کي ڪنڪريٽ جي ڀترين سان ماريائون تي پوءِ انهن کي ڪري رکيائين کاڌل لتاڙيل گاھ وانگر.

**درس هدايت:** هن مان خبر پئي تہ قرآن شريف جيان ڪعبہ شريف جي حفاظت جو ذمو خداوند قدوس پاڻ وٽ رکيو آهي، ڪا طاغوتي

طاقت نہ قرآن شريف کي فنا کري سگھي ٿي، نہ ڪعبہ کي صفحہ هستي تان مٽائي سگھي ٿي ڇاڪاڻ تہ خداوند قدوس انهن ٻنهي جو حافظ ۽ نگهبان آهي. ﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰی اَعْلَم﴾

## ﴿63﴾ فتح مَڪہ جي اڳ ڪٿي (پيشن گوئي)

هجرت جي وقت نهايت ڏک ۽ رنج جي عالم ۾ حضور تاجدار عالم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي يار غار صديق جان نثار رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي گڏ وٺي رات جي اونداهي ۾ مکي شريف کان هجرت ڪئي ۽ پنهنجي وطن عزيز کي خيرباد چئي ڇڏيو هو ۽ مکي مان نڪرڻ وقت خدا جي مقدس گهر خانہ ڪعبہ تي هڪ حسرت ڀري نگاهہ وجهي اهو فرمائيندي مديني روانا ٿيا: ”اي مڪہ! خدا جو قسم! تون منهنجي نگاهِ محبت ۾ سڀني شهرن کان وڌيڪ پيارو آهين ، جيڪڏهن منهنجي قوم مون کي نہ ڪڍي ها تہ مان هرگز تو کي نہ ڇڏيان ها“ ان وقت ڪنهن کي بہ اهو خيال نہ آيو هوندو تہ مکي کي ان بي سروساماني ۾ ڇڏڻ وارو صرف اٺن سالن کان پوءِ هڪ فاتحِ اعظم جي شان ۽ شوڪت سان هن شهر مڪہ ۾ نزول فرمائيندو ۽ ڪعبة اللّٰه ۾ داخل ٿي پنهنجي سجدن جي جمال ۽ جلال سان خدا جي گهر جي عظمت کي سرفراز فرمائيندو.
پر ٿيو اهو جو مکي وارن صُلحِ حُديبيہ واري ناهہ جي پيچڪري ڪئي ۽ صلح نامي سان غداري ڪري ”واعدو ٽوڙڻ“ جا مرتڪب ٿيا تہ حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حليف بنو خزاعہ کي مکي وارن بي دردي سان قتل ڪيو، ويچارا بنو خزاعہ ان ظالماڻي ڪاهہ کي برداشت نہ ڪندي حرمِ ڪعبہ ۾ پناهہ لاءِ ڀڳا تہ انهن درندہ صفت

ظالمن حرمِ اِلٰهي جي احترام کي خاڪ ۾ ملائي ڇڏيو ۽ حرم ڪعبہ ۾ ظالماڻي طور تي بنوخزاعہ جو رت وهايو، هن حملي ۾ بنو خزاعہ جا ٽيويهہ ماڻهو قتل ٿيا، اهڙي طرح مڪي وارن پنهنجي هن حرڪت سان حديبيہ واري ناهہ کي ٽوڙيو ۽ اها فتح مڪہ جي تمهيد هئي.

10 رمضان 8 هجري جو رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مديني کان ڏهن هزارن جو لشڪر وٺي مڪي ڏانهن روانا ٿيا، مديني مان نڪرڻ وقت حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ تمام صحابہ ڪِرام روزيدار هئا پر جڏهن اوهان ”ڪديد“ نالي مقام تي پهتا تہ پاڻي گهريو ۽ پنهنجي سواري تي ئي سڄي لشڪر کي پاڻي ڏيکاري پاڻي پيتو ۽ سيني کي روزو ڇڏڻ جو حڪم ڏنو، اوهان ۽ اصحاب سڀ‌ڳورا سفر ۽ جهاد ۾ هئڻ ڪري روزو رکڻ موقوف ڪيو.

(بخاري ڪتاب المغازي باب غزوة الفتح في رمضان رقم 4276، ج 5 ص 146)

مطلب تہ فاتحانہ شان وشوڪت سان باني ڪعبہ جا جانشين حضور رحمة للعالمين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مڪي جي سرزمين تي نزول فرمايو ۽ حڪم ڏنو تہ منهنجو جهنڊو مقام ”حجون“ (جنة المُعلٰي) وٽ هنيو وڃي ۽ حضرت خالد بن وليد رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي نالي فرمان جاري ڪيو تہ اهي فوجن سان گڏ مڪي جي مٿانهين واري حصي يعني ”ڪدا“ جي طرف کان مڪي ۾ داخل ٿين.

(بخاري ، ڪتاب المغازي رقم 4280، ج 5 ص 147)

تاجدار عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مڪي شريف جي سرزمين تي قدم رکندي ئي جيڪو پهريون فرمان جاري ڪيو اهو هي اعلان هو جنهن جي لفظ لفظ ۾ رحمت جو درياءِ ڇوليون هڻي رهيو آهي:

جيڪو شخص هٿيار ڦٽا ڪندو ان جي لاءِ امان آهي، جيڪو شخص پنهنجو دروازو بند رکندو ان جي لاءِ امان آهي، جيڪو

ڪعبي ۾ داخل ٿيندو ان جي لاءِ امان آهي.

ان موقعي تي حضرت عباس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ابوسفيان هڪ فخر پسند ماڻهو آهي ان جي لاءِ ڪا خصوصي ڳالهه ڪيو تہ ان جو ڳاٽ فخر سان بلند ٿي ويندو تہ پاڻ فرمايائون: جيڪو ابوسفيان جي گهر ۾ داخل ٿي ويو ان جي لاءِ امان آهي.

حضور اڪرم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن فاتحانہ حيثيت سان مڪي ۾ داخل ٿيڻ لڳا تہ پاڻ پنهنجي ڏاچي ”قصواء“ تي سوار هئا ۽ هڪ ڪاري رنگ جو عمامو مٿي تي هو ۽ بخاري ۾ آهي تہ اوهان جي مٿي تي ”مغفر“ هو، اوهان جي هڪ پاسي حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ ۽ ٻي پاسي اُسيد بن حضير رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ هئا ۽ اوهان جي چوڌاري پُرجوش هٿيارن سان ليس لشڪر هو جنهن جي وچ ۾ ڪوڪب نبوي هو، هن شاهي جلوس جي شان وشوڪت جي باوجود شهنشاهہ رسالت صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تواضع جو اهو عالم هو جو پاڻ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سوره فتح جي تلاوت ڪندي اهڙي طرح ڪنڌ جهڪائي ڏاچي تي وينل هئا جو سندن مٿو مبارڪ ڏاچي جي پلاڻ سان لڳي ويندو هو،سندن اها ڪيفيت ۽ تواضع ربّ تعاليٰ جو شڪر ادا ڪرڻ ۽ ان جي بارگاهِ عظمت ۾ پنهنجي عاجزي ۽ نيازمندي جو اظهار ڪرڻ جي لاءِ هئي. (زرقاني ج 2 ص 320، 321)

**بيت الله ۾ داخل ٿيڻ:** پوءِ پاڻ پنهنجي ڏاچي تي سوار ٿي ۽ حضرت اسامہ بن زيد کي پويان ويهاري مسجد حرام ڏانهن روانا ٿيا ۽ حضرت بلال رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ ۽ ڪعبي جي چاٻي سنڀاليندڙ حضرت عثمان بن طلحہ حجبي رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ بہ اوهان سان گڏ هئا، پاڻ مسجدِ حرام وٽ پنهنجي ڏاچي کي ويهاريو ۽ ڪعبي جو طواف ڪيو ۽

حجرِ اسود کي چمي ڏني. (بخاري ڪتاب المغازي رقم 4289 ج 5 ص 148، 149)

ڪعبي جي اندرئين لاڳاپيل ٽن سؤ بتن جي قطار هئي، پاڻ ﷺ خود هڪ لٺ ڪڍي بيهي رهيا ۽ انهن بتن کي لٺ جو چيڙو هڻي ڪرائيندا پيا ويا ۽ ﴿جَآءَ الۡحَقُّ وَزَهَقَ الۡبَاطِلُ﴾ جي آيت تلاوت ڪندا رهيا، يعني حق اچي ويو ۽ باطل مٽجي ويو ۽ باطل مٽجڻ واري شيء آهي. (بخاري ڪتاب المغازي رقم 4287 ج 5 ص 148)

پوءِ انهن بتن کي جيڪي بلڪل ڪعبي جي اندر هئا ان سيني کي ٻاهر ڪڍڻ جو حڪم فرمايائون، جڏهن ڪعبو سيني بتن کان پاڪ ٿي ويو ته پاڻ اسامه بن زيد ۽ حضرت بلال رضي الله تعالی عنهما ۽ عثمان بن طلحه حجبي رضي الله تعالی عنه کي گڏ وٺي خاني ڪعبي جي اندر تشريف کڻي ويا ۽ هر طرف تڪبير پڙهي ۽ ٻه رڪعت نماز به پڙهي. (بخاري ج 1 ص 218 و بخاري ج 2 ص 614)

ڪعبي شريف جي اندر کان جڏهن ٻاهر نڪتا ته حضرت عثمان بن طلحه رضي الله تعالی عنه کي سڏائي ڪعبي جي ڪنجي انهن جي هٿن ۾ عطا فرمائي ۽ ارشاد فرمايو:

خُذُوْهَا خَالِدَةً تَالِدَةً لَّا يَنْزَعُهَا مِنْكُمْ اِلَّا ظَالِمٌ

يعني وٺو اها ڪنجي هميشه هميشه جي لاءِ اوهان وٽ رهندي، اها ڪنجي اوهان کان اُهو ئي کسيندو جيڪو ظالم هوندو.

(زرقاني ج 2 ص 239)

**شهنشاهِ دوعالَم ﷺ جو درٻار عام :** ان کان پوءِ سڀ کان پهريان پاڻ ﷺ حرم شريف ۾ درٻارِ عام منعقد ڪيو، جنهن ۾ لشڪر اسلام کان علاوه هزارين ڪافر ۽ مشرڪن جو

عوام جنهن ۾ عام ۽ خاص ماڻهن جو هڪ زبردست وڏو ميڙ هو، هن دربار ۾ اوهان هڪ خطبو فرمايو ۽ پوءِ مڪي وارن کي مخاطب ڪري فرمايائون ته ٻڌايو: توهان کي خبر آهي ته اڄ مان توهان سان ڪهڙو معاملو ڪرڻ وارو آهيان ؟

هن دهشت انگيز ۽ خوفناڪ سوال سان سيئي مجرم وائڙا ٿي ڏڪڻ لڳا، پر رحمت ڀري پيشاني واري جا پيغمبرانه تيور ڏسي سيني گڏجي چيو: ﴿اَخٌ كَرِيْمٌ وَابْنُ اَخٍ كَرِيْمٍ﴾ يعني اوهان ڪرم وارا ڀاءُ ۽ ڪرم واري ڀيءُ جا پٽ آهيو، اهو ٻڌي فاتحِ مڪه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي ڪريم لهجي ۾ ارشاد فرمايو: ﴿لَا تَثْرِيْبَ عَلَيْكُمُ الْيَوْمَ فَاذْهَبُوْا اَنْتُمُ الطُّلَقَاءُ﴾ اڄ توهان تي ڪا ملامت ناهي، وڃو توهان سيئي آزاد آهيو.

(شرح الزرقاني ج 3 ص 449، السنن الكبريٰ للبيهقي كتاب السير، رقم 18272 ج 9 ص 200)

بلڪل غير متوقع طور اوچتو اهو فرمانِ رحمت ٻڌي سيني مجرمن جون اکيون ندامت ۾ اشڪبار ٿي ويون ۽ ڪافرن جي زبانن تي لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ جي نعرن سان حرم ڪعبه جي در ۽ ديوار تي نور جي برسات ٿيڻ لڳي، مجرمن جي نگاهن ۾ اوچتو اهو عجيب انقلاب پيدا ٿي ويو ۽ ماحول ئي بدلجي ويو، فضا خوشگوار ٿي ۽ هڪدم اهو محسوس ٿيڻ لڳو جيئن .....

جہاں تاریک تھا ظلمت کدہ تھا سخت کالا تھا ‏ ‏ ‏ کوئی پردے سے کیا نکلا گھر گھر اجالا تھا

**فتح مڪه جي تاريخ:** هن ۾ وڏو اختلاف آهي ته مڪو شريف ڪهڙي تاريخ ۾ فتح ٿيو؟ امام بيهقي 13 رمضان، امام مسلم 16 رمضان، امام احمد 18 رمضان، پر محمد بن اسحاق پنهنجي مشائخن جي جماعت کان روايت ڪندي فرمائن ٿا: 20 رمضان 8

هجري تي مکو شريف فتح ٿيو. ﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰی اَعْلَم﴾

(شرح الزرقاني ج 3 ص 396، 397)

فتح مکہ جي اڳڪٿيون ۽ بشارتون قرآن شريف جي ڪجھ آيتن ۾ بيان ٿيون ان مان هڪ ”سوره نصر“ بہ آهي، جنهن ۾ خداوند ڪريم ارشاد فرمايو:

اِذَا جَآءَ نَصْرُ اللّٰهِ وَ الْفَتْحُ ۙ﴿۱﴾ وَ رَاَيْتَ النَّاسَ يَدْخُلُوْنَ فِيْ دِيْنِ اللّٰهِ اَفْوَاجًا ۙ﴿۲﴾ فَسَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ وَ اسْتَغْفِرْهُ ؕ اِنَّهٗ كَانَ تَوَّابًا ﴿۳﴾ (پ 30 النصر)

**ترجموڪنزالايمان:** جڏهن الله جي مدد ۽ فتح اچي ۽ ماڻهن کي تون ڏسين الله جي دين ۾ فوج در فوج داخل ٿين ٿا تون پنهنجي رب جي تعريف ڪندي ان جي پاڪائي بيان ڪر ۽ ان کان بخشش گهر، بيشڪ اهو گهڻو توبہ قبول ڪرڻ وارو آهي.

**درسِ هِدايت:** فتح مکہ واري واقعي مان اهو سبق ملي ٿو تہ حضور رحمة للعالمين صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن موقعي تي عفوءَ درگذرءِ رحم ۽ ڪرم جو جيڪو اعلان ۽ اظهار فرمايو، تاريخ عالم ۾ ڪنهن فاتح جي زندگي ۾ ان جو مثال نٿو ملي.

غور ڪيو تہ اشرافِ قريش جي انهن ظالمن جفاڪارن ۾ اهي ماڻهو بہ هئا جيڪي ڪيئي ڀيرا پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي پٿرن جي برسات بہ ڪئي هئي، اهي خونخوار بہ هئا جن ڪيئي ڀيرا سرڪار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي قاتلاڻہ حملا بہ ڪيا، اهي بي رحم ۽ بي درد بہ هئا جن اوهان جي ڏندن مبارڪن کي شهيد ۽ سندن چهري مبارڪ کي رتورت ڪيو هو، اهي واهيات بہ هئا جيڪي پنهنجي بهتانن ۽ شرمناڪ گارين سان اوهان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قلب مبارڪ کي زخمي ڪيو، اهي سفاڪ ۽ درنده صفت بہ هئا

جيڪي سندن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڳچي ۾ چادر جو ڦندو ناهي اوهانجو گلو دٻائي چڪا هئا، اهي ظلم ۽ ستم جا پرستار ۽ گناهن جا عادي هئا، جن حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صاحبزادي حضرت زينب رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا کي نيزو هڻي اُٺ تان ڪيرائي ڇڏيو هو ۽ انهن جو حمل ضايع ٿي ويو هو، اهي جفاڪار و خونخوار به هئا جن جي خطرناڪ حملن ۽ ظالماڻي يلغار سان بار بار مديني جا در ۽ ديوار لڏي چڪا هئا، اهي ستم گر به هئا جن حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري چاچي حضرت حمزه رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي قتل ڪيو ۽ انهن جو نڪ ڪن ڪٽڻ وارا، انهن جون اکيون ڪڍڻ وارا، انهن جو جگر چٻاڻڻ وارا به هن مجمعي ۾ موجود هئا. اهي بي رحم به هئا جن شمعِ نُبُوّت جي جان نثار پروانن حضرت بلال، حضرت صهيب، حضرت عمار، حضرت خبار، حضرت خبيب، حضرت زيد بن دشنه رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُم کي رسين سان ٻڌي ڪوڙا هڻي گرم واري تي ليٽايو هو، ڪنهن کي باهه جي ٻرندڙ ڪوئلن تي سمهاريو هو، ڪنهن کي ڦاسي تي لٽڪائي شهيد ڪيو هو، هي سڀ ظلمءِ ستم ۽ جور و جفا جا پيڪر، جن جي جسمن جو لونءُ لونءُ ۽ بدن جو وار وار ظلمءِزيادتي سان پريل هو. اهي سرڪشي ۽ شرمناڪ ظلمن ۽ خوفناڪ جرمن جا جبل ٻڌجي چڪا هئا، اڄ اهي سڀ ڏهه ٻارهن هزار مهاجر ۽ انصار جي لشڪر جي حراست ۾ مجرم ٻڌجي بيهي ڏڪي رهيا آهن ۽ پنهنجي دلين ۾ اهو سوچي رهيا آهن ته شايد اڄ اسان جي لاشن تي ڪتا ٻچي اسان جون ٻوٽيون چيل ۽ ڪانون کي کارايون ويندييون ۽ انصار ۽ مهاجرن جون غضب ناڪ فوجون اسان جي ٻچي ٻچي کي رتو رت ڪري اسان

جي نسلن کي تباھ ۽ برباد ڪري ڇڏيندين ۽ اسان جي ڳوٺن کي نيست و نابود ڪري ڇڏيندين، پر انھن سيني مجرمن کي رحمت عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اھو فرمائي معاف فرمايو تہ انتقام ڪھڙو؟ بدلو ڇا جو؟ اڄ توھان تي ڪا ملامت ناھي.

اي آسمان ٻڌاءِ! اي چنڊ ۽ سج توھان ٻڌايو! ڇا توھان روءِ زمين تي اھڙو فاتح ۽ رحمدِل شھنشاھ ڪڏھن ڏٺو آھي؟ يا ڪڏھن ٻڌو آھي؟ ٻڌي وٺو اوھان وٽ ھن ڪان سواءِ ڪو جواب ناھي ڇو تہ حضورپر نور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪان سواء نہ ڪو فاتح ٿيو نہ ٿيندو، ڇاڪاڻ تہ رسول اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنھنجي ھر ڪمال ۾ بي مثل ۽ بي مثال آھن.

مسلمانو! اھو اسان جي حضور انور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو اسوه حسنہ ۽ سيرت آھي، تنھنڪري مسلمانن تي بہ لازم آھي تہ پنھنجي پياري رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اسوه حسنہ ۽ سيرت تي عمل ڪندي پنھنجي دشمنن ڪان بدلو ۽ انتقام وٺڻ جو جذبو پنھنجي دل مان ڪڍي پنھنجي دشمنن ڪان درگذر ۽ معاف ڪرڻ جي ڪوشش ڪن، ڇوتہ ماڻھن جي ڪوتاھين ۽ خطائن کي معاف ڪرڻ اھا اسان جي رسول اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنّت بہ آھي ۽ اھا ئي امت جي لاءِ تعليم بہ آھي جيئن اوھان گذريل صفحن تي اھا حديث پڙھي چڪا آھيو تہ ﴿صِلْ مَنْ قَطَعَكَ وَاعْفُ عَمَّنْ ظَلَمَكَ وَاَحْسِنْ اِلٰى مَنْ اَسَاءَكَ﴾ يعني جيڪو اوھان ڪان تعلق ٽوڙي توھان ان سان ميل ميلاپ رکو، ۽ جيڪو توھان تي ظلم ڪري ھن کي معاف ڪريو ۽ جيڪو توھان سان بدسلوڪي ڪري توھان ان سان

احسان ۽ سٺو سلوڪ ڪريو، ۽ قرآن شريف ۾ به عفوو درگذر ۽ دشمنن سان درگذر ڪرڻ وارن جا وڏا درجا ۽ مرتبا بيان ڪيا ويا آهن، رب تعاليٰ جو ارشاد آهي: وَ الْعَافِيْنَ عَنِ النَّاسِ ؕ (پ 4 آل عمران 134) يعني ماڻهن جي خطائن کي معاف ڪرڻ وارا الله تعاليٰ جا محبوب ٻانها آهن ۽ وڏي درجي وارا آهن. خداوند ڪريم هر مسلمان کي رسول اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اسوه حسنه ۽ سيرت مبارڪ تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. (اٰمِيْن).

## ﴿64﴾ جادو جو علاج

روايت آهي ته لبيد بن اعصم يهودي ۽ ان جي ڌيئرن حضور سيّدِ عَالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي جادو ڪيو هو، جنهن جو اثر جسم مبارڪ تي ظاهر ٿيو، پر اوهان جي دل ۽ عقل ۽ اعتقاد تي ڪو به اثر نه ٿيو، ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ حضرت جبرئيل عَلَيْهِ السَّلَام بارگاهه ۾ حاضر ٿيا، ۽ انهن عرض ڪيو ته يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ يهودي اوهان تي جادو ڪيو آهي ۽ جادو جو جيڪو ڪجهه سامان آهي اهو فلاڻي کوهه ۾ هڪ پٿر جي هيٺان دٻايو ويو آهي، حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت علي رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي موڪليو انهن کوهه جو پاڻي ڪڍي پٿر ڪنيو ته ان جي هيٺ ڪجي جي گپ جي گوٿري ملي،ان ۾ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا وار مبارڪ جيڪي ڦڻي سان ٽٽا هئا ۽ ڦڻي جا ڏندا ۽ هڪ ڌور يا ڪمان جو چلو جنهن ۾ ٻارهن ڳنڍيون لڳل هيون ۽ هڪ ميڻ جو پتلو جنهن ۾ ٻارهن سوئيون هنيل هيون، اهو سڀ سامان پٿر جي هيٺان نڪتو ۽ اهو سڀ سامان حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ آندو ويو.

ان کان پوءِ قرآن شريف جون ٻئي سورتون ﴿قُلۡ اَعُوۡذُ بِرَبِّ النَّاسِ﴾ ۽ ﴿قُلۡ اَعُوۡذُ بِرَبِّ الۡفَلَقِ﴾ نازل ٿيون، انهن ٻنهي سورتن ۾ يارهن آيتون آهن، هر هڪ آيت پڙهڻ کان پوءِ هڪ هڪ ڳنڍ کلي ويندي هئي، ايستائين جو سيئي کلي ويون ۽ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بلڪل شفاياب ٿي ويا. (خزائن العرفان ص 1098) ۽ جادو جو سڄو سامان زمين هيٺ دفن ڪيو ويو.

**درسِ هدايت:** تعويذ ۽ عمليات جنهن ۾ ڪو لفظ ڪفر ۽ شِرڪ وارو نہ هجي تہ جائز آهي، اهڙي طرح ڌاڳا ناهي ۽ انهن تي ڳنڍيون هڻي آيات قرآن ۽ اسماءِ الهيہ پڙهي دم ڪرڻ جائز آهي. جمهور صحابہ ۽ تابعين ان جا قائل آهن ۽ حديث عائشہ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهَا ۾ آهي جڏهن حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي گهروارن مان ڪو بيمار ٿيندو هو تہ پاڻ سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻئي سورتون پڙهي انهن تي دم ڪندا هئا. (خزائن العرفان ص 763 پ 30 الفلق:4)

۽ بخاري ومسلم جي حديث ۾ آهي تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رات جو جڏهن بستر مبارڪ تي تشريف فرما ٿيندا هئا تہ مٿي کان پيرن تائين سڄي جسم مبارڪ تي پنهنجي ٻنهي هٿن کي ڦيريندا هئا جيستائين هٿ مبارڪ پهچندا هئا اهو عمل ٽي ڀيرا ڪندا هئا. (خزائن العرفان ص 763 پ 30 الناس:6)

خلاصو اهو آهي تہ ﴿قُلۡ اَعُوۡذُ بِرَبِّ الۡفَلَقِ﴾ ۽ ﴿قُلۡ اَعُوۡذُ بِرَبِّ النَّاسِ﴾ اهي ٻئي سورتون جن ۽ شيطانن ۽ نظر بد، آسيب ۽ سيني بيمارين خاص ڪري جادو ٽوٽڪي جو مجرب علاج آهي، انهن کي لکي تعويذ ٺاهيو ۽ ڳچي ۾ پايو، ۽ هن کي بار بار پڙهي مريض تي دم ڪيو ۽ ڪاڏي

پاڻي ۾ دوائن تي پڙهي ڦوڪ ڏيو ۽ مريض کي کارايو پياريو، هر مرض ان شآءَالله تعاليٰ خاص ڪري جادو ٽوڻو ختم ٿي ويندو ۽ مريض شفاياب ٿي ويندو، اهڙي طرح قرآن شريف جي ٻين سيني سورتن جون ڪي خاصيتون آهن جن بابت اسان پنهنجي ڪتاب ”جنتي زيور“ ۾ تفصيل سان لکيو آهي، ۽ انهن عملن جي هر سني مسلمان پابند شريعت کي اسان اجازت به ڏني آهي، تنهنڪري سني مسلمانن کي گهرجي اهو انهن قرآني عملن جا فائدن ۽ منافعن مان پاڻ به فيضياب ٿيو ۽ ٻين کي به فائدو پهچايو، حديث شريف ۾ آهي: ﴿خَيْرُ النَّاسِ مَنْ يَّنْفَعُ النَّاسَ﴾.(ڪشف الخفاء ومزيل الالباس ج 1 ص 348 رقم 1252)

يعني بهترين ماڻهو اهو آهي جيڪو ماڻهن کي نفعو پهچائي.

﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰی اَعْلَم﴾

## سورة الفلق

قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ الْفَلَقِ ﴿۱﴾ مِنْ شَرِّ مَا خَلَقَ ﴿۲﴾ وَ مِنْ شَرِّ غَاسِقٍ اِذَا وَقَبَ ﴿۳﴾ وَ مِنْ شَرِّ النَّفّٰثٰتِ فِی الْعُقَدِ ﴿۴﴾ وَ مِنْ شَرِّ حَاسِدٍ اِذَا حَسَدَ ﴿۵﴾

**ترجموڪنزالايمان:** توهان فرمايو ته مان ان جي پناهه وٺان ٿو جيڪو صبح جو پيدا ڪرڻ وارو آهي، ان جي سموري مخلوق جي شر کان ۽ اونداهي وجهندڙ جي شر کان جڏهن اهو لهي، ۽ انهن عورتن جي شر کان جيڪي ڳنڍين ۾ ڦوڪ ڏين ٿيون ۽ حسد واري جي شر کان جڏهن اهو مون کان سڙي. (پ 30 الفلق)

## سورة الناس

قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ النَّاسِ ﴿۱﴾ مَلِكِ النَّاسِ ﴿۲﴾ اِلٰهِ النَّاسِ ﴿۳﴾ مِنْ شَرِّ الْوَسْوَاسِ ۙ الْخَنَّاسِ ﴿۴﴾ الَّذِیْ یُوَسْوِسُ فِیْ صُدُوْرِ النَّاسِ ﴿۵﴾ مِنَ الْجِنَّةِ وَ النَّاسِ ﴿۶﴾ (پ 30: الناس)

**ترجموڪنزالايمان:** توهان چئو مان ان جي پناهہ ۾ آيس جيڪو سمورن ماڻهن جو رب، سمورن ماڻهن جو بادشاهہ، سمورن ماڻهن جو خدا آهي، ان جي شر کان جيڪو دل ۾ برا خيال وجهي ۽ ڇپي وڃي جيڪي ماڻهن جي دلين ۾ وسوسا وجهن ٿا، جنن (جي جنس) ۽ ماڻهن مان.

## ﴿65﴾ حضرت خضر عَلَيْهِ السَّلَام جي ٻڌايل دعا

حضرت علامہ محمد بن سماڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه وڏا جليل القدر محدث ۽ باڪرامت ولي هئا، هڪ ڀيري سخت بيمار ٿي پيا تہ انهن جي پيروڪارن انهن جو قارورو (يعني پيشاب) کڻي هڪ نصراني طبيب ڏانهن ويا، واٽ تي انهن ماڻهن کي هڪ بيحد خوش پوشاڪ بزرگ مليا، جنهن جي جسم مان خوشبو اچي رهي هئي، انهن پڇيو: توهان ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيو؟ انهن چيو تہ حضرت محمد بن سماڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه گهڻا بيمار آهن، اهو ان جو قارورو آهي جيڪو اسان فلاڻي طبيب وٽ کڻي وڃي رهيا آهيون، اهو ٻڌي ان بزرگ فرمايو: سبحان الله! الله عَزَّوَجَلَّ جي هڪ ولي جي لاءِ توهان الله عَزَّوَجَلَّ جي هڪ دشمن کان مدد طلب ڪري رهيا آهيو؟ قارورو اڇلائي واپس موٽو ۽ محمد بن سماڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي چئو تہ درد وار جڳهہ تي

وَ بِالْحَقِّ اَنْزَلْنٰهُ وَ بِالْحَقِّ نَزَلَ ؕ (پ15 بني اسرائيل: 105) پڙهي دم ڪريو.

اهو فرمائي اهي بزرگ غائب ٿي ويا ۽ ماڻهن واپس وڃي حضرت سماڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي ٻڌايو تہ پاڻ تڪليف واري جڳهہ تي هٿ رکي آيت جي انهن ٻنهي جملن کي پڙهيو تہ هڪدم آرام ملي ويو، پوءِ حضرت محمد بن سماڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ماڻهن کي فرمايو: اهي بزرگ جن توهان کي اهو وظيفو ٻڌايو توهان کي خبر آهي تہ اهي ڪير بزرگ هئا؟ ماڻهن چيو خبر ناهي، اسان نہ سڃاتو، تہ حضرت محمد

بن سماڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمايو: اهي بزرگ حضرت خضر عَلَيْهِ السَّلَام هئا.
(مدارڪ التنزيل ج 3 ص 195 پ 15، بني اسرائيل: 105)

قرآن شريف جي آيت جو ايترو حصو هر مرض جي مڪمل دوا ۽ مجرب علاج آهي، مرض واري جڳهه تي هٿ رکي پڙهجي ته بيماري ختم ٿي ويندي آهي پر شرط هي آهي ته پڙهڻ وارو پابندِ شريعت ۽ سچ ڳالهائيندڙ ۽ رزقِ حلال جو پابند هجي، بيشڪ اها آيت شفا بيمارين جي لاءِ قرآن شريف جا عجائبن مان آهي.

﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰی اَعْلَمُ﴾

وَصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى خَيْرِ خَلْقِهٖ مُحَمَّدٍ وَّاٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ اَجْمَعِيْنَ

## تلاوت جي اهميت ۽ آداب

عَنْ أَبِيْ هُرَيْرَةَ قَالَ قَالَ رَسُوْلُ اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ نَزَلَ الْقُرْآنُ عَلٰى خَمْسَةِ أَوْجُهٍ حَلَالٍ وَحَرَامٍ وَمُحْكَمٍ وَمُتَشَابِهٍ وَأَمْثَالٍ فَأَحِلُّوا الْحَلَالَ وَحَرِّمُوا الْحَرَامَ وَعَمِلُوْا بِالْمُحْكَمِ وَاٰمِنُوْا بِالْمُتَشَابِهِ وَاعْتَبِرُوْا بِالْأَمْثَالِ

(مشڪوٰة المصابيح ڪتاب الايمان ج 1 ص 99 رقم 128)

حضرت ابوهريره رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي ته انهن فرمايو ته رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: قرآن پنج طريقن تي نازل ٿيو، حلال ۽ حرام و محڪم و متشابه ۽ امثال . ته توهان ماڻهو حلال کي حلال سمجهو، ۽ حرام کي حرام سمجهو ۽ محڪم تي عمل ڪريو، متشابه تي ايمان آڻيو ۽ مثالن (يعني اڳين امتن جي قصن ۽ مثالن) مان عبرت حاصل ڪريو.

قرآن عظيم جي ذڪر ٿيل پنجن مضمونن بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته قرآن پاڪ کي غور سان ۽ بار بار پڙهيو

وجي، ان کري تلاوت قرآن شريف جو ايترو تہ گھڻو ثواب آهي جو هر حرف يعني اکر جي بدلي ۾ ڏھ نيڪيون ملن ٿيون يعني مثال طور ڪنھن صرف الٓمٓ پڙهيو ۽ ان جي تلاوت مقبول ٿي وئي تہ ان کي ٽيھ نيڪيون ملنديون ڇوتہ ان قرآن شريف جي ٽن اکرن کي پڙهيو آهي.

## تلاوت جا ڪجھ آداب

(1) مسواڪ ڪري صحيح طريقي سان وضو ڪري ۽ قبلي ڏانهن منهن ڪري ۽ اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ پڙهي الفاظ ۽ معنٰي تي غور وفڪر ڪندي چڱي طرح سان ڌيان ڏئي خشوع و خضوع ۽ نهايت عاجزي ۽ انڪساري سان تلاوت ۾ مشغول ٿئي ۽ نہ وڏي آواز سان پڙهي ۽ نہ گهٽ آواز سان بلڪ وِچَٿري آواز سان پڙهي.

(2) بهتر اهو آهي تہ ڏسي تلاوت ڪري ڇوتہ قرآن شريف کي ڏسڻ بہ عبادت آهي ۽ عبادتن ۾ ثواب ٻيڻو ملندو آهي، حديث شريف ۾ آهي تہ جنهن ڏسي قرآن شريف جي تلاوت ڪئي ان جي لاءِ ٻہ هزار نيڪيون لکيون وينديون آهن ۽ جنهن زباني پڙهيو ان جي لاءِ هڪ هزار نيڪيون لکيون وينديون آهن. (كنزالعمال رقم 2301 ج 1 ص 260)

(3) ٽي ڏينهن کان گهٽ مدت ۾ قرآن ڪريم ختم نہ ڪري بلڪ گهٽ مان گهٽ ست يا چاليھ ڏينهن ۾ قرآن ڪريم ختم ڪري تہ جيئن معنيٰ ۽ مطلب کي سمجهي تلاوت ڪري.

(4) ترتيل سان اطمينان ۽ رڪي رڪي تلاوت ڪري، ارشاد رباني آهي: وَ رَتِّلِ الْقُرْاٰنَ تَرْتِيْلًا ﴿۴﴾ (پ 29 المزمل: 3)

ترجمو : ۽ قرآن خوب آهستہ آهستہ پڙهو.

هن جا ڪيئي فائدا آهن، پهريان تہ هن سان قرآن شريف جي عظمت ظاهر ٿيندي آهي ۽ ٻيو قرآن شريف جي عجائب ۽ غرائب ڪي سوچڻ ۽ معنيٰ ڪي سمجهڻ ئي تلاوت جو عظيم مقصد آهي ۽ اهو ترتيل جي بنا مشڪل آهي .

(5) تلاوت جي وقت هر لفظ جي معنٰي تي نظر رکي ۽ واعدي ۽ وعيد کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري ۽ هر خطاب ۾ پنهنجو پاڻ کي مخاطب سمجهي ، امر ۽ نهي، قصن ۽ حڪايتن ۾سمجهي تہ اهو خطاب ان سان پاڻ آهي ۽ احڪامن تي عمل پيرا ٿيڻ ۽ ممنوع ڪمن کان پاسو ڪرڻ جو پختو ارادو ڪري.

(6) تلاوت دوران جنهن جڳهہ جنّت ۽ انهن جي نعمتن جو ذڪر اچي يا حفاظت ۽ امان ۽ ايمان جي سلامتي يا ڪنهن بہ پسنديده شيء جو ذڪر اچي تہ رڪي دعا ڪري، ۽ جنهن جڳهہ جهنم ۽ ان جي عذابن جو ذڪر اچي يا ان جهڙي ڪا ٻي خوف واري شيء جو تذڪرو اچي تہ رڪي، انهن شين کان **الله** عَزَّوَجَلَّ جي پناهہ گهري ۽ خوفِ الهي عَزَّوَجَلَّ کان روئي ۽ جيڪڏهن روئڻ نہ اچي تہ گهٽ مان گهٽ روئڻ واري صورت بڻائي.

(7) رات جي وقت تلاوت جي ڪثرت ڪري ڇوتہ ان وقت ذهن پُرسڪون ۽ دل مطمئن هوندي آهي، تلاوت جي لاءِ سڀ کان افضل وقت سڄي سال ۾ رمضان شريف جا آخري ڏهہ ڏينهن ۽ ذوالحجہ جا شروعاتي ڏهہ ڏينهن آهن، ان کان پوءِ جمعہ پوءِ سومر پوءِ خميس، ۽ رات ۾ تلاوت جو بهترين وقت مغرب ۽ عشاء جي وچ وارو آهي ۽ ان کان پوءِ اڌ رات کان پوءِ ۽ ڏينهن ۾ سڀ کان بهترين صبح جو وقت آهي.

www.dawateislami.net

(8) خوش الحاني ۽ تجويد سان اڪرن جي صحيح ادائگي ۽ اوقاف جي رعايت ڪندي تلاوت ڪري پر ان ڳالھ جو خيال رهي تہ خوش الحاني جي لاءِ موسيقي جا قاعدا يا گاني وارن لهجن جو هرگز هرگز استعمال نہ ڪري.

(9) تلاوت جي وقت قرآن ڪريم جي عظمت تي نظر رکي ۽ آيت سڳوري:

لَوْ اَنْزَلْنَا هٰذَا الْقُرْاٰنَ عَلٰى

جَبَلٍ لَّرَاَيْتَهٗ خَاشِعًا مُّتَصَدِّعًا مِّنْ خَشْيَةِ اللّٰهِ ؕ

(پ 28 الحشر: 21)

**ترجموڪنزالايمان:** جيڪڏهن اسان هي قرآن ڪنهن جبل تي لاهيون ها تہ ضرور تون ڏسين ها جهڪندڙ ٽڪرا ٽڪرا ٿيندڙ الله جي خوف ڪان.

مٿي واري آيت جي هن مضمون کي تلاوت جي وقت پنهنجي ذهن ۾ حاضر رکي ۽ خوفِ الٰهي سان ڀرپور نهايت عاجزي سان تلاوت ڪري.

(10) جيڪي آيتون پنهنجي حال جي مطابق هجن ان کي هر هر پڙهڻ گهرجي، ۽ قرآن عظيم کي پڙهڻ وقت اهو خيال ڪري ڇڻ تہ خداوند تعاليٰ جي بارگاھ ۾ پڙهي رهيو آهي، جڏهن هن منزل تي پهچي وڃي تہ اهو تصور ڪري تہ ڄڻ ربّ ڪريم مون سان ئي خطاب فرمائي رهيو آهي، ۽ ان جي ترقي جي انتها اها آهي تہ اهو تصور پيدا ٿئي تہ قرآن عظيم پڙهڻ وارو ڄڻ الله تعالٰي ۽ ان جي صفات ۽ افعال کي ان جي ڪلام ۾ ڏسي رهيو آهي، پر اهو بلند مرتبو صديقن جي لاءِ خاص آهي، هر ڪنهن کي حاصل ناهي ٿيندو.

(11) جڏهن اڪيلائي ۾ هجي تہ وچٽري آواز سان تلاوت ڪرڻ بهتر آهي پر جيڪڏهن بلند آواز سان تلاوت ڪرڻ ۾ رياڪاري جو خوف

هجي يا ڪنهن نمازي جي نماز ۾ رنڊڪ جو انديشو هجي يا ڪي ماڻهو گفتگو ۾ مصروف آهن ۽ انهن جو تلاوت نہ ٻڌڻ جو گمان هجي تہ انهن صورتن ۾ قرآن شريف کي آهستہ پڙهڻ بهتر آهي، اهڙن موقعن لاءِ حديثن ۾ آيو آهي تہ "پوشيده عمل" ظاهري عمل کان ستر ڀيرا وڌيڪ ثواب رکي ٿو. بهرحال قرآن مجيد جي تلاوت وقت آداب جو خيال رکڻ نهايت ضروري آهي تہ جيئن دين ۽ دنيا جون بي شمار برڪتون حاصل ٿين ۽ هرگز هرگز آداب مان غافل نہ ٿئي ڇوتہ اها غفلت ديني برڪتن کان وڏي محرومي جو سبب آهي.

اَللّٰهُمَّ اجْعَلْنَا مِنَ الصِّدِّيْقِيْنَ وَلَا تَجْعَلْنَا مِنَ الْغَافِلِيْنَ

اٰمِيْن بِجَاهِ سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ اَجْمَعِيْنَ ۞

# غرائب القرآن

www.dawateislami.net

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ
مُبَسۡمِلاً وَّمُحَمِّدًا وَّمُصَلِّيًا

# عرض مصنف

بِحَمدهٖ تَعاليٰ ”عجائب القرآن“ شايع ٿيڻ کان بعد جيڪو پنجهٺ قرآني عجائبات جو بهترين گلدستو آهي، هاڻي قرآن جي ڪجهه وڌيڪ عجائبات ۽ حيرت انگيز واقعات جو مجموعو جيڪو ستر عنوانن تي مشتمل آهي ۽ انهن عنوانن سان تعلق رکڻ وارين آيتن جو ترجمو، تفسير، شانِ نزول، اهم نڪتا ۽ درس هدايت ”غرائب القرآن“ جي نالي سان ناظرين جي خدمت ۾ پيش ڪيان ٿو.

”عجائب القرآن“ ۽ ”غرائب القرآن“ اهي ٻئي ڪتاب قرآن شريف جي مضمونن تي بيماري جي ڏينهن ۾ منهنجي محنت جو ثمر آهي، موليٰ تعاليٰ پنهنجي حبيبِ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي طفيل منهنجي هنن ديني ڪتابن کي ٻنهي جهانن ۾ قبوليت عطا فرماءِ ، منهنجي لاءِ منهنجي والدين، استادن، شاگردن، مريدن جي لاءِ آخرت جو سامان ۽ مغفرت جو ذريعو بڻائي ۽ منهنجي ڌوهٽي عزيز القدر مولانا فيض الحق صاحب کي فيضانِ علم ۽ عمل ۽ برڪاتِ دارين جي دولتن سان مالا مال ڪري جو ان هن ڪتاب کي مرتب ڪرڻ ۽ ڇپائي وغيره ۾ گڏ شامل رهيا آهن. (آمين)

ناظرينِ ڪرام سان گذارش آهي ته اهي منهنجي مڪمل صحت ۽ عافيت جي لاءِ دعا ڪندا رهن ته مان صحت مند ٿي آخري پساهن تائين درسِ حديث ۽ ديني ڪتاب ۽ واعظن جو سلسلو جاري رکي سگهان.

وَمَا ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ بِعَزِيْزٍ وَ هُوَ حَسْبِي وَ نِعْمَ الْوَكِيْلُ وَ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى حَبِيْبِهٖ مُحَمَّدٍ وَّ اٰلِهٖ وَ صَحْبِهٖ اَجْمَعِيْنَ

عبدالمصطفيٰ الاعظمي عُفِيَ عَنْهُ
گهوسي 23 رمضان سن 1402 هجري

www.dawateislami.net

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ
مُبَسۡمِلاً وَّمُحَمِّدًا وَّمُصَلِّيًا

## ﴿1﴾ تخليق آدم عَلَيۡهِ السَّلَام

حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام جو نہ پيءُ آهي نہ امڙ، بلڪ الله تعاليٰ انهن کي مٽي سان بڻايو آهي، جيئن هڪ روايت ۾ آهي تہ جڏهن خداوند قدوس عَزَّوَجَلَّ حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام کي پيدا ڪرڻ جو ارادو فرمايو تہ حضرت عزرائيل عَلَيۡهِ السَّلَام کي حڪم ڏنو تہ زمين تان هڪ مُٺ ۾ مٽي کڻي اچو، ربّ تعاليٰ

جي حڪم جي مطابق حضرت عزرائيل عَلَيۡهِ السَّلَام آسمان تان لهي زمين تان هڪ مٺ مٽي کنئي تہ سڄي زمين جو مٿانهون تهہ ڪل جيان لهي سندن جي مٺ ۾ اچي ويو، جنهن ۾ سٺ رنگن ۽ مختلف ڪيفيتن واريون مٽيون هيون يعني سفيد ۽ سياهہ ۽ ڳاڙهي ۽ زرد رنگن واريون، نرم، سخت، مٺي، ڪوڙي، نمڪين، ڦڪي وغيره ڪيفيتن واريون مٽيون شامل هيون.(تذکرة الانبياء،ص48)

پوءِ هن مٽي کي مختلف پاڻين سان ڳوهڻ جو حڪم فرمايو، هڪ عرصي کان پوءِ چيڪي مٽي بڻجي وئي، پوءِ هڪ مدت تائين اها ڳوهي وئي تہ ڳپ جيان بودار گارو بڻجي وئي، پوءِ اها خشڪ ٿي وڄندڙ ۽ ٺڪيل مٽي بڻجي وئي، پوءِ هن مٽي سان حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام جو پُتلو بڻائي جنّت جي دروازي تي رکيو ويو، جنهن کي ڏسي ملائڪن جي جماعت حيران ٿيندي هئي، ڇوتہ ملائڪن اهڙي شڪل ۽ صورت جي ڪا مخلوق ڪڏهن ڏٺي ئي نہ هئي، پوءِ الله تعاليٰ روح کي هن پُتلي ۾ داخل ٿيڻ جو

حڪم فرمايو، پوءِ روح داخل ٿي ناسُن وٽ پهتو ته اوهان کي نڇ آئي ۽ جڏهن روح زبان تائين پهتو ته پاڻ ”الحمدلله“ پڙهيو ۽ الله تعاليٰ فرمايو: ”يرحمڪ الله“ يعني الله تعاليٰ توهان تي رحمت فرمائي، اي ابو محمد (آدم) مون توهان کي پنهنجي حمد جي لاءِ پيدا ڪيو آهي، پوءِ آهستي آهستي سڄي بدن ۾ روح پهچي ويو ۽ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام زنده ٿي ٻيهي رهيا. (تفسير خازن ج 1 ص 43، پ 1 البقرة: 30)

ترمذي، ابُوداؤد ۾ اها حديث آهي ته حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جو پتلو جنهن مٽي مان ٺاهيو ويو جيئن ته اهو مختلف رنگن ۽ مختلف ڪيفتن وارين مٽين جو مجموعو هو انهيءَ ڪري سندن جي اولاد يعني انسانن ۾ مختلف رنگن ۽ قسم قسم جي مزاج وارا ماڻهو ٿيا آهن. (تفسير صاوي ج 1 ص 49، پ 1 البقرة: 30)

حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي ڪنيت ابومحمد يا ابوالبشر ۽ سندن لقب ”خليفةُ الله“ آهي ۽ پاڻ سڀ کان پهريان الله تعاليٰ جا نبي آهن، سندن عمر نو سؤ سٺ سال هئي، ۽ وفات جي وقت اوهان جي اولاد جو تعداد هڪ لک تي چڪو هو، جن طرح طرح جي صنعتن ۽ عمارتن سان زمين کي آباد ڪيو. (تفسير صاوي ج 1 ص 48، پ 1 البقرة: 30)

قرآنِ مجيد ۾ بار بار هن مضمون کي بيان ڪيو ويو آهي ته حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي پيدائش مٽي مان ٿي، جيئن سورت ”آلِ عِمران“ ۾ ارشاد فرمايو ته

اِنَّ مَثَلَ عِيۡسٰى عِنۡدَ اللّٰهِ كَمَثَلِ اٰدَمَ ؕ خَلَقَهٗ مِنۡ تُرَابٍ ثُمَّ قَالَ لَهٗ كُنۡ فَيَكُوۡنُ ۝۵۹

(پ 3 آل عمران: 59)

**ترجموكنزالايمان:** عِيسيٰ جو مثال الله وٽ آدم وانگُر آهي جِنهن کي مِٽيءَ مان ٺاهيائين پوءِ اُن کي فرمايائين ٿِي پؤ پوءِ فورًا ٿِي وڃي ٿو.

بي آيت ۾ هن طرح فرمايو ويو:

إِنَّا خَلَقْنٰهُمْ مِّنْ طِيْنٍ لَّازِبٍ ﴿١١﴾ (پ 23 الصّٰفّٰت: 11)

**ترجموكنزالايمان:** بيشڪ اسان انهن کي پيدا ڪيو چيڪي مٽي مان.

ڪٿي هيئن فرمايو ته

وَ لَقَدْ خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ مِنْ صَلْصَالٍ مِّنْ حَمَاٍ مَّسْنُوْنٍ ﴿٢٦﴾

**ترجموكنزالايمان:** ۽ بيشڪ اسان انسان کي وڄندڙ مٽي مان پيدا ڪيو جيڪا اصل ۾ ڪاري ۽ بوء دار گارو هئي. (پ 14 الحجر 26)

**حضرت حواء** رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا**:** جڏهن حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کي خداوند قدوس جنّت ۾ رهڻ جو حڪم ڏنو ته پاڻ جنّت ۾ اڪيلائي جي ڪري ڪجهه غمگين ٿيا ته الله تعالٰي اوهان تي ننڊ جو غلبو فرمايو ته پاڻ گهري ننڊ ۾ سمهي رهيا ته ننڊ جي حالت ۾ سندن کابي پاسراٽي مان الله تعالٰي حضرت حواء رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا کي پيدا فرمايو.

جڏهن پاڻ ننڊ مان بيدار ٿيا ته اهو ڏسي حيران ٿي ويا ته هڪ نهايت خوبصورت ۽ حسين ۽ جميل عورت اوهان جي ويجهو ويٺي هئي، پاڻ انهن کي فرمايو ته توهان ڪير آهيو؟ ۽ هتي ڇو آيون آهيو؟ ته حضرت حوا رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا جواب ڏنو ته مان اوهان جي گهرواري آهيان ۽ الله تعالٰي مون کي ان ڪري پيدا ڪيو آهي ته جيئن اوهان مون مان راحت ۽ دلي سڪون حاصل ڪيو، ۽ مون کي اوهان مان راحت ۽ تسڪين ملي، ۽ اسان ٻئي هڪ ٻئي سان ملي خوش رهون ۽ پيار محبت سان زندگي گذاريون

۽ خداوند قدوس جي نعمتن جو شڪر ادا ڪندا رهون.

(تفسير روح المعاني ج 1 ص 316، پ 1 البقرة: 35)

الله تعالٰي قرآن شريف ۾ ڪن هنڌن تي حضرت حوا رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا جي باري ۾ ارشاد فرمايو ته

وَ خَلَقَ مِنْهَا زَوْجَهَا وَ بَثَّ مِنْهُمَا رِجَالًا كَثِیْرًا وَّ نِسَآءً ۚ

ترجموڪنزالايمان: ۽ اُنهيءَ مان اُن جو جوڙو ڻاهيائين ۽ اُنهن ٻِن مان گهڻا ئِي مرد ۽ عورتُون پکيڙيائين. (پ 4 النسا: 1)

درس هدايت: حضرت آدم ۽ حوا عَلَيْهِمَا السَّلَام جي تخليق جو واقعو قرآن شريف جي انهن عجائبات مان آهي جنهن ۾ وڏين وڏين عبرتن ۽ نصيحتن جا چمڪندڙ موتي پوشيده آهن، انهن مان ڪي هي آهن:

الله تعالٰي حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کي مٽي مان بڻايو، ۽ حضرت حوا رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا کي حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي پاسراتي مان پيدا ڪيو، قرآن جي هن فرمان مان اها حقيقت ظاهر ٿئي ٿي ته عالم جي تخليق ڪندڙ الله جل جلاله انسانن کي چئن طريقن سان پيدا فرمايو آهي:

(پهريون) هي ته مرد ۽ عورت ٻنهي جي ميلاپ سان جيئن عام طور تي انسانن جي پيدائش ٿيندي آهي، قرآن ڪريم ۾ صاف اعلان آهي ته

اِنَّا خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ مِنْ نُّطْفَةٍ اَمْشَاجٍ ۖۗ (پ 29 الدهر: 2)

ترجموڪنزالايمان: بيشڪ اسان انسان کي پيدا ڪيو مليل مني مان.

(ٻيو) اهو جو اڪيلي مرد مان هڪ انسان پيدا ٿئي. اُهي حضرت حوا رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا آهن جن کي الله تعالٰي حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي

ڪاٻي پاسراڌي مان پيدا فرمايو.

**(ٽيون)** اهو جو هڪ اڪيلي عورت مان هڪ انسان پيدا ٿئي، ۽ اُهي حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام آهن جيڪي پاڪدامن ڪُنواري بيبي مريم رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا جي شِڪم مان بنا پيءُ جي پيدا ٿيا.

**(چوٿون)** اهو جو بنا مرد ۽ عورت جي ٻـ هڪ انسان کي الله تعاليٰ پيدا فرمايو ۽ اهي حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام آهن، جو الله تعاليٰ انهن کي مٽي مان پيدا فرمايو آهي.

انهن واقعن مان هنن سبقن ڏانهن رهنمائي ٿئي ٿي:

(1) خداوند قدوس اهڙو قادر، قيوم ۽ خالق آهي جيڪو انسانن کي ڪنهن هڪ خاص طريقي سان پيدا ڪرڻ جو پابند ناهي، بلڪ اهو اهڙي عظيم قدرت وارو آهي جو اهو جيئن چاهي انسانن کي پيدا فرمائي، رب تعاليٰ مٿي ذڪر ڪيل چارطريقن سان انسانن کي پيدا فرمايو، جيڪو ان جي قدرت ۽ حڪمت ۽ ان جي عظيم الشان خالق هئڻ جي عظيم نشاني آهي.

سُبْحٰنَ الله! خداوند قدوس جي شانِ خالقيت جي عظمت جي ڇا ڳالھ ڪجي؟ جنهن خالقِ ڪائنات ڪُرسي ۽ عرش، لوح ۽ قلم ۽ زمين ۽ آسمان کي ﴿كُنْ﴾ چئي موجود فرمايو، ان جي قدرتِ ڪامله ۽ حڪمتِ بالغ جي سامهون انساني پيدائش ڪهڙي حقيقت ۽ حيثيت رکي ٿي، پر ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ تخليقِ انسان ان قادر مطلق جو اهو تخليقي شاهڪار آهي جو سموري ڪائنات ۾ ان جو ڪو مثال ناهي، ڇوتہ انسان جو وجود ڪائنات جي سڀني مخلوق جي نمونن ۾ هڪ جامع نمونو آهي، الله اڪبر! مولاءِ ڪائنات

حضرت علي مرتضٰي رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ چا تہ خوب ارشاد فرمايو:

اَتَحْسِبُ اِنَّكَ جِرْمٌ صَغِيْرٌ وَفِيْكَ اِنْطَوَى الْعَالَمُ الْاَكْبَرُ

ترجمو: اي انسان ڇا تون اهو گمان ڪرين ٿو تہ تون هڪ ننڍو جسم آهين؟ جڏهن تہ تنهنجي عظمت جو حال هي آهي جو تنهنجي اندر سڄي ڪائنات سمايل آهي.

(2) ممڪن هو تہ ڪو مرد هي خيال ڪري ها تہ اسان مردن جي جماعت نہ هجي ها تہ اڪيلي عورتن مان ڪو انسان پيدا نہ ٿئي ها، اهڙي طرح ممڪن هو تہ عورتن کي گمان ٿئي ها تہ اسان عورتون نہ هجون ها تہ اڪيلي مردن مان ڪو انسان پيدا نہ ٿئي ها. اهڙي طرح ممڪن هو تہ عورت ۽ مرد ملي ٻئي اهو ناز ڪن ها تہ اسان مردن ۽ عورتن جو وجود نہ هجي ها تہ ڪو انسان پيدا ٿي نہ سگهي ها تہ الله تعاليٰ انهن چئني طريقن سان انسانن کي پيدا ڪري عورتن ۽ مردن ٻنهي جو وات بند ڪري ڇڏيو، تہ ڏسو! مان اهڙو قادر ۽ قيوم آهيان جو حضرت حوا رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا کي اڪيلي مرد يعني حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي پاسراٽي مان پيدا فرمايو، انهيءَ ڪري اي عورتو! توهان اهو گمان نہ رکو تہ جيڪڏهن اوهان عورتون نہ هجو ها تہ ڪو انسان پيدا نہ ٿئي ها، اهڙي طرح حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي اڪيلي عورت مان پيدا ڪري مردن کي تنبيهہ ڪئي تہ اي مردو! توهان اهو ناز نہ ڪيو تہ جيڪڏهن توهان نہ هجو ها تہ انسانن جي پيدائش نہ ٿئي ها، ڏسو! اسان حضرت عيسٰي عَلَيْهِ السَّلَام کي اڪيلي عورت مان بنا مرد جي پيدا ڪري ڇڏيو، ۽ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کي بنا مرد ۽ عورت

جي مٿي مان پيدا ڪري عورتن ۽ مردن جو وات بند ڪري ڇڏيو تہ اي عورتو ۽ مردو! توهان ڪڏهن بہ پنهنجي دل ۾ هي خيال پيدا نہ ڪجو تہ جيڪڏهن اسان ٻئي نہ هجون ها تہ انسانن جي جماعت پيدا نہ ٿي سگهي ها، ڏسو! حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي نہ ماءُ آهي نہ پيءُ، بلڪ ان کي اسان مٽي مان پيدا فرمايو، سبحان الله، سچ فرمايو الله جل جلالہ:

اَللّٰهُ خَالِقُ كُلِّ شَيْءٍ وَّ هُوَ الْوَاحِدُ الْقَهَّارُ ﴿۱۶﴾

ترجموڪنزالايمان: هر شيء جو خالق الله ئي آهي ۽ اهو ئي اڪيلو سمورن تي غالب آهي. (پ 13 الرعد: 16)

اهو جنهن کي چاهي، جيئن چاهي، جڏهن چاهي پيدا ڪندو آهي، ان جو عمل ۽ ان جي قدرت ڪنهن سبب، علت ۽ ڪنهن خاص طور طريقي جي پابند يا محتاج ناهي، اهو فَعَّالٌ لِّمَا يُرِيْدُ ﴿۱۶﴾ (پ 30، البروج: 16) آهي.

يعني اهو جيڪو چاهيندو آهي ڪندو آهي، ان جو شان يَفْعَلُ اللّٰهُ مَا يَشَاءُ وَيَفْعَلُ اللّٰهُ مَا يُرِيْدُ يعني جنهن شيء کي چاهي ۽ جنهن ڪم جو هو ارادو ڪندو آهي ان کي ڪري وٺندو آهي، نہ ڪو ان جي مشيت ۽ ارادي ۾ دخل انداز ٿي سگهي ٿو نہ ڪنهن کي ان جي ڪنهن ڪم ۾ چون چرا جي مجال ٿي سگهي ٿي. ﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰى اَعْلَمُ﴾

## ﴿2﴾ خِلافتِ آدم عَلَيْهِ السَّلَام

حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جو لقب ”خليفة الله“ آهي، جڏهن الله تعالٰي حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کي پنهنجي خلافت سان نوازڻ جو ارادو فرمايو تہ هن باري ۾ الله تعالٰي ۽ ملائڪن وچ ۾ جيڪا ڳالهہ

ٻولهه تي اها نهايت تعجب انگيز هئڻ سان گڏوگڏ وڏيڪ فڪر انگيز ۽ عبرت آموز بہ آهي، جيڪا هي آهي:

الله تعاليٰ: اي ملائڪو! مان زمين تي پنهنجو خليفو بڻائڻ وارو آهيان جيڪو منهنجو نائب ٿي زمين تي منهنجي احڪامن کي نافذ ڪندو.

ملائڪ: اي باري تعاليٰ تون زمين ۾ اهڙي شخص کي پنهنجي خلافت ۽ نيابت جي شرف سان نوازيندين جيڪو زمين تي فساد ڪندو، قتل ۽ غارت گري سان رتوڇاڻ جو بازار گرم ڪندو، اي خداوند تعاليٰ! ان شخص کان وڌيڪ تنهنجي خلافت جا حقدار تہ اسان ملائڪن جي جماعت آهي ڇوتہ اسان ملائڪ نہ زمين ۾ فساد ڦهلائينداسين نہ رتوڇاڻ ڪنداسين، بلڪ اسان تنهنجي حمد ۽ ساراهہ ڪندي تنهنجي بزرگي جو اعلان ۽ تنهنجي قدوسيت ۽ پاڪي بيان ڪندا رهندا آهيون ۽ تنهنجي تسبيح ۽ تقديس سان هر گهڙي رطب اللسان رهون ٿا، انهيءَ ڪري اسان ملائڪن جي جماعت ئي مان ڪنهن جي مٿي تي پنهنجي خلافت ۽ نيابت جو تاج رکي ”خليفة الله“ جي معزز لقب سان سرفراز فرماءِ.

الله تعاليٰ: اي ملائڪو! آدم (عَلَیْہِ السَّلَام) جي خليفي بڻائڻ ۾ جيڪي حڪمتون ۽ مصلحتون آهن، انهن کي مان ئي ڄاڻان ٿو، توهان ملائڪ انهن حڪمتن ۽ مصلحتن کي نٿا ڄاڻو.

ملائڪ باري تعاليٰ جي هن ارشاد کي ٻڌي خاموش ٿي ويا، پر انهن پنهنجي دل ۾اهوخيال لڪائي رکيوتہ الله تعاليٰ چاهي ڪنهن کي بہ پنهنجو خليفو بڻائي پر اهو فضل ۽ ڪرم ۾ اسان

www.dawateislami.net

ملائڪن کان وڌيڪ نہ هوندو، چوتہ اسان ملائڪ فضيلت جي جنهن منزل تي آهيون اتي ڪنهن مخلوق جي رسائي نہ ٿي سگهندي، انهيءَ ڪري فضيلت جي تاجدار بهرحال اسان ملائڪن جي جماعت ئي رهندي.

ان کان پوءِ الله تعالٰي حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام کي پيدا فرمائي تمام ننڍين وڏين شين جو علم ان کي عطا فرمايو، ان کان پوءِ وري الله تعالٰي ۽ ملائڪن جي وچ ۾ هي گفتگو ٿي.

الله تعالٰي: اي ملائڪو! جيڪڏهن توهان پنهنجي هن دعويٰ ۾ سچا آهيو تہ توهان کان افضل ڪا ٻي مخلوق نٿي ٿي سگهي، تہ پوءِ توهان انهن تمام شين جا نالا ٻڌايو جن کي مون توهان جي پيش نظر ڪيو آهي.

ملائڪ : اي الله تعالٰي! تون هر نقص ۽ عيب کان پاڪ آهين، اسان کي بس ايترو علم آهي جيڪو تو اسان کي عطا فرمايو آهي، ان کان علاوه اسان کي ڪنهن ٻي شيء جو ڪو علم ناهي، اسان يقين سان اهو ڄاڻون ٿا ۽ مڃون ٿا تہ بيشڪ علم ۽ حڪمت جو خالق ۽ مالڪ صرف تون ئي آهين.

پوءِ الله تعالٰي حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام کي مخاطب ڪري ارشاد فرمايو تہ اي آدم! توهان ملائڪن کي انهن شين جا نالا ٻڌايو، تہ حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام سيني شين جا نالا ۽ انهن جي حڪمتن جو علم ملائڪن کي ٻڌايو جنهن کي ٻڌي ملائڪ اچرج تعجب ۾ پئجي ويا.

الله تعالٰي: اي ملائڪو! ڇا مون توهان کي هي نہ چيو هو تہ مان آسمان ۽ زمين ۾ لڪيل سيني شين کي ڄاڻان ٿو ۽ توهان جيڪو

اعلانيہ ھي چوندا ھئا تہ آدم فساد ڪندو، ان ڪي بہ مان ڄاڻيان ٿو ۽ جيڪي خيال توھان پنھنجي دلين ۾ لڪايا ھئا تہ ڪا مخلوق توھان ڪان وڌيڪ افضل پيدا نہ ٿيندي، مان توھان جي دلين ۾ لڪيل انھن خيالن ڪي بہ ڄاڻيان ٿو.

پوءِ حضرت آدم عَلَیْہِ السَّلَام جي فضل ۽ ڪمال جي اظھار ۽ اعلان جي لاءِ ملائڪن ڪان انھن جي عظمت ۽ فضيلت جو اعتراف ڪرائڻ جي لاءِ اللہ تعالٰي سيني ملائڪن ڪي حڪم ڏنو تہ توھان سڀ حضرت آدم عَلَیْہِ السَّلَام ڪي سجدو ڪريو، پوءِ سيني ملائڪن پاڻ عَلَیْہِ السَّلَام ڪي سجدو ڪيو، پر ابليس سجدو ڪرڻ ڪان انڪار ڪيو ۽ تڪبر ڪيو تہ ڪافر ٿي مردودِ بارگاھ ٿي ويو.

ھن سڄي مضمون ڪي قرآن شريف پنھنجي معجزاڻي طرز واري بيان ۾ ھن طرح ذڪر فرمايو آھي:

وَ اِذْ قَالَ رَبُّكَ لِلْمَلٰٓىٕكَةِ اِنِّیْ جَاعِلٌ فِی الْاَرْضِ خَلِیْفَةًؕ قَالُوْۤا اَتَجْعَلُ
فِیْهَا مَنْ یُّفْسِدُ فِیْهَا وَ یَسْفِكُ الدِّمَآءَۚ وَ نَحْنُ نُسَبِّحُ بِحَمْدِكَ وَ نُقَدِّسُ لَكَؕ
قَالَ اِنِّیْۤ اَعْلَمُ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ (۳۰) وَ عَلَّمَ اٰدَمَ الْاَسْمَآءَ كُلَّهَا ثُمَّ عَرَضَهُمْ
عَلَى الْمَلٰٓىٕكَةِۙ فَقَالَ اَنْۢبِـُٔوْنِیْ بِاَسْمَآءِ هٰۤؤُلَآءِ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِیْنَ (۳۱) قَالُوْا
سُبْحٰنَكَ لَا عِلْمَ لَنَاۤ اِلَّا مَا عَلَّمْتَنَاؕ اِنَّكَ اَنْتَ الْعَلِیْمُ الْحَكِیْمُ (۳۲) قَالَ
یٰۤاٰدَمُ اَنْۢبِئْهُمْ بِاَسْمَآىٕهِمْۚ فَلَمَّاۤ اَنْۢبَاَهُمْ بِاَسْمَآىٕهِمْۙ قَالَ اَلَمْ اَقُلْ لَّكُمْ اِنِّیْۤ
اَعْلَمُ غَیْبَ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِۙ وَ اَعْلَمُ مَا تُبْدُوْنَ وَ مَا كُنْتُمْ
تَكْتُمُوْنَ (۳۳) وَ اِذْ قُلْنَا لِلْمَلٰٓىٕكَةِ اسْجُدُوْا لِاٰدَمَ فَسَجَدُوْۤا اِلَّاۤ اِبْلِیْسَؕ

www.dawateislami.net

اَبٰی وَ اسۡتَكۡبَرَ ٭ۗ وَ كَانَ مِنَ الۡكٰفِرِيۡنَ ﴿۳۴﴾ (پ 1 البقرة: 30 تا 34)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ (ياد ڪريو) جڏهن تنهنجي پالڻهار ملائڪن کي فرمايو تہ آئون زمين ۾ پنهنجو نائب پيدا ڪرڻ وارو آهيان (اُن جي حڪمت جاڻڻ لاءِ) چيائون ڇا اِهڙي کي نائب ڪندين جيڪو اُن ۾ فساد پکيڙيندو ۽ خُونريزي ڪندو ۽ اسان توکي ساراهيندي تنهنجي تسبيح پڙهون ٿا ۽ تنهنجي پاڪائِي بيان ڪريُون ٿا، فرمايائين جيڪِي توهان نٿا ڄاڻو سو مُون کي معلوم. ۽ الله تعاليٰ آدم کي مڙني (شين جا) نالا سيکاريا. پوءِ سيني (شين) کي ملائڪن تي پيش ڪري فرمايائين جيڪڏهن توهان (پنهنجي خيال ۾) سچا آهيو تہ مُون کي هِنن (شين) جا نالا تہ ٻُڌايو؟ چيائون پاڪائِي آهي تنهنجي لاءِ، اسان کي ڪابہ ڄاڻ نہ آهي مگر جيترِي تو اسان کي سيکاري بيشڪ تُون ئي عِلم وارو (۽) حُڪمت وارو آهين. فرمايائين اي آدم! هِنن کي مِڙني (شين) جا نالا ٻُڌاءِ جڏهن آدم اُنهن کي سينِي جا نالا ٻُڌايا، فرمايائين مان نہ چوندو هيس تہ آئون آسمانن ۽ زمين جون سڀ لِڪيل شيُون ڄاڻان ٿو ۽ جو ڪُجهہ اوهان ظاهِر ڪريو ٿا ۽ جو ڪُجهہ اوهان لِڪايو ٿا، سو بہ ڄاڻان ٿو. ۽ (ياد ڪريو) جڏهن اسان ملائڪن کي حُڪم ڪيو تہ آدم کي سجدو ڪريو، سو سيني سجدو ڪيو سواءِ اِبليس جي اُن انڪار ڪيو ۽ آڪڙ ڪيائين ۽ ڪافر ٿي ويو.

**درس هدايت:** هن آيت سڳوري مان هدايت جا هي سبق مليا آهن:

(1) الله تعاليٰ جو شان ﴿فَعَّالٌ لِّمَا يُرِيۡدُ ﴿۱۶﴾﴾ آهي يعني اهو جيڪو چاهيندو آهي ڪندو آهي نہ ڪو ان جي ارادي ۾ دخل ڏئي سگهي ٿو نہ ڪنهن کي مجال آهي جو ان جي ڪنهن ڪم ۾ چون چرا ڪري سگهي، پر ان جي باوجود حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام جي تخليق ۽ خلافت جي باري ۾ خداوند قدوس ملائڪن جي جماعت سان مشورو ڪيو، هن ۾ هدايت جو اهو سبق آهي تہ باري تعاليٰ جيڪو سڀ ڪان وڌيڪ علم ۽ قدرت وارو ۽ فاعل مختار آهي جڏهن اهو پنهنجي ملائڪن سان مشورو ڪندو آهي تہ ٻانها جن جو علم ۽ اقتدار ۽ اختيار تمام گهٽ آهي تہ انهن کي بہ گهرجي تہ اهي

جنهن ڪم جو ارادو ڪن تہ پنهنجي مخلص دوستن ۽ عقلمند همدردن سان پنهنجي ڪم جو مشورو ڪري وٺن، ڇوتہ اها اللہ تعالٰي جي سنّت ۽ ان جو مقدس دستور آهي.

(2) ملائڪن حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي باري ۾ اهو چيو تہ اهي فسادي ۽ خون ريز آهن، تنهنڪري انهن کي خلافتِ الٰهي سان نوازڻ کان بهتر آهي تہ اسان ملائڪن کي خلافت جو شرف بخشيو وڃي، ڇوتہ اسان ملائڪ خدا جي تسبيح ۽ تقديس ۽ ان جي حمد ۽ ثنا کي پنهنجي زندگي جو حصو بڻايو آهي، لهٰذا اسان ملائڪ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کان وڌيڪ خلافت جا حقدار آهيون.

ملائڪن پنهنجي اها راءِ انهيءَ ڪري ڏني هئي جو انهن پنهنجي اجتهاد سان اهو سمجهيو هو تہ پيدا ٿيڻ واري خليفي کي اللہ تعالٰي ٽي قوتون عطا فرمائيندو، هڪ قوتِ شهويہ، ٻي قوتِ غضبيہ، ٽي قوتِ عقليہ ۽ جيئن تہ قوت شهويہ ۽ قوت غضبيہ انهن ٻنهي سان لُٽ مار ۽ قتل وغارت وغيره قسم قسم جا فساد ٿيندا، انهيءَ ڪري ملائڪن باري تعالٰي جي جواب ۾ اهو عرض ڪيو تہ اي خداوند تعالٰي! ڇا تون اهڙي مخلوق کي پنهنجي خلافت سان نوازيندين جيڪا زمين تي قسم قسم جا فساد برپا ڪندي ۽ قتل وغارت ڪري سان زمين تي رتوڇاڻ جو طوفان آڻي ڇڏيندي، ان کان بهتر آهي تہ اسان ملائڪن مان ڪنهن کي پنهنجو خليفو بڻائي ڇڏ، ڇوتہ اسان تنهنجي حمد سان تنهنجي تسبيح پڙهندا آهيون ۽ تنهنجي تقديس ۽ پاڪي کي عام ڪندا رهندا آهيون تہ اللہ تعالٰي ملائڪن کي اهو فرمائي خاموش ڪري ڇڏيو تہ مان جنهن مخلوق کي خليفو بڻائي رهيو آهيان ان ۾ جيڪي

مصلحتون ۽ جيڪي حڪمتون آهن انهن کي بس مان ڄاڻان ٿو توهان ملائڪن کي انهن حڪمتن ۽ مصلحتن جو علم ناهي.

اهي مصلحتون ۽ حڪمتون ڪهڙيون هيون؟ ان جو سمورو علم تہ صرف عالم الغيوب کي ئي آهي، پر ظاهري طور تي هڪ حڪمت ۽ مصلحت اها بہ معلوم ٿئي ٿي تہ ملائڪن حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي بدن ۾ قوتِ شهويہ ۽ قوت غضبيہ کي فساد ۽ رتوڇاڻ جو مرڪز ۽ سرچشمو سمجهي انهن کي خلافت جو اهل نہ سمجهيو. پر ملائڪن جي نظر ان تي نہ پئي تہ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام ۾ قوت شهويہ ۽ قوت غضبيہ سان گڏ قوتِ عقليہ بہ آهي، قوت عقليہ جو اهو شان آهي جيڪڏهن اها غالب ٿي قوت شهويہ ۽ قوت غضبيہ کي پنهنجو مطيع ۽ فرمانبردار بڻائي تہ قوت شهويہ ۽ قوت غضبيہ فساد ۽ رتوڇاڻ جي بدران هر ڀلائي ۽ خوبي جو مرڪز ۽ هر قسم جي اصلاح ۽ فلاح جو سرچشمو بڻجي ويندي آهي، اهو نڪتو ملائڪن جي نگاهہ کان پوشيده رهجي ويو، انهيءَ ڪري باري تعالىٰ ملائڪن جي جواب ۾ فرمايو تہ مان جيڪو ڄاڻان ٿو ان کي توهان نٿا ڄاڻيو ۽ ملائڪ اهو ٻڌي خاموش ٿي ويا.

ان مان هدايت جو هي سبق ملي ٿو، جيئن تہ ٻانها خداوند قدوس جي افعال ۽ ان جي ڪمن جي مصلحتن ۽ حڪمتن کان پوري طرح واقف نہ آهن، انهيءَ ڪري ٻانهن تي لازم آهي تہ الله تعالىٰ جي ڪنهن فعل تي تنقيد ۽ تبصري کان پنهنجي زبان کي روڪي رکن، ۽ پنهنجي ڪم عقلي ۽ ڪم فهمي جو اعتراف ڪندي اهو ايمان رکن ۽ زبان سان اعلان بہ ڪندا رهن تہ الله تعالىٰ جيڪو ڪجھ ڪيو ۽ جيئن بہ ڪيو بهرحال اهو ئي حق

آهي ۽ الله تعالٰي ئي پنهنجي ڪمن جي حڪمتن ۽ مصلحتن کي خوب ڄاڻي ٿو جنهن جو اسان ٻانهن کي علم ناهي.

(3) الله تعالٰي حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کي سيني شين جا نالا، ۽ انهن جي حڪمتن جو علم اِلهام ذريعي هڪ گهڙي ۾ عطا فرمايو، ان مان خبر پئي ته علم جو حصول ڪتابن کي سبقاً سبقاً پڙهڻ تي موقوف ناهي، بلڪ الله تعالٰي جنهن ٻانهي تي پنهنجو فضل فرمائي ته ان کي بنا سبق پڙهڻ ۽ بنا ڪنهن ڪتاب جي اِلهام جي ذريعي ڪجهه گهڙين ۾ علم سان نوازي ڇڏيندو آهي، ۽ بنا علم حاصل ڪرڻ جي ان جو سينو علم ۽ عرفان جو خزينو بڻجي ويندو آهي، جيئن ڪيئي ولي سڳورن جي باري ۾ معتبر روايتن مان ثابت آهي ته انهن نه ڪنهن مدرسي ۾ قدم رکيو، نه ڪنهن استاد جي سامهون ويٺا، نه ڪڏهن ڪنهن ڪتاب کي هٿ لڳايو پر ڪامل شيخ جي باطني توجهه ۽ رب جي فضل سان ڪجهه منٽن بلڪ ڪجهه سيڪنڊن ۾ الهام جي ذريعي اهي تمام عُلوم ۽ معارف جا جامع ڪمالات بڻجي ويا، ۽ انهن بزرگن جي علمي تبحر ۽ عالمانه مهارت جو اهو شان ٿيو جو مدرسن جا وڏا وڏا مولوي جيڪي علم ۽ عرفان جا پهاڙ شمار ڪيا ويندا هئا انهن بزرگن جي سامهون طِفلِ مڪتب نظر اچڻ لڳا.

(4) انهن واقعن مان معلوم ٿيو ته خدا جي نيابت ۽ خلافت جو دارو مدار عبادت ۽ تسبيح وتقديس جي ڪثرت تي نه آهي بلڪ ان جو دارومدار علم ۽ عرفان جي ڪثرت تي آهي، جيئن ملائڪ عَلَيْهِم السَّلَام ڪثرتِ عبادت ۽ تسبيح وتقديس جي باوجود "خليفة الله" جي لقب سان نه نوازيا ويا ۽ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام علوم ۽

www.dawateislami.net

معارف جي ڪثرت جي ڪري خلافت جي شرف سان ممتاز ڪيا ويا، جنهن تي قرآن ڪريم جون آيتون شاهد آهن.

(5) ان مان اهو بہ معلوم ٿيو تہ علوم جي ڪثرت ڪي عبادت جي ڪثرت تي فضيلت حاصل آهي ۽ هڪ عالم جو درجو عابد کان تمام گهڻو بلند آهي، اهو ئي سبب آهي جو حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي علمي فضل و ڪمال ۽ بلند درجن جي اظهار ۽ اعلان جي لاءِ ۽ ملائڪن کان ان جو اعتراف ڪرائڻ جي لاءِ اللّٰه تعالٰي سيني ملائڪن کي حڪم فرمايو تہ سيئي ملائڪ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي سامهون سجدو ڪن، پوءِ سيني ملائڪن اللّٰه تعالٰي جي حڪم جي پيروي ڪندي حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کي سجدو ڪيو ۽ اهي ان ڪري تقرب الي اللّٰه ۽ محبوبيتِ خداوندي جي عظيم منزل تي فائز ٿي ويا، ۽ ابليس جيئن تہ پنهنجي تڪبُّر جي نحوست ۾ گرفتار ٿي سجدي کان انڪار ڪيو تہ اهو مردودِ بارگاهِ الٰهي ٿي ذِلّت ۽ گمراهي جي اهڙي عميق غار ۾ ڪريو جو قيامت تائين اهو ان غار مان نڪري نہ سگهندو ۽ هميشہ هميشہ جي لاءِ بنهي جهانن جي لعنتن جو حقدار بڻجي ويو، ۽ قهرِ قهار ۽ غضبِ جبار ۾ گرفتار ٿي دائمي عذابِ نار جو مستحق بڻجي ويو.

(6) ان مان اهو بہ معلوم ٿيو تہ ڪنهن جي علم کي جانچڻ ۽ علم جي گهٽائي ۽ گهڻتائي جو اندازو لڳائڻ جي لاءِ امتحان جو طريقو جيڪو اڄڪلهہ رائج آهي اهو اللّٰه تعالٰي جي سنّت قديمہ آهي ۽ خداوندِ عالم ملائڪن جي علم کي گهٽ ۽ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي علم کي وڌيڪ ظاهر ڪرڻ جي لاءِ ملائڪن ۽ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جو امتحان ورتو، تہ ملائڪ هن امتحان ۾ ناڪام

رهجي ويا، ۽ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام ڪامياب ٿي ويا.

(7) حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کي ابليس خاڪ جو پتلو چئي تحقير ڪئي ۽ پاڻ کي آتشي مخلوق چئي پنهنجي وڏائي ۽ تڪبر جو اظهار ڪري سجدو ڪرڻ کان انڪار ڪيو، حقيقت ۾ شيطان جي انڪار جو سبب ان جو تڪبر هو، ان مان اهو سبق به ملي ٿو ته تَڪَبُر اها بري شيءِ آهي جو وڏن وڏن مرتبن ۽ درجن وارن کي ذلت جي عذاب ۾ گرفتار ڪرائي ڇڏيندو آهي، بلڪ بعض اوقات تڪبر ڪفر تائين پهچائيندو آهي، ۽ تڪبر سان گڏوگڏ محبوبانِ بارگاهِ الٰهي جي توهين ۽ تحقير جو جذبو به هجي ته ان جي خرابي، خباثت ۽ بي پناهه منحوسيت جو ڪو اندازو نٿو ڪري سگهجي ۽ ان جي ابليس لعين هئڻ ۾ ڪو شڪ شبهو نٿو ڪري سگهجي، تنهنڪري انهن ماڻهن کي عبرت حاصل ڪرڻ گهرجي جيڪي بزرگانِ دين جي توهين ڪري پنهنجي عبادتن تي تڪبر جو اظهار ڪندا رهندا آهن اهي هن دؤر جا ابليس چورائڻ جا مستحق نه آهن ته پوءِ ڇا آهن؟ ﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰی اَعْلَم﴾

## ﴿3﴾ علومِ آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي هڪ فهرست

حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کي الله تعالٰي ڪيترا علوم عطا فرمايا، ۽ ڪن ڪن شين جي علم ۽ عرفان کي عالم الغيب والشهادة هڪ گهڙي جي اندر انهن جي سيني پاڪ ۾ اِلهام جي ذريعي جمع فرمايو، جنهن جي ڪري حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام علوم ۽ معارف جي ايتري بلند ترين منزل تي فائز ٿي ويا جو ملائڪن جي مقدس جماعت سندن علمي وقار ۽ عرفاني عظمت ۽ اقتدار جي سامهون سر بسجود ٿي وئي، انهن علمن جي فهرست اوهان قطب زمانه

حضرت علامہ شيخ اسمٰعيل حقي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي مشهور تفسير روح البيان شريف ۾ پڙهو جنهن جو ترجمو هي آهي، اهي فرمائن ٿا:

الله تعاليٰ حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام کي سڀني شين جا نالا سڀني زبانن ۾ سيکاري ڇڏيا ۽ انهن کي سڀني ملائڪن جا نالا ۽ تمام اولادِ آدم جا نالا، تمام حيوانات، نباتات ۽ جمادات جا نالا، سڀني شين جي صنعتن جا نالا، سمورن شهرن ۽ وسندين جا نالا، تمام پکين ۽ وڻن جا نالا، جيڪي آئنده وجود ۾ اچڻ وارا آهن انهن سڀني جا نالا ۽ قيامت تائين پيدا ٿيڻ وارن سڀني جاندارن جا نالا ۽ تمام کائڻ پيئڻ وارين شين جا نالا، جنّت جي تمام نعمتن جا نالا، تمام شين ۽ سامانن جا نالا، ايستائين جو پيالا ۽ پيالي جا نالا، ۽ حديث شريف ۾ آهي ته الله تعاليٰ انهن کي ست لک زبانون سيکاريون آهن. (تفسير روح البيان ج 1 ص 100، پ 1، البقرة: 31)

انهن علوم جي فهرست ته قرآن شريف پنهنجي معجزاتي جوامع الکلم واري اندازِ بيان ۾ صرف هڪ جملي جي اندر بيان فرمائي ڇڏي آهي، جيئن ارشاد رباني آهي:

وَعَلَّمَ اٰدَمَ الۡاَسۡمَآءَ كُلَّهَا (پ 1 البقره: 31)

ترجموڪنزالايمان: ۽ الله تعاليٰ آدم کي مِڙني (شين جا) نالا سيکاريا.

**درس هدايت:** حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام جي علمي خزانن جي اها عظيم فهرست ڏسي سوچيو ته جڏهن حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام جي علوم ۽ معارف جي اها منزل آهي ته پوءِ حضور سيّد آدم، سروَرِ اولاد آدم، خليفة الله الاعظم، حضرت محمد رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي علومِ عاليه جي ڪثرت ۽ وسعت ۽ انهن جي رفعت ۽ عظمت جو عالم ڇا هوندو؟ مان چوان ٿو: والله! حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام جي علوم

ڪي رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي علوم سان ايتري بہ نسبت ناهي جيتري هڪ قطري ڪي سمنڊ سان ۽ هڪ ذري ڪي تمام روءِ زمين سان نسبت آهي، الله اڪبر! ڪٿي علومِ آدم ۽ ڪٿي علومِ سيّد عالم!

فرش تا عرش سب آئینہ، ضمائر حاضر بس قسم کھایئے اُمّی! تیری دانائی کی

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّبَارِكْ وَسَلِّمْ

## ﴿4﴾ اِبليس ڇا هو ۽ ڇا ٿي ويو!

ابليس جنهن کي شيطان چيو وڃي ٿو، اهو ملائڪ نہ بلڪ جِنُ هو جيڪو باھ مان پيدا ٿيو، پر اهو ملائڪن سان گڏجي رهندو هو ۽ بارگاهِ الٰهي ۾ نهايت مقرب ۽ وڏن وڏن درجن ۽ مرتبن تي فائز هو، حضرت ڪعب احبار رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جو بيان آهي تہ ابليس چاليھ هزار سالن تائين جنّت جو خزانچي رهيو ۽ اسي هزار سالن تائين ملائڪن جو ساٿي رهيو ۽ ويھ هزار سالن تائين ملائڪن کي وعظ ڪندو رهيو، ۽ ٽيھ هزار سالن تائين مقربن جو سردار رهيو، هڪ هزار سالن تائين روحانين جي سرداري جي منصب تي رهيو، ۽ چوڏهن هزار سالن تائين عرش جو طواف ڪندو رهيو ۽ پهرين آسمان تي هن جو نالو عابد ۽ ٻين آسمان ۾ زاهد، ۽ ٽين آسمان ۾ عارف، ۽ چوٿين آسمان ۾ ولي، ۽ پنجين آسمان تي تقي ۽ ڇهين آسمان تي خازن ۽ ستين آسمان تي عزازيل هو ۽ لوح محفوظ ۾ هن جو نالو ابليس لکيل هو ۽ هي پنهنجي انجام کان غافل ۽ خاتمي کان بي خبر هو.

(تفسير صاوي ج 1، ص 51، البقرة: 34 جمل ج 1 ص 60)

پر جڏهن الله تعالٰي حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کي سجدو ڪرڻ جو حڪم ڏنو تہ ابليس انڪار ڪيو ۽ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي تحقير ۽ پنهنجي وڏائي جو اظهار ڪري تڪبر ڪيو، انهيءَ جرم جي سزا ۾ خداوند عالم هن کي پنهنجي بارگاهہ مان مردود ڪري بنهي جهانن ۾ ملعون ڪري ڇڏيو ۽ هن جي پيروي ڪرڻ وارن کي جهنّم ۾ عذابِ نار جو حقدار قرار ڏنو، جيئن قرآن شريف ۾ ارشاد رباني آهي:

قَالَ مَا مَنَعَكَ اَلَّا تَسْجُدَ اِذْ اَمَرْتُكَ ؕ قَالَ اَنَا خَيْرٌ مِّنْهُ ۚ خَلَقْتَنِيْ مِنْ نَّارٍ وَّ خَلَقْتَهٗ مِنْ طِيْنٍ ﴿۱۲﴾ قَالَ فَاهْبِطْ مِنْهَا فَمَا يَكُوْنُ لَكَ اَنْ تَتَكَبَّرَ فِيْهَا فَاخْرُجْ اِنَّكَ مِنَ الصّٰغِرِيْنَ ﴿۱۳﴾ قَالَ اَنْظِرْنِيْۤ اِلٰى يَوْمِ يُبْعَثُوْنَ ﴿۱۴﴾ قَالَ اِنَّكَ مِنَ الْمُنْظَرِيْنَ ﴿۱۵﴾ قَالَ فَبِمَاۤ اَغْوَيْتَنِيْ لَاَقْعُدَنَّ لَهُمْ صِرَاطَكَ الْمُسْتَقِيْمَ ﴿۱۶﴾ ثُمَّ لَاٰتِيَنَّهُمْ مِّنْۢ بَيْنِ اَيْدِيْهِمْ وَ مِنْ خَلْفِهِمْ وَ عَنْ اَيْمَانِهِمْ وَ عَنْ شَمَآىِٕلِهِمْ ؕ وَ لَا تَجِدُ اَكْثَرَهُمْ شٰكِرِيْنَ ﴿۱۷﴾ قَالَ اخْرُجْ مِنْهَا مَذْءُوْمًا مَّدْحُوْرًا ؕ لَمَنْ تَبِعَكَ مِنْهُمْ لَاَمْلَـَٔنَّ جَهَنَّمَ مِنْكُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿۱۸﴾ (پ 8 الاعراف 12 تا 18)

**ترجموڪنزالايمان:** فرمايائين ڪهڙي شيءِ توکي روڪيو جو تو سجدو نہ ڪيو جڏهن تہ مان توکي حُڪم ڏِنو هو، چوڻ لڳو مان اُن کان ڀَلو آهيان تو مُون کي باهہ مان بڻايو ۽ هِن کي مِٽِي مان ٺاهيئِي، فرمايائِين هِتان لهِي وڃ توکي حق نہ تو پُهچي جو هِتي رهِي وڏائِي ڪرين نڪرِي وڃ تُون آهِين ذِلت وارن مان. چيائِين مُون کي مُهلت ڏي اُن ڏِينهن تائِين جو ماڻهو اُٿاريا وڃن. فرمايائِين توکي مُهلت آهي. چيائين قسم آهي اُن جو، جو تو مُون کي گُمراهہ ڪيو، مان ضرُور تنهنجي سِڌي رستي تي اُنهن جِي تاڙ ۾ ويهندس. پوءِ

ضرُور مان اُنهن وٽ وِيندس اُنهن جي اڳيان ۽ اُنهن جي پُٺيان ۽ اُنهن جي سَڄي ۽ اُنهن جي کٻي طرف کان ۽ تُون اُنهن مان گهڻن کي شُڪرگذار نہ ڏِسندين. فرمايائِين هِتان نڪرِي وڃ هٽايل تڙيل ضرور جيڪو اُنهن مان تُنهنجي چَئِي تي هلندو مان توهان سڀني سان جهنم کي ڀرِيندس.

**درس هدايت:** قرآن شريف جي هن عجيب وغريب واقعي ۾ عبرتن ۽ نصيحتن جون وڏيون روشن ۽ چمڪندڙ ڳالهيون آهن، انهيءَ ڪري هن واقعي کي خُداوندِ قُدوس مختلف لفظن سان ۽ ڪيئي طريقن سان قرآن شريف جي ستن هنڌن تي بيان فرمايو آهي، يعني سورة بقره، اعراف، حجر، بني اسرائيل، ڪهف، طٰهٰ ۽ سورة ص، هنن سورتن ۾ دل ڏڙڪائڻ واري هن واقعي جو بيان آهي جنهن سان هيٺ ڏنل حقيقتن پريو هدايت جو درس ملندو آهي.

(1) هن مان سڀ کان وڏو درس هدايت اهو ملي ٿو تہ ڪڏهن بہ پنهنجي عبادتن ۽ نيڪين تي وڏائي ۽ غرور نہ ڪرڻ گهرجي ۽ گهنگار کي پنهنجي مغفرت کان ڪڏهن مايوس ٿيڻ نہ گهرجي، ڇوتہ انجام ڇا ٿيندو خاتمو ڪيئن ٿيندو، عام ٻانهن کي ان جي ڪا خبر ناهي ۽ نجات ۽ فلاح جو دارومدار حقيقت ۾ چڱي خاتمي تي ئي آهي، وڏن وڏن عابدن جو خاتمو جيڪڏهن خير تي نہ ٿيو تہ اهو جهنّمي ٿيندو ۽ وڏي کان وڏو گنهگار جيڪڏهن ان جو خاتمو بالخير ٿيو اهو جنّتي ٿيندو، ڏسو! ابليس ڪيترو وڏو عبادت گذار ۽ ڪيترو مقرب بارگاهہ هو ۽ ڪيڏن وڏن مرتبن ۽ درجن جي شرف کان سرفراز هو، پر انجام ڇا ٿيو؟ جو ان جون سموريون عبادتون ضايع ٿي ويون ۽ اهو ٻنهي جهانن ۾ ملعون ٿي جهنّم جي عذاب جو حقدار ٿي ويو، ڇو تہ ان کي پنهنجي عبادتن ۽ درجات جي بلندي تي غرور ۽ تڪبر ٿي ويو پر

اهو پنهنجي انجام ۾ خاتمي کان بلڪل بي خبر هو.

حديث شريف ۾ آهي هڪ شخص جهنّم وارن جيان عمل ڪندو رهندو آهي حالانڪ اهو جنّتي هوندو آهي ۽ هڪ شخص جنّتين جهڙا عمل ڪندو رهندو آهي حالانڪ اهو جهنّمي هوندو آهي: ﴿اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالْخَوَاتِيْمِ﴾ يعني عمل جو اعتبار خاتمي تي آهي. (مشکوٰة المصابيح ڪتاب الايمان، ص 20) خداوند ڪريم هر مسلمان کي خاتمي بالخير جي سعادت نصيب فرمائي ۽ بري انجام ۽ بري خاتمي کان محفوظ رکي. آمين ﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰی اَعْلَم﴾

(2) هن مان اهو به معلوم ٿيو ته عالم هجي يا جاهل، متقي هجي يا گنهگار هر شخص کي سموري زندگي شيطان جي وسوسن کان هوشيار ۽ ان جي فريبن کان بچڻ گهرجي، ڇوته شيطان قسم کڻي الله جي بارگاهه ۾ اعلان ڪيو آهي ته مان اڳيان کان، پويان کان ۽ ساڄي کاٻي کان وسوسو وجهي تنهنجي ٻانهن کي صراط مستقيم تان ورغلائيندو رهندس ۽ گهڻن ماڻهن کي خدا جو شڪر گذار ٿيڻ کان روڪيندس.

(3) شيطان اڳيان پويان ۽ ساڄي کاٻي چئني پاسن کان انسانن تي حملو ڪرڻ ۽ وسوسو وجهڻ جو اعلان ڪيو آهي ان مان معلوم ٿيو ته مٿي ۽ هيٺ ٻنهي پاسن کان شيطان انسانن تي ڪڏهن به حملو ناهي ڪندو نه هيٺ مٿي کان ڪو وسوسو وجهي سگهندو آهي، ان ڪري روشني يا ڪابه حيرت انگيز ۽ تعجب خيز شيءِ کي ڏسي ته ان کي سمجهڻ گهرجي، اهو شيطاني ڪرتب يا ابليس جو وسوسو ناهي، بلڪ ان کي خير سمجهي ان ڏانهن

متوجهه ٿئي ۽ خداوند قدوس جي طرفان خير ۽ ڀلائي جي اميد رکي. ﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰى اَعْلَم﴾

## ﴿5﴾ بني اسرائيل تي طاعون جو عذاب

جڏهن ”ميدان تيہ“ ۾ بني اسرائيل اها خواهش ظاهر ڪئي تہ اسان زمين مان پيدا ٿيندڙ اناج ۽ ڀاڄيون کائيندا سين تہ انهن کي حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام سمجهايو تہ توهان ”مَن و سلويٰ“ جهڙو نفيس کاڌو ڇڏي ڪڻڪ، دال ۽ سبزين جهڙيون گهٽ ۽ ڪمتر شيون ڇو طلب ڪري رهيا آهيو؟ پر جڏهن بني اسرائيل پنهنجي ضد تي قائم رهيا تہ الله تعاليٰ حڪم ڏنو تہ توهان ميدان تيہ مان نڪري شهر بيت المقدس ۾ داخل ٿيو ۽ اتي بنا روڪ ٽوڪ جي پنهنجي پسند جي ۽ من کي وڻندڙ غذائون کائو پر اهو ضروري آهي تہ توهان بيت المقدس جي دروازي مان وڏي ادب ۽ احترام سان جهڪي داخل ٿجو، ۽ داخل ٿيڻ وقت اها دعا گهرندا رهجو تہ يا الله! تون اسان جي گناهن کي معاف فرماءِ تہ اسان توهان جا گناهہ بخشي ڇڏيندا سين.

پر بني اسرائيل جيڪي هميشہ کان سرڪش ۽ شرارتن جا عادي ۽ خدا جي نافرمانين جا عادي هئا، بيت المقدس جي ويجهو پهچي انهن جي شرارت واري عادت ٻيهر بيدار ٿي ۽ اهي نافرمان جهڪي داخل ٿيڻ بدران پنهنجي سُرينن تي گهلجندي دروازي مان داخل ٿيا ۽ ﴿حِطَّةٌ﴾ (معافي جي دعا) جي بدران ﴿حبة فى شعرة﴾ (هڪ داڻو آهي هڪ وار ۾) چوندي ۽ ننول ڪندي بيت المقدس جي دروازي مان داخل ٿي ويا، فرمانِ رَباني جي ان نافرماني ۽

حڪمِ الٰهي سان مذاق جي ڪري انهن تي قهرِ خداوندي عذاب جي صورت ۾ نازل ٿيو جو اوچتو انهن ۾ طاعون جي بيماري وبائي شڪل ۾ پکڙجي وئي ۽ ڪلاڪ ڪن ۾ ستر هزار بني اسرائيل سُور ۽ تڪليف ۾ مچي جيان ڦٿڪندي مري ويا.

(صاوي ج 1 ص 31 جلالين)

**طاعون:** هڪ مهلڪ وبائي بيماري آهي جنهن کي ڊاڪٽر ”پليگ“ چوندا آهن، هن بيماري ۾ ڪنڌ ۽ بغلن ۽ رانن جي ڪناري وٽ انبن جي ڪکڙي جي برابر ڏاڍا (ڳوڙها) ٿيندا آهن، جنهن ۾ تمام گهڻو سُور ۽ ناقابل برداشت سوج ٿيندي آهي، شديد بُخار تي ويندو آهي، اکيون ڳاڙهيون تي ويندِيون ۽ دردناڪ ساڙي جي ڪري شعلي جيان سڙڻ لڳنديون آهن، مريض سُور جي شدت ۽ شديد بي چيني ۽ بيقراري ۾ تڙپي تڙپي جلد ئي مري ويندو آهي ۽ جنهن علائقي ۾ اها وبا پکڙجي ويندي آهي ان علائقي جي اڪثر آبادي موت جي ور چڙهي ويندي آهي ۽ هر پاسي ويراني ۽ خوف وڌي ويندو آهي.

الله تعالٰي بني اسرائيل جي هن واقعي جو ذڪر ڪندي قرآن شريف ۾ ارشاد فرمايو ته

وَ اِذۡ قُلۡنَا ادۡخُلُوۡا هٰذِهِ الۡقَرۡيَةَ فَكُلُوۡا مِنۡهَا حَيۡثُ شِئۡتُمۡ رَغَدًا وَّ ادۡخُلُوا الۡبَابَ سُجَّدًا وَّ قُوۡلُوۡا حِطَّةٌ نَّغۡفِرۡ لَـكُمۡ خَطٰيٰكُمۡ‌ؕ وَسَنَزِيۡدُ الۡمُحۡسِنِيۡنَ ﴿۵۸﴾ فَبَدَّلَ الَّذِيۡنَ ظَلَمُوۡا قَوۡلًا غَيۡرَ الَّذِىۡ قِيۡلَ لَهُمۡ فَاَنۡزَلۡنَا عَلَى الَّذِيۡنَ ظَلَمُوۡا رِجۡزًا مِّنَ السَّمَآءِ بِمَا كَانُوۡا يَفۡسُقُوۡنَ ﴿۵۹﴾ (پ 1 البقره: 58 تا 59)

www.dawateislami.net

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ (ياد ڪريو) جڏهن اسان فرمايو ته هِن ڳوٺ ۾ (رَهڻ لاءِ) وڃو ۽ پوءِ اُن ۾ جِتان وڻيوَ مزي سان کائو ۽ دروازي کان سجدو ڪندي داخِل ٿيو ۽ چئو ته اسان جا گُناهه مُعاف ٿين، اسان اوهان جا گُناهه بخشي ڇڏينداسين ۽ جلد نيڪوڪارن کي وڌيڪ (اجُر) ڏينداسين. سو جيڪا ڳالهه اُنهن کي چئي وئي هُئي اُن کانسواءِ ظالِمن ٻي ڳالهه بدلائي ڇڏي، سو اسان اُنهن تي آسمان کان عذاب لاٿو اُنهن جي بي فرمانيءَ جو بدلو.

**درسِ هدايت :** هن واقعي مان معلوم ٿيو ته خداوند قدوس جي نافرماني ۽ رب جي احڪامن سان مذاق مسخري ۽ ٺٺول ڪرڻ جو ڪيترو ڀيانڪ ۽ ڪيترو ڀوائتو انجام ٿيندو آهي جو آخرت جو عذاب پنهنجي جڳهه برقرار رهي ٿو پر دنيا ۾ قهرِ الٰهي عذاب جي صورت ۾ نازل ٿي ويندو آهي جنهن سبب ماڻهو هلاڪ ٿي فنا جي گهاٽ لهي ويندا آهن ۽ آباديون ويران ٿي ويندِيون آهن. ﴿مَعَاذَ اللّٰهُ مِنْه﴾

**فائدو:** طاعون بني اسرائيل جي حق ۾ عذاب هو، پر خيرالامم يعني خاتم الانبياء صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اُمت جي حق ۾ اها بيماري رحمت آهي جوته حديث شريف ۾ آيو آهي: طاعون جي بيماري ۾ مرڻ وارو شهيد هوندو آهي. (تفسير صاوي ج 1 ص 68 البقرة: 59)

مسئلو هي آهي ته جنهن علائقي ۾ طاعون جي وبا ڦهلجندي آهي اتي نه وڃڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن پنهنجي علائقي ۾ وبا اچي ته علائقو ڇڏي ٻي جڳهه ڏانهن نه وڃڻ گهرجي، بلڪ طاعون جي وبا ۾ پنهنجي علائقي ۾ الله تي توڪّل (ڀروسو) ڪري صبر سان رهڻ گهرجي، جيڪڏهن هن بيماري ۾ مري ويو ته شهيد ٿيندو ۽ طاعون جي خوف مان علائقو ڇڏي ڀڄڻ واري تي ايترو وڏو گناهه آهي جيترو جهاد جي ميدان کي ڇڏي ڀڄڻ واري تي گناهه ٿيندو

آهي، انهيءَ ڪري هرگز پچڻ نہ گهرجي، بلڪ هن بيماري ۾ صبر سان پنهنجي علائقي ۾رهڻ گهرجي چوتہ هن تي اللّٰه تعالٰي اجر ۽ ثواب جو واعدو فرمايو آهي. ﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰی اَعۡلَم﴾

## ﴿6﴾ صَفَا ۽ مَروَہ

هي ننڍيا بہ پهاڙ آهن جيڪي حرم ڪعبہ مڪرمہ جي بلڪل ويجهو آهن ۽ اڄڪلهہ تہ وڏين عمارتن، بلند رستن ۽ ٻن ننڍين پهاڙن جي وچ ۾ ڇت ٻڌجڻ ۽ تعميرات جي رد وبدل جي ڪري ٻئي ننڍيا پهاڙ وڌيڪ بلند نہ آهن، حضرت بيبي هاجره رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهَا انهن جبلن تي چڙهي ان وقت پاڻي جي جستجو ۽ ڳولها ۾ چڪر لڳايا ، جڏهن حضرت اسماعيل عَلَیۡهِ السَّلَام کير پياڪ ٻار هئا ۽ اُڃ جي شدت جي ڪري بيقرار ٿي ويا هئا، انهيءَ ڪري قديم زماني کان اهي ٻئي پهاڙون نهايت مقدس سمجهيون وينديون آهن ۽ حاجي سڳورا انهن ٻنهي پهاڙن تي چڙهي وڏي احترام ۽ عقيدت جي جذبي سان چڪر لڳائيندا ۽ دعائون گهرندا آهن.

پر جاهليت جي زماني ۾ هڪ مرد جنهن جو نالو ”اساف“ هو ۽ هڪ عورت جنهن جو نالو ”نائلہ“ هو انهن بدبختن خانہ ڪعبہ جي اندر بدڪاري ڪئي تہ انهن تي اللّٰه تعالٰي جو عذاب نازل ٿيو تہ اهي ٻئي مسخ ٿي پٿر جي مورت ۽ بت بڻجي ويا، پوءِ زمانہ جاهليت جي بت پرستن انهن ٻنهي مجسمن کي ڪعبي مان ڪڍي صفا مروه جي ٻنهي ٽڪرين تي رکي ڇڏيو ۽ ٻنهي بتن جي پوڄا ڪرڻ لڳا.

پوءِ جڏهن عرب ۾ اسلام ڦهلجي ويو تہ مسلمان ”اساف ۽ نائلہ“ ٻنهي بتن جي ڪري انهن ٽڪرين ڏانهن وڃڻ کي گناهہ

سمجهڻ لڳا، ان وقت الله تعاليٰ قرآن شريف ۾ اهو حڪم نازل فرمايو تہ صفا ۽ مروه جي طواف ۽ انهن ٻنهي جي زيارت ۾ ڪو حرج ۽ گناهہ ناهي، بلڪ حج ۽ عمري ٻنهي عبادتن ۾ صفا ۽ مروه جو طواف ضروري آهي. (تفسير صاوي ج 1 ص 132، پ 2 البقرة: 158)

فتح مڪي جي ڏينهن حضور سيد اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن ٻنهي ٽڪرين تان "اساف ۽ نائلہ" ٻنهي بتن کي نيست ونابود ڪري ڇڏيو ۽ ٻنهي ٽڪرين کي اڳوڻي دستور مطابق مقدس ۽ معظم قرار ڏئي انهن جو طواف حج ۽ عمري جي لاءِ ضروري قرار ڏنو ويو. جيئن قرآن ڪريم ۾ ارشاد ٿيو تہ

اِنَّ الصَّفَا وَ الْمَرْوَةَ مِنْ شَعَآىٕرِ اللّٰهِ ۚ فَمَنْ حَجَّ الْبَیْتَ اَوِ اعْتَمَرَ فَلَا جُنَاحَ عَلَیْهِ اَنْ یَّطَّوَّفَ بِهِمَا ؕ وَ مَنْ تَطَوَّعَ خَیْرًا ۙ فَاِنَّ اللّٰهَ شَاكِرٌ عَلِیْمٌ ﴿۱۵۸﴾

**ترجموڪنزالايمان:** بيشڪ صَفا ۽ مَروه الله جي نِشانين مان آهن، پوءِ جيڪو اُن گھر جو حج يا عُمرو ڪري، اُن تي گُناهہ نہ آهي جو اُنهن ٻنهِي جو طواف ڪري ۽ جيڪو پاڻ ئي چڱو ڪم ڪري تہ الله نيڪِي جو بدلو ڏيندڙ (۽) ڄاڻ وارو آهي. (پ 2 البقرة: 158)

**درسِ هِدايت:** صفا ۽ مروه ٻنهي پهاڙن (ٽڪرين) تي حضرت بي بي هاجره رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا ڊوڙي پاڻي جي ڳولها ڪئي هئي تہ هڪ نبي يعني حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي گهرواريءَ ۽ هڪ نبي يعني حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جي امڙ حضرت بيبي هاجره رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا جا قدم انهن پهاڙن تي پوڻ سان انهن ٻنهي ٽڪرين کي اها عظمت ۽ عزّت ملي، جو حضرت بيبي هاجره رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا جي هڪ مقدس يادگار بڻجي وڃڻ جو انهن ٻنهي جبلن کي اعزاز ۽ شرف مليو ۽

اهي جبل حج ۽ عمرو ڪرڻ وارن جي لاءِ طواف ۽ سعي جو هڪ مقبول ۽ محترم هنڌ بڻجي ويا ، ان مان هدايت جو اهو سبق مليو ته الله وارن ۽ الله وارين کان جيڪڏهن ڪنهن جڳهه کي ڪو خاص تعلق حاصل ٿي وڃي ته اها جڳهه وڏيڪ معزز ۽ معظم بڻجي ويندي آهي، ۽ هر مسلمان لاءِ اها جڳهه تعظيم ۽ احترام لائق ٿي ويندي آهي، نه ته مڪي شريف ۾ ڪوڙ ساريون پهاڙون ۽ ننڍا وڏا جبل آهن پر صفا ۽ مروه جي ننڍين پهاڙن کي جيڪو تقدس ۽ عظمت حاصل آهي اهو ڪنهن ٻئي جبل کي حاصل ناهي، ان جو سبب ان کان علاوه ٻيو ڇا ٿي سگهي ٿو ته اهي پهاڙون هڪ الله واريءَ جي هڪ مبارڪ جدوجهد جي يادگار آهن.

انهيءَ تي گنبد خضرا ۽ ولين سڳورن جي مزارن ۽ انهن هستين جي عبادتگاهن ۽ ٻين مقدس هنڌن کي قياس ڪرڻ گهرجي ته اهي سڀ الله جي خاص ٻانهن جي نسبت ۽ تعلق جي ڪري معزز ومعظم ۽ قابل تقدس ۽ لائق تعظيم ۽ احترام آهن، انهن سيني جڳهن جي تعظيم ۽ توقير خداوند قدوس جي خوشنودي جو سبب ۽ انهن هنڌن جي بي ادبي، تحقير قهرِ قهار ۽ غضبِ جبار جو سبب آهي، تنهنڪري انهن ماڻهن کي جيڪي گنبذ خضرا ۽ ولين سڳورن جي مزارن جي بي ادبي ۽ انهن کي ڊاهڻ ۽ ڪيرائڻ جا منصوبا ناهيندا رهندا آهن، هن حق جي تارن کان هدايت جي روشني حاصل ڪرڻ گهرجي ۽ پنهنجي نحوستن ۽ بدبختين کان توبه ڪري صراط مستقيم جي واٽ تي ثابت قدم رهڻ گهرجي. خداوند قدوس پنهنجي حبيب ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي طفيل سيني کي هدايت جو نور عطا ڪري ۽ صراط مستقيم

www.dawateislami.net

واري وات تي هلائي. (اٰمِيْن)

## ﴿7﴾ ستر ماڻهو مري ڪري زنده ٿي ويا

حضرت موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام جڏهن جبل طور تي چاليهه ڏينهن جي لاءِ ويا ته ”سامري“ منافق چاندي ۽ سون جي زيورات کي ڳاري هڪ ڳابي جي صورت ناهي جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام جي گهوڙي جي پيرن واري مٽي ان مورت جي وات ۾ وڌي ته اها زنده ٿي ڳالهائڻ لڳي، پوءِ سامري ماڻهن جي ميڙ ۾ اها تقرير شروع ڪئي ته اي بني اسرائيل! حضرت موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام خدا سان ڳالهائڻ جي لاءِ جبلِ طُور تي ويا آهن پر خدا ته اسان وٽ پاڻ هلي آيو آهي ۽ ڳابي ڏانهن اشارو ڪندي چيائين ته اهو خدا آهي،”سامري“اهڙي گمراهي واري تقرير ڪئي جو بني اسرائيل کي ڳابي جي خدا هئڻ جو يقين اچي ويو ۽ اهي ڳابي کي پوڄڻ لڳا، جڏهن حضرت موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام جبل طور تان واپس موٽيا ته بني اسرائيل کي ڳابي جي پوڄا ڪندي ڏسي بيحد ناراض ٿيا ۽ ڪاوڙ ۾ اچي ان ڳابي کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ختم ڪري ڇڏيائون، پوءِ الله تعالٰي جو اهو حڪم نازل ٿيو ته جن ماڻهن ڳابي جي عبادت ناهي ڪئي اهي ڳابي جي پوڄا ڪرڻ وارن کي قتل ڪري ڇڏين، پوءِ ستر هزار ڳابي جي پوڄا ڪرڻ وارا قتل ڪيا ويا، ان کان پوءِ اهو حڪم نازل ٿيو ته حضرت موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام ستر ماڻهن کي چونڊي جبل طور ڏانهن وني وڃن ۽ اهي سيئي ڳابي جي پوڄا ڪرڻ وارن جي طرفان معذرت طلب ڪندي اها دعا گهرن ته ڳابي جي پوڄا ڪرڻ وارن جا گناهه معاف ٿي وڃن، حضرت موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام بهترين ستر ماڻهن کي چونڊي پاڻ سان گڏ ورتو ۽ جبلِ طُور تي تشريف کڻي ويا،

جڏهن ماڻهو جبل طور تي معذرت طلب ڪرڻ ۽ بخشش جي دعا گهرڻ لڳا تہ اللہ تعالٰي جي طرفان آواز آيو تہ

اي بني اسرائيل! مان ئي آهيان، مون کان سواءِ توهان جو ڪو معبود ناهي مون ئي توهان کي فرعون جي ظلم کان نجات ڏئي توهان کي بچايو، تنهن ڪري توهان فقط منهنجي ئي عبادت ڪريو ۽ مون کان سواء ڪنهن کي نہ پوڄيو.

اللہ تعالٰي جو اهو ڪلام ٻڌي ستر ماڻهو گڏجي چوڻ لڳا: اي موسيٰ! اسان هرگز اوهان جي ڳالهہ نہ مڃينداسين جيستائين اسان اللہ تعالٰي کي پنهنجي سامهون نہ ڏسي وٺون، اهي ستر ماڻهو پنهنجي ضد تي بلڪل اڙجي ويا، تہ اسان کي خدا جو ديدار ڪرايو، نہ تہ اسان هرگز نہ مڃينداسين تہ اهو خدا تعالٰي فرمايو آهي. حضرت موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام انهن کي گهڻو سمجهايو، پر اهي سَرڪش ماڻهو پنهنجي مطالبي تي قائم رهيا ايستائين جو اللہ تعاليٰ پنهنجي غضب ۽ جلال جو اظهار ايئن فرمايو جو هڪ فرشتو آيو ۽ ان اهڙي خوفناڪ رڙ ڪئي جو خوف مان ماڻهن جون دليون ڦاٽي پيون ۽ هي ستر ماڻهو مري ويا، پوءِ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام خداوند عالم سان ڪجهہ گفتگو ڪئي ۽ انهن ماڻهن جي زنده ٿيڻ جي لاءِ دعا ڪئي تہ اهي ماڻهو زنده ٿي ويا.

(تفسير صاوي ج 1 ص 64، پ 1 البقرة: 55، 56)

وَ اِذْ قُلْتُمْ یٰمُوْسٰى لَنْ نُّؤْمِنَ لَكَ حَتّٰى نَرَى اللّٰهَ جَهْرَةً فَاَخَذَتْكُمُ الصّٰعِقَةُ وَاَنْتُمْ تَنْظُرُوْنَ ﴿۵۵﴾ ثُمَّ بَعَثْنٰكُمْ مِّنْۢ بَعْدِ مَوْتِكُمْ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿۵۶﴾ (پ 1 البقرة: 55، 56)

www.dawateislami.net

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ (ياد ڪريو) جڏهن توهان چيو تہ اي مُوسيٰ اسان توتي هرگز يقين نہ ڪنداسين جيستائين خُدا کي ظاهِر ظهور نہ ڏِسُون، پوءِ اوهان کي اچِي ڪڙڪي (واِري وِڄ) ورتو ۽ اوهان ڏِسِي رهيا هئا. پوءِ اوهان جي مرڻ بعد اسان اوهان کي زندهہ ڪيوسُون تہ مَن اِحسان مڃو.

**درس هدايت:** (1) هن واقعي مان اهو سبق ملي ٿو تہ پنهنجي پيغمبر جي ڳالهہ نہ مڃي پنهنجي ضد تي اڙجڻ وڏي خطرناڪ ڳالهہ آهي، پوءِ انهن ستر ماڻهن جو مري ڪري زنده ٿيڻ هي خداوند قدوس جي قدرت جو اظهار ۽ اعلان آهي، تہ جيئن ماڻهو ايمان رکن تہ الله تعالٰي قيامت جي ڏينهن سيني مري ويل انسانن کي ٻيهر زندهہ ڪندو.

(2) هن واقعي مان اهو بہ معلوم ٿيو تہ حضرت موسي عَلَيْهِ السَّلَام جي شريعت جو اهو قانون هيو تہ شرڪ جو گناهہ ڪرڻ وارن کي قتل ڪيو وجي، پوءِ قوم جا نيڪ ماڻهو انهن جي لاءِ معذرت طلب ڪن ۽ بخشش جي دعا گهرن، تڏهن شرڪ ڪرڻ وارن جي توبہ قبول ٿيندي هئي، پر اسان جا حضور سيّد الانبياء، خاتَمُ النَّبِيين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شريعت جيئن تہ آسان شريعت آهي تنهنڪري قانون ۾ توبهہ قبول ٿيڻ جي لاءِ اهو ئي ڪافي آهي تہ گناهہ ڪرڻ وارو جيتوڻيڪ ڪفر ۽ شرڪ جو گناهہ ڪيو هجي سچي دل سان پنهنجي گناهن تي الله تعالٰي جي بارگاهہ ۾ شرمسار ٿي معافي طلب ڪري ۽ پنهنجي دل ۾ اهو پختو ارادو ڪري تہ وري اهو گناهہ نہ ڪندس تہ الله تعالٰي ان جي توبہ قبول ڪندو ۽ ان جا گناهہ معاف فرمائيندو. توبہ قبول ٿيڻ جي لاءِ گناهہ ڪرڻ وارن کي قتل نہ ڪيو ويندو.

سُبْحٰنَ اللهُ! هي حضور رحمة للعالمين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رحمت جي طفيل آهي تہ اهي پنهنجي امت تي رؤف ۽ رحيم ۽ بيحد مهربان آهن تہ انهن جي صدقي الله تعالیٰ بہ پنهنجي حبيب جي امت تي تمام گھڻو رحيم ۽ ڪريم بلڪ اَرحم الراحمين آهي.

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّبَارِكْ وَسَلِّمْ

## ﴿8﴾ هڪ تاريخي مناظرو

هي نمرود ۽ حضرت ابراهيم خليل الله عَلَيْهِ السَّلَام جو مناظرو آهي جنهن بابت قرآن ڪريم ۾ بہ تفصيل آهي.

**نمرود ڪير هو:** ”نمرود“ وڏي غرور ۽ تڪبر وارو بادشاھ هو، ۽ سڀ کان پهريان پنهنجي مٿي تي شاهي تاج رکيو ۽ خدائي جي دعويٰ ڪئي، اهو ولد الزِّنا ۽ حرامي هو، ۽ هن جي ماءُ زنا ڪرائي ڇوتہ سلطنت جو وارث پيدا نہ ٿيندو تہ بادشاهت ختم ٿي ويندي، ان زنا مان نمرود پيدا ٿيو، پر اهو حرامي ڇوڪرو وڏو ٿيو تہ هن جو نصيب ڪليو ۽ تمام وڏو بادشاھ بڻجي ويو، مشهور آهي تہ سڄي دنيا جي بادشاهي صرف چار ماڻهن کي ملي جن مان بہ مؤمن هئا ۽ بہ ڪافر، حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام ۽ حضرت ذُوالقرنين تہ ايمان وارا هئا، جڏهن تہ نمرود ۽ بخت نصر اهي ٻئي ڪافر هئا. نمرود پنهنجي سڄي سلطنت ۾ قانون نافذ ڪري خوراڪ جي سيني شين کي پنهنجي قبضي ۾ وٺي ڇڏيو، اهو صرف انهن ماڻهن کي خوراڪ جو سامان ڏيندو هو جيڪي ان جي خدائي کي مڃيندا هئا. هڪ ڀيري حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام هن جي دربار ۾ اناج وٺڻ آيا تہ هن خبيث چيو تہ پهريان تون مون کي

www.dawateislami.net

پنهنجو خدا تسليم ڪر پوءِ مان تون کي اناج ڏيندس، حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام پري دربار ۾ ظاهر ظهور اهو اعلان فرمايو تہ تون ڪوڙو آهين ۽ مان صرف هڪ خدا جي عبادت ڪيان ٿو جيڪو وحده لاشريڪ لہ آهي، اهو ٻڌي نمرود ڪاوڙ ۾ اچي ويو ۽ پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام کي دربار مان ڪڍي ڇڏيو ۽ هڪ داڻو بہ نہ ڏنو. پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام ۽ سندن ڪجهہ پيروڪار جيڪي مؤمن هئا بک جي شدت جي ڪري پريشان ٿي بيحال ٿي ويا، ان وقت پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام هڪ ٿيلهو کڻي هڪ مٽي جي دڙي تي تشريف وٺي ويا ۽ ٿيلهي ۾ واري ڀري کڻي آيا ۽ خداوند قدوس کان دعا گهري تہ اها واري اٽو بڻجي وئي ۽ پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام اهو اٽو پنهنجي پيروڪارن کي کارايو ۽ پاڻ بہ کاڌو، پوءِ نمرود جي دشمني ايتري حد تائين وڌي وئي جو ان سندن کي باھ ۾ وڌو، پر اها باھ سندن تي گلزار بڻجي وئي ۽ پاڻ سلامتي سان باھ مان ٻاهر نڪري آيا ۽ علي الاعلان نمرود کي ڪوڙو چئي خدا وحده لاشريڪ لہ جي توحيد کي عام ڪرڻ لڳا، نمرود ڪلمہ حق کان تنگ اچي هڪ ڏينهن پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام کي پنهنجي دربار ۾ گهرايو ۽ هيٺ ڏنل مڪالمي جي صورت ۾ مناظرو شروع ٿي ويو. (تفسير صاوي ج 1 ص 219، پ 3 البقرة: 258)

**نمرود:** اي ابراهيم! ٻڌايو توهان جو رب ڪير آهي جنهن جي عبادت جي توهان ماڻهن کي دعوت ڏئي رهيا آهيو؟

**حضرت ابراهيم:** اي نمرود! منهنجو رب اهو آهي جيڪو ماڻهن کي زنده ڪري ۽ ماري ٿو.

**نمرود:** اهو تہ مان بہ ڪري سگهان ٿو، پوءِ ان انهيءَ وقت ٻن قيدين کي جيل مان گهرايو هڪ کي موت جي سزا ملي هئي ۽

بئي جي آزادي جو حڪم هو، نمرود ڦاسي واري کي ڇڏي ڏنو ۽ بي قصور کي ڦاسي ڏئي ڇڏي ۽ چيائين تہ ڏسو جيڪو مڙدو هو ان کي مون زنده ڪري ڇڏيو ۽ جيڪو زنده هو ان کي مڙدو ڪري ڇڏيو.

حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام سمجهي ويا تہ نمرود صفا چريو ۽ وڏو ڪو ڄَٽُ آهي، جو "مارڻ جيئارڻ" جو اهو مطلب سمجهي ورتو آهي، انهيءَ ڪري پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام ان جي سامهون هڪ ٻيو نهايت واضح ۽ روشن دليل پيش ڪيو پاڻ ارشاد فرمايائون:

**حضرت ابراهيم:** اي نمرود! منهنجو رب اهو آهي جيڪو سج کي اوڀر مان ڪڍي ٿو جيڪڏهن تون خُدا آهين تہ هڪ ڏينهن سج کي اولهہ مان ڪڍي ڏيکار.

حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جو اهو دليل ٻڌي نمرود حيران رهجي ويو ۽ ڪجهہ نہ چئي سگهيو، اهڙي طرح مناظرو ختم ٿي ويو، ۽ حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام سوين ماڻي دربار مان ٻاهر آيا ۽ توحيدِ الٰهي جو ظاهر ظهور وعظ فرمائڻ شروع ڪيو.

قرآن شريف ۾ هن مناظري کي هنن لفظن ۾ بيان ڪيو ويو آهي:

اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْ حَآجَّ اِبْرٰهٖمَ فِيْ رَبِّهٖۤ اَنْ اٰتٰىهُ اللّٰهُ الْمُلْكَ ۘ اِذْ قَالَ اِبْرٰهٖمُ رَبِّيَ الَّذِيْ يُحْيٖ وَ يُمِيْتُ ۙ قَالَ اَنَا اُحْيٖ وَ اُمِيْتُ ؕ قَالَ اِبْرٰهٖمُ فَاِنَّ اللّٰهَ يَاْتِيْ بِالشَّمْسِ مِنَ الْمَشْرِقِ فَاْتِ بِهَا مِنَ الْمَغْرِبِ فَبُهِتَ الَّذِيْ كَفَرَ ؕ وَ اللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۲۵۸﴾ (پ 3 البقرة: 258)

**ترجموڪنزالايمان:** اي محبُوب ڇا تو نہ ڏٺو هو اُن کي جنهن اِبراهِيم سان جهڳڙو ڪيو سندس رب جي باري ۾ هِن تي تہ اللّٰہ اُن کي بادشاهِي ڏني

جڏهن تہ اِبراهِيم چيو تہ مُنهنجو رب اُهو آهي جيڪو جِياري ۽ ماري ٿو چوڻ لڳو مان جِياريندو ۽ ماريندو آهيان، اِبراهِيم فرمايو تہ الله سِج کي آڀرندو آهي اوڀر کان تُون اُن کي اولهہ کان آڻ تہ ڪافِر جا هوش اُڏامي ويا ۽ الله ظالمن کي واٽ نٿو ڏيکاري.

**درس هدايت:** هن واقعي مان ڪيئي درس مليا آهن: (1) حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام خداوند تعاليٰ جي توحيد جي اعلان تي جبل جيان قائم رهيا، نہ نمرود جي بيشمار فوج کان ڊنا، نہ ان جي ظلم ۽ ڏاڍ کان مرعوب ٿيا، بلڪ جڏهن هن ظالم اوهان کي باهہ جي شعلن ۾ وجهرايو ان وقت بہ اوهان جي عزم ۽ استقلال ۾ ذري برابر لغزش نہ آئي ۽ پاڻ لاڳيتو توحيد جو نعرو بلند ڪندا رهيا پوءِ ان بي رحم سندن اناج بند ڪري ڇڏيو ان تي بہ سندن جي عزم ۽ استقامت ۾ ڪا ڪمي نہ آئي، پوءِ ان اوهان کي مناظري جو چئلنج ڏنو ۽ شاهي درٻار ۾ طلب ڪيو تہ جيئن شاهي رعب ۽ دابو ڏيکاري سندن کي مرعوب ڪري، پر پاڻ بي خوف ٿي مناظري جو چئلنج قبول فرمايو ۽ شاهي درٻار ۾ پهچي اهڙا مضبوط ۽ بهترين دليل پيش ڪيا جو نمرود جو هوش اڏامي ويو ۽ اهو حيران ٿي ويو ۽ لاجواب ٿي خاموش ٿي ويو ۽ پري درٻار ۾ هن ڪلمهء حق جي تجلي ٿي وئي تہ

جَآءَ الْحَقُّ وَ زَهَقَ الْبَاطِلُ ؕ اِنَّ الْبَاطِلَ كَانَ زَهُوْقًا ﴿۸۱﴾

**ترجموڪنزالايمان:** حق آيوءِ باطل متجي ويو، بيشڪ باطل کي مٽڻو ئي هو.

(پ 15 بني اسرائيل: 81)

آخرڪار حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي صداقت ۽ حقانيت جو پرچم بلند ٿي ويو ۽ نمرود هڪ مڇر جهڙي حقير مخلوق ذريعي

هلاڪ ڪيو ويو، حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي اُسوه حسنہ مان علماءِ حق کي سبق حاصل ڪرڻ گهرجي تہ باطل پرستن جي مقابلي ۾ هر قسم جي خوف، ڏپ ۽ تڪليفن کان بي نياز ٿي آخري پساهن تائين ثابت قدم رهڻ گهرجي ۽ اهو ايمان رکڻ گهرجي تہ ضرور ضرور نصرتِ خداوندي اسان جي مدد ۽ دستگيري ڪندي ۽ نيٺ باطل پرستن جي مقابلي ۾ اسان ئي فتح مند ٿينداسين ۽ باطل پرست يقينًا خائب خاسر ٿي هلاڪ ۽ برباد ٿي ويندا.

(2) اهو ايمان ۽ عقيدو مضبوطي سان رکڻ گهرجي تہ الله تعاليٰ اسان حق پرستن کي غيب مان روزي جو سامان ڏيندو جو تہ ظالم نمرود جڏهن حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام کي اناج ڏيڻ بند ڪيو ۽ سڄي ملڪ مان انهن کي ڪو داڻو نہ مليو تہ الله تعاليٰ واري ۽ مٽي کي حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي لاءِ اٽو بڻائي ڇڏيو ۽ اسلام جي هن عقيدي جي حقانيت جو سج چمڪڻ لڳو تہ

اِنَّ اللّٰهَ هُوَ الرَّزَّاقُ ذُو الْقُوَّةِ الْمَتِيْنُ ﴿۵۸﴾ (پ 27 الذاريات: 58)

**ترجموڪنزالايمان:** بيشڪ الله ئي وڏو رزق ڏيڻ وارو مضبوط قدرت وارو آهي.

بهرحال حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جو اهو طرزِ فڪر ۽ عمل ۽ سندن جو اهو اُسوه حسنہ سيني حق پرست عالمن جي لاءِ چراغ راهِ آهي، حقيقت اها آهي تہ سندن ان اُسوه حسنہ تي عمل ڪرڻ وارا ضرور بہ ضرور ڪاميابي ماڻيندا ۽ هي اها روشن حقيقت آهي جيڪا چمڪندڙ سج کان بہ وڌيڪ تابناڪ ۽ روشن آهي، سبحان الله! ڪيتري قدر حقيقت تي مشتمل آهي هي شعر.

آج بھی ہو جو ابراہیم کا ایماں پیدا
آگ کر سکتی ہے اندازِ گلستاں پیدا

www.dawateislami.net

## ﴿9﴾ انسانن ۾ هميشه دشمني رهندي

حضرت آدم ۽ حضرت حوا عَلَيۡهِمَا السَّلَام نهايت آرام ۽ چين سان جنّت ۾ رهندا هئا، الله تعالیٰ فرمايو هو ته جنّت جو جيڪو ميوو چاهيو بنا روڪ ٽوڪ جي پيٽ ڀري توهان کائي سگهو ٿا، پر صرف هڪ وڻ جو ميوو کائڻ جي منع هئي ته ان جي ويجهو به نه وڃجو، اهو وڻ ڪڻڪ يا انگور وغيره جو هو، انهيءَ ڪري ٻئي وڏي عرصي تائين ان وڻ کان بچندا رهيا، پر ٻنهي جو دشمن ابليس برابر موقعي جي تلاش ۾ هو، نيٺ ان هڪ ڏينهن پنهنجو وسوسو وڌو ۽ قسم کڻي چوڻ لڳو ته مان توهان جو خيرخواهه آهيان ۽ الله تعالیٰ جنهن وڻ کان اوهان کي منع ڪيو آهي اهو ﴿شَجَرَةُ الۡخُلۡدِ﴾ آهي يعني ان جو ميوو جيڪو کائيندو اهو ڪڏهن جنّت مان نه ڪڍيو ويندو، پهريان حضرت حوا عَلَيۡهَا السَّلَام هن شيطاني وسوسي جو شڪار ٿيون ۽ انهن حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام کي هن تي راضي ڪري ورتو ۽ انهن اوچتو غير ارادي طور ان وڻ جو ميوو کائي ورتو.

پاڻ پنهنجي اجتهاد سان اهو سمجهي ورتو ته ﴿لَا تَقۡرَبَا هٰذِهِ الشَّجَرَةَ﴾ (پ 1 البقره 35) ۾ نهي تنزيهي آهي ۽ واقعي هرگز نهي تحريمي نه هئي، نه ته حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام نبي هوندي هرگز هن وڻ جو ميوو نه کائن ها، چوته نبي هر گناهه کان معصوم هوندو آهي بهرحال حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام کان هن سلسلي ۾ اجتهادي خطا ٿي ۽ اجتهادي خطا معصيت ناهي هوندي. (خزائن العرفان ص 1094 پ 1، البقرة 36)

پر آدم عَلَيۡهِ السَّلَام جيئن ته دربارِ الٰهي ۾ نهايت مقرب ۽ وڏن وڏن

درجن تي فائز هئا ان کري هن اجتهادي خطا تي بہ عتاب هيٺ آيا، هڪدم جنّتي لباس بنهي جي بدن تان ڪري پيو ۽ اهي ٻئي جنّت جي پنن سان پنهنجو ستر لڪائڻ لڳا، ۽ خداوند قدوس جو حڪم ٿيو تہ ٻئي جنّت مان زمين تي لهي وڃو، ان وقت الله تعاليٰ حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام کي بہ خاص ڳالهيون ارشاد فرمايون، هڪ هي تہ توهان جي اولاد ۾ بعض، بعض جو دشمن ٿيندو تہ هميشہ انسانن جي پاڻ ۾ دشمني هلندي رهندي، ٻي اها تہ اوهان کي سڄي عمر زمين تي رهڻو آهي، ان کان پوءِ اسان ڏانهن موٽڻو آهي، قرآن شريف ۾ هن واقعي کي بيان ڪندي الله تعاليٰ بيان فرمايو آهي تہ

فَاَزَلَّهُمَا الشَّيۡطٰنُ عَنۡهَا فَاَخۡرَجَهُمَا مِمَّا كَانَا فِيۡهِ ۖ وَقُلۡنَا اهۡبِطُوۡا بَعۡضُكُمۡ لِبَعۡضٍ عَدُوٌّ ۚ وَلَكُمۡ فِى الۡاَرۡضِ مُسۡتَقَرٌّ وَّمَتَاعٌ اِلٰى حِيۡنٍ ﴿۳۶﴾

**ترجموڪنزالايمان:** سو شيطان اُنهن کي اُن (جنّت) مان ٿيڙيو جِتي رهندا هئا اُتان اُنهن کي الڳ ڪيائين ۽ اسان فرمايو تہ هيٺ لِهي وڃو، توهان پاڻ ۾ هڪ ٻئي جا دُشمن آهيو ۽ توهان کي هڪ وقت تائين زمِين ۾ رهڻو ۽ نفعو وٺڻو آهي. (پ 1 البقره: 36)

هن ارشاد رباني مان اهو سبق ملي ٿو تہ انسانن ۾ مختلف سببن جي ڪري جيڪي دشمنيون ۽ عداوتون هلي رهيون آهن اهي ڪڏهن بہ ختم نہ ٿيڻ واريون آهن، لک ڪوشش ڪريو تہ دنيا ۾ ماڻهن جي وچ ۾ عداوت ۽ دشمني جو خاتمو ٿئي پر جيئن تہ اهي حڪم خداوندي جي ڪري آهن ان ڪري اهي عداوتون ڪڏهن بہ ختم نہ ٿينديون، ڪڏهن هڪ ملڪ ٻئي ملڪ جو دشمن ٿيندو، ڪڏهن مزدور سرمائيدار ۾ دشمني رهندي، ڪڏهن امير ۽ غريب ۾ عداوت وڌندي، ڪڏهن مذهبي ۽ لساني دشمني سامهون

ايندي، ڪڏهن تهذيب ۽ تمدن جي باهمي ٽڪراء جي دشمني ٿيندي، ڪڏهن ايماندارن ۽ بي ايمانن ۾ عداوت رنگ ڏيکاريندي.

مطلب تہ دنيا ۾ انسانن جي پاڻ ۾ عداوت ۽ دشمني جو بازار هميشہ گرم رهندو، انهيءَ ڪري ماڻهن کي رنج ۽ غم ڪرڻ جي ڪا ضرورت ناهي ۽ نہ ان عداوت ۽ دشمني کي ختم ڪرڻ جي تدبيرن تي غور ۽ ويچار ڪري پريشان ٿيڻ سان ڪو فائدو آهي.

چوتہ جيئن اونداهي ۽ سوجهري جي دشمني، باھ ۽ پاڻي جي دشمني، گرمي ۽ سياري جي دشمني ڪڏهن ختم نہ ٿيندي، بلڪل هن ريت انسانن جي پاڻ ۾ دشمني ڪڏهن ختم نہ ٿي سگهندي ، چوتہ الله عَزَّوَجَلَّ حضرت آدم ۽ حوا عَلَيْهِما السَّلَام کي زمين تي اچڻ کان اڳ ۾ اهو فرمايو هو تہ ﴿بَعۡضُكُمۡ لِبَعۡضٍ عَدُوٌّ﴾ يعني انسان هڪ ٻئي جو دشمن ٿيندو تہ عداوت ۽ دشمني خلقي ۽ فطري آهي جيڪا الله تعاليٰ جي حڪم سان ۽ ان جي مشيت سان آهي تہ پوءِ ڪير آهي جيڪو هن عداوت جو دنيا مان خاتمو ڪرائي سگهي ٿو.

﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰی اَعۡلَمَ﴾

## ﴿10﴾ آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي توبھ ڪيئن قبول ٿي؟

حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جنّت مان زمين تي اچڻ کان پوءِ ٽي سو سالن تائين شرمساري جي ڪري مٿو آسمان ڏانهن ڪٽي نہ نهاريو ۽ روئيندا ئي رهيا، روايت آهي تہ جيڪڏهن تمام انسانن جا لڙڪ گڏ ڪيا وڃن تہ ايترا نہ هوندا جيترا لڙڪ حضرت داؤد عَلَيْهِ السَّلَام جا خوفِ الٰهي مان زمين تي ڪريا ۽ جيڪڏهن سيني انسانن ۽ حضرت داؤد عَلَيْهِ السَّلَام جي لڙڪن کي گڏ ڪيو وڃي تہ حضرت آدم

عَلَيْهِ السَّلَام جا لڙڪ انهن سيني ڪان وڏيڪ هوندا.

(تفسير صاوي ج 1 ص 55 پ 1 البقرة: 37)

بعض روايتن ۾ آهي پاڻ هي پڙهي دعا گهري هئي

سُبْحَانَكَ اللّٰهُمَّ وَبِحَمْدِكَ وَتَبَارَكَ اسْمُكَ وَتَعَالٰى جَدُّكَ

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اَنْتَ ظَلَمْتُ نَفْسِيْ فَاغْفِرْلِيْ اِنَّهٗ لَا يَغْفِرُ الذُّنُوْبَ اِلَّا اَنْتَ

يعني اي الله! مان تنهنجي حمد ڪندي تنهنجي پاڪي بيان ڪيان ٿو، تنهنجو نالو برڪت وارو آهي ۽ تنهنجي بزرگي وڏي مرتبي واري آهي ۽ توکان سواء ڪو معبود ناهي، مون پنهنجي جان تي ظلم ڪيو آهي تون مون کي بخشي ڇڏ ڇو ته توکان سواءِ ڪو ناهي جيڪو گناهن کي بخشي ڇڏي . (تفسير جمل علي الجلالين ج 1 ص 63 پ 1 البقرة: 37)

۽ هڪ روايت ۾ آهي ته پاڻ

رَبَّنَا ظَلَمْنَآ اَنْفُسَنَا ۫ وَاِنْ لَّمْ تَغْفِرْ لَنَا وَتَرْحَمْنَا لَنَكُوْنَنَّ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ ﴿۲۳﴾

**ترجموڪنزالايمان:** اي اسان جا رب اسان پنهنجو پاڻ نُقصان ڪيو جيڪڏهن تو اسان کي نہ بخشيو ۽ اسان تي رحم نہ ڪيئِي تہ اسان ضرُور نُقصان وارن مان ٿِيندا سِين. (تفسير جلالين ص 131 پ 8 الاعراف: 23)

پر حاڪم ۽ طبراني ۽ ابونعيم ۽ بيهقي حضرت علي مرتضيٰ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان مرفوعاً روايت ڪئي آهي تہ جڏهن حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام تي الله جو عتاب ٿيو تہ پاڻ توبہ جي فڪر ۾ حيران هئا، اوچتو انهي پريشاني ۾ ياد آيو تہ پيدائش جي وقت مون متي ڏٺو هو تہ عرش تي لکيل هو: ﴿لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ﴾ ان وقت مون سمجهيو تہ بارگاه الٰهي ۾ اهو مرتبو ڪنهن کي ميسر ناهي جيڪو محمد صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي حاصل آهي الله تعالٰي سندن نالو پنهنجي نالي مبارڪ سان گڏ عرش تي تحرير فرمايو آهي،

تنهنڪري پاڻ پنهنجي دعا ۾ ﴿رَبَّنَا ظَلَمۡنَآ اَنۡفُسَنَا﴾ سان گڏ اهو عرض ڪيو تہ ﴿اَسۡئَلُكَ بِحَقِّ مُحَمَّدٍ اَنۡ تَغۡفِرَ لِی﴾ ۽ ابن منذر جي روايت ۾ هي لفظ بہ آهن اَللّٰهُمَّ اِنِّیۡ اَسۡئَلُكَ بِجَاهِ مُحَمَّدٍ عَبۡدِكَ وَكَرَامَتِهٖ عَلَيۡكَ اَنۡ تَغۡفِرَ لِیۡ خَطِيۡئَتِیۡ يعني اي الله! تنهنجي خاص بانهي محمد صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عظمت ۽ مرتبي ۽ انهن جي بزرگي جي طفيل جيڪا توهان جي بارگاه ۾ حاصل آهي مان توکان دعا گهران ٿو تہ منهنجي گناه کي بخشي فرماءِ.

اها دعا ڪندي ئي حق تعاليٰ انهن جي مغفرت فرمائي ڇڏي، ۽ توبہ قبول ٿي. (خزائن العرفان ص 1094، 1095، پ 1 البقرة 37)

قرآن شريف ۾ الله تعاليٰ اهو ارشاد فرمايو:

فَتَلَقّٰۤى اٰدَمُ مِنۡ رَّبِّهٖ كَلِمٰتٍ فَتَابَ عَلَيۡهِ ؕ اِنَّهٗ هُوَ التَّوَّابُ الرَّحِيۡمُ ﴿۳۷﴾

ترجموڪنزالايمان: پوءِ آدم پنهنجي پالڻهار کان ڪُجھ ڪلما سکيا ورتا سو الله اُن جي توبهہ قُبول ڪئي، بيشڪ اُهوئي گهڻو توبهہ قُبول ڪرڻ وارو (۽) ٻاجهارو آهي. (پ 1 البقرة 37)

**درس هدايت:** هن واقعي مان ڪجھ سبق مليا آهن جيڪي هي آهن:

(1) هن مان معلوم ٿيو تہ نيڪ ٻانهن جي وسيلي سان بحق فلاں ۽ بِجاهِ فلاں چئي دعا گهرڻ جائز ۽ حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام جي سنّت آهي.

(2) حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام جي توبہ ڏهين محرم تي قبول ٿي، جنّت مان نڪرڻ وقت ٻين نعمتن سان گڏ عربي زبان بہ اوهان کي وساري وئي ۽ ان جي بدران اوهان جي زبان تي سرياني زبان جاري ٿي وئي، پر توبهہ قبول ٿيڻ کان پوءِ وري عربي زبان اوهان کي عطا ڪئي وئي. (خزائن العرفان ص 1095، پ 1 البقرة 37)

(3) جيئن تہ حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام جي اجتهادي خطا هئي ۽ اجتهادي خطا معصيت ناهي، ان ڪري جيڪو شخص حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام ڪي عاصي يا ظالم چوندو اهو نبي جي توهين جي سبب ڪافر ٿي ويندو، الله تعالٰي مالڪ ۽ مولٰي آهي اهو پنهنجي خاص ٻانهي حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام ڪي جيڪو چاهي فرمائي ان ۾ انهن جي عزت آهي، ٻئي ڪي ڇا مجال جو خلافِ ادب ڪو لفظ زبان تي آڻي ۽ قرآن شريف ۾ الله تعالٰي جي ادا ڪيل لفظن ڪي دليل ٺاهي. الله تعالٰي اسان ڪي نبين سڳورن عَلَيۡهِم السَّلَام جي تعظيم ۽ توقير ۽ انهن جو ادب ۽ پيروي جو حڪم فرمايو آهي، تنهنڪري اسان تي لازم آهي تہ حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام ۽ ٻين سڀني نبين سڳورن عَلَيۡهِم السَّلَام جو ادب ۽ احترام لازم سمجهون ۽ هرگز هرگز انهن جي شان ۾ ڪو اهڙو لفظ نہ ڳالهايون جنهن مان ادب ۾ گهٽتائي جو ڪو شُبهو هجي. ﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰی اَعۡلَم﴾

## ﴿11﴾ حضرت عيسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام جا حواري

حضرت عيسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام جا ٻارهن ”حواري“ جيڪي پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام تي ايمان آڻي ۽ پنهنجي اسلام جو اعلان ڪري پنهنجي تن من ڌن سان حضرت عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جي نصرت ۽ حمايت جي لاءِ هروقت ۽ هر دم تيار رهيا، اهي ڪير هئا؟ ۽ انهن ڪي ”حواري“ جو لقب ڇو ۽ ڪهڙي معنيٰ جي لحاظ کان ڏنو ويو؟

تہ هن باري ۾ صاحبِ تفسير جمل فرمايو تہ ”حواري“ جو لفظ حور مان نڪتو آهي جنهن جي معنٰي سفيدي آهي جيئن تہ انهن جا ڪپڙا نهايت سفيد ۽ صاف هئا ۽ انهن جون دليون ۽ نيّتون بہ صاف سٿرائي ۾ اونچو مقام رکنديون هيون، انهيءَ ڪري انهن

www.dawateislami.net

ڪي ”حواري“ سڏڻ لڳا، ۽ ڪن مفسرن جو قول آهي جيئن تہ اهي حلال رزق طلب ڪرڻ جي لاءِ ڌوٻي وارو پيشو اختيار ڪري ڪپڙا ڌوئيندا هئا ان ڪري اهي ”حواري“ سڏيا ويا، ۽ هڪ قول هي بہ آهي تہ اهي سڀ شاهي خاندان مان هئا ۽ نهايت صاف ۽ سفيد ڪپڙا پائيندا هئا ان ڪري ماڻهو انهن کي حواري چوڻ لڳا، حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام وٽ هڪ پيالو هو جنهن ۾ پاڻ ماني کائيندا هئا اهو پيالو ڪڏهن ڪاڏي کان خالي نہ هوندو هو، ڪنهن بادشاهہ کي اها خبر ڏني تہ ان پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام کي درٻار ۾ گهرائي پڇيو تہ اوهان ڪير آهيو؟ تہ پاڻ فرمايائون: مان عيسيٰ بن مريم خدا جو ٻانهو ۽ ان جو رسول آهيان، اهو بادشاهہ اوهان جي ذات ۽ سندن معجزن کان متاثر ٿي اوهان تي ايمان آندو ۽ سلطنت، تخت ۽ تاج ڇڏي پنهنجي سيني عزيزن سان گڏ سندن خدمت ۾ رهڻ لڳو، جيئن تہ اهو شاهي خاندان نهايت سفيد پوش هو، ان ڪري اهي سڀ حواري جي لقب سان مشهور ٿيا، ۽ هڪ قول هي بہ آهي تہ اها سفيد پوش ملاحن جي جماعت هئي جيڪا مڇين جو شڪار ڪندي هئي، حضرت عيسٰي عَلَيْهِ السَّلَام انهن وٽ ويا ۽ فرمايائون: توهان مڇين جو شڪار ڪريو ٿا جيڪڏهن توهان منهنجي پيروي ڪيو تہ توهان ماڻهن جو شڪار ڪري انهن کي هميشہ واري زندگي سان نوازڻ لڳندو، انهن اوهان کان معجزو طلب ڪيو تہ ان وقت ”شمعون“ نالي مڇي جي شڪاري دريا ۾ ڄار لڳايو هو پر سڄي رات گذرڻ باوجود هڪ مڇي بہ ڄار ۾ نہ آئي تہ پاڻ فرمايائون: هاڻي توهان ڄار درياء ۾ وجهو، پوءِ ان جيئن ئي ڄار کي دريا ۾ وڌو تہ گهڙي کن ۾ ايتريون مڇيون ڄار ۾ ڦاٿيون جو

چار کي بيڙي وارا ڪٽي نہ سگهيا، پوءِ ٻن ٻيڙين جي مدد سان چار ڪنيو ويو ۽ ٻئي ٻيڙيون مڇين سان پرجي ويون، اهو معجزو ڏسي ٻنهي ٻيڙين وارن جن جو تعداد ٻارهن هو سيئي ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويا، انهن ٻارهن ماڻهن جو لقب ”حواري“ آهي.

۽ بعض عالمن جو قول آهي تہ ٻارهن ماڻهو حضرت عيسٰي عَلَيْهِ السَّلَام تي ايمان آڻي ۽ انهن جي ڪامل ايمان ۽ حسن نيّت جي ڪري انهن ماڻهن کي اها ڪرامت ملي تہ جڏهن بہ انهن کي بک لڳندي هئي تہ اهي ماڻهو چوندا هئا تہ يا روح الله! اسان کي بک لڳي آهي تہ حضرت عيسٰي عَلَيْهِ السَّلَام زمين تي هٿ هڻندا هئا تہ زمين مان مانيون نڪري انهن جي هٿ ۾ پهچنديون هيون ۽ جڏهن اهي ماڻهو اُڃ جي ڪري فرياد ڪندا هئا تہ حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام زمين تي هٿ هڻندا هئا تہ تمام منو ۽ ٿڌو پاڻي انهن کي ملي ويندو هو، اهڙي طرح اهي کائيندا پيئندا هئا، هڪ ڏينهن انهن حضرت عيسٰي عَلَيْهِ السَّلَام کان پڇيو: اي روح الله! اسان مؤمنن مان افضل ڪير آهي؟ تہ پاڻ فرمايائون: جيڪو پنهنجي هٿ جي ڪمائي مان روزي حاصل ڪري ڏيکاري، اهو ٻڌي انهن رزق حلال جي لاءِ ڌوٻي جو پيشو اختيار ڪيو ۽ اهي ماڻهن جا ڪپڙا ڌوئي سفيد ڪندا هئا ان ڪري ”حواري“ جي لقب سان سڏيا ويا.

۽ هڪ قول اهو بہ آهي تہ حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي سندن والده هڪ رنگريز وٽ ملازم رکرايو هو، هڪ ڏينهن رنگريز مختلف ڪپڙن کي نشان لڳائي ڪجهہ رنگن کي رنگڻ لاءِ سندن حوالي ڪري ٻاهر هليو ويو، پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام ان سيني ڪپڙن کي هڪ ئي رنگ جي ٿانوَ ۾ وجهي ڇڏيو، رنگريز گهٻرائي چيو تہ اوهان

سيني ڪپڙن کي هڪ ئي رنگ جو ڪري ڇڏيو، حالانڪ مون نشان لڳائي مختلف رنگ لڳائڻ جو چيو هو، پاڻ فرمايائون تہ اي ڪپڙو! توهان الله جي حڪم سان انهن ئي رنگن ۾ ٿيو جيڪو اهو چاهي ٿو، پوءِ هڪ ئي ٿانوَ مان ڳاڙها، ساوا، پيلا، جن جن ڪپڙن کي رنگريز جن رنگن جو چاهيندو هو اهو ڪپڙو ان ئي رنگ جو ٿي نڪرڻ لڳو، پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام جو اهو معجزو ڏسي سيئي حاضرين جيڪي سفيد پوش هئا ۽ جن جو تعداد ٻارهن هو، سيني ايمان قبول ڪيو ۽ اهي ئي ماڻهو ”حواري“ چورائڻ لڳا.

حضرت امام قفال رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمايو تہ ممڪن آهي تہ انهن ٻارهن حوارين مان ڪي ماڻهو بادشاهه هجن ۽ ڪي ملاح ۽ ڪي ڌوٻي ۽ ڪي رنگريز هجن، جيئن تہ اهي سيئي حضرت عيسٰي عَلَيْهِ السَّلَام جا مخلص جان نثار هئا ۽ انهن ماڻهن جون دليون ۽ نيّتون صاف هيون انهيءَ ڪري انهن ٻارهن پاڪبازن ۽ نيڪ نفسن کي ”حواري“ جو معزز لقب عطا ڪيو ويو، ڇوتہ حواري جي معنيٰ مخلص دوست بہ آهي. (تفسير جمل علي الجلالين ج 1 ص 423، پ 3 آل عمران 52) بهرحال قرآن شريف ۾ حوارين جو ذڪر ڪندي الله تعالٰي ارشاد فرمايو:

فَلَمَّآ اَحَسَّ عِيْسٰى مِنْهُمُ الْكُفْرَ قَالَ مَنْ اَنْصَارِيْٓ اِلَى اللّٰهِ ؕ قَالَ الْحَوَارِيُّوْنَ نَحْنُ اَنْصَارُ اللّٰهِ ۚ اٰمَنَّا بِاللّٰهِ ۚ وَاشْهَدْ بِاَنَّا مُسْلِمُوْنَ ﴿۵۲﴾

(پ 3 آل عمران 52)

**ترجموڪنزالايمان:** پوءِ جڏهن عِيسيٰ اُنهن کان ڪُفر ڏٺو چيائِين ڪير مُنهنجا مددگار ٿِين ٿا الله جي طرف، حوارِيَن چيو اسان خُدا جي دِين جا مددگار آهيون، اسان الله تي اِيمان آندو ۽ توهان شاهد هُجو تہ اسان مُسلمان آهيون.

ٻئي هنڌ قرآن شريف ۾ ارشاد فرمايو ته

وَ اِذْ اَوْحَيْتُ اِلَى الْحَوَارِيّٖنَ اَنْ اٰمِنُوْا بِيْ

وَ بِرَسُوْلِيْ ۚ قَالُوْۤا اٰمَنَّا وَ اشْهَدْ بِاَنَّنَا مُسْلِمُوْنَ ﴿۱۱۱﴾ (پ 7 المائده 111)

ترجموڪنزالايمان: ۽ جڏهن مُون حوارين جي دل ۾ وڌو ته مُون تي ۽ مُنهنجي رسُول تي اِيمان آڻيو، چيائون اسان اِيمان آندو ۽ شاهِد رهه ته اسان مُسلمان آهيون.

درس هدايت: حضرت عيسٰي عَلَيْهِ السَّلَام جا حواري جيتوڻيڪ تعداد ۾ صرف ٻارهن هئا، پر يهودين جي مقابلي ۾ اوهان جي نصرت ۽ حمايت ۾ جنهن طاقت، عزم ۽ استقلال سان جميل رهيا ان مان هر مسلمان کي دين جي معاملي ۾ ثابت قدمي جو سبق ملي ٿو.

هن قسم جا مخلص ساٿي ۽ مخصوص جان نثار اصحاب هر نبي کي الله تعالٰي عطا فرمائي ٿو جيئن جنگ خندق جي ڏينهن حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو ته هر نبي جا ”حواري“ ٿيا آهن ۽ منهنجا حواري زبير آهن. (مشڪوٰة المصابيح، ڪتاب الفتن ص 565)

۽ حضرت قتاده جو بيان آهي ته قريش ۾ ٻارهن صحابي حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا حواري آهن، جن جا نالا هي آهن:

(1) حضرت ابوبڪر (2) حضرت عمر (3) حضرت عثمان (4) حضرت علي (5) حضرت حمزه (6) حضرت جعفر (7) حضرت ابوعُبيده بن جراح (8) حضرت عثمان بن مظعون (9) حضرت عبدالرحمٰن بن عوف (10) حضرت سعد بن ابي وقاص (11) حضرت طلحه بن عبيدالله (12) حضرت زبير بن عوام رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُم انهن مخلص جان نثارن هر موقعي تي حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نُصرت ۽ حمايت جو بي مثال رڪارڊ قائم ڪيو. (تفسير معالم التنزيل للبغوي ج 1 ص 236، پ 3 آل عمران 52)

## ﴿12﴾ مرتدن سان جهاد ڪرڻ وارا

حضور اقدس صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي حياتي مبارڪ ۾ ڪجھ ماڻهو ۽ وفاتِ اقدس کان پوءِ ڪيترائي ماڻهو مرتد ٿيڻ وارا هئا جنهن سبب اسلام جي بقا کي شديد خطرو پهچڻ وارو هو، پر قرآن شريف ڪيئي سال اڳ اها غيب جي خبر ڏني ۽ اها اڳڪٿي ڪئي ته اُن پيانڪ ۽ خطرناڪ وقت اللّٰه تعاليٰ اهڙي قوم پيدا ڪندو جيڪا اسلام جي حفاظت ڪندي ۽ اها اهڙين ڇهن صفتن جي جامع هوندي جيڪي تمام دنيوي ۽ اُخروي فضائل ۽ ڪمالات جو سرچشمو آهن ۽ اهي ڇهه صفتون انهن اسلام جي محافظن جون علامتون ۽ انهن جي سڃاڻپ جون نشانيون هونديون ۽ اهي ڇهه صفتون هي آهن:

(1) اهي اللّٰه تعاليٰ جا پسنديده هوندا (2) اهي اللّٰه تعاليٰ سان محبت ڪندا (3) اهي مؤمنن تي نهايت مهربان هوندا (4) اهي ڪافرن جي لاءِ تمام سخت هوندا (5) اهي خدا جي راهه ۾ جهاد ڪندا (6) اهي ڪنهن ملامت ڪرڻ واري جي ملامت کان خوفزده نه ٿيندا.

صاحبِ تفسير جمل، ڪشاف جي حوالي سان لکيو آهي ته عرب جا ٻارهن قبيلا اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ هڪ ٻئي پٺيان اسلام کان ڦري مرتد ٿي ويا، ٽي قبيلا ته رحمتِ عالم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي موجودگي ۾ ۽ ست قبيلا حضرت امير المؤمنين ابوبڪر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي دؤرِ خلافت ۾ ۽ هڪ قبيلو حضرت امير المؤمنين حضرت عُمر فاروق رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي خليفي ٿيڻ کان پوءِ، پر اهي ٻارهن قبيلا پنهنجي گهڻين ڪوشش جي باوجود اسلام جو ڪجھ به نه بگاڙي سگهيا، بلڪ مجاهدين اسلام جي سرفروشانه جهادن جي

ڪري اهي سڀ مرتد تباھ ۽ برباد ٿي فنا جي گهاٽ لهي ويا، ۽ پرچم اسلام لاڳيتو بلند کان بلند ٿيندو ويو، ۽ قرآن شريف جو واعدو ۽ غيب جي خبر بلڪل سچ ۽ درست ثابت ٿي.

**زمانہ رسالت جا ٽي مرتد:** (1) قبيلۂ بني مدلج جنهن جو سردار ”اسود عنسي“ هو جيڪو ”ذوالحمار“ جي لقب سان مشهور هو، حضور صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت معاذ بن جبل ۽ يمن جي سردارن کي فرمان موڪليو تہ مرتدن سان جهاد ڪريو، فيروز ديلمي جي هٿان اسود عنسي قتل ٿيو ۽ ان جي جماعت ٽولا ٽولا ٿي وئي ۽ حضور صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي بيماري جي حالت ۾ اها خوشخبري ٻڌائي وئي تہ اسود عنسي قتل ٿي ويو آهي، ان جي ٻئي ڏينهن حضور صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو وصال ٿي ويو.

(2) قبيلو بنو حنيفہ جنهن جو سردار ”مسيلمہ ڪذاب“ هو، ان سان حضرت ابوبڪر رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰى عَنْهُ جهاد فرمايو ۽ جنگ ڪان پوءِ حضرت وحشي رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰى عَنْهُ جي هٿان مسيلمة الڪذاب مارجي ويو ۽ ان جو ڪجھ گروھ قتل ٿي ويو ۽ ڪجھ ٻيهر اسلام قبول ڪري ورتو.

(3) قبيلو بنو اسد ، جنهن جو امير طلحہ بن خويلد هو، حضور اقدس صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان سان مقابلي جي لاءِ حضرت خالد بن وليد رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰى عَنْهُ کي موڪليو ۽ جنگ ۾ طلحہ بن خويلد شڪست کائي ملڪِ شام ڀڄي ويو، پر ٻيهر اسلام قبول ڪري ورتو ۽ آخري گهڙي تائين اسلام تي ثابت قدم رهيو ۽ ان جي فوج ڪجھ جدا ٿي وئي ۽ ڪجھ توبہ ڪري ٻيهر مسلمان ٿي وئي.

## خلافتِ صديق اکبر جا ست مرتد قبيلا:

(1) قبيلو فزاره جنهن جو سردار عيينہ بن حصن فزاري هو.
(2) قبيلہ غطفان جنهن جو سردار قره بن سلمہ قشيري هو.
(3) قبيلو بنو سليم جنهن جو اڳواڻ فجاءة بن ياليل هو.
(4) قبيلو بني يربوع جنهن جو سربراھ مالک بن بريده هو.
(5) قبيلو بنو تميم جنهن جي امير سجاح بنت منذر هڪ عورت هئي جنهن مسيلمة الڪذاب سان شادي ڪئي هئي.
(6) قبيلو ڪنده جيڪو اشعث بن قيس جا پيروڪار هئا
(7) قبيلو بنو بڪر جيڪي خطمي بن يزيد جا تابعدار هئا.

امير المؤمنين حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ انهن مرتد ٿيڻ وارن ستن قبيلن سان مهينن تائين خونريز جنگ ڪئي، انهن مان ڪي قتل ٿي ويا ۽ ڪن توبهہ ڪري وري اسلام قبول ڪيو.

## فاروقي دؤر جو مرتد قبيلو

اميرُ المُؤمِنين حضرت عُمَر فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ جي دؤر خلافت ۾ صرف هڪ قبيلو مرتد ٿيو هو ۽ اهو قبيلو غسان هو، جنهن جي اڳواڻي جبلہ بن ايهم ڪري رهيو هو، پر حضرت عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ جي پرچم هيٺ صحابہ ڪرام جهاد ڪري ان گروهہ جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيا، ان ڪان پوءِ ڪو قبيلو مرتد ٿيڻ جي لاءِ مٿو ڪڻي نہ سگهيو.

اهڙي ريت مرتد ٿيڻ وارن انهن يارهن قبيلن جو سڄو فتنو مجاهدين اسلام جي جهاد جي بدولت هميشہ جي لاءِ ختم ٿي ويو.

(تفسير جمل علي الجلالين ج 2 ص 239، پ 6 المائده: 54)

انهن مرتدن سان وڙهڻ وارا ۽ انهن شريرن جو خاتمو ڪرڻ وارا صحابہ ڪرام هئا، جن جي باري ۾ عرصو اڳ ۾ قرآن شريف غيب جي خبر ڏيندي اهو ارشاد فرمايو تہ:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَنْ يَّرْتَدَّ مِنْكُمْ عَنْ دِيْنِهٖ فَسَوْفَ يَاْتِي اللّٰهُ بِقَوْمٍ يُّحِبُّهُمْ وَيُحِبُّوْنَهٗۤ ۙ اَذِلَّةٍ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ اَعِزَّةٍ عَلَى الْكٰفِرِيْنَ ۫ يُجَاهِدُوْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَلَا يَخَافُوْنَ لَوْمَةَ لَآئِمٍ ؕ ذٰلِكَ فَضْلُ اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ ﴿۵۴﴾

**ترجموڪنزالايمان:** اي اِيمان وارؤ توهان مان جيڪو پنهنجي دِين کان ڦِرندو تہ عنقريب اللّٰه اِهڙا ماڻهو آڻيندو جو اُهي اللّٰه جا پيارا ۽ اللّٰه اُنهن جو پيارو هوندو، مُسلمانن تي نرم ۽ ڪافِرن تي سخت، اللّٰه جِي واٽ ۾ لَڙندا ۽ ڪِنهن بہ ملامت ڪندڙ جي ملامت جو فڪر نہ ڪندا هِيءُ اللّٰه جو فضل آهي جنهن کي گهري ڏي ۽ اللّٰه وُسعت وارو عِلم وارو آهي. (پ 6 المائده: 54)

**درسِ هدايت:** هن آيتن مان هيٺ ڏنل هدايت جا انوار ظاهر ٿين ٿا. مرتدن جي فتنن ۽ فسادن سان اسلام کي ڪو نقصان پهچي نہ سگهندو ڇوتہ اللّٰه تعالٰي مرتدن جي مقابلي لاءِ هردؤر ۾ هڪ اهڙي جماعت کي پيدا ڪندو جيڪا تمام مرتدن جي فتنن کي ختم ڪري اسلام کي سربلند ڪندي رهندي، جن جون ڇهہ نشانيون آهن. انهن روشن آيتن مان ثابت ٿئي ٿو تہ صحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُم جن مرتدن جي يارهن قبيلن جي فساد کي ختم ڪري اسلام جي پرچم کي سربلند ڪيو، اهي صحابہ ڪرام هنن ڇهن صفتن جي شرف سان سرفراز هئا:

(1) صحابہ ڪرام اللّٰه تعالٰي جا پسنديده آهن (2) اهي ڪافرن جي

لاءِ سخت آهن (3) اهي الله تعاليٰ سان محبت ڪن ٿا (4) اهي مسلمانن تي رحم دل آهن (5) اهي مجاهد في سبيل الله آهن (6) اهي الله تعاليٰ جي معاملي ۾ ڪنهن ملامت ڪرڻ واري جو خوف ۽ انديشو نہ رکندا آهن.

پوءِ آيت جي آخر ۾ خداوند قدوس انهن صحابہ ڪرام جي مرتبن ۽ درجن جي عظمت ۽ سربلندي تي پنهنجي فضل ۽ انعام جي مهر لڳائيندي اهو ارشاد فرمايو تہ اهو سڀ الله جو فضل آهي ۽ الله تعاليٰ جو فضل ۽ ڪرم وڏي وسعت وارو آهي ۽ الله تعاليٰ کي خوب معلوم آهي ڪير ان جي فضل جو حقدار آهي.

الله اڪبر! سبحان الله! صحابہ ڪرام جي عظمتن جي ڇا ڳالھ ڪجي! رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابہ ڪرام جي فضل ۽ ڪرم جو اعلان فرمايو ۽ خداوند قدوس انهن جي جامع الڪمالات هئڻ جو قرآن شريف ۾ ارشاد فرمايو .

## ﴿13﴾ ڪافرن جي مايوسي

هجرت کان پوءِ اسلام لاڳيتو ترقي ڪندو رهيو ۽ هر ميدان تي ڪافرن جي مقابلي ۾ مسلمانن کي فتح ملندي رهي ۽ ڪافر پنهنجي چالن ۾ ناڪام ۽ نامراد بہ ٿيندا رهيا، پر پوءِ بہ ڪافر لاڳيتو اسلام کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ۾ مصروف رهيا ۽ اها آس لڳائي هئي تہ ڪنهن نہ ڪنهن ڏينهن ضرور اسلام متجي ويندو ۽ پوءِ عرب ۾ بت پرستي جو زور ٿي ويندو،ڪافر پنهنجي بيڪار اميد جي ڪري مسلسل پنهنجي اسلام دشمن اسڪيمن ۾ لڳل رهيا ۽ طرح طرح جا فتنا برپا ڪندا رهيا.

پر ڏھ هجري حجة الوِداع جي موقعي تي جڏهن ڪافرن

مسلمانن جو عظيم ميڙ ميدانِ عرفات ۾ ڏٺو ۽ هزارين مسلمانن جي اسلامي جوش ۽ رسول سان انهن جو بي پناهه جذباتِ عقيدت جو نظارو ڏسي ورتو تہ ڪافرن جا حوصلا ۽ انهن جون فضول اميدون بہ ختم ٿي ويون ۽ اهي اسلام جي تباهي ۽ بربادي کان بلڪل مايوس ٿي ويا، هن واقعي جي عَڪاسي ڪندي خاص ميدانِ عرفات ۾ عصر کان پوءِ اهي آيتون نازل ٿيون:

اَلْيَوْمَ يَئِسَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ دِيْنِكُمْ فَلَا تَخْشَوْهُمْ وَاخْشَوْنِ ؕ اَلْيَوْمَ اَكْمَلْتُ لَكُمْ دِيْنَكُمْ وَاَتْمَمْتُ عَلَيْكُمْ نِعْمَتِيْ وَرَضِيْتُ لَكُمُ الْاِسْلَامَ دِيْنًا ؕ

ترجموڪنزالايمان: اڄ مان توهان جي واسطي توهان جو دِين ڪامل ڪري ڇڏيو ۽ توهان تي پنهنجي نعمت پُوري ڪئِي ۽ توهان جي واسطي اِسلام کي دِين پسند ڪيو. (جمل ج 1 ص 464 پ 6 المائده: 3)

روايت آهي تہ هڪ يهودي اميرالمُؤمِنين حضرت عُمر فاروق اعظم رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کي چيو تہ توهان جي ڪتاب ۾ هڪ آيت اهڙي آهي جيڪڏهن اسان يهودين تي اهڙي آيت نازل ٿئي ها تہ اسان ان ڏينهن کي عيد جو ڏينهن ڪري ملهايون ها، تہ پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمايائون ڪهڙي آيت؟ ان چيو: اَلْيَوْمَ اَكْمَلْتُ لَكُمْ دِيْنَكُمْ (پ 6 المائده: 3) واري آيت تہ پاڻ فرمايائون: جنهن ڏينهن ۽ جنهن وقت اها آيت نازل ٿي اسان ان کي چڱي طرح ڄاڻون ۽ سڃاڻون ٿا اهو جمعي جو ڏينهن ۽ عرفات جو ميدان هو ۽ حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عصر کان پوءِ خطبو ارشاد فرمائي رهيا هئا تہ اها آيت نازل ٿي:

اوهان جو مطلب اهو هو تہ هن آيت جي نازل ٿيڻ جي ڏينهن تي

اسان جون ٻہ عيدون هيون، هڪ تہ عرفات جو ڏينهن ٻہ اسان جي عيد جو ڏينهن آهي ٻيو جمعي جو ڏينهن ٻہ اسان جي عيد جو ڏينهن آهي ان ڪري الڳ سان اسان کي عيد ملهائڻ جي ڪا ضرورت ئي ناهي. (تفسير جمل ج 2 ص 180 پ 6، المائدة: 3)

اها بہ روايت آهي تہ هن آيت جي نازل ٿيڻ کان پوءِ حضرت امير المؤمنين فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ روئڻ لڳا، تہ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پڇيا فرمايو: اي عمر! توهان ڇو ٿا روئو؟ تہ پاڻ عرض ڪيو: يا رسول الله! اسان جو دين روزانو وڌي رهيو آهي پر هاڻي جڏهن اهو دين ڪامل ٿي ويو تہ اهو قاعدو آهي تہ "هر ڪمال کي زوال آهي" يعني جيڪا شيءِ پنهنجي ڪمال تائين پهچندي آهي اها گهٽجڻ شروع ٿيندي آهي پوءِ هن آيت مان وفاتِ نبوي جو بہ اشارو ملي رهيو آهي ڇو تہ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دين ڪامل ڪرڻ لاءِ دنيا ۾ تشريف فرما ٿيا تہ جڏهن دين ڪامل ٿي چڪو تہ ظاهر آهي حضور (صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) هاڻي هن دنيا ۾ رهڻ پسند نہ فرمائيندا. (تفسير جمل ج 2 ص 180 پ 6، المائدة: 3)

**درس هدايت:** (1) الله تعاليٰ هن آيت ۾ هن ڳالھ جي مهر لڳائي تہ هاڻي ڪافرن جي ڪا جدوجهد ۽ ڪوشش اسلام کي ختم نہ ڪري سگهندي ڇوتہ ڪافرن جي اميدن ۽ آس تي نااميدي ۽ مايوسي جا بادل ڇانئجي ويا آهن ڇوتہ انهن جو اسلام مٽائڻ جو خواب هاڻي ڪڏهن بہ سچو نہ ٿي سگهندو .

(2) هن آيت ڄڻ تہ اعلان ڪري ڇڏيو تہ دين اسلام مڪمل ٿي چڪو آهي هاڻي جيڪڏهن ڪو اهو چوي تہ فلان فلان مسئلو ناقص رهجي ويو يا اسلام ۾ ڪجھ ترميم ۽ اضافي جي ضرورت آهي تہ اهو

شخص كذاب ۽ كوڙو آهي ۽ حقيقت ۾ اهو قرآن جي تكذيب ڪرڻ وارو مُلحد ۽ اسلام مان خارج آهي. بيشڪ دين اسلام يقينًا ڪامل ۽ مڪمل ٿي چڪو آهي ان تي ايمان رکڻ ضروريات دين مان آهي.

## ﴿14﴾ اسلام ۾ درويش جي زندگي

عُلماءِ تَفسِير جو بيان آهي تہ هڪ ڏينهن حضور اڪرم صَلَّى اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وعظ فرمايو ۽ قيامت جون هولناڪيون ان انداز ۾ بيان فرمايون جو ٻڌڻ وارا متاثر ٿي زارو قطار روئڻ لڳا ۽ ماڻهن جون دليون ڏڙڪڻ لڳيون ۽ ماڻهن ايترو خوف ۽ ڊپ ڪيو جو ڏهہ جليل القدر صحابہ ڪرام حضرت عُثمان بن مظعون جمحي جي گهر ۾ گڏ ٿيا، جنهن ۾ حضرت ابُوبڪر صِديق، حضرت عَلي، حضرت عبدالله بِن مَسعود، حضرت عَبدالله بِن عَمرو، حضرت ابُوذر غِفاري، حضرت سَالم، حضرت مِقداد، حَضرت سَلمَان فَارسي، حضرت معقل بن مقرن ۽ حضرت عثمان بن مظعون رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهُم هئا، انهن پاڻ ۾ مشورو ڪري اهو منصوبو ٺاهيو تہ هاڻي اڄ ڪان اسان درويش بڻجي زندگي گذاريندا سين، ٽاٽ وغيره جا ٿلها ڪپڙا پائيندا سين ۽ روزانو ڏينهن جو روزو ۽ سڄي رات عبادت ڪندا سين، بستر تي نہ سمهندا سين ۽ پنهنجي گهروارين ڪان جدا رهندا سين ۽ گوشت چربي ۽ گيهہ وغيره ڪا مرغن غذا نہ کائيندا سين نہ ڪا خوشبو لڳائيندا سين ۽ درويش بڻجي سڄي زمين تي گشت ڪندا رهندا سين.

جڏهن حضور اقدس صَلَّى اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي صحابہ ڪرام جي هن منصوبي جو اطلاع مليو تہ پاڻ حضرت عثمان بن مظعون رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهُ

ڪي فرمايو تہ مون ڪي اهڙي اهڙي خبر ملي آهي توهان ٻڌايو ڇا معاملو آهي؟ حضرت عثمان بن مظعون رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ پنهنجي ساٿين ڪي گڏ وٺي بارگاهِ نُبُوّت ۾ حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيو: يارسول الله! حضور ڪي جيڪو اطلاع مليو آهي اهو بلڪل درست آهي، هن منصوبي مان صرف نيڪي ۽ ڀلائي طلب ڪرڻ ڪان علاوه اسان جو ڪو ٻيو مقصد نہ آهي، اهو ٻڌي حضور اقدس صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي چهري مبارڪ تي ٿورو جلال ظاهر ٿيو ۽ پاڻ فرمايائون: مان جيڪو دين کڻي آيو آهيان ان ۾ انهن ڳالهين جو حڪم ناهي، ٻڌو! توهان تي توهان جي جانين جو بہ حق آهي تنهن ڪري ڪجهہ ڏينهن روزا رکو ۽ڪجهہ ڏينهن کائو پيئو۽ رات جي ڪجهہ حصي ۾ بيدار ٿي عبادت ڪريو۽ ڪجهہ حصي۾ سمهو، ڏسو مان الله جو رسول ٿي ڪري بہ ڪڏهن روزو رکان ٿو ۽ ڪڏهن روزو نہ ٿو رکان ۽ گوشت چربي ۽ گيهہ بہ کاوان ٿو، سنا ڪپڙا بہ پائيندو آهيان ۽ پنهنجي گهروارين سان تعلق بہ رکان ٿو ۽ خوشبو بہ استعمال ڪيان ٿو اها منهنجي سنّت آهي ۽ جيڪو مسلمان منهنجي سنّت ڪان منهن موڙيندو اهو منهنجي طريقي تي ۽ منهنجي فرمانبردارن مان نہ آهي.

ان ڪان پوءِ سيني صحابہ ڪرام کي گڏ ڪري پاڻ نهايت اثرائتو وعظ بيان فرمايو، جنهن ۾ واضح فرمايائون: ٻڌي وٺو! مان توهان کي ان ڳالهہ جو حڪم نہ ٿو ڏيان تہ توهان جوڳي ٻڻجي تاركُ الدّنيا ٿي زندگي گذاريو، منهنجي دين ۾ گوشت وغيره لذيذ غذائون ۽ عورتن کي ڇڏي ۽ تمام دنياوي ڪمن ڪان تعلق ختم ڪري جوڳين جيان ڪنهن جهونپڙي يا جبل جي چوٽي تي

ويهڻ يا زمين جو گشت لڳائڻ هرگز هرگز ناهي، بدو! منهنجي امت جو سير ڪرڻ جهاد آهي، ان ڪري توهان زمين جا ڦيرا هڻڻ بدران جهاد ڪريو ۽ نماز، روزو، حج ۽ زڪوٰة جي پابندي ڪندا رهو، خدا جي عبادت ڪندا رهو ۽ پنهنجي جانين تي سختي نه ڪيو، ڇوته توهان کان اڳ وارين اُمّتن ۾ جن ماڻهن جوڳي ٿي پنهنجي جانين کي سختي ۾ وڌو ته الله تعاليٰ به انهن تي سخت احڪام نازل ڪري انهن کي وڏيڪ سختي ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو اهي انهن احڪامن جي پابندي نه ڪري سگهيا ۽ آخر نتيجو اهو نڪتو جو الله تعاليٰ جي احڪامن کي ڇڏي اهي ماڻهو هلاڪ ٿي ويا. (تفسير جمل علي الجلالين ج 2 ص 267 پ 7، المائدة: 86)

حضور اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هن وعظ کان پوءِ سورة مائده جون هي آيتون نازل ٿيون:

يٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُحَرِّمُوْا طَيِّبٰتِ مَآ اَحَلَّ اللّٰهُ لَكُمْ وَلَا تَعْتَدُوْا ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ الْمُعْتَدِيْنَ ﴿۸۷﴾ وَكُلُوْا مِمَّا رَزَقَكُمُ اللّٰهُ حَلٰلًا طَيِّبًا ۪ وَّاتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِيْٓ اَنْتُمْ بِهٖ مُؤْمِنُوْنَ ﴿۸۸﴾ (پ 7 المائده: 87، 88)

**ترجموڪنزالايمان:** اي اِيمان وارؤ پاڪ شيُون حرام نه ٺاهيو جيڪِي الله توهان جي واسطي حَلال ڪيون آهِن ۽ حد کان نه لنگهو بيشڪ حد کان لنگهندڙ الله کي ناپسند آهِن. ۽ کائو جيڪِي الله توهان کي روزي ڏِني حَلال پاڪِيزه ۽ الله کان ڊِڄو جنهن تي توهان جو اِيمان آهي.

**درس هدايت:** هن آيتن مان سبق ملي ٿو ته اسلام ۾ جوڳي ٻڻجي زندگي گذارڻ جي اجازت ناهي. عمده غذائون ۽ سنا ڪپڙا پاڻ تي حرام ڪرڻ ۽ ٻارن ٻچن کان تعلق ٽوڙي جوڳين جيان ڪنهن جهونپڙي ۾ ڌوٽي ڏئي ويهڻ، يا جهنگ ۽ بيابانن ۾ چڪر لڳائڻ،

اهو هرگز هرگز اسلامي طريقو ناهي، خوب سمجهي ونو تہ جيڪي مفت خور بابا اهڙي طرح زندگي گذاري پنهنجي درويشي جو ناٽڪ ڪري جهونپڙين يا ميدانن ۾ ويهي پنهنجي بابائيت جو پرچار ڪري رهيا آهن ۽ جاهلن کي پنهنجي مڪر ۾ ڦاسائين ٿا، خوب اک کولي ڏسي ونو ۽ ڪن کولي ٻڌي ونو تہ اهو جوڳين جو رنگ ڍنگ اسلامي طريقو ناهي، بلڪ اصل سچو اسلام اهو ئي آهي جيڪو رسول اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنّت ۽ سندن مقدس طريقي جي مطابق هجي، تنهنڪري جيڪو شخص سنّتن جي مطابق زندگي گذاري رهيو آهي حقيقت ۾ ان جي زندگي اسلامي زندگي آهي ۽ صوفي سڳورن جي درويشاڻي زندگي بہ اها ئي آهي.

خوب سمجهي ونو تہ نبوت جي سنّتن کي ڇڏي زندگي جو جيڪو بہ طريقو اختيار ڪيو وڃي اهو حقيقت ۾ نہ اسلامي زندگي آهي نہ صوفين جي درويشاڻي زندگي. تنهنڪري اڄڪلھ جن درويشن راهباڻي ۽ جوڳياڻي زندگي اختيار ڪئي آهي ان جي انهن عملن جو اسلام ۽ بزرگي سان پري جو بہ واسطو ناهي، مسلمانن کي انهن کان هوشيار رهڻ گهرجي، ۽ يقين رکڻ گهرجي تہ انهن سيني مڪر ۽ فريب جا خوبصورت ڄار وڇايا آهن جنهن ۾ سادا عقيدتمند مسلمان ڦاسندا رهندا آهن ۽ ان بهاني سان جڙتو درويش پنهنجو ڪم ڪيندا آهن هڪ سچي حقيقت جو اظهار ۽ حق جو اعلان اسان عالمن تي فرض آهي جنهن کي اسان ادا ڪري رهيا آهيون.

مانو نہ مانو آپ کو یہ اختیار ہے　　　ہم نیک و بد جناب کو سمجھائے جائیں گے

## ﴿15﴾ ٻہ وڏا ۽ هڪ ننڍو دشمن

قرآن شريف بار بار هن مسئلي تي روشني وڌي آهي ۽ اعلان

فرمايو آهي تہ هر ڪافر مسلمان جو دشمن آهي ۽ ڪافرن جي دل ۽ دماغ ۾ مسلمانن جي خلاف هڪ زهر ڀريل آهي ۽ هر وقت هر موقعي تي ڪافرن جا سينا مسلمانن جي عداوت ۽ ڪيني جي سبب باهہ جي ٻَني جيان سڙندا رهندا آهن، پر سوال هي آهي تہ ڪافرن جي ٽن مشهور فرقن يهودي، مشرڪ ۽ عيسائي مان مسلمانن جا سڀ کان وڏا ۽ سخت ترين دشمن ڪير آهن؟ ۽ ڪهڙو فرقو آهي جنهن جي دل ۾ مسلمانن جي دشمني گهٽ آهي؟ تہ هن سوال جي جواب ۾ سورة مائده جي هيٺ ڏنل آيت سڳوري نازل ٿي، تنهنڪري هن تي ڪامل ايمان رکندي پنهنجي وڏن ۽ ننڍن دشمنن کي سڃاڻي انهن سيني کان هوشيار رهڻ گهرجي. ارشاد خداوندي آهي تہ :

لَتَجِدَنَّ اَشَدَّ النَّاسِ عَدَاوَةً لِّلَّذِیْنَ اٰمَنُوا الْیَهُوْدَ وَ الَّذِیْنَ اَشْرَكُوْا ۚ وَ لَتَجِدَنَّ اَقْرَبَهُمْ مَّوَدَّةً لِّلَّذِیْنَ اٰمَنُوا الَّذِیْنَ قَالُوْۤا اِنَّا نَصٰرٰى ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّ مِنْهُمْ قِسِّیْسِیْنَ وَ رُهْبَانًا وَّ اَنَّهُمْ لَا یَسْتَكْبِرُوْنَ ﴿۸۲﴾ (پ 6 المائده: 82)

**ترجموڪنزالايمان:** ضرُور تون مُسلمانن جو سڀنِي کان وڌيڪ دُشمن يهُودين ۽ مُشرڪن کي لهندين ۽ ضرور تون مُسلمانن جِي دوستيءَ ۾ سيني کان وڌيڪ ويجهو اُنهن کي ڏسندين جيڪِي چوندا هُئا تہ اسان عيسائِي آهيون هِي اُن ڪري جو اُنهن ۾ گهڻا عالم ۽ درويش آهِن ۽ وڏائِي نہ ڪندا آهِن.

**درس هدايت:** هن آيت جي روشني ۾ گذريل تاريخ جا صفحا پڙهي پنهنجي ايمان کي وڌيڪ پختو ڪريو جو يهودين ۽ مشرڪن مسلمانن سان جهڙي عداوتن جو مظاهرو ڪيو آهي، عيسائين انهن کان تمام گهٽ مسلمانن سان برو ورتاءُ ڪيو آهي ۽ يهودين

www.dawateislami.net

۽ مشرڪن مسلمانن تي جهڙا ظلم ۽ ستم ڪيا آهن عيسائين ان درجي جا مسلمانن تي ظلم ناهن ڪيا، تنهنڪري مسلمانن ڪي گهرجي تہ يهودين مشرڪن کي پنهنجو سڀ کان وڏو دشمن تصور ڪري انهن تي ڪڏهن بہ اعتماد نہ ڪن ۽ هميشہ انهن بدترين دشمنن کان هوشيار رهن ۽ عيسائين جي باري ۾ اهو عقيدو رکن تہ اهي بہ مسلمانن جا دشمن آهن پر پوءِ بہ انهن جي دلين ۾ مسلمانن جي لاءِ ڪجهہ نرمي موجود آهي ان ڪري اهي يهودين ۽ مشرڪن جي مقابلي ۾ گهٽ درجي جا دشمن آهن.

اهو ئي آيت جو خلاصو ۽ مطلب آهي، هن ۾ مسلمانن جي لاءِ نندي وڏي دشمن جي سڃاڻپ جي لاء بهترين شمع بلڪ روشني جو منارو آهي. (وَاللهُ تَعَالٰی اَعْلَم)

## ﴿16﴾ اَنبِياءِ ڪِرام جا قاتل

قرآن شريف ڪيئي هنڌن تي يهودين جي شرارتن ۽ فتنن بابت تفصيلي بيان ڪندي بار بار اهو ارشاد فرمايو آهي، اهي ظالم پنهنجي نبين ۽ پيغمبرن کي قتل ڪرڻ کان نہ مڙيا، جيئن ارشاد فرمايو تہ:

اِنَّ الَّذِیْنَ یَكْفُرُوْنَ بِاٰیٰتِ اللّٰهِ وَ یَقْتُلُوْنَ النَّبِیّٖنَ بِغَیْرِ حَقٍّ ۙ وَّ یَقْتُلُوْنَ الَّذِیْنَ یَاْمُرُوْنَ بِالْقِسْطِ مِنَ النَّاسِ ۙ فَبَشِّرْهُمْ بِعَذَابٍ اَلِیْمٍ ﴿۲۱﴾

(پ 3 آل عمران 21)

**ترجمو ڪنزالايمان:** اُهي جيڪِي الله جي آيتُن کان مُنڪر ٿِيا ۽ پيغمبرن کي ناحق شهِيد ٿي ڪيائون ۽ اِنصاف سان حُڪم ڪندڙن کي قتل ٿي ڪيائون اُنهن کي خوشخبرِي ڏي دردناڪ عذاب جي.

حضرت اَبُوعُبَيدَه بِن جَراح رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ نبيِّ اَکرم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو تہ يهودين هڪ ڏينهن ۾ پنجيتاليهہ نبين ۽ هڪ سو ستر نيڪ ٻانهن کي قتل ڪيو هو جيڪي انهن کي چڱين ڳالهين جو حڪم ڏيندا هئا. (تاريخ ابن ڪثير ج 2 ص 55)

حضرت يحيٰ ۽ زڪريا عَلَيهِمَا السَّلَام جي شهادت بہ انهيءَ سلسلي جون ڪڙيون آهن.

**حضرت يحيٰ عَلَيهِ السَّلَام جي شهادت:** ابن عساڪر ”المستقصي في فضائل الاقصيٰ“ ۾ حضرت يحيٰ عَلَيهِ السَّلَام جي شهادت جو واقعو هن طرح لکيو آهي: دِمِشقِ جي بادشاه ”حداد بن حدار“ پنهنجي زال کي ٽي طلاقون ڏئي ڇڏيون، پوءِ ان اهو چاهيو تہ بنا حلالہ ان کي ٻيهر پنهنجي گهرواري بڻائي، ان حضرت يحيٰ عَلَيهِ السَّلَام کان فتويٰ طلب ڪئي تہ انهن فرمايو: اها هاڻي تو تي حرام ٿي چڪي آهي ان جي زال کي اها ڳالهہ نہ وڻي ۽ اها حضرت يحيٰ عَلَيهِ السَّلَام جي قتل لاءِ آماده ٿي، ان بادشاه کي مجبور ڪري قتل جي اجازت حاصل ڪئي ۽ جڏهن حضرت يحيٰ عَلَيهِ السَّلَام ”مسجدِ جبرون“ ۾ نماز پڙهي رهيا هئا تہ سجدي جي حالت ۾ ان کي قتل ڪري ڇڏيو ۽ ٿالهہ ۾ سندن مٿو مبارڪ پنهنجي سامهون گهرايو، پر ڪپيل سر بہ هن حالت ۾ بہ اهو چوندو رهيو تہ ”تون بنا حلالو ڪرائي بادشاه جي لاءِ حلال نہ آهين“ ۽ انهيءَ حالت ۾ ان عورت تي خدا جو عذاب نازل ٿيو ۽ اها عورت، سر مبارڪ سان گڏ زمين ۾ دٻجي وئي.

(البداية والنهاية ج 2 ص 55)

**حضرت زڪريا عَلَيهِ السَّلَام جو مقتل:** يهودين جڏهن حضرت يحيٰ عَلَيهِ السَّلَام کي قتل ڪري ڇڏيو تہ پوءِ سندن والد حضرت زڪريا عَلَيهِ السَّلَام جي

www.dawateislami.net

پويان اهي ظالم ماڻهو لڳا تہ انهن کي بہ شهيد ڪيون پر جڏهن حضرت زڪريا عَلَيْهِ السَّلَام اهو ڏٺو تہ اتان پري ٿي ويا ۽ هڪ وڻ جي شگاف ۾ روپوش ٿي ويا، يهودين ان وڻ تي آرو هلايو جڏهن آرو حضرت زڪريا عَلَيْهِ السَّلَام وٽ پهتو تہ خدا جي وحي آئي تہ خبردار اي زڪريا! جيڪڏهن اوهان ڪا بہ آه زاري ڪئي تہ اسان سڄي زمين کي تباھ وبرباد ڪري ڇڏينداسين ۽ جيڪڏهن اوهان صبر ڪيو تہ اسان انهن يهودين تي پنهنجو عذاب نازل ڪنداسين، حضرت زڪريا عَلَيْهِ السَّلَام صبر ڪيو ۽ ظالم يهودين وڻ سان گڏ انهن جا بہ بہ ٽڪرا ڪري ڇڏيا. (تاريخ ابن ڪثير ج 2 ص 52)

هن ۾ اختلاف آهي تہ حضرت يحيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي شهادت جو واقعو ڪهڙي هنڌ پيش آيو؟ پهريون قول اهو آهي تہ ”مسجد جبرون“ ۾ شهادت ٿي، پر حضرت سفيان ثوري شمر بن عطيہ جو اهو قول نقل ڪيو آهي تہ بيت المقدس ۾ هيڪل سليماني ۽ قربان گاھ جي وچ ۾ شهيد ڪيا ويا جنهن جڳھ تي اوهان کان اڳ ۾ ستر نبين عَلَيْهِمُ السَّلَام کي يهودي قتل ڪري چڪا هئا. (تاريخ ابن ڪثير ج 2 ص 55)

بهرحال اهو سيني مڃيو آهي يهودين حضرت يحيٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي شهيد ڪيو ۽ جڏهن عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي انهن جي شهادت جو احوال معلوم ٿيو تہ پاڻ ظاهر ظهور پنهنجي دعوتِ حق جو وعظ شروع ڪيو ۽ آخرڪار يهودين سندن قتل جو بہ منصوبو بڻايو بلڪ قتل جي لاءِ سندن جي گهر ۾ هڪ يهودي داخل ٿيو پر الله تعالٰي اوهان کي هڪ بادل موڪلي آسمان ڏانهن کڻي ورتو جنهن بابت تفصيلي واقعو ”عجائب القرآن“ ۾ موجود آهي.

**درسِ هدايت:** حضرت يحيٰ ۽ حضرت زڪريا عَلَيْهِمَا السَّلَام جي شهادت

جي واقعات ۽ حالات مان حقيقت ۾ نگاھون ڪيترائي نتيجا حاصل ڪري سگھن ٿيون، ڪجھ ڳالھيون خاص توجھ لائق آھن:

(1) دنيا ۾ انهن يهودين کان وڌيڪ بدبخت ۽ سخت دل ڪو بيو نہ ٿي سگھندو جوتہ اهي نبين سڳورن عَلَيۡهِمُ السَّلَام کي ناحق قتل ڪرڻ وارا هئا، حالانڪ اهي مقدس هستيون نہ ڪنهن کي ستائيندڙيون هيون نہ ڪنهن جو مال ۽ دولت ڦٻائيندڙيون هيون، بلڪ بنا اُجرت ۽ عِوض جي ماڻهن جي اصلاح ڪري انهن کي فلاح ۽ سعادتِ دارين جي عزتن سان سرفراز ڪنديون هيون، صحابي حضرت ابُوعُبَيدَه رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ رحمت عالم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان پڇيو: قيامت جي ڏينهن سڀ کان وڌيڪ عذاب جو مستحق ڪير هوندو؟ تہ پاڻ ارشاد فرمايائون:

رَجُلٌ قَتَلَ نَبِيًّا اَوۡمَنۡ اَمَرَ بِالۡمَعۡرُوۡفِ وَنَهٰى عَنِ الۡمُنۡكَرِ

اهو شخص جيڪو ڪنهن نبي يا اهڙي شخص کي قتل ڪري جيڪو ڀلائي جو حڪم ڏي ۽ برائي کان روڪيندو هجي.

(تفسير ابن ڪثير ج 2 ص 22 پ 3 آل عمران: 21)

بهرحال ظالم يهودين پنهنجي شَقاوت سان خدا جي نبين سان جيڪو ظالماڻو سلوڪ ڪيو ۽ جنهن بيدَردِي سان انهن مُقَدس هستين جو رت وهايو ۽ سڄي ڪائنات ۾ ان جو مثال نٿو ملي، ان ڪري خداوند قهار ۽ جبار پنهنجي قهر ۽ غضب سان انهن ظالمن کي ٻنهي جهانن ۾ ملعون ڪري ڇڏيو، تنهنڪري هر مسلمان تي لازم آهي تہ انهن ملعونن سان هميشہ نفرت ۽ دشمني رکي.

(2) بني اسرائيل جيئن تہ مختلف قبيلن ۾ ورهايل هئا ان ڪري انهن جي وچ ۾ هڪ ئي وقت ۾ ڪيئي نبي ۽ پيغمبر موڪليا ويندا هئا ۽ انهن سيني نبين جي تعليمات جو بنياد حضرت موسيٰ

عَلَيْهِ السَّلَام جو ڪتاب توريت هو ۽ انهن سيني نبين جي حيثيت حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي نائبن جي رهي.

(3) عالم سڳورن ڪي پنهنجي زندگي جي آخري پساهن تائين جمي ان جي تبليغ ڪرڻ گهرجي ۽ حق جي معاملي ۾ پنهنجي جان جي پرواهه بہ نہ ڪرڻ گهرجي، جيئن اوهان پڙهيو تہ سر ڪٽجڻ جي باوجود حضرت يحيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي ڪٽيل سر مان اهو آواز ايندو رهيو تہ ٽن طلاقن کان پوءِ بنا حلالو ڪرائي عورت سان ان جو مڙس پيو نڪاح نٿو ڪري سگهي. ﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰی اَعْلَمُ﴾

## ﴿17﴾ منافقن جي هڪ سازش

جنگ اُحد جو مڪمل ۽ تفصيلي بيان اسان پنهنجي ڪتاب ”سيرتِ مُصطفيٰ“ ۾ لکيو آهي، پر هتي اسان صرف منافقن جي هڪ خطرناڪ سازش بابت ٻڌائي رهيا آهيون جيڪا جنگ اُحد جي ڏينهن انهن بدبختن رسول خدا صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خلاف ڪئي هئي. جنهن تي قرآن شريف روشني وڌي آهي ۽ جيڪا عبرت جوڳي ۽ نهايت نصيحت پري آهي اها هي آهي:

نبي اڪرم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن مديني کان ٻاهر جنگ لاءِ نڪتا تہ هڪ هزار جو لشڪر پرچمِ نبوت هيٺ هو، ان لشڪر ۾ ٽي سؤ منافق بہ عبدالله بن ابي جي اڳواٽي ۾ گڏ هئا، منافق پهريان ئي مڪي جي ڪافرن سان گڏ اها سازش ڪري چڪا هئا تہ مخلص مسلمانن کي بزدل بڻائڻ جو هي طريقو اختيار ڪنداسين تہ شروع ۾ مسلمانن سان گڏ نڪرنداسين، پوءِ مسلمانن کان جدا ٿي مديني واپس موٽي ايندا سين، ان ڪري منافقن جي سردار اهو

بھانو ناھي لشکر اسلام کان جدا ٿي ويو تہ جڏھن محمد (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) اسان تجربيڪارن جي ڳالھ نہ مڃي تہ مديني ۾ رھي دفاعي جنگ وڙھڻ گھرجي، بلڪ نوجوانن جي ڳالھ مڃي مديني مان نڪتا آھن تہ اسان کي ڇا ضرورت آھي تہ اسان پنھنجي زندگين کي ھلاڪت ۾ وجھون، پر اَلْحَمْدُلِلّٰهعَزَّوَجَلَّ! منافقن جو مقصد پورو نہ ٿيو ڇاڪاڻ تہ مخلص مسلمانن تي انھن جي لشڪرِ اسلام کان جدا ٿيڻ جو ڪو بہ اثر نہ ٿيو، البتہ مسلمانن جي ٻن قبيلن "بنو سلمہ" ۽ "بنو حارثہ" ۾ ڪجھ بد دلي ۽ بزدلي پيدا ٿي پر مخلص مسلمانن جي جھاد واري جوش کي ڏسي انھن ٻنھي قبيلن جي ھمت وڌي ۽ اھي بہ ثابت قَدَم رھي جان نثاري واري جذبي سان مشرڪن جي لشڪر سان وڙھيا ۽ آخري ساھ تائين پرچم نبوي جي ھيٺ مشرڪن سان جنگ ڪندا رھيا ھن واقعي جو ذڪر ڪندي قرآن شريف ۾ ارشاد آھي:

وَ اِذْ غَدَوْتَ مِنْ اَهْلِكَ تُبَوِّئُ الْمُؤْمِنِيْنَ مَقَاعِدَ لِلْقِتَالِ ؕ وَ اللّٰهُ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿۱۲۱﴾ اِذْ هَمَّتْ طَّآىِٕفَتٰنِ مِنْكُمْ اَنْ تَفْشَلَا ۙ وَ اللّٰهُ وَلِيُّهُمَا ؕ وَ عَلَى اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُوْنَ ﴿۱۲۲﴾ (پ 4 آل عمران: 121، 122)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ اي محبُوب ياد ڪريو جڏھن توھان صبح جو پنھنجي حجره شريف کان ٻاھر نڪتا مُسلمانن کي جنگ جي مورچن تي بيھاريندي ۽ اللّٰه ٻُڌندڙ ڄاڻندڙ آھي. جڏھن اوھان مان ٻن گروھن ٻي ھمت ٿِيڻ جو ارادو ڪيو ۽ اُنھن جو اللّٰه سنڀالڻ وارو آھي ۽ مُسلمانن کي اللّٰه تي ڀَروسو ڪرڻ گُھرجي.

مطلب تہ جنگ احد ۾ منافقن جي اھا خطرناڪ سازش ۽ خوفناڪ تدبير بلڪل ناڪام ٿي وئي ۽ اللّٰه جي فضل سان جيتوڻيڪ ستر

مسلمانن شهادت حاصل ڪئي پر آخر ۾ فتح مبين پيغمبر جي قدم نبوت کي چميو ۽ مشرڪ ناڪام ٿي ميدان جنگ ڇڏي پنهنجي گهرن ڏانهن ويا ۽ اسلام جو پرچم بلند ٿي رهيو.

**درس هدايت:** هن واقعي مان سبق مليو تہ جيڪڏهن مؤمن نيّت جي سچائي سان متحد ٿي ميدانِ جنگ ۾ ڪافرن سان بهادري ۽ دليري سان جهاد ڪندا رهن تہ منافقن ۽ ڪافرن جي هر سازش ۽ تدبير کي خداوند قدوس ناڪام ڪري ڇڏيندو آهي پر اها حقيقت وڏي سچائي تي مشتمل آهي تہ

برائے فتح پہلی شرط ہے ثابت قدم رہنا	جماعت کو بہم رکھنا، جماعت کا بہم رہنا

## ﴿18﴾ حضرت اِلياس عَلَيْهِ السَّلَام

اهي حضرت حزقيل عَلَيْهِ السَّلَام جا خليفہ ۽ جانشين آهن، ڪيئي تاريخدانن جو هن ڳالهہ تي اتفاق آهي جو حضرت الياس عَلَيْهِ السَّلَام حضرت هارون عَلَيْهِ السَّلَام جي نسل مان آهن، ۽ سندن نسب نامو هي آهي: الياس بن ياسين بن فخاس بن عيزار بن هارون عَلَيْهِ السَّلَام. حضرت الياس عَلَيْهِ السَّلَام جي بعثت جي باري ۾ مفسرن ۽ تاريخدانن جو اتفاق آهي تہ اهي شام جي رهواسين جي هدايت لاءِ موڪليا ويا ۽ "بعلبڪ" جو مشهور شهر سندن رسالت ۽ هدايت جو مرڪز هو.

انهن ڏينهن ۾ "بعلبڪ" شهر تي "ارجب" نالي بادشاهہ جي حڪومت هئي، جنهن سڄي قوم کي بت پرستي تي مجبور ڪيو هو، ۽ انهن جو سڀ کان وڏو بت "بعل" هو جيڪو سون جو ٺهيل هو ۽ ويهہ گز ڊگهو هو ۽ ان جا چار چهرا ٺهيل هئا ۽ چار سو نوڪر ان

www.dawateislami.net

بت جي خدمت ڪندا هئا، جن ڪي سڄي قوم پٽن جيان مڃيندي هئي ۽ هن بت مان شيطان جو آواز ايندو هو جيڪو ماڻهن کي بت پرستي ۽ شرڪ جو حڪم ڏئيندو هو، هن ماحول ۾ حضرت الياس عَلَيْهِ السَّلَام انهن کي توحيد ۽ خدا پرستي جي دعوت ڏيڻ لڳا پر قوم ايمان نہ آندو، بلڪ شهر جو بادشاه ”ارجب“ انهن جو جاني دشمن ٿي ويو، ۽ حضرت الياس عَلَيْهِ السَّلَام کي قتل ڪرڻ جو ارادو ڪيو، پاڻ شهر مان هجرت ڪري جبلن جي چوٽين ۽ غارن ۾ روپوش ٿي ويا ۽ ستن سالن تائين خوف ۽ ڊپ ۾ رهيا، جهنگلي گاھ ۽ جهنگ جي گلن ۽ ميون تي زندگي گذاريندا رهيا، بادشاه سندن گرفتاري جي لاءِ ڪيئي جاسوس مقرر ڪيا هئا، پاڻ مشڪلاتن کان تنگ ٿي اها دعا گهري تہ الٰهي! مون کي انهن ظالمن کان نجات ۽ راحت عطا فرما تہ پاڻ تي وحي آئي توهان فلاڻي ڏينهن فلاڻي هنڌ تي وڃو ۽ جيڪا سواري ملي بنا ڊپ جي ان تي سوار ٿي وڃو، پوءِ ان ڏينهن ان هنڌ پهتا تہ هڪ ڳاڙهي رنگ جو گهوڙو بيٺل هو، پاڻ ان تي سوار ٿيا تہ گهوڙو هلڻ لڳو تہ سندن چاچي جي پٽ حضرت ”اليسع“ عَلَيْهِ السَّلَام اوهان کي سڏيو ۽ عرض ڪيو تہ هاڻي مان ڇا ڪيان؟ تہ پاڻ پنهنجو ڪمبل ان تي وڌو، اها نشاني هئي تہ توهان کي بني اسرائيل جي هدايت جي لاءِ پنهنجو خليفو بڻايو آهي، پوءِ الله تعاليٰ اوهان کي ماڻهن جي نگاهن کان پوشيده رکيو ۽ کائڻ پيئڻ کان بي نياز ڪيو ۽ اوهان کي الله تعاليٰ ملائڪن جي جماعت ۾ شامل ڪيو ۽ حضرت اليسع عَلَيْهِ السَّلَام نهايت عزم ۽ همت سان ماڻهن کي هدايت ڪرڻ لڳا، الله تعاليٰ هر قدم تي انهن جي مدد ڪئي ۽ بني اسرائيل

www.dawateislami.net

انهن تي ايمان آندو ۽ سندن وفات تائين ايمان تي قائم رهيا.

**حضرت الياس جا معجزا:** الله تعاليٰ سيني جبلن ۽ حيوانن کي سندن قابو ۾ ڏنو هو ۽ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام کي ستر نبين جي طاقت ڏني هئي، غضب، جلال، قوت ۽ طاقت ۾ حضرت موسيٰ جي برابر ٻڌايو، ۽ روايتن ۾ آهي ته حضرت الياس ۽ حضرت خضر عَلَيْهِمَا السَّلَام هر سال جا روزا بيت المقدس ۾ ادا ڪن ٿا ۽ هر سال حج جي لاءِ مڪي شريف ويندا آهن، ۽ سال جي باقي ڏينهن ۾ حضرت الياس عَلَيْهِ السَّلَام ته جهنگن ۽ ميدانن ۾ ڦرندا آهن ۽ حضرت خضر عَلَيْهِ السَّلَام دريائن ۽ سمنڊن جو سير ڪندا رهندا آهن ۽ ٻئي حضرات آخري زماني ۾ وفات پائيندا جڏهن قرآن شريف کنيو ويندو.

حضرت انس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان هڪ حديث روايت آهي ته اسان هڪ جهاد ۾ رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ هئاسين ته وات تي هڪ آواز آيو ته يا الله! مون کي حضرت محمد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي امت مان بڻاءِ جيڪا امت مرحومہ ۽ مستجاب الدعوات آهي ته حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: اي انس! توهان هن آواز جو پتو لڳايو ته مان جبل ۾ داخل ٿيس ته اوچتو نظر آيو ته هڪ ماڻهو نهايت سفيد ڪپڙن ۾ وڏي ڏاڙهي وارو آهي، جڏهن ان مون کي ڏٺو ته پڇيو: توهان رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا صحابي آهيو؟ ته مون عرض ڪيو: جي ها، انهن فرمايو: توهان حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي منهنجو سلام عرض ڪجو ۽ چئو ته اوهان جو ڀاءُ الياس (عَلَيْهِ السَّلَام) اوهان سان ملاقات جو ارادو رکي ٿو، پوءِ واپس موٽي مون حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي سڄو معاملو عرض ڪيو ته پاڻ مون کي گڏ وٺي روانا ٿيا، ۽ جڏهن سندن

ويجهو پهتا تہ مان پوئتي هٽي ويس، پوءِ دير تائين پاڻ ۾ گفتگو
ڪندا رهيا ۽ آسمان تان هڪ دسترخوان لٿو تہ حضور صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ
وَسَلَّم مون کي سڏيو ۽ مون ٻنهي حضرات سان گڏ ماني کاڌي،
جڏهن کائڻ کان فارغ ٿياسين تہ آسمان مان هڪ بادل آيو ۽ اهو
حضرت الياس عَلَيْهِ السَّلَام کي کڻي آسمان ڏانهن ويو ۽ مان انهن جي
سفيد ڪپڙن کي ڏسندو رهيس. (صاوي ج 5 ص 1749، پ 23 الصّٰفّٰت: 124)

**حضرت الياس ۽ قرآن شريف:** قرآن شريف ۾ حضرت الياس عَلَيْهِ السَّلَام جو
تذڪرو ٻن هنڌن تي آيو آهي سورة انعام ۾ ۽ سورة الصّٰفّٰت ۾، سورة
انعام ۾ تہ صرف انهن کي نبين سڳورن جي فهرست ۾ شمار ڪيو
ويو آهي ۽ سورة الصّٰفّٰت ۾ اوهان جي بعثت ۽ قوم جي هدايت بابت
مختصر طور تي بيان ڪيو ويو آهي، جيئن سورة انعام ۾ آهي:

وَ مِنْ ذُرِّيَّتِهٖ دَاوٗدَ وَ سُلَيْمٰنَ وَ اَيُّوْبَ وَ يُوْسُفَ وَ مُوْسٰى وَ هٰرُوْنَ ؕ وَ كَذٰلِكَ
نَجْزِى الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۸۴﴾ وَ زَكَرِيَّا وَ يَحْيٰى وَ عِيْسٰى وَ اِلْيَاسَ ؕ كُلٌّ مِّنَ الصّٰلِحِيْنَ
﴿۸۵﴾ وَ اِسْمٰعِيْلَ وَ الْيَسَعَ وَ يُوْنُسَ وَ لُوْطًا ؕ وَ كُلًّا فَضَّلْنَا عَلَى الْعٰلَمِيْنَ ﴿۸۶﴾

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ اُن جي اولاد مان دائُود ۽ سُليمان ۽ ايُوب ۽ يُوسُف ۽
مُوسي ۽ هارُون کي ۽ اسان اِهڙي طرح سِلو ڏيندا آهيُون نيڪن کي. ۽
زَڪرِيا ۽ يَحيي ۽ عِيسي ۽ اِلياس کي، اِهي سمُورا اسان جي قرب جي لائِق
آهِن. ۽ اِسماعِيل ۽ يَسَعَ ۽ يُونُس ۽ لُوط کي ۽ اسان هر هڪ کي ان جي وقت
۾ سمُورن تي فضِيلت ڏني (پ 7 الانعام 84 تا 86)

۽ سورة الصّٰفّٰت ۾ آهي:

وَ اِنَّ اِلْيَاسَ لَمِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿۱۲۳﴾ اِذْ قَالَ لِقَوْمِهٖۤ اَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿۱۲۴﴾
اَتَدْعُوْنَ بَعْلًا وَّ تَذَرُوْنَ اَحْسَنَ الْخَالِقِيْنَ ﴿۱۲۵﴾ اللّٰهَ رَبَّكُمْ وَ رَبَّ اٰبَآئِكُمُ

الْاَوَّلِيْنَ ﴿۱۲۶﴾ فَكَذَّبُوْهُ فَاِنَّهُمْ لَمُحْضَرُوْنَ ﴿۱۲۷﴾ اِلَّا عِبَادَ اللّٰهِ الْمُخْلَصِيْنَ ﴿۱۲۸﴾ وَتَرَكْنَا عَلَيْهِ فِي الْاٰخِرِيْنَ ﴿۱۲۹﴾ سَلٰمٌ عَلٰۤى اِلْ يَاسِيْنَ ﴿۱۳۰﴾ اِنَّا كَذٰلِكَ نَجْزِي الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۱۳۱﴾ اِنَّهٗ مِنْ عِبَادِنَا الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۱۳۲﴾

(پ 23 الصّٰفّٰت: 123 تا 132)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ بيشڪ الياس پيغمبرن مان آهي، جڏهن ان پنهنجي قوم کي فرمايو ڇا توهان ڊڄو نہ ٿا ڇا بعل جي پوڄا ڪريو ٿا ۽ ڇڏي ڏيو ٿا سڀ کان سٺي پيدا ڪرڻ واري اللّٰه کي، جيڪو رب آهي توهان جو ۽ توهان جي اڳين ابن ڏاڏن جو، پوءِ انهن ان کي ڪوڙو سمجهيو، پوءِ اهي ضرور پڪڙيا ويندا مگر اللّٰه جا چونڊيل ٻانها ۽ اسان پوين ۾ ان جي تعريف باقي رکي، سلام هجي الياس تي بيشڪ اسان ائين ئي انعام ڏيندا آهيون نيڪن کي، بيشڪ اهو اسان جي اعليٰ درجي جي ڪامل ايمان وارن ٻانهن مان آهي.

حضرت الياس عَلَيْهِ السَّلَام ۽ انهن جي قوم جو واقعو جيتوڻيڪ قرآن شريف ۾ مختصر آهي تڏهن بہ هن مان اهو سبق ملي ٿو تہ يهودين جي ذهنيت ايتري بگڙجي چڪي هئي جو ڪا اهڙي برائي نہ هئي جنهن جا شوقين نہ هجن، انهيءَ باوجود جو انهن جي هدايت جي لاءِ لاڳيتو انبياء ڪرام ايندا رهيا پر پوءِ بہ بت پرستي، تارن جي پوڄا، ۽ غيراللّٰه جي عبادت انهن کان جدا نہ ٿي سگهي، بيو هي تہ اهي ماٺهو وڏا ڪوڙا، بدعهد ۽ رشوت خور بہ رهيا ۽ اللّٰه تعاليٰ جي مقدس نبين کي ايذاء ڏيڻ ۽ انهن کي قتل ڪرڻ، انهن ظالمن جو محبوب مشغلو هو، بهرحال انهن ظالمن جي واقعن مان جتي انهن جي بدبختي، سخت دلي ۽ مجرماڻي شقاوت جي خبر پوي ٿي اتي اسان کي اها عبرت ۽ نصيحت حاصل ٿئي ٿي تہ هاڻي جڏهن نبوت جو سلسلو ختم ٿي چڪو آهي تہ اسان لاءِ بيحد ضروري آهي تہ خدا جي آخري پيغام يعني اسلام تي

مضبوطي سان قائم رهي يهودين جي ظالماڻي طريقي جي مخالفت ڪريون ۽ ڪافرن جي طرفان ملندڙ تڪليفن ۽ مصيبتن تي صبر ڪري خدا جي مقدس نبين جي اُسوه حسنہ جي پيروي ڪيون.

﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰى اَعْلَمَ﴾

## ﴿19﴾ جنگ بدر جي برسات

جنگ بدر جو تفصيلي واقعو اسان پنهنجي ڪتاب ”سيرة المصطفيٰ“ ۾ مڪمل لکيو آهي، هتي جنگ بدر ۾ نصرتِ الٰهي جيڪا برسات جي صورت ۾ تي جنهن سبب جنگ بدر جو نقشو بدلجي ويو، ان جو هڪ اهم جلوو ڏيکاري رهيا آهيون.

واقعو اهو آهي: رسول اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٽي سو تيرهن صحابہ ڪرام جي جماعت کي گڏ وٺي بدر نالي هنڌ تي تشريف فرما ٿيا، ۽ بدر جي ويجهو پهچي مديني جي طرف ”عدوة الدنيا“ تي خيما کوڙيائون، ۽ مشرڪ اڳتي وڌيا تہ بدر پهچي مديني کان پري مڪي واري پاسي ”عدوة القصويٰ“ تي لٿا ۽ جنگ جي ميدان جو نقشو ائين نهيو جو مشرڪ ۽ مسلمان بلڪل آمهون سامهون هئا، پر مسلمانن جو محاذِ جنگ ايترو وارياسو هو جو انسانن ۽ گهوڙن ٻنهي جا قدم ريت ۾ ڌبجي ٿي ويا ۽ اتي هلڻ ڦرڻ دشوار هو ۽ مشرڪن جو محاذِ جنگ بلڪل هموار ۽ پختي فرش وانگر هو، مطلب تہ دشمن تعداد ۾ ٽيڻ کان وڌيڪ، سامان جنگ مڪمل، فوج جي اعتبار سان مطمئن هئا، وڌيڪ اهو تہ انهن جو جنگي محاذ پنهنجي بيهڪ جي اعتبار سان نِهايت عمده هو، انهن سهولتن جي علاوه پاڻي جا سڀ کوه بہ دشمنن جي قبضي ۾ هئا، ان ڪري مسلمانن کي پاڻي جي بيحد

تڪليف هئي، پاڻ پيئڻ جي لاءِ ڪٿان ڪان ڪٽي اچن؟ جانورن کي کيئن سيراب ڪن؟ وضو ۽ غسل جي ڇا صورت ٿئي؟ مطلب صحابہ ڪرام گھڻا فڪر مند ۽ پريشان ھئا. ان موقعي تي شيطان مسلمانن جي دلين ۾ وسوسو وڌو تہ اي مسلمانو! توھان گمان ڪيو ٿا تہ توھان حق تي آھيو ۽ توھان ۾ الله جو رسول بہ موجود آھي ۽ توھان الله وارا آھيو ۽ حال ھي آھي جو مشرڪ پاڻي تي قابض آھن ۽ توھان بنا وضو ۽ غسل جي نمازون پڙھو ٿا ۽ توھان ۽ توھان جا جانور اُڃ کان بيتاب ٿي رھيا آھن.

ھن موقعي تي اوچتو آسماني مدد ھن طرح آئي جو زوردار برسات وسي پئي جنھن مسلمانن جي وارياسي زمين کي ڄمائي پختو فرش جيان ھموار ڪيو ۽ نشيب جي ڪري حوض نما کڏن ۾ پاڻي جو ذخيرو گڏ ٿي ويو ۽ دشمنن جي زمين کي گپ واري دبڻ جيان ناھي ڇڏيو جنھن تي ڪافرن جو ھلڻ ڦرڻ دشوار ٿي ويو ۽ مسلمانن انھن پاڻي جي ذخيرن جي ڪري کوھن کان بي پرواھ ٿي ويا ۽ مسلمانن جي دلين مان شيطاني وسوسو دور ٿي ويو ۽ ماڻھو مطمئن ٿي ويا.

الله تعاليٰ قرآن شريف ۾ ھن عجيب و غريب برسات جو نظارو ھنن لفظن ۾ ڪيو آھي:

وَيُنَزِّلُ عَلَيْكُمْ مِّنَ السَّمَآءِ مَآءً لِّيُطَهِّرَكُمْ بِهٖ وَيُذْهِبَ عَنْكُمْ رِجْزَ الشَّيْطٰنِ وَلِيَرْبِطَ عَلٰى قُلُوْبِكُمْ وَيُثَبِّتَ بِهِ الْاَقْدَامَ ﴿۱۱﴾ (پ 9 الانفال: 11)

ترجموڪنزالايمان: ۽ آسمان مان توھان تي پاڻي لاٿائين جو اُن سان توھان کي پاڪ صاف ڪري ۽ شيطان جي ناپاڪائي توھان کان پري فرمائي ۽ توھان جي دلين کي ھمت ڀَڌرائي ۽ اُن سان توھان جا قدم ڄمائي ڇڏي.

هن آيت ۾ الله تعاليٰ بدر ۾ ان اوچتي برسات جا چار فائدا بيان فرمايا آهن:
(1) تہ جيئن جيڪي بي وضو ۽ بي غسل آهن اهي وضو ۽ غسل ڪري پاڪ وصاف سترا ٿي وڃن.
(2) مسلمانن جي دلين مان شيطاني وسوسو دور ٿئي.
(3) مسلمانن جي دلين کي آٿت ٿئي تہ اسان حق تي آهيون ۽ الله تعاليٰ ضرور اسان جي مدد ڪندو.
(4) جنگي محاذ جي وارياسي زمين هن لائق ٿي وڃي تہ ان تي قدم ڄمي سگهن، الغرض جنگ بدر جي اها برسات مسلمانن جي لاءِ باران رحمت ۽ ڪافرن جي لاءِ سامان زحمت بڻجي وئي.
**درس هدايت:** جنگ بدر ۾ مسلمانن کي جن مشڪل حالتن کي منهن ڏيڻو پيو، ظاهر آهي انساني عقل اسباب تي نظر ڪندي ان ڪان علاوه ٻيو ڪهڙو فيصلو ڪري سگهي ٿو تہ ان جنگ کي ٿاري ڇڏين، پر صادق الايمان مسلمانن پنهنجي رسول جي مرضي ڏسي هر قسم جو سامان نہ هئڻ جي باوجود حق ۽ باطل جي جنگ جي لاءِ عظيم ۽ جان نثاري جي جذبي سان پاڻ کي پيش ڪيو ۽ نهايت ثابت قدمي ۽ اولوالعزمي سان ميدان جنگ ۾ لٿا تہ الله تعاليٰ هنن مسلمانن جي ڪهڙي طرح مدد ڪئي ان تي هڪ نظر ڪري خداوند قدوس جي عظيم فضل جو نظارو ڪيو ۽ اهو ڏسو تہ الله تعاليٰ ڪهڙي ڪهڙي طريقي سان مسلمانن جي مدد ڪئي.
(1) مسلمانن جي نگاهن ۾ دشمنن جو تعداد اصل تعداد کان گهٽ نظر آيو تہ جيئن مسلمان مرعوب نہ ٿين ۽ مشرڪن جي نظر ۾ مسلمان گهٽ نظر آيا تہ جيئن اهي جنگ کان پاسو نہ ڪن ۽ حق ۽

www.dawateislami.net

باطل ۾ جنگ ٿري نہ وڃي. (الانفال)

(2) ۽ هڪ وقت ۾ مسلمان مشرڪن جي نظر ۾ ٿورا نظر آيا تہ جيئن مسلمانن کان شڪست کائي وڃن. (آل عمران)

(3) پهريان مسلمانن جي مدد جي لاءِ هڪ هزار ملائڪ موڪليا ويا، پوءِ ملائڪن جو تعداد وڌائي ٽي هزار ڪيوويو، پوءِ ملائڪن جو تعداد پنج هزار ٿي ويو. (آل عمران)

(4) مسلمانن تي عين جنگ جي وقت ٿوري دير جي لاءِ غنودگي ۽ ننڊ طاري ڪئي وئي جنهن جي ڪجهہ منٽن کان پوءِ انهن جي بيداريءَ انهن ۾ نئين تازگي ۽ نئون روح پيدا ڪيو. (انفال)

(5) آسمان تان برسات وسائي مسلمانن جي واريا سي زمين کي پختي زمين جيان بڻايو ويو ۽ مشرڪن جي محاذِ جنگ جي زمين کي گپ ۽ ترڪڻ واري دَلدَل ناهي ڇڏيو. (انفال)

(6) جنگ جو نتيجو اهو نڪتو جو ڪجهہ دير ۾ مشرڪن جا وڏا وڏا نامي گرامي پهلوان ۽ جنگجو شهسوار مارجي ويا، ستر مشرڪ قتل ٿيا ۽ ستر گرفتار ڪري قيدي بڻايا ويا ۽ مشرڪن جو لشڪر پنهنجو سڄو سامان ڇڏي ميدانِ جنگ مان وٺي ڀڳو ۽ اهو سڄو سامان مسلمانن کي مالِ غنيمت طور مليو.

مسلمان جيتوڻيڪ خداوند قدوس جي مٿي بيان ڪيل مدد ۽ ان جي فضل سبب سوڀ ماڻي تڏهن بہ هن جنگ ۾ 14 اسلام جي مجاهدن شهادت جو جام پيتو. (زرقاني ج 2 ص 270)

اهو واقعو اسان کي خبردار ڪري رهيو آهي تہ جيڪڏهن مسلمان خدا تي ڀروسو ڪري حق ۽ باطل جي جنگ ۾ ثابت قدمي ۽ بهادري سان بيهن تہ تعداد جي گهٽتائي ۽ بنا سامان جي بہ

ضرور خدا جي مدد تيندي ۽ مسلمانن کي فتح ملندي، هي ربُّ الْعِزَّت جي فضل ۽ ڪرم جو اهو دستور آهي جنهن ۾ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ قيامت تائين ڪا تبديلي نہ تيندي، بس شرط اهو آهي تہ مسلمان نہ بدلجي وڃن ۽ انهن جي اسلامي خصائل ۽ ڪردار ۾ ڪا تبديلي نہ هجي، نہ تہ خدا جو دستور نہ بدليو آهي نہ ڪڏهن بدلجندو ان جو واعدو آهي تہ

فَلَنْ تَجِدَ لِسُنَّتِ اللّٰهِ تَبْدِيْلًا ۚ (پ 22 الفاطر: 43)

ترجموڪنزالايمان: ۽ الله جي قانون کي ڦرڻ وارو هرگز نہ ڏسندين.

﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰی اَعْلَم﴾

## ﴿20﴾ جنگ حُنين

فتح مڪہ کان پوءِ عرب جي مشرڪن جي شان و شوڪت جو تقريبًا خاتمو ٿي ويو ۽ ماڻهو ڪثرت سان اسلام ۾ داخل ٿيڻ لڳا، اهو ڏسي "هوازن" ۽ "ثقيف" جي ٻنهي قبيلن جي سردارن جي گڏجاڻي ٿي، ۽ انهن پاڻ ۾ مشورو ڪيو تہ محمد (صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) پنهنجي قوم "قريش" کي مغلوب ڪري مطمئن ٿي ويا آهن، تنهن ڪري هاڻي اسان جو وارو آهي تہ چو نہ اسان پيش قدمي ڪري ڪاهہ ڪري مسلمانن کي تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيون، نيٺ هوازن ۽ ثقيف جي ٻنهي قبيلن مالڪ بن عوف نضري کي پنهنجو بادشاهہ بڻائي مسلمانن سان جنگ جي تياري شروع ڪئي، اها خبر ملندي ئي 10 شوال 8 هجري مطابق فيبروري 630ع تي ڏهن هزار مهاجر ۽ انصار ۽ بہ هزار مڪي جا نو مسلم ۽ اسي اهي مشرڪ جيڪي اسلام قبول نہ ڪرڻ باوجود پنهنجي خواهش

سان مسلمانن جا رفيق بڻجي ويا. نبي اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪُل اٽڪل ٻارهن هزار ماڻهن جو لشڪر وٺي ”مقام حُنين“ پهتا، جڏهن دشمن جي مقابلي ۾ صف آرائي جو وقت ٿيو ته پاڻ مهاجرن جو پرچم حضرت علي رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ ۽ انصار ۾ بني خزرج جو علمبردار حضرت حباب بن منذر رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کي بڻايو ۽ اوس جو جهنڊو حضرت اُسيد بن حضير رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کي عنايت فرمايو ۽ خود نبي اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي بدن تي هٿيار سجائي ڊبل زره پائي ۽ مٿي مبارڪ تي لوهي ٽوپي پائي پنهنجي خچر تي سوار ٿي اسلامي فوج جي ڪمان سنڀالي.

مسلمانن جي دلين ۾ پنهنجي لشڪر جي ڪثرت ڏسي ڪجهه وڏائي پيدا ٿي، ايستائين جو ڪن ماڻهن جي زبان تان بنا ”اِنْ شَآءَاللّٰه“ جي اهي لفظ نڪتا ته اڄ اسان جي قوت کي ڪو شڪست نه ڏئي سگهندو، مسلمانن جو پنهنجي فوج جي عددي اڪثريت ۽ عسڪري طاقت تي ڀروسو ڪري فخر ڪرڻ خداوند تعاليٰ کي پسند نه آيو، تنهنڪري مسلمانن تي خدا جي طرفان اهو عبرت جو تازينو لڳو ته جڏهن جنگ شروع ٿي ته اوچتو دشمنن جا اهي ٽولا جيڪي گوريلا جنگ جي لاءِ جبلن جي گهاٽين ۾ گهات لڳائي ويٺا هئا انهن ايتري زور ۽ شور سان مسلمانن تي تيرن جي برسات ڪري ڇڏي جو مسلمان تيرن جي برسات سان بدحواس ٿي ويا ۽ اوچتو تيرن جي برسات سان انهن جو صفون درهم برهم ٿي ويون ۽ ٿوري ئي دير ۾ مسلمانن جا قدم اُکڙي ويا ۽ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ ڪجهه مهاجر ۽ انصار ڪان علاوه تمام لشڪر ميدان جنگ مان فرار ٿي ويو.

ان خطرناڪ صورتحال ۽ نازڪ گهڙي ۾ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي خچر تي سوار تي اڳتي وڌي رهيا هئا ۽ اهو رجز وارو شعر وڏي آواز سان پڙهي رهيا هئا:

انا النبي لا كذب انا ابن عبدالمطلب

يعني مان نبي آهيان اها ڪا ڪوڙي ڳالھ ناهي، مان عبدالمطلب جو فرزند آهيان.

آخرڪار حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حڪم سان حضرت عباس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ وڏي آواز سان پڃي ويل مسلمانن کي سڏ ڪيو ۽ ﴿يا معشر الانصار يا اصحاب بيعة الرضوان﴾ چئي سڏ ڪيو، حضرت عباس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جو اهو سڏ ٻڌي تمام جان نثار مسلمان موٽي آيا ۽ پرچم نبوت جي هيٺ گڏ ٿي اهڙي جان نثاري ۽ بهادري سان وڙهڻ لڳا جو گهڙي کن ۾ ميدان جنگ جو نقشو بدلجي ويو ۽ نتيجو اهو نڪتو ته شڪست کان پوءِ مسلمان فتح مند ٿيا ۽ پرچمِ اسلام سربلند ٿي ويو ۽ هزارين ڪافر گرفتار ٿيا ۽ ڪيئي تلوارن جو کاڄ بڻجي ويا ۽ بيشمار مالِ غنيمت مسلمانن کي مليو ۽ عرب جي ڪافرن جي طاقت ۽ شوڪت جو جنازو نڪري ويو.

جنگ حُنين ۾ مسلمانن جي پنهنجي گهڻائي جي تعداد تي غرور جي انجام ۾ شڪست ۽ وري فتح ۽ نصرت جو احوال خداوند ذوالجلال قرآن شريف ۾ هنن لفظن سان ڪيو آهي:

لَقَدْ نَصَرَكُمُ اللّٰهُ فِیْ مَوَاطِنَ كَثِیْرَةٍ ۙ وَّ یَوْمَ حُنَیْنٍ ۙ اِذْ اَعْجَبَتْكُمْ كَثْرَتُكُمْ فَلَمْ تُغْنِ عَنْكُمْ شَیْـًٔا وَّ ضَاقَتْ عَلَیْكُمُ الْاَرْضُ بِمَا رَحُبَتْ ثُمَّ وَلَّیْتُمْ مُّدْبِرِیْنَ ﴿۲۵﴾ ثُمَّ اَنْزَلَ اللّٰهُ سَكِیْنَتَهٗ عَلٰى رَسُوْلِهٖ وَ عَلَى الْمُؤْمِنِیْنَ وَ

www.dawateislami.net

اَنْزَلَ جُنُوْدًا لَّمْ تَرَوْهَا وَعَذَّبَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ؕ وَذٰلِكَ جَزَآءُ الْكٰفِرِيْنَ ﴿۲۶﴾ (پ 10 التوبہ 25، 26)

**ترجموڪنزالايمان:** بيشڪ الله گهڻن جاين تي توهان جي مدد فرمائي ۽ حُنين جي ڏينهن جڏهن توهان پنهنجي گهڻائي تي آڪڙ ڪئي هئي پوءِ اُها توهان ڪي ڪو فائدو نہ ڏئي سگهي ۽ زمين پنهنجي ايڏي ڪشادگي جي باوجود توهان تي سوڙهي ٿي وئي پوءِ توهان پُٺي ڏيئي ڦري ويوَ. پوءِ الله پنهنجي تسڪين لاٿي پنهنجي رسول تي ۽ مُسلمانن تي ۽ اُهي لشڪر لاٿائين جيڪي توهان نہ ڏٺا ۽ ڪافرن کي عذاب ڏنائين ۽ اِها ئي سزا آهي منڪرن جي.

جنگ حُنين جو اهو واقعو دليل آهي تہ مسلمانن کي ميدان جنگ ۾ فتح ۽ ڪاميابي فوجي ڪثرت ۽ جنگي سامان جي گهڻائي سان ناهي ملندي، بلڪ فتح ۽ نصرت جو دارو مدار حقيقت ۾ پروردگار جي فضل تي آهي، جيڪڏهن اهو ڪريم ربُّ عَزَّوَجَلَّ پنهنجو عظيم فضل ڪري تہ ننڍي کان ننڍو لشڪر وڏي کان وڏي فوج تي غالب ٿي ڪامياب و فتح مند ٿي سگهي ٿو ۽ جيڪڏهن ان جو فضل ۽ ڪرم نہ هجي تہ وڏي کان وڏو لشڪر ننڍي فوج کان مغلوب ٿي شِڪست کائي ويندو آهي. تنهنڪري مسلمانن تي لازم آهي تہ ڪڏهن بہ پنهنجي لشڪر جي گهڻائي تي اعتماد نہ رکن بلڪ هميشہ خُداوَندِ قدوس جي فضل ۽ ڪرم تي ڀروسو رکن. ﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰی اَعْلَم﴾

## ﴿21﴾ غارِ ثور

هِجرت واري رات حضور رحمت عالم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي مبارڪ گهر مان نڪري مقام "حزوره" وٽ بيهي رهيا ۽ وڏي حسرت سان "ڪعبہ مڪرمہ" کي ڏٺو ۽ فرمايائون: اي شهرِ مڪہ!

تون مون کي سڄي دنيا کان وڌيڪ پيارو آهين، جيڪڏهن منهنجي قوم مون کي تون مان نہ ڪڍي ها تہ مان توکانسواءِ ڪنهن ٻي جڳهہ نہ رهان ها. پوءِ حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ سان اڳ ۾ ئي طئي ٿي چڪو هو، اهي بہ ان هنڌ پهچي ويا ۽ ان خيال سان تہ ڪافر اسان جي قدمن جي نشانن سان رستو ڳولي اسان جو پيڇو نہ ڪن، پوءِ اهو بہ ڏٺو تہ حضور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا پير مبارڪ زخمي ٿي ويا آهن، حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ حضور اڪرم کي پنهنجي ڪلهن تي سوار ڪيو ۽ اهڙي طرح ڪنديدار وڻن ۽ نوڪدار پٿرن وارن ٽڪرين کي طئي ڪندي ان رات غار ثور ۾ پهتا. (مدارج النبوة بحث "غار ثور" ج 2 ص 58)

حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ پهريان پاڻ غار ۾ داخل ٿيا ۽ چڱي طرح غار جي صفائي ڪئي ۽ پنهنجي ڪپڙن کي ڦاڙي غار جي تمام سوراخن کي بند ڪيو، پوءِ رحمت عالم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم غار جي اندر تشريف فرما ٿيا ۽ حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي هنج ۾ پنهنجو مٿو مبارڪ رکي سمهي رهيا، حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ هڪ سوراخ کي پنهنجي پير جي کُڙيءَ سان بند ڪيو هو، سوراخ جي اندران هڪ نانگ بار بار يار غار جي پير تي ڏنگيو، پر جان نثار هن خيال سان پير نہ هٽايو تہ رحمتِ عالم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي آرام ۾ خلل نہ اچي، پر درد جي شدّت جي ڪري يار غار جي اکين مان لُڙڪ نڪتا جنهن مان ڪي قطرا سرور ڪائنات صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي رخسار تي پيا، جنهن سان رحمت عالم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم بيدار ٿي ويا ۽ پنهنجي يار غار کي روئندو ڏسي بيقرار ٿيا، پڇيو ابوبڪر ڇا ٿيو؟ عرض ڪيو:

يارسول الله! مون کي نانگ ڏنگيو آهي، اهو ٻڌي حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم زخم تي پنهنجو لعابِ دهن لڳايو، جنهن سبب هڪدم سمورو درد ختم ٿي ويو ۽ زخم بہ بهتر ٿي ويو، ٽي راتيون حضور رحمت عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ هن غار ۾ رونق فرما رهيا، مڪي جي ڪافرن سندن ڳولا ۾ مڪي جي ڪنڊ ڪڙڇ ڳولي ايستائين جو ڳولهيندي ڳولهيندي غار ثور تائين پهچي ويا، پر غار جي منهِ تي حفاظت خداوندي جو پهرو لڳل هو، يعني ڪوريئڙي غار جي منهِ تي ڄار ناهيو هو ۽ ڪناري تي ڪبوتر آنا لاٿا هئا اهو منظر ڏسي ڪافر پاڻ ۾ چوڻ لڳا تہ جيڪڏهن هن غار ۾ ڪو انسان هجي ها تہ ڪوريئڙو ڄار نہ ناهي ها ۽ نہ ڪبوتر هتي آنا لاهي ها، ڪافرن جو آواز ٻڌي حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ ڪجهہ گهبرائجي ويا ۽ عرض ڪيائون: يارسول الله! هاڻي اسان جا دشمن اسان جي ايترو ويجهو اچي ويا آهن جيڪڏهن اهي پنهنجي قدمن تي نظر وجهندا تہ اسان کي ڏسي وٺندا، حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو:

لَا تَحْزَنْ اِنَّ اللّٰهَ مَعَنَاۚ (پ 10 التوبہ 40)

**ترجموڪنزالايمان:** غم نہ ڪر بيشڪ الله اسان سان گڏ آهي.

پوءِ حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ تي سڪون نازل ٿيو اهي بلڪل مطمئن ۽ بي خوف ٿي ويا ۽ چوٿين ڏينهن پهرين ربيع الاول سومر جي ڏينهن حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم غار مان ٻاهر تشريف فرما ٿيا ۽ مديني شريف روانا ٿي ويا، هن غار ثور جي واقعي کي قرآن شريف هنن لفظن سان بيان فرمايو آهي:

www.dawateislami.net

اِلَّا تَنْصُرُوْهُ فَقَدْ نَصَرَهُ اللّٰهُ اِذْ اَخْرَجَهُ الَّذِیْنَ كَفَرُوْا ثَانِیَ اثْنَیْنِ اِذْ هُمَا فِی الْغَارِ اِذْ یَقُوْلُ لِصَاحِبِهٖ لَا تَحْزَنْ اِنَّ اللّٰهَ مَعَنَاۚ فَاَنْزَلَ اللّٰهُ سَكِیْنَتَهٗ عَلَیْهِ وَ اَیَّدَهٗ بِجُنُوْدٍ لَّمْ تَرَوْهَا وَ جَعَلَ كَلِمَةَ الَّذِیْنَ كَفَرُوا السُّفْلٰىؕ وَ كَلِمَةُ اللّٰهِ هِیَ الْعُلْیَاؕ وَ اللّٰهُ عَزِیْزٌ حَكِیْمٌ ﴿۴۰﴾ (پ 10 التوبہ 40)

**ترجموڪنزالايمان:** جيڪڏهن توهان اُن (محبُوب) جِي مدد نہ ڪئِي تہ بيشڪ الله اُن جِي مدد فرمائِي، جڏهن ڪافِرن جِي شرارت سبب اُنهن کي باهر تشرِيف وٺِي وڃڻو پيو صرف ٻن جانين سان جڏهن اُهي ٻئي غار ۾ هُئا جڏهن پنهنجي دوست کي فرمائي رهيو هو تہ غم نہ ڪر بيشڪ الله اسان سان گڏ آهي، پوءِ الله اُن تي پنهنجو سڪُون لاٿو ۽ اُنهن فوجن سان اُن جِي مدد ڪئِي جيڪِي اوهان نہ ڏِٺيُون ۽ ڪافِرن جي ڳالهہ هيٺ ڪري ڇڏيائِين ۽ الله جو ئِي ڪلمو بُلند آهي ۽ الله غالِب حِڪمت وارو آهي.

**درس هدايت:** اها آيت ۽ غار ثور وارو واقعو حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي فضيلت، محبت ۽ جان نثاري جو اهو نشانِ اعظم آهي جو قيامت تائين روشن سج جيان چمڪندو رهندو ڇوتہ پروردگار انهن کي پنهنجي رسول جي "يار غار" هئڻ جي پڪي سنَدَ قرآن ۾ ڏئي ڇڏي آهي جيڪا ڪڏهن بہ ختم ٿي نہ سگهندي.

سُبْحٰنَ اللّٰه! حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جو هي اهو فضل ۽ شرف آهي جيڪو نہ ڪنهن کي مليو آهي نہ ڪنهن کي ملندو.

مرتبہ حضرت صدیق کا ہو کس سے بیاں
ہر فضیلت کے وہ جامع ہیں نُبوت کے سوا

www.dawateislami.net

## ﴿22﴾ مسجد ضرار ساڙي وئي

منافقن ۾ اها جرئت نہ ٿيندي هئي تہ ظاهري طور اسلام جي مخالفت ڪن، پر اهي لڪ ڇُپ ۾ اسلام کي ختم ڪرڻ لاءِ هميشہ مصروف رهيا ۽ هن ڪوشش ۾ لڳل رهيا تہ مسلمانن ۾ اختلاف ۽ ڏقير پيدا ڪري اسلام کي نقصان پهچايون، هن مقصد کي مڪمل ڪرڻ لاءِ انهن بي ايمانن فتنن جا ڪيئي دروازا کولي رکيا هئا، ان مان هڪ واقعو رجب 9 هجري تي بہ ٿيو، جيڪا حقيقت ۾ نهايت خطرناڪ سازش هئي، پر حضور اڪرم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي الله عَزَّوَجَلَّ منافقن جي هن خوفناڪ مهم کان وحي ذريعي آگاهہ ڪيو ۽ اسلام دشمنن جي سڄي اسڪيم ناڪام ٿي وئي.

اهو واقعو هي آهي تہ رجب 9 هجري ۾ جڏهن حضور اقدس صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اها خبر ملي تہ ”تبوڪ“ جي ميدان ۾ جيڪو مديني شريف کان چوڏهن منزل تي دمشق جي رستي تي موجود آهي، ”هرقل“ روم جو بادشاهہ مسلمانن جي مقابلي جي لاءِ لشڪر گڏ ڪري رهيو آهي تہ پاڻ عرب ۾ سخت گرمي ۽ ڏڪار جي باوجود جهاد جو اعلان فرمايو ۽ مسلمان جوق در جوق جهاد جي شوق ۾ مديني شريف ۾ گڏ ٿيڻ لڳا .

اجا نبي اڪرم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تيارين ۾ ئي مصروف هئا تہ منافقن وقت جو فائدو ڪٽي سوچيو تہ ”مسجد قبا“ جي مقابلي ۾ هن حيلي سان هڪ مسجد تيار ڪيون جو ماٺهو عذر جي ڪري مسجد نبوي ۾ نہ وڃي سگهن اهي ماڻهو هتي نماز پڙهي وٺن، ۽ منافقن جو خاص مقصد اهو هو تہ هن مسجد کي اسلام جي خلاف تخريبڪاري جي لاءِ اڏو ناهي، هن ۾ جمع ٿي اسلام جي

خلاف سازشون ڪندي اسڪيمون ٺاهيندا رهن، ۽ روم جي بادشاھ جي ڳجهي مدد ۽ هٿيارن وغيره جي ذخيرن جو هن مسجد کي مرڪز بڻايون ۽ هتان کان اسلام جي خلاف سازشن جو ڄار سڄي عالمِ اسلام ۾ وڇائيندا رهن، اهو سوچي منافق خدمتِ اقدس ۾ حاضر ٿيا ۽ چوڻ لڳا تہ اسان ضعيفن ۽ هيڻن جي لاءِ ويجهو ئي هڪ مسجد ٺاهي آهي هاڻي اسان جي تمنا هي آهي تہ حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اتي هلي ان ۾ نماز پڙهن تہ اها مسجد عنداللّٰه مقبول ٿي ويندي، پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايائون: هن وقت مان هڪ نهايت اهم جهاد جي لاءِ مديني کان ٻاهر وڃي رهيو آهيان، واپسي تي ڏٺو ويندو.

پر جڏهن پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خيريت ۽ فتح وڪاماراني سان مديني واپس تشريف فرما ٿيا تہ وحي الٰهي ذريعي هن مسجد جي تعمير جو حقيقي سبب اوهان کي معلوم ٿي چڪو هو ۽ منافقن جي خفيہ ۽ خطرناڪ سازش بي نقاب ٿي چڪي هئي، پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مديني شريف پهچندي ئي پهريون ڪم اهو ڪيو جو صحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي هڪ جماعت کي اهو حڪم ڏئي اتي موڪليو تہ اتي وڃي ان مسجد کي باھ لڳائي ساڙي خاڪ ڪري ڇڏيو.

جيئن تہ هن مسجد جو بنياد حقيقت ۾ تقوىٰ ۽ لِلّٰهيت بدران مسلمانن جي وچ ۾ تفرقي ۽ اسلام جي تخريب تي رکيو ويو هو ان ڪري بيشڪ اها هن لائق هئي تہ ان کي ساڙي برباد ڪيو وڃي، ۽ اصل ۾ هن تخريبڪاري جي اڏي کي مسجد چوڻ حقيقت جي خلاف آهي ان ڪري قرآن شريف هن حقيقتِ حال کي ظاهر ڪندي اعلان فرمايو تہ اها مسجد تقويٰ نہ بلڪ ”مسجد

ضرار“ چورائڻ جي حقدار آهي، هن مسجد جي باري ۾ قرآن شريف جا غضب ناڪ تيور ۽ پُرجلال لفظ ملاحظ فرمايو :

وَ الَّذِيۡنَ اتَّخَذُوۡا مَسۡجِدًا ضِرَارًا وَّ كُفۡرًا وَّ تَفۡرِيۡقًۢا بَيۡنَ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ وَ اِرۡصَادًا لِّمَنۡ حَارَبَ اللّٰهَ وَ رَسُوۡلَهٗ مِنۡ قَبۡلُ ؕ وَ لَيَحۡلِفُنَّ اِنۡ اَرَدۡنَاۤ اِلَّا الۡحُسۡنٰى ؕ وَ اللّٰهُ يَشۡهَدُ اِنَّهُمۡ لَكٰذِبُوۡنَ ﴿۱۰۷﴾ لَا تَقُمۡ فِيۡهِ اَبَدًا ؕ لَمَسۡجِدٌ اُسِّسَ عَلَى التَّقۡوٰى مِنۡ اَوَّلِ يَوۡمٍ اَحَقُّ اَنۡ تَقُوۡمَ فِيۡهِ ؕ فِيۡهِ رِجَالٌ يُّحِبُّوۡنَ اَنۡ يَّتَطَهَّرُوۡا ؕ وَ اللّٰهُ يُحِبُّ الۡمُطَّهِّرِيۡنَ ﴿۱۰۸﴾

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ اُهي جن مسجد ناهي نُقصان پهچائڻ واسطي ۽ ڪُفر جي سبب ۽ مُسلمانن ۾ ڦوٽ وجهڻ جي واسطي ۽ اُن جي انتظار جي واسطي جيڪو اڳيئي الله ۽ اُن جي رسُول جو مُخالف آهي ۽ اُهي ضرُور قسم کڻندا اسان تہ چڱائي جو ارادو ڪيو هو ۽ الله شاهد آهي تہ بيشڪ اُهي ڪُوڙا آهِن. توهان اُن مسجد ۾ ڪڏهن بہ نہ بيهجو بيشڪ اُها مسجد جنهن جو بنياد پهرئين ڏينهن پرهيزگارِيءَ تي رکيو ويو آهي اُها وڌيڪ حقدار آهي جو توهان اُن ۾ قيام ڪريو هِن ۾ اُهي ماڻهو آهِن جيڪِي خُوب پاڪ رهڻ کي پسند ڪندا آهِن ۽ پاڪائِي رکندڙ الله کي پسند آهِن. (پ 11 التوبہ 107، 108)

**درس هدايت:** هڪ ئي عمل، پر عمل ڪرڻ واري جي نيّت جي فرق سان سنو بہ ٿي سگهي ٿو ۽ برو بہ، طيّب بہ ۽ خبيث بہ. مسجد جي تعمير هڪ ڀلائي جو ڪم آهي پر جڏهن الله جي رضا جي نيّت هوندي تہ ثواب ئي ثواب آهي ۽ جيڪڏهن شر ۽ فساد جي نيّت هجي تہ عذاب ئي عذاب آهي، مسجد قُبا ۽ مسجد نَبوي جي تعمير بارگاهِ الٰهي ۾ مقبول ۽ باعثِ ثواب ٿي، ڇوتہ انهن ٻنهي مسجد جي ٺاهڻ وارن جي نِيّت خدا جي رِضا ۽ انهن ٻنهي مسجدن

جو بنياد تقوٰي تي رکيو ويو هو ۽ منافقن جي ٺاهيل مسجد بارگاهِ الٰهي ۾ مردود هئي ۽ عذاب جو باعث هئي ڇوته هن مسجد جي ٺاهڻ وارن جي نِيّت رضا الٰهي نه هئي ۽ هن مسجد جو بنياد تقويٰ تي نه رکيو ويو هو، بلڪ انهن ماڻهن جو برو ارادو تخريبِ اسلام ۽ مسلمانن ۾ تفريق هو ته اها مسجد بلڪل غير مقبول ٿي وئي، ايستائين جو الله تعالٰي پنهنجي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي هن مسجد ۾ قدم رکڻ کان منع فرمايو ۽ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن مسجد کي نه صرف ويران بلڪ ساڙي خاڪ ڪري ڇڏيو.

هن مان ثابت ٿيو ته هن زماني ۾ به جيڪڏهن ڪنهن مسجد کي گمراه فرقن وارا اهلِ حق جي خلاف پناه گاهه ۽ جاسوسي جو مرڪز ناهي اهلِ حق جي خلاف فتنو ڪرڻ شروع ڪن ته مسلمانن تي لازم آهي ته اُن مسجد ۾ نماز جي لاءِ نه وڃن بلڪ ان جو بائيڪاٽ ڪري ان کي ويران ڪن، ۽ هرگز هرگز ان مسجد ۾ نماز نه پڙهن، نه ان جي تعمير ۽ آبادڪاري ۾ ڪا مدد ۽ تعاون ڪن.

يا پوءِ سيئي مسلمان گڏجي گمراه فرقي وارن کي ان مسجد مان ٻاهر ڪڍن ۽ ان مسجد کي پنهنجي قبضي ۾ وٺي گمراهي جو زور ختم ڪن ته جيئن انهن جي شر، فساد ۽ فتنن کان مسجد هميشه جي لاءِ پاڪ ٿي وڃي. ﴿وَاللهُ تَعَالٰى اَعْلَم﴾

## ﴿23﴾ فرعون جو ايمان مقبول نه ٿيو

فرعون جڏهن پنهنجي لشڪر سان گڏ دريا ۾ غرق ٿيڻ لڳو ته ٻڏڻ وقت ٿي پيرا پنهنجي ايمان جو اعلان ڪيو، پر ان جو ايمان مقبول نه ٿيو ۽ اهو ڪفر جي حالت ۾ مري ويو، تنهنڪري بعض ماڻهن جيڪو اهو چيو آهي ته فرعون مؤمن ٿي مريو انهن جو

قول قابلِ اعتبار ناهي. (تفسير صاوي ج 3 ص 891 پ 11، يونس: 90)

ٻڏڻ وقت هڪ ڀيرو فرعون ﴿اٰمَنْتُ﴾ چيو: يعني مون ايمان آندو، ٻئي ڀيري ﴿اَنَّهٗ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا الَّذِیْۤ اٰمَنَتْ بِهٖ بَنُوْۤا اِسْرَآءِیْلَ﴾ چيو: يعني ان الله کانسواءِ جنهن تي بني اسرائيل ايمان آندو ٻيوڪو ئي خدا نہ آهي، ۽ ٽئين ڀيري اهو چيو: ﴿وَ اَنَا مِنَ الْمُسْلِمِیْنَ ۝۹۰﴾ يعني مان مُسلمان آهيان. (پ 11، يونس: 90)

روايت ۾آهي تہ حضرت جبرئيل عَلَيْهِ السَّلَام فرعون جي وات ۾ الله جي حڪم سان گپ ڀري ڇڏي ۽ اهو چڱي طرح ڪلمهء ايمان ادا نہ ڪري سگهيو. (تفسير جلالين ص 178 پ 11، يونس: 90) اها بہ هڪ حڪايت نقل ڪئي وئي آهي تہ جڏهن فرعون تختِ سلطنت تي ويهي خدائي جي دعوٰي ڪندو هو تہ حضرت جبرئيل عَلَيْهِ السَّلَام انسان جي شڪل ۾ هن وٽ اها فتوٰي وٺڻ آيو تہ ڇا فرمائن ٿا بادشاهہ ان غلام جي باري ۾ جيڪو پنهنجي موليٰ جي ڏنل مالَ ان جي نعمتن سبب وڏيو ۽ وڌو ٿيو پوءِ ان پنهنجي موليٰ جي ناشڪري ڪئي ۽ ان جي حقن جو انڪار ڪندي پنهنجي سرداري جو اعلان ڪري ڇڏيو، بلڪ خدائي جي دعوٰي ڪرڻ لڳو تہ فرعون ان جو جواب اهو لکيو: اهڙو غلام پنهنجي موليٰ جي ناشڪري جي ڪري باغي ٿي ويو ان جي سزا اها آهي تہ ان کي دريا ۾ غرق ڪيو وڃي، پوءِ جڏهن ٻڏڻ وقت فرعون تي سڪرات طاري ٿي تہ حضرت جبرئيل عَلَيْهِ السَّلَام فرعون جي اها دستخطي فتويٰ ان کي ڏيکاري ان کان پوءِ فرعون مري ويو. (تفسير صاوي ج 3 ص 891 پ 11، يونس: 90)

الله تعاليٰ قرآن شريف ۾ هن واقعي جو ذڪر ڪندي بيان فرمايو تہ:

وَ جٰوَزْنَا بِبَنِیْۤ اِسْرَآءِیْلَ الْبَحْرَ فَاَتْبَعَهُمْ فِرْعَوْنُ وَ جُنُوْدُهٗ بَغْیًا وَّ عَدْوًا ؕ حَتّٰۤى اِذَاۤ اَدْرَكَهُ الْغَرَقُ ۙ قَالَ اٰمَنْتُ اَنَّهٗ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا الَّذِیْۤ اٰمَنَتْ بِهٖ بَنُوْۤا اِسْرَآءِیْلَ وَ اَنَا مِنَ الْمُسْلِمِیْنَ ﴿۹۰﴾ آٰلْـٰٔنَ وَ قَدْ عَصَیْتَ قَبْلُ وَ كُنْتَ مِنَ الْمُفْسِدِیْنَ ﴿۹۱﴾ فَالْیَوْمَ نُنَجِّیْكَ بِبَدَنِكَ لِتَكُوْنَ لِمَنْ خَلْفَكَ اٰیَةً ؕ وَ اِنَّ كَثِیْرًا مِّنَ النَّاسِ عَنْ اٰیٰتِنَا لَغٰفِلُوْنَ ﴿۹۲﴾

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ اسان بني اِسرائِيلن کي درياء پار وٺي وياسين پوءِ فِرعون ۽ اُن جي لشڪرن اُنهن جو پيڇو ڪيو سرڪشي ۽ ظلم سان ايستائين جو جڏهن اُهو ٻُڏڻ جي ويجهو ٿيو تڏهن چوڻ لڳو مان اِيمان آندو تہ ڪوبہ سچو معبُود نہ آهي سواءِ اُن جي جِنهن تي بني اِسرائيل اِيمان آندو ۽ مان مُسلمان آهيان. ڇا هاڻي ۽ اڳ ۾ تہ تُون نافرمان ۽ فسادي رهيو هُئين. اڄ اسان تُنهنجي لاش کي بچائِينداسِين جيئن تُون پنهنجي پوين جي واسطي نِشانِي ثابت ٿِين ۽ بيشڪ ماڻھو اسان جِي آيتُن کان غافِل آهِن. (11، يونس: 90 تا 92)

فرعون جي غرق ٿيڻ کان پوءِ بہ بني اسرائيل تي ان جي هيبت جو ايترو رعب دٻدٻو طاري هو جو ماڻهن کي فرعون جي موت ۾ شڪ ۽ شُبهو ٿيڻ لڳو تہ پوءِ الله تعاليٰ فرعون جي لاش کي خشڪي تي پهچايو ۽ دريا جي ڇولين ان جي لاش کي ڪناري تي ڪيريو تہ جيئن ماڻھو ان کي ڏسي موت جو يقين بہ ڪن ۽ ان جي انجام مان عبرت بہ حاصل ڪن.

مشهور آهي تہ ان کان پوءِ ئي پاڻي لاشن کي قبول ڪرڻ بہ ڇڏي ڏنو ۽ هميشہ پاڻي لاشن کي مٿي تاري ايندو آهي يا ڪناري تي اڇلائيندو آهي. (تفسير صاوي ج 3 ص 892 پ 11، يونس: 92)

www.dawateislami.net

**درس هدايت:** انهيءَ جي باوجود جو فرعون ٿي پيرا پنهنجي ايمان جو اعلان ڪيو پر ان جو ايمان مقبول نہ ٿيو ان جو ڇا سبب آهي؟ تہ هن جي باري ۾ مفسرن ٽي سبب بيان فرمايا آهن:

**پهريون سبب:** اهو تہ فرعون پنهنجي ايمان جو اقرار ان وقت ڪيو جڏهن عذابِ الٰهي ان تي مُسلّط ٿي چڪو هو ۽ موت جي سڪرات ان تي طاري ٿي وئي هئي ۽ الله تعاليٰ جو ارشاد آهي تہ

فَلَمۡ يَكُ يَنۡفَعُهُمۡ اِيۡمَانُهُمۡ لَمَّا رَاَوۡا بَاۡسَنَا ؕ (پ 24 المومن 85)

يعني الله تعاليٰ جو اهو دستور آهي تہ جڏهن ڪنهن قوم تي عذاب ايندو آهي تہ ان وقت انهن جو ايمان آڻڻ ڪو نفع نہ ڏيندو آهي.

جيئن فرعون عذاب اچڻ ڪان پوءِ جڏهن موت جي سڪرات طاري ٿي ان وقت ايمان آندو ان ڪري الله تعاليٰ فرعون جي ايمان کي قبول نہ ڪيو ۽ حضرت جبرئيل عَلَيۡهِ السَّلَام کي حڪم ڏنو تہ ان جي وات ۾ گپ وجهو ۽ اهو چئي ڇڏيو تہ هاڻي تون ايمان آندو آهي حالانڪ ان کان پهريان تون هميشہ ايمان قبول ڪرڻ ڪان انڪار ڪيو هو ۽ ماڻهن کي گمراهہ ڪري فساد ڦهلائيندو رهين.

**ٻيون:** ٻيو قول اهو آهي تہ خدا جي توحيد سان گڏ رسول جي رسالت تي بہ ايمان آڻڻ ضروري آهي ۽ فرعون ﴿لَآ اِلٰهَ اِلَّا الَّذِيۡۤ اٰمَنَتۡ بِهٖ بَنُوۡۤا اِسۡرَآءِيۡلَ﴾ (پ 11، يونس: 90) چيو يعني صرف خدا جي وحدانيت جو اقرار ڪيو حضرت موسي عَلَيۡهِ السَّلَام جي رسالت تي ايمان نہ آندو، ان ڪري اهو مؤمن نہ ٿي سگهيو.

**ٽيون:** ٽيون قول هي آهي تہ فرعون ايمان آڻڻ جي قصد کان ڪلمو نہ پڙهيو بلڪ صرف غرق ٿيڻ کان بچڻ جي لاءِ اهو ڪلمو پڙهيو

جيئن ان جي عادت هئي تہ هر مصيبت ۽ عذاب نازل ٿيڻ وقت اهو ٻاڏائي خدا ڏانهن رجوع ڪندو هو، پر مصيبت ٽري وڃڻ ڪان پوءِ ﴿اَنَا رَبُّكُمُ الۡاَعۡلٰی﴾ (پ 30 النازعات: 44) چئي پنهنجي خدائي جو اعلان ڪندو هو.

معلوم ٿيو تہ صرف ڪلمہءِ اسلام جو تلفظ جڏهن تہ ايمان آڻڻ جي نيّت نہ هجي بلڪ جان بچائڻ جي لاءِ چيو هجي، ايمان جي لاءِ ڪافي ناهي، تنهنڪري فرعون جو ايمان قبول نہ ٿيو ۽ صحيح قول هي آهي تہ فرعون ڪفر جي حالت ۾ غرق ٿي مئو، ان تي قرآن شريف جو آيتون ۽ حديثون شاهدِ عدل آهن، ان ڪري علامہ صاوي پنهنجي تفسير ۾ لکيو تہ جن ماڻهن اهو چيو تہ فرعون مؤمن ٿي مريو، انهن جو قول قابلِ اعتبار ناهي.

﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰی اَعۡلَمُ﴾

## ﴿24﴾ نوح عَلَيۡهِ السَّلَام جي ٻيڙي

حضرت نوح عَلَيۡهِ السَّلَام ساڍا نو سؤ سالن تائين پنهنجي قوم کي خدا جو پيغام ٻڌائيندا رهيا پر انهن جي بدنصيب قوم ايمان نہ آندو، بلڪ مختلف طريقن سان سندن جي تحقير ۽ تذليل ڪندي رهي ۽ مختلف قسم جي اذيتن ۽ تڪليفن ذريعي اوهان کي ستائيندي رهي ايستائين جو ڪيئي ڀيرا انهن ظالمن ايتري سختي ڪئي جو اوهان کي مڙدو سمجهي ڪپڙي ۾ ويڙهي گهر ۾ ڇڏي ايندا هئا، پر اوهان گهران نڪري دين جي تبليغ ڪندا رهيا، اهڙي طرح ڪيئي ڀيرا سندن ڳلو دٻائيندا هئا ايستائين جو ساهہ مُنجهڻ لڳندو هو ۽ اوهان بيهوش ٿي ويندا هئا پر انهن ايذائن ۽ مصيبتن تي بہ اوهان اها ئي دعا فرمائيندا هئا: اي منهنجا

پروردگار! تون منهنجي قوم کي بخشي ڇڏ ۽ هدايت عطا فرماءِ
ڇاڪاڻ تہ هي مون کي نٿا سڃاڻن.

ﮰ قوم جو هي حال هو جو پوڙهو پيءُ پنهنجي پٽن کي اها وصيت ڪري مرندو هو تہ نوح (عَلَيْهِ السَّلَام) پراڻا چريا آهن ان ڪري نہ ڪو انهن جي ڳالهين کي ٻڌي ۽ نہ ڪو ڌيان ڏئي ايستائين جو هڪ ڏينهن اها وحي نازل ٿي وئي تہ اي نوح! هن وقت تائين جيڪي مؤمن ٿي چڪا آهن انهن کان علاوه ٻيا ماڻهو هرگز هرگز ايمان نہ آڻيندا، ان کان پوءِ پاڻ پنهنجي قوم کان نا اميد ٿي ويا ، ۽ پنهنجي قوم جي لاءِ هلاڪت جي دعا ڪئي، ۽ الله تعاليٰ اوهان کي حڪم ڏنو تہ اوهان هڪ ٻيڙي ٺاهيو، پوءِ هڪ سؤ سالن ۾ سندن پوکيل ساگوان جا وڻ تيار ٿي ويا ۽ پاڻ انهن وڻن جي ڪاٺين مان هڪ ٻيڙي ٺاهي جيڪا 80 گز ڊگهي ۽ 50 گز ويڪري هئي، ان ۾ ٽي درجا هئا، هيٺين طبقي ۾ درندا، پکي ۽ حَشرات الارض وغيره ۽ وچين طبقي ۾ چوپايا جانور وغيره ۽ مٿين طبقي ۾ پنهنجي ۽ مؤمنن جي لاءِ جڳهہ هئي، اهڙي طرح اها شاندار ٻيڙي اوهان ٺاهي ۽ هڪ سؤ سالن ۾ اها تاريخي ٻيڙي تيار ٿي جيڪا پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام ۽ مؤمنن جي محنت ۽ ڪاريگري جو نتيجو هئي، انهن بي پناه محنت ڪري اها ٻيڙي ٺاهي هئي.

جڏهن پاڻ اها ٻيڙي ٺاهڻ ۾ مصروف هئا تہ قوم اوهان تي ٺٺول ڪندي هئي ڪو چوندو هو اي نوح! هاڻي تون واڍو ٿي چڪو آهين؟ حالانڪ اڳ ۾ چوندو هئين تہ مان الله جو نبي آهيان، ڪو چوندو هو تہ اي نوح! هن خشڪ زمين ۾ توهان

بيڙي جو ٺاهي رهيا آهيو؟ ڇا توهان ۾ عقل ناهي؟ مطلب تہ طرح طرح جا ٺٺول ڪري ۽ مختلف طعنا مهڻا ۽ بدزباني ڪندا رهندا هئا ۽ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام انهن جي جواب ۾ اهو فرمائيندا هئا تہ اڄ توهان اسان جو مذاق اڏايو ٿا پر گهبرايو نہ جڏهن خدا جو عذاب طوفان جي صورت ۾ ايندو تہ اسان توهان جو مذاق اڏائينداسين.

جڏهن طوفان آيو تہ پاڻ بيڙي ۾ درندن، چرندن، پکين ۽ قسم قسم جي حشرات الارض جي هڪ هڪ جوڙي نر ۽ مادي کي سوار ڪيو ۽ پاڻ ۽ سندن ٽي فرزند يعني حام، سام ۽ يافث ۽ انهن جون گهرواريون ۽ سندن مؤمنہ گهرواري ۽ 72 مؤمن مرد ۽ عورتون ڪل 80 انسان ڪشتي ۾ سوار ٿيا، ۽ سندن هڪ گهرواري ”واعلہ“جيڪا ڪافره هئي، ۽ سندن هڪ پٽ جنهن جو نالو ”ڪنعان“ هو اهي ٻئي بيڙي ۾ سوار نہ ٿيا ۽ طوفان ۾ غرق ٿي ويا.

روايت آهي تہ جڏهن نانگ ۽ وڇون بيڙي ۾ سوار ٿيڻ لڳا تہ پاڻ انهن ٻنهي کي روڪي ڇڏيو تہ انهن ٻنهي چيو تہ اي الله جا نبي! اوهان اسان ٻنهي کي سوار ڪيو، اسان عهد ڪيون ٿا جيڪو شخص سَلٰمٌ عَلٰى نُوْحٍ فِي الْعٰلَمِيْنَ ۝ پڙهندو اسان ٻئي ان کي نقصان نہ پهچائينداسين تہ پاڻ انهن ٻنهي کي بہ بيڙي ۾ ويهاري ڇڏيو.

طوفان ۾ بيڙي وارن کان علاوه سڀ قوم ۽ ڪل مخلوق غرق ٿي وئي ۽ سندن بيڙي ”جودي جبل“ تي بيهي رهي ۽ طوفان ختم ٿيڻ کان پوءِ پاڻ بيڙي وارن سان گڏ زمين تي لٿا ۽ سندن نسل ۾ بي پناه برڪت ٿي جو سندن اولاد سڄي روءِ زمين تي

پڪڙجي آباد ٿي ويو، ان ڪري سندن لقب ”آدمِ ثاني“ آهي. (تفسير صاوي پ 12، هود: 39) قرآن شريف ۾ خداوند عَزَّوَجَلَّ هن واقعي ڪي هنن لفظن ۾ بيان فرمايو آهي:

وَ اُوۡحِیَ اِلٰی نُوۡحٍ اَنَّهٗ لَنۡ یُّؤۡمِنَ مِنۡ قَوۡمِكَ اِلَّا مَنۡ قَدۡ اٰمَنَ فَلَا تَبۡتَئِسۡ بِمَا كَانُوۡا یَفۡعَلُوۡنَ ﴿ۚ۳۶﴾ وَ اصۡنَعِ الۡفُلۡكَ بِاَعۡیُنِنَا وَ وَحۡیِنَا وَ لَا تُخَاطِبۡنِیۡ فِی الَّذِیۡنَ ظَلَمُوۡا ۚ اِنَّهُمۡ مُّغۡرَقُوۡنَ ﴿۳۷﴾ وَ یَصۡنَعُ الۡفُلۡكَ ۟ وَ كُلَّمَا مَرَّ عَلَیۡهِ مَلَاٌ مِّنۡ قَوۡمِهٖ سَخِرُوۡا مِنۡهُ ؕ قَالَ اِنۡ تَسۡخَرُوۡا مِنَّا فَاِنَّا نَسۡخَرُ مِنۡكُمۡ كَمَا تَسۡخَرُوۡنَ ﴿ؕ۳۸﴾ فَسَوۡفَ تَعۡلَمُوۡنَ ۙ مَنۡ یَّاۡتِیۡهِ عَذَابٌ یُّخۡزِیۡهِ وَ یَحِلُّ عَلَیۡهِ عَذَابٌ مُّقِیۡمٌ ﴿۳۹﴾ (پ 12 هود : 36 تا 39)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ نوح کي وحي ٿي تہ توهان جي قوم مان مسلمان نہ ٿيندا مگر جيترا ايمان آڻي چڪا، پوءِ تون غم نہ ڪر اُن تي جو ڪجھ اهي ڪن ٿا. ۽ ٻيڙو ناهي اسان جي نظر هيٺ ۽ اسان جي حڪم سان ۽ ظالمن جي باري ۾ مون سان نہ ڳالهائجان ۽ اهي ضرور ٻوڙيا ويندا ۽ نوح ٻيڙو ناهي ٿو ۽ جڏهن سندس قوم جا سردار وٽائنس لنگھيا تہ ان تي کلڻ لڳا، فرمايائين جيڪڏهن توهان اسان تي کلو ٿا تہ اسان بہ هڪ وقت توهان تي کلنداسين جيئن توهان کلو ٿا، پوءِ اجھو اوهان کي خبر پوي ٿي تہ ڪنهن تي اچي ٿو اهو عذاب جيڪو ان کي خوار ڪري ڇڏي ۽ (ڪنهن تي) لهي ٿو هميشہ رهڻ وارو عذاب .

## ﴿25﴾ طوفان آڻڻ وارو تندور

ايئن تہ الله تعاليٰ حضرت نوح عَلَيۡهِ السَّلَام کي بہ سؤ سال اڳ ۾ وحي ذريعي آگاھ ڪيو تہ اوهان جي سڄي قوم طوفان ۾ غرق

ڪئي ويندي، پر طوفان اچڻ جي نشاني اها آهي تہ اوهان جي گهر جي تندور مان پاڻي ڦُٽڻ شروع ٿيندو، پوءِ پٿر جي ان تندور مان هڪ ڏينهن صبح جي وقت پاڻي نڪرڻ شروع ٿي ويو ۽ پاڻ ٻيڙي تي جانورن ۽ انسانن کي سوار ڪرڻ شروع ڪيو، پوءِ زوردار برسات ٿيڻ لڳي جيڪا لاڳيتو چاليهہ ڏينهن ۽ چاليهہ راتيون وسندي رهي ۽ زمين بہ جڳهہ جڳهہ تان چيرجي پئي ۽ پاڻي جا چشما ڦٽي وهڻ لڳا، اهڙي طرح برسات ۽ زمين مان نڪرڻ واري پاڻين مان اهڙو طوفان آيو جو چاليهہ چاليهہ گز ڊگهن جبلن جون چوٽيون ٻڏي ويون. ارشاد خداوندي آهي:

حَتّٰۤى اِذَا جَآءَ اَمْرُنَا وَ فَارَ التَّنُّوْرُ ۙ قُلْنَا احْمِلْ فِيْهَا مِنْ كُلٍّ زَوْجَيْنِ اثْنَيْنِ وَ اَهْلَكَ اِلَّا مَنْ سَبَقَ عَلَيْهِ الْقَوْلُ وَ مَنْ اٰمَنَ ؕ وَ مَاۤ اٰمَنَ مَعَهٗۤ اِلَّا قَلِيْلٌ ﴿۴۰﴾ (پ 12 هود : 40)

**ترجموڪنزالايمان:** ايستائين جو جڏهن اسان جو حڪم آيو ۽ تنور جوش هنيو اسان فرمايو ٻيڙي ۾ سوار ڪر هر جنس مان هڪ جوڙو نر ۽ ماد جن جي خلاف ڳالهہ ٿي چڪي آهي انهن کانسواءِ پنهنجي گهر وارن ۽ باقي مسلمانن کي ۽ ان سان گڏ مسلمان نہ هئا مگر ٿورا.

۽ آسمان ۽ زمين جي پاڻي جي گهٽائي ۽ ٻوڏ بابت ربّ تعالٰي جو ارشاد آهي:

فَفَتَحْنَاۤ اَبْوَابَ السَّمَآءِ بِمَآءٍ مُّنْهَمِرٍ ﴿۱۱﴾ۖ وَّ فَجَّرْنَا الْاَرْضَ عُيُوْنًا فَالْتَقَى الْمَآءُ عَلٰۤى اَمْرٍ قَدْ قُدِرَ ﴿۱۲﴾ۚ (پ 27 القمر: 11)

**ترجموڪنزالايمان:** پوءِ اسان آسمان جا دروازا کولي ڇڏيا زوردار وسندڙ پاڻي سان، ۽ زمين چيري چشمان جاري ڪيا، پوءِ ٻئي پاڻي ملي ويا انهيءَ انداز تي جيڪو مقرر هو.

يعني طوفان اچي ويو ۽ سڄي دنيا غرق ٿي وئي.
(تفسير صاوي ج 3 ص 913 پ 12، هود: 42)

طوفان ڪيترو زوردار هو ۽ طوفاني ٻوڏ جي ڇولين جي ڪيفيت ڇا هئي؟ ان جي منظر ڪشي قرآن شريف هنن لفظن ۾ ڪئي آهي:

وَهِيَ تَجْرِيْ بِهِمْ فِيْ مَوْجٍ كَالْجِبَالِ (پ 12 هود : 42)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ اهو ٻيڙو انهن کي وٺي پيو وڃي پهاڙ جيڏن موجن ۾.

حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام ٻيڙي تي سوار ٿيا ۽ ٻيڙي طوفاني ڇولين سان ٽڪرائيندي لڳيتو هلندي رهي ايستائين جو سلامتي سان جودي نالي جبل تي بيهي رهي. ٻيڙي تي سوار ٿيندي حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام اها دعا پڙهي هئي:

بِسْمِ اللّٰهِ مَجْرٖىهَا وَمُرْسٰىهَا ؕ اِنَّ رَبِّيْ لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۴۱﴾

**ترجموڪنزالايمان:** الله جي نالي سان آهي ان جو هلڻ ۽ ان جو بيهڻ بيشڪ منهنجو رب ضرور بخشڻ وارو مهربان آهي . (پ 12 هود : 41)

## ﴿26﴾ جودي جبل

حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام جي ٻيڙي زوردار طوفان ۾ ڇهه مهينن تائين چڪر لڳائيندي رهي، ايستائين جو خانه ڪعبه وٽان گذري ۽ خانه ڪعبه جو ست ڀيرا طواف به ڪيو، پوءِ الله تعالٰي جي حڪم سان اها ٻيڙي جودي جبل تي بيهي رهي، جيڪو عراق جي هڪ شهر ”جزيره“ ۾ واقع آهي.

روايت آهي ته الله تعالٰي هر جبل ڏانهن اها وحي موڪلي ته حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام جي ٻيڙي ڪنهن هڪ جبل تي بيهندي ته

سيني جبلن تڪبر ڪيو، پر ”جودي“ جبل تواضع ۽ عاجزي جو اظهار ڪيو تہ الله تعاليٰ ان کي اهو شرف بخشيو تہ ٻيڙي جودي جبل تي بيني، ۽ هڪ روايت آهي تہ ڪيئي ڏينهن تائين هن ٻيڙي جون ڪانيون ۽ تختا باقي رهيا ايستائين جو اڳوڻين امتن جي ڪن ماڻهن هن ٻيڙي جي تختن کي جودي جبل تي ڏٺو هو، محرم جي ڏهين تاريخ عاشوري جي ڏينهن اها ٻيڙي جودي جبل تي بيني، هن ئي تاريخ تي ٻيڙي ۾ موجود تمام مخلوق يعني انسان ۽ پکي، جانور وغيره سيني شڪراني جو روزو رکيو ۽ حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام ٻيڙي مان لهي سڀ کان پهرين جيڪا وسندي آباد ڪئي ان جو نالو ”ثمانين“ رکيو، عربي زبان ۾ ثمانين جي معني اَسي آهي، جيئن تہ ٻيڙي ۾ 80 ماڻهو سوار هئا ان ڪري ان ڳوٺ جو نالو ”ثمانين“ رکيو ويو. (تفسير صاوي ج 3 ص 914 پ 12، هود: 44)

وَاسْتَوَتْ عَلَى الْجُوْدِيِّ وَ قِيْلَ بُعْدًا لِّلْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۴۴﴾

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ ٻيڙو جودي جبل وٽ وڃي بيٺو ۽ فرمايو ويو تہ ظالم ماڻهو پري هجن. (پ 12 هود : 44)

## ﴿27﴾ نوح عَلَيْهِ السَّلَام جو پٽ غرق ٿي ويو

حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام جو هڪ پٽ جنهن جو نالو ”ڪنعان“ هو، ان دل جي سچائي سان ايمان نہ آندو بلڪ اهو منافق هو ۽ پنهنجي ڪفر کي لڪائي رکيو هو پر طوفان جي وقت ان پنهنجو ڪفر ظاهر ڪيو، حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام ٻيڙي تي سوار ٿيندي ان کي گهرايو ۽ فرمايائون: اي منهنجا پيارا پٽ! توهان ٻيڙي تي سوار ٿي وڃو ۽ ڪافرن جو ساٿ ڇڏي ڏيو، تہ ان چيو: مان طوفان ۾ جبلن تي چڙهي پناهہ حاصل ڪندس تہ پاڻ وڏي دل سوزي سان

فرمايو تہ پٽ! اڄ خدا جي عذاب کان توکي ڪير نٿو بچائي سگھي، ها جنهن تي خداوند ڪريم پنهنجو رحم فرمائي بس اهو بچي سگھي ٿو، پيءُ پٽ جي اها گفتگو ٿي رهي هئي جو هڪ زوردار ڇولي آئي ۽ ڪنعان غرق ٿي ويو ۽ هڪ روايت ۾ اهو بہ آهي تہ ڪنعان هڪ بلند جبل تي چڙهي هڪ غار ۾ لڪيو ۽ غار جي سيني سوراخن کي بند ڪيو پر طوفان جي ڇولي ان جبل جي چوٽي سان ٽڪرائي تہ غار ۾ پاڻي ڀرجي ويو، اهڙي طرح ڪنعان پنهنجي بول و براز ۾ اٿل پٿل ٿي غرق ٿي ويو.

(تفسير صاوي ج 3 ص 914 پ 12، هود: 43)

قرآن شريف ۾ اللہ عَزَّوَجَلَّ هن واقعي جي باري ۾ ارشاد فرمايو:

وَ نَادٰی نُوۡحُ ۣ ابۡنَہٗ وَ کَانَ فِیۡ مَعۡزِلٍ یّٰبُنَیَّ ارۡکَبۡ مَّعَنَا وَ لَا تَکُنۡ مَّعَ الۡکٰفِرِیۡنَ ﴿۴۲﴾ قَالَ سَاٰوِیۡۤ اِلٰی جَبَلٍ یَّعۡصِمُنِیۡ مِنَ الۡمَآءِ ؕ قَالَ لَا عَاصِمَ الۡیَوۡمَ مِنۡ اَمۡرِ اللّٰہِ اِلَّا مَنۡ رَّحِمَ ۚ وَ حَالَ بَیۡنَہُمَا الۡمَوۡجُ فَکَانَ مِنَ الۡمُغۡرَقِیۡنَ ﴿۴۳﴾ (پ 12 هود : 42، 43)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ نوح پنهنجي پٽ کي سڏيو ۽ اهو ان کان هڪ پاسي هو اي منهنجا ٻچا مون سان سوار ٿي وڃ ۽ ڪافرن سان گڏ نہ ٿيءُ، چوڻ لڳو اجهو مان ڪنهن پهاڙ جي پناه ٿو وٺان اهو مون کي پاڻي کان بچائي وٺندو، فرمايائين اڄ اللّٰه جي عذاب کان بچائڻ وارو ڪو ڪونهي مگر جنهن تي اهو رحم فرمائي ۽ انهن جي وچ ۾ موج سنڌو ڪري ويئي پوءِ اهو ٻڏلن ۾ رهجي ويو.

پنهنجي سامهون پٽ کي اهڙي طرح غرق ٿيندي ڏسي حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام کي وڏو ڏک ۽ رنج ٿيو ۽ پاڻ اللّٰه تعاليٰ جي بارگاه

۾ عرض ڪيو: اي منهنجا پروردگار! منهنجو پٽ ڪنعان تہ منهنجي گهر وارن مان آهي ۽ تنهنجو واعدو سچو آهي تون احڪم الحاڪمين آهين، تہ الله تعاليٰ فرمايو: اي نوح! اهو اوهان جو پٽ ڪنعان اوهان جي انهن گهروارن مان نہ آهي جن کي بچائڻ جو اسان واعدو ڪيو هو، تنهنڪري اي نوح! توهان جو اهو سوال ڪرڻ نيڪ نہ آهي، ان ڪري توهان مون کان ڪنهن اهڙي ڳالهہ جو سوال نہ ڪريو جنهن جو توهان کي علم ناهي، تہ حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام چيو: اي منهنجا پروردگار! مان توکان پناهہ گهران ٿو تہ مان توکان ڪنهن اهڙي ڳالهہ جو سوال ڪيان جيڪا مون کي معلوم نہ هجي جيڪڏهن تون مون کي معاف نہ فرمائيندين تہ مان نقصان ۾ پئجي ويندس. (ملخصًا تفسير صاوي ج 3 ص 915 پ 12، هود: 45، 47)

قرآن شريف ۾ الله تعاليٰ هن واقعي کي بيان ڪندي ارشاد فرمايو تہ

وَ نَادٰى نُوْحٌ رَّبَّهٗ فَقَالَ رَبِّ اِنَّ ابْنِیْ مِنْ اَهْلِیْ وَ اِنَّ وَعْدَكَ الْحَقُّ وَ اَنْتَ اَحْكَمُ الْحٰكِمِیْنَ (۴۵) قَالَ یٰنُوْحُ اِنَّهٗ لَیْسَ مِنْ اَهْلِكَ ۚ اِنَّهٗ عَمَلٌ غَیْرُ صَالِحٍ ﳓ فَلَا تَسْـَٔلْنِ مَا لَیْسَ لَكَ بِهٖ عِلْمٌ ؕ اِنِّیْۤ اَعِظُكَ اَنْ تَكُوْنَ مِنَ الْجٰهِلِیْنَ (۴۶) قَالَ رَبِّ اِنِّیْۤ اَعُوْذُ بِكَ اَنْ اَسْـَٔلَكَ مَا لَیْسَ لِیْ بِهٖ عِلْمٌ ؕ وَ اِلَّا تَغْفِرْ لِیْ وَ تَرْحَمْنِیْۤ اَكُنْ مِّنَ الْخٰسِرِیْنَ (۴۷)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ نوح پنهنجي رب کي پڪاريو عرض ڪيائين منهنجا رب! منهنجو پٽ بہ تہ منهنجي گهروارن مان آهي ۽ بيشڪ تنهنجو واعدو سچو آهي ۽ تون سمورن کان وڏو حڪم وارو آهين. فرمايائين اي نوح اهو تنهنجي گهروارن مان نہ آهي بيشڪ انهيءَ جا ڪم وڏي

نالائقي جا آهن، پوءِ مون کان اهو سوال نہ ڪر جنهن جو توکي علم نہ آهي بيشڪ مان توکي نصيحت ٿو ڪريان تہ تون نادان نہ ٿيءُ، عرض ڪيائين منهنجا رب مان تنهنجي پناهہ ٿو گهران جو توکان اها شيءِ گهران جنهن جو مون کي علم نہ آهي ۽ جيڪڏهن تو مون کي معاف نہ ڪيو ۽ مون تي رحم نہ ڪيئي تہ مان نقصان ۾ رهجي ويندس.

(پ 12 هود : 45 تا 47)

## ﴿28﴾ طوفان ڇو ختم ٿيو

جڏهن حضرت نوح عَلَيۡهِ السَّلَام جي ٻيڙي جودي جبل تي بيهي رهي ۽ سڀ ڪافر غرق ٿي تباهہ ٿي ويا تہ اللّٰہ تعاليٰ زمين کي حڪم ڏنو تہ اي زمين! جيترو پاڻي تو مان چشمن ذريعي نڪتو آهي تون انهن سيني پاڻين کي پي ڇڏ ۽ اي آسمان! تون پنهنجي برسات بند ڪر، پوءِ پاڻي گهٽجڻ شروع ٿي ويو ۽ طوفان ختم ٿي ويو، پوءِ اللّٰہ تعاليٰ حضرت نوح عَلَيۡهِ السَّلَام کي حڪم ڏنو تہ اي نوح! اوهان ٻيڙي مان لهي وڃو، اللّٰہ تعاليٰ جي طرفان سلامتي ۽ برڪتون اوهان تي بہ آهن ۽ انهن تي بہ آهن جيڪي اوهان سان گڏ ٻيڙي ۾ گڏ رهيا. (پ 12، هود: 48)

حديث شريف ۾ آيو آهي تہ حضرت نوح عَلَيۡهِ السَّلَام روءِ زمين بابت خبر چار لاءِ ڪنهن کي موڪلڻ جو ارادو ڪيو تہ سڀ کان پهريان مرغي چيو: مان زمين بابت خبر آڻيندس تہ پاڻ ان کي پڪڙيو ۽ ان جي پرن تي مهر لڳائي فرمايو تہ تو تي منهنجي مهر آهي، تون پڪي هئڻ باوجود وڏي اُڏام نہ ڪري سگهندين ۽ منهنجي امّت تو مان فائدو ڪڍندي، پوءِ پاڻ ڪانوَ کي موڪليو تہ اهو هڪ مردار کي ڏسي اتي لهي پيو ۽ واپس نہ موٽيو، تہ پاڻ ان تي

لعنت موڪلي، ۽ ان جي لاءِ بد دعا ڪئي تہ اهو هميشہ خوف ۾ مبتلا رهندو، ان ڪري ڪانوَ ڪي حل ۽ حرم ۾ ڪٿي بہ پناهہ ناهي، پوءِ اوهان ڪبوتر کي موڪليو اهو زمين تي نہ لٿو بلڪ ملڪ سبا مان ڇهنب ۾ هڪ زيتون جو پن ڪٽي آيو تہ پاڻ فرمايائون تون زمين تي نہ لٿين ان ڪري وري وڃ ۽ زمين بابت خبر آڻ، تہ ڪبوتر ٻيهر روانو ٿيو ۽ مڪي شريف ۾ حرم ڪعبہ جي زمين تي لٿو ۽ ڏٺو تہ حرم واري زمين تان پاڻي سڪي ويو آهي ۽ ڳاڙهي مٽي ظاهر ٿي وئي آهي، ڪبوتر جا ٻئي پير ڳاڙهي مٽي سان رنگين ٿي ويا، ۽ اهو انهيءَ حالت ۾ حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام وٽ واپس موٽي آيو ۽ عرض ڪيو: اي خدا جا پيغمبر! اوهان منهنجي ڳچي ۾ هڪ خوبصورت طوق عطا فرمايو ۽ منهنجي پيرن ۾ ڳاڙهو خضاب عطا فرمايو ۽ مون کي حرم جي زمين ۾ رهڻ جو شرف عطا فرمايو، حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام ڪبوتر جي مٿي تي شفقت سان هٿ ڦيريو ۽ ان جي لاءِ اها دعا ڪئي تہ ان جي ڳچي ۾ هڪ خوبصورت هار پيل رهي ۽ ان جا پير ڳاڙها ٿي وڃن، ۽ ان جي نسل ۾ خير وبرڪت رهي ۽ ان کي حرم جي زمين ۾ رهڻ جو شرف ملي. (تفسير صاوي ج 3 ص 916 پ 12، هود: 48)

الله تعالٰي قرآن شريف ۾ ارشاد فرمايو تہ

وَقِيْلَ يٰۤاَرْضُ ابْلَعِيْ مَآءَكِ وَيٰسَمَآءُ اَقْلِعِيْ وَغِيْضَ الْمَآءُ وَقُضِيَ الْاَمْرُ وَاسْتَوَتْ عَلَى الْجُوْدِيِّ وَقِيْلَ بُعْدًا لِّلْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۴۴﴾ (پ 12 هود : 44)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ حڪم فرمايو ويو تہ اي زمين پنهنجو پاڻي جذب ڪري ڇڏ ۽ اي آسمان بارش کان رڪجي وڃ ۽ پاڻي سڪي ويو ۽

www.dawateislami.net

كم پورو ٿي ويو ۽ ٻيڙو جودي جبل وٽ وڃي بيٺو ۽ فرمايو ويو ته ظالم ماڻهو پري هجن.

۽ حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام کي ٻيڙي تان لهڻ جو حڪم ڏئي الله تعاليٰ ارشاد فرمايو ته

قِيْلَ يٰنُوْحُ اهْبِطْ بِسَلٰمٍ مِّنَّا وَ بَرَكٰتٍ عَلَيْكَ وَ عَلٰۤى اُمَمٍ مِّمَّنْ مَّعَكَ ؕ

**ترجموڪنزالايمان:** فرمايو ويو اي نوح ٻيڙي مان لهه، اسان جي طرف کان سلام ۽ برڪتون تو تي ۽ تو سان گڏ ڪجهه جماعت تي. (پ 12 هود: 48)

**درس هدايت:** حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام جي هن واقعي ۾ وڏي عبرت جو سامان موجود آهي، جن جي انوار ۽ تجلين سان مؤمنن جي دلين تي اهڙي ايماني روشني پوندي آهي جنهن سان مؤمنن جا سينہ عرفان ۽ ايمان جي نور سان روشن ۽ منور ٿي ويندا آهن، ڪي برڪتون هيٺ بيان ڪجن ٿيون:

(1) حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام ساڍا نو سؤ سالن تائين پنهنجي قوم جي تڪليف پهچائڻ ۽ ايذائيندڙ طعنن ۽ گارين جي باوجود صبر ۽ تحمل سان پنهنجي قوم کي هدايت جو درس ڏيندا رهيا ۽ جيستائين انهن تي هي وحي نہ آئي تہ اهي ماڻهو ايمان نہ آڻيندا ان وقت تائين اوهان برابر هدايت جو واعظ ٻڌائيندا رهيا، جڏهن وحي ذريعي پاڻ انهن ماڻهن کان مايوس ٿي ويا تہ پاڻ انهن ظالمن جي لاءِ هلاڪت جي دعا ڪئي . مسلمانن جي واعظين ۽ هادين جي لاءِ حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام جو اُسوه حسنہ هدايت جو چراغ ۽ نور جو مينار آهي تہ اهي بہ صبرۓ استقلال سان برابر (نيڪي جي دعوت جي) تبليغ ۽ ارشاد جو ڪم جاري رکن.

(2) حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام ۽ مؤمن عظيم طوفاني سيلاب ۾ جڏهن

طوفان جون چوليون جبلن جيان بلند ٿي رهيون هيون، ٻيڙي تي سوار هئا ۽ طوفاني چولين جي عظيم سيلاب ۾ هڪ ڪک جيان اها ٻيڙي لڏندي هلي رهي هئي، پر حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام ۽ مؤمن توَڪّل جي اهڙي بلند منزل ۾ هئا جو نہ انهن کي ڪا گهبراهٽ هئي نہ ڪا پريشاني، هن ۾ مؤمنن جي لاءِ اها هدايت آهي تہ وڏي کان وڏي مصيبت ۾ بہ مؤمنن کي اللّٰه تعاليٰ تي ڀروسو رکي مطمئن رهڻ گهرجي.

(3) حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام جو پٽ ڪنعان ڪافر هو، ان مان معلوم ٿيو تہ نيڪن جي اولاد لاءِ ضروري ناهي تہ اهي نيڪ هجن، ٻُرن جو اولاد نيڪ ۽ نيڪن جو اولاد ٻرو ٿي سگهي ٿو، اهو خداوند تعاليٰ جي مشيّت ۽ مرضي تي آهي تہ اهو جنهن کي چاهي سنو ناهي ۽ جنهن کي چاهي ٻُرو بڻائي. ﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰی اَعْلَم﴾

## ﴿29﴾ هڪ گستاخ تي بجلي ڪري پئي

هڪ شخص جيڪو عرب جي ڪافرن جي سردارن مان هو، ان ڏانهن حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪن صحابہِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي تبليغ اسلام جي لاءِ موڪليو، انهن سڳورن ان وٽ وڃي اللّٰه تعاليٰ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پيغام ٻڌائي اسلام جي دعوت ڏني تہ ان گستاخ مذاق طور چيو تہ اللّٰه ڪير آهي؟ ڪيئن آهي؟ ڪٿي آهي؟ ڇا اهو سون جو آهي يا چاندي جو يا ٽامي جو؟ ان جو اهو تڪبر ۽ گستاخي وارو جواب ٻڌي صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي لونءَ لونءَ (يعني وار وار) ڪانڊارجي ويا ۽ انهن بارگاهِ نُبُوّت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ واپس حاضر ٿي سڄو واقعو بيان ڪيو ۽ عرض ڪيو: يارسول اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن شخص کان وڌو ڪافر ۽

رب تعاليٰ جي شان ۾ گستاخي ڪرڻ وارو تہ اسان ڏٺو ئي ناهي، حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو تہ توهان ٻيهر ان ڏانهن وڃو.

اهي سڀ‌ڳورا ٻيهر ان ڏانهن ويا تہ ان خبيث ڦھريان ڪان وڌيڪ گستاخي وارا لفظ واتان ڪڍيا، صحابہ ڪرام ان جي گستاخين ۽ بدزباني کان رنجيده ٿي واپس موٽي آيا تہ حضور اڪرم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ٽئين ڀيري انهن صحابہ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان کي ان وٽ موڪليو وري ان وٽ پهتا ۽ ان کي اسلام جي دعوت ڏيڻ لڳا ۽ اهو گستاخ انهن سان وڌهندي بدزباني ۾ گارگند ڪرڻ لڳو، صحابہ ڪرامعَلَیْہِمُ الرِّضْوَان ارشاد نبوي جي مطابق صبر ڪندا رهيا.

انهيءَ دوران انهن ماٺهن ڏٺو تہ اوچتو هڪ بادل آيو ۽ ان بادل ۾ اوچتو گجگوڙ ۽ چمڪ پيدا ٿي، پوءِ هڪدم وڏي گجگوڙ سان هڪ بجلي ڪافر تي ڪري جنهن سان ان جي کوپڙي اڏامي وئي ۽ اهو گهڙي کن ۾ سڙي راک ٿي ويو، اهو منظر ڏسي صحابہ ڪرام بارگاه اقدس ۾ واپس موٽيا تہ انهن سڀ‌ڳورن کي ڏسندي ئي رسول اڪرم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو توهان جنهن گستاخ وٽ ويا هئا اهو تہ سڙي خاڪ ٿي ويو، صحابہ ڪرام وڏي حيرت ۽ اچرج سان عرض ڪيو: يارسول اللّٰه! اوهان کي ڪيئن ۽ ڪهڙي طرح خبر پئي تہ پاڻ ڪريمن صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو تہ هينئر مون تي اها آيت نازل ٿي آهي. (تفسير صاوي ج 3 ص 995، پ 13 الرعد: 13)

وَ يُرْسِلُ الصَّوَاعِقَ فَيُصِيْبُ بِهَا مَنْ يَّشَآءُ

وَهُمْ يُجَادِلُوْنَ فِي اللّٰهِ ۚ وَهُوَ شَدِيْدُ الْمِحَالِ ﴿۱۳﴾

(پ 13 الرعد: 13)

ترجموڪنزالايمان: ۽ وجون(ڪنوڻ) موڪليندو آهي پوءِ اها ستي ٿو جنهن تي گهري، اهي الله جي باري ۾ جهڳڙو ڪن ٿا ۽ ان جي پڪڙ سخت آهي.

**درس هدايت:** رب تعاليٰ جي شان ۾ اهڙي طرح جي گستاخي ڪرڻ وارن کي الله تعاليٰ ڪيئي ڀيرا پنهنجي گِرفت ۾ وٺي هلاڪ ڪري ڇڏيو، تنهنڪري خبردار، خبردار! ان مقدس جناب ۾ هرگز هرگز ڪو اهڙو لفظ نہ ڪڍڻ گهرجي جو شان الوهيت ۾ بي ادبي قرار ڏني وڃي. اڄڪلهہ ڪيئي ماڻهو بيمارين مصيبتن جي وقت خداوند تعاليٰ جي شان ۾ ناشڪري جا لفظ ڪڍي خداوند قدوس جي بي ادبي ڪندا آهن، جن سان انهن جو ايمان ويندو رهندو آهي ۽ اهي دنيا ۽ آخرت ۾ عذاب جا حقدار بڻجي ويندا آهن. (توبہ نعوذ بالله منہ)

## ﴿30﴾ رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا پنج دشمن

قريش جي ڪافرن جا پنج سردار (1) عاص بن وائل سهمي (2) اسود بن مطلب (3) اسود بن عبد يغوث (4) حارث بن قيس (5) وليد بن مغيره.

اهي نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي گهڻيون تڪليفون ڏيندا هئا ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي بيحد ٺٺول ۽ مذاق ڪندا هئا، هڪ ڏينهن رسول اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حرم شريف ۾ تشريف کڻي آيا تہ اهي پنج خبيث بہ پويان پويان آيا ۽ عادت جي مطابق ٺٺول ۽ طعن و تشنيع وارا لفظ بڪڻ لڳا، انهيءَ حالت ۾ حضرت جبرئيل عَلَيْهِ السَّلَام حضور اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ پهتا ۽ انهن وليد بن مغيره جي پيڏي ڏانهن ۽ عاص بن وائل سهمي جي پير جي تري ڏانهن ۽ اسود بن مطلب جي اکين ۽ اسود بن يغوث جي پيٽ ۽ حارث بن قيس جي مٿي ڏانهن اشارو فرمايو ۽ اهو چيو تہ

مان انهن ماڻهن جي شر کي پري ڪندس.

ڪجهه ئي عرصي ۾ رسول الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا اهي پنج ئي دشمن طرح طرح جي مصيبتن ۾ گرفتار ٿي هلاڪ ٿي ويا، وليد بن مغيره هڪ تير وڪڻڻ واري جي دڪان وٽان لنگهيو تہ اوچتو هڪ تير جي ڇُهنب ان جي تهبند ۾ لڳي پر ان ڪي ڪيڻ جي لاءِ ان تڪبر مان مٿو هيٺ نہ ڪيو ۽ بيهي بيهي تهبند لوڏيندي ڇُهنب کي ڪيڻ لڳو جنهن سان ان جي پيڏي زخمي ٿي وئي ۽ اهو زخم بهتر نہ ٿيو بلڪ ان زخم جي تڪليف ۾ ئي اهو مري ويو.

عاص بن وائل سهمي جي پير ۾ هڪ ڪنڊو لڳو جنهن سان ان جي پير ۾ زهر ڦهلجي ويو ۽ ان جو پير سُجي اُٺ جي ڳچي جيان ٿي ويو اهو انهيءَ تڪليف ۾ تڙپندي، دانهون ڪندي مري ويو.

اسود بن مطلب جي اکين ۾ اهڙو سُور ٿيو جو اهو انڌو ٿي ويو ۽ سُور جي شدت جي سبب بيقراري ۾ پنهنجو مٿو ديوار سان هر هر هڻندو هو ۽ انهيءَ سُور ۽ تڪليف جي بيچينيءَ ۾ اهو مري ويو ۽ اهو چوندي مُئو تہ مون کي مُحمّد (صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) قتل ڪيو آهي.

اسود بن عبد يغوث کي استسقاء جي بيماري ٿي جنهن سبب ان جو پيٽ تمام گهڻو وڌي ويو ۽ ان مرض ۾ اهو بہ تڙپي تڙپي مري ويو.

حارث بن قيس جي نڪ مان رت ۽ پونء وهڻ لڳي ۽ اهو انهيءَ مرض ۾ مري ويو، اهڙي طرح اهي پنج ئي گستاخانِ رسول جلد ئي وڏيون تڪليفون ڏسي هلاڪ ٿي ويا.

(تفسير صاوي ج 3 ص 1052، پ 14، الرعد: 95)

انهن پنجن ئي گستاخن جي باري ۾ الله تعاليٰ قرآن شريف ۾ اها آيت نازل فرمائي:

اِنَّا كَفَيْنٰكَ الْمُسْتَهْزِءِيْنَ ﴿۹۵﴾

الَّذِيْنَ يَجْعَلُوْنَ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ ۚ فَسَوْفَ يَعْلَمُوْنَ ﴿۹۶﴾ (پ 14 الحجر 95)

**ترجموڪنزالايمان:** بيشڪ اسان توکي ڪافي آهيون ان مسخري ڪندڙن کان، جيڪي الله سان گڏ ٻيا معبود ٺاهن ٿا پوءِ اجهو انهن کي خبر پوندي.

**درس هدايت:** نبين سڳورن عَلَيْهِ السَّلَام سان مذاق مسخري، انهن کي ايذاء ڏيڻ، توهين ۽ بي ادبي ايترو وڏو جرم آهي جو خداوند قهار ۽ جبار جو قهر ۽ غضب انهن مجرمن کي ڪڏهن معاف ناهي ڪندو، اهڙن ماڻهن کي ڪڏهن غرق ڪري هلاڪ ڪيو، ڪڏهن انهن جي آبادين تي پٿر وسائي انهن کي برباد ڪيو، ڪڏهن زلزلن جي جهٽڪن سان انهن جي علائقن کي تباهه ۽ برباد ڪيو، ڪي ذلت سان قتل ٿي ويا، ڪي وري طرح طرح جي مرض ۾ مبتلا ٿي تڙپي تڙپي مري ويا.

هن زماني ۾ به جيڪي ماڻهو بارگاهِ نبوت ۾ گستاخيون ۽ بي ادبيون ڪندا رهندا آهن اهي ڪن ڪولي ٻڌن ته انهن جي ايمان جي دولت ته برباد ٿي وئي آهي، هاڻي اِنْ شَآءَاللّٰه تعاليٰ اهي ڪنهن نه ڪنهن عذابِ الٰهي ۾ گرفتار ٿي ذلت جو موت مري ويندا، ۽ دنيا انهن جي منحوس وجود کان پاڪ ٿي ويندي، ٻڌي ونو الله تعاليٰ جو واعدو ڪڏهن هرگز غلط ناهي ٿيندو، تنهن ڪري توهان انتظار ڪيو ۽ اسان به انتظار ڪيون ٿا ۽ جيڪڏهن عذابِ الٰهي جي مار کان بچڻ چاهيو ٿا ته ان جي فقط هڪ ئي صورت آهي ته سچي دل سان توبهه ڪري رسول اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت ۽ عظمت سان پنهنجي دلين کي معمور ۽ آباد ڪريو ۽ پنهنجي قول، فعل ۽ اعتقاد سان نبي جي تعظيم ۽ توقير کي پنهنجو ديني شعار ٺاهيو،

پوءِ توهان ڏسندؤ تہ هر قدم تي توهان تي خداوند قدوس جون رحمتون نازل ٿينديون ۽ خاتمہ بالخير جي ڪرامتن مان توهان سرفراز ٿي ٻنهي جهانن جون سعادتون ماڻيندؤ. ﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰى اَعْلَمُ﴾

## ﴿31﴾ تمام سوارين جو ذڪر قرآن ۾

**قرآن** شريف جي نازل ٿيڻ وقت جيڪي چوپايا عام طور تي بار برداري (يعني سامان ڍوئڻ) ۽ سواري جي ڪم ايندا هئا اهي چار جانور هئا، اٺ ،گهوڙا، خچر، گڏھ. بار برداري ۽ سواري جي انهن چئن جانورن جو ذڪر قرآن شريف ۾ خاص طور تي چٽو موجود آهي ان ڪان علاوه قيامت تائين جيتريون سواريون ۽ بار برداري لاءِ جيڪي سواريون اچڻيون آهن الله تعاليٰ ان سيني جو قرآن شريف ۾ اجمالي طور ذڪر ڪيو آهي، جيئن سورة نحل جي آيت غور سان پڙهو، ارشاد رباني آهي:

وَ الْاَنْعَامَ خَلَقَهَا ۚ لَكُمْ فِيْهَا دِفْءٌ وَّ مَنَافِعُ وَ مِنْهَا تَاْكُلُوْنَ ﴿۵﴾ وَ لَكُمْ فِيْهَا جَمَالٌ حِيْنَ تُرِيْحُوْنَ وَ حِيْنَ تَسْرَحُوْنَ ﴿۶﴾ وَ تَحْمِلُ اَثْقَالَكُمْ اِلٰى بَلَدٍ لَّمْ تَكُوْنُوْا بٰلِغِيْهِ اِلَّا بِشِقِّ الْاَنْفُسِ ؕ اِنَّ رَبَّكُمْ لَرَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ﴿۷﴾ وَّ الْخَيْلَ وَ الْبِغَالَ وَ الْحَمِيْرَ لِتَرْكَبُوْهَا وَ زِيْنَةً ؕ وَ يَخْلُقُ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿۸﴾

(پ 14 النحل 5 تا 8)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ چوپايا پيدا ڪيائين توهان جي واسطي، انهن ۾ گرم پوشاڪ ۽ ٻيا نفعا آهن ۽ انهن مان ڪائو ٿا ۽ توهان جو انهن ۾ سينگار آهي جڏهن شام جو انهن کي واپس آڻيو ٿا ۽ جڏهن چرڻ واسطي ڇڏيو ٿا ۽ اهي توهان جو بار کڻي ويندا آهن اهڙي شهر جي طرف جنهن تائين توهان نہ پهچي سگهو مگر سخت تڪليف سان، بيشڪ توهان جو رب نهايت

مهربان رحم وارو آهي، ۽ گهوڙا ۽ خچر ۽ گڏھ توهان جي سواري ۽ زينت جي واسطي ۽ اهو پيدا فرمائيندو جنهن جي توهان کي خبر نہ آهي.

هن آيت سڳوري جي آخري جملي ﴿وَ يَخْلُقُ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴾ ۾ قيامت تائين اچڻ وارين تمام بار برداري جي وسيلن ۽ قسم قسم جي مختلف سوارين جي پيدا ٿيڻ جو بيان آهي جيڪي نزولِ قرآن جي وقت تائين ايجاد نہ ٿيون هيون، مثال طور سائيڪل، موٽر، ريل گاڏيون، روڊ بحري جهاز، هوائي جهاز، هيلي ڪاپٽر، راڪيٽ وغيره تمام نَقّل و حمل جو سامان ۽ سوارين جي ذريعن جو اجمالي ذڪر ڪري الله تعاليٰ پنهنجي ڪامل قدرت جو اظهار ۽ غيب جي خبر جو اعلان عام ڪيو آهي. نقل و حمل جي ذريعن کان علاوه هن آيت ۾ ايترو تہ عموم آهي جو قيامت تائين پيدا ٿيڻ واري هر هر شيء ۽ تمام ڪائناتِ عالم جو اجمالي بيان آهي. ﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰی اَعۡلَم﴾

چار سُواريون جيڪي نزولِ قرآن جي وقت عرب ۾ عام هيون انهن جي باري ۾ ڪجهه خاصيتون آهن جيڪي ياد رکڻ جي لائق آهن:

**اُٺ:** هي ڪيئي نبين ۽ رسولن جي سواري آهي، خود حضور خاتم النبين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اُٺ جي سواري ڪئي ۽ سندن بہ ڏاچيون ڏاڍيون مشهور آهن، هڪ قصويٰ ۽ ٻي عضباء جنهن جي باري ۾ روايت آهي تہ اها ڪڏهن ڊوڙ ۾ ڪنهن اُٺ کان مغلوب نہ ٿي پر هڪ ڀيري هڪ اعرابي جي اٺ کان ڊوڙ ۾ پوئتي رهجي وئي تہ صحابہ ڪرام کي ڏکيو لڳو، ان موقعي تي حُضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: الله تي حق آهي تہ جڏهن اهو ڪنهن دنيا جي شيء کي بلند ڪندو آهي تہ ان کي هيٺ بہ ڪندو آهي، مروي آهي: حُضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڏاچي ”عضباء“ سندن جي وفات کان پوءِ

www.dawateislami.net

غم ۾ نہ ڪجھ ڪاڙو ۽ نہ پيتو ۽ وفات ڪري وئي ۽ ڪن روايتن ۾ آهي قيامت جي ڏينهن انهيءَ ڏاچي تي سوار ٿي حضرت بيبي فاطمہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهَا ميدان محشر ۾ تشريف فرما ٿينديون. (روح البيان ج 5 ص 8، پ 14، النحل: 7) ”حيات الحيوان“ ۾ آهي اٺ جي وارن کي ساڙي ان جي رک کي جيڪڏهن وهندڙ رت تي لڳايو وڃي تہ رت هڪدم بند ٿي ويندي ۽ اٺ جو چچڙ جيڪڏهن ڪنهن عاشق جي آستين تي ٻڌو وڃي تہ ان جو عشق زائل ٿي ويندو ۽ اٺ جو گوشت گهٽو مقوي باهہ (طاقت ڏيندڙ) آهي. (روح البيان ج 5 ص 9، پ 14، النحل: 7)

**گهوڙو:** سڀ کان پهريان گهوڙي تي سواري حضرت اسماعيل عَلَيۡهِ السَّلَام ڪئي هئي. ان کان اڳ ۾ اهو وحشي ۽ جهنگلي چوپايو هو، ان ڪري حضور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو توهان گهوڙي جي سواري ڪيو ڇوتہ اهو توهان جي پيءُ حضرت اسماعيل عَلَيۡهِ السَّلَام جي ميراث آهي، حضرت انس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ جو بيان آهي حضور اقدس صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي گهروارين کان پوءِ سڀ کان وڌيڪ محبوب گهوڙو هو، حضرت ابن عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا کان روايت آهي تہ گهوڙو ميدان جنگ ۾ تسبيح پڙهندو آهي: ﴿سُبُّوۡحٌ قُدُّوۡسٌ رَّبُّ الۡمَلٰٓئِكَةِ وَالرُّوۡحِ﴾ خود حضور اڪرم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا ڪجھ گهوڙا هئا جن تي پاڻ سواري ڪندا هئا.

منقول آهي: حضرت موسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام حضرت خضر عَلَيۡهِ السَّلَام کان پڇا ڪئي تہ ڪهڙيون سواريون اوهان کي پسند آهن؟ تہ پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام فرمايائون: گهوڙو، گڏھ ۽ اٺ، ڇاڪاڻ تہ گهوڙو اولو العزم رسولن جي سواري آهي ۽ اُٺ حضرت هود، حضرت صالح، حضرت شعيب ۽ حضرت محمد صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سواري آهي ۽ گڏھ حضرت

عيسٰي ۽ حضرت عزير عَلَيهِمَا السَّلَام جي سواري آهي ۽ مان چو نہ هن چوپائي (گڏھ) سان الفت رکان جنهن کي مرڻ کان پوءِ الله تعالٰي زنده ڪيو. (روح البيان ج 5 ص 10، پ 14، النحل: 8)

**خچر:** اها بہ هڪ مبارڪ سواري آهي، روايت آهي تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ملڪيت ۾ ڇھ خچر هئا، ان مان هڪ سفيد رنگ جو هو جيڪو مصر جي بادشاھ مقوقس هديي طور سندن خدمت ۾ پيش ڪيو هو جنهن جو نالو "دلدل"هو.

حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مديني جي اندر ۽ پنهنجي باھر جي سفر ۾ هن تي سواري ڪندا هئا، ان جي عمر تمام وڏي ٿي ايستائين جو ان جا سيئي ڏند ٽٽي ويا ۽ ان جي خوراڪ جي لاءِ جوء ڪٽي دليو ناهيو ويندو هو، اهو حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وفات کان پوءِ گھڻو عرصو زنده رهيو، حضرت عثمان رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ پنهنجي خلافت جي زماني ۾ هن تي سوار ٿيا، ۽ ان کان پوءِ حضرت علي رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ بہ جنگ خوارج جي موقعي تي هن ئي خچر تي سوار ٿي جنگ جي لاءِ نڪتا، پوءِ سندن صاحبزادا حضرت امام حسن ۽ امام حسين ۽ محمد بن حنفيہ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُم کي بہ هن جي سواري جو شرف حاصل ٿيو. (روح البيان ج 5 ص 11، پ 14، النحل: 8)

**گڏھ:** اها بہ نبين ۽ رسولن سڳورن جي سواري آهي، حضور اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ملڪيت ۾ بہ ٻہ گڏھ هئا، هڪ جو نالو "عفير" ۽ ٻي جو نالو "يعفور" هو، روايت آهي تہ "يعفور" اوهان کي خيبر ۾ مليو هو، ان حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ڪلام ڪيو تہ يا رسول الله! منهنجو نالو "زياد بن شهاب" آهي منهنجي ابن ڏاڏن مان سٺ گڏھ اهڙا گذريا آهن جن تي نبين سواري ڪئي آهي ۽ اوهان بہ الله

جا نبي آهيو تنهنڪري منهنجي تمنا آهي اوهان کان پوءِ ڪو ٻيو منهنجي پٺي تي نہ ويهي، هن چوپائي جي تمنا پوري ٿي وئي جو رسول اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وفات کان پوءِ ”يعفور“ شدت غم ۾ بيحال ٿي هڪ کوھ ۾ ڪري پيوءِ هڪدم موت اچي ويو، اها بہ روايت آهي تہ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ”يعفور“ کي موڪليندا هئا تہ فلاڻ صحابي کي سڏي اچ ، تہ اهو ويندو هو ۽ صحابي جي دروازي کي پنهنجي مٿي سان کڙڪائيندو هو تہ اهو صحابي يعفور کي ڏسي سمجهي ويندو هو تہ حضور مون کي سڏرايو آهي پوءِ اهو هڪدم يعفور سان گڏ دربارِ نبوي ۾ حاضر ٿي ويندو هو، حديث ۾ آيو آهي تہ جيڪو شخص ادنيٰ ڪپڙو پائيندو ۽ ٻڪري جو کير ڏُهندو ۽ گڏھ جي سواري ڪندو ان ۾ بلڪل تڪبر نہ ٿيندو. (روح البيان ج 5 ص 11، پ 14، النحل: 8)

**درس هدايت:** انهن چئني سوارين کي حقير نہ سمجهڻ گهرجي چو تہ الله تعاليٰ بطور انعام ۽ احسان انهن جانورن جي پيدائش جو ذڪر ڪيو ۽ پوءِ انهن چئني سوارين تي نبي سڳورا عَلَيْهِمِ السَّلَام سوار ٿيا آهن، تنهنڪري انهن سوارين جي توهين ۽ تحقير وڏي گستاخي ۽ بي ادبي آهي جيڪا ڪفر تائين پهچائڻ واري نحوست آهي، بلڪ هر مسلمان تي لازم آهي تہ انهن چوپاين کي الله تعاليٰ جي نعمت سمجهي شڪر ادا ڪري ۽ نبين سڳورن عَلَيْهِمِ السَّلَام جي نسبت سبب انهن سوارين جو دل سان قدر ڪري ۽ هرگز هرگز انهن جي توهين ۽ تحقير نہ ڪري ان ۾ ايمان جي سلامتي بلڪ ايمان جي نورانيت جو راز لڪل آهي ۽ انهن چئن سوارين کان پوءِ جيڪي بيون سواريون ايجاد ٿيون انهن تي سوار ٿيڻ بہ جائز آهي ۽ اهي سڀ

www.dawateislami.net

سواريون آهن جنهن جي باري ۾ الله تعاليٰ ﴿وَ یَخۡلُقُ مَا لَا تَعۡلَمُوۡنَ ﴿۸﴾﴾ فرمائي انهن کي پيدا ڪرڻ جو وعدو فرمايو آهي. ﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰی اَعۡلَم﴾

## ﴿32﴾ ماکي جي مک

عربي ۾ ماکي جي مک کي ”نَحۡل“ چئبو آهي، قرآن شريف ۾ الله تعاليٰ هڪ سورت نازل ڪئي جنهن جو نالو سورة نحل آهي، هن سورت ۾ ماکي ۽ ماکي جي مک جون فضيلتون ۽ فائدن جو تذڪرو ڪيو آهي جيڪو قابل ذڪر آهي, ۽ حقيقت ۾ اهي مکيون عجائبات عالم جي فهرست ۾ هڪ نمايان مقام رکن ٿيون، انهن مکين جون ڪي خاصيتون هيٺ ڏنل آهن:

(1) ماکي جي مکين جي گهرن يعني منارن جو ڊسپلن ۽ نظام عمل ايترو منظم ۽ باقاعده آهي جڻ تہ هڪ ترقي يافتہ ملڪ جو”نظام سلطنت“ آهي جيڪو بهترين نظام ۽ انتظام سان ملڪي معاملا هلائي رهيو آهي جنهن ۾ ڪو خلل ۽ فساد ناهي ٿيندو.

(2) هزارين بلڪ لکن جي تعداد ۾ اهي مکيون ان طرح رهنديون آهن جو انهن جو هڪ بادشاهہ هوندو آهي جيڪو جسم ۽ قد ۾ سيني ماکين کان وڏو هوندو آهي، سيئي مکيون ان جي اڳواٽي ۾ سفر ۽ قيام ڪنديون آهن، ان بادشاهہ کي ”يعسوب“ چيو ويندو آهي.

(3) انهن جو يعسوب انهن مکين جي ڪمن جي ورهاست ڪندو آهي ۽ سيني کي پنهنجي پنهنجي ديوٽي تي لڳائي ڪم ڪرائيندو آهي، ڪي مکيون گهر ٺاهينديون آهن جيڪو سوراخن جي شڪل ۾ هوندو آهي، اهي مکيون انهن سوراخن کي ايتري

خوبصورتي ۽ هڪجهڙائي سان مُسدس (ڇهه خانن واري) شڪل جو ناهينديون آهن ڄڻ ڪنهن ماهر انجينئر پرڪار جي مدد سان انهن سوراخن کي ناهيو هجي سيني جي شڪل بلڪل هڪجهڙي ۽ سيني جي ڊيگهه ۽ ويڪر به بلڪل برابر هوندي آهي.

(4) ڪي مکيون يعسوب جي حڪم سان آنن مان ٻچا پيدا ڪنديون آهن ۽ ڪي ماکي تيار ڪنديون آهن، ڪي ميڻ ناهينديون آهن ڪي پاڻي آڻينديون آهن، ڪي پهرو ڏينديون آهن، مجال آهي جو ڪا ٻي مک انهن جي گهر ۾ داخل ٿئي.

(5) هي مکيون گلن، ميون وغيره جو رس چوسي ڪٽي ايندي‌ون آهن ۽ ماکي جي خزاني ۾ جمع ڪرائينديون آهن ۽ ميون ۽ گلن جي ڳولها ۾ سوين ميل پري پري تائين الڳ الڳ وينديون آهن پر اهي پنهنجي مناري کي نه وساريندي‌ون آهن ۽ بِلا تڪلف، بنا ڪنهن ڳولها جي سوين ميل پري کان سڌو پنهنجي مناري تائين پهچنديون.

(6) هي مکيون مختلف رنگن ۽ مختلف ذائقن مان ماکي تيار ڪنديون آهن، ڪڏهن ڳاڙهي، ڪڏهن سفيد، ڪڏهن ڪاري، ڪڏهن پيلي، ڪڏهن ڇڊي، ڪڏهن گهاٽي مختلف موسمن ۽ مختلف ميون، گلن جي ڪري ماکي جا مختلف رنگ ۽ ذائقا بدلجندا رهندا آهن.

(7) اهي پنهنجا مانارا ڪڏهن وڻن تي، ڪڏهن جبلن ۾، ڪڏهن گهرن ۾، ڪڏهن ديوارن جي سوراخن تي، ڪڏهن زمين جي اندر ناهينديون آهن ۽ هر جڳهه تي هڪجهڙي ڊسپلن ۽ نظام سان انهن جو ڪارخانو هلندو رهندو آهي.

www.dawateislami.net

(8) نافرمان ۽ باغي مکين کي انهن جو ”يعسوب“ مناسب سزائون بہ ڏيندو آهي، ايستائين جو کن کي قتل ڪرائي ڇڏيندو آهي ۽ سيني کي پنهنجي ڪنٽرول ۾ رکندو آهي، ڪڏهن ڪا ماکي جي مک نجاست تي ناهي ويندي ۽ جيڪڏهن ڪا ويهي رهي تہ انهن جو بادشاه ان کي سخت سزا ڏئي ان کي ماناري مان نيڪالي ڏيندو آهي.

قرآن شريف ۾ هن ماکي جي مکين جي مسائل بابت بيان ڪندي ارشاد آهي:

وَ اَوْحٰى رَبُّكَ اِلَى النَّحْلِ اَنِ اتَّخِذِیْ مِنَ الْجِبَالِ بُیُوْتًا وَّمِنَ الشَّجَرِ وَ مِمَّا یَعْرِشُوْنَ ﴿۶۸﴾ ثُمَّ كُلِیْ مِنْ كُلِّ الثَّمَرٰتِ فَاسْلُكِیْ سُبُلَ رَبِّكِ ذُلُلًا ؕ یَخْرُجُ مِنْۢ بُطُوْنِهَا شَرَابٌ مُّخْتَلِفٌ اَلْوَانُهٗ فِیْهِ شِفَآءٌ لِّلنَّاسِ ؕ اِنَّ فِیْ ذٰلِكَ لَاٰیَةً لِّقَوْمٍ یَّتَفَكَّرُوْنَ ﴿۶۹﴾ (پ 14 النحل: 68، 69)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ تنهنجي ربّ اِلهام ڪيو ماکي جي مک جي طرف تہ تون جبلن ۾ گهر ناهہ ۽ وڻن ۾ ۽ ڇتن ۾، پوءِ هر قسم جي ميون مان کاءُ ۽ پنهنجي رب جي رستن تي هل جو تنهنجي واسطي نرم ۽ آسان آهي، ان جي پيٽ مان پيئڻ جي هڪ رنگ برنگي شيءِ نڪري ٿي جنهن ۾ ماڻهن جي واسطي تندرستي آهي، بيشڪ ان ۾ نشاني آهي ڌيان ڪندڙن جي واسطي.

**درس هدايت:** اللّٰه تعالىٰ ماکي کي سيني بيمارين جي لاءِ شفا فرمايو آهي، کن بيمارين ۾ رڳو ماکي سان شفا حاصل ٿيندي آهي ۽ کن مرضن ۾ ماکي ۽ ٻين دوائن کي ملائي بيمارين جو علاج ڪيو ويندو آهي، جيئن تہ معجونن ۽ جوارشن ۾ طرح طرح جي

شربتن جي ذريعي تمام بيمارين جو علاج ڪيو ويندو آهي ۽ انهن سيني دوائن ۾ ماکي شامل ڪئي ويندي آهي، اهڙي طرح سڪنج بين(سرڪي يا ليمي جي شربت) ۾ بہ ماکي ملائي ويندي آهي جيڪا پيٽ جي بيمارين جي لاءِ بيحد مفيد آهي، بهرحال هر مسلمان اهو ايمان رکي تہ ماکي ۾ شفاء آهي، ان ڪري جو قرآن شريف ۾الله تعاليٰ ماکي جي باري ۾ ارشاد فرمايو: ﴿فِيْهِ شِفَآءٌ لِّلنَّاسِ﴾ (پ 14، النحل 69)

يعني ان ۾ ماڻهن جي لاءِ شفا آهي. فقط ﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰى اَعْلَم﴾

## ﴿33﴾ ناقص عمر وارو

انسان جي اها وڏي عمر جنهن ۾ انسان جا سمورا عضوا ڪمزور ۽ بيڪار ٿي ويندا آهن ۽ انسان بلڪل ناقص القوت، گهٽ عقل ۽ گهٽ سمجھ وارو ٿي ننڍپڻ واري عادتن جيان عقل، دانائي ۽ هوش و حواس کان خالي ۽ ويسر جي سبب سڄو علم وساري ڇڏيندو آهي ۽ اُٿڻ ويهڻ، هلڻ ڦرڻ کان مجبور ٿي ويندو آهي، الله تعاليٰ هن انساني ڄمار جو ذڪر ڪندي قرآن شريف ۾ ارشاد فرمايو:

وَاللّٰهُ خَلَقَكُمْ ثُمَّ يَتَوَفّٰىكُمْ ۛ وَمِنْكُمْ مَّنْ يُّرَدُّ اِلٰٓى اَرْذَلِ الْعُمُرِ لِكَيْ لَا يَعْلَمَ بَعْدَ عِلْمٍ شَيْـًٔا ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌ قَدِيْرٌ ﴿۷۰﴾ (پ 14، النحل: 70)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ الله ئي توهان کي پيدا ڪيو، پوءِ توهان جي جان قبض ڪندو، ۽ توهان مان ڪو سڀ کان ناقص عمر جي طرف موٽايو وڃي ٿو جو ڄاڻڻ کان پوءِ ڪجھ نہ ڄاڻي، بيشڪ الله سڀ ڪجھ ڄاڻندو سڀ ڪجھ ڪري سگهندو آهي.

هن ﴿اَرْذَلِ الْعُمُرِ﴾ بابت ڪو مقدار مقرر ناهي، تاريخي تجربو آهي تہ ڪي ماڻهو سٺ سالن جي عمر ۾ اهڙا ٿي ويندا آهن ۽ ڪي ماڻهو سؤ سالن جي ڄمار باوجود ناقص عمر واري منزل ۾ نہ پهچندا آهن، ها امام قتاده رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جو قول آهي تہ نوي سال جي ڄمار وارن جا سيئي قويٰ ۽ عملي حواس ناڪارا ٿي ويندا آهن ۽ اهو هر قسم جي ڪمائي، حج ۽ جهاد وغيره جي قابل ناهي رهندو ۽ اها عمر ۽ ان جي ڪيفيت واقعي انهيءَ لائق آهن جو انسان ان کان خدا جي پناه گهري، جيئن حديث شريف ۾ آهي تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ستن شين کان پناه گهرندي هينئن دعا ڪندا هئا:

اَللّٰهُمَّ اِنِّیۡٓ اَعُوۡذُبِكَ مِنَ الۡبُخۡلِ وَالۡكَسَلِ وَاَرۡذَلِ الۡعُمُرِ وَعَذَابِ الۡقَبۡرِ وَفِتۡنَةِ الدَّجَّالِ وَفِتۡنَةِ الۡمَحۡيَا وَالۡمَمَاتِ.

(صحيح بخاري ج 3 ص 257 الحديث بتغير قليل)

اي الله مان تنهنجي پناه چاهيان ٿو ڪنجوسي کان ۽ سستي کان ۽ ناقص ڄمار کان ۽ قبر جي عذاب کان ۽ دجال جي فتني کان ۽ زندگي جي فتني کان ۽ موت جي فتني کان.

انهيءَ ڪري منقول آهي تہ مشهور بزرگ ۽مستند عالمِ دين حضرت محمد بن واسطي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه پنهنجي لاءِ خاص ڪري اها دعا گهرندا هئا:

يَا رَبِّ لَا تُحۡيِنِیۡ اِلٰی زَمَنٍ ... اَكُوۡنُ فِيۡهِ كَلًّا عَلٰی اَحَدٍ
خُذۡ بِيَدِیۡ قَبۡلَ اَنۡ اَقُوۡلَ لِمَنۡ ... اَلۡقَاهُ عِنۡدَ الۡقِيَامِ خُذۡ بِيَدِیۡ

يعني اي الله! مون کي ايتري زماني تائين زنده نہ رک جو مان ڪنهن تي بوجه بڻجان تون ان کان پهريان منهنجي مدد ڪر جو مان

هر ملڻ واري کي اٿڻ وقت اهو چوان تہ منهنجو هٿ پڪڙ.

حديث شريف ۾ آهي ۽ ڪن ماڻهن ان کي حضرت عڪرمہ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جو قول چيو آهي تہ جيڪو شخص قرآن پڙهندو رهي اهو ارذل العمر (ناقص عمر) کي نہ پهچندو، ۽ ائين جيڪو قرآن ۾ غور وفڪر ڪندو رهي ۽ قرآن تي عمل ڪندو رهي اهو بہ ناقص عمر کان محفوظ رهندو. (روح البيان ملخصا ج 5 ص 54 پ 14، النحل: 70)

**درس هدايت:** زندگي، موت ۽ وڌيڪ يا گهٽ عمر الله تعاليٰ جي هٿ ۾ آهي اهو جنهن کي چاهي گهٽ عمر ڏئي جنهن کي چاهي وڏي عمر ڏئي، ڪنهن انسان کي هرگز هن ۾ ڪو دخل ناهي، انسان کي گهرجي تہ بهرحال خداوند قدوس جي مرضي تي صبر ۽ شڪر ڪندو رهي، ها البتہ اها دعا گهرندو رهي تہ الله تعاليٰ منهنجي زندگي کي نيڪين ۾ گذاري ۽ هر قسم جي گناهن کان محفوظ رکي چوتہ گهٽ عمر ملي ۽ نيڪين ۾ گذاري تہ ان کان وڌو ڪو انعام ناهي ۽ وڏي عمر تئي پر چڱائين ۽ نيڪين ۾ نہ گذاري تہ اها وڏي جمار وڏو نقصان ۽ وبال آهي . ان ڳالهہ جو هر وقت ڌيان رکي تہ ڪنهن پوڙهي شخص جي بي ادبي نہ تئي بلڪ هميشہ پوڙهن جو ادب ۽ احترام ڪندو رهي، چوتہ ..

هڪ حديث شريف ۾ آهي تہ هڪ شخص دربار رسالت ۾ فقر ۽ فاقي جي شڪايت ڪئي تہ حضور اڪرم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ﴿لَعَلَّكَ مَشَيْتَ اَمَامَ شيْخٍ﴾ يعني غالبًا توهان ڪنهن پوڙهي شخص جي اڳيان اڳيان هليا هوندو. اها ان جي نحوست آهي.
(تفسير روح البيان ج 5 ص 56 پ 14، النحل: 70 ملخصا)

## ﴿34﴾ بيوقوف ٻيڙي

مڪي شريف ۾ هڪ ٻيڙي ريطہ بنت سعد بن تميم قرشيہ هئي، جنهن جي مزاج ۾ وهم ۽ عقل ۾ فُتور هو، اها روزانو

منجهند تائين سٽ ڪتيندي هئي ۽ منجهند ڪان بعد اها ڪتيل سُٽ کي ٽوڙي ذرا ذرا ڪندي هئي ۽ پنهنجي ٻانهين کان بہ ٽوڙائيندي هئي، اهو روزانو ان جو معمول هو. (صاوي ج 3 ص 1089 پ 14، النحل: 92)

جيڪي ماڻهو الله تعاليٰ جي نالي جا قسم کڻي يا ان جي نالي تي ڪو واعدو ڪري پنهنجي قسمن ۽ واعدن کي ٽوڙيندا آهن انهن ماڻهن کي الله تعاليٰ هن عورت سان تشبيهہ ڏيندي قسم ۽ واعدا ٽوڙڻ کان منع ڪيو آهي جيئن ارشاد آهي:

وَ اَوْفُوْا بِعَهْدِ اللّٰهِ اِذَا عٰهَدْتُّمْ وَ لَا تَنْقُضُوا الْاَیْمَانَ بَعْدَ تَوْكِیْدِهَا وَ قَدْ جَعَلْتُمُ اللّٰهَ عَلَیْكُمْ كَفِیْلًا ؕ اِنَّ اللّٰهَ یَعْلَمُ مَا تَفْعَلُوْنَ ﴿۹۱﴾ وَ لَا تَكُوْنُوْا كَالَّتِیْ نَقَضَتْ غَزْلَهَا مِنْۢ بَعْدِ قُوَّةٍ اَنْكَاثًا ؕ (پ 14 النحل 91 ، 92)

ترجموڪنزالايمان: ۽ الله جا عهد پاڙيو جڏهن قول ڪيو ۽ قسم مضبوط ڪري پوءِ ٽوڙي نہ ڇڏيو ۽ توهان الله کي پاڻ تي ضامن ڪري چڪا آهيو بيشڪ الله توهان جا ڪم ڄاڻي ٿو، ۽ ان عورت وانگر نہ ٿجو جنهن پنهنجو سٽ ڪتڻ کان پوءِ ذرا ذرا ڪري ٽوڙي ڇڏيو.

**درس هدايت:** هر قسم جي بدعهدي ۽ واعدو ٽوڙڻ منع ۽ شريعت ۾ گناهہ آهي اهڙي ريت الله تعاليٰ جو قسم کڻي بلا ضرورت ان کي ٽوڙڻ بہ جائز ناهي، الله تعاليٰ ارشاد فرمايو تہ ﴿اَوْفُوْا بِالْعُقُوْدِ ؕ﴾ يعني پنهنجن واعدن ۽ معاهدن کي پورو ڪيوءِ فرمايو: ﴿وَاحْفَظُوْٓا اَیْمَانَكُمْ ؕ﴾ يعني پنهنجن قَسَمَن جي حفاظت ڪيو، ها البتہ جيڪڏهن ڪنهن شريعت جي خلاف ڳالهہ جو قَسَم ڪنيو تہ هرگز هرگز ان قَسَم تي قائم نہ رهڻ گهرجي بلڪ لازم آهي تہ ان قَسَم کي ٽوڙي ان جو ڪفارو ادا ڪري. ﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰی اَعْلَم﴾

## ﴿35﴾ حصور نالي ڳوٺ جي بربادي

”حصور“ يمن ۾ هڪ ڳوٺ هو، ان ڳوٺ وارن جي هدايت جي لاءِ حضرت موسيٰ بن عمران عَلَيۡهِ السَّلَام کان گهڻو پهريان الله تعاليٰ هڪ نبي کي موڪليو جنهن جو نالو موسيٰ بن ميشا هو جيڪي حضرت يعقوب عَلَيۡهِ السَّلَام جا پڙ پوٽا هئا. ڳوٺ وارن اوهان کي نه مڃيو ۽ پوءِ اوهان کي قتل ڪيو، هن ناجائز حرڪت تي خدا جو قهر ۽ غضب ۽ ان جو عذاب هن ڳوٺ وارن تي نازل ٿيو، ڳوٺ وارا مختلف مصيبتن ۾ گرفتار ٿي ويا ايستائين جو ”بخت نصر“ ڪافر ۽ ظالم بادشاه ان ڳوٺ تي مسلط ٿيو ۽ ان وڏي بيدرديءَ سان سڄي ڳوٺ جي تمام مردن کي قتل ڪري ڇڏيو ۽ سيني عورتن کي گرفتار ڪري ٻانهيون ٻڻائي ڇڏيو ۽ شهر کي تباه ۽ برباد ڪري ڇڏيو، جڏهن شهر ۾ قتل عام شروع ٿيو ته ڳوٺ وارا ڀڄڻ لڳا ان وقت ملائڪن بطور مذاق چيو: اي ڳوٺ وارؤ! نه ڀڄو ۽ پنهنجي گهرن ۾ پنهنجي مال ۽ دولت کي سنڀالي سُک ۽ چين واري زندگي گذاريو، ڪيڏانهن ڀڄو ٿا؟ ترسو! اهو نبين سڳورن جي ناحق خون جو بدلو آهي جيڪو توهان کي ملي رهيو آهي، آسمان تان ملائڪن جو اهو آواز سڄي ڳوٺ ۾ ايندو رهيو ۽ ”بخت نصر“ جي لشڪر وارن جون تلوارون انهن جون سسيون ڌڙ کان جدا ڪنديون رهيون، جڏهن ڳوٺ وارن اهو منظر ڏٺو ته پنهنجي گناهن ۽ جرمن جو اقرار ڪرڻ لڳا، پر هن آهه و زاري، روئڻ ۽ بيقراري جو انهن کي فائدو نه ٿيو، ڳوٺ ۾ هر پاسي رت جو نديون وهڻ لڳيون ۽ سڄو ڳوٺ تباه ٿي ويو، قرآن شريف انهن ماڻهن جي تباهي ۽ بربادي

جو داستان هنن لفظن ۾ بيان فرمايو آهي:

وَكَمْ قَصَمْنَا مِنْ قَرْيَةٍ كَانَتْ ظَالِمَةً وَّ اَنْشَاْنَا بَعْدَهَا قَوْمًا اٰخَرِيْنَ ﴿۱۱﴾ فَلَمَّاۤ اَحَسُّوْا بَاْسَنَاۤ اِذَا هُمْ مِّنْهَا يَرْكُضُوْنَ ﴿۱۲﴾ لَا تَرْكُضُوْا وَ ارْجِعُوْۤا اِلٰى مَاۤ اُتْرِفْتُمْ فِيْهِ وَ مَسٰكِنِكُمْ لَعَلَّكُمْ تُسْــٴَـلُوْنَ ﴿۱۳﴾ قَالُوْا يٰوَيْلَنَاۤ اِنَّا كُنَّا ظٰلِمِيْنَ ﴿۱۴﴾ فَمَا زَالَتْ تِّلْكَ دَعْوٰىهُمْ حَتّٰى جَعَلْنٰهُمْ حَصِيْدًا خٰمِدِيْنَ ﴿۱۵﴾

(پ 17 الانبياء 11 تا 15)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ ڪيترائي ڳوٺ اسان تباھ ڪري ڇڏيا جو اھي ظالم ھئا ۽ انھن کان پوءِ ٻي قوم پيدا ڪئي پوءِ جڏھن انھن اسان جو عذاب ڏٺو تڏھن اھي ان کان ڀڄڻ لڳا، ڀڄو نہ ۽ انھن آسائشن ڏانھن موٽي ھلو جيڪي توھان کي ڏنيون ويون ھيون ۽ پنھنجي جاين ڏي شايد توھان کي پڇاڻو ٿئي، چوڻ لڳا او اسان جي تباھي اسان ظالم ھئاسي پوءِ اھي ائين پڪاريندا رھيا ايستائين جو ڪيو اسان انھن کي لڻيل ڪٽيل وساميل.

۽ ڪن مفسرين ڪِرام فرمايو: ھن آيت ۾ ڳوٺ مان مراد گذريل ھلاڪ ٿيڻ وارن اُمتن جا ڳوٺ آھن يعني حضرت نوح، حضرت لوط، حضرت صالح ۽ حضرت شعيب عَلَيْهِمُ السَّلَام جي قومن جون آباديون جيڪي طرح طرح جي عذابن سبب ھلاڪ ۽ برباد ٿيون.

﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰى اَعْلَم﴾ (تفسير صاوي ج 4 ص 1292، پ 17، الانبياء: 11)

**درس ھدايت:** نبين سڳورن عَلَيْهِمُ السَّلَام جي تڪذيب، توھين ۽ انھن کي ايذاء ڏيڻ ۽ قتل ڪرڻ ھي سڀ وڏا جرم آھن ۽ انھن ماڻھن تي خداوند قدوس جو عذاب ضرور ايندو آھي. قرآن گواھ آھي تہ ڪيئي ڳوٺ انھن جرمن جي ڪري تباھ ۽ برباد ڪيا ويا.

## ﴿36﴾ حضرت ذوالڪفل

قرآن شريف ۾ حضرت ذوالڪِفل عَلَيْهِ السَّلَام جو ذڪر صرف ٻن سورتن يعني سورة ”انبياء“ ۽ سورة ”ص“ ۾ ڪيو ويو آهي انهن ٻنهي سورتن ۾ صرف سندن نالو بيان ٿيو آهي، باقي سندن احوال جو اجمالي يا تفصيلي ڪو تذڪرو نٿو ملي، سورة انبياء ۾ آهي:

وَ اِسْمٰعِيْلَ وَ اِدْرِيْسَ وَ ذَاالْكِفْلِ ؕ كُلٌّ مِّنَ الصّٰبِرِيْنَ ﴿۸۵﴾

ترجموڪنزالايمان: ۽ اسماعيل ۽ ادريس ۽ ذوالڪفل کي (ياد ڪريو) اهي سمورا صبر وارا هئا. (پ 17 الانبياء 85)

۽ سورة ”ص“ ۾ هن طرح ارشاد ٿيو:

وَ اذْكُرْ اِسْمٰعِيْلَ وَ الْيَسَعَ وَ ذَاالْكِفْلِ ؕ وَ كُلٌّ مِّنَ الْاَخْيَارِ ﴿۴۸﴾

ترجموڪنزالايمان: ۽ ياد ڪر اسماعيل ۽ يسع ۽ ذوالڪفل کي ۽ اهي سمورا ڀلا آهن. (پ 23 ص 48)

حضرت ذوالڪفل بابت قرآن شريف ۾ سواء نالي ڪان وڌيڪ ڪجھ بيان نہ ڪيو ويو آهي، اهڙي طرح حديثن ۾ بہ سندن جو ڪو تذڪرو نقل ناهي ڪيو ويو، تنهنڪري قرآن ۽ حديث جي روشني ۾ ان ڪان وڌيڪ نٿو چئي سگھجي تہ ذوالڪفل عَلَيْهِ السَّلَام خدا جا برگزيده ٻانها ۽ پيغمبر هئا جيڪي ڪنهن قوم جي هدايت لاءِ موڪليا ويا. البتہ شاه عبدالقادر دهلوي ارشاد فرمائن ٿا: حضرت ذوالڪفل عَلَيْهِ السَّلَام حضرت ايوب عَلَيْهِ السَّلَام جا پٽ آهن ۽ انهن خالص الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ ڪنهن جي ضمانت ڪئي جنهن سبب انهن کي ڪيئي سالن تائين قيد جي تڪليف برداشت ڪرڻي پئي. (موضح القرآن)

ڪجھ مفسرن لکيو تہ حضرت ذوالڪفل عَلَيْهِ السَّلَام حقيقت ۾ حضرت حزقيل عَلَيْهِ السَّلَام جو لقب آهي.

اڄڪلهه زماني جي ڪجهه ماڻهن جو خيال آهي ته ذوالڪفل”گوتم ٻڌ“ جو لقب آهي ان ڪري انهن جي دار السلطنت جو نالو ”ڪپل وستو“ هو جنهن جو معرب ”ڪفل“ آهي ۽ عربي ۾ ”ذو“ ”صاحب“ ۽ ”مالڪ“ جي معني ۾ ايندو آهي ان ڪري هتي به ”ڪپل وستو“ جي مالڪ ۽ بادشاهه کي ”ذوالڪفل“ چيو ويو آهي انهن جي دعوي آهي ته”گوتم ٻڌ“جي اصل تعليم توحيد ۽ حقيقي اسلام ئي هئي پر بعد ۾ اهو دين به ٻين دينن جيان مسخ ۽ تحريف شده ٿي ويو، پر واضح رهي ته هاڻوڪي زماني واري ماڻهن جو اها راءِ ته ”ذوالڪفل“ گوتم ٻڌ جو لقب آهي منهنجي ويجهو اهو هڪ محض خيالي ٽُڪ بندي آهي. تاريخي ۽ تحقيقي حيثيت سان هن خيال جي ڪا حيثيت ناهي. ﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰى اَعْلَم﴾

ظاهري طور ائين معلوم ٿئي ٿو ته حضرت ذوالڪفل عَلَيْهِ السَّلَام بني اسرائيل جي نبين مان آهن ۽ بني اسرائيل جي انهن واقعن ۽ احوالن کان علاوه جن جو تفصيل قرآن شريف ۾ مختلف بني اسرائيل جي نبين جي ذڪر ۾ ايندو رهيو آهي، حضرت ذوالڪفل عَلَيْهِ السَّلَام جي زماني جو ڪو خاص واقعو اهڙو نه هو جو عام تبليغ ۽ هدايت کان وڌيڪ پنهنجي اندر عبرت ۽ نصيحت جو پهلو رکندو هجي، ان ڪري قرآن شريف فقط انهن جي نالي تي اڪتفا ڪيو آهي ۽ احوال ۽ واقعن جو ذڪر ناهي ڪيو. ﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰى اَعْلَم﴾

## ﴿37﴾ نهرون ڪنيون ويندیون

حضرت ابنِ عباس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا فرمايو ته الله تعاليٰ پنج نهرون ڪي جنّت مان جاري فرمايو آهي: (1) جيحون (2) يحون (3) دجله (4)

فرات (5) نيل. اهي پنج ئي نهرون هڪ چشمي مان جاري ٿيون، الله تعاليٰ حضرت جبرئيل عَلَيْهِ السَّلَام جي ذريعي جنّت جي هن چشمي کي جبلن جي اندر امانت طور رکيو آهي ۽ جبلن مان اهي نهرون زمين تي جاري ڪيون آهن، جن مان ماڻهو طرح طرح جا فائدا حاصل ڪري رهيا آهن، جڏهن ياجوج ماجوج جي نڪرڻ جو وقت ايندو ته الله تعاليٰ حضرت جبرئيل عَلَيْهِ السَّلَام کي زمين تي موڪليندو ۽ هو ڇهه شيون زمين تان کڻي ويندو.

(1) قرآن مجيد (2) سمورا علم (3) حَجرِ اَسوَد (4) مقامِ ابراهيم (5) موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جو تابوت (6) مٿي ذڪر ڪيل نهرون ۽ جڏهن اهي شيون زمين تان کنيون وينديون ته دين ۽ دنيا جون برڪتون زمين تان کڄي وينديون ۽ ماڻهو انهن جي برڪتن کان بلڪل محروم ٿي ويندا. (تفسير صاوي ج 4 ص 1360، پ 18 المومنون: 18)

الله تعاليٰ قرآن شريف ۾ ارشاد فرمايو ته:

وَ اَنْزَلْنَا مِنَ السَّمَآءِ مَآءًۢ بِقَدَرٍ

فَاَسْكَنّٰهُ فِی الْاَرْضِ ۖۗ وَ اِنَّا عَلٰى ذَهَابٍۭ بِهٖ لَقٰدِرُوْنَ ﴿۱۸﴾

(پ 18 المومنون: 18)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ اسان آسمان مان پاڻي لاٿو هڪ اندازي تي پوءِ ان کي زمين ۾ رهايوسين بيشڪ اسان ان جي نيڻ تي قادر آهيون.

هن آيت ۾ ﴿وَ اِنَّا عَلٰى ذَهَابٍۭ بِهٖ لَقٰدِرُوْنَ ﴿۱۸﴾﴾ جو اهو ئي مطلب آهي ته انهن پاڻي ۽ نهرن کي هڪ وقت کڻي جتان اسان نازل ڪيو اتي پهچائينداسين ۽ زمين مان اهي سڀ ناپيد ٿي ويندا.

**درس هدايت:** ٻانهن تي لازم آهي خداوند قدوس جي انهن نعمتن

www.dawateislami.net

جي شڪرگذاري سان حفاظت ڪن ۽ هرگز هرگز پاڻي کي بيڪار ضايع نہ ڪن ۽ هر وقت خدا کان ڊڄندا رهن تہ ڪٿي اها نعمت اسان کان کسي نہ وڃي. ﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰى اَعْلَم﴾

## ﴿38﴾ انساني تخليق جا مرحلا

الله تعاليٰ وڏو قادر ۽ قيوم آهي، جيڪڏهن اهو چاهي تہ گهڙي کن ۾ هزارين انسانن کي پيدا ڪري ڇڏي پر اهو قادر مطلق پنهنجي ڪامل قدرت باوجود پنهنجي ڪامل حڪمت سان انسانن کي بتدريج شرف وجود بخشيندو آهي، نُطفو ماءُ جي ٻچي داڻي ۾ پهچي طرح طرح جي ڪيفيتن ۾ قسم قسم جي تبديلين مان هڪ خاص مزاج حاصل ڪري ڄميل رت ٿي ويندو آهي، پوءِ اهو ڄميل رت گوشت جي هڪ ٻوٽي بڻجي ويندو آهي، پوءِ گوشت جي ٻوٽي هڏيون بڻجي ويندي آهي پوءِ انهن هڏين تي گوشت چڙهي ويندو آهي ۽ پورو جسم ٺهي ويندو آهي پوءِ ان ۾ روح وڌو ويندو آهي ۽ اهو بي جان بدن جاندار ٿي ويندو آهي ۽ ان ۾ ڳالهائڻ، ٻڌڻ ۽ ڏسڻ وغيره جون مختلف طاقتون رکيون وينديون آهن، پوءِ ماءُ هن ٻار کي ڄڻيندي آهي اهڙي طرح مختلف منزلون ۽ مرحلا طئي ڪري هڪ انسان بتدريج عالمِ وُجود ۾ ايندو آهي، قرآن شريف ۾ تخليق انساني جي انهن مرحلن جو نقشو هنن لفظن ۾ بيان فرمايو آهي:

ثُمَّ جَعَلْنٰهُ نُطْفَةً فِیْ قَرَارٍ مَّكِیْنٍ ﴿۱۳﴾ ثُمَّ خَلَقْنَا النُّطْفَةَ عَلَقَةً فَخَلَقْنَا الْعَلَقَةَ مُضْغَةً فَخَلَقْنَا الْمُضْغَةَ عِظٰمًا فَكَسَوْنَا الْعِظٰمَ لَحْمًا ۗ ثُمَّ اَنْشَاْنٰهُ خَلْقًا اٰخَرَ ؕ فَتَبٰرَكَ اللّٰهُ اَحْسَنُ الْخٰلِقِیْنَ ﴿۱۴﴾ (پ 18 المومنون: 13، 14)

**ترجموڪنزالايمان:** پوءِ ان کي پاڻي جو قطرو ڪيو هڪ مضبوط جاءِ ۾، پوءِ اسان پاڻي جي ان قطري کي رت جو دڳ بڻايو ۽ رت جي دڳ کي گوشت جي ٻوٽي، پوءِ گوشت جي ٻوٽي کي هڏيون ۽ انهن هڏين تي گوشت ڍڪايو، پوءِ ان کي ٻي صورت ۾ پيدا ڪيو، پوءِ وڏي برڪت وارو آهي الله سڀ کان بهتر بڻائيندڙ.

**درس هدايت:** انساني تخليق جي انهن مختلف مرحلن مان گذرڻ ۾ خداوند قدوس جون ڪهڙيون ڪهڙيون حڪمتون ۽ ڇا ڇا مصلحتون پوشيده آهن؟ انهن کي عام انسان ڀلا ۽ ڪيئن سمجهي سگهي ٿو؟ پر گهٽ ۾ گهٽ هر انسان جي لاءِ هن ۾ عبرت ۽ نصيحت جو گهڻو سامان آهي ته جيئن هر انسان اهو سوچيندو رهي ۽ ڪڏهن هن مان غافل نه ٿئي ته مان اصل ۾ ڇا هئس؟ ۽ خداوند قدوس مون کي ڇا مان ڇا بڻائي ڇڏيو؟ اهو غور ڪري خداوند تعاليٰ جي ڪامل قدرت تي ايمان آڻي ۽ ڪڏهن فخر وڏائي ۽ پاڻ پڏائڻ کي پنهنجي ويجهو اچڻ نه ڏي ۽ اهو سوچي ته مان نطفي جي هڪ ڦڙي مان پيدا ٿيو آهيان، هميشه عاجزي، نوڙت ۽ انڪساري سان زندگي گذاري ۽ اهو سوچي قيامت تي به ايمان آڻي ته جنهن خدا مون کي هڪ پاڻي جي نطفي مان انسان بڻايو آهي اهو بيشڪ هن تي به قادر آهي ته مرڻ کان پوءِ ٻيهر زنده ڪري منهنجي نيڪ ۽ بد عملن جو حساب وٺندو. ﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰی اَعْلَمُ﴾

## ﴿39﴾ مبارڪ وڻ

قرآن شريف ۾ مبارڪ وڻ مان مراد ”زيتون“ جو وڻ آهي، طوفان نوح عَلَيْهِ السَّلَام کان پوءِ سڀ کان پهريون هي وڻ آهي جيڪو زمين تي پيدا ٿيو ۽ سڀ کان پهريان جتي ڦٽو اهو ”جبل طور“

آهي جتي حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام خدا سان هم ڪلام ٿيا، زيتون جي وڻ جي ڄمار تمام وڏي ٿيندي آهي، ايستائين جو ڪن عالمن فرمايو تہ ٽي هزار سالن تائين اهو وڻ باقي رهندو آهي.

(تفسير صاوي ج 4 ص 1360، پ 18 المومنون: 20)

حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا فرمايو: زيتون ۾ ڪيئي فائدا ۽ نفعا آهن، هن جي تيل مان ڏيئو ٻاريو ويندو آهي ۽ ٻوڙ لاءِ بہ استعمال ٿيندو آهي ۽ هن سان مٿي ۽ بدن جي مالش ڪئي ويندي آهي ۽ اهو چمڙي جي دباغت جي ڪم ايندو آهي ۽ ان مان باھ بہ ٻاري ويندي آهي ۽ هن جو ڪو جزو بيڪار ناهي، ايستائين جو هن جي رک سان ريشم ڌوئي صاف ڪيو ويندو آهي ۽ نبي سڳورن عَلَيْهِم السَّلَام جي گهرن ۽ مقدس زمينن ۾ ٿيندو آهي ۽ هن وڻ جي لاءِ ستر نبين سڳورن برڪت جي دعا گهري، ايستائين جو حضرت ابراهيم خليل الله عَلَيْهِ السَّلَام ۽ حضور خاتم النبين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مقدس دعائن سان بہ اهو وڻ نوازيو ويو. (تفسير صاوي ج 4 ص 1405، پ 18 نور: 35)

الله تعاليٰ هن مبارڪ وڻ جي باري ۾ فرمايو:

وَشَجَرَةً تَخْرُجُ مِنْ طُوْرِ سَيْنَآءَ تَنْۢبُتُ بِالدُّهْنِ وَصِبْغٍ لِّلْاٰكِلِيْنَ ﴿۲۰﴾

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ اهو وڻ پيدا ڪيو جيڪو طورسينا مان نڪري ٿو ڄمائي ٿو تيل ۽ کائيندڙ جي واسطي ٻوڙ. ( پ 18 المومنون: 20)

ٻي هنڌ ارشاد فرمايو:

يُوْقَدُ مِنْ شَجَرَةٍ مُّبٰرَكَةٍ زَيْتُوْنَةٍ لَّا شَرْقِيَّةٍ وَّلَا غَرْبِيَّةٍ ۙ

**ترجموڪنزالايمان:** روشن ٿئي ٿو برڪت واري وڻ زيتون مان جيڪو نہ اوڀر جو آهي نہ اولهہ جو. (پ 18 النور: 35)

**درس هدايت:** زيتون هڪ وڏي برڪت وارو وڻ آهي ائين تہ اهو هر جڳھ تي بنا ڪنهن محنت ۽ پالنا جي ٿيندو آهي پر خاص ڪري ملڪ شام ۽ عام طور تي عرب ملڪن ۾ جام ٿيندو آهي انهن هنڌن تي هن جو تيل بہ ماڻهو گهڻو استعمال ڪندا آهن ايستائين جو مڪي شريف ۾ ماڻهو گوشت ۽ مڇي بہ هن تيل ۾ پُچي کائيندا آهن، هن جي تيل کي عربي ۾ ﴿زَيْت﴾ چوندا آهن ۽ تيل وڪڻڻ وارن کي ﴿زَيات﴾ چيو ويندو آهي، جيڪڏهن ملي تہ مسلمانن کي گهرجي تہ برڪت جي طور استعمال ڪن ڇو تہ قرآن مجيد ۾ هن کي مبارڪ وڻ فرمايو ويو آهي ۽ ستر نبين سڳورن هن جي برڪت جي لاءِ دعا ڪئي آهي، تنهنڪري هن جي بابرڪت هئڻ ۾ ڪو شڪ شبهو ناهي ۽ جڏهن بابرڪت شيء آهي تہ هن ۾ يقيني طور فائدا ۽ نفعو بہ وڌيڪ هوندو. ﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰی اَعْلَمُ﴾

## ﴿40﴾ اصحاب الرس ڪير آهن؟

”رس“ لغت ۾ پراڻي کوھ کي چيو ويندو آهي، ان ڪري ”اصحاب الرس“ جي معنيٰ آهي ”کوھ وارا“. اللّٰه تعاليٰ قرآن شريف ۾ اصحاب الرس جي نالي سان هڪ قوم جي سرڪشي ۽ نافرماني بيان ڪري انهن جي هلاڪت جو ذڪر ڪيو ويو، جيئن سورة فرقان ۾ ارشاد فرمايو آهي:

وَعَادًا وَّ ثَمُوْدَاۡ وَاَصْحٰبَ الرَّسِّ وَقُرُوْنًۢا بَیْنَ ذٰلِكَ كَثِیْرًا ﴿۳۸﴾ وَكُلًّا ضَرَبْنَا لَهُ الْاَمْثَالَ٘ وَكُلًّا تَبَّرْنَا تَتْبِیْرًا ﴿۳۹﴾

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ عاد ۽ ثمود ۽ کوھ وارن کي ۽ انهن جي وچ ۾ گهڻيئي قومون ۽ اسان سمورن جي واسطي مثال بيان فرمايا ۽ سمورن کي تباھ ڪري مٽايو. (پ 19 الفرقان 38، 39)

۾ سورة ق ۾ هلاڪ ٿيل قومن جي فهرست بيان ڪندي الله تعاليٰ هن طرح فرمايو آهي:

كَذَّبَتْ قَبْلَهُمْ قَوْمُ نُوْحٍ وَّ اَصْحٰبُ الرَّسِّ وَ ثَمُوْدُ ﴿۱۲﴾ وَعَادٌ وَّ فِرْعَوْنُ وَ اِخْوَانُ لُوْطٍ ﴿۱۳﴾ وَّ اَصْحٰبُ الْاَيْكَةِ وَقَوْمُ تُبَّعٍ ؕ كُلٌّ كَذَّبَ الرُّسُلَ فَحَقَّ وَعِيْدِ ﴿۱۴﴾

**ترجموڪنزالايمان:** انهن کان اڳين ڪوڙو ڇيو نوح جي قوم ۽ رس وارن ثمود ۽ عاد ۽ فرعون ۽ لوط جي قوم وارن ۽ ھُڙي وارن ۽ تبع جي قوم انهن مان هرهڪ رسولن کي ڪوڙو ڇيو پوءِ منهنجي عذاب جو واعدو ثابت ٿي ويو. (پ 26 ق 12 تا 14)

”اصحاب الرس“ ڪير هئا؟ ۽ ڪٿي رهندا هئا؟ هن باري ۾ مفسرن جا قول مختلف آهن، حقيقت ظاهر ٿيڻ بدران وڌيڪ مونجهاري واري ٿي وئي آهي، بهرحال اسان مختصر طور ڪي قول ذڪر ڪري پوءِ هڪ پنهنجو پسنديده قول به تحرير ڪيون ٿا:

**پهريون قول:** علامہ ابن جرير جي مطابق ”رس“ جي معنيٰ غار به آهي ان ڪري ”اصحاب الاخدود“ (کڏ وارن) ئي کي ”اصحاب الرس“ به چوندا آهن.

**ٻيون قول:** ابن عساڪر پنهنجي تاريخ ۾ هن قول کي صحيح ڇيو آهي ته ”اصحاب الرس“ قومِ عاد کان صديون اڳ ۾ هڪ قوم جو نالو هو، اهي ماڻهو جنهن هنڌ تي آباد هئا اتي الله تعاليٰ هڪ پيغمبر حضرت حنظلہ بن صفوان کي مبعوث فرمايو، هن سرڪش قوم پنهنجي نبي جي ڳالھ نہ مڃي ۽ ڪنهن طرح بہ حق کي قبول نہ ڪيو بلڪ پنهنجي پيغمبر کي قتل ڪري ڇڏيو، جنهن جي سزا ۾ پوري قوم عذابِ الٰهي سان هلاڪ ٿي وئي.

(تفسير سورة فرقان ۽ تاريخ ابن ڪثير ج 1)

www.dawateislami.net

**ٽيون قول:** ابن ابي حاتم جو قول آهي تہ آذربائيجان جي ويجهو هڪ کوهہ هو ان کوهہ جي ويجهو جيڪا قوم آباد هئي ان پنهنجي نبي کي کوهہ ۾ زنده دفن ڪيو هو، ان ڪري انهن ماڻهن کي ”اصحاب الرس“ چيو ويو. (تفسير ابن ڪثير ج 6 ص 101 پ 19 الفرقان: 38)

**چوٿون قول:** قتاده چوي ٿو تہ ”يمامہ“ جي علائقي ۾ ”فلج“ نالي هڪ وسندي هئي، ”اصحاب الرس“ اتي ئي آباد هئا ۽ هي اها ئي قوم جنهن کي قرآن شريف ۾ ”اصحاب القريہ“ بہ چيو ويو آهي ۽ مختلف نسبتن سان سڏيا ويندا آهن.

**پنجون قول:** ابوبڪر عمر نقاش ۽ سهيلي چون ٿا: ”اصحاب الرس“ جي آبادي ۾ هڪ تمام وڏو کوهہ هو جنهن مان اهي ماڻهو پاڻي پيئندا هئا ۽ ان سان پنهنجي فصلن جي آبپاشي ڪندا هئا ۽ انهن ماڻهن گمراهہ ٿي پنهنجي پيغمبر کي قتل ڪيو هو، هن جرم ۾ عذاب الٰهي نازل ٿيو ۽ هي سڄي قوم هلاڪ ۽ برباد ٿي وئي.

**ڇهون قول:** محمد بن ڪعب قرظي فرمائن ٿا تہ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ﴿اِنَّ اَوَّلَ النَّاسِ يَدْخُلُ الْجَنَّةَ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ الْعَبْدُ الْاَسْوَدُ﴾ يعني جنّت ۾ سڀ کان پهريان جيڪو شخص داخل ٿيندو اهو هڪ ڪارو غلام هوندو.

۽ هي ان ڪري جو هڪ وسندي ۾ الله تعالىٰ پنهنجو نبي موڪليو پر هڪ ڪاري غلام کان سواءِ ڪنهن ان تي ايمان نہ آندو پوءِ شهر وارن هن نبي کي هڪ کوهہ ۾ وجهي کوهہ کي هڪ وڏي پٿر سان بند ڪري ڇڏيو تہ جيئن ڪو کولي نہ سگهي، پر

www.dawateislami.net

اهو ڪارو غلام روزانو جهنگ مان ڪاٺيون وڍي ان کي وڪڻي
ڪاڏو خريد ڪندو هو ۽ کوهه تي پهچي پٿر کڻندو ۽ نبي جي
خدمت ۾ ڪاڏو پيش ڪندو هو، ڪجهه ڏينهن کان پوءِ الله تعاليٰ
هن غلام تي جهنگ ۾ ننڊ طاري ڪئي ۽ اهو چوڏهن سالن تائين
ستل رهجي ويو، هن دوران قوم جي دل بدلجي وئي ۽ انهن
ماڻهن نبي کي کوهه مان ڪڍي توبہ ڪئي ۽ ايمان قبول ڪيو پوءِ
ڪجهه ڏينهن کان پوءِ نبي جي وفات ٿي وئي، چوڏهن سالن کان
پوءِ جڏهن ڪاري غلام جي اک کلي تہ ان سمجهيو مان ڪجهه
ڪلاڪ ستو آهيان، جلدي جلدي ڪاٺيون ڪٽي اهو شهر ۾ پهتو
تہ اهو ڏٺو تہ شهر جا حالات بدليل آهن پڇا ڪئي تہ سڄو قصو
معلوم ٿيو ۽ ان غلام جي باري ۾ نبي اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم
ارشاد فرمايو: جنّت ۾ سڀ کان پهريان ڪارو غلام ويندو.

(تفسير ابن ڪثير ج 6 ص 101 پ 19 الفرقان: 38)

**ستون قول:** مشهور مؤرخ علّامہ مسعودي بيان ڪري ٿو تہ
اصحاب الرس حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جي اولاد مان آهن ۽ هي
بہ قبيلا هئا، "قيدما" (قيدماه) ۽ ٻيو "يامين" يا "رعويل" ۽ اهي
ٻئي قبيلا يمن ۾ آباد هئا.

**اٺون قول:** مصر جو هڪ عالم فرج الله ذڪي ڪردي چوي ٿو
تہ "رس" ، "ارس" جو مخفف آهي ۽ اهو قفقاز شهر جي علائقي
۾ موجود آهي هن وادي ۾ الله تعاليٰ هڪ نبي کي موڪليو
جنهن جو نالو ابراهيم زردشت هو، انهن پنهنجي قوم کي سچي
دين جي دعوت ڏني پر ان جي قوم سرڪشي ۽ بغاوت ڪئي پوءِ
اها قوم عذاب الٰهي سان هلاڪ ڪئي وئي.

”اصحاب الرس“ جي باري ۾ اهي اٺ قول آهن جنهن مان سيني
تي بحث ڪري سگھجي ٿو ۽ ماڻهن انهن قولن ۽ روايتن تي
بحث ڪيو جنهن جو تفصيل ڪي بيان ڪري اسان پنهنجي
مختصر ڪتاب ڪي ديگھ ڏيڻ پسند نٿا ڪيون.
خلاصو اهو آهي: ”اصحاب الرس“ جي باري ۾ قرآن شريف مان
ايتري خبر پوي ٿي تہ انهن جو وجود يقينًا حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام
جي وچ واري زماني جي ڪنهن قوم جو تذڪرو آهي يا ڪنهن
قديمي دؤر جي قوم جو ذڪر آهي تہ قرآن شريف هن باري ۾
ڪجھ بہ بيان نہ ڪيو آهي ۽ متي ذڪر ڪيل تفسيري روايتن
مان هن جو قطعي فيصلو ڪرڻ تمام مشڪل آهي. ﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰی اَعْلَم﴾

## ﴿41﴾ اصحاب ايڪ جي هلاڪت

”ايڪ“ جھاڙي (يعني ڪنديدرا ننڍن وڻن) ڪي چئبو آهي،انهن
ماڻهن جو شهر سرسبز جھنگ ۽ سرسبز وڻن جي وچ ۾ هو، اللّٰه
تعاليٰ هن ماڻهن جي هدايت لاءِ حضرت شعيب عَلَيْهِ السَّلَام ڪي موڪليو،
پاڻ اصحاب ايڪ“جي سامهون جيڪو وعظ فرمايو اهو قرآن
شريف ۾ هن طرح بيان ڪيو ويو آهي، پاڻ فرمايائون:

اَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿۱۷۷﴾ اِنِّیْ لَكُمْ رَسُوْلٌ اَمِیْنٌ ﴿۱۷۸﴾ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَ اَطِیْعُوْنِ ﴿۱۷۹﴾ وَ
مَاۤ اَسْــٴَـلُكُمْ عَلَیْهِ مِنْ اَجْرٍ ۚ اِنْ اَجْرِیَ اِلَّا عَلٰى رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ ﴿۱۸۰﴾ اَوْفُوا
الْكَیْلَ وَ لَا تَكُوْنُوْا مِنَ الْمُخْسِرِیْنَ ﴿۱۸۱﴾ وَ زِنُوْا بِالْقِسْطَاسِ الْمُسْتَقِیْمِ
﴿۱۸۲﴾ وَ لَا تَبْخَسُوا النَّاسَ اَشْیَآءَهُمْ وَ لَا تَعْثَوْا فِی الْاَرْضِ مُفْسِدِیْنَ ﴿۱۸۳﴾ وَ
اتَّقُوا الَّذِیْ خَلَقَكُمْ وَ الْجِبِلَّةَ الْاَوَّلِیْنَ ﴿۱۸۴﴾ قَالُوْۤا اِنَّمَاۤ اَنْتَ مِنَ الْمُسَحَّرِیْنَ

www.dawateislami.net

﴿١٨٥﴾ وَ مَآ اَنْتَ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُنَا وَ اِنْ نَّظُنُّكَ لَمِنَ الْكٰذِبِيْنَ ﴿١٨٦﴾ فَاَسْقِطْ
عَلَيْنَا كِسَفًا مِّنَ السَّمَآءِ اِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿١٨٧﴾ قَالَ رَبِّيْٓ اَعْلَمُ بِمَا
تَعْمَلُوْنَ ﴿١٨٨﴾ فَكَذَّبُوْهُ فَاَخَذَهُمْ عَذَابُ يَوْمِ الظُّلَّةِ ؕ اِنَّهٗ كَانَ عَذَابَ يَوْ
مٍ عَظِيْمٍ ﴿١٨٩﴾ (پ 19 الشعراء: 177 تا 189)

**ترجموڪنزالايمان:** چا توهان ڊڄو نہ تا بيشڪ مان توهان جي واسطي الله جو امانت وارو رسول آهيان، پوءِ الله کان ڊڄو ۽ منهنجو حڪم مڃو ۽ مان ان تي توهان کان ڪا مزدوري نہ ٿو گهران، منهنجو اجر تہ انهيءَ تي آهي جيڪو سموري جهان جو ربّ آهي، ماپ پوري ٺيڪ طرح ڪريو ۽ گهٽتائي ڪندڙن مان نہ ٿيو ۽ سڌي تارازيءَ سان توريو ۽ ماڻهن کي شيون گهٽ ڪري نہ ڏيو ۽ زمين ۾ فساد پکيڙندي نہ ڦرو، ۽ ان کان ڊڄو جنهن توهان کي پيدا ڪيو ۽ اڳين مخلوق کي، چيائون توتي جادو ٿيو آهي ۽ تون نہ آهين مگر اسان جهڙو ماڻهو ۽ بيشڪ اسان توکي ڪوڙو سمجهون ٿا پوءِ اسان تي آسمان جو ٽڪرو ڪيراءِ جيڪڏهن تون سچو آهين، فرمايائين منهنجو ربّ خوب ڄاڻي ٿو توهان جي ڪرتوتن کي، پوءِ انهن ان کي ڪوڙو سمجهيو، پوءِ انهن کي شامياني واري ڏينهن جي عذاب اچي وٺ ڪيو، بيشڪ اهو وڏي ڏينهن وارو عذاب هو.

خلاصو اهو تہ ”اصحاب ايڪ“ حضرت شعيب عَلَيْهِ السَّلَام جي اصلاحي تقرير بڌي بدزباني ڪئي ۽ پنهنجي سرڪشي، غرور ۽ وڏائي جو اظهار ڪندي پنهنجي پيغمبر کي نہ مڃيو ايستائين جو پنهنجي سرڪشي ظاهر ڪري پيغمبر کي اهو چيو تہ جيڪڏهن اوهان سچا آهيو تہ اسان تي آسمان تان ڪو ٽڪرو ڪيرائي اسان کي هلاڪ ڪري ڇڏيو.

ان ڪان پوءِ ان قوم تي خداوند قهار ۽ جبّار جو سخت عذاب آيو اهو عذاب ڇا هو؟ پڙهو ۽ عبرت حاصل ڪريو.

حديث شريف ۾ آيو آهي تہ الله تعاليٰ انهن ماڻهن تي جهنّم جو دروزاو کوليو جنهن جي سبب سڄي آبادي ۾ شديد گرمي، اُس جي حرارت ۽ تپش ڦهلجي وئي ۽ ڳوٺ وارن جو ساهہ ٻوساٽجڻ لڳو، اهي ماڻهو پنهنجي گهرن ۾ داخل ٿيڻ لڳا ۽ پاڻ تي پاڻي جو ڇڻڪار ڪرڻ لڳا پر پاڻي ۽ ڇانو سان انهن کي ڪو چين ۽ سڪون نہ ملندو هو ۽ گرمي جي تپش سان انهن جا بدن سڙي رهيا هئا، پوءِ الله تعاليٰ هڪ بادل موڪليو جيڪو شامياني جيان سڄي بستي تي ڇانئجي ويو ۽ ان ۾ ٿڌاڻ ۽ فرحت بخش هوا هئي، اهو ڏسي سيئي گهروارا نڪري بادل جي شامياني ۾ اچي ويا جڏهن تمام ماڻهو بادل جي هيٺ اچي ويا تہ زلزلو آيو ۽ آسمان تان باهہ وسي، جنهن سان سيئي مَڪڙ جيان تڙپي تڙپي سڙي ويا. انهن پنهنجي سرڪشي سان اهو چيو هو: اي شعيب! اسان تي آسمان تان ڪو ٽڪر ڪيرائي هلاڪ ڪر، پوءِ اهو ئي عذاب هن صورت ۾ هن سرڪش قوم تي آيو ۽ سيئي سڙي خاڪ ٿي ويا. (تفسير صاوي ج 4 ص 1474 پ 19 الشعراء: 189)

**هڪ ضروري وضاحت:** واضح رهي تہ حضرت شعيب عَلَيۡهِ السَّلَام ٻن قومن ڏانهن رسول بڻائي موڪليا ويا ، هڪ ”قومِ مدين“ٻي ”اصحابِ ايڪہ“. انهن ٻنهي قومن اوهان کي نہ مڃيو ۽ پنهنجي سرڪشي ۽ طغيان جو مظاهرو ڪيو ۽ پنهنجي سرڪشي ظاهر ڪندي انهن ٻنهي قومن اوهان سان بي ادبي ۽ بدزباني ڪئي ۽ ٻئي قومون عذاب الٰهي سان هلاڪ ڪيون ويون، ”اصحابِ مَدين“ تي اهو عذاب

www.dawateislami.net

آيو تہ ﴿فَاَخَذَتۡهُمُ الصَّيۡحَةُ﴾ يعني حضرت جبرائيل عَلَيۡهِ السَّلَام جي رڙ ۽ چنگهاڙ جي هولناڪ آواز سان زمين لُڏي وئي ۽ ماڻهن جون دليون خوف ۽ دهشت مان ڏکي ويون ۽ سيئي گهڙي کن ۾ موت جي منهن ۾ هليا ويا. ۽ اصحاب ايڪ ﴿عَذَابُ يَوۡمِ الظُّلَّةِ﴾ سان هلاڪ ڪيا ويا جنهن جو تفصيلي بيان هينئر اوهان پڙهي چڪا آهيو. (تفسير صاوي ج 4 ص 1473 پ 19 الشعراء: 176)

## ﴿42﴾ حضرت موسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام جي هِجرت

حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جي ننڍپڻ کان ئي فرعون جي محل ۾ پالنا ٿي پر جڏهن جوان ٿيا تہ فرعون ۽ ان جي قبطي قوم جا ظلم ڏسي بيزار ٿي ويا ۽ فرعونين جي خلاف آواز اٿارڻ شروع ڪيو، ان تي فرعون ۽ ان جي قوم جيڪا ”قبطي“ سڏائيندي هئي اوهان جي دشمن ٿي وئي ۽ اوهان فرعون جو محل بلڪ ان جو شهر جڏي آسپاس لڪي رهڻ لڳا، هڪ ڏينهن جڏهن شهر وارا منجهند جو قيلولو ڪري رهيا هئا تہ اوهان خاموشي سان شهر ۾ داخل ٿيا ۽ ان شهر جو نالو ”منف“ هو جيڪو مصر جي حدن ۾ واقع آهي ۽ ”منف“ اصل ۾ ”ماف“ هو جيڪو عربي ۾ منف ٿي ويو ۽ ڪن جو قول آهي تہ اهو شهر ”عين الشمس“ هو ۽ ڪن مفسرن چيو تہ اهو شهر ”حابين“ هو جيڪو مصر کان ٻہ ڪوهہ پري آهي. (تفسير خازن ج 3 ص 427 پ 20 القصص 14) يا ”ام خنان“ يا مصر هو.
(تفسير صاوي ج 4 ص 1522 پ 20 القصص: 14)

جڏهن اوهان شهر ۾ پهتا تہ اهو ڏٺو تہ هڪ شخص اوهان جي قوم جو اسرائيلي ۽ هڪ شخص فرعون جي قوم جو قبطي ٻئي

پاڻ ۾ وڙهي رهيا آهن، اسرائيلي حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي فرياد ڪري مدد گهري، ان تي حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام قبطي کي هڪ مڪ هنئي جنهن سان ان جو ساهه نڪري ويو ان تي اوهان کي گهڻو افسوس ٿيو ۽ پاڻ خدا کان بخشش جي دعا ڪرڻ لڳا، فرعون جي قوم وارن فرعون کي اها خبر ڏني ته ڪنهن اسرائيلي اسان جي هڪ قبطي کي ماري ڇڏيو آهي ان تي فرعون قاتل ۽ گواهن جي ڳولها جو حڪم ڏنو.

فرعوني هر پاسي ڳولها لاءِ نڪتا پر ڪو پتو نه پيو، سڄي رات صبح تائين موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام فڪر مند رهيا ته الله ڄاڻي ان قبطي کي مارڻ جو ڇا نتيجو نڪرندو ۽ ان جي قوم ڇا ڪندي؟ ٻئي ڏينهن جڏهن موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي وري اهڙو اتفاق پيش آيو ته اهو ئي اسرائيلي جنهن هڪ ڏينهن اڳ اوهان کان مدد گهري هئي اڄ وري هڪ فرعوني سان وڙهي رهيو آهي ته پاڻ اسرائيلي کي دڙڪا ڏنا ته تون روز روز ماڻهن سان وڙهين ٿو پاڻ کي پريشاني ۾ وجهين ٿو ۽ پنهنجي مددگارن کي به فڪر ۾ مبتلا ڪرين ٿو، پر پوءِ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي اسرائيلي تي رحم آيو ۽ پاڻ چاهيو ته هن کي فرعوني جي ظلم کان بچائي ته اسرائيلي چيو: اي موسيٰ! ڇا تون مون کي به ائين قتل ڪرڻ چاهين ٿو جيئن ڪلهه توهان هڪ ماڻهو کي قتل ڪيو، ڇا توهان اهو چاهيو ٿا ته زمين تي سخت گير ٿيو ۽ اصلاح نٿا چاهيو، ايتري ۾ شهر جي ڪناري کان هڪ شخص ڀڄندو آيو ۽ اها خبر ڏني ته فرعون جي دربار ۾ قبطي اوهان جي قتل جو پاڻ ۾ مشورو ڪري رهيا آهن، تنهن ڪري اوهان شهر مان ٻاهر نڪري وڃو مان اوهان جو ڀلو

چاهيندڙ آهيان تہ پاڻ شهر مان نڪري ويا ۽ هن انتظار ۾ رهيا تہ ڏسان هاڻ ڇا ٿئي ٿو؟ پوءِ اوهان اها دعا گهري تہ اي منهنجا رب! مون کي ظالمن کان بچاءِ، هي دعا گهري اوهان هجرت ڪري مدين حضرت شعيب عَلَيۡهِ السَّلَام وٽ پهتا، انهن اوهان کي پناه ڏني پوءِ پنهنجي هڪ نياڻي بيبي صفورا سان سندن نڪاح بہ ڪيو.

(پ 20 القصص: 15 23 ملخصًا)

جنهن شخص شهر جي ڪناري کان ڀڄندي اچي حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام کي سندن قتل جي منصوبي تيار ٿيڻ جي خبر ڏني ۽ هجرت جو مشورو ڏنو اهو فرعون جي چاچي جو پٽ هو، جنهن جو نالو حزقيل يا شمعون يا سمعان هو، فرعون جو اهو خاندان حضرت موسيٰ عَلَيۡهِالسَّلَام تي ايمان آڻي چڪو هو.

(تفسير صاوي ج 4 ص 1524 پ 20 القصص: 20)

**درس هدايت:** هن واقعي مان علماءِ حق کي عبرت ۽ نصيحت حاصل ڪرڻ گهرجي تہ حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام ۽ ٻين نبين سڀني عَلَيۡهِمُ السَّلَام کي تبليغ جي راه ۾ ڪهڙا ڪهڙا حادثا پيش آيا پر انهن صبر ۽ استقامت جو دامن نہ ڇڏيو ايستائين جو نُصرتِ خداوندي انهن جي مدد ڪئي ۽ اهي مقدس هستيون ڪامياب ٿيون ۽ دشمنن کي ناڪامي ۽ هلاڪت نصيب ٿي. ﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰی اَعۡلَم﴾

## ﴿43﴾ ڪوريئَڙي جو ڄار

ڪافرن بتن کي معبود بڻائي انهن جي مدد ۽ اعانت، نُصرت ۽ نفعو پهچائڻ تي جيڪو اعتماد ۽ ڀروسو رکيو آهي الله تعاليٰ ڪافرن جي هنن بيوقوفين جو اظهار ۽ انهن جي خود فريبين جو پردو چاڪ ڪرڻ جي لاءِ هڪ عجيب مثال بيان فرمايو آهي،

جيڪو وڏو عبرت وارو ۽ وڏي درجي جو نصيحت وارو آهي، جيئن قرآن شريف ۾ ارشاد فرمايو آهي:

مَثَلُ الَّذِيْنَ اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اَوْلِيَآءَ كَمَثَلِ الْعَنْكَبُوْتِ ۖۚ اِتَّخَذَتْ بَيْتًا ؕ وَ اِنَّ اَوْهَنَ الْبُيُوْتِ لَبَيْتُ الْعَنْكَبُوْتِ ۘ لَوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ ﴿۴۱﴾

(پ 20 العنڪبوت: 41)

**ترجموڪنزالايمان:** انهن جو مثال جن الله کان سواء ٻيا مالڪ ناهي ورتا آهن ڪوريئڙي وانگر آهي جنهن جاري جو گهر ناهيو ۽ بيشڪ سمورن گهرن ۾ ڪمزور گهر ڪوريئڙي جو آهي، ڪهڙو نہ چڱو هو جيڪڏهن ڄاڻن ها.

مطلب اهو آهي تہ ڪوريئڙو جار جو گهر ناهي پنهنجي خيال ۾ مگن رهندو آهي تہ مان گهر ۾ وينل آهيان پر ان جي گهر جو اهو حال آهي جو اهو نہ اُس کان بچائي سگهي ٿو، نہ برسات کان، نہ گرمي کان محفوظ رکي سگهي ٿو، نہ سردي کان حفاظت ڪري سگهي ٿو ۽ هوا جي معمولي جهونڪي سان تباهہ ۽ برباد ٿي ويندو آهي اهو ئي حال ڪافرن جو آهي انهن ماڻهن بتن کي پنهنجي نفعي نقصان جو مالڪ ناهيو آهي ۽ انهن بتن جي مدد ۽ نصرت تي اعتماد ۽ ڀروسو رکيو آهي، حالانڪ بتن کان هرگز هرگز ڪو نفعو نقصان نٿو پهچي سگهي ۽ ڪافرن جو بتن تي اعتماد ڪرڻ ايترو ئي ڪمزور سهارو آهي جيترو ڪوريئڙي جو جار ڪمزور هوندو آهي، ڪاش ڪافر هن ڳالهہ کي سمجهي وٺن ها تہ انهن جي لاءِ هي تمام سٺو هجي ها.

**ڪوريئڙو:** ڪوريئڙو هڪ عجيب جانور آهي ان جا اٺ پير ۽ ڇهہ اکيون هونديون آهن، گهڻو قناعت پسند جانور آهي، پر خدا جو

شان تہ سيئي حريص جانور يعني مک ۽ مڇر ان جي غذا آهن، ڪوريئڙو ڪيئي ڪيئي ڏينهن تائين بڪايل اُڃايل رهندو آهي پر پنهنجي ڄار مان نڪري ڪاڏي جي تلاش ناهي ڪندو، جڏهن ڄار جي اندر ڪا مک يا مڇر ڦاسي ويندو آهي تہ هي ان کي کائي وٺندو آهي نہ تہ صبر ۽ قناعت ڪندو آهي.

ڪوريئڙي جي فضيلت ۾ اها ڳالھ خاص ڪري واڪاڻ جوڳي آهي هجرت جي وقت جڏهن رسول اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم غار ثور ۾ تشريف فرما هئا تہ ڪوريئڙي غار جي منهڙ تي ڄارو ناهيو هو ۽ ڪبوترِيءَ آنا لاٿا هئا، جنهن کي ڏسي ڪافر ان ڪري واپس موٽي ويا تہ جيڪڏهن ڪو شخص غار ۾ موجي ها تہ ڪوريئڙي جو ڄار ۽ آنا ٽٽي وڃن ها. (تفسير صاوي ج 4 ص 1564 پ 20 العنڪبوت: 41)

حضرت علي رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ پاڻ فرمايائون: پنهنجي گهرن تان ڪوريئڙن جي ڄارن کي پري ڪندا رهو ڇو تہ اهو مفلسي ۽ ناداري جو سبب هوندو آهي. (خزائن العرفان ص 722 پ 20 العنڪبوت: 41)

## ﴿44﴾ حضرت لقمان حڪيم

حضرت لقمان جي ساراهہ ۽ واکاڻ ۽ سندن ڪن نصيحتن جو تذڪرو قرآن ۾ وڏي عظمت ۽ شان سان بيان ڪيو ويو آهي ۽ انهن جي نالي سان قرآن شريف جي هڪ سورت جو نالو ”سورة لقمان“ رکيو ويو.

محمد بن اسحاق صاحب مغازي حضرت لقمان جو نسب نامو هن طرح بيان ڪيو آهي لقمان بن باعور بن باحور بن تارخ، هي اهي ئي تارخ آهن جيڪي حضرت ابراهيم خليل الله عَلَيْهِ السَّلَام جا والد آهن۽ مؤرخن فرمايو تہ پاڻ حضرت ايوب عَلَيْهِ السَّلَام جا ڀاڻيجا

هئا ۽ ڪن جو قول آهي پاڻ حضرت ايوب عَلَيۡهِالسَّلَام جا ماسات هئا.

حضرت لقمان کي هڪ هزار سال جي عمر ملي، ايستائين جو حضرت داؤد عَلَيۡهِ السَّلَام جي صحبت ۾ رهي انهن کان علم پرايو ۽ حضرت داؤد عَلَيۡهِ السَّلَام جي بعثت کان پهريان اوهان بني اسرائيل جا مفتي هئا، پر جڏهن حضرت داؤد عَلَيۡهِ السَّلَام نبوت جي منصب تي فائز ٿيا تہ اوهان فتويٰ ڏيڻ ڇڏي ڏني، ۽ ڪجھ ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ حضرت لقمان فرمايو آهي: مون چار هزار نبين جي خدمت ڪئي آهي ۽ انهن مقدس پيغمبرن جي گفتگو مان اٺ ڳالهين کي چونڊي ياد ڪيو آهي، جيڪي هي آهن:

(1) جڏهن توهان نماز پڙهو پنهنجي دل جي حفاظت ڪريو.

(2) جڏهن توهان کاڌو کائو تہ پنهنجي نڙي جي حفاظت ڪريو.

(3) جڏهن توهان ڪنهن غير جي گهر ۾ رهو تہ اکين جي حفاظت ڪريو.

(4) جڏهن توهان ماڻهن جي مجلس ۾ رهو تہ زبان جي حفاظت ڪريو.

(5) الله تعاليٰ کي هميشہ ياد رکو.

(6) پنهنجي موت کي هميشہ ياد رکندا ڪيو.

(7) پنهنجي احسانن کي وساري ڇڏيو.

(8) ٻين جي ظلم کي وساري ڇڏيو.

حضرت عِڪرمہ ۽ اِمام شعبي کان علاوه سيني جمهور عالمن جو اهو ئي قول آهي تہ اوهان نبي نہ هئا، بلڪ اوهان دانا هئا ۽ بني اسرائيل جا نهايت ئي وڏي مرتبي وارا صاحب ايمان ۽ ناليوارا نيڪ انسان هئا ۽ الله تعاليٰ سندن سيني کي حڪمتن جو خزينو بڻايو هو، قرآن شريف ۾ آهي:

وَ لَقَدْ اٰتَیْنَا لُقْمٰنَ الْحِكْمَةَ اَنِ اشْكُرْ لِلّٰهِ ؕ وَ مَنْ یَّشْكُرْ فَاِنَّمَا یَشْكُرُ لِنَفْسِهٖ ۚ وَ مَنْ كَفَرَ فَاِنَّ اللّٰهَ غَنِیٌّ حَمِیْدٌ ﴿۱۲﴾ (پ 21 لقمان: 12)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ بيشڪ اسان لقمان کي حڪمت عطا فرمائي جو الله جو شڪر ڪر ۽ جيڪو شڪر ڪري اهو پنهنجي ڀلائي جي واسطي شڪر ڪري ٿو ۽ جيڪو ناشڪري ڪري پوءِ بيشڪ الله بي نياز ساراهيل آهي سمورين خوبين سان.

حضرت لقمان سڄي عمر ماڻهن کي نصيحت ڪندا رهيا، تفسير فتح الرحمان ۾ آهي ته سندن قبر ”صرفند“ نالي جڳهه تي آهي جيڪو ”رمله“ جي ويجهو آهي ۽ حضرت قتاده جو قول آهي ته حضرت لقمان جي قبر ”رمله“ ۾ مسجد ۽ بازار جي وچ ۾ آهي، ان جڳهه تي ستر نبي سڳورا عَلَيۡهِمُ السَّلَام به دفن ٿيل آهن جن کي اوهان کان بعد يهودين بيت المقدس مان ڪڍي ڇڏيو هو ۽ اهي بک ۽ اُڃ جي سبب تڙپي تڙپي وفات ڪري ويا هئا، اوهان جي قبر تي هڪ بلند نشان آهي ۽ ماڻهو هن قبر جي زيارت جي لاءِ پري پري کان ايندا آهن. (تفسير روح البيان ج 7 ص 77 پ 21، لقمان: 12)

**حڪمت ڇا آهي:** ”حڪمت“ عقل ۽ فهم کي چيو ويندو آهي ۽ ڪن چيو ته حڪمت معرفت ۽ معاملن ۾ ڏاهپ جو نالو آهي، ڪن جي ويجهو حڪمت اهڙي شيء آهي جو الله تعاليٰ جنهن جي دل ۾ رکي ڇڏيندو آهي ان جي دل روشن ٿي ويندي آهي وغيره وغيره مختلف قول آهن. الله تعاليٰ حضرت لقمان کي ننڊ جي حالت ۾ اوچتو حڪمت عطا فرمائي، بهرحال نبوت جيان حڪمت به هڪ وهبي شيء آهي، ڪو شخص پنهنجي جدوجهد ۽ ڪسب سان

حڪمت حاصل نٿو ڪري سگھي، جيئن ربّ تعاليٰ جي عطا بغير ڪو شخص پنهنجي ڪوشش سان نُبُوّت حاصل نٿو ڪري سگھي، ۽ هي ٻي ڳالھ آهي جو نبوت جو درجو حڪمت جي مرتبي کان وڌو اوچو ۽ اعليٰ آهي. (ملخصا تفسير روح البيان ج 7 ص 74 پ 21، لقمان: 11)

حضرت لقمان پنهنجي فرزند جنهن جو نالو ”انعم“ هو، کي ڪجھ نصيحتون ڪيون جنهن جو ذڪر قرآن شريف جي سورة لقمان ۾ آهي، ان کان علاوه ٻيون بہ ڪوڙ ساريون نصيحتون آهن جيڪي اوهان ڪيون ۽ تفسير جي ڪتابن ۾ موجود آهن.

مشهور آهي اوهان درزي جو پيشو ڪندا هئا ۽ ڪن چيو تہ اوهان ٻڪريون چاريندا هئا، هڪ ڀيري اوهان حڪمت ڀريون ڳالهيون ڪري رهيا هئا تہ ڪنهن چيو اوهان فلان ٻڪرار تہ نہ آهيو؟ پاڻ فرمايائون: چو نہ مان يقيناً اهو ئي ٻڪرار آهيان تہ ان چيو: اوهان حڪمت جي هن مرتبي تي ڪيئن فائز ٿيا؟ تہ پاڻ فرمايائون: ڳالهين ۾ سچائي، امانتن جي ادائيگي ۽ بيڪار ڳالهين کان پرهيز ڪرڻ جي ڪري. (تفسير صاوي ج 5 ص 1598 پ 21، لقمان: 12)

## ﴿45﴾ امانت ڇا آهي؟

الله تعاليٰ قرآن شريف ۾ امانت جو بيان ڪندي ارشاد فرمايو:

اِنَّا عَرَضْنَا الْاَمَانَةَ عَلَى السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ وَ الْجِبَالِ فَاَبَیْنَ اَنْ یَّحْمِلْنَهَا وَ اَشْفَقْنَ مِنْهَا وَ حَمَلَهَا الْاِنْسَانُ ؕ اِنَّهٗ كَانَ ظَلُوْمًا جَهُوْلًا ﴿۷۲﴾ لِّیُعَذِّبَ اللّٰهُ الْمُنٰفِقِیْنَ وَ الْمُنٰفِقٰتِ وَ الْمُشْرِكِیْنَ وَ الْمُشْرِكٰتِ وَ یَتُوْبَ اللّٰهُ عَلَى الْمُؤْمِنِیْنَ وَ الْمُؤْمِنٰتِ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِیْمًا ﴿۷۳﴾ (پ 22 الاحزاب: 72، 73)

www.dawateislami.net

**ترجموڪنزالايمان:** بيشڪ اسان امانت پيش فرمائي آسمانن ۽ زمين ۽ جبلن تي، پوءِ انهن ان جي کڻڻ کان انڪار ڪيو ۽ ان کان ڊڄي ويا ۽ انسان انهيءَ کي کڻي ورتو، بيشڪ اهو پنهنجي جان کي سخت مشقت ۾ وجهڻ وارو وڏو نادان آهي، تہ جيئن الله عذاب ڏي منافق مردن ۽ منافق عورتن ۽ مشرڪ مردن ۽ مشرڪ عورتن کي ۽ الله توبہ قبول فرمائي مسلمان مردن ۽ مسلمان عورتن جي ۽ الله بخشڻھار مهربان آهي.

اها امانت جيڪا الله تعاليٰ آسمانن ۽ زمينن ۽ جبلن تي پيش ڪئي تہ انهن سيني خوف الٰهي مان ڊڄي اها امانت قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو پر انسان امانت جي هن بوجهہ کي کڻي ورتو، سوال اهو آهي تہ اها اَمانت حقيقت ۾ ڪهڙي شيء هئي؟ تہ هن باري ۾ مفسرن جا ڪجهہ قول آهن پر حضرت علامہ احمد صاوي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمايو تہ هن امانت بابت بهترين تفسير هي آهي تہ اها امانت شرعي پابندين جي ذميواري آهي.

روايت آهي جڏهن الله تعاليٰ شريعت جي پابندين کي آسمانن ۽ زمينن ۽ جبلن جي روبرو پيش ڪيو تہ انهن ٺنهي عرض ڪيو: اي رب تعاليٰ! اسان کي هي وزن کڻڻ سان ڇا حاصل ٿيندو؟ الله تعاليٰ فرمايو: جيڪڏهن توهان ان (شرعي احڪامن) جي پابندي ڪريو تہ توهان کي بهترين صلو ۽ انعام ڏنو ويندو تہ ٺنهي جواب ۾ عرض ڪيو: اي باري تعاليٰ اسان تہ بهرحال تنهنجي حڪم جا فرمانبردار آهيون، باقي ثواب ۽ عذاب سان اسان کي ڪو مطلب ناهي پر خوف الٰهي مان ڏڪندي انهن ٺنهن هن امانت کي قبول ڪرڻ کان پنهنجي معذوري ظاهر ڪندي انڪار ڪيو، پوءِ الله تعاليٰ هن امانت کي حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي سامهون پيش ڪيو تہ اوهان بہ دريافت ڪيو تہ امانت جي ذميداري قبول

ڪرڻ سان اسان کي ڇا ملندو؟ ته باري تعاليٰ فرمايو: جيڪڏهن اوهان چڱي طرح هن جي پابندي ڪندؤ ته توهان کي وڏن وڏن انعامن ۽ نوازشن سان نوازيو ويندو ۽ جيڪڏهن توهان نافرماني ڪئي ته طرح طرح جي عذابن ۾ گرفتار ڪيو ويندو ته حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام هن امانت جي بار کي کڻي ورتو ته ان وقت الله تعاليٰ فرمايو: اي آدم! هن سلسلي ۾ مان تنهنجي مدد ڪندس.

(تفسير صاوي ج 5 ص 1659 پ 22، الاحزاب: 72)

**درس هدايت:** ابليس آدم عَلَيۡهِ السَّلَام کي سجدو ڪرڻ بابت خدا جو حڪم مڃڻ کان انڪار ڪيو ته اهو الله جي بارگاهه مان مردود ٿي بنهي جهانن ۾ مردود ٿي ويو. پر آسمانن، زمينن ۽ جبلن امانت کڻڻ جي باري ۾ حڪم الٰهي مڃڻ کان انڪار ڪيو ته اهي بلڪل ڌوهي نه ڇيا ويا، هن جو ڪهڙو سبب آهي؟ ۽ هن ۾ ڇا راز آهي؟ ته هن سوال جو جواب هي آهي ته ابليس جو انڪار تڪبر جي ڪري هو ۽ آسمانن وغيره جو انڪار تواضع جي ڪري هو، يعني ابليس پاڻ کي وڏو سمجهي آدم عَلَيۡهِ السَّلَام کي سجدو ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ ظاهر آهي ته تڪبر وڏو گناهه آهي جيڪو الله کي بيحد ناپسند آهي ۽ تواضع (نوڙت) اها پياري ادا آهي جيڪا خداوند قدوس کي بيحد محبوب آهي، اهو ئي سبب آهي جو ابليس انڪاري ٿي عذاب دارين جو حقدار بڻجي ويو ۽ آسمان ۽ زمين وغيره انڪار ڪري سزا جا حقدار نه ٿيا بلڪ خدا جي رحم ۽ ڪرم جا حقدار ٿيا.

الله اڪبر! ڪٿي تڪبر ۽ ڪٿي عاجزي؟ ڪٿي پاڻ کي وڏو سمجهڻ ۽ ڪٿي پاڻ کي ننڍو سمجهڻ، بنهي ۾ عظيم فرق آهي،

www.dawateislami.net

الله تعاليٰ اسان کي تکبر کان بچائي ۽ تواضع (عاجزي) جو عادي بڻائي. آمين ﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰی اَعۡلَم﴾

## ﴿46﴾ جن ۽ جانور فرمانبردار

حضرت سليمان عَلَيۡهِ السَّلَام جو هڪ خاص معجزو ۽ سندن سلطنت جو خاص امتياز اهو هو جو سندن حڪمراني ۾ صرف انسان نه هئا بلڪ جن ۽ حيوان به تابع هئا ۽ سيئي سندن اقتدار جا تابعدار هئا ۽ اهو سڀ ان ڪري ٿيو جو حضرت سليمان عَلَيۡهِ السَّلَام هڪ ڀيري بارگاهِ خُداوندي عَزَّوَجَلَّ اها دعا گهري هئي:

رَبِّ اغۡفِرۡ لِیۡ وَهَبۡ لِیۡ مُلۡكًا لَّا یَنۡۢبَغِیۡ لِاَحَدٍ مِّنۡۢ بَعۡدِیۡ ۚ اِنَّكَ اَنۡتَ الۡوَهَّابُ ﴿۳۵﴾

**ترجموڪنزالايمان:** اي منهنجا رب مون کي بخش ۽ مون کي اهڙي بادشاهي عطا ڪر جو مون کان پوءِ ڪنهن کي به لائق نه هجي، بيشڪ تون ئي آهين وڏو عطا ڪرڻ وارو. (پ 23 ص: 35)

پوءِ الله تعاليٰ سندن دعا قبول ڪئي ۽ اوهان کي اهڙي عجيب وغريب حڪومت ۽ بادشاهي عطا ڪئي جو اوهان کان اڳ ۾ نه ڪنهن کي ملي، نه بعد ۾ ڪنهن کي ملندي.

حضرت ابوهريره رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ روايت ڪن ٿا ته نبي اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ ڏينهن ارشاد فرمايو: گذريل رات هڪ سرڪش جن اها ڪوشش ڪئي ته منهنجي نماز ۾ خلل وجهي ته رب تعاليٰ مون کي ان تي غلبو ڏنو ۽ مون ان کي پڪڙيو ان کان پوءِ مون ارادو ڪيو ته ان کي مسجد جي ٿنڀي سان ٻڌي ڇڏيان ته جيئن اوهان سيئي ان کي ڏسي سگهو، پر ان وقت مون کي پنهنجي ڀاءُ سليمان (عَلَيۡهِ السَّلَام) جي اها دعا ياد آئي: رَبِّ اغۡفِرۡ لِیۡ وَ هَبۡ لِیۡ مُلۡكًا لَّا

يَنْۢبَغِيْ لِاَحَدٍ مِّنْۢ بَعْدِيْ ۚ اِنَّكَ اَنْتَ الْوَهَّابُ ﴿۳۵﴾ اها ياد ايندي ئي مون ان کي ڇڏي ڏنو. (بخاري شريف ڪتاب الانبياء ج 1 ص 486، فتح الباري ڪتاب الانبياء رقم الحديث 3423 ج 6 ص 566)

حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هن ارشاد جو مطلب اهو آهي ته جيتوڻيڪ خداوند تعالىٰ سيني نبين ۽ رسولن جا خصائص ۽ معجزا ۽ خصوصي امتيازات ۽ ڪمالات مون ۾ جمع ڪيا آهن، ان ڪري قومِ جنّ کي قابو ڪرڻ به منهنجي وس ۾ آهي پر جيئن ته حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام هن خاصيت کي پنهنجي لاءِ امتيازي وصف قرار ڏنو آهي ته ان ڪري مون هن سلسلي جو مظاهرو ڪرڻ مناسب نه سمجهيو، قرآن شريف جي هيٺ ڏنل آيتن ۾ به حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام جي هن معجزاڻي اقتدار حڪومت جو تذڪرو آهي:

وَ مِنَ الشَّيٰطِيْنِ مَنْ يَّغُوْصُوْنَ لَهٗ وَ يَعْمَلُوْنَ عَمَلًا دُوْنَ ذٰلِكَ ۚ وَ كُنَّا لَهُمْ حٰفِظِيْنَ ﴿۸۲﴾ (پ 17 الانبياء: 82)

ترجموڪنزالايمان: ۽ شيطانن مان اهي جيڪي ان جي واسطي ٽبي هڻندا آهن ۽ ان کان سواءِ ٻيا ڪم ڪندا هئا ۽ اسان انهن کي روڪيندڙ هئاسين.

اهڙي طرح سورة سبا ۾ ارشاد آهي:

وَ مِنَ الْجِنِّ مَنْ يَّعْمَلُ بَيْنَ يَدَيْهِ بِاِذْنِ رَبِّهٖ ؕ وَ مَنْ يَّزِغْ مِنْهُمْ عَنْ اَمْرِنَا نُذِقْهُ مِنْ عَذَابِ السَّعِيْرِ ﴿۱۲﴾ يَعْمَلُوْنَ لَهٗ مَا يَشَآءُ مِنْ مَّحَارِيْبَ وَ تَمَاثِيْلَ وَ جِفَانٍ كَالْجَوَابِ وَ قُدُوْرٍ رّٰسِيٰتٍ (پ 22 سبا: 12، 13)

www.dawateislami.net

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ جنن مان اهي جيڪي ان جي ڪم ڪندا هئا سندس رب جي حڪم سان ۽ جيڪو انهن مان اسان جي حڪم کان ڦري اسان ان کي ڀڙڪندڙ باهه جو عذاب چکائينداسين، ان جي واسطي ٺاهيندا ها ڏگها وڏا محل ماڙيون جيڪي هو گهري ۽ تصويرون ۽ وڏن حوض جي برابر پيالا ۽ لنگردار ديڳيون.

۽ سورة نمل ۾ اهو فرمايو ويو:

وَ حُشِرَ لِسُلَيْمٰنَ جُنُوْدُهٗ مِنَ الْجِنِّ وَ الْاِنْسِ وَ الطَّيْرِ فَهُمْ يُوْزَعُوْنَ ﴿۱۷﴾

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ گڏ ڪيا ويا سليمان جي واسطي سندس لشڪر جنن ۽ انسانن ۽ پکين منجهان پوءِ اهي روڪيا ويندا هئا. (پ 19 النمل: 17)

۽ سورة صٓ ۾ هن طرح ارشاد فرمايو ويو ته

وَ الشَّيٰطِيْنَ كُلَّ بَنَّآءٍ وَّ غَوَّاصٍ ﴿۳۷﴾ وَّ اٰخَرِيْنَ مُقَرَّنِيْنَ فِي الْاَصْفَادِ ﴿۳۸﴾ هٰذَا عَطَآؤُنَا فَامْنُنْ اَوْ اَمْسِكْ بِغَيْرِ حِسَابٍ ﴿۳۹﴾ (پ 23 ص: 37 تا 39)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ اختيار هيٺ ڏئي ڇڏيا ديو هر طرح جا ڪاريگر ۽ ٽوٻا ۽ ٻيا بيڙين ۾ جڪڙيل، هي اسان جي عطا آهي پوءِ تون چاهين ته احسان ڪر يا پاڻ وٽ جهل تو تي ڪو حساب نه آهي.

**درس هدايت:** ڪي ملحد جيڪي معجزن جي انڪار ۽ جنن جي انڪار واري مرض ۾ مبتلا آهن اهي ماڻهو انهن آيتن جي باري ۾ عجيب و غريب فضول ڳالهيون بڪندا رهندا آهن ۽ چوندا آهن ته "جن" مان مراد انسانن جي هڪ اهڙي قوم جيڪا ان زماني ۾ وڏي سگهاري ۽ ديوپيڪر هئي اها حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام کان علاوه ڪنهن جي قابو ۾ نه ايندي هئي ۽ حيوانن جي تسخير جي باري ۾ اها بڪواس ڪن ٿا ته قرآن ۾ هن سلسلي ۾صرف "هُدهُد" جو ذڪر آهي ۽ هتي "هدهد" مان پکي مراد ناهي، بلڪ هدهد هڪ

شخص جو نالو هو جيڪو پاڻي جي ڳولها تي مقرر هو، هن قسم جي لغويات ۾ هلڪيون ڳالهيون ڪرڻ وارا يا تہ اِلحاد جي جذبي ۾ جاٽي واٽي قرآن شريف جي تحريف ڪندا آهن يا قرآن جي تعليم کان جاهل هئڻ جي باوجود پنهنجي دعويٰ تي بغير ڪنهن دليل جي اصرار ڪندا آهن.

خوب سمجهي وٺو تہ قرآن شريف ”جن“ جي باري ۾ مختلف هنڌن تي چٽو اعلان ڪيو آهي تہ اهي انسان کان جدا هڪ ٻي مخلوق آهي، صرف هڪ آيت پڙهو جيڪا هن بابت قول فيصل آهي:

وَمَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَالْاِنْسَ اِلَّا لِيَعْبُدُوْنِ ﴿۵۶﴾

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ مان جن ۽ انسان فقط انهيءَ لاءِ پيدا ڪيا جو منهنجي بندگي ڪن. (پ 27 الذاريات: 56)

ڏسو هن آيت ۾ جن کي انسان کان جدا هڪ مخلوق ظاهر ڪري ٻنهي جي تخليق جي حڪمت بيان ڪئي وئي آهي، تنهنڪري هن آيت کي سامهون رکندي اهو چوڻ تہ جن انسانن مان ئي هڪ طاقتور قوم جو نالو آهي غور ڪيو اها ڪيڏي وڏي جهالت جي ڳالهہ آهي.

اهڙي طرح جڏهن ”هُدهُد“ کي الله تعاليٰ قرآن شريف ۾ صاف صاف پکي فرمايو آهي ۽ ارشاد فرمايو: وَ تَفَقَّدَ الطَّيْرَ (پ 19 النمل: 20)

يعني حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام پکين جو جائزو ورتو تہ ان صراحت کان پوءِ ڪنهن کي ڪهڙو حق آهي تہ ان جي خلاف ڪا فضول ڳالهہ يا اجائي تاويل ڪري ۽ اهو چوي تہ هدهد پکي نہ هو بلڪ هڪ ماڻهو جو نالو هو، سوچيو اهو مغرب زده ملحدن جو علم

آهي يا جهالت جو قطب مينار آهي.

وَلَا حَوۡلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ الۡعَلِيِّ الۡعَظِيۡمِ

## ﴿47﴾ هوا تي حڪومت

حضرت سليمان عَلَيۡهِ السَّلَام جو اهو خاص معجزو ۽ سندن نُبُوّت جو خاص امتياز هو جو الله تعاليٰ ”هوا“ کي انهن جي حق ۾ مسخر (تابع) ڪيو، اها انهن جي فرمان هيٺ ڪئي وئي، حضرت سليمان عَلَيۡهِ السَّلَام جڏهن چاهين ته صبح جو هڪ مهيني جي مسافت ۽ شام جو هڪ مهيني جي مسافت جي مقدار هوا تي سفر ڪري وٺندا هئا.

قرآن ڪريم سندن هن معجزي جي باري ۾ ٽي ڳالهيون بيان ڪيون آهن، هڪ اها ته هوا کي حضرت سليمان عَلَيۡهِ السَّلَام جي تابع ڪيو ويو، ٻي اها ته هوا سندن حڪم جي اهڙي طرح تابع هئي جو شديد تيز وتند هئڻ جي باوجود انهن جي حڪم سان نرم ۽ آهستہ روي سبب راحت تي ويندي هئي، ٽين ڳالهہ اها جو هوا جي نرم رفتاري جي باوجود هن جي تيزرفتاري جو هي عالم هو جو حضرت سليمان عَلَيۡهِ السَّلَام جا صبح ۽ شام جا جدا جدا سفر، هڪ شهسوار جي لاڳيتو هڪ مهيني جي رفتار جي برابر هئا، جڻ حضرت سليمان عَلَيۡهِ السَّلَام جو تخت انجڻ ۽ مشين جهڙن ظاهري اسباب کان بالاتر صرف سندن حڪم سان هڪ تيزرفتار هوائي جهاز کان بہ وڌيڪ تيز پر سبڪ روي سان هوا جي ڪنڌ تي اڏامندو ويندو هو.

هن مقام تي تخت سليمان ۽ سندن سفر جي باري ۾ جيڪا تفصيل سيرت جي ڪتابن ۽ تفسيرن ۾ منقول آهي انهن مان

ڪيئي واقعا اسرائيليات جو ذخيرو آهن جنهن کي ڪي واعظ سڳورا بيان ڪندا آهن، پر اهي قابل اعتبار نہ آهن ۽ انهن تي ڪيئي اعتراض بہ ٿين ٿا، قرآن شريف هن واقعي جي باري ۾ صرف ايترو بيان ڪيو آهي:

وَلِسُلَيْمٰنَ الرِّيْحَ عَاصِفَةً تَجْرِيْ بِاَمْرِهٖۤ اِلَى الْاَرْضِ الَّتِيْ بٰرَكْنَا فِيْهَا ؕ وَكُنَّا بِكُلِّ شَيْءٍ عٰلِمِيْنَ ﴿۸۱﴾ (پ 17 الانبياء: 81)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ سليمان جي واسطي تيز هوا تابع ڪئي سين جو ان جي حڪم سان هلندي هئي ان زمين جي طرف جنهن ۾ اسان برڪت رکي ۽ اسان کي هر شيء معلوم آهي.

۽ سورة سبا ۾ اهو ارشاد فرمايو

وَ لِسُلَيْمٰنَ الرِّيْحَ غُدُوُّهَا شَهْرٌ وَّ رَوَاحُهَا شَهْرٌ ۚ

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ هوا سليمان جي وس ۾ ڪري ڇڏيائين ان جي صبح جي منزل هڪ مهيني جي واٽ ۾ ۽ شام جي منزل هڪ مهيني جي راهہ هئي. (پ 22 سبا: 12)

۽ سورة صٓ ۾ فرمايو:

فَسَخَّرْنَا لَهُ الرِّيْحَ تَجْرِيْ بِاَمْرِهٖ رُخَآءً حَيْثُ اَصَابَ ۙ﴿۳۶﴾

**ترجموڪنزالايمان:** پوءِ اسان هوا ان جي تابع ڪري ڇڏي جو ان جي حڪم سان نرم نرم هلندي هئي جتي اهو چاهي. (پ 23 ص: 36)

## ﴿48﴾ ٽامي جا چشما

حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام جيئن تہ عظيم الشان عمارتون ۽ شاندار قلعا ناهڻ جا شوقين هئا ان ڪري ضرورت هئي تہ گاري ۽ چُوني

جي بدران پگهريل ذات استعمال ڪيو وڃي پر ايتري وڏيڪ مقدار ۾ اهو ڪيئن ميسر ٿئي اهو سوال هو جنهن جو حل حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام چاهيندا هئا. الله تعاليٰ حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام جي هن مشڪل کي هن طرح حل ڪيو جو انهن کي پگهريل ٽامي جا چشما عطا ڪيا ويا.

ڪي مفسر لکن ٿا: الله تعاليٰ ضرورت جي مطابق حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام جي لاءِ ٽامي کي پگهاري ڇڏيندو هو ۽ اهو حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام جي لاءِ هڪ خاص نشان ۽ انهن جو معجزو هو، اوهان کان پهريان ڪو شخص ذات کي پگهارڻ نہ ڄاڻندو هو.

(تذڪرة الانبياء ص 377 پ 22، سبا: 12)

۽ نجار چوي ٿو تہ الله تعاليٰ حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام تي اهو انعام فرمايو جو زمين جي جن حصن تي آتشي مادن جي ڪري ٽامو پاڻي جيان پگهري وهي رهيو هو ان چشمن کي حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام تي ظاهر ڪيو هو، اوهان کان اڳ ۾ ڪو بہ شخص زمين جي اندر ذات جي چشمن کان آگاهہ نہ هو، جيئن ابن ڪثير قتاده جي حوالي سان نقل ڪن ٿا: پگهريل ٽامي جا چشما يمن ۾ هئا جن کي الله تعاليٰ حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام تي ظاهرفرمايا .

(البدايہ والنهايہ ج 2 ص 28)

قرآن شريف هن بابت ڪو تفصيل بيان نہ ڪيو آهي تہ ٽامي جا چشما ڪهڙي شڪل ۾ حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام کي مليا پر قرآن جي جنهن آيت ۾ هن معجزي جو ذڪر آهي مٿي بيان ڪيل توجيهات هن آيت جو مصداق بڻجي سگهن ٿيون، اها آيت هي آهي:

وَ اَسَلْنَا لَهٗ عَيْنَ الْقِطْرِ ؕ (پ 22 سبا: 12)

ترجموڪنزالايمان: ۽ اسان ان جي واسطي پگهريل ٽامي جو چشمو وهايو.

www.dawateislami.net

**درس هدايت:** هوا تي حڪومت ۽ پگهريل ٽامي جي چشمن جو ملڻ اهو حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام جو معجزو آهي جيڪو قرآن شريف مان ثابت آهي هن تي ايمان آڻڻ ضروريات دين مان آهي، ڪي ملحد جن ڪي معجزا نہ مڃڻ جي بيماري تي آهي اهي انهن معجزن جي باري ۾ عجيب عجيب فضول ڳالهيون ۽ اجايون تاويلون ڪندا آهن، مسلمانن تي لازم آهي تہ انهن ملحدن جي ڳالهين تي توجهہ نہ ڏين ۽ معجزن تي يقين رکي ايمان آڻن.﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰی اَعْلَم﴾

## ﴿49﴾ حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام جا گهوڙا

هڪ ڀيري جهاد جي هڪ مهم جي موقعي تي شام جي وقت حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام گهوڙن ڪي اصطبل مان آڻڻ جو حڪم ڏنو، جڏهن اهي پيش ڪيا ويا جيئن تہ اوهان ڪي گهوڙن جي نسل ۽ انهن جي ذاتي وصفن جي علم ۾ ڪمال حاصل هو، ان ڪري جڏهن اوهان انهن گهوڙن ڪي اصيل تيز ۽ خوبصورت ڏٺو ۽ اهو جو انهن جو تعداد بہ گهڻو آهي تہ اوهان تي خوشي ۽ مسرت واري ڪيفيت طاري ٿي وئي ۽ پاڻ فرمائڻ لڳا: انهن گهوڙن سان منهنجي محبت اهڙي مالي محبت ۾ شامل آهي جيڪا پروردگار جي ذڪر جو هڪ شعبو آهي، حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام جي هن غور ۽ فڪر دوران گهوڙا اصطبل ڏانهن هليا ويا، جڏهن اوهان نظر ڪنئي تہ اهي گهوڙا نگاهہ کان غائب ٿي ويا، تہ پاڻ حڪم ڏنو تہ انهن گهوڙن ڪي واپس آڻيو.

جڏهن اهي گهوڙا واپس آندا ويا تہ حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام جوش محبت ۾ انهن گهوڙن جي پنين ۽ ڪلهن تي هٿ ڦيرڻ ۽ ٿاپي

ڏيڻ لڳا، جيئن تہ اهي گهوڙا جهاد جو سامان هو ان ڪري اوهان هنن جي عزت ۽ اڪرام ڪندي هڪ ماهر جيان انهن گهوڙن ڪي هيرائڻ لڳا ۽ محبت جو اظهار ڪرڻ لڳا، قرآن شريف ۾ هن واقعي ڪي هيٺ ڏنل عبارت ۾ بيان فرمايو آهي:

وَ وَهَبْنَا لِدَاوٗدَ سُلَيْمٰنَ ؕ نِعْمَ الْعَبْدُ ؕ اِنَّهٗۤ اَوَّابٌ ﴿۳۰﴾ اِذْ عُرِضَ عَلَيْهِ بِالْعَشِيِّ الصّٰفِنٰتُ الْجِيَادُ ﴿۳۱﴾ فَقَالَ اِنِّيْۤ اَحْبَبْتُ حُبَّ الْخَيْرِ عَنْ ذِكْرِ رَبِّيْ ۚ حَتّٰى تَوَارَتْ بِالْحِجَابِ ﴿۳۲﴾ رُدُّوْهَا عَلَيَّ ؕ فَطَفِقَ مَسْحًۢا بِالسُّوْقِ وَ الْاَعْنَاقِ ﴿۳۳﴾ (پ 23 ص: 30 تا 33)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ اسان داؤد ڪي سليمان عطا فرمايو ڪهڙو نہ چڱو پانهو بيشڪ اهو ڏاڍو رجوع ڪرڻ وارو هو، جڏهن ان جي اڳيان پيش ڪيا ويا ٽيپهريءَ جو گهوڙا روڪ تہ ٽن پيرن تي بيهن چوٿين سنب جي ڪنڊ زمين تي لڳائي هلائين تہ هوا ٿي وڃي پوءِ سليمان چيو بيشڪ مون کي هنن گهوڙن جي محبت پسند آئي پنهنجي رب جي ياد جي واسطي پوءِ انهن جي هلائڻ جو حڪم ڏنائين تان جو نگاهہ کان پردي ۾ غائب ٿي ويا پوءِ حڪم ڏنائين تہ انهن کي مون وٽ آڻيو پوءِ انهن جي پنين تي ۽ ڳچي تي هٿ ڦيرائڻ لڳو.

**درس هدايت:** هنن آيتن جي تفسير جيڪا اسان لکي آهي هن کي ابن جرير طبري ۽ امام رازي ترجيح ڏني آهي ۽ حضرت عبدالله بن عباس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ بہ اها تفسير ڪئي آهي، جنهن کي نقل علي بن ابي طلحہ ڪيو آهي، هنن آيتن جي تفسير ۾ ڪن مفسرن گهوڙن جي پنين ۽ گهوڙن جي منڍين کي تلوار سان ڪپڻ بابت لکيو آهي ۽ هن جهڙن بين قولن کي بہ لکيو آهي جنهن جي صحيح هئڻ تي ڪو بہ دليل ناهي، اهي محض حڪايتون ۽ داستان آهن جيڪي قوي دليلن جي هوندي ڪنهن بہ طرح قابل قبول

www.dawateislami.net

ناهن ۾ اها تفسير جيڪا اسان لکي آهي ان تي نہ ڪو اعتراض آهي نہ ڪنهن تاويل جي ضرورت پيش اچي ٿي.
(خزائن العرفان ص 819 پ 23 ص 33)

## ﴿50﴾ جبلن ۽ پکين جي تسبيح

حضرت داؤد عَلَيْهِ السَّلَام خداوند قدوس جي تسبيح ۽ تقديس ۾ تمام گهڻو مشغول ۽ مصروف رهندا هئا ۽ پاڻ ايترا سُريلي آواز وارا هئا جو جڏهن زبور شريف پڙهندا هئا تہ سندن بهترين آواز سان نہ صرف انسان بلڪ جانور ۽ پکي بہ وجد ۾ اچي ويندا هئا ۽ سندن چوڌاري اچي خدا جي حمد جا ترانا ڳائيندا هئا ۽ پنهنجي پنهنجي سُريلي ۽ پُرڪيف آوازن ۾ تسبيح ۽ تقديس ۾ حضرت داؤد عَلَيْهِ السَّلَام سان گڏ تعريف ڪندا هئا ۽ چرند پرند نہ بلڪ جبل بہ خداوند تعاليٰ جي حمد ۽ ثنا ۾ گونجڻ لڳندا هئا، حضرت داؤد عَلَيْهِ السَّلَام جي انهن معجزن جو ذڪر جميل الله تعاليٰ سورة انبياء، سورة سبا ۽ سورة صٓ ۾ صراحت سان ڪيو آهي:

وَ سَخَّرْنَا مَعَ دَاوٗدَ الْجِبَالَ یُسَبِّحْنَ وَ الطَّیْرَ ؕ وَ كُنَّا فٰعِلِیْنَ ﴿۷۹﴾

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ دائود ڪي جبل مسخر (تابع) ڪري ڏنا جو تسبيح پڙهندا هئا ۽ پکي ۽ اهي اسان جا ڪم هئا. (پ 17 الانبيا: 79)

۽ سورة سبا ۾ هن طرح ارشاد فرمايو:

وَ لَقَدْ اٰتَیْنَا دَاوٗدَ مِنَّا فَضْلًا ؕ یٰجِبَالُ اَوِّبِیْ مَعَهٗ وَ الطَّیْرَ ۚ (پ 22 سبا: 10)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ بيشڪ اسان دائود ڪي پنهنجو وڏو فضل ڏنو اي جبلؤ ان سان گڏ الله جي طرف رجوع ڪريو ۽ اي پکيؤ.

۽ سورة صٓ ۾ ارشاد رباني هن طرح ٿيو آهي:

اِنَّا سَخَّرْنَا الْجِبَالَ مَعَهٗ یُسَبِّحْنَ بِالْعَشِیِّ

وَ الْاِشْرَاقِ ﴿۱۸﴾ وَ الطَّیْرَ مَحْشُوْرَةً ؕ كُلٌّ لَّهٗۤ اَوَّابٌ ﴿۱۹﴾ (پ 23 ص: 18، 19)

**ترجموڪنزالايمان:** بيشڪ اسان ان سان گڏ پهاڙ تابع فرمائي ڇڏيا جو تسبيح چوندا آهن شام جو ۽ صبح جو ۽ پکي گڏ ڪيل سمورا ان جا فرمانبردار هئا.

**درس هدايت:** بي عقل پکي ۽ بي جان جبل جڏهن خداوند قدوس جي تسبيح ۽ تقديس جو نغمو ڳائن ٿا، جيئن قرآن شريف جي ذڪر ڪيل آيتن ۾ اوهان پڙهي چڪا ته هن مان اسان انسانن کي اهو سبق ملي ٿو ته اسان انسان جيڪي عقل وارا، هوش مند ۽ زبان وارا آهيون اسان تي به لازم آهي ته اسان خداوندِ قدوس جي حمد ۽ ثنا جي افڪار کي زبان تي جاري ڪيون ۽ ان جي تسبيح ۽ تقديس ۾ برابر مشغول رهون.

حضرت شيخ سعدي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هن سلسلي ۾ هڪ نهايت ئي لطيف، لذيذ ۽ نهايت اثرائتي حڪايت بيان ڪئي آهي هن کي پڙهو ۽ عبرت ۽ نصيحت حاصل ڪيو، اهي فرمائن ٿا:

دوش مرغے بصبح می نالید　　　عقل و صبرم ربود و طاقت و هوش

هڪ پکي صبح جو بولي رهيو هو ان جي آواز سبب منهنجو عقل، صبر، طاقت ۽ هوش سڀ هليا ويا.

یکے از دوستانِ مخلص را　　　مگر آوازِ من رسید بگوش

منهنجي هڪ مخلص دوست جي ڪن ۾ شايد منهنجو آواز پهچي ويو.

گفت باور نداشتم کہ ترا　　　بانگ مرغے چنیں کند مدهوش

ته ان چيو مون کي يقين نه ٿو اچي ته هڪ پکي جو آواز

توهان کي هن طرح مدهوش ڪري ڇڏيندو.

گفتم اين شرط آدميت نيست　　　مرغ تسبيح خوان و من خاموش

تہ مون چيو اهو آدميت جو شان ناهي جو پکي تسبيح پڙهي ۽ مان خاموش رهان.

## ﴿51﴾ ملائڪن جا وار ۽ پر

الله تعاليٰ ملائڪن جا بازو ۽ پر بڻايا آهن جنهن ذريعي اهي آسماني فضا ۾ اڏامي ڪائناتِ عالم ۾ رباني حڪمن جي تعميل ڪندا آهن ڪنهن ملائڪ جا ٻہ ۽ ڪنهن جا ٽي ۽ ڪنهن جا چار پر آهن.

علامہ زمخشري جو بيان آهي تہ مان ڪن ڪتابن ۾ پڙهيو تہ ملائڪن جو هڪ قسم اهڙو بہ آهي جنهن کي رب تعاليٰ ڇهہ ڇهہ بازو ۽ پر عطا ڪيا آهن، ٻن پرن سان تہ اهي پنهنجي بدن کي لڪائي رکندا آهن ۽ ٻن پرن سان اڏامندا آهن ۽ ٻہ پر انهن جي چهرن تي آهن جنهن سان اهي خدا کان حياء ڪندي پنهنجي چهرن کي لڪائي رکندا آهن.

۽ حديث شريف ۾ آهي تہ رسول اڪرم صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم بيان فرمايو تہ مون ”سدرة المنتهيٰ“ وٽ حضرت جبرئيل کي ڏٺو تہ انهن جا ڇهہ سو بازو هئا ۽ اها بہ هڪ روايت آهي تہ حضور صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حضرت جبرئيل عَلَیْہِ السَّلَام کي چيو تہ اوهان پنهنجي اصلي صورت ڏيکاريو تہ انهن جواب ڏنو: اوهان تاب نہ آڻي سگهندو تہ پاڻ ڪريم صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: مون کي هن جي خواهش بلڪ تمنا آهي تہ حضرت جبرئيل عَلَیْہِ السَّلَام هڪ ڀيري پنهنجي اصل صورت ۾ وحي ڪٽي حاضر ٿيا تہ انهن کي ڏسندي ئي اوهان تي غشي طاري ٿي وئي تہ حضرت جبرئيل عَلَیْہِ السَّلَام

پنهنجي بدن تي ٽيڪ لڳائي اوهان کي سنڀالي رکيو ۽ پنهنجو هڪ هٿ حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سيني تي ۽ هڪ هٿ ٻنهي ڪلهن جي وچ ۾ رکيو، جڏهن اوهان کي افاقو ٿيو ته حضرت جبرئيل عَلَيْهِ السَّلَام عرض ڪيو ته يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيڪڏهن اوهان حضرت اسرافيل کي ڏسي وٺو ها ته اوهان جو ڇا حال ٿئي ها؟ انهن کي ته الله تعالٰي ٻارهن هزار ٻازو عطا ڪيا آهن ۽ انهن جو هڪ ٻازو اوپر ۾ ۽ ٻيو اولهه ۾ آهي، اهي عرش الٰهي کي پنهنجي ڪلهن تي کنيو بيٺا آهن. (تفسير صاوي ج 5 ص 1686، پ 22، فاطر: 1)

ملائڪن جي ٻازوئن ۽ پرن جي باري ۾ سورة فاطر ۾ آهي:

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ فَاطِرِ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ جَاعِلِ الْمَلٰٓىِٕكَةِ رُسُلًا اُولِیْۤ اَجْنِحَةٍ مَّثْنٰى وَ ثُلٰثَ وَ رُبٰعَ ؕ یَزِیْدُ فِی الْخَلْقِ مَا یَشَآءُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَیْءٍ قَدِیْرٌ ﴿۱﴾ (پ 22 فاطر: 1)

**ترجموڪنزالايمان:** سموريون خوبيون الله جي واسطي جيڪو آسمانن ۽ زمينن جو ٺاهيندڙ ملائڪن کي رسول ڪندڙ جن جا ٻه ٻه ٽي ٽي ۽ چار چار پر آهن وڌائي ٿو پيدائش ۾ جيڪي گهري بيشڪ الله هر شيء تي قادر آهي.

**درس هدايت:** ملائڪن جي وجود تي ايمان آڻڻ ضروريات دين مان آهي ۽ هن تي به ايمان آڻڻ ضروري آهي ته ملائڪن جا ٻازو ۽ پر به آهن، ڪنهن جا ٻه ته ڪنهن جا ٽي، ڪنهن جا چار ۽ ڪنهن جا هن کان به وڌيڪ آهن، هاڻي رهيو اهو سوال ته ملائڪن جا ايترا گهڻا پر ڇو ۽ ڪيئن آهن؟ ته قرآن هن جو بهترين ۽ خاموش ڪرڻ وارو جواب ڏنو آهي ته الله تعالٰي جي قدرت جي ڪا حد ناهي اهو

هر شيءِ تي قادر آهي، تنهنڪري اهو سڀ ڪجهه ڪري سگهي ٿو اهو ملائڪن کي وار ۽ پر به عطا ڪري سگهي ٿو ۽ بيشڪ عطا فرمايا به آهن تنهنڪري هن سلسلي ۾ بحث مباحثو ۽ سوال جواب اهي سڀ گمراهي جا دروازا آهن، ايمان جي خيريت هن ۾ آهي ته بنا چون چرا جي هن تي ايمان آڻي ۽ چو ۽ چا لاءِ ۽ ڪيئن بابت علم کي ﴿اَللّٰهُ اَعۡلَمُ﴾ چئي رب تعاليٰ جي سپرد ڪري ڇڏيو.

## ﴿52﴾ ابوجهل جي ڳچي جو طوق

هڪ ڀيري ابوجهل ۽ ان جي قبيلي جي ٻن ماڻهن قسم کنيو ته جيڪڏهن اسان محمد (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) کي ڏٺو ته اسان پٿر سان ان جو مٿو چٿي ڇڏينداسين، جڏهن حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نماز جي لاءِ حرم ڪعبه ۾ تشريف کڻي ويا ۽ ابوجهل حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڏٺو ته هڪ وڏو پٿر پنهنجي ٻنهي هٿن ۾ کڻي اڳتي وڌيو ۽ ان پٿر کي پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي اڇلائڻ لاءِ پنهنجي مٿي کان مٿي هٿ کنيا ته ان جا ٻئي هٿ ان جي ڳچي ۾ اچي ويا ۽ پٿر ان جي هٿن ۾ چنبڙي پيو ۽ ٻئي هٿ طوق ٻڌجي ڪاڏي وٺ ٻڌجي ويا ۽ اهو اهڙي طرح ناڪام موٽي آيو، ان کان پوءِ ٻئي ڏينهن وليد بن مغيره ڪاوڙجي چيو توهان پٿر مون کي ڏيو، مان انهن کي مٿي تي هڻندس، پوءِ ان بدنصيب جڏهن حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نماز ۾ هئا ته اوهان کي پٿر هڻڻ جو ارادو ڪيو ته هڪدم انڌو ٿي ويو، حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قراءت جو آواز ٻڌندو رهيو پر اوهان جي صورت نه ڏسي سگهيو، مجبور ٿي واپس موٽي ويو ته پنهنجي ساٿين کي ڏسي نه سگهيو جڏهن آواز ڏنائين ته ساٿين پڇيو ڇا ٿيو؟ ته ان پنهنجي مجبوري جو حال بيان ڪيو، پوءِ ان جي ٽئين ساٿي ڪاوڙ ۾ اچي هٿ ۾ پٿر کنيو

پر اهو حضور صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ويجهو پهتو تہ بدحواس ٿي پوئتي ڀڄڻ لڳو ۽ ڏڪندي پنهنجي ساٿين کي چوڻ لڳو مان جڏهن انهن جي ويجهو ويس تہ مون ڏٺو تہ هڪ اهڙو ڏيگو انهن جي ويجهو پيچ هلائي رهيو آهي جو مون اهڙو خوفناڪ ڏيگو اڄ تائين ڏٺو ئي نہ ناهي. لات ۽ عُزيٰ جو قسم! جيڪڏهن مان ان جي ويجهو وڃان ها تہ اهو ڏيگو مون کي ماري ڇڏي ها.

(تفسير صاوي ج 5 ص 1706، پ 22، يس: 8، 9)

هن واقعي بابت سورة يٰسٓ ۾ هنن لفظن سان بيان ٿيو آهي:

اِنَّا جَعَلْنَا فِیْۤ اَعْنَاقِهِمْ اَغْلٰلًا فَهِیَ اِلَى الْاَذْقَانِ فَهُمْ مُّقْمَحُوْنَ ﴿۸﴾ وَ جَعَلْنَا مِنْۢ بَیْنِ اَیْدِیْهِمْ سَدًّا وَّ مِنْ خَلْفِهِمْ سَدًّا فَاَغْشَیْنٰهُمْ فَهُمْ لَا یُبْصِرُوْنَ ﴿۹﴾ (پ 22 يٰس: 8، 9)

**ترجموڪنزالايمان:** اسان انهن جي ڳچين ۾ ڳٽ وجهي ڇڏيا آهن جيڪي ڪاڏين تائين آهن پوءِ اهي منهن مٿي ڪنيل رهجي ويا ۽ اسان انهن جي اڳيان ديوار ناهي ڇڏي ۽ انهن جي پٺيان هڪ ٻي ديوار ۽ انهن کي مٿئون ڍڪي ڇڏيوسين پوءِ انهن کي ڪجهہ بہ ڏسڻ ۾ نہ ٿو اچي.

**درس هدايت:** اهو حضور اڪرم صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي معجزن مان آهي، ڪيئي ڀيرا ڪافرن پاڻ ڪريم صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي قتل ڪرڻ جي سازش ڪئي ۽ پنهنجي ڳجهن فريبن ۽ سازشن ۾ ڪا گهٽتائي نہ ڪئي پر رحمتِ عالم صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي ڪڏهن رهڙ تائين نہ آئي ۽ خداوند قدوس جو وعدو پورو ٿيو تہ وَ اللّٰهُ یَعْصِمُكَ مِنَ النَّاسِؕ (**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ الله توهان جي نگهباني فرمائيندو ماڻهن کان. (پ 6 المائده: 67) يعني الله تعالي اوهان کي پنهنجي حفاظت ۾

رکندو. ﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰى اَعْلَمُ﴾

## ﴿53﴾ حاملانِ عرش جي دعا

عرش اِلٰهي کڻڻ وارا ملائڪ، ملائڪن جي سڀ کان اعليٰ طبقي مان آهن ان مان هر ملائڪ جي ٻانهن تي چار پر آهن ۽ ٻه پر انهن جي چهري تي آهن جن سان اهي پنهنجي اکين کي لڪائي رکندا آهن ۽ خوفِ خدا جي ڪري اهي ملائڪ ستين آسمان وارن ملائڪن کان وڌيڪ خوفِ خدا رکندا آهن ۽ ستين آسمان وارا ملائڪ ڇهين آسمان وارن ملائڪن کان خوف الٰهي ۾ وڌيل آهن، اهڙي طرح ڇهين آسمان وارا پنجين آسمان وارن کان ۽ پنجين وارا چوٿين آسمان وارن کان ۽ چوٿين آسمان وارا ٽين آسمان وارن کان ۽ ٽين آسمان وارا ٻي آسمان وارن کان ۽ ٻي آسمان وارا پهرين آسمان وارن کان خوف ۽ خشيتِ ربّاني ۾ اعليٰ درجو رکن ٿا، پوءِ عرش الٰهي جي چوڌاري رهڻ وارا ملائڪ جن کي ”ڪروبيين“ چيو ويندو آهي اهي باقي ملائڪن جا سردار آهن ۽ وڏي شان وارا آهن.

منقول آهي تہ عرش جي چوڌاري ملائڪن جون ستر هزار صفون آهن اهڙي طرح هڪ صف هڪ صف جي پٺيان آهي اهي سڀ عرش جو طواف ڪندا رهندا آهن پوءِ انهن سيني کان بعد ستر هزار ملائڪن جي صف آهي ۽ اهي پنهنجا هٿ ڪلهن تي رکي خدا جي تسبيح ۽ تڪبير پڙهندا رهندا آهن، پوءِ ان کان بعد ٻيون هڪ سؤ صفون ملائڪن جون آهن جيڪي پنهنجو ساڄو هٿ کاٻي هٿ تي رکي تسبيح، تڪبير ۽ دعا ۾ مشغول آهن.

(تفسيرصاوي ج 5 ص 1815، پ 24 المومن: 7)

www.dawateislami.net

۾ سيني ملائڪن جي دعا ڇا آهي ان کي قرآن شريف جي لفظن ۾ ملاحظ فرمايو، ارشاد رباني آهي:

اَلَّذِيْنَ يَحْمِلُوْنَ الْعَرْشَ وَمَنْ حَوْلَهٗ يُسَبِّحُوْنَ بِحَمْدِ رَبِّهِمْ وَ يُؤْمِنُوْنَ بِهٖ وَ يَسْتَغْفِرُوْنَ لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ۚ رَبَّنَا وَسِعْتَ كُلَّ شَيْءٍ رَّحْمَةً وَّعِلْمًا فَاغْفِرْ لِلَّذِيْنَ تَابُوْا وَ اتَّبَعُوْا سَبِيْلَكَ وَ قِهِمْ عَذَابَ الْجَحِيْمِ ﴿۷﴾ رَبَّنَا وَ اَدْخِلْهُمْ جَنّٰتِ عَدْنِ ِ الَّتِيْ وَعَدْتَّهُمْ وَ مَنْ صَلَحَ مِنْ اٰبَآئِهِمْ وَ اَزْوَاجِهِمْ وَ ذُرِّيّٰتِهِمْ ؕ اِنَّكَ اَنْتَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿۸﴾ (پ 23 المومن: 7، 8)

**ترجموڪنزالايمان:** جيڪي عرش کڻن ٿا ۽ ان جي آس پاس وارا پنهنجي رب جي تعريف سان گڏ سندس پاڪائي بيان ڪندا آهن ۽ ان تي ايمان رکندا آهن ۽ مسلمانن جي بخشش گهرندا آهن اي اسان جا رب تنهنجي رحمت ۽ علم هر شيءِ تي وسيع آهي، پوءِ تون انهن کي بخش جن توبه ڪئي ۽ تنهنجي راه تي هليا ۽ انهن کي دوزخ جي عذاب کان بچاءِ، اي اسان جا رب انهن کي رهائش جي باغن ۾ داخل ڪر جن جو تو انهن سان واعدو فرمايو آهي ۽ انهن کي جيڪي نيڪ هجن سندن ابن ڏاڏن زالن ۽ اولاد مان بيشڪ تون ئي عزت ۽ حڪمت وارو آهين.

**درس هدايت:** اوهان عرش الٰهي کڻڻ وارن ۽ عرش جو طواف ڪرڻ وارن ملائڪن جي دعا ملاحظ ڪئي، اهي سڀ مقدس ملائڪ اسان مسلمانن ۽ اسان جي والدين ۽ گهروارين ۽ اسان جي اولاد لاءِ جهنّم کان نجات جي دعا ۽ جنّت ۾ داخل ٿيڻ جون دعائون گهرندا رهندا آهن. الله اڪبر! ڪيڏو وڏو احسان عظيم آهي اسان مسلمانن تي حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو، جو اوهان جي صدقي اسان مسلمانن کي اهو وڏو رتبو ۽ بلند درجو مليو جو بيشمار اعليٰ طبقي جا ملائڪ اسان گهنگار مسلمانن جي لاءِ دعائون گهرندا

رهندا آهن اهي بہ کهڙا ملائڪ؟ عرشِ الٰهي کڻڻ وارا ۽ عرشِ الٰهي جو طواف ڪرڻ وارا ملائڪ. سُبۡحٰنَ اللّٰه! ڪتي اسان ۽ ڪٿي ملاءِ اعليٰ جا ملائڪ. پر حضور سيد عالم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نسبت جي طفيل اسان قطرن کي سمنڊ ناپيدا ڪنار ۽ اسان ذرن کي آفتاب عالمتاب بڻائي ڇڏيو. سُبحان اللّٰه سُبحان اللّٰه هڪ ڀيرو وڏي اخلاص سان نبي مڪرم رحمت عالم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود شريف پڙهو:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّبَارِكْ وَسَلِّمْ

## ﴿54﴾ صاحبِ اولادءِ سَنڍَ

اللّٰه جو دستور آهي تہ اهو ڪنهن کي صرف ڌيءُ عطا ڪندو آهي ۽ ڪنهن کي صرف پٽ ڏيندو آهي. ڪن ماڻهن کي پٽ ۽ ڌيئر ٻئي عطا ڪندو آهي ۽ ڪي ماڻهو اهڙا بہ آهن جن کي سَنڍَ (يعني اولاد نہ ڄڻيندڙ عورت) بہ بڻائي ڇڏيندو آهي نہ انهن کي ڌيءُ ڏيندو آهي نہ پٽ. اهو دستور صرف عام انسانن تائين محدود ناهي بلڪ پنهنجي خاص ٻانهن يعني نبين سڳورن عَلَيۡهِمُ السَّلَام کي بہ هن خصوصيت ۾ چار طرح جو بڻايو آهي. حضرتِ لوط ۽ حضرتِ شعيب عَلَيۡهِمَا السَّلَام کي صرف ڌيئرون هيون ڪو پٽ نہ هيو ۽ حضرتِ ابراهيم عَلَيه السَّلَام جا صرف پٽ هئا. ڪا نياڻي تي ئي نہ هئي ۽ حضور خاتم النبين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اللّٰه تعاليٰ چار فرزند عطا فرمايا ۽ چار صاحبزاديون ۽ حضرتِ عيسيٰ ۽ حضرتِ سيّدُنا يحييٰ عَلَيۡهِمَا السَّلَام کي ڪا اولاد ئي نہ تي.

(تفسير روح البيان ج 8 ص 342، پ 25 الشوريٰ 49، 50)

قرآن شريف ۾ ربُّ العِزّت جَلَ جَلاَلہ هن مضمون کي هن لفظن سان بيان ڪيو آهي:

يَهَبُ لِمَنْ يَّشَآءُ اِنَاثًا وَّ يَهَبُ لِمَنْ يَّشَآءُ الذُّكُوْرَ ﴿۴۹﴾ اَوْ يُزَوِّجُهُمْ ذُكْرَانًا وَّ اِنَاثًا ۚ وَ يَجْعَلُ مَنْ يَّشَآءُ عَقِيْمًا ؕ اِنَّهٗ عَلِيْمٌ قَدِيْرٌ ﴿۵۰﴾ (پ 25 الشوريٰ 49، 50)

ترجموڪنزالايمان: جنهن کي گهري ڌيئرون عطا فرمائي ۽ جنهن کي وٽيس پٽ ڏئي يا پٽ ۽ ڌيئرون ٻئي ملائي ۽ جنهن کي چاهي سنڍ ڪري بيشڪ اهو علم ۽ قدرت وارو آهي.

درس هدايت: الله تعاليٰ ڌيئرون ڏيئي يا پٽ ڏي يا ٻئي عطا فرمائي يا سنڍ ڪري بهرحال اهي سڀ ان جون نعمتون آهن، مٿي ذڪر ڪيل آيت جي آخري حصي يعني ﴿اِنَّهٗ عَلِيْمٌ قَدِ يْرٌ﴿۵۰﴾﴾ ۾ هن طرف اشارو آهي ڪير ان جي لائق آهي تہ ان کي ڌي ملي ۽ ڪير ان قابل آهي تہ ان کي پٽ ملي ۽ ڪير ان جي اهليت رکي ٿو تہ ان کي پٽ ۽ ڌيءَ ٻئي ملن، ۽ ڪير اهڙو آهي جو ان جي حق ۾ اهو ئي بهتر آهي جو ان کي ڪا اولاد ئي نہ ٿئي، انهن ڳالهين کي الله خوب ڄاڻي ٿو ڇو تہ اهو وڏيڪ علم وارو ۽ وڏي قدرت وارو آهي، انسان پنهنجي هزار علم ۽ آڳاهي جي باوجود هن معاملي کي نٿو ڄاڻي تہ ان جي حق ۾ ڇا بهتر آهي ۽ ڇا بهتر ناهي. قرآن شريف ۾ الله تعاليٰ ارشاد فرمايو آهي:

وَ عَسٰۤى اَنْ تَكْرَهُوْا شَیْـًٔا وَّ هُوَ خَیْرٌ لَّكُمْ ۚ وَ عَسٰۤى اَنْ تُحِبُّوْا شَیْـًٔا وَّ هُوَ شَرٌّ لَّكُمْ ؕ وَ اللّٰهُ یَعْلَمُ وَ اَنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿۲۱۶﴾ (پ 2 البقره 216)

ترجموڪنزالايمان: عين ممڪن آهي جو ڪا ڳالهہ اوهان ناپسند ڪريو ۽ اها

اوهان جي حق ۾ ڀلي هجي ۽ عين ممڪن آهي ته ڪا ڳالهه اوهان پسند ڪريو ۽ اها اوهان جي حق ۾ بهتر نه هجي الله ڄاڻي ٿو ۽ اوهان نه ٿا ڄاڻو.

ان ڪري ٻانهن کي گهرجي ته جيڪڏهن پنهنجي خواهش جي مطابق ڪا شيءِ نه ملي سگهي ته هرگز ناراض نه ٿئي بلڪ اهو سوچي صبر ڪري ته اسان انهن شين جي لائق نه آهيون ان ڪري اسان کي خدا نه ڏنيون، اهو عليم ۽ قدير آهي اهو خوب ڄاڻي ٿو ته ڪير ڪهڙي شيءِ جو اهل آهي ۽ ڪير اهل ناهي.

اس کے الطاف تو ہیں عام شہیدی سب پر ... تجھ سے کیا ضد تھی؟ اگر تو کسی قابل ہوتا

**ڌيئرون:** هن زماني ۾ ڏٺو ويو آهي ته ڪي ماڻهو ڌيئرن جي پيدا ٿيڻ تي چڙندا آهن ۽ منهن ناهيندا آهن بلڪ ڪي بدنصيب ته گهٽِ وَڌ بڪي ڪفرانِ نعمت جي گناهه ۾ مبتلا ٿي ويندا آهن، واضح رهي ته ڌيئرن جي پيدائش تي منهن ناهڻ ناراض ٿيڻ اهو جاهِليت جي زماني ۾ ڪافرن جو منحوس طريقو هو جيئن الله تعاليٰ جو ارشاد آهي:

وَ اِذَا بُشِّرَ اَحَدُهُمْ بِالْاُنْثٰى ظَلَّ وَجْهُهٗ مُسْوَدًّا وَّ هُوَ كَظِيْمٌ ﴿۵۸﴾ يَتَوَارٰى مِنَ الْقَوْمِ مِنْ سُوْٓءِ مَا بُشِّرَ بِهٖ ؕ اَيُمْسِكُهٗ عَلٰى هُوْنٍ اَمْ يَدُسُّهٗ فِى التُّرَابِ ؕ اَلَا سَآءَ مَا يَحْكُمُوْنَ ﴿۵۹﴾

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ جڏهن انهن مان ڪنهن کي ڌيءَ ڄمڻ جي خوشخبري ڏني وڃي ته سارو ڏينهن ان جو منهن ڪارو رهي ٿو ڪاوڙ جي حالت ۾ ماڻهن کان لڪندو ڦرندو آهي ان بشارت جي برائي جي سبب، ڇا ان کي خواري سان پاڻ وٽ رکي يا ان کي مٽي ۾ پوري ڇڏي، خبردار نهايت ئي بڇڙو فيصلو ڪن ٿا. (پ 14 النحل: 58، 59)

خوب سمجهي ونو تہ مسلمانن جو اسلامي طريقو هي آهي تہ نياڻين جي پيدائش تي خوش ٿي اللّٰه تعاليٰ جي هن نعمت جو شڪر ادا ڪري ۽ هيٺ ڏنل حديث ۾ بيان ٿيل بشارتن تي ايمان رکي سعادتِ دارين جي ڪرامتن سان سرفراز ٿيون.

حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهي حديثون ارشاد فرمايون آهن:

(1) عورت جي لاءِ اهو وڏيڪ مبارڪ آهي تہ ان جي پهرين اولاد نياڻي هجي.

(2) جنهن شخص کي ڪجهه ڌيئرون ٿين ۽ اهو انهن سان نيڪ سلوڪ ڪري ايستائين جو ڪفو ۾ انهن جي شادي ڪري تہ اهي ڌيئرون ان جي لاءِ جهنّم کان آڙ بڻجي وينديون.

(3) حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو تہ توهان نياڻين کي برو نہ سمجهو، ان ڪري جو مان بہ نياڻين جو پيءُ آهيان.

(4) جڏهن ڪا ڇوڪري پيدا ٿيندي آهي تہ اللّٰه تعاليٰ فرمائيندو آهي تہ اي ڇوڪري تو زمين تي لهہ، مان تنهنجي پيءُ جي مدد ڪندس. (تفسير روح البيان ج 8 ص 342، پ 25 الشوريٰ: 49، 50)

## ﴿55﴾ فاسق جي خبر تي اعتماد نہ ڪريو

سن 5 هجري جي غزوه بني مصطلق ۾ جڏهن مسلمانن سوين ماڻهن ۽ حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان قبيلي جي سردار جي ڌيءُ حضرت جَويريہ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا سان نڪاح ڪيو تہ صحابہ ڪرام سڀني جنگي قيدين کي اهو چئي آزاد ڪيو تہ جنهن خاندان ۾ رسول اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شادي ڪئي ان خاندان جو ڪو فرد ڪنيز يا غلام نٿو رهي سگهي، مسلمانن جي هن حُسن سلوڪ ۽ بهترين اخلاق جي ڪري سڄي قبيلي اسلام قبول ڪيو، ان ڪان

پوءِ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم "وليد بن عقبہ" کي قبيلي وارن وٽ موڪليو تہ اهي قبيلي جي دولت مند ماڻھن کان زڪوٰة وصول ڪري ان کي فقيرن ۾ ورهائين.

قبيلي بني مصطلق جي ماڻھن کي جڏھن "وليد" جي اچڻ جي خبر پئي تہ اهي عاملِ اسلام جي استقبال جي لاءِ خوش ٿي هٿيار ڪٽي ڳوٺ کان ٻاهر نڪتا، جاهليت واري دؤر ۾ هن قبيلي ۽ وليد جي وچ ۾ ناچاقي رهي هئي ان ڪري پراڻي عداوت جي ڪري استقبال جي هن اهتمام کي وليد ٻي نگاھ سان ڏٺو ۽ سمجهيو، قبيلي وارن کان اصل معاملو پڇڻ بنا ئي مديني واپس موٽي ويو ۽ دربارِ رسالت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو: قبيلہ بني مصطلق جا ماڻھو مُرتد ٿي ويا ۽ انهن زڪوٰة ڏيڻ کان انڪار ڪيو آهي هن خبر سان حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم غمگين ٿيا ۽ مسلمانن کي بيحد ڪاوڙ آئي، بلڪ مقابلي جي لاءِ جهاد جون تياريون ٿيڻ لڳيون، ٻئي پاسي بني مصطلق کي وليد جي هن عجيب طرز عمل سان وڏي حيرت ٿي ۽ جڏھن انهن کي خبر پئي تہ وليد دربارِ رسالت ۾ غلط بياني ۽ تهمت لڳائي آهي تہ انهن معزز ۽ باوقار وفد دربارِ نبوت ۾ موڪليو جنهن بني مصطلق جي طرفان صفائي پيش ڪئي هڪ طرف پنهنجي عامل وليد جو بيان ۽ ٻئي پاسي بني مصطلق جي وفد جو بيان، اهي ڳالهيون ٻڌي حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خاموشي اختيار ڪئي ۽ وحي الٰهي جو انتظار ڪرڻ لڳا ، آخرڪار وحي نازل ٿي ۽ سورة " حجرات " جون آيتون نازل ٿيون ان سان نہ صرف معاملي جي حقيقت واضح ٿي وئي بلڪ هن باري ۾ هڪ مستقل قانون ۽ تحقيق جو معيار بہ عطا ڪيو ويو اهي آيتون هي آهن: (خزائن العرفان ص 928، پ 26 الحجرات: 6)

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِنْ جَآءَكُمْ فَاسِقٌۢ بِنَبَاٍ فَتَبَيَّنُوْۤا اَنْ تُصِيْبُوْا قَوْمًا
بِجَهَالَةٍ فَتُصْبِحُوْا عَلٰى مَا فَعَلْتُمْ نٰدِمِيْنَ ﴿۶﴾ وَ اعْلَمُوْۤا اَنَّ فِيْكُمْ رَسُوْلَ
اللّٰهِ ؕ لَوْ يُطِيْعُكُمْ فِيْ كَثِيْرٍ مِّنَ الْاَمْرِ لَعَنِتُّمْ وَ لٰكِنَّ اللّٰهَ حَبَّبَ اِلَيْكُمُ
الْاِيْمَانَ وَ زَيَّنَهٗ فِيْ قُلُوْبِكُمْ وَ كَرَّهَ اِلَيْكُمُ الْكُفْرَ وَ الْفُسُوْقَ وَ
الْعِصْيَانَ ؕ اُولٰٓىِٕكَ هُمُ الرّٰشِدُوْنَ ﴿۷﴾ فَضْلًا مِّنَ اللّٰهِ وَ نِعْمَةً ؕ وَ اللّٰهُ عَلِيْمٌ
حَكِيْمٌ ﴿۸﴾ (پ 26 الحجرات: 6 تا 8)

**ترجموڪنزالايمان:** اي ايمان وارؤ! جيڪڏهن ڪو فاسق توهان وٽ ڪا خبر آڻي تہ پوءِ تحقيق ڪري وٺو جو متان ڪنهن قوم کي اڻ ڄاڻائي ۾ ڪا تڪليف نہ ڏيئي ويهو، پوءِ پنهنجي ڪيل تي پڇتائيندي رهجي وڃو ۽ يقين ڪيو تہ توهان ۾ الله جو رسول آهي، گهڻن معاملن ۾ جيڪڏهن هي توهان جي خوشي جو خيال رکي تہ توهان ضرور تڪليف ۾ پئو الله توهان کي ايمان پيارو ڪري ڇڏيو آهي ۽ ان کي توهان جي دلين ۾ سينگاريائين ۽ ڪفر ۽ فسق ۽ نافرماني ڪان توهان ۾ نفرت پيدا ڪيائين اهڙا ئي ماڻهو راهہ تي آهن الله جو فضل ۽ احسان ۽ الله علم ۽ حڪمت وارو آهي.

**درس هدايت:** (1) خبرون بيان ڪرڻ ۾ عام طور تي ماڻهن جو اهو ئي مزاج ۽طريقو ٿي چڪو آهي تہ جيڪا بہ خبر انهن جي ڪنن تائين پهچي، بي ڌڙڪ بيان ڪندا آهن۽حقيقت بابت تفتيش ۽ جستجو بلڪل ناهن ڪندا، چاهي ان خبر سان ڪنهن بي گناهہ تي افترا ڪيو ويندو هجي يا ڪنهن کي نقصان پهچندو هجي.

اسلام هن طريقي کي بلڪل غلط قرار ڏنو آهي بلڪ قرآن اسلامي آداب جو اهو قانون ٻڌايو آهي تہ هر خبر کي ٻڌي اڳ ۾

ان جي تحقيق ڪرڻ گهرجي جڏهن اها خبر ثابت ٿئي تہ پوءِ اها خبر ماڻهن سان بيان ڪرڻ گهرجي، ان ڳالھ ڏانهن توجھ ڏياريندي حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اها تنبيھ فرمائي:

كَفٰى بِالْمَرْءِ كَذِبًا اَنْ يُّحَدِّثَ بِكُلِّ مَا سَمِعَ

يعني ماڻھو جي ڪوڙو ھئڻ لاءِ اھو ئي ڪافي آھي تہ اھو جيڪا بہ ڳالھ ٻڌي اھا ماڻھن سان (بنا تحقيق) بيان ڪرڻ لڳي. (صحيح مسلم رقم الحديث 5 ص 8) ﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰى اَعْلَم﴾

(2) ھن آيت مان ثابت ٿيو تہ ھڪ شخص جيڪڏھن عادل ۽ پابند شريعت ھجي تہ ان جي خبر معتبر آھي.

(3) ڪن مفسرن فرمايو تہ ھي آيت وليد بن عقبہ ئي سان خاص ناھي بلڪ اھا آيت عام آھي ۽ ھر فاسق جي خبر جي باري ۾ نازل ٿي آھي.

(4) وليد بن عقبہ ڪي صحابي ھئڻ باوجود قرآن شريف فاسق چيو تہ ان تي ڪو اعتراض ناھي چوتہ ھن واقعي کانپوءِ جڏھن وليد بن عقبہ سچي دل سان توبہ ڪئي تہ ان جو فِسق زائل ٿي ويو، تنھن ڪري ڪنھن صحابي ڪي فاسق چوڻ ھرگز جائز ناھي چو تہ ھن تي اجماع آھي ھر صحابي صادق، عادل ۽ پابند شرع آھي. ﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰى اَعْلَم﴾

## ﴿56﴾ ملائڪ مھمان بڻجي آيا

حضرت ابراھيم عَلَيْهِ السَّلَام وڏا مھمان نواز ھئا. منقول آھي اوھان جي دسترخوان تي جيستائين مھمان نہ ايندو ھو اوھان کاڌو نہ کائيندا ھئا. ھڪ ڏينھن مھمانن جو اھڙو قافلو اوھان جي گھر آيو

جو انهن مهمانن کان اوهان خوفزده ٿي ويا، اهي حضرت جبرئيل عَلَيْهِ السَّلَام هئا جيڪي ڏهه ٻارهن ملائڪن کي گڏ وٺي آيا هئا ۽ سلام ڪري گهر ۾ داخل ٿي ويا، اهي سڀ ملائڪ نهايت ئي خوبصورت انسانن جي شڪل ۾ هئا، اول ته اهي حضرات اهڙي وقت ۾ آيا جيڪو مهمانن جي اچڻ جو وقت نه هو، پوءِ وري اهي حضرات بنا اجازت طلب ڪندي گهر ۾ داخل ٿيا ها، پوءِ جڏهن حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام عادت مطابق انهن جي مهمان نوازي جي لاءِ هڪ متارو ڇُجيل ڳابو آندو ته انهن کائڻ کان انڪار ڪيو، انهن مهمانن جي بيان ڪيل هنن ٽن ادائن جي ڪري حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام کي ڪجهه خدشو ٿيو ته شايد اهي ماڻهو دشمن آهن ڇوته ان زماني جو اهو رواج هوندو هو ته دشمن جنهن جي گهر ۾ دشمني لاءِ ويندو هو ان جي گهر ۾ ڪجهه به نه کائيندو پيئندو هو، اوهان مهمانن کان ڪجهه ڊپ محسوس ڪيو، اهو ڏسي حضرت جبرئيل عَلَيْهِ السَّلَام چيو: اي الله جا نبي! اوهان اسان کان خوف نه ڪيو، اسان الله تعاليٰ جا موڪليل ملائڪ آهيون ۽ اسان ٻن ڪمن جي لاءِ آيا آهيون پهريون مقصد اهو آهي ته اوهان کي اها بشارت ڏيڻ آيا آهيون ته الله تعاليٰ اوهان کي علم وارو فرزند عطا فرمائيندو ۽ اسان جو ٻيو ڪم اهو آهي ته اسان حضرت لوط عَلَيْهِ السَّلَام جي قوم تي عذاب ڪٽي آيا آهيون.

فرزند جي خبر ٻڌي حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي پاڪ گهرواريءَ حضرت ”ساره“ حيران ٿي ڇوته انهن جي عمر نوانوي سال ٿي چڪي هئي ۽ اها ڪڏهن به حامله نه ٿي هئي، تعجب مان هو رڙ ڪندي آيون ۽ مٿي تي هٿ هڻي چوڻ لڳيون ته مون ٻُڍڙي سنڍ

www.dawateislami.net

ڪي ٻہ فرزند ٿيندو تہ حضرت جبرئيل عَلَيْهِ السَّلَام چيو تہ هائو اوهان جي ربّ عَزَّوَجَلَّ جو اهو ئي فرمان آهي ۽ اهو پروردگار وڏي حڪمت وارو علم وارو آهي، پوءِ حضرت اسحاق عَلَيْهِ السَّلَام پيدا ٿيا.

(ملخصا تفسير خزائن العرفان ص 938 پ 26، الذاريات: 24 تا 29)

قرآن شريف هن واقعي کي هنن لفظن سان بيان ڪيو آهي:

هَلْ اَتٰىكَ حَدِیْثُ ضَیْفِ اِبْرٰهِیْمَ الْمُكْرَمِیْنَ ﴿۲۴﴾ اِذْ دَخَلُوْا عَلَیْهِ فَقَالُوْا سَلٰمًاؕ قَالَ سَلٰمٌۚ قَوْمٌ مُّنْكَرُوْنَ ﴿۲۵﴾ فَرَاغَ اِلٰۤى اَهْلِهٖ فَجَآءَ بِعِجْلٍ سَمِیْنٍ ﴿۲۶﴾ فَقَرَّبَهٗۤ اِلَیْهِمْ قَالَ اَلَا تَاْكُلُوْنَ ﴿۲۷﴾ فَاَوْجَسَ مِنْهُمْ خِیْفَةًؕ قَالُوْا لَا تَخَفْؕ وَ بَشَّرُوْهُ بِغُلٰمٍ عَلِیْمٍ ﴿۲۸﴾ فَاَقْبَلَتِ امْرَاَتُهٗ فِیْ صَرَّةٍ فَصَكَّتْ وَجْهَهَا وَ قَالَتْ عَجُوْزٌ عَقِیْمٌ ﴿۲۹﴾ قَالُوْا كَذٰلِكِۙ قَالَ رَبُّكِؕ اِنَّهٗ هُوَ الْحَكِیْمُ الْعَلِیْمُ ﴿۳۰﴾ (پ 26، الذاريات: 24 تا 29)

**ترجموڪنزالايمان:** اي محبوب ڇا توهان وٽ ابراهيم جي معزز مهمانن جي خبر پهتي جڏهن ان وٽ اچي سلام چيو فرمايائين سلام اوپرا ماڻهو لڳن ٿا، پوءِ پنهنجي گهر ويو تہ ٿلهو ڳابو وٺي آيو پوءِ انهن وٽ (اهو تيار ٿيل) اڳيان رکيائين چيائين ڇا توهان ڪائو نہ ٿا، پنهنجي دل ۾ انهن کان ڊڄڻ لڳو انهن چيو ڊڄ نہ ۽ ان کي هڪ علم واري پٽ (ڄمڻ) جي خوشخبري ڏنائون ان تي سندس بيبي رڙ ڪندي آئي پوءِ پنهنجي متي تي هٿ هڻي چيائين ڇا پوڙهي سنڍ کي، انهن چيو تنهنجي رب ائين فرمايو آهي ۽ اهو ئي حڪمت وارو داناءُ آهي.

**درس هدايت:** هن واقعي مان اها هدايت جي روشني ملي ٿي تہ ملائڪ ڪڏهن انسانن جي صورت ۾ بہ ماڻهن وٽ ايندا آهن، ڪن روايتن ۾ آيو آهي تہ حج جي موقعي تي حرمِ ڪعبہ، مِنيٰ،

عرفات ۾ مُزدلفہ وغيره ۾ ڪن ملائڪن جي جماعت انسانن جي
شڪل ۾ صورت ۾ ايندي آهي جيڪا حاجين جي امتحان جي لاءِ
خدا جي طرفان موڪلي ويندي آهي، ان ڪري حاجين سڀنِ تي
لازم آهي تہ مڪي شريف، مِنيٰ، عرفات، ۾ مُزدلفہ ۾ طوافِ ڪعبہ
۾ مديني شريف جي زيارت جي هجوم ۾ هوشيار رهن تہ هرگز
هرگز ڪنهن بہ انسان جي بي ادبي ۾ دل آزاري نہ ٿئي ۾ واپارين،
مزدورن يا فقيرن سان جهيڙو تڪرار نہ ٿئي، توهان کي ڪهڙي
خبر تہ اهو ماڻهو آهي يا ماڻهو جي صورت ۾ ڪو ملائڪ جيڪو
توهان کي ڏکو ڏئي يا دڙڪا ڏئي اوهان جي حلم ۾ صبر جو
امتحان وٺي رهيو آهي، هي اهو نُڪتو آهي جنهن کان عام طور
ماڻهو اڻ واقف آهن ان ڪري حج جي سفر ۾ قدم قدم تي
جيڪي ماڻهن سان الجهندا جهيڙو ڪندا رهندا آهن ۾ ڪڏهن
ڪڏهن دنيا ۾ آخرت جو شديد نقصان ۾ خسارو ڪٽندا آهن،
تنهنڪري هن وڏي نقصان کان بچڻ جو بهترين حيلو اهو آهي تہ
هر شخص جي باري ۾ اهو خطرو محسوس ڪندا رهو تہ شايد اهو
ڪو ملائڪ هجي جيڪو واپاري يا فقير يا مزدور جي ويس ۾
آهي ۾ پوءِ ان کان سنيلجي ڳالهہ ٻولهہ ڪيو ۾ وس آهر ان کي
راضي رکڻ جي ڪوشش ڪريو ۾ هرگز هرگز ڪنهن سان تلخ
ڪلامي يا ڏاڍيان ڳالهائڻ جي نوبت نہ اچڻ ڏيو جو هن ۾ سلامتي
آهي. ﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰی اَعْلَم﴾

## ﴿57﴾ چنڊ جا ٻہ ٽڪر ٿي ويا

مڪي جي ڪافرن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان معجزو
طلب ڪيو تہ اوهان چنڊ کي ٻہ ٽڪر ڪري ڏيکاريو، هڪ ٽڪر

جبل ”ابوقبيس“ ۽ ٻيو ٽڪر جبل ”قعيقعان“ تي ڏٺو ويو، اهڙي طرح چنڊ جا ٻہ ٽڪر ڪري حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مڪي جي ڪافرن کي ڏيکاريو ۽ فرمايو توهان گواهہ تي وڃو.

(تفسير جلالين ص 440، پ 27 القمر: 1)

اهو ڏسي مڪي جي ڪافرن چيو تہ محمد (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جادو ڪري اسان جي نظر بندي ڪئي آهي، ان تي انهن جي جماعت مان ماڻهن چيو جيڪڏهن نظربندي آهي تہ مڪي کان ٻاهر جي ڪنهن ماڻهو کي چنڊ جا حصا نظر نہ آيا هوندا تنهنڪري جيڪي قافلا اچڻ وارا آهن انهن جي جستجو رکو ۽ مسافرن کان پڇا ڪيو جيڪڏهن ٻين هنڌن تان ٽڪر ٿيندي ڏٺو ويو تہ هي بيشڪ معجزو آهي، سفر تان موٽڻ وارن کان پڇيو ويو تہ انهن بيان ڪيو اسان ڏٺو تہ ان ڏينهن چنڊ جا ٻہ ٽڪر ٿيا ها ان ڪانپوءِ مشرڪن جي انڪار جي گنجائش باقي نہ رهي پر اهي ماڻهو پنهنجي عناد جي ڪري ان کي جادو چوندا هئا. اهو عظيم معجزو صحاح جي حديثن ۾ موجود آهي ۽ اها حديث ايتري تہ مشهور آهي جو هن جو انڪار ڪرڻ عقل ۽ انصاف سان دشمني ۽ بي ديني آهي. (خزائن العرفان ص 953، پ 27 القمر: 1)

الله تعاليٰ هن معجزي جو بيان قرآن شريف ۾ سورة قمر ۾ هنن لفظن سان اعلان ڪيو آهي:

اِقۡتَرَبَتِ السَّاعَةُ وَانۡشَقَّ الۡقَمَرُ ۝۱ وَاِنۡ يَّرَوۡا اٰيَةً يُّعۡرِضُوۡا وَيَقُوۡلُوۡا سِحۡرٌ مُّسۡتَمِرٌّ ۝۲ وَكَذَّبُوۡا وَاتَّبَعُوۡۤا اَهۡوَآءَهُمۡ وَكُلُّ اَمۡرٍ مُّسۡتَقِرٌّ ۝۳

(پ 27 القمر 1 تا 3)

ترجموڪنزالايمان: قيامت قريب اچي وئي ۽ چنڊ چيرجي پيو ۽ جيڪڏهن

www.dawateislami.net

ڏسن کا نشاني تہ منھن ڦيرائِن ٿا ۽ چون ٿا ھي تہ جادو آھي ھليو ايندڙ ۽ اھو ڪوڙو سمجھيو ۽ پنھنجي خواھشن جي پنيان ھليا ۽ ھر ڪم طئي ٿي چڪو آھي.

**درس ھدايت:** معجزو ﴿شَقُّ الْقَمَرِ﴾ حضور خاتم النبين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ھڪ بي مثال معجزو آھي جيڪو ھن آيت سڳوري ۽ ڪيئي حديثن مان ثابت آھي اسان پنھنجي ڪتاب ”سيرة المصطفيٰ“ ۾ ھن مسئلي تي بھترين بحث ڪيو آھي ان جو مطالعو قلبي سڪون ۽ ايمان جي تازگي جو باعث آھي.

## ﴿58﴾ ڪنھن قوم تي ٺٺول ڪرڻ يا مذاق اڏائڻ

حضرت ثابت بن قيس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ ڪجھ بلند آواز ٻڌندا ھئا ان ڪري جڏھن اھي مجلس شريف ۾ حاضر ٿيندا ھئا تہ صحابہ ڪرام ان کي اڳتي جڳھ ڏيندا ھئا ھڪ ڏينھن اھي دربار رسالت ۾ حاضر ٿيا تہ مجلس پرجي چڪي ھئي پر اھي ماڻھن کي ھٽائيندي حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ويجھو پھچي ويا پوءِ بہ ھڪ ماڻھو ۽ ان جي ۽ حضور جي وچ ۾ رھجي ويو، حضرت ثابت بن قيس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ ان کي ھٽائڻ لڳا تہ اھو شخص پنھنجي جڳھ تان بلڪل نہ ھٽيو تہ حضرت ثابت بن قيس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ ان کان ڪاوڙ مان پڇيو تہ تون ڪير آھين؟ تہ ان شخص چيو: مان فلاڻو ماڻھو آھيان، اھو ٻڌي حضرت ثابت بن قيس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ حقارت پري لھجي ۾ چيو تہ نيڪ! تون فلاڻي عورت جو ڇوڪرو آھين اھو ٻڌي اھو شخص شرمسار ٿي ڪنڌ جھڪائي ورتو ۽ ان کي وڏي تڪليف ٿي ان موقعي تي ھيٺ ڏنل آيت نازل ٿي.

۽ حضرت ضحاڪ کان منقول آھي تہ قبيلي بنو تميم جا ڪي

ماڻهو بهترين پوشاڪ پائي وفد جي صورت ۾ بارگاهِ نبوي ۾ آيا ۽ جڏهن انهن ”اصحابِ صُفه“ جي غريب ۽ مفلس مسلمانن کي خستہ حال ڏٺو تہ انهن تي ٺٺول ڪرڻ لڳا ان موقعي تي اها آيت نازل ٿي. (خزائن العرفان ص 929، پ 26 الحجرات: 11)

۽ حضرت انس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمايو تہ حضرت عائشہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا حضرت اُمّ المؤمنين بيبي صفيہ کي هڪ ڏينهن ”يهودڻ“ چيو هو، جنهن سبب انهن کي رنج ۽ صدمو ٿيو، جڏهن حضور اڪرم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي معلوم ٿيو تہ حضرت بيبي عائشہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا تي گهڻي ناراضگي جو اظهار فرمايو ۽ حضرت بيبي صفيہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا جي دل جوئي جي لاءِ فرمايو تہ توهان هڪ نبي (حضرت موسيٰ عَلَیْہِ السَّلَام) جي اولاد مان آهيو ۽ توهان جي چاچن مان هڪ نبي (حضرت هارون عَلَیْہِ السَّلَام) آهن ۽ توهان هڪ نبي جي گهرواري آهيو يعني منهنجي گهرواري آهيو، هن موقعي تي هنن آيتن جو نزول ٿيو. (تفسير صاوي ج 5 ص 1494، پ 26 الحجرات:11)

بهرحال انهن مٿي ذڪر ڪيل شانِ نزول مان ڪنهن هڪ جي باري ۾ اها آيت نازل ٿي جنهن ۾ الله تعاليٰ ڪنهن قوم جو مذاق اڏائڻ کان سختي سان منع ڪيو آهي.

آيت سڄوري هي آهي:

يٰۤاَیُّهَا الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا لَا یَسْخَرْ قَوْمٌ مِّنْ قَوْمٍ عَسٰۤى اَنْ یَّكُوْنُوْا خَیْرًا مِّنْهُمْ وَ لَا نِسَآءٌ مِّنْ نِّسَآءٍ عَسٰۤى اَنْ یَّكُنَّ خَیْرًا مِّنْهُنَّۚ وَ لَا تَلْمِزُوْۤا اَنْفُسَكُمْ وَ لَا تَنَابَزُوْا بِالْاَلْقَابِؕ بِئْسَ الِاسْمُ الْفُسُوْقُ بَعْدَ الْاِیْمَانِۚ وَ مَنْ لَّمْ یَتُبْ فَاُولٰٓىٕكَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿۱۱﴾ (پ 26 الحجرات:11)

ترجموڪنزالايمان: اي ايمان وارو! مرد مردن تي ٺٺول نہ ڪن عجب نہ آهي جو اهي ٺٺول ڪندڙن کان بهتر هجن ۽ نہ عورتون عورتن سان، ٿي سگهي ٿو جو اهي مسخري ڪندڙين کان بهتر هجن ۽ هڪ ٻئي کي طعنا نہ هڻوءِ هڪ ٻي جا خراب نالا نہ رکو ڪهڙونہ برو نالو آهي مسلمان ٿي ڪري فاسق چورائڻ ۽ جن توبهہ نہ ڪئي تہ اهي ئي ظالم آهن.

**درس هدايت:** قرآن شريف جي هنن روشن آيتن کي غور سان پڙهو ۽ عبرت حاصل ڪيو تہ هن زماني ۾ جيڪو فاسقاڻو ۽ بلڪل مجرماڻو رواج نڪتو آهي جو ”سيّد“، ”شيخ“ ۽ ”پناڻ“ چورائڻ وارن جو اهو دستور بڻجي ويو آهي جو اهي ڪوري، سبزي فروش، ڪاسائي، حجم چئي مخلص ۽ متقي مسلمانن تي ٺٺول يا مذاق ناهيندا آهن بلڪ انهن قومن جي عالمن کي صرف انهن جي قوميت جي ڪري ذليل ۽ حقير سمجهندا آهن بلڪ پنهنجي مجلسن ۾ انهن جو مذاق ناهي کلندا کلائيندا آهن، جاهل تہ جاهل وڏا وڏا عالم ۽ پيرانِ طريقت جو بہ اهو طريقو آهي جو اهي بہ هي حرڪتون ڪندا رهندا آهن، حد تي وئي آهي جيڪي ماڻهو سالن تائين انهن قومن جي عالمن جي سامهون ويهي شاگردي اختيار ڪري پاڻ عالم ۽ شيخ طريقت ٿيا آهن، پر پوءِ بہ پنهنجي استادن کي حقير ۽ ذليل سمجهي انهن جو مذاق اڏائيندا آهن ۽ پنهنجي نسب ۽ ذات تي فخر ڪري ٻين جي ذلت ۽ حقارت جو چرچو ڪندا آهن، لِلّٰه! ٻڌايو تہ قرآن شريف جي روشني ۾ اهي ماڻهو ڪيترا وڏا مجرم آهن؟

ملاحظہ ڪيو تہ قرآن شريف ۾ هيٺ ڏنل احڪام ۽ وعيدون بيان ڪيون ويون آهن:

www.dawateislami.net

(1) ڪا قوم ڪنهن قوم جو مذاق نہ اڏائي ٿي سگهي ٿو تہ جنهن جو مذاق اڏائي رهيا آهن اهي مذاق اڏائڻ وارن کان دنيا ۽ آخرت ۾ بهتر هجن.
(2) مسلمانن جي لاءِ جائز ناهي تہ هڪٻئي تي ٽوڪ ۽ ٺٺول ڪن.
(3) مسلمانن تي حرام آهي تہ هڪ ٻئي جي لاءِ برا نالا رکن.
(4) جيڪو ائين ڪندو اهو مسلمان تي ڪري ”فاسق“ آهي.
(5) جيڪو پنهنجي انهن حرڪتن کان توبهہ نہ ڪري اهو”ظالم“ آهي.

حضرت ابن عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمايو: جيڪڏهن ڪو گهنگار مسلمان پنهنجي گناهہ کان توبہ ڪري تہ توبهہ کان پوءِ ان کي ان گناهہ کان عار ڏيارڻ بہ انهيءَ منع ۾ داخل آهي، اهڙي طرح ڪنهن مسلمان کي ڪتو، گڏهہ، سوئر چوڻ بہ منع آهي يا ڪنهن مسلمان کي اهڙي لقب سان ياد ڪرڻ جنهن ۾ ان جي برائي ظاهر ٿيندي هجي يا ان کي نہ وڻندو هجي اهي سڀ صورتون بہ ان منع ۾ داخل آهن. (خزائن العرفان ص 930، پ 26 الحجرات: 11)

۽ حضرت عبداللّٰہ بن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمايو تہ جيڪڏهن آءُ ڪنهن کي حقير سمجهي ان تي ٺٺول ڪيان تہ مون کي ڊپ لڳي ٿو تہ مون کي اللّٰہ ڪتو نہ بڻائي ڇڏي. (صاوي ج 5 ص 1994، پ 26 الحجرات: 11)

## ﴿59﴾ لوهہ آسمان تان لٿو آهي

اللّٰہ تعاليٰ ”لوهہ“ جو ذڪر ڪندي قرآن شريف ۾ ارشاد فرمايو آهي:

وَ اَنْزَلْنَا الْحَدِیْدَ فِیْهِ بَاْسٌ شَدِیْدٌ وَّ مَنَافِعُ لِلنَّاسِ (پ 27 الحديد: 25)

ترجموڪنزالايمان: ۽ اسان لوهہ لاٿو ان ۾ سخت قوت آهي ۽ ماڻهن جا فائدا.

حضرت عبداللّٰہ بن عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي تہ جڏهن

حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جنّت کان زمين تي تشريف کڻي آيا تہ لوھ جا پنج اوزار پاڻ سان گڏ کڻي آيا، ھٿوڙو، سنداڻ، انبوري، ريتي، سوئي ۽ ٻي روايت انھيءَ حضرت عبداللّٰہ بن عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ کان مروي آھي تہ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام سان گڏ زمين تي ٽي شيون نازل ٿيون: حَجرِ اسود، عصاءِ موسيٰ، ۽ لوھ. (صاوي ج 6 ص 2112 پ 27 الحديد: 25)

۽ حضرت عبداللّٰہ بن عمر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آھي تہ انھن چيو تہ رسول اللّٰہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو تہ چار برڪتن واريون شيون اللّٰہ تعاليٰ آسمان تان نازل ڪيون آھن، لوھ، باھ پاڻي، لوڻ.
(تفسير صاوي ج 6 ص 2112 پ 27 الحديد: 25)

**درس ھدايت:** حضرت عبداللّٰہ بن عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آھي تہ ”لوھ“ جنّت مان زمين تي آيو آھي ۽ حضرت عبداللّٰہ بن عمر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آھي تہ ”لوھ“ آسمان تان لٿو آھي انھن ٻنھي روايتن ۾ ڪو خاص تعارض ناھي، ان ڪري جو جنّت آسمان کان مٿي ئي آھي تہ لوھ جڏھن جنّت مان لٿو تہ آسمان تان ئي زمين تي لٿو.

”لوھ“ ھڪ اھڙي ذات آھي جنھن مان ھر صنعت ۽ حرفت جا اوزار ٺھندا آھن ۽ جنگي سامان بہ ھن مان تيار ٿيندا آھن ۽ انسان جي ضرورتن جا ھزارين سامان اھڙا آھن جيڪي بنا لوھ جي تيار ئي نٿا ٿي سگھن ان ڪري قرآن شريف ۾ فرمايو ويو:

﴿وَ مَنَافِعُ لِلنَّاسِ﴾ تہ ھن لوھ ۾ ماڻھن جي لاءِ بيشمار فائدا ۽ نفعا آھن، بھرحال لوھ خداوند تعاليٰ جي نعمتن مان ھڪ وڏي نعمت آھي تنھنڪري لوھ جو ھر سامان ڏسي خداوند قدوس جي ھن نعمت جو شڪر ادا ڪرڻ گھرجي. ﴿وَاللّٰہُ تَعَالٰی اَعْلَم﴾

## ﴿60﴾ صحابہ کرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي سخاوت

حضرت عبدالله بن عمر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ هڪ صحابي هديي طور هڪ صحابي جي گهر ٻڪري جي منڊي موڪلي تہ ان اهو چئي تہ مون کان وڌيڪ تہ منهنجو فلاڻو ڀاءُ هن منڊي جو ضرورت مند آهي، ان اها منڊي ان جي گهر موڪلي ڇڏي تہ ان چيو تہ منهنجو فلاڻو ڀاءُ مون کان بہ وڌيڪ محتاج آهي، اهو چئي وري اها منڊي ان صحابي جي گهر موڪلي ڏني، اهڙي طرح هڪ ٻئي جي گهر ۾ ٻئي ٽئين جي گهر ان منڊي کي موڪليو، ايستائين جو اها منڊي ڇهين صحابي وٽ پهتي تہ انهن سڀ کان پهريان واري جي گهر اهو چئي موڪلي تہ اهو اسان کان وڌيڪ مفلس ۽ حاجتمند آهي. اهڙي طرح اها منڊي جنهن گهر مان سڀ کان پهرين موڪلي وئي هئي وري ان گهر ۾ اچي وئي، هن موقعي تي سورة حشر جي اها آيت نازل ٿي جنهن ۾ الله عَزَّوَجَلَّ صحابہ ڪرام جي سخاوت جي واکاڻ ڪئي آهي:

وَ یُؤْثِرُوْنَ عَلٰۤى اَنْفُسِهِمْ وَ لَوْ كَانَ بِهِمْ خَصَاصَةٌ ﻼ وَ مَنْ یُّوْقَ شُحَّ نَفْسِهٖ فَاُولٰٓىٕكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ۚ﴿۹﴾ (پ 28 الحشر: 9)

ترجموڪنزالايمان: ۽ پنهنجي پاڻ تي انهن کي ترجيح ڏين ٿا جيتوڻيڪ انهن کي سخت محتاجي هجي جيڪو پنهنجي نفس جي لالچ کان بچايو ويو پوءِ اهي ئي ڪامياب آهن.

اهو تہ زمانہ رسالت جو حيرت انگيز واقعو آهي، امير المؤمنين حضرت عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي خلافت ۾ بہ بلڪل هن جهڙو هڪ واقعو پيش آيو جيڪو عبرت ۽ نصيحت آموز هئڻ ۾

پهرين واقعي کان گهٽ ناهي، منقول آهي: امير المؤمنين حضرت عمر فاروق رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ چار سؤ دينار هڪ ڳوٿري ۾ بند ڪري پنهنجي غلام کي حڪم ڏنو ته اها ڳوٿري حضرت ابو عُبيده بن جراح جي خدمت ۾ پيش ڪيو ۽ پوءِ توهان سندن گهر ۾ ان وقت تائين ترسجو جو توهان ڏسو ته اهي هن ڳوٿري جو ڇا ٿا ڪن؟ پوءِ غلام ڳوٿري کڻي حضرت ابوعبيده رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ وٽ پهتو ۽ عرض ڪيو ته حضرت اميرالمؤمنين اها دينارن جي ڳوٿري اوهان ڏانهن موڪلي آهي ۽ فرمايو آهي ته اوهان پنهنجي حاجت ۾ هن کي خرچ ڪيو، امير المؤمنين جو پيغام ٻڌي اوهان اها دعا ڏني ته الله تعاليٰ امير المؤمنين جو ڀلو ڪري، پوءِ پنهنجي ڪنيز کي فرمايو ته اي خادم! اهي ست دينار فلاڻ کي ڏئي اچ ۽ پنج دينار فلاڻ کي، اهڙي طرح هڪ ئي وقت ۾ سيني دينارن کي حاجت مندن ۾ ورهائي ڇڏيو، صرف ٻه دينار انهن جي سامهون باقي رهيا ته انهن فرمايو اي خادم اهي ٻه دينار به فلاڻ ضرورت مند کي ڏئي ڇڏيو.

اهو معاملو ڏسي غلام امير المؤمنين وٽ موٽي آيو ته امير المؤمنين چار سؤ دينار جي ٻي ڳوٿري حضرت معاذ بن جبل رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ وٽ موڪلي ۽ غلام کي فرمايو ته اوهان ان وقت تائين ان جي گهر ۾ وينا رهجو ۽ ڏسو ته اهي ڳوٿري سان ڪهڙو معاملو ڪن ٿا؟ پوءِ غلام حضرت معاذ بن جبل رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ وٽ ڳوٿري کڻي پهتو، ته حضرت معاذ بن جبل رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ امير المؤمنين جو تحفو ۽ پيغام ملڻ کان پوءِ اهو چيو ته الله تعاليٰ امير المؤمنين تي رحمت نازل ڪري ۽ انهن کي نيڪ بدلو ڏئي، پوءِ هڪدم پنهنجي ڪنيز کي حڪم ڏنو ته فلاڻ فلاڻ صحابه جي گهر ايتري

ايتري رقم پهچائي ڇڏ، صرف ٻه دينار باقي رهجي ويا حضرت معاذ بن جبل رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي گهرواري آئي ۽ چيائين ته خدا جو قسم! اسان به ته مسڪين ۽ مفلس ئي آهيون، اهو ٻڌي ٻچيل دينار گهرواريءَ ڏانهن اڇلايا، اهو منظر ڏسي غلام حضرت امير المؤمنين جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ اکين ڏٺو احوال بيان ڪيو، امير المؤمنين حضرت ابو عُبيده ۽ حضرت معاذ بن جبل رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا جي هن سخاوت ۽ اولو العزمي جو داستان ٻڌي اوهان حيرت وچان تمام گهڻا خوش ٿيا ۽ فرمايائون ته هن ۾ ڪو شڪ ناهي ته صحابه ڪرام يقينًا پاڻ ۾ پيائر آهن ۽ هڪ ٻئي تي نهايت رحم دل ۽ پاڻ ۾ بيحد همدرد آهن.

حضرت بيبي عائشه رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا ۽ ٻين صحابه ڪرام کان به اها روايت منقول آهي. (تفسير صاوي ج 6 ص 2138 پ 28 الحشر: 9)

هڪ حديث ۾ آهي ته مٿي ذڪر ڪيل آيت جو نزول هن واقعي کان پوءِ ٿيو جو بارگاهِ نبوت ۾ هڪ بکايل شخص حاضر ٿيو، حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ازواجِ مطهرات جي گهرن مان معلوم ڪيو ته کائڻ جي ڪا شيء آهي؟ معلوم ٿيو ته ڪنهن بيبي صاحبه وٽ ڪجهه به ناهي، تڏهن حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابه ڪرام کي فرمايو: جيڪو شخص هن کي مهمان بڻائي ته اللّٰه تعاليٰ ان تي رحمت فرمائيندو، حضرت ابو طلحه انصاري اُٿي بيٺا ۽ حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اجازت سان مهمان کي پنهنجي گهر وٺي ويا.

گهر وڃي گهرواريءَ کان پڇا ڪئي ته گهر ۾ ڪجهه کاڌو آهي؟ انهن چيو ته صرف ٻارن جي لاءِ ڪجهه کاڌو آهي، حضرت ابوطلحه

رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمايو تہ ٻارن کي حيلي بهاني سمهاري ڇڏيو ۽ جڏهن مهمان کائڻ جي لاءِ ويهي تہ ڏيئو درست ڪرڻ جي لاءِ اٿجو ۽ ڏيئي کي وسائي ڇڏجو تہ جيئن مهمان چڱي طرح کائي وٺي، اها تجويز ان ڪري ڪئي جو مهمان اهو نہ ڄاڻي سگهي تہ گهر ياتي ان سان گڏ نہ کائي رهيا آهن ڇوتہ اهو معلوم ٿيو تہ اهو زور ڀريندو ۽ کاڌو ٿورو آهي ۽ مهمان بکايل رهجي ويندو، اهڙي طرح ابوطلحہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ مهمان کي کاڌو کارايو ۽ گهروارا بکايل سمهي پيا، جڏهن صبح ٿي ۽ حضور سيّد عالم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿيا تہ حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حضرت ابوطلحہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي ڏسي فرمايو تہ رات فلاڻ فلاڻ جي گهر ۾ عجيب معاملو پيش آيو اللہ تعالیٰ انهن سان گهڻو راضي آهي ۽ سورة حشر جي هي آيت نازل ٿي. (خزائن العرفان ص 984، پ 28، الحشر: 9)

**درس هدايت:** اها آيت سڳوري ۽ هن جي شان نزول بابت حيرت انگيز واقعا اسان مسلمانن جي لاءِ ڪيترا نہ عبرت ۽ نصيحت جوڳا آهن، اهو لکڻ جي ضرورت ناهي، هر شخص پاڻ ئي انصاف جي عينڪ لڳائي هن کي ڏسي سگهي ٿو، شرط هي آهي تہ ان جي دل ۾ بصيرت جي روشني ۽ اکين ۾ بصارت جو نور موجود هجي. ﴿وَاللّٰہُ تَعَالٰی اَعۡلَمُ﴾

## ﴿61﴾ يهودين جي جلاوطني

هجرت کان پوءِ جڏهن حضور اڪرم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مديني شريف تشريف فرما ٿيا تہ پاڻ مديني جي آسپاس جي يهودين سان ”صلح ۽ عهد“ جو معاهدو ڪيو، پر يهودي پنهنجي عهد تي

www.dawateislami.net

قائم نہ رهيا، بلڪ انهن حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ مسلمانن خلاف اندروني ۽ بيروني سازشن جو چار وچائڻ شروع ڪيو، ان دوران يهودين مان قبيلي ”بنو نضير“ جي ذميدارماڻهن هڪ ڏينهن اها سازش ڪئي تہ نبي اڪرمصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي وجي اهو عرض ڪيون تہ اسان کي اوهان سان هڪ ضروري مشورو ڪرڻو آهي ۽ جڏهن اهي تشريف ڪٽي اچن تہ ديوار جي ويجهو ويهاريو وجي ۽ اهي جڏهن ڳالهہ ٻولهہ ۾ مصروف ٿين تہ چت تان هڪ وزني پٿر سندن تي ڪرائي انهن جي زندگي جو خاتمو ڪيو وجي.

پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم يهودين جي علائقي ۾ تشريف ڪٽي ويا، پر اجا اوهان ديوار جي ويجهو وينا ئي هئا جو اللّٰه تعاليٰ وحي ذريعي اوهان کي يهودين جي سازش کان آگاهہ ڪيو، ان ڪري پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خاموشي سان هڪدم واپس موٽي ويا، اهڙي طرح يهودين جي سازش ناڪام ٿي وئي، پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مديني پهچي محمد بن مسلمہ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي موڪليو تہ اهو بنو نضير جي يهودين تائين اهو پيغام پهچائي، جيئن تہ توهان غداري ڪري معاهدو ٽوڙيو آهي ان ڪري اوهان کي حڪم ڏنو وڃي ٿو تہ حجاز مقدس کان جلا وطن ٿي ٻاهر نڪري وڃو، منافقن اهو ٻڌو تہ گڏ ٿي بنو نضير وٽ پهتا ۽ چوڻ لڳا تہ توهان محمد (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي هن حڪم کي هرگز تسليم نہ ڪريو ۽ هتان کان هرگز جلاوطن نہ ٿيو، اسان هر طرح اوهان سان گڏ آهيون، بنو نضير منافقن جي پنيرائي ڏٺي تہ حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو حڪم مڃڻ کان انڪار ڪيائون، نبي اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جهاد جي تياري شروع ڪئي ۽ حضرت عبداللّٰه بن اُمِّ مڪتوم کي

امير بڻائي صحابہ ڪرام جي هڪ فوج وٺي بنو نضير جي قلعي تي ڪاهه ڪيائون، يهودي هن قلعي ۾ بند ٿي ويا ۽ انهن يقين ڪيو تہ هاڻ مسلمان اسان جو ڪجھ نہ بگاڙي سگھندا، پر حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان قلعي جو گهيراءُ ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ پوءِ حڪم ڏنو تہ انهن وڻن کي ڪٽي ڇڏيو چوتہ ممڪن هو تہ وڻن جي اوٽ ۾ لڪي يهودي اسلامي لشڪر تي ڇاپو هڻن ها، انهن حالتن کي ڏسي بنونضير جي يهودين تي اهڙو رعب طاري ٿيو ۽ ايترو خوف طاري ٿي ويو جو اهي ڏڪڻ لڳا ۽ انهن کي منافقن جي طرفان بہ سواءِ مايوسي ۽ رسوائي جي ٻيو ڪجھ نہ وريو، نيٺ مجبور ٿي يهودين درخواست ڪئي تہ اسان کي جلاوطن ٿيڻ جو موقعو ڏنو وڃي، انهن کي اجازت ڏني وئي تہ جنگي سامان کان علاوه جيترو سامان اهي اُٺن تي کڻي سگھن ٿا کڻي وڃن، پوءِ بنو نضير جا يهودي ڇهه سؤ اٺن تي پنهنجو مال ۽ سامان کڻي جلوس جي شڪل ۾ ڳائيندي وڄائيندي مديني کان نڪتا ۽ ڪجھ يهودي ”خيبر“ هليا ويا ۽ وڏيڪ تعداد ۾ ملڪ شام ۾ وڃي ”اذرعات“ ۽ ”اريحا“ ۾ آباد ٿي ويا ۽ هلڻ وقت يهودين پنهنجي گھرن کي ڪيرائي برباد ڪري ڇڏيو تہ جيئن مسلمان انهن گھرن مان فائدو نہ کڻي سگھن. (مدارج النبوت بحث غزوه بني نضير ج 2 ص 147)

الله تعاليٰ بنونضير جي يهودين جي هن جلاوطني جو ذڪر قرآن شريف جي سورة حشر ۾ هن طرح فرمايو آهي:

هُوَ الَّذِیۡۤ اَخۡرَجَ الَّذِیۡنَ کَفَرُوۡا مِنۡ اَهۡلِ الۡکِتٰبِ مِنۡ دِیَارِهِمۡ لِاَوَّلِ الۡحَشۡرِ ؕ مَا ظَنَنۡتُمۡ اَنۡ یَّخۡرُجُوۡا وَ ظَنُّوۡۤا اَنَّهُمۡ مَّانِعَتُهُمۡ حُصُوۡنُهُمۡ مِّنَ اللّٰهِ

www.dawateislami.net

فَاَتٰىهُمُ اللّٰهُ مِنْ حَیْثُ لَمْ یَحْتَسِبُوْا ۗ وَ قَذَفَ فِیْ قُلُوْبِهِمُ الرُّعْبَ یُخْرِبُوْنَ بُیُوْتَهُمْ بِاَیْدِیْهِمْ وَ اَیْدِی الْمُؤْمِنِیْنَ ۗ فَاعْتَبِرُوْا یٰۤاُولِی الْاَبْصَارِ ﴿۲﴾

(پ 28، الحشر: 2)

ترجموڪنزالايمان: اهو ئي آهي جنهن انهن ڪتابي ڪافرن کي انهن جي گهرن مان تڙي ڪڍيو انهن جي پهرين حشر جي واسطي توکي گمان نہ هو تہ اهي نڪرندا ۽ اهي سمجهندا هئا تہ انهن کي سندن ڪوٽ قلعا اللّٰه کان بچائيندا پوءِ اللّٰه جو حڪم انهن وٽ آيو جتان انهن جو گمان بہ نہ هو ۽ انهن جي دلين ۾ رعب وجهي ڇڏيو جو پنهنجا گهر ويران ڪن ٿا پنهنجي هٿن سان ۽ مسلمانن جي هٿن سان پوءِ عبرت وٺو اي نظر وارؤ!

درس هدايت: يهودي قوم پنهنجي روايتي حسد و بغض ۽ تاريخي منافقت ۾ هميشہ مشهور رهي آهي، خاص ڪري غداري ۽ بدعهدي تہ انهن جي قومي خاصيت آهي، ان کان علاوه هنن بدبختن جو ظلم بہ گهٽو مشهور آهي، ايستائين جو انهن ڪيئي نبين سڳورن کي قتل ڪيو، هن حالت ۾ جو هنن کي اهو اعتراف پڻ هو تہ اسان انهن کي ناحق قتل ڪري رهيا آهيون، خداوند قدوس هنن جي بدعهدين ۽ وعده شڪني جو قرآن ۾ بار بار ذڪر ڪري مسلمانن کي خبردار ڪيو تہ يهودين جي عهدو پيمان تي هرگز هرگز مسلمانن کي ڀروسو نہ ڪرڻ گهرجي ۽ هميشہ انهن بدبختن جي مڪر ۽ سازشن کان هوشيار رهڻ گهرجي.

بدعهدي ۽ عهد شڪني جي اها خبيث خصلت ۽ بدترين شرارتن جي بري عادت وڏي عرصي کان اڄ تائين موجود آهي جيئن هن دؤر ۾ ڏسي سگهجي ٿو تہ اهي ماڻهو اڄڪلهہ اسرائيل جي غاصبانہ حڪومت بڻائي فلسطيني عربن سان ڇا ڪري رهيا آهن؟ ۽ آمريڪا جا يهودي ڪهڙي طرح انهن جي بدعهدي تي انهن جي

www.dawateislami.net

پنيرائي ڪري پاڻ آڪڙجن پيا، ۽ اسرائيلي حڪومت جو حوصلو وڌائي رهيا آهن، حالانڪ سڄي دنيا اسرائيل ۽ آمريڪا تي لعنت ۽ ملامت ڪري رهي آهي پر انهن بي ايمانن بي حيائن جو شرم و حيا اهڙي طرح ختم ٿي ويو آهي جو انهن ظالمن کي هن جو ڪو احساس ناهي، فلسطيني عرب ته ظاهر آهي آمريڪا جهڙي طاقت جو مقابلو ته نٿا ڪري سگهن پر اسان نا اميد نه آهيون ۽ قرآني وعدن سان پر اميد آهيون ته ان شآءَالله اڳ جيان انهن ماڻهن کي ڪو نه ڪو عذابِ الٰهي ضرور هلاڪ ۽ برباد ڪندو.

## ﴿62﴾ هڪ عجيب وظيفو

مفسرن فرمايو ته عوف بن مالڪ اشجعي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو هڪ فرزند جنهن جو نالو "سالم"هو، مشرڪن ان کي قيد ڪيو ته عوف بن مالڪ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا ۽ پنهنجي مفلسي ۽ فقر جي شڪايت ڪندي اهو عرض ڪيو ته مشرڪن منهنجي پٽ کي گرفتار ڪيو آهي، جنهن جي صدمي سبب انهن جي والده بيحد پريشان آهي، هن سلسلي ۾ مون کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ ته حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: توهان صبر ڪريو ۽ پرهيزگاري جي زندگي بسر ڪريو ۽ توهان به ڪثرت سان ﴿وَلَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيْمِ﴾ پڙهو ۽ ٻار جي امڙ کي به تاڪيد ڪيو ته اها به ڪثرت سان هن وظيفي جو ذڪر ڪندي رهي، اهو ٻڌي عوف بن مالڪ اشجعي پنهنجي گهر هليو ويو ۽ پنهنجي گهرواريءَ کي اهو وظيفو ٻڌايو، پوءِ ٻئي زال مڙس هن وظيفي کي ڪثرت سان پڙهڻ لڳا.

هن دوران وظيفي جو اهو اثر ٿيو تہ مشرڪ ”سالم“ بابت غافل ٿي ويا پوءِ موقعو ملندي ئي حضرت سالم مشرڪن جي قيد مان ڀڄي نڪتا ۽ ڀڄڻ وقت مشرڪن جون چار هزار ٻڪريون ۽ پنجاھ اُٺ بہ گڏ ڪاهي آيا ۽ پنهنجي گهر جو در کڙڪايو، ماءُ پيءُ دروازو کوليو تہ حضرت سالم موجود هئا. ماءُ پيءُ پٽ سان اوچتي ملاقات تي بيحد خوش ٿيا ۽ عوف بن مالڪ اشجعي رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ حضور صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پنهنجي پٽ جي سلامتي سان قيد مان آزاد ٿيڻ جي خبر ٻڌائي ۽ اها فتويٰ پڇا ڪئي تہ ڇا مشرڪن جون اهي ٻڪريون ۽ اُٺ اسان جي لاءِ حلال آهن يا نہ؟ تہ حضور اڪرم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن کي اجازت ڏني تہ اهي اُنن ۽ ٻڪرين کي جيئن چاهين استعمال ڪن. (خزائن العرفان ص 1004، پ 28 الطلاق: 2)

ان کان بعد هيٺ ڏنل آيت نازل ٿي:

وَمَنْ يَّتَّقِ اللّٰهَ يَجْعَلْ لَّهٗ مَخْرَجًا ۝۲ وَّيَرْزُقْهُ مِنْ حَيْثُ لَا يَحْتَسِبُ ؕ وَمَنْ يَّتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ فَهُوَ حَسْبُهٗ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بَالِغُ اَمْرِهٖ ؕ قَدْ جَعَلَ اللّٰهُ لِكُلِّ شَيْءٍ قَدْرًا ۝۳

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ جيڪو الله کان ڊڄي الله ان جي واسطي ڇوٽڪاري جي واٽ ڪڍي ڏيندو ۽ ان کي اتان روزي ڏيندو جتان ان جو گمان بہ نہ هجي ۽ جيڪو الله تي ڀروسو رکي تہ اهو ان کي ڪافي آهي بيشڪ الله پنهنجو ڪم پورو ڪرڻ وارو آهي، بيشڪ الله هر شيءِ جو هڪ اندازو رکيو آهي. (پ 28 الطلاق: 2، 3)

حديث شريف ۾ آهي تہ رسول الله صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو تہ هڪ اهڙي آيت ڄاڻان ٿو جيڪڏهن ماڻهو هن آيت کي وٺن تہ اها آيت ماڻهن کي ڪافي ٿي ويندي، ۽ اها آيت هي آهي:

﴿وَمَنْ يَّتَّقِ اللّٰهَ﴾ کان آخرآيت تائين. (تفسير صاوي ج 6 ص 2182 پ 28 الطلاق: 3)

**عجيب حڪايت:** علامہ اجھوري پنھنجي ڪتاب ”فضائل رمضان“ ۾ لکيو آھي تہ ھڪ پيري ڪجھ ماڻھو سمنڊ ۾ ٻيڙي تي سوار ٿي سفر ڪري رھيا ھئا تہ سمنڊ مان آواز آيو پر آواز واري جي شڪل نظر نہ آئي، ان چيو تہ جيڪڏھن ڪو شخص مون کي ڏھ ھزار دينار ڏي تہ مان ان کي ھڪ اھڙو وظيفو ٻڌائيندس جو جيڪڏھن اھو ھلاڪت جي ويجھو ھجي ۽ ان وظيفي کي پڙھي وٺي تہ تمام مصيبتون ۽ ھلاڪتون ٽري وينديون تہ ٻيڙي مان ھڪ شخص وڏي آواز ۾ چيو تہ اچ آئون توکي ڏھ ھزار دينار ڏيان ٿو تہ تون مون کي وظيفو ٻڌائي، پوءِ آواز آيو دينارن کي سمنڊ ۾ وجھي ڇڏ، مون کي ملي ويندا.

پوءِ ٻيڙي واري ڏھ ھزار دينار سمنڊ ۾ اڇلايا تہ ھن غيبي آواز واري چيو تہ اھو وظيفو ﴿وَمَنْ يَّتَّقِ اللّٰهَ﴾ آخري آيت تائين آھي توھان تي جڏھن بہ ڪا مصيبت اچي تہ ھن کي پڙھي وٺجو، اھو ٻڌي ٻيڙي سوارن ان تي ٺٺول ڪئي تہ تو ڏھ ھزار دينارن کي ضايع ڪري ڇڏيو تہ ھن جواب ڏنو تہ ھرگز ھرگز مون پنھنجي دولت کي ضايع نہ ڪيو آھي ۽ مون کي ھن ۾ ڪو شُبھو ناھي تہ اھا قرآن شريف جي آيت ضرور نفعو ڏيندي، ان کان پوءِ ڪجھ ڏينھن تائين ٻيڙي ھلندي رھي اوچتو طوفان جي لھرن سان ٻيڙي ٽُٽي وڪرجي وئي ۽ سواءِ اُن ماڻھو جي ٻيڙي مان ڪو ماڻھو زندھ نہ رھيو، اھو ٻيڙي جي ھڪ تختي تي وينل ھو ۽ اھو تخت سمنڊ ۾ ھلي رھيو ھو، ايستائين جو ھڪ ٻيٽ وٽ وڃي پھتو ھي

لھي ۽ ڪجھ قدم اڳتي ھليو تہ اھو ڏٺو تہ شاندار محل نھيل آھي ۽ ھر قسم جا موتي ۽ جواھرات اتي پيل آھن ۽ ان محل ۾ ھڪ نھايت حسين عورت اڪيلي وينل آھي ۽ ھر قسم جا ميوا ۽ کائڻ جو سامان اتي رکيل آھي، ان عورت ھن شخص کان پڇيو تہ توھان ڪير آھيو ۽ ھتي ڪيئن پھتا آھيو؟ ان شخص عورت کان پڇيو تہ تون ڪير آھين ۽ ھتي ڇا ڪري رھي آھين؟ تہ ان عورت پنھنجو قصو ٻڌايو تہ مان بصره جي ھڪ وڏي واپاري جي ڌيءَ آھيان مان پنھنجي پيءُ سان گڏ سمنڊ جي سفر ۾ وڃي رھي ھئس تہ اسان جي ٻيڙي ٽٽي وئي ۽ مون کي ڪو اوچتو ٻيڙي مان ڪڍي پڇي ويو، ۽ مان ھن ٻيٽ ۾ ھن محل ۾ ان وقت کان پئي آھيان، ھڪ شيطان آھي جيڪو مون کي ھن محل ۾ ڪڍي آيو آھي اھو ھر ستين ڏينھن ھتي ايندو آھي ۽ مون سان صحبت تہ ناھي ڪندو پر ٻوس و ڪنار ڪندو آھي ۽ اڄ ان جي اچڻ جو ڏينھن آھي، تنھنڪري توھان پنھنجي جان بچائي ھتان کان ڀڄي وڃو نہ تہ اھو توھان تي حملو ڪندو، اڃا عورت جي گفتگو ختم بہ نہ ٿي جو ھڪدم اونداھي ڇانئجي وئي تہ عورت چيو جلدي ڀڄي وڃو اھو اچي پيو، توھان کي ضرور ھلاڪ ڪندو، ايتري ۾ اھو اچي ويو ۽ ھو شخص بيٺل رھيو پر جيئن ئي شيطان ان کي پڪڙڻ جي لاءِ اڳتي وڌيو تہ ان ﴿وَمَنۡ يَّتَّقِ اللّٰهَ﴾ جو وظيفو شروع ڪيو تہ شيطان زمين تي ڪِري پيو ۽ ايترو زور سان آواز آيو جو ڄڻ جبل جو ڪو ٽُڪر ڪري پيو آھي ۽ پوءِ اھو شيطان سڙي رک جو ڍير ٿي ويو، اھو ڏسي عورت چيو تہ اللّٰہ تعاليٰ توھان کي رحمت

جو فرشتو ٻڌائي مون وٽ موڪليو آهي، توهان جي ڪري مون کي هن شيطان کان نجات ملي، پوءِ ان عورت هن مرد کي چيو تہ انهن موتي جواهرن کي کڻي ونو ۽ هن محل مان نڪري مون سان گڏ سمنڊ جي ڪناري تي هلو ۽ ڪا ٻيڙي تلاش ڪري هتان کان نڪري هلو، پوءِ ڪيئي موتي ۽ جواهر ۽ ميوا وغيره کائڻ جو سامان کڻي ٻئي محل مان نڪتا ۽ سمنڊ جي ڪناري پهتا تہ هڪ ٻيڙي ”بصره“ ڏانهن وڃي رهي هئي، ٻئي سوار ٿي بصره پهتا، ڇوڪريءَ جا والدين پنهنجي گم ٿيل ڇوڪريءَ کي ڏسي بيحد خوش ٿيا ۽ هن مرد جا احسان مڃي ان کي عزت ۽ احترام سان پنهنجي گهر مهمان رکيو، پوءِ ڇوڪريءَ جي والدين سڄو واقعو ٻڌي ٻنهي جو نڪاح ڪري ڇڏيو ۽ ٻئي زال مڙس ٻڌجي گڏ رهڻ لڳا، ۽ تمام جواهرات ۽ موتي جيڪي ٻيٽ مان کڻي آيا هئا ٻنهي جي گڏيل ملڪيت ٿي وئي ۽ ان عورت مان خداوند تعاليٰ هن مرد کي ڪجهہ اولاد بہ ڏنو ۽ ٻئي وڏي محبت ۽ اُلفت سان زندگي گذارڻ لڳا. (تفسير صاوي ج 6 ص 2183 پ 28 الطلاق: 2)

**درس هدايت:** هن واقعي مان معلوم ٿيو تہ قرآني وظيفن ۽ عملن ۾ وڏو اثر آهي پر شرط هي آهي تہ عقيدو درست ۽ عملن کي صحيح طريقي سان پڙهيو وڃي ۽ زبان گناهن جي آلودگي ۽ حرام جي لقمي کان محفوظ، پاڪ ۽ صاف هجي ۽ عمل ۾ خلوصِ نيّت ۽ شرطن ۾ پوري پابندي هجي تہ اِنْ شَآءَاللّٰه تعاليٰ قرآني عملن سان وڏا وڏا ۽ عجيب عجيب اثر ظاهر ٿيندا آهن، جنهن جو هڪ مثال اوهان پڙهيو آهي. ﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰى اَعْلَم﴾

www.dawateislami.net

## ﴿63﴾ پنج مشهور ٻُڌاٽا بت

حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام جي قوم بُت پرست ٿي وئي هئي، ۽ انهن جا پنج بت گهڻا مشهور هئا جن جي پوڄا تي سڄي قوم وڏي پابندي سان مصروف هئي ۽ انهن پنج بتن جا نالا هي آهن: (1) ود (2) سواع (3) يغوث (4) يعوق (5) نسر.

حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام بت پرستي جي خلاف وعظ ڪندا هئا ته انهن جي قوم سندن خلاف هر گلي بازار ۾ مذاق تنقيد ڪندي رهندي هئي ۽ حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام کي طرح طرح جا ايذاء ڏيندي هئي جيئن قرآن شريف جو بيان آهي:

وَ قَالُوْا لَا تَذَرُنَّ اٰلِهَتَكُمْ وَ لَا تَذَرُنَّ وَدًّا وَّ لَا سُوَاعًا ۙ۬ وَّ لَا يَغُوْثَ وَ يَعُوْقَ وَ نَسْرًا ﴿۲۳﴾ وَ قَدْ اَضَلُّوْا كَثِيْرًا ۚ۬ (پ 29 نوح: 23، 24)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ چيائون هرگز نہ ڇڏجو پنهنجي خدائن کي ۽ قطعي نہ ڇڏجو وُد ۽ سواع ۽ يغوث ۽ يعوق ۽ نسر کي بيشڪ انهن گهڻن کي گمراهہ ڪيو.

اهي پنج بت ڪير هئا؟ ان جي باري ۾ عروه بن زبير رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جو بيان آهي تہ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جا هي پنج فرزند هئا جيڪي نهايت ديندار ۽ عبادت گذار هئا ۽ ماڻهو انهن جا محب ۽ پيروڪار هئا، جڏهن هنن پنجن جي وفات ٿي تہ ماڻهن کي وڏو صدمو ٿيو تہ شيطان انهن ماڻهن سان تعزيت ڪندي ايئن دلاسو ڏنو تہ توهان پنجن نيڪن جو مجسمو ٺٺائي رکي ونو ۽ انهن کي ڏسي ڏسي پنهنجي دلين کي تسڪين ڏيندا رهو، پوءِ پِتَل ۽ شِيهي جا مجسما ٺٺائي انهن ماڻهن پنهنجي پنهنجي مسجدن ۾ رکي ورتا، ڪجهه

ڏينهن تائين تہ ماڻهو انهن مجسمن جي زيارت ڪندا رهيا پر پوءِ ماڻهو انهن بتن جي عبادت ڪرڻ لڳا ۽ خدا پرستي ڇڏي بت پرستي ڪرڻ لڳا. (تفسير صاوي ج 6 ص 2245 پ 29 نوح: 23)

حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام ساڍا نو سؤ سالن تائين انهن ماڻهن کي وعظ ٻڌائي ٻڌائي هن بت پرستي کان منع ڪندا رهيا، آخرڪار طوفان ۾ غرق ٿي سڀ هلاڪ ٿي ويا، پر شيطان پنهنجي هن چال کان باز نہ آيو ۽ هر دؤر ۾ پنهنجي وسوسن جي جادو سان ماڻهن کي هن طريقي سان بت پرستي سيکاريندو رهيو تہ ماڻهو پنهنجي صالحين جون تصويرون ۽ مجسما ٺاهي پهريان تہ ڪجھ ڏينهن انهن جي زيارت ڪندا رهيا ۽ انهن جي ديدار سان پنهنجي دل وندرائيندا رهيا، پوءِ آهستي آهستي انهن تصويرن ۽ مجسمن جي عبادت ڪرڻ لڳا، اهڙي طرح شرڪ ۽ بت پرستي جي لعنت ۾ دنيا گرفتار ٿي وئي ۽ خدا پرستي ۽ خالص توحيد جو ڏيئو وسامڻ لڳو جنهن کي روشن ڪرڻ جي لاء اڳ وارا نبي سڳورا هڪ ٻئي پٺيان لاڳيتو ايندا رهيا ايستائين جو حضور خاتم النبين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هميشہ جي لاءِ بت پرستي جي پاڙ اهڙي طرح پٽي جو پاڻ تصويرن ۽ مجسمن کي ٺاهڻ ئي حرام فرمايو ۽ حڪم صادر فرمايو تہ هرگز هرگز ڪو شخص ڪنهن ماڻهو يا جاندار جا مجسما ۽ تصويرون نہ ٺاهي ۽ انهن کي جتي ڏسو هڪدم ميساري ۽ ٽڪر ٽڪر ڪري تباهہ برباد ڪري ڇڏيو تہ جيئن برائي پاڙان پٽجي وڃي.

**درس هدايت:** اڄڪلھ مون ڏٺو آهي تہ ڪيئي پيرن جي مريدن پنهنجي پيرن جي تصويرن کي فريم ۾ بند ڪري پنهنجي گهرن

۾ رکيو آهي ۽ خاص خاص موقعن تي ان جي زيارت بہ ڪندا ۽ ڪرائيندا آهن بلڪ گهڻا تہ انهن تصويرن تي گلن جا هار پارائي اگربتي بہ ٻاريندا آهن ۽ ان جو دونهون پنهنجي بدن تي مليندا آهن، جيڪڏهن اهي ماڻهو پنهنجي خرافات کان باز نہ آيا ۽ علماءِ اهلسنّت هن جي مخالفت جو اعلان نہ ڪيو تہ انديشو آهي تہ شيطان جو پراڻو حربو ۽ شيطاني چار جو جادو مسلمانن تي هلي وڃي ۽ ايندڙ نسل انهن تصويرن جي عبادت ڪرڻ لڳي، خوب ڪن کولي ٻڌي وٺو تہ

حضور خاتم النبين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بت پرستي جي جنهن وڻ جون پاڙون پٽيون هيون، اڄڪلهہ اهي جاهل بدعتي پير ۽ انهن جا وهمي مريد بت پرستي جي انهن پاڙن کي پاڻي ڏئي وري شرڪ ۽ بت پرستي جي وڻ کي سرسبز ۽ تناور ڪري رهيا آهن، اڄڪلهہ جي جاهل ۽ دنيادار پيرن کان ڇا اميد ڪري سگهجي ٿي تہ اهي هن خلاف زبان کوليندا پر ها حق پرست ۽ حق گو اهلسنّت جي عالمن کان وڏيون اميدون وابستہ آهن تہ اهي انهن جي شريعت جي مخالف ڪمن جي خلاف اِنْ شَآءَاللهُ تعالٰي ضرور اعلان جهاد بلند ڪندا ڇوتہ تاريخ شاهد آهي تہ هر ان موقعي تي جڏهن اسلام جي ٻيڙي گمراهين جي چرخي ۾ ڦاسڻ لڳي تہ عالمن ئي پنهنجي جان داءُ تي لڳائي ٻيڙي اسلام جي ناخدائي ڪئي، ۽ آخر طوفان جو رخ موڙي اسلام جي ٻيڙي کي غرق ٿيڻ کان بچائي ورتو.

پر هن زماني ۾ هن جو ڇا علاج آهي؟ جو انهن بي شرع پيرن ۽ مڪار درويشن چند ڏوڪڙن جي عيوض ڪجهہ مولوين کي خريد ڪيو آهي ۽ اهي مولوي صاحبان انهن بي شرع پيرن ۽

مڪار درويشن ڪي ”مجذوب“ يا فرقہ ”ملامتيہ“ جو خوبصورت ويس پارائي خوب خوب انهن جي ڪشف ۽ ڪرامت جو چرچو ڪري رهيا آهن ۽ انهن درويشن جي نذراني سان پنهنجا هٿ گرم ڪري رهيا آهن ۽ جيڪڏهن ڪو حق گو عالم انهن ماڻهن جي خلاف ڪو لفظ چوي تہ مڪار درويش پنهنجي چاهيندڙن ڪي گهرائي ان عالم جي مرمت ڪرائي ڇڏين ٿا ۽ اهي زر خريد مولوي پنهنجي مخالفانہ تقرير سان ويچاري حق گو عالم جي زندگي مشڪل ڪن ٿا. مون ڪيئي ڀيرا اهلسنّت جي عالمن کي پڪاريو ۽ للڪاريو تہ لِلّٰہ (الله جي واسطي) اٿو ۽ حق جي لاءِ سينو سِپر ڪري کهٽ ۾ گهٽ ايترو تہ ڪيو جو متفقہ فتويٰ جي ذريعي اهو اعلان ڪيو تہ اهي ڏاڙهي ڪوڙ، بڪواسي، چرسي، تارڪِ صوم صلوٰة بي شرع درويش ماڻهو فاسق معلن آهن، جيڪي پاڻ گمراهہ ۽ مسلمانن کي بہ گمراهہ ڪندڙ آهن ۽ انهن ماڻهن جو ولايت ۽ ڪرامت سان پري جو واسطو بہ ناهي، پر افسوس مون عاجز جي سڏ تي هڪ مولوي بہ لبيڪ ڪرڻ وارو نہ مليو، بلڪ خبر پئي تہ هر درويش جي جهولي ۾ ڪو نہ ڪو مولوي لڪيل آهي، جنهن جي خلاف ڪجھ چوڻ خطري کان خالي ناهي، چوتہ جيڪو بہ انهن درويشن جي خلاف زبان چوريندو تہ انهن نذرانہ خور مولوين جي ياوہ گوئي ۾ ان جي مٽي پليد ٿي ويندي.

فيا اسفاہ و ياحسرتاہ اِنَّا لِلّٰهِ وَ اِنَّآ اِلَيْهِ رٰجِعُوْنَ

## ﴿64﴾ ابوجهل ۽ خدا جا سپاهي

ابوجهل حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڪعبي ۾ نماز پڙهڻ کان منع ڪيو هو ۽ اعلانيہ چوندو هو تہ جيڪڏهن محمد (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

www.dawateislami.net

ڪي مون نماز پڙهندي ڏٺو ته پنهنجي پير سان انهن جي گردن چيپاتي ڇڏيندس ۽ انهن جو چهرو مٽي ۾ ملائيندس، پوءِ اهو پنهنجي فاسد ارادي سان حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪي نماز پڙهندي ڏسي اوهان جي ويجهو آيو پر اوچتو پوئين پيرين پٺو، هٿ اڳيان ڪندي جيئن ڪو مصيبت ڪي روڪڻ جي لاءِ هٿ وڌائيندو آهي، چهري جو رنگ ڦڪو ٿي ويو ۽ سجو بدن ڏڪڻ لڳو ان جي ساٿين پڇيو ته تنهنجو ڇا حال آهي؟ ته چوڻ لڳو منهنجي ۽ محمد (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي وچ ۾ هڪ کاهي آهي جنهن ۾ باهه پريل آهي ۽ ڪي خوفناڪ پکي پر ڦهلائي وينا آهن، انهن کان مون کي ايترو ڊپ ٿيو جو اڳتي وڌي نه سگهيس ۽ پنجي ڪري ڪنهن طرح جان بچائي آهي.

نماز کان بعد حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو ته جيڪڏهن ابوجهل منهنجي ويجهو اچي ها ته فرشتا ان جو هڪ هڪ عضوو جدا ڪري ڇڏين ها.

ان کان پوءِ به ابوجهل پنهنجي خباثت کان باز نه آيو ۽ حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪي نماز پڙهڻ کان منع ڪرڻ لڳو، ان تي حضورصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سختي سان ڇڙٻ ڏنائونس ته ابوجهل ڪاوڙ مان چيو ته اوهان مون کي ڇڙٻيو ٿا؟ حالانڪ اوهان کي خبر آهي ته مڪي ۾ مون کان وڌيڪ ڪو لشڪر يا مجلس وارو نه آهي، خدا جو قسم! مان اوهان جي مقابلي ۾ سوارن ۽ پيادلن سان ميدان پري ڇڏيندس، ان جي هن ڌمڪي جي جواب ۾ سورة ”علق“ يعني سورة اقراء جون اهي آيتون نازل ٿيون. (تفسير خزائن العرفان ص 1077، پ 30، علق، رکوع 1) خداوند قدوس ارشاد فرمايو:

كَلَّا لَئِنۡ لَّمۡ يَنۡتَهِ ۙ۬ لَنَسۡفَعًۢا بِالنَّاصِيَةِ ۙ﴿۱۵﴾ نَاصِيَةٍ كَاذِبَةٍ خَاطِئَةٍ ۚ﴿۱۶﴾ فَلۡيَدۡعُ نَادِيَهٗ ۙ﴿۱۷﴾ سَنَدۡعُ الزَّبَانِيَةَ ۙ﴿۱۸﴾ (پ 30، علق 15 تا 18)

**ترجموڪنزالايمان:** هائو هائو جيڪڏهن نه مڙيو ته اسان ضرور (سندس) پيشاني جي وارن کان پڪڙي گهليندا سي ڪهڙي پيشاني ڪوڙي خطاڪار، هاڻي پلي پڪاري پنهنجي مجلس کي اجهو اسان سپاهين کي سڏيون ٿا.

حديث شريف ۾ آهي جيڪڏهن ابوجهل پنهنجي مجلس کي سڏي ها ته ملائڪ ان کي ظاهرظهور گرفتار ڪن ها ۽ اهو ”زبانيہ“ جي پڪڙ کان بچي نه سگهي ها. (خزائن العرفان ص 1077، پ 30 علق: 18)

**درس هدايت:** ابوجهل جيستائين زنده رهيو، هميشه حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دشمني ۾ ايذاء پهچائڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو ۽ بين کي به اياريندو هو آخر قهرِ خداوندي ۾ گرفتار ٿيو جو جنگ بدر واري ڏينهن بن چوڪرن جي هٿان ذِلت سان قتل ٿيو ۽ ان جو لاش بنا ڪفن دفن جي بدر جي کڏ ۾ اڇلايو ويو اهڙي طرح رسول اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا دشمن طرح طرح جي عذابن ۾ مبتلا ٿي هلاڪ ۽ برباد ٿي ويا. سُبۡحٰنَ اللّٰه!

مٹ گئے مٹتے ہیں مٹ جائیں گے اعدا تیرے　　نہ مٹا ہے نہ مٹے گا کبھی چرچا تیرا
تو گھٹائے سے کسی کے نہ گھٹا ہے نہ گھٹے　　جب بڑھائے تجھے اللّٰہ تعالٰی تیرا
عقل ہوتی تو خدا سے نہ لڑائی لیتے　　یہ گھٹائیں اُسے منظور بڑھانا تیرا
(حدائق بخشش، حصہ اول، ص ۲۷)

## ﴿65﴾ شبِ قدر

شب قدر وڏي برڪت ۽ رحمت واري رات آهي، هن رات جي رتبي ۽ درجي جي ڇا ڳالهه ڪجي جو خُداوندِ قُدوس هن مقدس رات جي باري ۾ قرآن شريف جي هڪ سورت نازل فرمائي آهي

www.dawateislami.net

جنهن ۾ ارشاد آهي:

إِنَّآ أَنزَلْنَـٰهُ فِى لَيْلَةِ ٱلْقَدْرِ ۝١ وَمَآ أَدْرَىٰكَ مَا لَيْلَةُ ٱلْقَدْرِ ۝٢ لَيْلَةُ ٱلْقَدْرِ خَيْرٌ مِّنْ أَلْفِ شَهْرٍ ۝٣ تَنَزَّلُ ٱلْمَلَـٰٓئِكَةُ وَٱلرُّوحُ فِيهَا بِإِذْنِ رَبِّهِم مِّن كُلِّ أَمْرٍ ۝٤ سَلَـٰمٌ هِىَ حَتَّىٰ مَطْلَعِ ٱلْفَجْرِ ۝٥ (پ 30، القدر)

**ترجموڪنزالايمان:** بيشڪ اسان ان کي شبِ قدر ۾ لاٿو ۽ توکي ڪهڙي خبر شبِ قدر ڇا آهي؟ شبِ قدر هزار مهينن کان بهتر آهي ان ۾ ملائڪ ۽ جبريل لهندا آهن پنهنجي ربّ جي حڪم سان، هر ڪم جي واسطي، اها سلامتي آهي صبح چمڪڻ تائين .

يعني شب قدر وڏي منزلت ۽ قدر واري رات آهي جو هن رات ۾ سڄو قرآن ڪريم لوحِ محفوظ کان دنيا واري آسمان تي نازل ڪيو ويو ۽ ان هڪ رات جي عبادت هڪ هزار مهينن جي عبادت کان وڌيڪ افضل آهي، هن رات ۾ حضرت جبرئيل عَلَيْهِ السَّلَام ملائڪن جي هڪ لشڪر سان گڏ آسمان تان زمين تي لهندا آهن، اها رات زمين، آسمان ۽ سڄي جهان جي لاءِ سلامتي جو نشان آهي، سج لهڻ کان طلوعِ فجر تائين هن جي انوار ۽ برڪات جون تجليون برابر نازل ٿينديون رهنديون آهن.

روايت آهي ته هڪ ڏينهن حضورصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بني اسرائيل جي هڪ عابد جو قصو بيان ڪيو ته ان لاڳيتو هڪ هزار مهينا عبادت ۽ جهاد ڪيو، صحابه عرض ڪيو: يارسول الله! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اوهان جي امّتين جي عمر ته گهٽ آهي، پوءِ اسان ايتري عبادت ڪيئن ڪري سگهنداسين؟ صحابه جي هن افسوس تي پاڻ ڪجهه فڪرمند ٿيا ته الله تعاليٰ اوهان تي اها سُورت نازل فرمائي ته اي محبوب اسان اوهان جي امّت کي هڪ اهڙي رات عطا ڪئي آهي

جيڪا هزار مهينن کان بهتر آهي.

(تفسير صاوي ج 6، ص 2399 پ 30 القدر: 3)

**مؤمنن کي ملائڪن جي سلامي:** روايت آهي ته شبِ قدر ۾ سدرة المنتهيٰ جي فرشتن جي فوج حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلَام جي سرداريءَ ۾ زمين تي لهندي آهي ۽ انهن سان چار جهنڊا هوندا آهن، هڪ جهنڊو بيتُ الْمُقَدَّس جي ڇت تي ۽ هڪ جهنڊو ڪعبه معظمه جي ڇت تي ۽ هڪ جهنڊو طورِ سينا (جبل) تي ڦڙڪائيندا آهن. پوءِ اهي ملائڪ مسلمانن جي گهرن ۾ تشريف وٺي وڃي هر مؤمن مرد ۽ عورت کي سلام ڪندا آهن جيڪي عبادت ۾ مصروف هجن، پر جن گهرن ۾ بت يا تصوير يا ڪتو يا جن گهرن ۾ شرابي يا خنزير جو گوشت کائڻ وارو يا غسل جنابت نه ڪرڻ وارو يا بنا شَرِعي عُذر جي پنهنجي رشتيداري ٽوڙڻ وارو رهندو هجي انهن گهرن ۾ هي ملائڪ داخل ناهن ٿيندا.

(تفسير صاوي ج 6، ص 2401 پ 30 القدر: 4)

هڪ روايت ۾ هي به آهي ته انهن فرشتن جو تعداد سڄي زمين جي پٿرين کان به گهڻو هوندو آهي ۽ هي سڀ سلام ۽ رحمت کڻي نازل ٿيندا آهن. (تفسير صاوي ج 6، ص 2401 پ 30 القدر: 4)

**شب قدر ڪهڙي رات آهي:** حضور اقدس صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: شبِ قدر کي رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي جي اڪي راتين يعني ايڪويهين، ٽيويهين، پنجويهين، ستاويهين ۽ اٺٽيهين راتين ۾ تلاش ڪيو.

(بخاري ڪتاب الصوم ج 1 ص 270، مسلم ڪتاب الصيام ص 369)

ان ڪري بعض عالم سڳورن فرمايو: شب قدر جي ڪا رات مقرر ناهي تنهنڪري هن پنج راتين ۾ شب قدر جي ڳولا ڪرڻ گهرجي.

www.dawateislami.net

پر حضرتِ اُبَي بن ڪعب ۽ حضرت ابن عباس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا ۽ بين عالم سڳورن جو قول آهي تہ شب قدر رمضان جي ستاويهين رات آهي. (تفسير صاوي ج 6، ص 2400 پ 30 القدر)

۽ بعض عالم سڳورن تائيد ۾ اهو دليل بيان فرمايو آهي، هي تہ ﴿لَيۡلَةُ الۡقَدۡرِ﴾ جو لفظ نَون اکرن تي مشتمل آهي ۽ هي ڪلمو سورةُ القدر ۾ ٽن هنڌن تي آهي. اهڙيءَ ريت ٽن کي نَون سان ضرب ڏيڻ سان "ستاويھ" اچي ٿو. تنهنڪري معلوم ٿيو تہ شبِ قدر رمضان جي ستاويهين تي ٿيندي آهي.﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰی اَعۡلَمُ﴾
(صاوي ج 6، ص 2400 پ 30 القدر)

**شب قدر جي نماز ۽ دعائون:** روايت آهي تہ جيڪو شب قدر ۾ اخلاصِ نيّت سان نفل پڙهندو تہ ان جا اڳيان پُنيان گناھ معاف ٿي ويندا.
(تفسير روح البيان ج 10 ص 480، پ 30 القدر: 3)

(1) شب قدر ۾ چار رڪعت نماز نفل هن ترڪيب سان پڙهي جو هر رڪعت ۾ "اَلۡحَمۡد" کان بعد سورة "اِنَّاۤ اَنۡزَلۡنٰهُ" ٽي ڀيرا پڙهي ۽ قل هو الله احد پنجاھ ڀيرا پڙهي پوءِ سلام ورائي سجدي ۾ وڃي هڪ ڀيرو سُبۡحٰنَ اللّٰهِ وَالۡحَمۡدُ لِلّٰهِ وَلَاۤ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاللّٰهُ اَكۡبَرُ پڙهي، وري سجدي مان مٿو کڻي جيڪا دعا گهري اِنۡ شَآءَاللّٰه قبول ٿيندي.
(فضائل الشهور والايام)

(2) حضرتِ عائشہ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهَا عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! جيڪڏهن مون کي شبِ قدر ملي تہ مان ڪهڙي دعا پڙهان تہ ارشاد فرمايو تہ توهان اها دعا پڙهو:

اَللّٰهُمَّ اِنَّكَ عَفُوٌّ تُحِبُّ الۡعَفۡوَ فَاعۡفُ عَنِّيۡ
(سنن ابن ماجہ كتاب الدعا ج 4 ص 273 رقم 3850)

(3) هڪ روايت ۾ آهي جيڪو شخص رات ۾ هيءَ دعا ٽي ڀيرا پڙهي وٺندو، تہ ان ڄڻ شبِ قدر کي ماٺي ورتو. تنهن ڪري هر رات هن دعا کي پڙهي ڇڏڻ گهرجي. دعا هي آهي:

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَ رَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(4) هيءَ دعا بہ جيترو وڌيڪ پڙهي سگهو تہ پڙهو اها بہ حديث ۾ آئي آهي دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اَسْئَلُكَ الْعَفْوَ

وَالْعَافِيَةَ وَالْمُعَافَاةَ الدَّآئِمَةَ فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ

## ﴿66﴾ زمين ڳالهہ ٻولهہ ڪندي

قيامت جي ڏينهن ٻانهن جي نيڪي ۽ بدي جي حساب جي وقت جتي ڪيئي شاهد هوندا اتي زمين بہ شاهد بڻجي شاهدي ڏيندي، جيئن حديث شريف ۾ آهي تہ هر مرد ۽ عورت زمين تي جيڪو چڱو يا برو عمل ڪيو زمين ان جي شاهدي ڏيندي چوندي تہ فلاڻي ڏينهن اهو ڪم ڪيو ۽ فلاڻي ڏينهن اهو ڪم ڪيو.

(خزائن العرفان ص 1079 پ 30 الزلزال: 4)

ماڻهن زمين تي جيڪي بہ چڱا يا برا ڪم ڪيا آهن انهن سڀني کي زمين ياد رکيو آهي ۽ قيامت جي ڏينهن اهي سڀ خبرون اعلانيہ بيان ڪندي جنهن کي سڀئي ماڻهو ٻڌندا، هن مضمون کي خداوند قدوس قرآن شريف ۾ هنن لفظن سان ارشاد فرمايو آهي:

اِذَا زُلْزِلَتِ الْاَرْضُ زِلْزَالَهَا ﴿۱﴾ وَاَخْرَجَتِ الْاَرْضُ اَثْقَالَهَا ﴿۲﴾ وَقَالَ الْاِنْسَانُ

مَا لَهَا ۚ﴿۳﴾ يَوْمَىٕذٍ تُحَدِّثُ اَخْبَارَهَا ۙ﴿۴﴾ بِاَنَّ رَبَّكَ اَوْحٰى لَهَا ؕ﴿۵﴾

(پ 30 الزلزال: 1 تا 5)

**ترجموڪنزالايمان:** جڏهن زمين ڏڏائي وڃي جيئن ان جو ڏوڏڻ مقرر ٿيل آهي ۽ زمين پنهنجا بار ٻاهر ڪڍي ڦٽي ڪري ۽ انسان چوي هن کي ڇا ٿيو آهي ان ڏينهن اها پنهنجيون خبرون ٻڌائيندي هن لاءِ تہ تنهنجي رب ان کي حڪم موڪليو .

**درس هدايت:** قيامت جي ڏينهن ٻانهن جي چڱن يا برن عملن جا ڪيئي شاهد ٿيندا، هر انسان جي ڪلهي تي جيڪي ملائڪ اعمال نامو لکي رهيا آهن اهي مستقل شاهد آهن، پوءِ ان کان علاوه انسان جا عضوا شاهدي ڏيندا يعني انسان جا هٿ پير، اک، ڪن وغيره وغيره جن عضون سان جيڪي جيڪي عمل ڪيا هر عضوو شاهدي ڏيندو، پوءِ زمين تي جيڪا نيڪي يا بدي انسان ڪئي آهي انهن عملن جي باري ۾ زمين هر هر عمل جي خبر ڏيندي، ۽ خداوند قدوس جي سامهون شاهدي ڏيندي. خلاصو اهو تہ انسان چاهي جيترو بہ لڪي لڪائي ڪو سنو يا برو عمل ڪري پر اهو عمل قيامت جي ڏينهن هرگز لڪي نہ سگهندو، بلڪ هر انسان جو هر عمل ان جي سامهون پيش ڪيو ويندو ۽ اهو پنهنجي سيني ڪرتوتن کي پنهنجي اکين سان ڏسي وٺندو ۽ هر عمل جو بدلو بہ ڏنو ويندو، جيئن خداوند قدوس جو ارشاد آهي:

يَوْمَىٕذٍ يَّصْدُرُ النَّاسُ اَشْتَاتًا ۙ۬ لِّيُرَوْا اَعْمَالَهُمْ ؕ﴿۶﴾ فَمَنْ يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ خَيْرًا يَّرَهٗ ؕ﴿۷﴾ وَمَنْ يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ شَرًّا يَّرَهٗ ۠﴿۸﴾ (پ 30 الزلزال: 6 تا 8)

**ترجموڪنزالايمان:** ان ڏينهن ماڻهو پنهنجي رب جي طرف موٽندا مختلف

www.dawateislami.net

رستا وٺي جيئن سندن عمل کين ڏيکاريا وڃن، پوءِ جيڪو ذري برابر چڱائي ڪري ان کي ڏسندو ۽ جيڪو ذري برابر برائي ڪري ان کي ڏسندو.

بهرحال قيامت جو ڏينهن وڏو سخت هوندو ۽ هر ماڻهو کي پنهنجي هر ننڍي وڏي ۽ چڱي بري عملن جو حساب ڏيڻو پوندو، هر مسلمان جو فرض آهي اهو زندگي جي هر گهڙي ۾ اهو ڌيان رکي تہ جيڪو ڪجهہ ڪري رهيو آهيان مون کي هڪ ڏينهن پنهنجي هنن ڪمن جو حساب ڏيڻو پوندو ۽ جن عملن کي لڪائي ڪري رهيو آهيان قيامت جي ڏينهن وڏي ميڙ ۾ ربّ تعاليٰ جي بارگاهہ ۾ ظاهر ٿيندا ان وقت ڪهڙي ۽ ڪيڏي وڏي رسوائي ۽ شرمساري ٿيندي ؟

## ﴿67﴾ مجاهدن جي گهوڙن جي عظمت

خداوند قدوس جي راهہ ۾ جهاد ڪرڻ وارن مجاهدن ۽ غازين جو مرتبو ڪيترو اوچو، مٿانهون ۽ عظمت وارو آهي هن باري ۾ تہ سوين آيتن ۾ خداوند قدوس انهن مردانِ حق جي ساراهہ ۽ واکاڻ ۾ خطبو ارشاد فرمايو آهي پر سورة ”والعٰديٰت“ ۾ ربّ العِزّت جَل جلالہ مجاهدن جي گهوڙن بلڪ انهن گهوڙن جي رفتار ۽ انهن جي ادائن جو قسم ياد فرمائي انهن جي عزّت ۽ عظمت جو اظهار فرمايو آهي، جيئن ارشاد رباني آهي:

وَالْعٰدِيٰتِ ضَبْحًا ﴿١﴾ فَالْمُوْرِيٰتِ قَدْحًا ﴿٢﴾ فَالْمُغِيْرٰتِ صُبْحًا ﴿٣﴾ فَاَثَرْنَ بِهٖ نَقْعًا ﴿٤﴾ فَوَسَطْنَ بِهٖ جَمْعًا ﴿٥﴾ اِنَّ الْاِنْسَانَ لِرَبِّهٖ لَكَنُوْدٌ ﴿٦﴾

(پ 30 العاديات: 1 تا 6)

**ترجموڪنزالايمان:** قسم انهن جو جيڪي ڊڪن ٿا سيني مان آواز ڪيندي پوءِ پٿرن مان باهہ ڪڍن ٿا سنب هڻي پوءِ صبح ٿيندي لٽ مار ڪن ٿا پوءِ ان

www.dawateislami.net

وقت غبار اتاريندا آهن پوءِ دشمن جي وچ لشڪر ۾ وڃن ٿا بيشڪ انسان پنهنجي رب جو وڏو ناشڪر آهي.

انهن گهوڙن مان مراد: مفسرن جو اجماع آهي تہ مجاهدن ۽ غازين جا گهوڙا آهن جيڪي خداوند قدوس جي درٻار ۾ ايترا تہ محبوب ۽ محترم آهن جو قرآن شريف ۾ الله تعاليٰ انهن گهوڙن بلڪ انهن جي ادائن جو قسم ياد فرمايو آهي، جيئن ارشاد فرمايو تہ مون کي انهن گهوڙن جو قسم آهي جيڪي جهاد ۾ ڊڪندي سهڪندا آهن، مون کي قسم آهي انهن گهوڙن جو جيڪي پٿرن سان پنهنجي سنب هڻي رات جي اونداهي ۾ چنگاري ڪيندا آهن، مون کي انهن گهوڙن جو قسم آهي جيڪي صبح سوير ڪافرن تي حملو ڪندا آهن ۽ مون کي قسم آهي انهن گهوڙن جو جيڪي ميدان جنگ ۾ ڊکي غبار اڏائيندا آهن، مون کي قسم آهي انهن گهوڙن جو جيڪي ڪافرن جي لشڪر ۾ ڪِهري ويندا آهن، ايترن قسمَن کان پوءِ ربّ تعاليٰ ارشاد فرمايو: ”انسان پنهنجي ربّ جو وڏو ناشڪرو آهي.“

الله اڪبر! خداوند قدوس جن جن شين جي باري ۾ قسم ياد فرمايا انهن شين جي عظمت جي ڇا ڳالهہ ڪجي؟ قرآن شريف ۾ جن جن شين جي باري ۾ الله تعاليٰ اهو فرمايو تہ مون کي قسم آهي، انهن تمام شين جو مرتبو ايترو بلند ۽ بالا ۽ ايترو عظمت وارو ٿي ويو، جو اهي تمام شيون اسان مسلمانن جي لاءِ بلڪ سڄي ڪائنات جي لاءِ معزز ۽ محترم ٿي ويون تہ پوءِ مجاهدن جي گهوڙن جي عزت ۽ عظمت ۽ انهن جي تقدس ۽ احترام جو ڇا عالم هوندو! الله اڪبر! الله اڪبر!

**درس هدايت:** هن مان هدايت جو اهو سبق ملي ٿو تہ الله تعاليٰ پنهنجي محبوبن جي هر هر شيء سان محبت فرمائي ٿو ۽ خدا جي محبوبن جي هر هر شيء قابل عزت ۽ احترام جوڳي آهي، مجاهدين اسلام ۽ غازين ڪرام جيئن تہ خداوند قدوس جا محبوب ۽ پيارا ٻانها آهن ان ڪري الله تعاليٰ انهن مجاهدن جي گهوڙن سان بہ پيار ۽ محبت فرمائي ٿو انهن گهوڙن بلڪ انهن گهوڙن جي رفتار ۽ ميدان جنگ ۾ انهن گهوڙن جي حملن جو قسم ياد فرمائي انهن گهوڙن جي عزت ۽ عظمت جو اعلان فرمائي رهيو آهي. سُبْحٰنَ الله سُبْحٰنَ الله!

جڏهن مجاهدين ڪرام جي گهوڙن جي بلند درجن جو خطبو قرآن عظيم پڙهيو تہ ان مان معلوم ٿيو تہ مجاهدن جي جنگي هٿيارن، انهن جي ڪمانن ۽ انهن جي تلوارن جو بہ وڏو مرتبو آهي، ان ڪري بعض خانقاهن ۾ بعض غازين جي تلوارن کي ماڻهن وڏي اهتمام سان تبرڪ بڻائي سالن کان محفوظ رکيون آهن جيڪي بيشڪ برڪت جو سبب ۽ لائق عزت ۽ احترام آهن.

﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰی اَعْلَم﴾

## ﴿68﴾ قريش جا ٻہ سفر

مڪي شريف ۾ نہ ٻني ٻارو ٿيندو هو نہ اتي ڪا صنعت ۽ حرفت هئي پوءِ بہ قبيلي قريش جا ماڻهو ڪافي خوشحال ۽ صاحبِ مال هئا ۽ خوب دل کولي حاجين جي ضِيافت ۽ مهمان نوازي ڪندا هئا، قريش جي خوشحالي ۽ آسودگي جو راز اهو هو جو اهي هر سال ٻہ ڀيرا واپار لاءِ سفر ڪندا هئا، سياري جي موسم ۾ يمن ۽ گرمي جي موسم ۾ شام جو سفر ڪندا هئا، ۽ هر جڳهہ جا ماڻهو انهن کي اهل حرم ۽ بيت الله جا پاڙيسري چئي انهن جو اڪرام ۽ احترام ڪندا هئا ۽ انهن سان واپار ڪندا

هئا ۽ قريش انهيءَ واپار ۾ ڪافي نفعو ڪٽندا هئا ۽ حرم جو رهواسي هئڻ جي ڪري رستي ۾ قافلن تي ڪنهن بہ قسم جو ڌاڙو يا لوٽ مار نہ ٿيندي هئي انهيءَ باوجود جو آسپاس هر طرف قتل و غارت ۽ لوٽ مار جو بازار گرم رهندو هو، قريش جي علاوه ٻين قبيلن جا ماڻهو جڏهن سفر ڪندا هئا تہ واٽ ۾ انهن جي قافلن تي حملا ٿيندا هئا ۽ مسافرن سان لوٽ مار ٿيندي هئي، ان ڪري قريش جهڙي طرح امن ۽ امان سان ٻئي تجارتي سفر ڪندا هئا ٻين ماڻهن کي اهو امن امان نصيب نہ هو.

(خزائن العرفان ص 1084، 1089 پ 30 قريش 1)

الله تعاليٰ قريش کي جيڪي بيشمار نعمتون عطا فرمايون هيون انهن مان خاص انهن ٻن تجارتي سفرن واري نعمت ياد ڏياري انهن کي خداوند قدوس جي عبادت جو حڪم ڏيندي ارشاد فرمايو:

لِاِيْلٰفِ قُرَيْشٍ ﴿۱﴾ اٖلٰفِهِمْ رِحْلَةَ الشِّتَآءِ وَ الصَّيْفِ ﴿۲﴾ فَلْيَعْبُدُوْا رَبَّ هٰذَا الْبَيْتِ ﴿۳﴾ الَّذِيْۤ اَطْعَمَهُمْ مِّنْ جُوْعٍ ۙ۬ وَّ اٰمَنَهُمْ مِّنْ خَوْفٍ ﴿۴﴾

(پ 30 قريش: 1 تا 4)

**ترجموڪنزالايمان:** قريش کي رغبت ڏيارڻ جي واسطي رغبت ڏيڻ انهن کي سردي ۽ گرمي ٻنهي جي سفر ڪرڻ ۾ پوءِ انهن کي گهرجي تہ ان گهر جي رب جي بندگي ڪن جنهن انهن کي بک ۾ ڪاڌو ڪارايو ۽ انهن کي هڪ وڏي خوف کان امن بخشيائين.

انهن ماڻهن کي بک ۾ ڪاڌو ڏنو يعني انهن ٻنهي تجارتي سفرن جي ڪري انهن جي معاش ۽ روزي جو سامان پيدا ڪيو ۽ انهن جي قافلن کي لوٽ مار کان امن ۽ امان عطا فرمايو، تنهنڪري انهن تي لازم آهي تہ اهي ربِّ ڪعبہ جي عبادت ڪن جنهن انهن کي پنهنجي نعمتن سان نوازيو آهي نہ اهو جو اهي

بتن جي عبادت ڪن جنهن انهن کي ڪجهہ بہ نہ ڏنو آهي.

**درس هدايت:** الله تعاليٰ هن سورت ۾ پنهنجي بن نعمتن کي ياد ڏياري بت پرستي ڇڏڻ ۽ پنهنجي عبادت جو حڪم ڏنو آهي هن سورت ۾ خاص ڪري قريش جو ذڪر آهي پر اهو حڪم سڄي دنيا جي انسانن لاءِ آهي تہ ماڻهو خدا جي نعمت کي ياد ڪن ۽ نعمت ڏيڻ واري خدا جي عبادت ڪن ۽ بت پرستي کان پاسو ڪن.

﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰی اَعْلَم﴾

## ﴿69﴾ ڪفر ۽ اسلام ۾ مفاهمت غير ممڪن

قريش جي ڪافرن مان هڪ جماعت بارگاهہ رسالت ۾ آئي ۽ چيو تہ اوهان اسان جي دين جي پيروي ڪيو تہ اسان بہ اوهان جي دين جي پيروي ڪنداسين، هڪ سال اوهان اسان جي معبودن (بتن) جي عبادت ڪريو هڪ سال اسان اوهان جي معبود الله جي عبادت ڪنداسين، حضور اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: الله جي پناهہ مان غير الله کي ان جو شريڪ ڪيان، اهو ٻڌي ڪافرن چيو: جيڪڏهن اوهان بتن جي عبادت نٿا ڪري سگهو تہ گهٽ ۾ گهٽ اوهان اسان جي ڪنهن بت کي هٿ لڳايو تہ اسان اوهان جي تصديق ڪنداسين ۽ اوهان جي معبود جي عبادت ڪرڻ لڳنداسين ان موقعي تي سورت ﴿قُلْ يٰۤاَيُّهَا الْكٰفِرُوْنَ﴾ نازل ٿي، ۽ حضور سيّد عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حرم ڪعبي ۾ تشريف ڪٽي ويا ۽ ڪافرن کي اها سورت پڙهي ٻڌائي تہ ڪافر مايوس ٿي ويا ۽ پوءِ ڪاوڙ ۾ سڙي حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي طرح طرح جون تڪليفون ڏيڻ لڳا .

(خزائن العرفان ص 1085 پ 30 الڪافرون)

قُلْ يٰۤاَيُّهَا الْكٰفِرُوْنَ ﴿۱﴾ لَاۤ اَعْبُدُ مَا تَعْبُدُوْنَ ﴿۲﴾ وَلَاۤ اَنْتُمْ عٰبِدُوْنَ
مَاۤ اَعْبُدُ ﴿۳﴾ وَلَاۤ اَنَا عَابِدٌ مَّا عَبَدْتُّمْ ﴿۴﴾ وَلَاۤ اَنْتُمْ عٰبِدُوْنَ مَاۤ اَعْبُدُ ﴿۵﴾
لَكُمْ دِيْنُكُمْ وَلِيَ دِيْنِ ﴿۶﴾ (پ 30 الڪافرون: 1 تا 6)

**ترجموڪنزالايمان:** توهان فرمايو اي ڪافرو نہ مان پوڄا ڪريان ٿو ان جي جنهن کي توهان پوڄيندا آهيو ۽ نہ ئي توهان پوڄا ڪريو ٿا جنهن جي مان پوڄا ڪريان ٿو. ۽ نہ ئي مان پوڄا ڪندس جنهن جي توهان پوڄا ڪئي ، ۽ نہ ئي توهان پوڄا ڪندو جنهن جي مان عبادت ڪريان ٿو. توهان جي واسطي توهان جو دين ۽ منهنجي واسطي منهنجو دين .

**درس هدايت:** هن سورة پاڪ جي مضمون ۾ حضور سيِّدِ عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي طرز عمل مان اسان کي اهو سبق ملي ٿو تہ ڪفر ۽ اسلام ۾ڪڏهن بہ مفاهمت ۽ موافقت نہ ٿي سگهندي جيڪي مسلمان ڪافرن جي خوشنودي ۽ انهن جي خوشامدي جي لاءِ انهن جي مذهبي تقريبات ۾ حصو وٺندا آهن ۽ بت پرستي جي مشرڪاڻي رسمن ۾ چندو ڏئي شرڪت ڪندا آهن انهن کي هن سورت مان هدايت جو نوراني سبق حاصل ڪرڻ گهرجي ۽ ايمان رکڻ گهرجي تہ توحيد ۽ شرڪ ڪڏهن بہ گڏ نٿا ٿي سگهن، جيڪو موحد هوندو اهو مشرڪ نٿو ٿي سگهي ۽ جيڪو مشرڪ هوندو اهو ڪڏهن موحد نہ ٿيندو. ﴿وَاللّٰهُ تَعَالٰى اَعْلَم﴾

## ﴿70﴾ اللّٰه تعالٰي جون چند صِفتون

عرب جي ڪافرن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان اللّٰه تعالٰي جي باري ۾ طرح طرح جا سوال ڪيا، ڪو چوندو هو تہ اللّٰه جو نسب ۽ خاندان ڪهڙو آهي؟ ان کي ربوبيت ڪنهن جي

وراثت مان ملي ۽ ان جو وارث ڪير ٿيندو؟ ڪنهن سوال ڪيو تہ الله تعاليٰ سون جو آهي يا چاندي جو؟ لوھ جو آهي يا ڪاٺي جو؟ ڪنهن اهو پڇيو تہ الله تعاليٰ ڇا ڪائيندو پيئندو آهي؟

انهن سوالن جي جواب ۾ الله تعاليٰ پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي سورت ﴿قُلْ هُوَ اللّٰهُ﴾ نازل ڪئي ۽ پنهنجي ذات ۽ صفات بابت وضاحت بيان فرمائي پنهنجي معرفت جي راھ روشن ڪئي ۽ ڪافرن جي جاهلاڻہ خيالن ۽ وهمن جي اونڌاين کي جن ۾ اهي ماڻهو گرفتار هئا پنهنجي ذات ۽ صفات جي نوارني بيان سان پري ڪيو. (خزائن العرفان ص 1086 پ 30 اخلاص)

ارشاد فرمايو تہ

قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ ۝۱ اَللّٰهُ الصَّمَدُ ۝۲

لَمْ يَلِدْ ۙ وَلَمْ يُوْلَدْ ۝۳ وَلَمْ يَكُنْ لَّهٗ كُفُوًا اَحَدٌ ۝۴

**ترجموڪنزالايمان:** تون فرماءِ اهو الله آهي اهو هڪ آهي الله بي نياز آهي نہ ان جي ڪا اولاد ۽ نہ اهو ڪنهن کان پيدا ٿيو ۽ نہ وري ان جو ڪو ثاني ۽ (مٽ) آهي. (پ 30 اخلاص)

**درس هدايت:** الله تعاليٰ سورت ﴿قُلْ هُوَ اللّٰهُ﴾ جي چند آيتن ۾ ”علم الٰهيات“ جا اهي نفيس ۽ اعليٰ نڪتا بيان ڪيا جنهن جو تفصيل جيڪڏهن بيان ڪيو وڃي تہ ڪتب خانن جا ڪتب خانا ڀرجي وڃن، جن جو خلاصو اهو آهي تہ الله تعاليٰ پنهنجي ربوبيت ۽ الوهيت ۾ صفت،عظمت ۽ ڪمال سان موصوف آهي، مثل، نظير ۽ شبيہ کان پاڪ آهي، ان جو شريڪ ناهي، اهو نہ ڪجھ ڪائيندو نہ پيئندو آهي، نہ ڪنهن جو محتاج آهي بلڪ سڀ ان جا محتاج

آهن، اهو هميشہ کان آهي هميشہ رهندو.

اهو قديم آهي ۽ پيدا ٿيڻ حادث جو شان آهي ان ڪري اهو نہ ڪنهن جو پٽ آهي نہ ڪنهن جو پيءُ آهي نہ ان جو ڪو مجانس آهي نہ ان جو عديل ۽ مثيل آهي.

هن سورت سڳوري جي فضيلتن جي باري ۾ ڪيئي حديثون آيون آهن هن ڪي قرآن جي ٽئين حصي جي برابر ٻڌايو ويو يعني جيڪڏهن هن سورت کي ٽي ڀيرا پڙهيو وڃي تہ سڄي قرآن جي تلاوت جو ثواب ملندو.

هڪ شخص حضور سيّدِ عالم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان عرض ڪيو مون کي هن سورت سان محبت آهي تہ پاڻ فرمايائون: هن جي محبت تو کي جنّت ۾ داخل ڪندي. (خزائن العرفان ص 1086، پ 30 اخلاص)

## ﴿71﴾ علوم و معارف جو نہ ختم ٿيڻ وارو خزانو

قرآن شريف الله تعاليٰ جو اهو جليل القدر ۽ عظيم الشان ڪتاب آهي جنهن ۾ هڪ پاسي حلال ۽ حرام جا احڪام، عبرتن ۽ نصيحتن جا قول، انبياءِ ڪرام ۽ اڳوٽين امتن جا واقعا ۽ احوال، جنّت ۽ جهنّم جا احوال بيان ٿيل آهن، ۽ ٻئي پاسي هن جي باطن جي گهرائين ۾ علوم ۽ معارف جي خزانن جا بيشمار اهڙا سمنڊ چوليون هڻي رهيا آهن جيڪي قيامت تائين ڪڏهن بہ ختم نہ ٿي سگهندا، جيئن رسول اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قرآن عظيم جي هن عظيم الشان جامعيت جو بيان ڪندي ارشاد فرمايو:

لَا يَشْبَعُ مِنْهُ الْعُلَمَآءُ وَلَا يَخْلَقُ عَنْ كَثْرَةِ الرَّدِّ وَلَا يَنْقَضِيْ عَجَايِبُه

قرآني مضمونن جو احاطو ڪندي ڪڏهن بہ عالم سڳورا آسوده نہ ٿيندا ۽ بار بار پڙهڻ سان قرآن پراڻو نہ ٿيندو ۽ قرآن جا عجيب ۽

غريب مضمون ڪڏهن ختم نہ ٿيندا. (مشڪوٰة، ڪتاب فضائل القرآن ص 186)

جيئن حضرت سيدنا علي خواص رَحْمَةُاللهِتَعَالٰیعَلَیْه فرمائن ٿا تہ

اِنَّ اللّٰهَ تَعَالٰی اِطَّلَعَنِي عَلٰی مَعَانِیْ سُوْرَةِ الْفَاتِحَةِ فَظَهَرَلِیْ مِنْهَا مِائَةَ أَلْفِ عِلْمٍ وَّ اَرْبَعُوْنَ أَلْفِ عِلْمٍ وَ تِسْعَمِائَةٍ وَّ تِسْعُوْنَ عِلْمًا ط

بيشڪ مون کي الله تعاليٰ سورة فاتحہ جي معنيٰ تي آگاھ فرمايو تہ ان مان هڪ لک چاليھ هزار نو سونوانوي علوم مون تي ظاهر ٿيا. (الدولة المکيہ ص 79)

اهڙي طرح امام شعراني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه پنهنجي ڪتاب ميزان ۾ لکيو آهي: قَدِ اسْتَخْرَجَ اَخِیْ اَفْضَلُ الدِّیْن مِنْ سُوْرَةِ الْفَاتِحَةِ مَائَتَیْ اَلْفِ عِلْمٍ وَّ سَبْعَةً وَّ اَرْبَعِیْنَ اَلْفِ عِلْمٍ وَّ تِسْعَ مِائَةٍ وَ تِسْعَةً وَّ تِسْعُوْنَ عِلْمًا

منهنجي ڀاءُ افضل الدين سورة فاتحہ مان ٻہ لک ستيتاليھ هزار نو سو نوانوي علوم ڪڍيا. (الدولة المکيہ ص 79)

انهن روايتن مان چڱي طرح واضح ٿئي ٿو تہ قرآن شريف جيتوڻيڪ ظاهر ۾ ٽيھ سيپارن جو مجموعو آهي پر ان جو باطن ڪروڙين بلڪ اربين علوم ۽ معارف جو اهڙو خزانو آهي جيڪو ڪڏهن ختم نہ ٿي سگهندو، ڪنهن عارف بالله جو مشهور شعر آهي:

جَمِیْعُ الْعِلْمِ فِی الْقُرْاٰنِ لٰکِنْ  تَقَاصَرَ عَنْهُ اَفْهَامُ الرِّجَالِ

يعني سمورا علم قرآن ۾ موجود آهن پر ماڻهن جا عقل انهن کي سمجهڻ کان قاصر ۽ عاجز آهن، مطلب قرآن شريف صرف علوم ۽ معارف جو ئي بيان نہ آهي بلڪ حقيقت اها آهي تہ قرآن شريف ۾ سڀني ڪائنات ۽ سڀني عالم جي هر هر شيء جو واضح، روشن ۽ تفصيلي بيان آهي، يعني آسمان جي هڪ هڪ تاري، سمنڊ جي هڪ هڪ قطري، سرسبز زمين جي هڪ هڪ پرزي،

www.dawateislami.net

ريگستان جي هڪ هڪ ذري، وڻن جي هڪ هڪ پتي، عرش ۽ ڪرسي جي هڪ هڪ گوشي، عالم ڪائنات جي هڪ هڪ خاني، ماضي جي هر هر واقعي، حال جي هر هر معاملي، مستقبل جي هر هر حادثي بابت قرآن شريف ۾ نهايت وضاحت سان تفصيلي بيان آهي جيئن الله تعاليٰ جو ارشاد آهي:

مَا فَرَّطْنَا فِي الْكِتٰبِ مِنْ شَيْءٍ (پ 7 الانعام: 38)

ترجموڪنزالايمان: اسان هن ڪتاب ۾ ڪابہ گهٽتائي نہ ڇڏي آهي.

پر هي واضح رهي قرآن جي اهو اعجازي شان اسان توهان عام ماڻهن جي لاءِ نہ آهي بلڪ هن اعجازي شان جو ڪامل ظهور تہ صرف حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان خاص آهي ۽ صرف اوهان جو ئي معجزو آهي جو اوهان قرآن شريف جي سيني مضمونن ۽ معاني ڪي تفصيلي طور تي ڄاڻي ورتو ۽ سڄي قرآن نازل ٿيڻ کان بعد سڄي ڪائنات جي ڪا شيءِ، ماضي، حال ۽ مستقبل جو ڪو واقعو حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان پوشيده نہ رهيو ۽ پاڻ هر غيب ۽ شهادت ڪي تفصيلي طور ڄاڻي ورتو ڇوتہ خداوند قدوس جو ارشاد آهي:

وَنَزَّلْنَا عَلَيْكَ الْكِتٰبَ تِبْيَانًا لِّكُلِّ شَيْءٍ (پ 14 النحل 89)

ترجموڪنزالايمان: ۽ اسان تو تي هي قرآن لاٿو جيڪو هر شيءِ جو روشن بيان آهي.

پوءِ حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي بعض اولياءِ ڪرام ۽ علماءِ ڪرام ڪي بہ بقدر ظرف قرآن جي باطني علوم ۽ معارف مان حصو مليو آهي جن مان ڪجهہ ڪتابن جي لڪين صفحن تي تارن جيان چمڪي رهيا آهن ۽ ڪجهہ سينن جي صندوق ۽ دلين جي تجوڙين

www.dawateislami.net

۾ بند ٿي رهجي ويا آهن، جيڪي آئنده اِنْ شَآءَاللّٰه قيامت تائين صفحاتِ قرطاس تي جلوو عام ڪندا رهندا ۽ حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هن غيبي خبر ﴿وَلَا يَنْقَضِيْ عَجَآئِبُهٗ﴾ جو وقت بوقت ظهور ٿيندو رهندو ۽ امت مسلمه انهن جي فيوض وبرڪات سان مستفيض ۽ مالامال ٿيندي رهندي، بهرحال اهو يقين ۽ ايمان رکڻ گهرجي ته اسان ”عجائب القرآن“ ۽ ”غرائب القرآن“ ۾ جيڪو قرآن جي چند عجيب وغريب مضمونن تي هڪ مختصر مجموعو لکيو آهيء اسان کان پهريان ڪيئي عالم سڳورن قرآني مضمون تي هزارين ڪتاب ۽ لکين صفحا تحرير فرمايا آهن، قرآن شريف جي علوم ۽ معارف جي سامهون انهن سيني تحريرن کي اها نسبت به حاصل ناهي جيڪا هڪ قطري کي سڄي دنيا جي سمنڊن سانء هڪ ذري کي روءِ زمين سان حاصل هجي،ڇوته قرآن شريف ته علوم ومعارف جو اهو خزانو آهي جيڪو ڪڏهن ختم نه ٿي سگهندو، بلڪ قيامت تائين علماءِ ڪرام هن بحر ناپيدا ڪنار مان هميشه عجيب وغريب مضمونن جا موتي ڪيندا رهندا ۽ هزارين ڪتابن جا دفتر تيار ٿيندا رهندا.

مان اگرچه هن تي خوش آهيان ته قرآن ڪريم جي ڪجهه مضمونن تي به مختصر مجموعه لکي مان به انهن عالم سڳورن جي جوتين جي صف ۾ جڳهه حاصل ڪئي آهي جن پنهنجي قلم جي نوڪ سان قرآني آيتن جا اهڙا آبدار موتي صفحاتِ قرطاس تي پکيڙيا آهن جنهن جي چمڪ دمڪ سان مؤمنن جي ايمان ۽ عرفان ۾ اهڙي چمڪ پيدا ٿي آهي جيڪا قيامت تائين روشن رهندي، پر مون کي افسوس ۽ شرمندگي آهي ته پنهنجي علمي

www.dawateislami.net

گھٽتائي ۽ گھٽ فهمي جي ڪري ۽ ڪجھ پنهنجي بيماري جي ڪري گھٽو وڌيڪ نہ لکي سگھيس ۽ نہ ڪو اهڙي نادر ڳالھ لکي سگھيس جيڪا علم وارن جي لاءِ باعثِ ڪشش ۽ قابلِ مسرت هجي. بهرحال دعاگو آهيان تہ خداوند ڪريم نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي طفيل منهنجي هن حقير خدمت کي قبول فرمائي مقبوليت دارين جي ڪرامتن کان سرفراز فرمائي. ﴿اٰمِيْن﴾

تمت

وَصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى خَيْرِ خَلْقِهٖ مُحَمَّدٍ

وَّاٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ اَجْمَعِيْنَ بِرَحْمَتِهٖ وَهُوَ اَرْحَمُ الرَّاحِمِيْنَ

شروعات تصنيف: پهرين جمادي الاخري 1403

ختم تصنيف: 23 رمضان 1404

عبدالمصطفيٰ الاعظمي عُفِيَ عَنْهُ

www.dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نمازِ مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ سُنين سُنين نيّتن سان سڄي رات گذاريو. ✱ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ✱ روزانو "فڪرِ مدينہ" جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي اصلاح جي لاءِ "**مدني انعامات**" تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ "**مدني قافلن**" ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ










ڏسندا رهو


عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي

UAN: +92 21 111 25 26 92 | Ext: 1262

Web: www.dawateislami.net | E-mail: translation@dawateislami.net